سياسي منظرنامو 1

# تقسيم کان تقسيم تائين

شيخ عزيز




# تقسيم ڪان تقسيم تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياسي منظرنامو-1

# تقسيم کان تقسيم تائين

شيخ عزيز

**Baakh Publications**
E-24, Naveed Bangalows,
Block-17, Gulistan-e-Johar, Karach.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب: سياسي منظرنامو-1
تقسيم کان تقسيم تائين
مصنف: شيخ عزيز
موضوع: سياسي اپياس
پهريون ڇاپو: فيبروري 2008ع
ڪمپوزنگ: آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچي
سرورق: ڪي. بي. ابڙو
ڇپيندڙ: پيس ڪمپوزرس، ڪراچي
ڇپائيندڙ: طارق عزيز شيخ، باک پبليڪيشن،
اي-24 نويد بنگلوز، بلاڪ-17،
گلستان جوهر، ڪراچي

قيمت: =/400 رپيا

ملڻ جا هنڌ
ٿامس اينڊ ٿامس، ريگل ڪ، صدر ڪراچي. فون: 5682200
ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور، اردو بازار، ڪراچي. فون: 2638025
سنڌيڪا بوڪ شاپ، 23 ٽريڊ سينٽر، حيدرچوڪ، گاڏي کاتو حيدرآباد
نيشنل بوڪ ڊپو، بندر روڊ لاڙڪاڻو. فون: 4042574
ڪتاب مرڪز، فريئر روڊ، سکر
اظهار سنز، اردو بازار، لاهور. فون: 7220761
مسٽر بُڪس، سپر مارڪيٽ، اسلام آباد. فون: 2278843

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انتساب

حميده
جي نالي
جنهن مون جهڙي
اڻ گهڙئي ڪاٺ
مان مجسمو ناهڻ لاءِ
سڄي ڄمارگاري ڇڏي.

- شيخ عزيز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| | مهاڳ: شيخ عزيز | 7 |
| 1 | زندان هزارين، مان نہ رڳو | 11 |
| 2 | سياست جا رنگ | 15 |
| 3 | قيام پاڪستان: لڏپلاڻ، سنڌ تي اثر | 21 |
| 4 | ابتدائي حڪومتي مسئلا: بحران جي ابتدا | 31 |
| 5 | قائداعظم جي رحلت، ڪراچي جي جدائي، سنڌ ۾ جوڙتوڙ | 38 |
| 6 | قومي ٻولي: پيچ ڍاهہ جي شروعات | 50 |
| 7 | آئين جي تياري: بنيادي اختلاف ۽ رڪاوٽون | 62 |
| 8 | آئين سازي-2: سازشن جي ابتدا | 70 |
| 9 | آئين سازي-3: صوبائي خودمختياري، پنجاب فارمولا، بنگال، قادياني تحريڪ، پهرين مارشل لا | 87 |
| 10 | آئين سازي-4: چونڊون، متحده محاذ، گورنر راڄ | 100 |
| 11 | آئين سازي-5: بنيادي اصول ۽ اختيارين جي ورهاست، گورنر جنرل ۽ پارليامينٽ ۾ جهيڙو، آئين ساز اسيمبلي جو ٽٽڻ | 106 |
| 12 | ون يونٽ جي سازش | 114 |
| 13 | ون يونٽ ڪانپوءِ | 126 |
| 14 | حڪومت اندر حڪومت، نئين سر آئين سازي، ون يونٽ سازش جي ڪاميابي | 136 |
| 15 | پيچ ڍاهہ | 151 |
| 16 | ون يونٽ: برقرار رکڻ جون ڪوششون، ٽوڙڻ جو نعراءَ | 157 |
| 17 | وزيراعظمن جي لانڍي، ٻاهريان اشارا | 179 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

18 عملي پيچ ڏاهه، مسلم ليگ جي ڀڃندڙ ٻيڙي، جمهوريت جا آخري ڏينهن 188

19 مارشل لا 199

20 مارشل لا: فوري فيصلا 212

21 اسڪندر مرزا جي نيڪالي، رنگين محفلن جي پڇاڙي 220

22 ايبڊو، سياستدانن جي نااهلي 232

23 1962ع وارو آئين: ذاتي حڪمراني وارو دستاويز 245

24 پٽي جي شموليت 260

25 گاديءَ جي منتقلي 267

26 اسيمبلين جي چونڊ، بادشاهي جو خواب، ايوب خان جي مسلم ليگ ۾ شموليت 273

27 صدارتي چونڊون، ڊانڊلين جي بحالي 286

28 1965ع جي جنگ ۽ پوءِ 303

29 تاشقند ناهه، ڳالهين جي منڊ تي قربانين جو سودو 317

30 راهن جي جدائي: نئين پارٽي جي تياري 324

31 پيپلزپارٽي: نئون نظريو: نئون وعدو 335

32 پڇاڙي جي ابتدا: اگرتلا سازش، ايوب جي بيماري ۽ سندس آچ، پنج نڪاتي فارمولا 343

33 ايوب جا آخري ڏينهن، پٽي جي آمد آمد، يحيٰ خان جي اينٽري، مجيب فيڪٽر 361

34 يحيٰ خان جي نيت، نئون ايل ايف او، پٽي چا ٽي چيو، آخري ڪوششون 368

35 متوازي حڪومت، آرمي آپريشن، بنگلہ ديش جو قيام، پٽي جي آمد 387


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

پاڪستان جي سياسي تاريخ سان ايتري ئي ويڌن ٿي آهي جيتري خود پاڪستان جي سياست سان، سٺ سالن جي قومي تاريخ هنگامن، خونريزين، فسادن ۽ سازشن سان پري پيئي آهي. انهيءَ جي مثان ستم اهو آهي تہ انهيءَ سموري تاريخ کي ايماندارانہ ۽ معروضي طريقي ۾ نہ لکيو ويو آهي، جيتوڻيڪ آزادي ملڻ کانپوءِ برصغير ۾ تاريخ نويسي جو فلسفو جهڙيءَ طرح بدليو آهي، تنهن ڏکڻ ايشيا ۾ گهٽين حقيقتن تان پردو کنيو آهي.

پاڪستان جي سياسي تاريخ تي جيڪي چند ڪتاب لکيا ويا آهن سي سمورا هڪ طرفا آهن. انهن مان گهڻا سياستدانن Ghost writing جي ذريعي لکرايا ۽ ان ۾ حقيقتن کي پاسيرو رکي پنهنجي ذات يا پنهنجي سياسي خليفن جي ڪردار کي پڏايو آهي. گهڻن تہ وري پنهنجن سازشن کي ڍڪڻ جي ڪوشش ڪري پاڻ کي قومي سورما بنائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي. ڪن سياسي ليڊرن صرف پنهنجي ڪردار کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ آسمان تائين قلابازيون کاڌيون آهن. حد تہ هيءَ آهي تہ جن ون يونٽ ناهيو ۽ انهيءَ سنڌ دشمن سازش ۾ حصو ورتو سي ئي وري سورما ٿي ون يونٽ خلاف محاذ آرائي ۾ شامل ٿي ويا تہ جيئن ون يونٽ خلاف عوام شاگردن ۽ قوم پرست عناصر جي همدردي حاصل ڪري سگهن.

تاريخ نويسيءَ جي جديد نظريہ جهڙيءَ طرح قومن ۾ شعورپيدا ڪيو آهي سو اسان ۾ ناپيد آهي. اسان اڃا تائين بادشاهن جي فتوحات جي ڳالهين کي پڙهي پاڻ کي تاريخ جا شاگرد چورايون ٿا يا وري چچ نامي جهڙي ڪتاب کي تاريخ جو هڪ وڏو ماخذ سمجهي ان کي ساراهڻ ۾ لڳا پيا آهيون. اسان جا ڏاها مورخ اڃا تائين سنڌ جي ڪا مستند تاريخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرتب ڪري نہ سگھيا آھيون. سنڌ چا پوري ملڪ جا تاريخي ماخذات اجا تائين ٻين ملڪن جي ڪتب خانن ۾ پيا آھن ۽ اسان جا تاريخ دان صرف مستشرقين جي حوالن تي مدار رکيو ويٺا آھن. حد تہ اھا آھي تہ سنڌيءَ جي صوتيات تي تحقيق ڪرڻ لاءِ اسان کي يورپي ۽ امريڪي اسڪالرس جي رھنمائي وٺڻي ٿي پئي.

پاڪستان جي سياسي تاريخ نويسي تہ انھيءَ کان وڌيڪ ھاڃي جو شڪار آھي. ڪنھن معروضي طور کان ان جو جائزو وٺڻ ضروري تہ نہ سمجھيو پر اٿلندو ان کي مسخ ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آھي. ھي الميو ھن حد تائين ڳوڙھو آھي جو بانيءَ پاڪستان قائد اعظم محمد علي جناح جي ڪا مستند ۽ متفقہ سوانح عمري نہ لکي ويئي آھي. سندس ڀيڻ محترمہ فاطمہ جناح جڏھن My Brother لکيو تہ قائد اعظم جي زندگيءَ جا ڪي نجي پھلو اُجاگر ٿي سگھن تہ اھو مسودو ڪئي ورھيہ قائد اعظم جي سابق رفيقن ۽ سيڪريٽرين وٽ رُلندو رھيو ۽ ھر ھڪ پنھنجي خيال ۾ انھيءَ مسودي مان اڻ وڻندڙ ڳالھيون ڪڍڻ ۾ مصروف رھيو. نتيجو اھو نڪتو تہ ڪتاب ھڪ مستند دستاويز ھئڻ جي باوجود صرف ھڪ وڏو پمفليٽ رھجي ويو. انھيءَ جي ڀيٽ ۾ ھندستان، سري لنڪا، بنگلہ ديش، ملائيشيا پنھنجن تاريخ کي نئين سر لکي اصل حقيقتون نروار ڪيون آھن. ڊاڪٽر روميلا ٿاپر، ڀرين مورخ آھي جنھن ھندستان جي تاريخ کي ھڪ نئين فلسفي سان روشناس ڪرايو. افسوس ھن حقيقت تي آھي تہ اسان وٽ اجا انھيءَ تصور جنم ناھي ورتو. ضرورت ھن جي آھي تہ اسان بادشاھن سان گڏ عام ماڻھو جو بہ ذڪر ھجي، جيڪو ھڪ کان وڌيڪ طريقن ۾ ھميشہ غلام رھيو آھي.

ھيءَ ڪتاب لکڻ وقت اھو نڪتو ڌيان ۾ رکيو ويو آھي تہ ڪنھن ليڊر جي آتم ڪٿا بدران حالتن، تبديلين ۽ سازشن جو ذڪر بنا ڪنھن ملاوت ۽ ذاتي پسند، ناپسند کان ھٽي ڪيو وڃي. اخبار واري جي حيثيت ۾ جن معاملن کي مون ويجھڙ کان ڏٺو آھي يا خبرن جي پويان اصل حقيقت ڇا رھي آھي، تن مشاھدن کي مستند حوالن ۽ ھزارين اخباري ڪلپنگس جي مدد سان بيان ڪيو ويو آھي. ممڪن آھي تہ ھر تجزيي سان ھرڪو معزز پڙھندڙ متفق ھجي پر انھيءَ جي لاءِ مون وٽ واقعاتي شھادتون بيان ڪيل آھن، جيڪي ھر مشاھدي کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معتبر بنائڻ لاءِ ڪافي آهن.

هن ڪتاب کي هڪ ئي جلد ۾ پورو ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي ويئي پر موضوع ايترو وسيع آهي جو ان کي اختصار ڪرڻ جي باوجود آزادي کان وٺي بنگلہ ديش جي قيام تائين واقعات جو احاطو هڪ جلد ۾ ٿي سگهيو آهي. ٻئي جلد ۾ انهيءَ جي ڪوشش ڪئي ويندي تہ ان کان پوءِ جي حالات جو ذڪر ساڳئي انداز ۾ ڪيو وڃي.

هن جلد ۾ حتي الوسع ڪوشش ڪئي ويئي آهي تہ واقعات کي حقيقت جي روپ ۾ بيان ڪيو وڃي تاڪہ حقائق جي ڪا غلطي نہ ٿئي تنهن هوندي بہ ڪا اهڙي سهو رهجي ويئي هجي تہ ان جي نشاندهي جي آجيان ڪئي ويندي. ان لاءِ راقم شڪرگذار رهندو.

ڪراچي
اڪتوبر 2007ع

شيخ عزيز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 1

# زندان هزارين، مان نہ رڳو

ڀارت جي آرڪيٽيڪٽ، صحافي ۽ ڀٽي جي دوست، پيلو مودي جڏهن ڀٽي مرحوم جي زندگيءَ تي ڪتاب "ذلفي، ماءِ فرينڊ" لکيو تہ ان ۾ سندس باري ۾ ڪئين حقيقتون، تکيون ۽ مٺيون ٻئي، نروار ڪيون. هنن ڳالهين ۾ انيڪ واقعا بيان ڪيل آهن جيڪي ڪڏهن ڀٽي جي واتان بيان ڪيل آهن تہ ڪڏهن وري مودي جي پنهنجي مشاهدي جو نتيجو آهن. پر هڪ ڳالهہ جيڪا ڀٽي جي شخصيت جي گھڻن پهلوئن تي ڇانيل آهي، سا هنن لفظن ۾ ٻڌائي ٿو:

"ڀٽو Inconsistencies سان رهي ٿو... ۽ اها ڳالهہ ڀٽو ڪڏهن نٿو لڪائي. هو اعتراف ڪري ٿو تہ هن کي ٽڏي ۽ ڪوسي ٻنهي سان گڏ رهڻو آهي، ڇاڪاڻ تہ هن کي پنهنجن ماڻهن سان گڏ بہ رهڻو آهي تہ دنيا کي بہ گڏ رکڻو آهي."

مودي پنهنجي دوست جي باري ۾ هڪ ديانتدار مورخ آهي يا هڪ مخلص دوست ۽ سوانح نگار، جنهن جي اکين تي لکندي لکندي، دوستيءَ جا پڙدا چڙهي ويندا آهن. اهو فيصلو خود وقت جو وهڪرو ڪندو، پر هڪ ڳالهہ کان انڪار ڪونهي تہ عهد حاضر جو تاريخ دان، ڀٽي کي ڪن مخصوص حالتن، هنگامن ۽ انتهائي پرآشوب دور جي تناظر ۾ ايرندو ڏسندو. ڪي ڪيس هڪ ضدي ۽ ميڪاولي سڏي سگھن ٿا تہ ڪو وري مستقبل جي اڻ ڏٺل وعدن ۽ عصري تضادن جي آميزش قرار ڏيئي سگھي ٿو ۽ حقيقت هي آهي تہ سياست ۾ داخل ٿيڻ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهرين ڏينهن کان وٺي زندان ۾ مقتل جي آخري گهڙي تائين، ڀٽي جي ذات، شخصيت، عمل ۽ قول، سڀ تاريخ جو هڪ عجيب سبق آهن.

ڇا بہ هجي، پر مورخ هن حقيقت کان منهن نٿو واري سگهي تہ برصغير ۾ ڀٽي جي زندگي ۽ ڪردار کي ڪڏهن نٿو سگهجي، خاص ڪري عوامي سياست جي آيارم انهيءَ سلسلي ۾ هن جي سڀ کان وڏي سوغات آهي اها قوت جيڪا هن پاڪستان جي ماڻهن کي ڏني. هن عام ماڻهن کي زبان ڏني، ڪين پنهنجي راءِ جي آزادانہ اظهار جي توفيق ڏني ۽ پنهنجي باري ۾ فيصلي ڪرڻ جو شعور ڏنو. پاڪستان جي تاريخ ۾ هو پهريون سياستدان آهي جنهن عام ماڻهوءَ کي پنهنجي پيرن هلايو، پاڻ عوام جي پيرن نہ هليو.

تاريخ جو سڀ کان وڏو الميو اهو آهي تہ اها ڪڏهن بہ پنهنجي وقت اندر نہ لکي ويئي آهي، هن ڪري تہ عصري دٻاءُ، مورخ جي قلم کي هميشہ مڏو ڪري ڇڏيندا آهن يا وري درٻارن جون رنگين روشنيون، هن جي اکين آڏو ترورا آڻي ڇڏينديون آهن، جنهن ڪري هن جي ڏسڻ جي قوت ڦرجي ويندي آهي، پوءِ صرف حڪمرانن ۽ هن جي چاڙتن جا آواز تاريخ دانن جا ماخذ بنجي ويندا آهن. شايد انهيءَ ڪري اڄ اسان پنهنجي ماضيءَ جي ڪارنامن ۽ ڪوتاهين، ڪامرانين ۽ شڪستن کان اڻ واقف آهيون ۽ اڄ اسان جي نام نهاد تاريخ، صرف چند بادشاهن ۽ ڀي جنگي ڪارنامن، وسعت پرستي ۽ محلاتي سازشن جو مجموعو رهجي ويئي.

ڀٽي جي دور جي تاريخ، انهيءَ الميئي کان ڌار ڪانهي، بلڪ، پوري پاڪستان جي تاريخ، انهيءَ ويساهہ گهاتي ۽ ڊوهہ سان ڀري پئي آهي. ڀٽي جو دور، پاڪستان جي تاريخ ۾ انهيءَ ڪري هڪ اهم جاءِ والاري ٿو جو ان ۾ پهريون ڀيرو هڪ عوامي آيار اٿيو، جنهن پنهنجي لاءِ هڪ راهہ متعين ڪئي. اهو آيار، ڇاڪاڻ تہ ملڪ جي صدين کان هلندڙ نظام کي ڪاٽڻ لڳو هئو، تنهن ڪري ان جو خاتمو ضروري هو، بلڪ انهيءَ ڪري سموريون قوتون ان جي مخالف ٿي ويون هيون، ۽ نيٺ ڀٽي جي زندگي هڪ منطقي انجام کي پهتي.

ڀٽي جي زندگيءَ جي خاتمي کي ڇا چئبو، تنهن باري ۾ هتي لکڻ في الحال بي وقتو ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ اڳتي هلي اسان تاريخ جي واقعن ۽ وهڪرن جي اپٽار ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين، پر هن حقيقت کان

انڪار ڪونهي تہ پٽو، جنهن فڪري اوسر ۽ طبعي جدوجهد جي ابتدا ڪري ويو، سو تاريخ جي وهڪري ۾ وڏو ۽ انقلابي موڙ آهي.

پٽو، تمام گهڻن تضادن ۽ تيز وهندڙ وهڪرن دوران سياسي افق تي نمودار ٿيو. هن جي زندگيءَ ۾ واقعا تمام سستيءَ سان بہ ۽ تمام تيزيءَ سان جنم وٺن ٿا، جن ۾ ڪو ربط ۽ ناتو ڪونهي. هنن واقعن ۽ تبديلين کي پٽو، ميناج سان بہ وٺي ٿو تہ ترشيءَ سان بہ. ڪنهن جي واڳ ڪونهي تہ ڪو بلڪل هتراڏو آهي، ڪي واقعا اميد جو ڪرڻو ڪٽي اچن ٿا تہ ڪي وري نراسائي جو پهاڙ بڻجي وڃن ٿا. انهن سڀني گڏجي، پٽي جي ذات، شخصيت ۽ هستي جي پرورش ڪئي.

آخر، پٽي جي اندر اها ڪهڙي ذات سمايل هئي جيڪو جڏهن هڪ نوجوان ۽ خوبرو وزير جي حيثيت سان، عام بازارن ۾ شاپنگ ڪرڻ وڃي ٿو تہ ماڻهو هن تي هڪ نظر وجهڻ ڪافي سمجهن ٿا، پر جڏهن اقوام متحده جي ايوان ۾ لهي، هزار سالن جي جنگ جو چٽي ٿو تہ ماڻهو هن تان ساه سر صدقو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا. ايوب خان ڪيس جيل ۾ بند ڪري ٿو ڇڏي تہ لکين ماڻهن هن جي حمايت ۾ رستن تي نڪري اچن ٿا. وري جڏهن اقتدار ماڻي، وزارت عظمي جي عهدي تي فائز آهي تہ لکين ماڻهو ڪيس لاهڻ جي لاءِ رستا پري ٿا ڇڏين ۽ وري جڏهن ڪيس اقتدار تان لاهي زندان ۾ وڌو ويو تہ اهي ساڳيا ماڻهو سندس آزاديءَ لاءِ ڦٿڪا ٿا کائين ۽ ڪال ڪوٺڙيون ٿا قبولين. آخر، هڪ تيز تند لهجي رکندڙ، هارورڊ جي هن پڙهيل، چمڪيلي شخصيت ۾ اها ڪهڙي مقناطيسي قوت هئي جنهن جي مخالفت ۽ حمايت ساڳئي شدت سان ٿي.

دراصل، اها هن جي همہ جهت شخصيت هئي جنهن کي هڪ زاويي کان ڏسي سگهڻ ممڪن ڪونهي. هو هڪ ئي وقت گهڻين شخصيتن جو مالڪ هو، جنهن ۾ جستجو، محنت، منزل سان لڳن ۽ نئين فڪري اوسر جو اونو هڪ جيترو سمايل هو. هن وٽ زندگيءَ جو قدر هو تنهنڪري هن انهيءَ جي هر گهڙيءَ کي ڪتب آندو.

هن کي معلوم هو تہ مورخ تمام ظالم آهي جنهن تاريخ جي سبق کي پنهنجي دلنشين لکڻين سان لڪائي ڇڏيو. پٽي انهيءَ سبق کي عام ماڻهن تائين پهچائڻ ٿي چاهيو چاڪاڻ تہ هن کي معلوم هو تہ تاريخ، ماڻهن سان نهندي آهي، بادشاهن ۽ مزارن سان نہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگيءَ جو اهوئي فلسفو، پٽي جي سموري عمل ۾ سوچ جو محوري نڪتو هو.

پٽو، تاريخ جو وڏو ڄاڻو ۽ پارکو هو، انهيءَ ڪري اسان پنهنجي سياسي تاريخ جي مطالعي جي ابتدا، سندس ذڪر سان ڪئي آهي، جنهن جو بنيادي ڪارڻ اهو آهي ته هن پاڪستان جي سياسي وهڪري کي نئون موڙ ڏنو، بلڪ تاريخ ساز واقعات کي بادشاهي فرمانن مان ڪڍي عوامي رستن ۽ خانقاهن تائين پهچايو. ۽ حقيقت هيءَ آهي ته پاڪستان جي جديد تاريخ پٽي کان ئي شروع ٿئي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 2

# سياست جا رنگ

پاڪستان ۾ سياست جا عجيب رنگ ۽ انگ آهن، ڪي پهلو دلچسپ آهن تہ ڪي وري افسوسناڪ، تہ وري ڪي بنهہ همدرديءَ جي لائق. ڪڏهن اها واقعن جي تابع رهي ٿي، تہ ڪي وري محض شخصيتن جي چوڌاري ڦرن ٿا، تہ ڪٿي مذهب جي نالي ۾ انتها پسندي پرورش ٿي پائي. هڪ ڏينهن محب وطن باغي بنجي وڃن ٿا تہ ٻئي ڏينهن. وري باغين تي محبان وطن جو ٺپو لڳي وڃي ٿو. ڪي پنهنجن هم صف پائرن کي ڪافر چئي پنهنجي سياست جو ڏيئو چمڪائين ٿا تہ ڪن جو سياسي دوا خانو صرف مريض وڏائڻ تي هلي ٿو.

هڪ زمانو هو تہ محيب الرحمان سپ کان وڏو غدار ليکيو ويو، پر 1970ع جي چونڊن ۾ سپ کان گهٽيون سيٽون کٽڻ بعد سمورا سياستدان ٽولن جي صورت ۾ ڍاڪا جا طواف ڪرڻ لڳا. عبدالغفار خان، حقن جي ڳالهہ ڪئي تہ غدار ٿي ويو ۽ جهان ڇڏيائين تہ سورمو ڪري ڳڻيو ويو. جي-ايم-سيد، پوري برصغير ۾ پهريون ماڻهو هو جنهن قيام پاڪستان جي لاءِ سنڌ اسيمبلي ۾ نعراءُ پيش ڪيو پر جڏهن سنڌ جي ماڻهن جي حقن جي ڳالهہ ڪيائين تہ غدار قرار ڏنو ويو. اهي نالا تہ صرف چند آهي، ڪهڙا ڪهڙا نامور ليڊر مولانا عبدالحميد ڀاشاني، شيخ عبدالمجيد سنڌي، فيض احمد فيض، حيدر بخش جتوئي، شيخ اياز جهڙا بہ غدار قرار ڏنا ويا، البتہ هر حڪمران ٽولي پنهنجي حاشيہ بردار ۽ خوشامد پرست کي حب الوطني جو سرٽيفڪيٽ ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري سگهون ٿا؟ ڇا ڪٿي اقتدار جي ويڙهه اسان کي وڏيڪ ٽڪرا ٽڪرا ته نه ڪري ڇڏيندي. ۽ جيڪڏهن ان کان بچڻو آهي ته ان جي ڪهڙي ممڪن صورت ٿي سگهي ٿي.

1970ع جي چونڊن کان اڳ، مفاد پرست ٽولن جي سياست صرف لٽ مار جي چوڏاري ڦرندي هئي. چونڊن جي نتيجن قبولڻ کان انڪار جي صورت ۾ پاڪستان اڌو اڌ ٿي ويو. بلڪه 54 سيڪڙو ملڪ ڌار ٿي ويو. ملڪن جي تاريخ ۾، خاص ڪري برصغير جي ڏکي جدوجهد آزادي جي پس منظر ۾ اهو ڀيانڪ سبق هو. پڙ هلندڙ سالن اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته ساڳين مفاد پرستن، انهيءَ المئي مان سبق نه پرايو.

1971ع کان پوءِ رهيل کهيل پاڪستان، خالي خزاني ۽ هيسيل ماڻهن سان اڳتي وڌيو ۽ ستت ئي هڪ مان پريو درجو حاصل ڪري ورتو. پر هڪ گهمرو وري مفاد پرست ٽولي جمهوري ادارن کي ناس ڪري ملڪ ۾ ڏکي ۾ ڏکو فوجي راڄ قائم ڪري ورتو. چونڊيل وزير اعظم کي ڦاسي چاڙهي ڇڏيو. انفرادي ۽ اجتماعي حقن کي ذاتي اقتدار جي خواهش تي بليدان بڻايو ويو. عوامي جدوجهد هڪ گهمرو وري ڪامياب ٿي 1985ع ۾ هڪ منڊي ٽنڊي شهري حڪومت وجود ۾ آئي پر 1999ع تائين چار گهمرا قومي اسيمبلي ٽوڙي ويئي.

انهيءَ وچ ۾ نسلي فسادات، قبائلي جهيڙا، مذهبي تنازعا ايڏي شدت سان اپاريا ويا جو هر گهمري پاڪستان جي وجود کي خطرو پيدا ٿيڻ لڳو ۽ هر طلاطلم ايڏو شديد هو جو پاڪستاني قوم جو شايد ئي ڪو شعبو هن کان متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهيو هجي.

اڄ به ڪيفيت ڪا مختلف ڪانهي. چئني صوبن جا پنهنجا مسئلا، وفاق جا پنهنجا مونجهارا، تيزيءَ سان بدلجندڙ عالمي حالتن جي پس منظر ۾ هڪ اهڙو روپ پيش ڪرڻ لڳا آهن جو اڻ ڏٺل خطرا هميشه اکين آڏو ڦرڻ لڳن ٿا.

سنڌ جون حالتون باقي ملڪ جي سمورن حصن کان مختلف، وڌيڪ ڇرڪائيندڙ ۽ ڀيانڪ آهن. جيئن جيئن هن جي سيني ۾لڪل قدرتي وسيلا پنهنجو منهن کولين ٿا، هن صوبي جي ماڻهن جي لاءِ، حالتون ابتريون ئي گنڀير ٿينديون وڃن ٿيون. تاريخ جي طالب علم کي خبر آهي ته اها شيءِ آسودگي ئي آهي جنهن هميشه ڌارين کي سنڌ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاهڻ ۾ هٿتي جي وسيلن تي قابض ٿيڻ جي دعوت ڏني آهي. اهو سلسلو هزارين سالن کان هلندو آيو آهي.

ويهين صديءَ جي هن بيداري ۾ شعور واري زماني ۾ اهڙي قرمار ۾ ڪمي اچڻ ته پري، ويتر ان ۾ واڌارو آيو آهي فرق صرف اهو آهي ته هن کان اڳ اهو فوج ڪشي ۾ زبردستي آبادڪاري جي صورت ۾ ٿيندو هو. هاڻي ان جون صورتون بدلجي ويون آهن.

اسان جي موجوده بحراني ڪيفيت تي جڏهن به سياسي ماهرين تبصرا ڪندا آهن ته انهيءَ جي ذميداري ڪنهن نه ڪنهن تي وجهڻ جي ڪوشش ڪندا، خاص طورتي اهي طبقا جيڪي ڪنهن نه ڪنهن اقتدارجي ايوان ۾ رهيا آهن. پر هيءَ عجيب ڳالهه آهي ته انهن پنڊتن کي تاريخ جا اهي محرڪات نظر نٿا اچن جيڪي پنهنجن چاڙتن ۾ گماشتن جي ذريعي ڪنهن نه ڪنهن طرح اقتدارجون واڳون پنهنجي هٿن ۾ ڪري، عام ماڻهوءَ آڏو صرف نچندڙ پاچولا ڏيکاريندا رهن ٿا.

هن جو مثال 1951ع وارو وڳوڙ ونو. پوليءَ جو مسئلو انهيءَ ڪري ڪڙو ڪيو ويو ته اولهه پاڪستان (ان وقت) جي بالادستي ڏيکاري وڃي. 1954ع ۾ ون يونٽ انهيءَ ڪري قائم ڪيو ويو ته ننڍين صوبن جي دولت، خاص ڪري بلوچستان ۾ سنڌ جي ذريعن تي قبضو ڪري، مخصوص طبقن ۾ خاندانن کي ورسايو وڃي. 1958ع ۾ وڳوڙ انهيءَ ڪري ڪرايا ويا ته ملڪ جي اقتدار تي قبضو ڪيو وڃي ۾ انهيءَ جو جواز پيش ڪرڻ لاءِ سياستدانن، دانشورن ۾ برابري جا حق گهرڻ وارن جي خلاف هڪ لاڳيتي مهم هلائي ويئي. مک سياستدانن کي انهيءَ ڪري نااهل قرار ڏنو ويو ته هو انهيءَ لٽ مار ۾ ٻئي ڪنهن کي ڀاڱي ڀائيوار ڪري نه سگهن ۾ سياسي و شهري ادارائي معذور تي وڃن. صدارتي نظام ۾ پوءِ بنيادي جمهوريت جو نظام انهيءَ ڪري رائج ڪيو ويو ته هٿ ٺوڪيا ماڻهو پارليامينٽ ۾ اچي سگهن جن جي ذريعي چند ماڻهن جي حڪومت کي جائز قرار ڏيئي سگهجي.

1969ع جي گول ميز ڪانفرنس انهيءَ ڪري ناڪام ٿي ويئي جو هڪ آمر، اوير پاڪستان کي برابري جو حق ڏيڻ ۾ ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ تيار ڪونه هو.

مجيب الرحمان کي اقتدار انهيءَ ڪري ڪونه ڏنو ويو جو انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان اولهہ پاڪستان جي هتراڌو برابري، اقليت ۾ تبديل ٿي ٿئي. 1977ع ۾ پيٽي جي حڪومت انهيءَ ڪري ختم ڪري ڪيس ڦاسي ڏني ويئي جو هن ماڻهن جي حقن کي تسليم ڪيو هو.

1988ع ۾ جوڻيجي جي ڪمزور ۽ محدود جمهوريت انهيءَ ڪري ختم ڪئي ويئي جو هن ٿوري آزاديءَ جو اظهار ڪيو هئو ۽ اوجهڙي ڪيمپ جي ڌماڪي جي ذميدار ماڻهن کي بي نقاب ڪرڻ چاهيو ٿي.

انهن سمورن واقعن جي پويان ڪي نہ ڪي اهڙا ڪارڻ لڪل آهن جن جو واسطو شهري پلاٽي، خوشحالي ۽ عوامي بالادستي سان هرگز ڪونهي، بلڪ ذاتي عناد ۽ گروهي بالادستي سان هئو. ڳوڙهيءَ طرح ڏٺو وڃي تہ انهن سمورن قدمن جي ڪري، ملڪ جو عوام عام طرح ۽ سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن تي خاص طرح اثر پيو آهي، بلڪ انهن ئي پوڳيو آهي، معاشي طور ۽ طبعي لحاظ ۾ نهي ڪان.

سنڌ جي وڏيري ڪان سواءِ، تقريبا هر ماڻهو انهيءَ قرلت ۽ ويساهہ گهاتيءَ جو شڪار رهيو آهي. منڇر جو ماڻهو اڄ بہ ائين ئي بي يار و مددگار آهي جيئن ارغونن ۽ ترخانن جي زماني ۾ هو. ڪاري چاڙ جو مالوند اڄ بہ پاڻيءَ لاءِ اهڙيءَ طرح سرگردان آهي جيئن ڪلهوڙن جي بادشاهيءَ ۾ هو. چني ۽ ڪرچاٽ جو ڪوهستاني اڄ بہ پٿريلي دانگيءَ تي ماني پچائي ٿو، جڏهن تہ هن جو ٻارڙو اسڪول جي نالي ڪان ئي واقف ڪونهي.

هو اڄ بہ وڏيري جي اناس ڪيڙي گذاري لاءِ چند ٽويا ان اپائي ٿو جنهن جي لاءِ پورو سال وڏيري جي هرڳالهہ مڃي ٿو. قدرتي بارش تي آسرو رکندڙ ٿري مارو، سڄو سال اکئين اڀ انهيءَ اميد تي ويٺو رهي ٿو تہ متان ڪو وسڪارو ٿئي ۽ هو سڄو سال مريئڙو ۽ گوارڪائي گذر ڪري.

شهري ماڻهو جو بہ ساڳيو حال آهي. جتي سياسي طور هو ڦورن جي هٿن ۾ يرغمال بنيل آهي، اتي معاشي طورتي هو غير آئيني ۽ غيرقانوني آيل لکين تارڪين وطن هٿان بيروزگاري جا ڌڪا کائي رهيو آهي. سرڪاري ملازمتن ۽ نيم سرڪاري ادارن ۾ تہ هن جو حشر انهيءَ ڪان وڌيڪ بڇڙو آهي.

هن ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ انهن حالتن جو سرچشمو ڪو هڪ واقعو ڪونهي. جيڪڏهن اسان مڙي ڏسون، تہ اسان کي پنهنجي بحران جي صورت، ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ نظر ايندي. اهو 1949ع ۾ وزارتن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جونهڻ ۾ ڊهڻ هجي، بنگال جي ٻوليءَ وارا هنگاما هجن، قادياني تحريڪ وارا فساد هجن يا 1956ع واري آئين جي منسوخي يا ون يونٽ جو مڙهجڻ، اهي سڀ هڪ ئي سلسلي جون ڪڙيون آهن ۽ جيڪڏهن انهن جي ڪارٽن جي منجهيل سٽ کي ڦولبو ته ٻي پڇڙي موجوده بحران ۾ ملندي.

اسان ايندڙ صفحن ۾ انهن واقعن جي تفصيلن کي ڏسنداسين، جيڪي قيام پاڪستان جي نهراءُ، ۽ ان جي بعد رونما ٿيا ۽ مختلف مرحلن مان ٿيندا موجوده حالتن کي پهتا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 3

# قيام پاڪستان: لڏپلاڻ، سنڌ تي اثر

پهرين آئين ساز اسيمبلي، آزادي واري ائڪٽ 1947ع هيٺ برپا ڪئي ويئي، پر ڪنهن موثر تنظيمي جوڙجڪ جي نه هئڻ ڪري ڪوبه ڪم سولو نه ٿي سگهيو. خود قائداعظم ۽ سندس ساٿي، نئين ملڪ جي انتظامي ڪمن، ڪرنسي، فوج ۽ اثاثن جي ورهاست ۽ لڏپلاڻ ۾ ايترو مصروف ٿي ويا هئا جو هن کي آئين سازي ڏانهن ڌيان ڏيڻ جو موقعو ئي نه مليو. جيتوڻيڪ هو ٿوري ٿوري وقفي سان، مختلف تقريرن ۽ تحريرن جي ذريعي انهيءَ بابت رهبر اشارا ڏيندو رهيو ته پاڪستان ۾ مستقبل جو حڪومتي ۽ جمهوري نظام ڪيئن هلندو، پر ٻين ليڊرن ۽ خود آئين ساز اسيمبلي جي ارڪين انهيءَ معاملي کي سنجيدگي سان نه ورتو جنهن جو نتيجو اسان اڄ تائين ڀوڳيندا رهيا آهيون. چاڪاڻ ته ٽي ڀيرا آئين ٽوڙڻ جمهوري حڪومتون ختم ڪرڻ ۽ مختلف قسمن جا تجربا ڪرڻ جي باوجود اڃا انهيءَ نڪتي تي متفق نه ٿيا آهيون ته قائداعظم جي آڏو ڪهڙو نظام حڪومت هو، يا هن وحداني طرز حڪومت چاهي ٿي يا وفاقي، يا وري هي چونڊن جو گڏيل سرشتو گهريو ٿي يا ڌار ڌار.

هن ابتدائي عرصي ۾ هڪ نئين ملڪ کي جيڪي مسئلا آڏو اچڻا هئا، سي ته پنهنجي جاءِ تي، پر سڀ کان اٽانگو، وسيلن تي بار وجهندڙ ۽ افسوسناڪ پهلو، ٻنهي ملڪن جي درميان لڏپلاڻ هئي. شايد ئي تاريخ ۾ ايڏي پيماني تي ماڻهن جي لڏپلاڻ ٿي هجي جيتري قيام پاڪستان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي وقت ٿي هئي. لڪين ماڻهن ڪي پنهنجا اباڻا ڪک ۽ گهر ڇڏي اڻ ڏٺل جاين تي وڃڻو پيو جنهن ۾ هزارين ٻار، زالون ۽ پوڙها پنهنجن گهر وارن کان وڇڙي ويا، جڏهن ته اڻ ڳڻيا ماڻهو، مذهبي جنون پرستن هٿان مارجي ويا. تاريخ ۾ هن قسم جي قتل و غارت گري ۽ قرمار ڪڏهن نه ٿي. لڪين ماڻهو پاڪستان جي سرزمين تي لڏي آيا جن جي ڪا توقع ڪانه هئي ۽ جن جي لاءِ رهائش، کاڌي ۽ روزگار جو بندوبست ڪرڻ هڪ نئين ڇاول ملڪ جي لاءِ جيڪڏهن ناممڪن ڪونه هئو ته مشڪل ضرور هو. انهيءَ جو اثر پوري پاڪستان تي پوڻ لازمي امر هو پر سڀ کان گهڻو متاثر سنڌ صوبو ٿيو ڇاڪاڻ ته هندستان کان لڏي آيل لڪين خاندانن سڌو رخ سنڌ ڏانهن ڪيو جنهن سنڌ جي معيشت کي خاص ڪري جهوري وڌو.

هتي هيءَ ڳالهه سمجهڻ ضروري آهي ته آزاديءَ جي اصل پلان ۾ ايڏي پيماني تي لڏپلاڻ جو نه امڪان هو، نه ان جو ذڪر هو. اصل پلان، ائڪٽ ۽ قبول ڪيل انتظامن هيٺ انهن علائقن کي گڏي پاڪستان جي تشڪيل ڏيڻ قبول ڪيو ويو هو جتي اڪثريت مسلمانن تي مشتمل هئي ۽ جيڪڏهن ڪنهن اهڙي لڏپلاڻ جي ضرورت هئي ته صرف ننڍي پيماني تي، جنهن سان باقي آبادي متاثر نه ٿئي. جيڪڏهن ڪنهن لڏپلاڻ جو ذڪر هو ۽ جنهن کي ٽنهي ڌرين قبول ڪيو هو ته اهو ”گڏيل عمل، وسيلن، فوجي يونٽن ۽ سامان، فائيلن، ڪتابن، رڪارڊ ۽ ڪرنسي جي ورهاست“ هو.

جون 1947ع ۾ ڪانگريس، قائداعظم ۽ برطانيه جي درميان جيڪو تقسيم وارو شملہ پلان قبول ٿيو هو ان ۾ آباديءَ جي لڏپلاڻ جو ذڪر ڪونه هو، ڇاڪاڻ ته آزاديءَ جو مطلب اهو هوئي ڪون. صرف مسلم آباديءَ جي اڪثريتي علائقن کي گڏي هڪ آزاد ملڪ ناهڻو هو. شملہ پلان ۾ اٺ نڪتا هئا، جن ۾ سڀ کان اهم سرحدن جي حدبندي، سامان، اثاثن، ڪرنسي، ۽ فوجي يونٽن ۽ فوجي سامان جي ورهاست جا نڪتا هئا. پارٽيشن ڪائونسل، جيڪا ٻنهي ڌرين جي ججن تي مشتمل هئي، تنهن ۾ آباديءَ وارا نه تفصيل هئا ۽ نه انهن جو ذڪر. ڇاڪاڻ ته اها ٻنهي ڌرين کي پڪ هئي ته ٻن ڌارڌار آزاد ملڪن جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ ٻئي ملڪ اقليتن جو تحفظ ڪندا. پر جيئن ئي آزاديءَ جي پلان جو اعلان ٿيو، هندستان جي ڪيترن ئي علائقن ۾ فساد شروع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ويا ۽ جڏهن آزاديءَ جي تاريخ جو اعلان ٿيو تہ انهن فسادن ۾ اهڙي شدت اچي ويئي جو پاڻ مرادو لڏپلاڻ شروع ٿي وئي.

فسادن جي شروع ٿيندي ئي قائداعظم ۽ ٻين ليڊرن گانڌي ۽ ٻين هندستان جي ليڊرن سان رابطو قائم ڪيو پر انهيءَ مان ڪو فائدو ڪونہ ٿيو. انهيءَ جو ذڪر قائداعظم پنهنجي 11- آڪٽوبر 1947ع واري تقرير ۾ ڪيو:

> "اسان هنن تي زور ڀريندا رهيا آهيون تہ اسان کي اقليتن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ گهرجي پر... جڏهن آءٌ پاڙيسري ملڪ هندستان تي نظر وجهان ٿو تہ اتي مسلمانن سان ڏاڍو ظلم ٿي رهيو آهي... اهڙيون حالتون پيدا ڪيون پيون وڃن جيئن مسلمانن لاءِ جيئڻ جنجال ٿي وڃي. هنن کي لڏڻ تي مجبور ڪيو وڃي. مون کي افسوس سان چوڻو ٿو پئي تہ حالتن اهڙو رخ ورتو آهي. برصغير جي ورهاڱي جو فيصلو هن آخري عهدنامي تي ٿيو هو تہ ٻنهي طرفن جي اقليتن جي حفاظت ڪئي ويندي ۽ جيستائين ڪا اقليت پنهنجي ملڪ جي وفادار رهي، هو انهيءَ ملڪ ۾ بنا ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي رهي سگهي ٿي. جيڪڏهن ڀارت حڪومت جي پاليسي اها آهي.... تہ پوءِ اهو ٻنهي ملڪن جي لاءِ تباهيءَ جو ڪارڻ ٿيندو.... ۽ جيڪڏهن اقليتن جو آخري حل اهو ٿيو تہ ان لاءِ ڀارتي حڪومت سان ڳالهائيندس...."

بهرحال، سمورين ڪوششن جي باوجود، ڀارت مان مسلمانن جو انخلا روڪجي نہ سگهيو ۽ نہ صرف فسادي علائقن مان پر پوري هندستان مان اهو سلسلو جاري رهيو. پاڪستان پڄيءَ ۾ آيل سامان کڻي اچڻ لاءِ جيڪي جهاز ڀارت ڏيڻا ڪيا هئا سي بہ هن ڪونہ ڏنا. بهرحال، پاڪستان چاليهہ جهاز برطانيہ کان اڌارا ونئي هيءُ ڪم اڪلايو ۽ سرڪاري عملي سميت لڏي آيلن جي گهڻائي ڪراچي ۾ ۽ اتان سنڌ ۾ ترسايا ويا. جيڪو ٿورو عملو پنجاب ۾ ترسيو، تنهن کي نهيل تڪيل سيڪريٽريٽ لاهور ۾ مليو. پر سنڌ ۾ مسئلو ٻيءَ طرح جو هو. هتي سنڌ سرڪار جون پنهنجون آفيسون، صوبائي ڪم ڪار جي اُڪلاءَ واسطي قائم هيون پر هاڻي هيءُ ملڪ جي گادي بنجي ويئي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن پنهي جي لاءِ دفتر. هندستان مان ايندڙ لکين ماڻهن جي لاءِ نہ صرف اجهي جي ضرورت هئي پر هنن جي لاءِ کاڌ خوراڪ، روزگار ۽ ٽرانسپورٽ جو بہ مسئلو هو. سرڪاري دفتر خالي ڪري•اتي وفاقي حڪومت جا دفتر قائم ڪيا ويا جڏهن تہ صوبائي حڪومت جي آفيسن لاءِ متبادل انتظام ڪرڻو پيو.

مهاجرن جي آمد ۽ انهن جي آبادڪاري جو مسئلو سڀ کان سنگين ۽ ڏکوئيندڙ هو. پاڪستان جي حڪومت پنهنجن مسئلن ۾ منجهيل هئي جڏهن تہ سنڌ حڪومت جا وسيلا ڏاڍا محدود هئا. لکين مهاجر روزانہ گاڏين، پنڌ ۽ ٻين وسيلن ذريعي پاڪستان پهچي رهيا هئا جن کي کاڌو، اجهو ۽ اٿو مهيا ڪرڻ فوري گهرج هئي. سڀ کان گهڻو زور سنڌ تي هو ڇاڪاڻ تہ پنجاب يوپي ۽ سي پي کان ايندڙن لاءِ پنهنجا دروازا کولڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا بلڪ لاهور ريلوي اسٽيشن تي لهڻ وارن کي ائين چيو ويندو هو تہ پاڪستان اڃا اڳتي آهي تنهنڪري کين اڳتي وڃڻ گهرجي. سنڌ اهو حق بخوبي ادا ڪيو. گهر، جايون، اٿو، اجهو سڀ ڪجهہ کين هتي مليو. سنڌين، لڏي آيلن جي هڙو ن وڙون جيڪا مدد تي سگهي ڪئي. کين شهرن، بستين ۽ ڳوٺن ۾ آباد ڪيو. مهاجرن جي لڏپلاڻ جي سنگيني جي نوعيت جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو تہ ڊسمبر 1947ع تائين 80 لک مهاجر پاڪستان ۾ اچي چڪا هئا جن مان گهڻائي سنڌ ۾ آباد ٿي چڪا هئا. اتر هندستان، يوپي، سي پي ۽ دهلي مان تہ ڇهن سالن تائين روز ايندا رهيا ۽ هڪ محتاط اندازي مطابق هتان کان لڏي ويل هندن جو تعداد 12 لک کن هئو. ٿن لکن وارو ڪراچي جو شهر جيڪو سنڌ جي دل ٿي ڪونہ هئو پنهنجي بندرگاهہ واري حيثيت جي ڪري اوير جو ستارو سڏبو هئو. تنهن ۾ هر هنڌ ڪچيون بستيون اڀري آيون. سرڪاري اسڪول، آفيسون ۽ ٻيون عمارتون ڪئمپن ۾ بدلجي ويون جتي سنڌ سرڪار جا اهلڪار هنن لکين ماڻهن جي ٿهل ٽڪور ۾ مصروف رهيا جنهن جو سمورو بار سنڌ جي وسيلن تي پيو. سنڌ سرڪار وٽ ايترا وسيلا ڪونہ هئا تنهن هوندي بہ هن، هنن لکين بي گهر ماڻهن کي زندهہ رکڻ ۽ ورسائڻ ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪيو سو پاڪستان جي تاريخ ۾ هڪ زرين باب آهي. سمنڊ جي ڪناري کان وٺي پري تائين ڪليل ميدانن تي توڙي آباد زمينن تي بيٺل فصلن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪپي ڪين آباد ڪيو. روزگار لاءِ موزون فراهم ڪئي ۽ ٿوري وقت اندر هي مسئلو بند ٿي ويجي ها پر هندستان کان آمد جو سلسلو سالن تائين هلندو رهيو. هڪڙا هزارين خاندان آباد ٿي ٿيا ته ٻيا ڪٽڪ ٿي اچي لٿا ۽ مسئلن جو ورين نئون سلسلو شروع ٿي ٿيو.

پاڪستان کي هندستان جي رزرو بئنڪ جي چار ارب رپين جي گڏيل موڙي مان پنهنجو حصو ڪونه مليو صرف 75 ڪروڙ رپيا مليا. جيڪي ظاهر آهي ته هيڏي وڏي مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ ناڪافي هئا. البته قائداعظم اهو سوچيو هو ته فسادن جي رڪجي وڃڻ کان پوءِ سرحدون بند ڪري ڇڏجن پر نفرت جي شدت گهٽجڻ جي ڪونه هئي تنهنڪري پاڪستان جي حڪومت ائين ڪرڻ مناسب ڪونه سمجهيو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو ته ڪئين سالن تائين هنن جي اچڻ جو سلسلو جاري رهيو بلڪ هزارين خاندان اهڙا به اچي ويا جن جي زندگي کي نه خطرو هو نه اتي ڪي فساد ٿيا هئا بلڪ هو اتي وڏيڪ آرام جي زندگي گهاري رهيا هئا.

جيئن مٿي عرض ڪيو اٿم ته هن تاريخ جي وڏي ۾ وڏي لڏپلاڻ جو پنجاب تي گهڻ اثر پيو.

سرحد اٽانگو صوبو هو جنهن جون ريتون رسمون ته ڌار ڳالهه آهي ايستائين پهچڻ جو تصور ئي مهاجرن ڪونه ٿي ڪيو. تمام ڪي ٿورا خاندان صوبه سرحد ڏانهن ويا ۽ اتيآباد ٿي سگهيا. ساڳيءَ طرح بلوچستان جو صوبو به هن لڏپلاڻ جي اثر کان بچي ويو. اٽانگو پنڌ ۽ اچ وڃ جي محدود وسيلن جي ڪري اتي به مهاجرن جو پهچڻ ڏاڍو ڏکيو هو. صرف اهي هتي آباد ٿي سگهيا جيڪي پنجاه واري ڏهاڪي کان پوءِ سموري سڪون ۽ سولائي سان هتي اچي سگهيا.

انهيءَ جي پيٽ ۾ سنڌ کي سموري لڏپلاڻ جو بار ڍوئڻو پيو. وفاقي حڪومت پاڪستان ۾ هڪ متروڪ ملڪيتن جي سنڀال وارو کاتو Custodian of evacuee property ناهي وڏو جنهن جو ڪم اهو هئو ته هتان کان لڏي ويل هندن ۽ سکن جي ملڪيتن تي قبضو ڪري ۽ اهي ملڪيتون، هندستان مان لڏي آيل مهاجرن جي داخل ڪيل دعوائن جي عيوض ڪين ڏئي. هنن ملڪيتن جي ورهاست جو ڪجهه طريقه ڪار هن طرح ٺاهيو ويو هو ته مهاجر پنهنجي ڇڏي آيل ملڪيتن جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تفصيل دعوائن جي صورت ۾ داخل ڪندا. آفيسر، انهن دعوائن جي تفصيلن جو اپياس ڪندا. دعوائن کي هندستان موڪليو ويندو جتان تصديق ٿي اچڻ بعد ڇڏي آيل ملڪيت جي ملهه مطابق، دعويدار کي هتي زمين، جاءِ، يا ڪارخانو وغيره ملندو.

پاڪستان جا ابتدائي ڏينهن هئا. في الحال ته جنهن کي جتي هندوءَ سک لڏي ويلن جي ملڪيت، جاءِ، گهر، دڪان مليو، اتي قبضو ڪري ويهي رهيا ۽ پوءِ آبادڪاري کاتي کان الاٽمينٽ ڪرائيندا رهيا. پر پوءِ جڏهن هنن جون دعوائون هندستان مان تصديق ٿي اچڻ لڳيون ته پوءِ رشوتن جو فصل پچڻ لڳو. دراصل، رشوت ته نوآباد يا تي نظام جو هڪ لازمي حصو هو جيڪو اسان کي پنهنجي سفيد آقائن کان مليو ۽ ڪارن آقائن انهيءَ کي تمام ديانتداري سان قبوليو. متروڪ ملڪيتن ۽ آبادڪاري جي کاتي ۾ جيتري رشوت هلي، شايد ئي پاڪستان جي تاريخ ۾ هلي هوندي. فارم ونڻ کان وٺي ڪاغذن جي تصديق ٿيئن، قابض جاين جي معائني کان وٺي عارضي الاٽمينٽ آرڊر ڏيڻ ٿيئن ۽ پڪي تصديق کان وٺي مستقبل الاٽمينٽ ٿيئن سوين مرحلن تي صرف ڪلدار جو آواز هلندو هو. جن ماڻهن هن کاتي ۾ نوڪري ڪئي سي جڻ سون جي کاڻ ۾ هئا. رٽائرمينٽ کان پوءِ هنن کي ڪنهن بي روزگار جي گهرج ڪانه پئي.

هنن متروڪ زمينن، گهرن، دڪانن ۽ ڪارخانن کي حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪو طريقه ڪار اختيار ڪيو ويو تنهن ۾ بدعنوانيون ٿيڻ فطري امر هو. دعوائون ڪندڙن ۾ سچن دعويدارن جو هڪ تعداد ته ضرور هو پر ڪوڙن دعويدارن جو انگ مڙيوئي گهٽو هو بلڪ ائين ٿي لڳو ته پوري هندستان ۾ جيتري زمين، گهر، دڪان ۽ ڪارخانا هئا، سي انهن دعويدارن جا هئا. هن جا هزارين مثال اخبارن جي زينت بنيا ۽ انهيءَ کان وڌيڪ ڪيس ماڻهن رضاڪارانه طورپيش ڪيا جڏهن 1958ع ۾ ايوب خان مارشل لا جي حڪم هيٺ ڪوڙن دعويدارن کي مهلت ڏيئي اهڙين دعوائڻ تان هٿ کڻي وجڻ لاءِ چيو. جيل ۽ قيد جي خوف کان هزارين ماڻهن پنهنجون دعوائون واپس وٺي ڇڏيون.

قدرت الله شهاب، جنهن هڪ عرصو ايوب خان ۽ ٻين اعليٰ عهديدارن سان گڏ سرڪاري خدمتون سرانجام ڏنيون، سو تن ڏينهن ۾

پنجاب جي صنعتي ڪاتي سان لاڳاپيل هو جنهن هڪ بورڊ ٺاهي اهوفيصلو ڪيو تہ جيڪي ڪارخانا، سئنيمائون ۽ ننڍا وڏا صنعتي يونٽ اهڙن مسلمان مهاجرن کي ڏنا وڃن جيڪي سک ۽ هندو سينيا پنجاب ۾ ڇڏي ويا آهن. ”بورڊ جي قائم ٿيندي ئي درخواستن جي ٻوڏ اچي ويئي ۽ ائين ٿي لڳو تہ ڄڻڪ امرتسر ڪان وٺي دهلي، لکنو ۽ پٽنا تائين جيڪي ڪارخانا ۽ سئنيما گهر هئا سي سڀ مسلمانن جا هئا. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ ڪجهہ مطالبا يقينا جائزۂ صحيح هئا پر گهڻا ڪليم بنهہ ڪوڙ، ڌوهہ ۽ جڙتو هئا. جيترو وڏو ماڻهو هوندو هو، اوترو ئي ڪليم وڏو هوندو هو ۽ اوترو ئي وڏو ڪوڙ ۽ فريب انهيءَ ڪليم جي تهہ ۾ هوندو هو. ڪجهہ ماڻهو پاڻ هندستان ويندا هئا ۽ اتان پنهنجي مرضي مطابق ڪاغذ ۽ سرٽيفيڪٽ ٺهرائي ايندا هئا. پارٽي ڪسٽوڊين ۾ بہ جعلسازي جي فيڪٽري کلي پئي هئي. رشوت جا اگهہ مقرر هئا ۽ منهن گهرئي رشوت ڏيئي هر قسم جي ملڪيت جي تصديق ڪرائي پئي سگهجي. هن صنعتي ملڪيت جي ورهاست ۾ لالچ جا جيڪي دروازا کوليا، تنهن اسان جي معاشري ۾ اخلاقي سڙاند، بدڪرداري، بدديانتي، ڪوڙ ۽ فريب کي ڏاڍو فروغ ڏنو.“ ☆

”هڪ صاحب پنهنجي درخواست ۾ لکيو هو تہ هو جيڪا جائداد هندستان ۾ ڇڏي آيو آهي انهيءَ ۾ دهلي جو لال قلعو بہ شامل آهي. تنهنڪري ڪيس انهيءَ جي قيمت ۽ تاريخي عظمت مطابق معاوضو ڏنو وڃي. هن پنهنجو شجرو آخري مغل بادشاهہ بهادر شاهہ ظفر سان ملايو هو... هڪ سرڪس وارو پنهنجي شينهن جو معاوضو گهرڻ آيو.... هڪ صاحب پنج ٽانگا هندستان ڇڏي آيو هو ۽ انهيءَ عيوض هڪ فيڪٽري گهري رهيو هو.“

پنجاب ڪان وڌيڪ سنڌ ۾ ٿيو. پنجاب ڇاڪاڻ تہ انگريزن جي جو فوج جو رڪروٽنگ حلقو هو ۽ Landlocked علائقو هو تنهنڪري ان کي رام ڪرڻ انگريزن جي اولين فرضن ۾ شامل هو. پنجاب، پوري اتر هندستان کي اناج بہ فراهم ڪندو هو تنهنڪري هن اتي زراعت ۽ صنعت کي فروغ ڏنو هو. پر سنڌ ۾ ڪارخانا گهٽ ۽ زرعي زمينون وڌيڪ هيون. سنڌ جو هندو، ڪمائيندو ٻاهر هو پر ملڪيت سنڌ ۾ ٺاهيندو هو

☆ فوٽ نوٽ: شهاب_ص 627

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها سندس زمين سان وابستگي ۽ محبت هئي. ڪشمور کان وٺي ڪراچي تائين هن جا وڏا گهر، ننڍا وڏا ڪارخانا ۽ زرعي زمينون ڇڏي هو هليو ويو تہ ان جا دعويدار هزارين لڏي آيل پيدا ٿي ويا. سنڌ جي ماڻهن تہ مهاجر کي دل ۾ جايون ڏنيون هيون پر انهيءَ جي عيوض ساڻن جيڪي ٿيو تنهن جو ڳاٽيٽو ڪونهي.

اول ڏاڍائي قانوني محاذ تان ٿي. سنڌي مسلمان ابوجهہ هئا. هنن جي زمين جو چڱو موچارو حصو هندو زميندارن وٽ گروي رهندو هو. جيڪو هندو وياج خور زميندارن جي چالبازين ۽ وياج مٿان وياج جي عيوض نيٺ هندو زميندار قبائي ويندو هو. اهڙيءَ طرح سنڌي زميندار، ننڍو ڪاتيدار نيٺ غريب تر ٿيندو ويندو هو جڏهن تہ هندو زميندار متاري کان متارو ٿيندو ويندو هو. ڪنهن قانون جي نہ هجڻ ڪري مسلمان ڪاتيدار هندو زميندارن جي انهيءَ ڦرلٽ کي چئلينج نٿي ڪري سگهيا. نتيجو هيءُ نڪتو تہ "هندن گذريل پنجاه سالن جي اندر قرض ۽ وياج جي صورت ۾ مسلمانن جي 40 سيڪڙو زرعي زمين گروي رکي هئي ۽ پوءِ هنن ڏاڍي مڪاريءَ ۽ عياريءَ سان انهن جا کاتا تبديل ڪرائي ڇڏيا هئا.... اهڙيءَ طرح پاڪستان جي قيام تائين مسلمانن جي ڪل زمين منجهان اٽڪل سٺ سيڪڙو زرعي زمين هندو پنهنجي قرض ۽ وياج جي پڪڙ ۾ پاڻ وٽ گروي رکي چڪا هئا يا انهن جا کاتا پنهنجي نالي تبديل ڪرائي چڪا هئا. پاڪستان جي قيام کان پوءِ، هندن جي اها زمين نہ منتقل ٿيندڙ ماڻهن (مهاجرن) کي ڪليم ۾ ڏني ويئي."[1]

بظاهر هيءَ صورت حال هڪدم ڪونہ پيدا ٿي. 1936 ۾ بمبئي کان ڌار ٿيڻ کان پوءِ، سنڌ اسيمبلي جي ڪن مسلمان ميمبرن انهيءَ مسئلي کي اٿاريو پر اقتدار جي ڪري ڊوڙ ۾ سڀ عوام جي هن ڏکوئيندڙ مسئلي کي وساري ويٺا يا وري هندو ميمبرن جي حمايت وڃائڻ واري خوف ۽ ٻئي مصلحت جي ڪري انهيءَ نازڪ لٽ مار واري مسئلي کي انصاف روءِ حل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي نہ سگهيا. نيٺ جڏهن پاڪستان جو عمل ويجهو اچي ويو تہ جي ايم سيد جي اڳوائي ۾ ڪن ميمبرن هن مسئلي کي کنيو ۽ 1947ع ۾ قيام پاڪستان کان ٿورو اڳ ئي سنڌ اسيمبلي ۾

(1) محمد موسيٰ ڀٽو. "سنڌ مرڳيچيني جا اسباب". مسلمان پبلشنگ هائوس. لطيف آباد. حيدرآباد: 1975ع. ص84

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙو نهراءُ پيش ڪيو جنهن ۾ فيصلو ڪيو ويو هو تہ سنڌ ۾ سنڌي مسلمانن جون هندن وٽ وياج جي طور يا قرض طورگروي رکيل زمينون، اصل مالڪن کي واپس ڪيون وڃن. هيءُ نهراءُ اسيمبليءَ پاس بہ ڪري ڇڏيو هو پر عين انهيءَ وقت 14 آگسٽ اچي ويئي ۽ سمورو سٽاءُ نئون ٿي ويو، تنهنڪري گورنر جنرل جي صحيح ڪانہ ٿي سگهي ۽ اهو نهراءُ قانون نہ بنجي سگهيو، جڏهن تہ انهيءَ جي پيٽ ۾ پنجاب اسيمبلي اهڙو قانون پاس ڪري مسلمان جي زميندارن کي سموريون زمينون ڏياري ڇڏيون.

سنڌ جي مسلمانن سان ٻي زيادتي رهائشي گهرن ۽ دڪانن جي خريداري جي صورت ۾ ڪئي ويئي. اها هئي تہ ڪوبہ مقامي مسلمان ڏهن هزارن کان وڌيڪ ملهہ جو ڪو متروڪ گهر خريد ڪري نہ سگهندو، جڏهن تہ ڪوبہ متروڪ دڪان ڪنهن مقامي مسلمان کي نہ ڏنو ويندو.

ظاهر آهي تہ ڏهن هزارن جو ڪو گهر سنڌ ۾ موجود ڪونہ هو، هندن جا ڇڏيل سمورا گهر لکين رپين جا هئا، جڏهن تہ دڪانن جي خريداري کان هنن کي بنهہ محروم رکيو ويو هو. گهٽو پوءِ 1959ع ۾ ايوب خان جيڪو مارشل لا جو حڪم، ڪوڙن ڪلمين کي رد ڪرڻ لاءِ لاڳو ڪيو، تنهن ۾ سنڌي مسلمانن تي پنهنجي مهرباني ڏيکاريندي مُلهہ جي هن حد ۾ صرف پنجن هزارن جو واڌارو ڪيو.

ٻئي طرف مهاجرن جنهن طريقي ڪوڙا ڪليم داخل ڪري ملڪيتن تي ناجائز قبضا ڪيا هئا تنهن جو پاندو انهيءَ وقت قاتو جڏهن ايوب خان 1958ع ۾ حڪومت تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ جاچ ڪرڻ لاءِ مارشل لا جو هڪ حڪمنامو جاري ڪيو. هن ۾ اهڙن ماڻهن کي چيو ويو تہ هو 31 ڊسمبر 1958ع تائين ڪوڙا ڪليم واپس وٺن نہ تہ پوءِ جاچ ڪرڻ تي اهڙا ڪوڙا ڪليم داخل ڪندڙن کي ست سال سخت پورهئي سان سزا ڏني ويندي. مارشل لا جي مشنري جي اهڙي حڪم تي جيتوڻيڪ گهٽ ماڻهن عمل ڪونہ ڪيو ۽ هيٺئين عملي جي سازش سان وڏائي ڏنل ڪليم برقرار رکيا يا ڪوڙن ڪليمن کي سچو ثابت ڪري ڏيکاريو. تنهن هوندي بہ 18 ڊسمبر 1958ع تائين سنڌ ۾ اهڙا 13 ملين رپين جا ڪوڙا ڪليم رضاڪارانہ طور واپس ڪيا ويا.

پاڪستان نهڻ کان پوءِ، هندن جي ڇڏيل جائداد ۽ خاص ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي زرعي زمينون جيڪي هندو زميندارن چالبازين سان مسلمانن کان ڦبايون هيون، تن جي واپسي يا گهٽ ۾ گهٽ ملهہ تي سنڌي ملسمانن کي ڏيارڻ لاءِ سنڌ جي عيوضين ڏاڍا جتن ڪيا، پر مرڪز ۾ ويٺل "عيوضين" صرف اهو چيو تہ انهن تي انهن ماڻهن جو حق آهي جيڪي پنهنجو گهر ٻار ڇڏي ڏتڙجي آيا آهن. سنڌي مسلمان پنهنجي زمين تي ئي ٻي گهر رهيا. هن زيادتي کي وڏيڪ جٽاهن سبب ڪرڻ بہ مليو تہ سنڌ جا سياستدان، جيڪي سڀ جا سڀ سرمائيدار طبقي، وڏيرڪي ۽ جاگيردارانہ گهراڻي سان تعلق رکندا هئا، سي اقتدار جي ويڙهہ ۾ هڪٻئي جي چنڊاپٽ ڪندا رهيا ۽ سنڌ جو ماڻهو هن زيادتي کي صبر سان سهندو رهيو. سنڌ جي مسلمانن اهوئي سمجهيو هو تہ آزادي کان پوءِ کين سماجي انصاف مهيا ٿيندو پر هو انهيءَ ۾ پليل هئا. قيام پاڪستان، هڪ تاريخي موڙ هو جنهن اهڙو موقعو فراهم ڪيو هو پر سنڌ جي ماڻهن لاءِ اهو صرف آقائن جي تبديلي ثابت ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 4

# ابتدائي حڪومتي مسئلا- بحران جي ابتدا

هڪ نئين ملڪ جي حيثيت ۾ پاڪستان جي پهرين حڪومت آڏو ڪئين مسئلا ڪڙا ٿي ويا. لڪين مهاجرن جي آباد ڪرڻ جو مسئلو ته گهڻي ڀاڱي هتان جي ماڻهن جي مدد سان حل ٿي رهيو هئو. ڪين زرعي زمينون، رهائشي گهر ۽ روزگار ملي ويو. پر سڀ کان اهم مسئلو جيڪو اڳتي هلي نئين ملڪ جي سياسي ۽ حڪومتي ڍانچي جو بنياد بنجڻو هو، سو هو سياسي تنظيم جو.

اجا تاريخ دان ۽ محقق اهو طئي ڪري نه سگهيا آهن ته قائداعظم جو ملڪي سياسي نظام جي باري ۾ ڪهڙو خيال هو، جنهن جو وڏو ڪارڻ اهو آهي ته هو قيام پاڪستان کان پوءِ تمام ٿورو عرصو زنده رهيو. دراصل ائين سوچڻ تاريخ سان ڏاڍائي آهي ڇاڪاڻ ته جيتوڻيڪ قائداعظم تمام گهٽ وقت جيئرو رهيو ، پر انهيءَ ٿوري وقت اندر به هن اهڙي حڪومتي نظام جو خاڪو بيان ڪري ڇڏيو هو. پر ڇاڪاڻ ته سياستدا نءِ مسلم ليگ ۾ اندر ڪي خودپرست سياستدان، سندس خيالن کي قبول نٿي ڪيو تنهنڪري هنن انهن خطوط تي عمل ڪرڻ بدران انهن کي پوئتي ڌڪيندا ٿي رهيا. هن نڪتي تي اسان اڳتي بحث ڪنداسين. في الوقت حقيقت هيءَ آهي ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، زندگي کيس جيڪو ٿورو وقت ڏنو، سو ملڪي انتظام بابت ۽ فوري طور آڏو مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ صرف ڪيو، تنهن ڪري آئين سازي ۽ ٻئي قانوني ڪم تي توجهه ڏيڻ جي کيس مهلت ئي ڪانه ملي. اهوئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارڻ آهي تہ هو مستقبل جي آئيني ڍانچي ۽ نظام- حڪومت بابت هر ڪو خاڪو ڏيئي نہ سگهيو پر مختلف موقعن تي پنهنجي تقريرن ۾ هن جيڪي ڳالهيون ڪيون تن مان بہ ڳالهيون واضح ٿيون:

هڪ تہ هيءَ ملڪ جمهوري وفاق هوندو يعني ان ۾ سياسي حاڪميت عوام جي هوندي، ۽ ٻيو تہ هر شهري، مذهب جي امتيازڪان سواءِ ان ۾ شريڪ هوندو.

آخري نڪتو، قائداعظم جي وفات کان پوءِ سياستدانن جي درميان خاصي بحث جو موضوع بڻيو رهيو آهي تہ بانيءِ پاڪستان جو اشارو ڪنهن سيڪيولر ملڪ جي طرف تہ ڪونہ هو، انهيءَ سلسلي ۾ 11- آگسٽ 1947ع تي دستور ساز اسيمبلي جي پهرين اجلاس کي خطاب قابل ذڪر فڪري نڪتو مهيا ڪري ٿو:

> "هاڻي اوهان آزاد آهيو. اوهان پنهنجي مندرن وڃڻ لاءِ آزاد آهيو. اوهان پنهنجين مسجدن يا ٻين عبادتگاهن ڏانهن وڃڻ ۾ آزاد آهيو. اوهان ڪنهن بہ مذهب، ذات يا نسل سان واسطو رکندڙ هجو، انهيءَ جو مملڪت جي ڪم سان ڪو واسطو ڪونهي... هن ملڪ جي شهرين جي حيثيت سان مسلمانن ۽ غير مسلمانن ۾ ڪو فرق نہ هئڻ گهرجي... اسان کي هيءَ نصب العين آڏو رکڻ گهرجي ۽ اوهان ڏسندو تہ اهڙو وقت آڏو ايندو جو هندو ۽ مسلمان مذهب جي لحاظ کان ضرور هندو ۽ مسلمان رهندا ڇاڪاڻ تہ مذهب هر ماڻهوءَ جو ذاتي معاملو آهي، ليڪن سياسي لحاظ کان هن ملڪ جي شهرين جي حيثيت ۾ هندو ۽ مسلمان ۾ تميز باقي نہ رهندي."

هن تقرير مان اهو ظاهر ٿو ٿئي تہ قائد اعظم هن ملڪ کي اسلام جي نالي ۾ حاصل ڪيو هو ۽ هن ان کي اسلامي ملڪ ٺاهي سڏيو پر حڪومتي نظام کي آزاد رکڻ تي گهريو، البتہ انهيءَ ۾ "اهڙو وقت اچڻ" لازمي شرط هو. اهوئي ڪارڻ آهي تہ بعد ۾ جڏهن 14- ڊسمبر 1947ع تي مسلم ليگ جي تنظيمِ نو لاءِ اجلاس گهرايو ويو تہ حسين شهيد سهروردي جي اها تجويز بہ ويچار هيٺ آئي تہ "هاڻي ڇاڪاڻ تہ مسلم ليگ کي مسلمانن سميت سمورن باشندن جي حفاظت بہ ڪرڻي آهي، تنهنڪري انهيءَ جو نالو بدلائي "پاڪستان ليگ" رکيو وڃي." پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قائداعظم في الحال ائين ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني ۽ مسلم ليگ ٿي رهڻ ڏنو.

چٽن ڏينهن کان پوءِ بي بي سي وارن قائداعظم کان هڪ انٽرويو ورتو جيڪو 19- ڊسمبر 1947ع تي نشر ٿيو جنهن ۾ قائداعظم چيو:

"اجا اهڙي سياسي تنظيم جو وقت ڪونهي آيو. اجا مسلمانن جي راءِ عامہ انهيءَ لاءِ تيار ناهي، اسان کي جمهوريت جي اهڙن نعرن جي جادو ۾ نہ اچڻ گهرجي جيڪا حقيقتن تي ٻڌل نہ هجي... ليڪن پاڪستان ۾ هڪ خالص مسلم تنظيم قائم ڪرڻ ناقابل تبديل ڪونهي. جيڪڏهن بدليل حالتن ۾ انهيءَ ڳالهہ جي ضرورت پئي تہ ان کي بدلي سگهجي ٿو. سياست ۾ ڪابہ شيءَ جامد ۽ آخري نہ هوندي آهي." 19 فيبروري 1947ع تي آسٽريليا جي ريڊيو تان خطاب ڪري چيائين: "پاڪستان مذهبي رياست ڪونہ ٿيندو" ۽ اهڙو اظهار امريڪا جي ماڻهن کي خطاب ڪندي ورجاياائين.

اها ئي ڳالهہ، جناح نہ صرف ورجائي بلڪہ، چٽگانگ واري عام جلسي (24 مارچ 1948ع) کي خطاب ڪندي بنهہ واضح لفظن ۾ اعلان ڪيو: "پاڪستان جو بنياد سماجي انصاف ۽ اسلامي سوشلزم تي هوندو جيڪو انساني مساوات ۽ اخوت تي زورڀريو ٿو."

قدرت قائداعظم کي ايتري مهلت ڪانہ ڏني، ليڪن انهيءَ کان انڪار ڪونهي تہ باني پاڪستان کي اهڙي "موزون وقت" جو انتظار ضرور هو جتي هن وٽ حڪومتي سرشتي تي نظرثاني ڪرڻ جي گنجائش هجي. ان وقت سرحد جو خان غفار خان ۽ اوپر پاڪستان جي ڪميونسٽ پارٽي بہ انهيءَ نڪتہ نظر جون حامي هيون.

بهرحال، هي اهوئي وقت هو جڏهن ملڪ جي سياسي افق تي پهرين بحران جا آثار نمودار ٿيا. خان لياقت علي خان کي مسلم ليگ جو ڪنوينر چونڊيو ويو، جنهن کانپوءِ چوڌري خليق الزمان کي چيف آرگنائزر نامزد ڪيو ويو، جنهن ڪري پارٽيءَ ۾ اندر ڪئين اختلاف پيدا ٿي پيا ۽ انهن جي ڪري مملڪتي توڙي سياسي نظام متاثر ٿيڻ لڳو.

هن بحران جا ڪيئي رخ هئا. هڪ طرف مهاجرن جي آمد جو سلسلو جاري هو تہ ٻئي طرف آيلن کي آباد ڪرڻ جو ڏکيو مرحلو آڏو هو. ڪرنسي جو مسئلو ۽ واپار جو دٻاءُ پنهنجي پنهنجي حدن اندر اثر ڏيکاري رهيا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڪز ۾ تہ انهن مسئلن جو اثر انداز ٿيڻ ضروري امر هو پر صوبا بہ انهيءَ کان بچي نہ سگهيا. سياسي مونجهارا ۽ وڳوڙ پنجن ئي صوبن ۾ پکڙجي رهيا هئا. سنڌ ۾ محمد ايوب کهڙي جي وزارت کي ڊسمس ڪري، پير الاهي بخش کي وزير اعليٰ بنايو ويو تہ پنجاب ۾ ميان ممتاز دولتانہ، سردار شوڪت حيات ۽ ميان افتخار ممدوٽ جي درميان رسہ ڪشي شروع ٿي ويئي. سرحد ۾ خان غفار خان ۽ ڊاڪٽر خان صاحب ڏارا بيچيني جو شڪار هئا. ٻين صوبن ۾ تہ جيئن تيئن، پر پنجاب ۾ سياسي ڏڦير دور ڪرڻ ۾ قائداعظم جو تمام گهڻو وقت صرف ٿيو.

وفاقي دارالحڪومت جو مسئلو سڀ کان وڌيڪ پريشان ڪندڙ هو. اولہ پاڪستان ۾ واحد بندرگاهہ جي حيثيت ۾ ڪراچي جي اهميت وڌيڪ هئي تنهنڪري قائداعظم هن شهر کي وفاقي گاديءَ جو هنڌ قرار ڏنو جتي هندستان کان آيل مهاجرن جي تعداد سبب ڏينهون ڏينهن مسئلا وڌي رهيا هئا. بلوچستان پري ۽ گهٽ وسيلن جي ڪري مهاجر اتي ڪونہ پهتا، تنهڪري اتي ڪو مسئلو پيدا ٿي نہ سگهيو. سرحد سان هندستان جي سرحد ڳنڍيل ڪانہ آهي تنهنڪري اتي بہ فوري آبادي نہ ٿي سگهي. پنجاب ۾ گهڻو ڪري اوير پنجاب جا مهاجر پهچي سگهيا تنهنڪري اتي بہ گهٽي آبادڪاري جي گنجائش ڪانہ رهي. چاڪاڻ تہ مهاجرن جو گهڻو زور راجستان واري سرحد کان ٿيو، تنهنڪري سمورو زور سنڌ تي رهيو. لکين ماڻهن لاءِ فوري طور اجهي، لٽي ۽ روزگار جو بندوبست ڪرڻ ڏکيوئي نہ، بلڪ ناممڪن هو. تنهن هوندي بہ سنڌ جي وسيع دل ماڻهن اها گنجائش ڪڍي جنهن ڪري سنڌ جي وسيلن تي ڏاڍو بار پيو.

دستورسازي جو مسئلو اجا گهڻو پري هو. صوبن ۾ وزارتن تان جهيڙو جاري هو. پنجاب ۾ هاڻي جهيڙي ٻيو رخ اختيار ڪري ورتو هو ۽ هاڻي افتخار محمد ممدوٽ، فيروز خان نون ۽ ميان ممتاز محمد دولتانہ جي وچ ۾ اختلاف هو، جڏهن تہ سرحد صوبي ۾ خان عبدالقيوم خان، پير مانڪي شريف ۽ ٻين سان ناهہ ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ هو. اوير پاڪستان جتي قائداعظم جي وفات تائين ڪو اختلاف ڪونہ اُڀريو هو. اتي هاڻي سنجيده سياسي مسئلا اڀرڻ لڳا هئا. قائداعظم جي وفات کان پوءِ خواجہ ناظم الدين گورنر جنرل جو عهدو سنڀاليو جيڪو انتظامي لحاظ کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمزور سربراهه ثابت ٿيو. چاڪاڻ ته هو به مملڪتي نظام کي ناهڻ ۽ سنڌرڻ بدران، وزارتون ناهڻ ۽ رنل سياستدانن کي پرچائڻ ۾ رڌو رهيو.

اولهه پاڪستان (ان وقت) ۾ پنجاب جي سياسي شورش تڪليف ده هئي. افتخار محمد خان ممدوٽ ان وقت وڏو وزير هو. پر هن جي پاليسين جي ڪري سموري پنجاب جي سياسي گهاڙيٽي ۾ ڦيٽاڙو پئجي ويو هو. انهيءَ جو هڪ ڪارڻ اهو هو جو هو هر سياسي گروپ کي راضي ڪري پاڻ سان گڏ رکڻ گهرندو هو. نتيجو اهو نڪتو جو چار ميمبر گڏجي ڪيس اکيون ڏيکاريندا هئا ته تپيدار ۽ مختيارڪار جي بدلي ڪرائي ايندا هئا. شام جو وري جڏهن ٻيو گروپ وٽس ويندو هئو ته هو بدلي روڪي ڇڏيندو هو. دولتانه، پنهنجي پارلياماني گروپ ۽ دوستن لاءِ سنو وزير اعليٰ هئو پر هن جي فيصلي واري قوت اهڙي ڪانه هئي جو هيڏي وڏي صوبي ۾ سياسي استحڪام پيدا ڪري سگهي. نتيجي طور مرڪز کي مداخلت ڪرڻي پئي. اهي ناهه جون ڪوششون به ناڪام ٿي ويون ۽ ڪوبه ممدوٽ جي ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار ڪونه هو. لاچار ٿي، 1949ع جي پهرين مهيني ۾ وزير اعظم لياقت علي خان پنجاب اسيمبلي ٽوڙي اتي گورنر راڄ لاڳو ڪري ڇڏيو جنهن ذريعي مرڪز سڌو سنئون پنجاب جي معاملن کي هلائڻ لڳو. پنجاب جي سياسي حالت ايتري خراب هئي جو اتان جي سمورن سياسي گروپن گورنر راڄ وارو زهريلو ڍڪ پيرڻ قبول ڪيو پر پاڻ ۾ نهي هلڻ ۽ صوبائي معاملا پاڻ ۾ نبيرڻ واري ڳالهه کي قبول نه ڪيو.

سرحد صوبي ۾ صورت حال، ڪا ٻين صوبن کان پنتي ڪانه هئي. پير صاحب مانڪي شريف هڪ طرف منهن ڪيو وينو هو ته خان عبدالقيوم پنهنجي ديگڙي ڏار چاڙهي وينو. اصل مسلم ليگ ڏار ٿي هئي جنهن کي ماڻهن سچاتو ٿي. پر هنن ٻن نون ڏڙن جي ڪري اها مسلم ليگ عام ماڻهن جي نظرن کان اوجهل رهڻ لڳي تان جو حسين شهيد سهروردي اوير پاڪستان ڇڏي اچي لاهور ۾ تپڙ رکيا. سهروردي تمام ڏاهو ۽ تيز ماڻهو هو. شاگردن واري سياست مان نڪري قانون پڙهيو ۽ قانونداني جي ڪري وري سياست ۾ داخل ٿيو. چند ڪيس به وڙهي وينو جنهن ڪري ٿوري عرصي ۾ لاهور ۾ چڱو نالو ڪڍي ورتائين. نيٺ فيبروري 1950ع ۾ ڪنوينشن گهرائي عوامي مسلم ليگ ناهيائين ۽ پاڻ ان جو سربراهه ٿي وينو.

مرڪز ۾ ايجيٽيشن اڳ ۾ ئي نمودار ٿي چڪو هو. هنن اختلافن جو ڪارڻ اهو اصول هو تہ پارٽي عهديدار، حڪومتي عهدا نٿا سنڀالي سگهن. چوڌري خليق الزمان کي پارٽي عهدو ڇڏڻو پيو جنهن ڪري لياقت علي خان کي سربراهہ چونڊيو ويو. صوبن کي بہ ائين ڪرڻو پيو. مارچ 1951ع ۾ خان قيوم سرحد جو وزير اعليٰ ٿي ويو ۽ سنڌ ۾ کهڙو پاڻ وزير اعليٰ ٿي قاضي فضل الله کي وزير تائين محدود رکيو.

پنجاب اڄا گورنري راڄ هيٺ هو. جنهن اتان جي سردارن، ۽ چوڌرين کي پارٽي کان متنفر ڪرڻ شروع ڪيو. پنجاب جو چوڌري ۽ لمبردار اقتدار جي ڏيڏي کان ڏار رهڻ برداشت نٿو ڪري سگهي تنهن ڪري هن مسلم ليگ جي ورڪرن کي آهستي آهستي برغلائڻ شروع ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح مرڪز جي خلاف قوتون جمع ٿيڻ شروع ٿيون. هنن گورنر موڊي تي الزام هڻڻ شروع ڪيا تہ ڪنهن ڪابينہ ۽ چونڊيل ميمبرن جي غير موجودگي ۾ پنهنجن ماڻهن کي نوازي رهيو هو. موڊي لاءِ اها ڳالهہ قابل برداشت ڪانہ هئي تنهنڪري هن استعيفا ڏيئي ڇڏي جنهن جي نتيجي ۾ سردار عبدالرب نشتر کي پنجاب جو گورنر بنايو ويو.

مسلم ليگ ۾ پيچ ڊاهہ شروع ٿي ويئي هئي ۽ هاڻي اها ڳالهہ يقيني ٿي ويئي هئي تہ اها متحده پارٽي نٿي رهي سگهي. گروهي سياست ۾ ائين ٿيڻ تہ لازمي امر آهي پر انهيءَ سان مختلف سياسي سوچ رکندڙ ماڻهن ۾ اهو خيال بہ اڀريو تہ ڪي سيڪيولر پارٽيون قائم ڪيون وڃن. جن جي منشور ۽ مقاصد ۾ مذهبي پابنديون نہ هجن يا وري هجي تہ ان ۾ هر نڪتہ نظر جو ماڻهو شامل ٿي سگهي. اوڀر پاڪستان ۾ اهڙيون پارٽيون ڪم ڪري رهيون هيون ۽ اولهہ پاڪستان ۾ بہ سهروردي جي اچڻ سان اهو خيال جنم وٺڻ لڳو. بهرحال 1950ع جي وچ ڌاري انهيءَ خيال ابتدائي عملي شڪل وٺڻ شروع ڪئي.

سهروردي، پيرمانڪي شريف سان گڏجي، پاڪستان عوامي ليگ جو بنياد وڌو جنهن ۾ مسلم ليگ جا ڪئين همدرد بہ شامل ٿي ويا. بهرحال انهيءَ پارٽيءَ کي هو مڪمل طور سيڪيولر پارٽي جو درجو ڏيئي نہ سگهيو. انهيءَ عرصي دوران اوڀر پاڪستان ۾ مولانا عبدالحميد ڀاشاني مسلم ليگ واري نورالامين جي ڪابينہ کان ڌار ٿي عوامي ليگ ناهي ورتي. سهروردي، پنهنجو اهو پراڻو ناتو بہ ٽوڙي نہ سگهيو. اڪٽوبر

1950ع ڌاري نواب ممدوٽ پنهنجي ڌار مسلم ليگ "جناح مسلم ليگ" نالي ٺاهي ورتي. سهروردي، تکو ۽ مخلص سياسي ڪارڪن هو تنهنڪري ممدوٽ ان کي پاڻ سان رکڻ لاءِ ڪيس پاڻ ڏانهن سوريو. نيٺ ڪيس پنهنجو ڪري ورتو ۽ هڪ نئين پارٽي "جناح عوامي مسلم ليگ" ٺاهي. هنن ٻنهي جو اهو تعلق ڪوئي ٽي سال هلندو رهيو. سهروردي جي تربيت ۽ سياسي نڪتہ نظر اولهہ پاڪستان جي سياستدانن کان ڌار هو تنهنڪري ممدوٽ سان وڌيڪ ساٿ ڏيئي نہ سگهيو ۽ نيٺ پنهنجي پارٽي کي اوڀر پاڪستان جي عوامي ليگ سان ملائي هڪ ڪري ڇڏيو. انهيءَ صورت ۾ نواب افتخار ممدوٽ وٽ ٻيو ڪو رستو ڪونہ هو تہ هو پنهنجي پارٽيءَ کي ڌار وجود ڏئي. تنهنڪري هن سنڌ ٺي آزاد پاڪستان پارٽي ٺاهي جيڪا گهڻو عرصو نہ هلي سگهي.

انهيءَ کان اڳ ملڪ ۾ غير مذهبي سياسي جماعت ٺاهڻ جي ڪوشش جي-ايم- سيد ۽ خان عبدالغفار خان 1948ع ۾ ڪئي هئي جنهن جي نتيجي ۾ "پيپلز پارٽي" جو اعلان ڪيو ويو هئو. مئي 1948ع ۾ اها پارٽي باقاعدي وجود ۾ آئي پر انهيءَ کان اڳ جو انهيءَ جون شاخون قائم ٿين، 15 جون 1948ع تي خان غفار خان کي فرنٽيئر ريگيوليشنز تحت ٻن سالن جي سزا اچي ويئي ۽ پيپلز پارٽي عملي شڪل وٺي نہ سگهي.

سياسي اٿل پٿل، ڀڃ ڊاهہ ۽ پارٽين نهڻ ۽ ڊهڻ جا هي واقعا ايڏي تيزي سان نمودار ٿيا جو پاڪستان جي ابتدائي سالن ۾ نہ تہ ڪو سياسي نظام بنياد پڪڙي سگهيو ۽ نہ وري ان جو ڪنهن کي موقعو ۽ وقت مليو. جيڪڏهن ڪنهن کي موقعو مليو تہ صرف انهيءَ ۾ ضايع ٿيو تہ ڪهڙيءَ طرح اقتدار کي سنڀالي رکجي. نتيجي طور نہ تہ ڪو معاشي پروگرام مرتب ٿي سگهيو نہ وري ڪا اهڙي نظرياتي تحريڪ اُڀجي سگهي، جنهن جو اثر اڳتي ملڪ جي مستقبل تي پيو، ۽ جنهن جا ڀيانڪ نتيجا اسان کي ڀوڳڻا پيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 5

# قائداعظم جي رحلت، ڪراچي جي جدائي، سنڌ ۾ جوڙتوڙ

اڳين صفحن ۾ اسان اهوئي ٻڌائي چڪا آهيون ته پاڪستان ٺهڻ جي پهرين ڏينهن کان وٺي بحران شروع ٿي ويا هئا. هن ۾ ٻن قسمن جا بحران هئا: هڪ جيڪي وسيلن گهٽ هئڻ ڪري هڪ نئين ملڪ کي درپيش اچڻ گهرجن ۽ ٻيا اهي جيڪي نوابن، جاگيردارن، وڏيرن، خانن ۽ سردارن جي لالچي سياست جي ڪري پيدا ٿيڻ گهرجن. هتي هيءَ ياد رکڻ گهرجي ته اجا ملڪي سياست ۾ مذهبي جنون پرستي ڪنڌ نه کنيو هو، پر اهو گهٽو پري به ڪونه هئو.

جون 1948ع ۾ قائداعظم جي حالت خراب ٿي ويئي ۽ کيس ڊاڪٽرن جي صلاح سان ڪوئيٽا جي پرسان زيارت ۾ آرام ڪرڻ لاءِ رکيو ويو جتي صرف سندس ڀيڻ فاطمه جناح ۽ هڪ ٻي خاتون سيڪريٽري طور ترسيل هئي ۽ نيٺ 11- سيپٽمبر 1948ع تي جڏهن سندس حالت وڌيڪ خراب ٿي ته کيس ڪراچي آندو ويو پر اهو سفر تمام تڪليف وارو هو. ڪوئيٽا کان ڪراچي تائين ٻن ڪلاڪن جو سفر جيڪو آڪسيجن جي ڪمي جي ڪري تمام اٽانگو هو پر وڌيڪ اٽانگو ماريپور ايئرپورٽ کان وٺي گورنر جنرل هائوس تائين وارو هو. جڏهن کيس کڻي ايندڙ ايمبولنس اڌ رستي ۾ پيٽرول ختم ٿيڻ ڪري بيهي رهي.

ايئرپورٽ کان وٺي گورنر جنرل هائوس تائين قائداعظم کي تمام نازڪ حالت ۾ هڪ اسٽريچر تي ايمبولينس ۾ آندو ويو جنهن ۾ مس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فاطمه جناح ۽ سسٽر ڊنهم گڏ هيون جنهنجي پويان گورنر جنرل جو ملٽري سيڪريٽري ۽ ڊاڪٽر الاهي بخش، گورنر جنرل جي ڪيڊيلڪ ۾ هئا. ”پر جڏهن هوائي اڏي کان چار ميل پري پهتا ته ايمبولينس اها هڪ جهٽڪي سان بيهي رهي. خبر پئي ته ان مان تيل ختم ٿي ويو هئو... قائداعظم انهيءَ حالت ۾ پيو هئو. هن جو دم گهٽجي رهيو هئو ۽ اها حالت هڪ ڪلاڪ جاري رهي جنهن کان پوءِ هڪ ٻي ايمبولينس آئي تڏهن قائداعظم کي گورنر جنرل هائوس پهچايو ويو... منهنجي زندگي ۾ ڪو ڪلاڪ ايترو ڏکيو ڪونه گذريو هوندو.“ (1)

چند ڪلاڪن کان پوءِ قائداعظم ابدي خاموشي ۾ هليو ويو.

قائداعظم جي وفات فطري هئي. قائداعظم کي معلوم هو ته ڪيس ڪهڙي بيماري هئي پر هو انهيءَ جو ذڪر هن طرح ڪندو هو ته آءُ گذريل 14 سالن کان 14 ڪلاڪ روز ڪم ڪندو رهيو آهيان انهيءَ جي پرواهه ڪرڻ ڪانسواءِ ته مون کي ڇا آهي. سابق انگريز حڪمرانن کي به معلوم هو ته کيس ڇا آهي ۽ غالبا هنن آزاديءَ جو شيڊيول سندس صحت کي آڏو رکي ناهيو هو. سندس ڀيڻ مس فاطمه جناح ته پوري ڇمار ساڍا ساٺ ڏنو تنهنڪري هن کان وڌيڪ ٻيو ڪو باخبر شخص ٿي نٿي سگهيو. البته ٽيون ماڻهو لياقت علي خان هو جنهن کي انهيءَ جي ساري چارٽ ٿي ڪانه هئي بلڪ واقعن جو تسلسل ائين ٿو ٻڌائي ته وزيراعظم جي طور تي هن کي ڪنهن خاص وقت جو انتظار هئو.

اپريل 1948ع کان قائداعظم جي طبيعت ۾ ڪمزوري جو علامتون واضح طور اڀرڻ لڳيون هيون. جيڪي ڪيس معمول مطابق ڪم ڪرڻ کان روڪي رهيون هيون پر هو ايستائين ڪم ڪندو رهيو جيستائين صفا پٽ نه پئجي ويو. مسلم ليگ جو سمورو ڪم مجلس عامله جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. سردار عبدالرب نشتر کي مسلم ليگ جو صدر ۽ چوڌري خليق الزمان، چيف آرگنائزر هو پر تنهن هوندي به سمورا نازڪ مسئلا قائداعظم کي پيش ڪيا ويندا هئا. قائداعظم جي شخصيت جو هڪ اهم پهلو هيءُ هئو ته هن جو فيصلو، قائداعظم جو فيصلو ٿي نه پر پارٽي جو فيصلو به سمجهيو ويندو هئو تنهنڪري هڪ گهمري. قائداعظم ڪو فيصلو ڪيو ته پارٽي انهيءَ کي رهبر اصول سمجهندي

(1) جناح، فاطمح ماءِ برادر ص ص37،38

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي جيتوڻيڪ اهڙن ڪيترن فيصلن جو اثر غلط ثابت ٿيو. انهن ۾ ڪئين فيصلا صوبائي حڪومتن، صوبائي ليڊرشپ ۽ صوبن جي اختيارين جي باري ۾ هئا. ڪراچي کي وفاقي حڪومت جي ڪنٽرول ۾ ڏيڻ انهن مان اهڙوئي فيصلو هئو، ليڪن ايئن چوڻ تہ اهو فيصلو صرف قائداعظم جو هو، سراسر غلط آهي، بلڪ ان ۾ مسلم ليگ جي مرڪزي قيادت ئي مکيہ ذميدار هئي جنهن قائداعظم کي غلط صلاح ڏيئي سنڌ جي جذبن جو ڪو خيال ڪرڻ بغير ائين ڪرڻ تي آماده ڪيو جنهن سان اڳتي هلي مرڪز۔ صوبن جي لاڳاپن ۽ صوبائي قيادت، هنن جي اختيارين ۽ ٻين مسئلن تي ڏاڍو گهرو اثر پيو. ۽ انهيءَ ڪرڻ ۾ لياقت علي خان جو سيني کان وڌيڪ هٿ هئو.

ٿيو هيئن تہ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، ملڪ کي هڪ گاديءَ جي گهرج هئي. اولهہ پاڪستان جي جاگيردار سياستدانن کي اهو هرگز پسند ڪونہ هئو تہ اهڙي گادي اوڀر پاڪستان ۾ قائم ٿئي ڇاڪاڻ تہ اهڙيءَ طرح اقتدار جو مرڪز بنگالين وٽ پهچي ويندو ۽ اولهہ پاڪستان جا جاگيردار ۽ وڏيرا انهيءَ "سعادت" کان محروم ٿي ويندا.

3۔ مئي 1948ع تي دستور ساز اسيمبلي، ٺهراءُ پاس ڪري ڪراچي کي وفاقي گادي ناهڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو ۽ ان جو سمورو انتظام مرڪز جي حوالي ڪري ڇڏيو. بظاهر اهو فيصلو اسيمبلي جو هو پر ڪراچي جو انتخاب قائداعظم ڪيو هئو. ان وقت سنڌ جو وڏو وزير محمد ايوب کهڙو هئو جيڪو طبعاً سخت مزاج، چڙچڙو ۽ ڪينہ پرور هئو. هن جو حڪومت هلائڻ جو پنهنجو انداز هئو. هن جي سموري ڪوشش اها هوندي هئي تہ کهڙو بہ طريقو اختيار ڪجي، اقتدار هن وٽ ئي رهي ۽ هن جي فيصلي کي ئي حڪومت ۽ ماڻهن جو فيصلو سمجهيو وڃي. انهن ئي ڏينهن ۾ سنڌ جي اندر ٻيا بہ ڪئين سياسي گروهہ ۽ پارٽيون ڪم ڪري رهيون هيون ۽ پاڪستان ۽ ٻين صوبن وانگي هتي بہ هر سياسي چال اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ هئي.

(خان بهادر) ايوب کهڙو، ان وقت سنڌ جو وزير اعليٰ ئي ڪونہ هئو پر سنڌ مسلم ليگ جو بہ صدر هئو. کهڙي کي سنڌ جي مسئلن ۾ مداخلت ڪرڻ جي اڏارتي، مرڪزي مسلم ليگ ۽ مرڪزي حڪومت سان اڳيئي اختلاف هئا تنهنڪري موقعي جي تاڙ ۾ هئو تہ کهڙيءَ ريت پنهنجو پلئہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ وٽي ۽ سنڌ ڪابينہ ۾ پنھنجن مخالف گروپن جي بہ حمايت حاصل ڪري. آئيندي لاءِ راھہ بہ ھموار ڪري پر ھو ڪنھن نئيندي وڏي مسئلي کي آڏار بنائڻ لاءِ تيار ڪونہ ھئو تنھن ڪي ڪراچي کي وفاقي حڪومت حوالي ڪرڻ وارو قانون ساز اسيمبليءَ جو ٺھراءُ ھٿ اچي ويو. تنھن موقعو غنيمت ڄاڻيندي انھيءَ فيصلي جي مخالفت ڪري وڌي. کھڙي کي توقع ھئي تہ صوبي ۾ اڪثريتي ليڊر ھئڻ جي لحاظ کان مرڪز ھن کي ڪجھہ نہ چوندو پر قائداعظم پنھنجي جاءِ تي قائم ھئو ۽ پنھنجي فيصلي کي بدلائڻ لاءِ ھرگز تيار نہ ھئو. قائداعظم ان وقت ڊاڪٽرن جي صلاح موجب زيارت ۾ ھئو ۽ اھم سرڪاري ڪاغذ اتي ئي گھرائيندو ھئو. کھڙي جي مخالفت ۽ صوبائي پارليماني پارٽي جي رويي جو ٻڌي قائداعظم فوري طور مرڪزي مسلم ليگ کان رپورٽ گھرائي ورتي ۽ ان بعد سنڌ جي گورنر کي کھڙي جي برطرفي لاءِ چيو. گورنر، کھڙي کي نہ صرف وزارت اعليٰ تان لاھي ڇڏيو پر بدعنواني، رشوت خوري ۽ بدانتظامي جو مقدمو داخل ڪري ڪيس ٽربيونل حوالي ڪري ڇڏيو. کھڙو پاڪستان ۾ پھريون وزير اعليٰ ھئو جنھن کي اھڙيءَ طرح برطرف ڪيو ويو ھجي.

کھڙي کان پوءِ 3 مئي 1948ع تي پير الاھي بخش کي سنڌ جو وڏو وزير مقرر ڪيو ويو. کھڙو تمام تيز، چالاڪ ۽ ضدي ماڻھو ھئو. ھن کي پنھنجي اقتدار ڪانسواءِ ڪا ڳالھہ ڪانہ وڻندي ھئي، پوءِ پلي انھيءَ لاءِ ڪيس پنھنجن مخالفن سان ملڻو پوي. سڀ کان وڏي ڳالھہ تہ سنڌ مسلم ليگ جو صدر بہ ھئو انھيءَ ڪري ڪابينہ کان ٻاھر ھوندي بہ ڪابينہ جا سمورا وزير سنڌ مُٺ ۾ ھئا. کھڙي، مرڪزي مسلم ليگ ۽ قائداعظم جي فيصلي تي پنھنجي ناراضگي ظاھر ڪرڻ لاءِ سنڌ مسلم ليگ جي ميمبرن کي پنھنجو ھمخيال بنائي ڪراچيءَ جي مسئلي تي تحريڪ ھلائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ انھيءَ لاءِ ھڪ ڏينھن يوم احتجاج ملھائڻ جو اعلان ڪيو. انھيءَ سان گڏوگڏ مسلم ليگ ڪائونسل کان ھڪ ٺھراءُ پاس ڪرائي مرڪز جي فيصلي کي رد ڪري ڇڏيو. نہ فقط ايترو پر وزيرن کي ھدايت ڪيائين تہ ”ڪراچي جي مسئلي تي مرڪزي حڪومت جي حق ۾ پنھنجي ڪنھن حق ۽ اختيار تان ھٿ نہ کڻن.“[1] ۽ جيڪڏھن انھيءَ کان پوءِ وري بہ حڪومت سنڌن ڳالھہ نہ مڃي تہ استعيفائون ڏيئي

(1) پاڪستان ٽائيمس، لاھور 12 جون 1948ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪراچي جي مسئلي تي وري چوندون لڙن.

ممڻ تنهن وقت وڏيڪ متو جڏهن قائداعظم سنڌ مسلم ليگ ڪائونسل جي ٺهراءُ پاس ٿيڻ بابت اخبارن ۾ پڙهيو. ڪائونسل جي ٺهراءُ پاس ڪرڻ ۾ جيتوڻيڪ سمورا ميمبر شامل هئا پر ڪي سنجيده ميمبر بہ هئا، هاشم گذدر انهن مان هڪ هئو. هن کهڙي کي صلاح ڏني تہ احتجاج واري ڏينهن ملهائڻ کان اڳ قائداعظم سان ملي ڪيس سنڌ جو ڪيس پيش ڪرڻ ضروري هئو. کهڙي پنهنجن ساٿين جي صلاح سان اها ڳالهہ قبول ڪئي ۽ پنهنجن ماڻهن جو وفد ونی زيارت ويو. قائداعظم کين ٻڌي، اها ڳالهہ چئي تہ پهريائين يوم احتجاج ملهائڻ جو فيصلو واپس ورتو وڃي. ان کان پوءِ کين يقين ڏياريائين تہ ڪراچي کي وفاقي گادي بنائڻ جو بار سنڌ جي وسيلن تي ڪونہ پوندو ڇاڪاڻ تہ مرڪزي حڪومت پاڻهي گهر ناهيندي جن ۾ مرڪزي حڪومت جا ماڻهو رهندا ۽ جيڪي گهر يا ٻيون سهولتون سنڌ حڪومت کان وٺندي تن جو معاوضو سنڌ کي ادا ڪيو ويندو. ٻين لفظن ۾ سنڌ کي ڪو نقصان ڪونہ پوندو. سنڌ مسلم ليگ جو وفد قائداعظم کي ڪيتريقدر مجرائي سگهيو. تنهن جو رڪارڊ تي ڪو ذڪر ڪونهي، البتہ هيءَ ڳالهہ ضرور آهي تہ وفد زيارت کان روانو ٿيو تہ اها ڳالهہ مڃي ورتي تہ سنڌ مسلم ليگ اهڙي ڪنهن احتجاج ۾ حصو نہ وٺندي.

وفد، زيارت مان واپسي تي کهڙي ۽ مسلم ليگ ڪائونسل کي رپورٽ پيش ڪئي ۽ جيتوڻيڪ پنجن ووٽن جي ڀيٽ ۾ 26 ووٽن تان مرڪزي حڪومت جي فيصلي جي پنيرائي ڪئي، تنهن هوندي بہ ڪائونسل پنهنجي ناراضگي ۽ ناپسنديدگي جو اظهار ضرور ڪيو.

کهڙي اها حالت ڏسي في الحال تہ خاموش رهڻ جو فيصلو ڪيو پر انهيءَ کان پوءِ مسلم ليگ ڪائونسل اندر ٽوڙ ڦوڙ جو سلسلو وري شروع ڪري ڏنو. انهيءَ وچ ۾ سنڌ حڪومت ۽ مرڪز جي وچ ۾ ڪراچيءَ کي گادي جو هنڌ بنائڻ ۽ ان جي عملي پهلوئن جو جائزو وٺڻ لاءِ ڳالهيون هلنديون رهيون. هر ذري پرزي تي تفصيلي بحث ٿيندا رهيا خاص ڪري مالياتي وسيلن جي ورهاست تي. نيٺ پنجين جولاءِ 1948ع تي سنڌ حڪومت جي فيصلي هيٺ ڪراچي، مرڪزي حڪومت جي حوالي ڪيو ويو.

کھڙو، انهيءَ سموري عرصي دوران هڪ گھڙيءَ لاءِ بہ مات ڪري نہ ويٺو. اقتدارڪان ٻاهر رهڻ، سوبہ انهيءَ حالت ۾ جڏهن هو سنڌ مسلم ليگ ڪائونسل جو صدر هجي، هن جي لاءِ ڏاڍو ڏکيو هئو. قائداعظم اڃا حيات هئو جنهن ڪيس ڊسمس ڪرائي ٽريبونل جي حوالي ڪري ڇڏيو هئو ۽ هاڻي صرف سنڌس دائره اثر مسلم ليگ ڪوئونسل هئي. تنهنڪري هن انهيءَ پليٽ فارم تان پنهنجو رهيل کهيل اثر استعمال ڪرڻ ۽ ٻيهر ڪرسي سنڀالڻ لاءِ جتن ڪيا. انهيءَ ڪوشش ۾ هن پير الاهي بخش جي وزارت کي ڊاهڻ جي ڪوشش ڪري ڏني.

پير الاهي بخش، روايتي سياستدان ڪونہ هئو. پر پنهنجي ذاتي ڪردار، شرافت ۽ نهٺائي جي ڪري دادو جي سياسي افق تان اڀري سنڌ جي سياست تي چمڪيو هئو. هن کي گروهي سياست ۽ ڊيج ڊاهہ واري سياست ڪڏهن نہ آئي. هو صاف گو ماڻهو، سچو انسان ۽ همدرد ماڻهو هئو. هن جي ايمانداري ۽ سچائي جا معترف سندس دشمن بہ هئا. هڪ زميندار هوندي بہ هن جي زندگي تمام سادي هوندي هئي ۽ اهائي عادت چيف منسٽر ٿيڻ تي بہ نہ ڇڏيائين. سادو کائڻ ۽ سادو پهرڻ هن جي زندگيءَ جو لازمي حصو هئو. هو نہ ڪنهن سازش ۾ شريڪ ٿيندو ۽ نہ وري ڪنهن جي خلاف برو سوچيندو هئو. آخري عمر تائين ڪير جو وٺو ۽ مانيءَ جو ڍوڍو سندس کاڄ هئو. تنهنڪري فوري طور هن کي ڪيرڻ بہ ممڪن ڪونہ هئو، تنهن هوندي بہ کهڙي هن خلاف سازشون شروع ڪري ڏنيون، بلڪہ ڪيس بليڪ ميل ڪرڻ لڳو تہ جيڪڏهن هن سندس خواهشن ۽ هدايتن تي عمل نہ ڪيو تہ ڪيس (پير) پارٽيءَ مان ڪڍيو ويندو. پير الاهي بخش جا هٿ صاف ۽ دامن پاڪ هئو تنهنڪري هو انهن دڙڪن کان بي خوف ٿي پنهنجي ڪم ۾ مشغول رهيو.

اهڙي ماڻهوءَ کي هٽائڻ، عام روايتن موجب ڏکيو هئو ۽ جيتوڻيڪ کهڙي کي خبر هئي تہ مٿس بدعنواني جو ڪيس قائداعظم جي چوڻ تي ٽربيونل ۾ داخل ڪيو ويو آهي ۽ جيستائين انهيءَ مقدمي جو فيصلو نٿو ٿئي، هو ڪنهن بہ عهدي تي فائز نٿو ٿي سگھي، پر هار ايل جواري وانگيان، کهڙو هر داءُ کي آخري سمجھي ڪيڏڻ لڳو. مسلم ليگ ڪائونسل جي صدر هئڻ ڪري سڀ کان پهرين پير الاهي بخش جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وزارت خلاف عدم اعتماد جو ٺهراءُ پاس ڪرايو جنهن مطالبو ڪيو تہ حڪومت خلاف تحقيقات ڪرائي وڃي. اهڙيءَ طرح ٻيا بہ ڪئين حيلا هلايا پر اهي سڀ ناڪام ثابت ٿيا.

نيٺ هڪ ڏينهن پير الاهي بخش کي استعيفا ڏيڻي پئي. پر اها استعيفا ايوب کهڙي جي دٻاءُ ۾ مختلف طريقن جي ڪري نہ، بلڪ هڪ انتخابي عذرداري جي فيصلي جي نتيجي ۾ جنهن ۾ پير الاهي بخش، قاضي محمد اڪبر ۽ مير محمد شاه کي ڇهن سالن لاءِ نااهل قرار ڏنو ويو هئو.

دراصل هيءَ هڪ تاريخي چونڊ جو فيصلو هئو ۽ انهيءَ فيصلي ۾ اثر تاريخ جو رخ بدلائي ڇڏيو.

تاريخي چونڊ هن ڪري تہ، ڪيبينٽ مشن جي تجويز مطابق پوري هندستان ۾ آئين ساز اسيمبلي چونڊڻ لاءِ جولاءِ 1946ع ۾ چونڊون ٿيڻيون هيون. مسلمانن لاءِ هنن چونڊن جي آڌار تي اهو فيصلو ٿيڻو هئو تہ آيا مسلمانن کي هڪ ڌار ملڪ کپي يا هو هندن سان گڏجي گڏيل هندستان ۾ رهڻ گهرن ٿا ۽ آيا مسلمانن جي اها دعويٰ درست آهي تہ هو ڇاڻايل صوبن ۾ گهڻائي ۾ آهن. انهيءَ ڪري مسلم ليگ جو پورو زور هئو تہ مسلم اڪثريت وارن صوبن ۾ هر مسلم ليگي اميدوار کي کٽرائي. انهيءَ لاءِ مسلمان نوجوان ورڪرن جا جٿا ٺهيا، خاص فنڊ ڪٺا ڪيا ويا ۽ مسلم ليگي اميدوارن جي حمايت ۾ وڃي خيما کوڙيا.

ٻين مسلم اڪثريتي صوبن جي ڀيٽ ۾، سنڌ هڪ مختلف صورت پيش ڪري رهي هئي. هتي جي. ايم. سيد، مسلم ليگ کي سنڌ ۾ متعارف ئي نہ ڪرايو پر ان کي مقبول بہ بڻايو ڇاڪاڻ تہ کيس اها اميد هئي تہ مسلم ليگ جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ سنڌي مسلمانن جي حالت سڌرندي، هندو سيٺ ۽ زميندار، مسلمان جاگيردار ۽ لالچي ڪاموري کان ڇوٽڪارو ملندو ۽ علم جي روشنيءَ سان اٻوجهہ مسلمان دنيا جي نعمتن سان سرفراز ٿيندا. پر جڏهن ڪيبينٽ مشن سفارشون آنديون تہ جي ايم سيد انهيءَ تي اختلاف ڪيو ڇاڪاڻ تہ ان ۾ سنڌ کي مسلم اڪثريتي صوبن جي فيڊرشن ۾ شامل ڪيو ويو جيڪا ڳالهہ، پير علي محمد راشديءَ جي لفظن ۾ ”ڪيبينٽ مشن جي تجويز جي اعلان کان پوءِ سنڌ جي مستقبل جي هڪ نازڪ دور ۽ مشڪلات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان منهن ڏيڻو پوندو.“ (1)

سيد جو خيال هئو تہ اهڙي فيڊرشن ۾ رهي سنڌ صرف پئسي ڪمائڻ جي مشين ٿي ويندي جڏهن تہ سنڌ جي ماڻهن کي ڪو فائدو ڪونہ رسندو ۽ نہ وري ان جا عيوضي آواز اٿاري سگهندا. تنهنڪري ”سنڌ جي اقتصادي تعبير جا پلئن ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿي سگهندا، جيستائين سنڌ پنهنجي آزادي حاصل نہ ڪئي آهي.“

اها ڳالهہ چوڻ سراسر غلط آهي تہ انهن چونڊن ۾ مسلم ليگ جي ٽڪيٽن جي ورهاست تان جي ايم سيد ۽ قائداعظم درميان ڪو اختلاف هئو پر اهو ڪيبينٽ مشن جي تجويزن کي اڪيون پوتي قبولڻ تان پيدا ٿيو هئو جنهن جو نتيجو اهو نڪتو تہ سيد، حاجي مولا بخش سومرو ۽ سندس ٻيا ساٿاري مسلم ليگ کان ڌار ٿي 9- ڊسمبر، 1946ع وارين آئين سازاسيمبلي جي چونڊن ۾ حصو ورتو.

مسلم ليگ، سيد جي مقابلي ۾ قاضي محمد اڪبر کي ٽڪيٽ ڏني جيڪا قاضي اڪبر ڪٽي ورتي. پر سيد، اهو الزام لڳايو تہ مسلم ليگ ورڪرن جا جٿا ٻاهران گهرائي، ڪامورن جي سازش سان ڪوڙا ووٽ وجهرائي، ڪيس هارايو ويو آهي. تنهنڪري هن انهيءَ خلاف اليڪشن ٽربيونل ۾ هڪ انتخابي عذر داري داخل ڪئي، جنهن تن سالن کان پوءِ 14، فيبروري 1949ع تي فيصلو ڏنو. فيصلي ۾ چيو: ”چونڊن دوران ڏاڍلي ۽ ٺڳي ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ مدعا عليہ قاضي اڪبر کي ڇهن سالن لاءِ چونڊن ۾ بيهڻ کان نااهل قرار ڏجي ٿو. مدعا عليہ قاضي اڪبر پٽيشن دائر ڪرڻ جو هرجانو اٺ هزار رپيا، مسٽر جي ايم سيد کي ادا ڪندو، پير الاهي بخش، نواز علي کي، سنڌ ليجسليٽو اسيمبلي جي چونڊن ۾ بيهڻ کان ڇهن سالن تائين نااهل قرار ڏنو وڃي ٿو. هيءُ فيصلو 3 فيبروري 1949ع کان نافذ سمجهيو ويندو.“ (2)

هن فيصلي ڪهڙي جي هڪ خواهش کي تہ پاڻمرادو پورو ڪري ڇڏيو يعني الاهي بخش وزير عليٰ نہ رهيو هئو پر ٻي آرزو اڌوري رهجي ويئي ڇاڪاڻ تہ هو پاڻ بہ ٽربيونل ۾ ملزم هئو انهيءَ ڪري پاڻ بہ انهيءَ عهدي جي لائق ڪونہ هئو. انهيءَ ڪري هو اهڙي ماڻهوءَ جي ڳولا ۾ رهيو

(1) جي ايم سيد، سنڌ ڳالهائي ٿي ص113، 117، 18
(2) سنڌ گورنمينٽ گزيٽ، سومر، 14 فيبروري 1949ع قانون وارو ڪاتو، حڪومت سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو وزير اعليٰ بہ ٿي رهيو ۽ سندس ڳالهہ بہ مڃي. مسلم ليگ ڪائونسل ۾ ٽوٽي ميمبرن ۾ اهڙو ماڻهو ملڻ ڏکيو هو. عين انهيءَ وقت پروڊا هيٺ ٽربيونل، ايوب کهڙي کي بہ ٽن سالن لاءِ نااهل قرار ڏيئي ڇڏيو ۽ هن سنڌ مسلم ليگ صدارت تان استعيفا ڏيئي ڇڏي. هن فيصلي کهڙي کي نا اميد ڪري وڌو.

انهن فيصلن جي ڪري سنڌ مسلم ليگ ڪائونسل ليڊرشپ کان خالي ٿي ويئي جنهن ڪري سرحاجي عبدالله هارون جي پٽ يوسف هارون کي سنڌ مسلم ليگ ڪائونسل جو سربراهہ چونڊيو ويو. يوسف هارون هڪ شريف شخص هئو جنهن مسلم ليگ مان ڌڙي بازي واري سياست جو خاتمو آڻڻ لاءِ پنهنجون سرگرميون تيز ڪري ڇڏيون. هن جو خيال هئو تہ سنڌ مسلم ليگ ۾ انتشار، سياستدانن جي پاڻ ۾ اختلافن جي ڪري آهي ۽ انهيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪي بنيادي اصول طئي ڪرڻ ضروري آهن. هن اسيمبلي اندر ۽ اسيمبليءَ جي ٻاهر، مسلم ليگ ڪائونسل کي نئين سر منظم ڪرڻ، ٻاهمي اختلاف ختم ڪرڻ ۽ مختلف ٽولن کي هڪ پليٽ فارم تي آڻڻ لاءِ ڳالهيون ٻولهيون شروع ڪري ڏنيون. اهو ڪم بظاهر سولو پر ڪرڻ ۾ ڏاڍو ڏکيو هو. جيڪي گروهہ ورهين کان ڌار ڪني چاڙهيو ويٺا هئا سي هڪ ٿالهي ۾ گڏ کائڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا.

انهيءَ کانسواءِ، قائداعظم جي گذاري وڃڻ کان پوءِ مسلم ليگ جي مرڪزي ڪمان ۾ پنهنجي طور تي اختلاف پيدا ٿي چڪا هئا. سردار عبدالرب نشتر، چوڌري خليق الزمان ۽ ميان افتخار ممدوٽ، هوڏانهن سردار عبدالقيوم پاڻ ۾ نبردآزما هئا. جنهن ڪري پارٽي ۾ اصولن بدران شخصي حڪمراني پاڙون پڪڙڻ لڳي هئي.

بهرحال جتي باقي سمورن صوبن ۾ مسلم ليگ ريشہ دوانين جي شڪار هئي، اتي سنڌ بہ بچيل ڪانہ هئي، ۽ خاص ڪري اهڙي وقت ۾ جڏهن کهڙو پارٽي ۽ اقتدار کان ٻاهر هجي. تڏهن هر قسم جي سڌاري جي ڪوشش ناڪام ٿيڻ عين ممڪن هئو.

کهڙي، پنهنجي عادت مطابق، يوسف هارون کي بہ پنهنجي صلاحن مطابق هلائڻ شروع ڪيو پر اتي هڪ نہ هليس. اها ڳالهہ کهڙي لاءِ وڌيڪ للڪاريندڙ هئي. يوسف هارون کي اها ڳالهہ نہ وڻي ۽ ڪابينہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهڻ وقت خير سگالي جي جذبي هيٺ کهڙي گروپ جا جيڪي ٻه وزير کنيا هئا تن کي ڪيڏي ٻاهر ڪيو. هاڻي کهڙو يوسف هارون جو کلئي طرح مخالف ٿي بيٺو.

هاڻي ته مورڳو يوسف هارون جي ڪڍ پئجي ويو. هو انهيءَ ڪوشش ۾ رڌل رهيو ته ڪهڙيءَ طرح يوسف هارون کي هٽائي پاڻ انهيءَ مسند تي ويهي. کهڙو وڏو چتر زبان ماڻهو هئو جنهن پارليماني پارٽي جي ڪيترن ميمبرن کي توڙي پنهنجي پاسي ڪري ورتو هئو. هن جي سموري ڪوشش اها هئي ته ڪنهن طرح پارليماني پارٽيءَ جي ميٽنگ سڏائي ان ۾ يوسف هارون خلاف عدم اعتماد جي تحريڪ پيش ڪري ڪيس سنڌ مسلم ليگ تان هٽرائي ڇڏي. اها سٽس يوسف هارون کي پئجي ويئي جنهن اٿين ڪرڻ ڪونه ڏنو. رسه ڪشي جي نتيجن کي آڏو رکي، پيرزادي عبدالستار ڪنهن ناهه ڪرائڻ لاءِ ڪوششون شروع ڪري ڏنيون، جنهن جو مثبت نتيجو نڪتو. ناهه انهيءَ تي ٿيو آهي ته ٽنهي گروپن يعني کهڙو، پيرزادو ۽ يوسف هارون، کي وزارت ۾ شامل ڪيو ويجي ۽ گڏيل ڪابينه جي ذريعي سنڌ جو انتظام هلايو وڃي. جيتوڻيڪ، گڏيل وزارتِ ٺهي ويئي ۽ ظاهري طور اختلاف ختم ٿي ويا هئا پر اهو صرف ڏيکاءُ هئو. اختلاف پنهنجي جاءِ تي موجود هئا ڇاڪاڻ ته کهڙي چاهيو ٿي ته سموري ڪابينه ۽ سنڌ حڪومت جو ڪاروبار سندس مرضي مطابق هلي. پيرزادي به ڪابينه کان ٻاهر حمايت حاصل ڪري، اڪيلي سر سنڌ وزارت تي قبضو ڪرڻ ٿي گهريو. ٽنهنڪري کهڙي موقعي جو فائدو ورتو. يوسف هارون جي ڇاڪاڻ ته پارليماني پارٽيءَ ۾ هلندي وڏيڪ هئي، ٽنهنڪري اڪثريت مٿس اعتماد جو اظهار ڪيو. نتيجي طور پيرزادي کي ڏار ڪري باقي کهڙي گروپ ۽ يوسف هارون نئين سروزارت ناهي جنهن ۾ ٻنهي گروپن جا ميمبر شريڪ هئا.

يوسف هارون ۽ کهڙي جي گڏيل وزارت ڪجهه ٿي عرصو هلي ته کهڙو پابندين کان آزاد ٿي ويو. سنڌ چيف ڪورٽ، ايوب کهڙي تان پروڊا جي پابندي لاهي ڇڏي ۽ هو پاڻ وري براه راست سياست ۾ عهدو سنڀالڻ لاءِ تيار ٿي ويو. جيتوڻيڪ هو وري سنڌ مسلم ليگ جي صدارت جو اهل ٿي ويو هئو پر پارليامنٽي پارٽي ڪيس وزارتي عهدي کان پري رکيو. کهڙي لاءِ اهو وڏو سياسي صدمو هئو پر پوءِ انهيءَ جو توڙ هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرح ڪڍيو جو هن پنهنجي گروپ جي ماڻهو قاضي فضل الله کي وزارت اعليٰ جي لاءِ سڏيو.

يوسف هارون کي کهڙي جي طرز سياست، ڦيرين گهيرين ۽ سازشن جي ڄاڻ هئي تنهنڪري هن، انهيءَ سموري بکيڙي کي الوداع ڪرڻ چاهيو. پر ڇاڪاڻ تہ هو شرافت ۽ اصولن واري سياست جو قائل هئو تنهنڪري انهيءَ دائري مان ڪنهن عزت ڀرئي طريقي ۾ نڪرڻ لاءِ سوچڻ لڳو ۽ عين ممڪن هئو تہ هو پاڻهي استعيفا ڏيئي صرف هڪ ميمبر جي حيثيت ۾ رهي. پر انهيءَ وقت مرڪز کيس آسٽريليا ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪرڻ جي آڇ ڪئي. ٿوري ويچار کان پوءِ نيٺ مئي 1950ع ۾ هن اها قبولي. اهڙيءَ طرح کهڙي جي سياسي ڇارڪان عزت ڀرئي نموني نڪري ويو.

کهڙي جي لاءِ راهہ ضرور صاف ٿي ويئي هئي پر مسلم ليگ ڪائونسل جي صدر هئڻ جي حيثيت ۾ وزير اعليٰ چونڊجي نٿي سگهيو ڇاڪاڻ تہ پارٽي عهديدار کي قانون مطابق حڪومتي عهدا قبولڻ کان منع ٿيل هئي. انهيءَ ڪانسواءِ مسلم ليگ جي پارليماني پارٽي گهڻن ٽي گروهن ۾ ورهائجي چڪي هئي، تنهنڪري قائد ايوان تہ چونڊجي نہ سگهيو، البتہ سندس پروسي جوڳو دوست قاضي فضل الله اها مسند سنڀالي ويٺو.

قاضي فضل الله ڪو گهڻي ڳڻ ڳوت وارو سياستدان ڪونہ هئو. کهڙي جي ضلعي لاڙڪاڻي سان ئي سندس تعلق هو، ۽ ضلعي جي سياست تان ايري سنڌ جي افق تي نالو ڪڍيو هئائين. ڇاڪاڻ تہ سياست ۾ کيس اڳيرو بہ کهڙي آندو هئو تنهنڪري هن جي ڳالهہ کان ٻاهر ڪونہ ويندو هئو. قاضي فضل الله کي وزير اعليٰ چونڊائڻ ۾ بہ کهڙي جو حصو هئو تنهنڪري کهڙو سنڌ جي وزارت کان ٻاهر رهندي بہ سنڌ جو بي تاج بادشاهہ هئو. مسلم ليگ پارليماني پارٽي کان وٺي، مسلم ليگ ڪائونسل ۽ حڪومتي نظام تائين حڪم کهڙي جو هلندو هئو، صيح قاضي فضل الله ڪندو هئو.

اقتدار جي بک، بهرحال گهڻين ضرورتن تي حاوي ٿئي ٿي ۽ اها ڳالهہ کهڙي ۾ ٻين سياستدانن کان وڌيڪ هئي. هو جيتوڻيڪ سنڌ جي وزارت کان ٻاهر رهي بہ سڀ اچي ڪاري جو مالڪ هئو پر اقتدار جو نشو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس ماٺ ڪرائي نہ سگهيو. هن نيٺ اهو نهراءُ پاس ڪرايو جنهن هيٺ پارٽي عهديدارن تان حڪومتي عهدا سنڀالڻ جي پابندي لهرائي ڇڏي. جيئن ئي اهو فيصلو ٿيو، قاضي فضل الله کي قربانيءَ جو ٻڪرو بنجڻو پيو. قاضي استيعفا ڏني ۽ ايوب کهڙو وري وزير اعليٰ چونڊيو ويو ۽ قاضي فضل الله کي پاڻ وٽ روينيو جو وزير ڪري رکيائين. اهڙيءَ طرح سنڌ جي سياسي طوفان هڪ گهمرو وري نئون رخ اختيار ڪري ورتو.

# 6

# قومي ٻولي: ٻيج ڊاهه جي شروعات

پاڪستان ٺهڻ جا پهريان چار سال ڳڻيل ڳڻيل لاهن چاڙهن ۾ گذريا، ڪڏهن واقعن ۾ شدت رهي ته ڪڏهن ٻنهي سستي ۽ سياسي تساهل ۾ گذري، پر سڀ ڪان وڏيڪ سازشون ڇانيون رهيون جيڪي ڪنهن به نئين ملڪ لاءِ فائديمند ڪونه هيون. پر 1950ع جو پويون اڌ ۽ 1951ع ڏاڍو پرآشوب دور رهيو. انهيءَ عرصي تائين مهاجرن جي اچڻ جو سلسلو جاري هئو تنهن هوندي به انتظامي مشنري اهڙي هئي جو هاڻي مستقبل جون سياسي، اقتصادي ۽ معاشي پاليسيون ٺهي وڃڻ گهرجن ها. پر حالتن تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته اسان جي ليڊرشپ اجتماعي تساهل جو شڪار رهي، انهيءَ حد تائين جو خارجه پاليسي جا خطوط به نروارتي سگهيا هئا. بلڪه ڪن حالتن ۾ ائين ٿو لڳي ته اسان جي خارجه پاليسي تي قومي مفادن بدران بيروني مفاد ڇانيا رهيا ۽ اهي فيصلا ٿيڻ لڳا جيڪي پاڪستان جي نڪته نظر کان نه، پر ٻاهرين غلبي هيٺ ناهيا ويا هئا. خارجه پاليسي ۽ معاشي پروگرام ۾ انهيءَ خامي اسان جي ملڪ جي پاڙن کي اهڙو غير مستحڪم بنائي ڇڏيو جو اڄ تائين پاڪستان انهن اثرات کان پاڻ کي آجو نه ڪري سگهيو آهي.

عصري سياست جي طالب علم لاءِ هيءَ حقيقت گهڻ حيرت انگيز ڪانهي ته انهيءَ عرصي ۾ پاڪستان جي خارجه پاليسي ۾ ملڪ جي جغرافيائي بيهڪ، معاشي ضرورتن ۽ علائقائي توازن کي سوچڻ ڪانسواءِ ناهي ويئي، جنهن جا اڳتي اگرا نتيجا نڪتا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان نهڻ ڪان پوءِ، ڀارت اهڙيون چالون هلڻ شروع ڪيون جن سان پاڪستان سڌيءَ طرح متاثر ٿيڻ لڳو. ڀارت جي طرفان ائين ڪرڻ هڪ لازمي امر هئو ۽ پاڪستان لاءِ مستقل هڪ مسئلو اٿڪائي رکڻ لاءِ هن ڪشمير ۾ فوج موڪلي ان تي قبضو ڪري ورتو. قائداعظم کي انهيءَ چال جي چاڻ هئي، جنهن جو ذڪر هن پنهنجي 24- اڪتوبر 1947ع واري تقرير ۾ ڪيو: ”پاڪستان کي ڀارت جي يونين ۾ واپس آڻڻ لاءِ، هڪ نهايت منظم سازش ڪئي ويئي آهي.“[1] هن اها ڳالهہ ڪشمير تي ڀارتي چڙهائي کان ٿي ڏينهن اڳ ڪئي.

ٻهرين اڪتوبر 1949ع تي دنيا جي نقشي تي هڪ نئين حقيقت عوامي جمهوريہ چين جي صورت ۾ اُڀري. مغربي دنيا لاءِ انهيءَ ڪڙي گرهہ کي ڳڙڪائڻ ڏاڍو ڏکيو هو. عين انهيءَ وقت جڏهن پوري دنيا، چين کان پري رهڻ جو فيصلو ڪري چڏيو هئو، 4 جنوري 1950ع تي پاڪستان چين کي تسليم ڪري ورتو. دنيا ۾ چين کي تسليم ڪرڻ وارو هيءُ ٻهريون ملڪ هئو. اها هڪ سٺي شروعات هئي پر بعد جي فيصلن انهيءَ جي مفيد اثرن کي وڃائي ڇڏيو.

ٿيوهيئن تہ خان لياقت علي خان وزيراعظم هئو. پر بين الاقوامي تعلقات ۾ هن جو لاڙو مغرب ڏانهن وڌيڪ هئو. امريڪا کي (سابق) سوويت يونين جي اثر روڪڻ لاءِ ايشيا، ۽ خاص ڪري ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ خاص پاليسي جي ضرورت هئي. قيام پاڪستان کان اڳ ۾، اڻ ورهايل هندستان ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي وڌندڙ اثرات کان ڪيس بہ واقفيت هئي. تنهنڪري، ملڪ جي وجود ۾ اچڻ جي ٻهرين ڏينهن کان ئي امريڪا جي سموري حڪمت عملي ڀارت ۽ پاڪستان تي مرڪوز ٿي ويئي، بلڪ ڏکڻ اوڀر ايشيا لاءِ سمورين پاليسين جو بنياد اهو رکيو ويو تہ امريڪي مفادن جي پرورش ۽ وڌ ۾ وڌ حمايت حاصل ڪئي وڃي، ۽ روس ۽ سوشلسٽ نظريي کان نفرت جو ٻج ڇٽيو وڃي.

ظاهر آهي تہ انهن مقصدن جي حاصل ڪرڻ خاطر سڀ کان موثر هٿيار معاشي هئو. امريڪا کي چاڻ هئي تہ ٻئي ملڪ دنيا جي غريب بلاڪ سان تعلق رکن ٿا ۽ کين مالي امداد جي شديد ضرورت هئي. تنهنڪري هن انهيءَ هٿيار کي بنا ڪنهن هٻڪ جي استعمال ڪرڻ

(1) ذوالفقار علي ڀٽو، دو طرفہ تعلقات، 1976ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شروع ڪيو.

ٻئي طرف روس ڪي بہ پنهنجي اثر وڌائڻ لاءِ برابر جا موقعا هئا. روس ڪي علائقي جي ويجهڙائي جو فائدو حاصل هو. انهيءَ ڪانسواءِ ڏکڻ هندستان ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو پنهنجو حلقو بہ وڏي اثر وارو قائم هئو. پاڪستان ۾ ترقي پسند تحريڪ بہ پايو وجهي چڪي هئي ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ لاءِ بنياد موجود هئو.

انهن سمورين حقيقتن امريڪا ۽ ٻئي مغربي بلاڪ کي مجبور ڪيو تہ هو سرمائيدارانہ نظام کي ڪهڙيءَ طرح بہ مضبوط ڪري جيئن نہ ڪميونسٽ پارٽي پنهنجا پير مضبوط ڪري ۽ نہ ئي وري هي ٻئي ملڪ معاشي طور ايترا مستحڪم ٿين جو مغرب جو اثر زائل ٿي وڃي.

واقعن جي انهيءَ پس منظر ۾، امريڪا پنهنجي سفارتي سطح تي ڪوششون شروع ڪري ڏنيون. بظاهر ٻنهي نون ملڪن لاءِ امريڪي ڪوششون ساڳيون هيون پر پاڪستان جي پوزيشن وڌيڪ نازڪ ۽ حساس هئي. هندستان وڏو ملڪ هو جتي انگريزن صنعت و حرفت جو هڪ مضبوط ڄار وڇائي ڇڏيو هئو تنهنڪري هو اهڙي، امريڪي تحريڪ جي مزاحمت ڪرڻ جي ڪنهن حد تائين حيثيت ۾ هئو. انهيءَ جي ڀيٽ ۾ پاڪستان ۾ اهڙو صنعتي بنياد منڍ کان ئي ڪونہ هئو. ٻيو تہ گڏيل اثاثن جي ورهاست ۽ آبادي جي وسيع لڏ پلاڻ ۾ پاڪستان کي وڌيڪ سخت حالتون آڏو هيون، تنهنڪري هو اهڙي ڪنهن امريڪي پاليسي کي قبول ڪرڻ ۾ وڌيڪ جهڪي سگهيو ٿي.

انهيءَ کان اڳ جو امريڪا ۽ سندس مغربي دوست ملڪ، ٻنهي ملڪن کي پنهنجي حلقہ اثر ۾ آڻين، امريڪا لاءِ هڪ ٻيو مسئلو ڪڙو ٿي ويو: آڪٽوبر 1949ع ۾ چين جي جمهوري حڪومت جو وجود ۽ پاڪستان جو ان کي سيني کان اڳ ۾ تسليم ڪرڻ. انهيءَ کان اڳ 2-جون 1949ع تي روس، پاڪستان جي وزير اعظم لياقت علي خان کي روس جي دوري جي دعوت ڏئي ڇڏي هئي، جنهن کي اصولي طور پاڪستان قبول بہ ڪري ورتو هئو. ڪنهن بہ سپر پاور طرفان پاڪستان ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌائڻ جو اهو واضح مظاهرو هئو. اهو بہ عجيب انداز هئو. ان وقت، روس جا پاڪستان سان سڌيءَ طرح سفارتي ناتا ڪين هئا، تنهن ڪري هن اهو نياپو ايران جي ذريعي ڏياريو. ٿيو هيئن تہ

ايران ۾ ان وقت پاڪستان جو سفير راجا غضنفر علي خان هئو ۽ ايران جا روس سان ناتا هئا. تنهنڪري روسي عيوضي تهران ۾ پاڪستان جي نمائندي کي اها دعوت ڏني. پاڪستان اها دعوت قبول ڪري ورتي جنهن جو اعلان پرڏيهي وزير چوڌري ظفر الله، ڪراچيءَ ۾ هڪ پريس ڪانفرنس ڪوٺائي ان ۾ ڪيو. هن دوري جي عملي شڪل اچڻ ۾ صرف هڪ فني دشواري هيءَ هئي تہ وزيراعظم جي سطح تي دوري ٿيڻ کان اڳ ۾ ٻنهي ملڪن جي درميان سفارتي ناتا هئڻ ضروري هوندا آهن ۽ جنهن جي آڇ روس ڪئي بہ هئي. بهرحال، ڪن مصلحتن جي ڪري پاڪستان، "عملي جي گهٽتائي" جو سبب ڏيئي، في الحال اهڙن ناتن جي قيام کان انڪار ڪري ڇڏيو.

انهيءَ دوري جو ڪهڙو اثر پيئي هئا، سو هڪ ڌار بحث آهي. بهرحال، هڪ ٻيو ڪارڻ ضرور هئو. اهو هيءَ تہ مغرب مان ائين نہ ڪرڻ جا اشارا ڪراچيءَ ۾ محسوس ٿيڻ لڳا هئا. ۽ نيٺ امريڪا طرفان وزير اعظم لياقت علي خان کي ساڳئي قسم جي دوري ڪرڻ جي دعوت ملي ۽ اپريل 1950ع ۾ اهو روسي دعوت کي منسوخ ڪندي، امريڪا هليو ويو. سوويت يونين، انهيءَ وقت اوڀر يورپ ۽ چين جي حمايت سان هڪ وڏو بلاڪ ٺي اڀريو هئو، جنهن جو اثر مني صديءَ تائين پوري دنيا تي رهيو. پاڪستان جي انهيءَ ڀرين ڏينهن ۾، هن قسم جي خارجہ پاليسي جو اثر اڳتي هلي ڪهڙو پيو، سو هڪ ڌار موضوع آهي. بهرحال، اهو هاڻي طئي ٿي چڪو آهي تہ پاڪستان ائين ڪري پنهنجي حڪومتي ۽ معاشي پاليسين کي مغرب جي پاليسين جي تابع ڪري ڇڏيو. اسان ايندڙ صفحن ۾ ڏسنداسين تہ اهڙي هڪ طرفہ پاليسي، ڪيئن اسان جي معاشي پاڙن کي ڪمزور ۽ خارجہ پاليسي کي کوکلو ڪري ڇڏيو هئو، جنهن جو اثر اڄا تائين اسان جي زندگيءَ تي آهي.

سال 1951ع ۾، ڀارت جي وزير اعظم پنڊت نهرو، پاڪستان کي امن معاهدي جي آڇ ڪئي، پر اها فوري طور انهيءَ ڪري قبول نہ ٿي سگهي جو ڪشمير جو مسئلو اڃا اڻ نبريل هو. انهيءَ کان سواءِ هندستان مان مهاجرن جي اچڻ جو سلسلو اڃا جاري هئو. ٻئي طرف اثاثن جي ورهاست بہ اڃا اڻ نبريل هئي جنهن ڪري پاڪستان سرڪار ڪنهن بہ اهڙي حتمي نتيجي تائين پهچڻ نٿي گهري جيڪا اڳتي هلي سندس ڳچيءَ

۾ پوي. دراصل، اهي اهڙا مسئلا هئا جيڪي توري ڪوشش سان حل ٿي پئي سگهيا، پر داخلي حالتون ۽ ان ۾ پاليسي ساز عناصر پنهنجي ذاتي مفادن جي ڪري، ائين نٿي گهريو.

ٽيو هيئن تہ پاڪستان ۾ زرعي وسيلا، گهڻو ڪري سنڌ ۾ موجود هئا. اوپر پاڪستان جو ايترو مسئلو گنڀير ڪونہ هو ڇاڪاڻ تہ سواءِ ٿورن بهارين جي. آباديءَ جي لڏپلاڻ ڪانہ ٿي ۽ جيڪڏهن ٿي سا بہ بنگالين جي جنهن ڪري اتي ڪو ثقافتي. تاريخي يا معاشي عدم توازن واري صورت حال پيدا نہ ٿي سگهي. سمورو مسئلو، اولهہ پاڪستان ۾ هئو. اولهہ پاڪستان ۾ صورت تمام عجيب ۽ نازڪ هئي. هتي پورن چئن صوبن لاءِ هڪ ساموندي بندرگاهہ ڪراچي هئو. جنهن کي افغانستان جي لاءِ بہ مال جي اچ وڃ سنڀالڻي هئي. بندرگاهہ واري شهر هئڻ ڪري ۽ اهو بہ اهڙو شهر جنهن کي سمورا وسيلا جهجهي مقدار ۾ ميسر هجن سو هر طرف وڌڻ لڳو. تنهنڪري، هندستان مان آيل مهاجرن جو وڏو تعداد هتي ۽ اندرون سنڌ جي متروڪ زمينن تي آباد ٿيڻ لڳا. راتورات، ڪراچيءَ جي اهميت ڪئين گهمرا وڌي ويئي.

اهڙي اهميت جي ڪري، سنڌ کي پوري ملڪ ۾ مرڪزي حيثيت حاصل ٿي ويئي. بيوروڪريسي. پوري لڏي آيلن جي هٿ ۾ هئي جن ۾ گهڻائي يوپي ۽ سي پي وارن جي هئي جن جو نڪتہ نظر صرف ڪراچيءَ کي ترقي ڏيارڻ هئو. سياسي انتشار ۽ عدم استحڪام جي ڪري. نہ مستحڪم معاشي پاليسيون ٺهي سگهيون ۽ نہ وري ڪا نوس ۽ حقيقت پسندانہ خارجہ پاليسي مرتب ٿي سگهي جيڪا پاڪستان جهڙي هڪ نئين ملڪ کي مضبوط بنياد فراهم ڪري سگهي. پاڪستان وٽ برآمد ڪرڻ لاءِ ڪپهہ ۽ چانورن کانسواءِ ٻيو ڪجهہ ڪونہ هئو تہ درآمد ڪرڻ لاءِ پئسو ڪونہ هئو. سمورو ملڪ هڪ قسم جي ايڊهاڪزم تي هلي رهيو هئو.

انهيءَ جي ابتڙ. هندستان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ روس ۽ آمريڪا ۽ يورپين ملڪن سان دو طرفہ تعلقات جي آڌار تي ناتا وڌايا. هن. صدر ناصر، مارشل ٽيٽو ۽ ٻين عالمي ليڊرن سان گڏجي غير جانبدارانہ پاليسي تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو. جيتوڻيڪ هو انهيءَ ۾ مڪمل طرح ڪامياب نہ ٿيو ۽ ڪميونسٽ بلاڪ جي بي پناهہ مهربانين جي ڪري

اوڏانهن وڏيڪ جهڪاءُ رکڻ لڳو. تنهن هوندي بہ هن جي اها چال هندستان جي لاءِ وڏيڪ فائديمند ثابت ٿي، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ جي ڪري امريڪا ۽ ٻين مغربي بلاڪ جي ملڪن کي هندستان ۾ ذڪڻ هنديءَ سمنڊ ۾ پيرن ڄمائڻ ڏکيو ٿي رهيو هئو.

وچ اوير ۾ تيل هڪ نئين قوت ٿي ايري رهي هئي. ايران ۽ ايراني نار کان وٺي الجزيره تائين علائقو، هن وهندڙ سون سان مالا مال هئو ۽ ٿوري عرصي ۾ اتان جي ماڻهن جي لاءِ خوشين جا ڏينهن آئڻ وارو هئو. جيتوڻيڪ پاڪستان انهن سان مذهبي ۽ قديم ثقافتي ناتي ۾ ڳانڍاپيل هئو، تنهن هوندي بہ پاڪستان جي ڪمزور خارجہ پاليسي جي ڪري اتي پاڪستان ايتري مارڪيٽ قائم نہ ڪري سگهيو جيترو هندستان. اهو تمام گهٽو پوءِ (1972ع-1977) ۾ ٿيو جڏهن ڀٽي مرحوم، مسلم اتحاد جي نعري تي عمل ڪرڻ لاءِ سمورن ملڪن کي گڏ ڪرڻ ۽ سندن قوتون امت مسلمہ جي لاءِ استعمال ڪرڻ ۽ هڪ گڏيل مسلم دنيا بنائڻ وري تصور کي عملي شڪل ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ڪري پاڪستان کي معاشي ۽ سياسي طور برتري حاصل ٿي ويئي.

عين انهيءَ وقت جڏهن پاڪستان، پنهنجي اندروني مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ ٻاهرين دنيا سان ناتن کي جوڙڻ لاءِ جاکوڙ ڪري رهيو هئو، پاڪستان جي پهرين وزيراعظم لياقت علي خان کي قتل ڪيو ويو. 16- آڪٽوبر 1951ع تي لياقت علي خان، مسلم ليگ جي تنظيمِ نو جي سلسلي ۾ راولپنڊيءَ جي هڪ باغ جنهن کي بعد ۾ سندس نالي سان سڏيو ويو، اتي عام جلسي کي خطاب ڪرڻ لاءِ آيو. اڃا هن هڪ جملو مس ڳالهايو، تہ ڊائيس کان اٺ ڏهہ فٽ پري ويٺل هڪ شخص سيد اڪبر حسين کيس سڌو گوليون هٽي وڌيون. گوليون اهڙي ڪمال سان هنيون ويون جو ڪا هڪ گولي بہ نہ گسي ۽ لياقت علي خان، ٿوريءَ دير ۾، ڪنهن طبي امداد ملڻ کان اڳ ۾ گذاري ويو. قاتل ماڻهن کي پڪڙي ورتو پر ايتريءَ ۾ هڪ سب انسپيڪٽر محمد شاهہ آيو ۽ ريوالور ڪيدي قاتل کي ماري ڇڏيو.

لياقت علي خان جو قتل هڪ معمو هئو، جنهن طريقي هن جو قتل ٿيو ۽ ان کان هڪدم پوءِ سندس قاتل کي ماريو ويو تنهن ڪئين شڪ شبها پيدا ڪري وڌا. ويتر هن واقعي جي تحقيقات جنهن نموني تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن ا ن ۾ پراسراريت جو رنگ پري وڌو. قاتل سيد اڪبر حسين هڪ پينشن بردار سابق سرڪاري ملازم هئو. قاتل هزاري جو رهڻ وارو هئو ۽ عام جلسي کان اڳ راولپنڊي آيو هئو جتي هڪ هوٽل ۾ ترسيو هئو ۽ هوٽل وارن آڏو پاڻ کي سي آءِ ڊي جو سپاهي ڪري ظاهر ڪيائين. جلسي ۾ هو پهرين قطار ۾ اچي ويٺو جيتوڻيڪ اها قطار تمام پروسي وارن ماڻهن ۽ پارٽي جي ڄاڻو حمايتين لاءِ مخصوص هوندي آهي. هو اتي ڪيئن پهتو ۽ پوليس هن کي اتي وهڻ ڇو ڏنو، تنهن رازتان بہ اڃا پردو ڪڇي نہ سگهيو آهي.

قتل کان پوءِ، سب انسپيڪٽر محمد شاه آيو ۽ جيئري پڪڙيل قاتل کي روالور سان ماري ڇڏيو. انهيءَ جي اجازت هن ڪنهن کان ورتي هئي ۽ آيا ائين ڪرڻ ڪيترو قانوني آهي، سو بہ ڇوڙ ڏاڍو ڏکيو آهي.

قتل کان ٿورو اڳ جون سياسي حالتون بہ عجيب ۽ پراسرار هيون. غلام محمد وزارت کان ڏارتيڙ وارو هئو پر لياقت علي خان جي قتل کان پوءِ هو گورنر جنرل جي عهدي تائين ترقي ڪري ويو. غلام محمد ۽ نواب مشتاق احمد گورماني راولپنڊي ۾ موجود هئا پر لياقت علي خان واري جلسي ۾ شريڪ ڪونہ ٿيا.

جاچ مقامي آفيسرن ڪئي جنهن ٽيم جو سربراهہ آءِ جي پوليس اعتزاز الدين هئو. جنهن گوڙهي طريقي جاچ ڪئي ۽ نيٺ هڪ ڏينهن اخبار وارن کي ٻڌايائين تہ تحقيقات مڪمل ٿي ويئي آهي پر هڪ ڏينهن هو جنهن جهاز ۾ سفر ڪري رهيو هئو، اهو حادثي جو شڪار ٿي ويو ۽ هن سان گڏ انهيءَ تحقيقات جي رپورٽ بہ گم ٿي ويئي.

اسڪاٽ لينڊ کان مدد گهري ويئي پر تحقيقات جا ڪاغذ ۽ ثبوت اهڙيءَ طرح گم ٿي ويا جو ڪاشيءِ ڪلي سامهون ڪانہ آئي. ان بعد محمر علي بوگري، امريڪا جي ايف بي آءِ کان مدد گهري تہ گورنر جنرل غلام محمد ڪيس منع ڪري ڇڏي ۽ نيٺ اهو قتل شڪ ۽ شبهن جي دز ۾ دٻجي ويو.

لياقت علي خان جي قتل وقت خواجہ ناظم الدين گورنر جنرل هئو. خواجہ ناظم الدين، ڪنهن ٻئي ليڊر کي وزير اعظم بنائڻ بدران پاڻ اهو عهدو سنڀالي ورتو ۽ گورنر جنرل لاءِ غلام محمد کي نامزد ڪري ڇڏيو.

خواجہ ناظم الدين عجيب غريب شخصيت جو مالڪ هئو. هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شريف ذات جو مالڪ هئو تنهنڪري ڪيس سياست جي لاهه چاڙهه جي گهٽ ڄاڻ هئي. انهيءَ ڪانسواءِ هن ۾ فيصلي جي قوت بہ گهٽ هئي. تنهنڪري هو صرف بيوروڪريسي جي پويان هلندو هئو. هن جي سموري اندروني ۽ خارجہ پاليسي، ڪامورن ۽ خود غرض صلاحڪارن جي مشورن تي ٻڌل هوندي هئي. ڇاڪاڻ تہ هن وٽ پنهنجو سياسي تصور خير ڪو هو تنهنڪري نئين سج نوان مسئلا پيدا ٿيندا رهيا. اوڀر پاڪستان، جيڪو خواجہ ناظم الدين جو پنهنجو صوبو هئو، اتي ڀريائين لوڻ جي کوٽ وارو مسئلو پيدا ٿيو جنهن جي برابر اولهہ پاڪستان ۾ اناج جي کوٽ وارو مسئلو پيدا ٿيو. انهن ٻنهي مسئلن ڪانسواءِ ڪئين ننڍن وڏن مسئلن گڏجي هن لاءِ حڪومت هلائڻ ڏکي ڪري وڌي.

اوڀر پاڪستان ۾ اڳي ئي اهو احساس پيدا ٿي چڪو هئو تہ اولهہ پاڪستان جا حڪمران، سياسي برتري جي ڪري، بنگالين جا معاشي حق ڦري رهيا آهن. جنهن وقت لوڻ وارو مسئلو پيدا ٿيو هئو، ان وقت نور الامين جي وزارت هئي پر اها ناراضگي ان وقت شدت اختيار ڪري ويئي جڏهن ٻوليءَ تان هنگاما پکڙجي ويا.

هينئر جڏهن اوڀر پاڪستان ٽٽي آزاد بنگلہ ديش قائم ٿي چڪو آهي، اهو چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ بنگلہ ديش جي پيڙهہ ان وقت رکجي ويئي جڏهن ٻوليءَ جي هنگامن ۾ پهرين گولي هلي. ٻوليءَ جا هنگاما سال 1952ع جي منڍ ۾ شروع ٿيا. ٿيو هيئن تہ مرڪزي حڪومت اردو کي واحد سرڪاري ٻولي قرار ڏيئي چڪي هئي، جنهن جو مطلب اهو تہ سرڪاري لکپڙهہ کان وٺي مقابلي جي امتحانن تائين، سموري ڪم ڪار ۾ اردو ٻولي ڪتب آڻي پئي سگهي. نظري طور اهو صرف اعلان هئو، ڇاڪاڻ تہ ٻہ سو سالن کان استعمال ٿيندڙ انگريزي زبان جي جاءِ تي اردو ٻولي آڻڻ ۾ صرف هڪ ڊگهو عرصو ئي نہ لڳڻو هئو پر ان جي لاءِ هڪ مڪمل تنظيم جي ضرورت هئي. بهرحال، انهيءَ حڪم سان ٻين پاڪستاني ٻولين، خاص ڪري بنگالي ٻولي، جنهن جي ڳالهائڻ وارن جو تعداد پوري پاڪستان جو 56 سيڪڙو هئو، تن کي ثقافتي محرومي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ انهيءَ جي ذريعي معاشي حقن کان محرومي جو خطرو تہ ضرور موجود هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوڀر پاڪستان جي ماڻهن جي ڳالهہ پنهنجي جاءِ تي بنهہ درست هئي. هنن کي معلوم هئو تہ چٽاپيٽي (اعليٰ سروسز وارن) امتحانن ۾ صرف اردو اظهار جو ذريعو هئڻ ڪري، اوڀر پاڪستان جا ماڻهو نقصان ۾ ويندا. تنهنڪري، هنن گهر ڪئي تہ اردوءَ سان گڏ بنگالي زبان کي بہ قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو وڃي.

انهيءَ دليل کي ڪائونٽر ڪرڻ لاءِ، پاڪستان جي بيوروڪريسي چيو تہ اوڀر پاڪستان ۾ بہ اردو ٻولي رائج ڪري اتي جي ماڻهن کي قريب آندو وڃي، ائين هو اردو ۾ اولهہ پاڪستان جي ماڻهن جي برابر اچي سگهندا. دراصل، اهو دليل نہ صرف معذور هئو، پر انهيءَ مان سياسي بدنيتيءَ جي جهلڪ بہ نظر اچي رهي هئي. بهرحال، بنگالين جي مطالبن جي باوجود، مرڪزي حڪومت اوڀر پاڪستان ۾ اردو جا اسڪول کوليا، ۽ هنگامن شروع ٿيڻ وقت اتي 150 اردو جا اسڪول کلي ويا. لطف جي ڳالهہ اها آهي تہ انهيءَ اسڪيم رائج ڪرڻ سان بہ بنگالين لاءِ گهٽ ۾ اردو پڙهيلن لاءِ روزگار جا موقعا وڌيڪ کليا. جڏهن تہ ڪامورا شاهي ۾ انگريزي ڄاڻندڙن جي ضرورت پنهنجي جاءِ تي قائم رهي، جيڪا اولهہ پاڪستان جي ماڻهن مان پوري ٿيندي رهي.

بنگالي، سياسي طور باشعور هئو. هن کي معلوم هئو تہ انهيءَ فيصلي جا ڪهڙا مضمرات هئا. عملي طور هنن انهيءَ فيصلي جي انهيءَ ڪري بہ مخالفت ٿي ڪئي تہ هنن کي بنگالي ۽ انگريزي سان گڏ اردو بہ سکڻي ٿي پئي. جڏهن تہ (ان وقت) اولهہ پاڪستان جي ٻين ماڻهن لاءِ اهو ضروري ڪونہ هئو.

متوازي تجويز طور، بنگالين مرڪزتي زور ڀريو تہ اوڀر پاڪستان جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ بنگالي ۽ انگريزي ڪافي هيون. مرڪز لاءِ اها تجويز قبول ڪرڻ هن ڪري ڏکيو هئو تہ ان ۾ سياسي مضمرات شامل هئا. مرڪز اهو سمجهيو، جيڪو گهٽي ڀاڳي صحيح هو تہ انهيءَ شرط کي قبول ڪرڻ جو مطلب صوبائي خودمختياري جي منزل طرف هڪ قدم اڳتي وڌائڻ هئو ۽ اهائي هڪ ڳالهہ هئي جيڪا ٿي هزار ميل پري قائم مرڪزي حڪومت کي ڪانہ ٿي وڻي.

مرڪزي، حڪومت، پنهنجن ارادن ۾ ڪيتري قدر ديانتدار هئي يا بنگالين جي خواهشن جو ڪيتري قدر خيال ڪندي هئي، تنهن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندازو هن حقيقت مان لڳائي سگهجي ٿو تہ ان وقت اوير پاڪستان جي گورنر فيروز خان نون، وڏي وزير نورالامين کي مشورو ڏنو تہ بنگاليءَ ٻوليءَ کي ديوناگريءَ رسم الخط جي بدران عربي رسم الخط ۾ لکيو وڃي. انهيءَ جو اعتراف فيروز خان نون پنهنجي آتم ڪهاڻي ۾ بہ ڪيو آهي ۽ چيو تہ نورالامين انهيءَ تجويز کي بنهہ رد ڪري ڇڏيو. اها ڳالهہ ظاهر آهي تہ اها تجويز نورالامين کي ڇا، ڪنهن بہ بنگالي شهري کي پسند نہ اچي ها، پر فيروز خان نون انهيءَ نهڪار کي سياسي قرار ڏنو. ڇاڪاڻ تہ هن جي خيال مطابق، اوير پاڪستان جا هندو بنگالي جيتوڻيڪ تعداد ۾ مسلمانن کان گهٽ هئا، پر پنهنجي پيسي جي ڪري سموري بنگال تي قابض هئا ۽ اهي اهو هرگز ٿيڻ نہ ڏين ها.(1)

1951ع جي سياري ۾ شاگردن، ڍاڪا شهر جي درسگاهن ۾ مظاهرا ڪيا ۽ اهي ڪيئين ڏينهن هلندا رهيا. سيارو گذرڻ کان پوءِ، 21-فيبروري 1952ع تي ڍاڪا جي شاگردن جلوس ڪڍيو جنهن کي جڏهن پوليس ڇڙوڇڙ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ پوليس سان ٽڪراءُ جي صورت اڀري پئي. نيٺ پڇ ڏاهہ تي ۽ پوليس مظاهرين تي گولي هلائي ۽ لاتعداد شاگرد گرفتار ڪيا ويا.

ٻئي ڏينهن شاگردن وري پنهنجن مطالبن جي حمايت ۾ مظاهرا ڪيا ۽ پوليس وري گولي هلائي، جنهن ۾ مرڻ وارن جو تعداد تہ اڄ تائين معلوم نہ ٿي سگهيو آهي، پر لاتعداد ماڻهو زخمي ٿيا. 23 فيبروري، 1952ع تي يونيورسٽي ڪئمپس ۾ شاگردن وري هڙتال ڪئي جيڪا ٻئي ڏينهن تائين جاري رهي. ٻئي ڏينهن واري هڙتال صفا هٽ تاڙ هئي. حڪومت انهيءَ کي ختم ڪرائڻ لاءِ ڪو ڏيان نہ ڏنو. روز مظاهرا ٿيڻ ۽ روز پوليس سان ٽڪر ٿيڻ هڪ عام ڳالهہ بنجي ويئي پر حقيقت ۾ اها هڪ تحريڪ هئي. جنهن جو انجام، انهيءَ وقت ڪنهن جي تصور ۾ هئو. تحريڪ هلائڻ وارن جو مقصد صرف، پنهنجو پيغام ماڻهن تائين پهچائڻ ۽ کين انهيءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آماده ڪرڻ هئو.

انهيءَ کان پوءِ روزانہ ڍاڪا ۾ احتجاجي مظاهرا ٿيندا هئا ۽ مظاهرين جو روز پوليس سان ٽڪر ٿيندو هئو. ڪڏهن شاگردن جي آزاديءَ لاءِ شهري گڏ ٿيندا هئا تہ ڪڏهن وري گرفتار شاگردن جي

(1) نون، فيروز خان، From Memory، ص 34، 233.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪورٽ ۾ حاضري وقت، پر هر غير نمائنده حڪومت وانگيان مرڪز کي توجهه ڏيڻ لاءِ تيار ڪونه هئو. هن جو صرف ايترو چوڻ ڪافي هئو ته اهو دستور ساز اسيمبلي جو معاملو آهي تنهنڪري ان لاءِ حڪومت ڪجهه نٿي ڪري سگهي.

هو ڏانهن نورالامين حڪومت به چا ٿي ڪري سگهي. نورالامين پاڻ مظاهرين ۽ بنگالين جو حامي هئو. هو مظاهرين کي سمجهائيندو هئو ۽ کين آٿت ڏيندو هئو ته صوبائي انتظاميه، مظاهرن کي دٻائڻ نٿي چاهي پر مظاهرا پنهنجي جاءِ تي جاري رهيا جڏهن ته مرڪز نورالامين تي دٻاءُ وجهندي رهي ته مظاهرا بند ڪرايا وڃن. وزير اعظم خواجه ناظم الدين اوڀر پاڪستان جو دورو ڪري شاگرد ليڊرن کي سمجهايو پر انهيءَ مان ڪو خاطر خواهه نتيجو نه نڪتو.

مرڪز، جيئن پاڪستان ٺهڻ جي پهرين ڏينهن کان رهيو، ڪنهن به طرح صوبي جي هن اهم مسئلي ڏانهن توجهه ڏيڻ لاءِ تيار نه رهيو. مرڪز جي سردمهري جو عالم هيءُ هو جو اوڀر پاڪستان اسيمبلي هڪ متفقه ٺهراءُ پاس ڪري مرڪز ڏانهن موڪليو ته اردو سان گڏ بنگالي کي به قومي ٻوليءَ وارو درجو ڏنو وڃي. پر انهيءَ جي بدران ته انهيءَ مطالبي کي ملڪ جي اڪثريتي لساني طبقي جو مطالبو سمجهي ان تي غور ڪجي، آئين ساز ڪميٽي مورڳو ذڪر لائق ئي نه سمجهيو. تنهنڪري جڏهن ڪميٽيءَ جي عبوري رپورٽ جنهن ۾ اردو کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو ويو هئو، مڪمل رپورٽ ۾ زبان جو مورڳو ڪو ذڪر ئي ڪونه هئو.

مرڪز جي هن قدم، بنگال ۾ باهه تي تيل جو ڪم ڪيو. اوڀر پاڪستان ۾ مظاهرن، ايجيٽيشن جي صورت اختيار ڪري ورتي. هزارين ماڻهو گرفتار ۽ زخمي ٿيا ۽ ڪيئين مري ويا. جڏهن حالتون گهٽيون هٿن مان نڪري ويون، تڏهن مرڪز، اوڀر پاڪستان جي ليڊرن سان ڳالهين ڪرڻ لاءِ راضي ٿيو. خون ۽ فسادن جي هوليءَ جي پس منظر ۾ ۽ قوت جي دليل سان ٿيل هنن ڳالهين کان پوءِ مرڪز نيٺ اها ڳالهه تسليم ڪئي ته هنن جو پهريون فيصلو غير منطقي هيو ۽ نيٺ اردو سان گڏ بنگالي ٻوليءَ کي به قومي ٻولي جو درجو ڏنو ويو. اڪتوبر 1953ع ۾ دستور ساز ڪميٽي پنهنجي قطعي آئيني رپورٽ پيش ڪئي ۽ جيڪو آئيني مسودو پيش ڪيو ويو، تنهن ۾ هيءُ ڳالهه به شامل هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيتوڻيڪ ٻوليءَ جو مسئلو حل ٿي ويو هئو، پر اڃا صوبائي خودمختياري جو مسئلو اڙ ۾ لٽڪيل هئو. جيڪو ٻوليءَ واري سوال کان گهٽ اٽانگو هئو. اوڀر پاڪستان تہ پري هئڻ ڪري اڳي ئي انهيءَ احساس جو شڪار هئو تہ سائنس اقتصادي، معاشي ۽ سياسي فيصلن ۾ زيادتي ڪئي پيئي وڃي، پر اولهہ پاڪستان جا صوبا انهيءَ کان بہ وڌيڪ احساس محرومي ۾ ڦاٿل هئا، جنهن جي ڪري گهڻا پيچيدہ مسئلا پيدا ٿي رهيا هئا ۽ مرڪز نہ صرف انهن حقيقتن مڃڻ لاءِ تيار ڪونہ هئو پر انهن کي دٻائڻ لاءِ هر طرح جا حيلا هلائي رهيو هئو. گهٽو پوءِ اوڀر پاڪستان نيٺ ڌار ٿي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 7

# آئين جي تياري
# بنيادي اختلاف ۽ رڪاوٽون

1969ع ۾ جڏهن پاڪستان ۾ ٻيهر آئين کي ٽوڙيو ويو ۽ يحيٰ خان جي اڳواٽي ۾ فوج حڪومت جون واڳون سنڀاليون. تہ برطانيہ جي اخبار ڊيلي ٽيليگراف، انهيءَ تبديلي تي تبصرو ڪندي، هيئن لکيو:

”...... آزادي حاصل ڪرڻ جي چوٿائي صدي گذرڻ بعد، پاڪستان هڪ گهمرو وري جمهوريت ۽ آئين، ٻنهي کان محروم آهي.“

تاريخي لحاظ کان، ڪوبہ انهيءَ حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهي. اصل افسوس تہ پاڪستان جي بدقسميءَ تي آهي، جنهن جا حڪمران ابتدائي ويهہ سال انهيءَ ڪوشش ۾ رڌل رهيا تہ آئين اهڙيءَ طرح نهي جو ان ۾ صرف سندن مفادن جو تحفظ ٿي ٿي سگهي. نتيجي طور گروهي سياست اهڙو رنگ اختيار ڪيو جو آئين ٺهڻ جي شروعات ٿي ڪانہ ٿي سگهي ۽ جڏهن بہ ڪنهن سنجيده ڪوشش ٿي ورتي تہ ٻين انهيءَ کي ناڪام ڪرڻ چاهيو. اهو تہ پوءِ معلوم ٿيو تہ اصل مسئلو عام چونڊن کان بچڻ جو هئو. مفاد پرست ٽولا ۽ محلاتي سياست جا کيڏاري. عام ماڻهن کان بچڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ڇاڪاڻ تہ هنن جي سياست سرمائيدارنظام کي بچائڻ ۽ جاگيرداري نظام کي تحفظ ڏيڻ لاءِ ٿي هئي. هنن پاڻ اهڙي نظام ۾ اک پٽي هئي جو عام ماڻهو هنن جي آڏو محض جيت ۽ سوبت هئا. ۽ جن جي هنن کي پرواهہ تہ ڪانہ هئي پر انهن جي ٻل ۽ حمايت کان سواءِ، هنن جو اقتدار ۾ رهڻ ۾ ممڪن ڪونہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئو. انهيءَ ڪري هنن پنهنجن مقصدن جي پوري ڪرڻ لاءِ ڪامورا شاهي جو سهارو ورتو.

1954ع ۾ آئين جڏهن بلڪل تيار هئو ته 14 ڏينهن اڳ آئين ساز اسيمبلي ٽوڙي ويئي. ان کان پوءِ 1956ع واري آئين ۽ 1962ع واري آئين سان جيڪو حشر ٿيو تنهن اها ڳالهه بنهه واضح ڪري ڇڏي ته هيءُ ٽولا ڪيتري قوت رکن ٿا ۽ ڪيئن اقتدار کي پنهنجو رکي سگهن ٿا. فرق صرف چهرن جي تبديلي جو هئو. ڪڏهن ملڪ غلام محمد جي صورت ۾، ڪڏهن اسڪندر مرزا جي روپ ۾ ته ڪڏهن وري ايوب خان ۽ يحيٰ خان جي شڪل ۾، هيءُ سلسلو هلندو رهيو.

جيئن اڳي عرض ڪري چڪو آهيان، هن جو وڏو ڪارڻ قائداعظم جو جلدي لاڏاڻو هئو. قيام پاڪستان کان پوءِ، هن کي ايترو وقت ٿي نه مليو جو هو ملڪ جي مستقل جوڙجڪ، آئيني ڍانچي ۽ سياسي نظام بابت اتفاق راءِ پيدا ڪري سگهي. ڪيترائي مسئلا اڌورا رهجي ويا. انهيءَ حد تائين جو جيڪي قيام پاڪستان جا مخالف هئا تن به ڪنڌ ڪڍڻ شروع ڪيو. ڪڏهن وحداني طرز حڪومت جي ڳالهه تي ٿئي ته ڪڏهن وري وفاقي ۽ پارليماني جي، ڪڏهن صوبائي خودمختياري جي ته ڪڏهن وري اثاثن ۾ حصيداري جي. نتيجو هيءُ نڪتو ته آئين سازي جي مختلف مرحلن تي بحث ڪندي پورا ڏهه سال گذري ويا.

هڪ افسوسناڪ حقيقت هيءَ به آهي ته انهن واقعات جو پس منظر ۽ اسباب به اهڙيءَ طرح دٻايا ويا جو سچ ڪڏهن به آڏو نه اچي سگهيو. انهيءَ جو هڪ ڪارڻ اُهي مورخ آهن جن تاريخ لکندي، ديانت جو ساٿ نه ڏنو. هر واقعي جي غلط تاويل پيش ڪئي ويئي. نيون وضاحتون ٿيڻ لڳيون ۽ اصل اسباب جي بدران هٿ نوڪيا دليل پيش ڪري تاريخ جي صورت ڇپياتي ويئي. تاريخ داني جي انهيءَ روش جي ڪري ماڻهن ۾ تاريخ شناسي جو شعور به ڪسجي ويو. انهيءَ حد تائين جو اڄ تائين ماڻهو اوير پاڪستان جي ٽٽڻ ۽ باقي پاڪستان ۾ بيچيني جا ڪارڻ ڄاڻڻ کان قاصر آهن.

11_ آگسٽ 1947ع تي دستور ساز اسيمبلي آڏو سڀ کان اهم فرض، ملڪ جي لاءِ هڪ مستقل دستاويز ناهڻ هئو. هن آئين کي لازمي طور اهڙو هئڻ ضروري هئو ته اهو ماڻهن جي خواهشن جي ترجماني ڪري، جن

حقيقتن جي ڪري پاڪستان کي ٺاهيو ويو تن جي تڪميل جو ماحول پيدا ڪري ۽ ماڻهن جي خوشحالي لاءِ راهہ هموار ڪري. پر انهيءَ کان اڳ جو ان جون بيون ضرورتون پوريون ڪيون وڃن، اهو سوال ڪڙو ڪيو ويو تہ آئين وحداني هجي يا وفاقي. جيڪڏهن وفاقي هجي تہ پوءِ ان ۾ مرڪز جي حيثيت ڇا هجي ۽ صوبن جو ان سان ڪهڙو ناتو هجي. مرڪز وٽ ڪيترا اختيار هجن ۽ صوبا ڪهڙا شعبا رکن. وسيلن جي ورهاست ۽ انهن جو ڪنٽرول ڪهڙو ۽ ڪيترو هجي. بندرگاهہ، دفاع، ڪرنسي، خارجہ پاليسي، مواصلات ڪنهن وٽ هجن ۽ صوبن تي مرڪز جو ڪيترو اثر هئڻ گهرجي.

پاڪستان جو آئين ڪيئن هئڻ گهرجي ۽ ان جو حڪومت نظام ڪيئن هلڻ گهرجي، تنهن بابت هڪ خاڪو اسان وٽ گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ، 1935ع ۾ ڏنل هئو ۽ ان کان پوءِ 1940ع وارو پاڪستان جو ٺهراءُ بہ گهٽي ياڳي رهبري ڪري رهيو هئو. هي ٻئي خاڪا، انهيءَ بحث کي رد ڪري ٿا چڏين تہ آئين جو ٿلهي ليکي انداز ڪهڙو هئڻ گهرجي. هيءُ بہ هڪ ڪارڻ آهي جنهن جي ڪري پاڪستان واري ٺهراءُ جون ڪيتريون تاويلون ڪيون ويون.

1935ع واري ائڪٽ کان اڳ، مسلمانن، هڪ گڏيل هندستان ۾ آزاديءَ جي لاءِ جدوجهد ڪئي هئي. انهيءَ جدوجهد جو سمورو زور انهيءَ تي هئو تہ جيئن مرڪز جي غلبي کان بچي سگهجي. هن ائڪٽ هيٺ، مرڪز وٽ خارجہ امور، دفاع ۽ مواصلات جا شعبا ڏنا ويا هئا ۽ اهڙن بين شعبن جا اختيار بہ ڏنا ويا هئا جن جي مدد سان هو پنهنجن تن بنيادي شعبن جي لاءِ فنڊ حاصل ڪري سگهي. انهن ڪاتن کان علاوه باقي سمورا اختيار صوبن جي حوالي ڪرٽا هئا جن ۾ امن امان قائم رکڻ، عدليہ، صوبائي قانون سازي، مڪاني حڪومت، مواصلات، پاڻي، زمين، پيلا، پيدا وار، ضروري شين جو حصول ۽ ورهاست، صوبائي ملازمتون ۽ انهن سان لاڳاپيل شعبا انهن ۾ شامل هئا.

1935ع واري ائڪٽ کي مسلمانن قبول ضرور ڪيو هئو پر ان جي پنجن سالن اندر اهو ثابت ٿي ويو تہ گڏيل هندستان ۾ مسلمانن ۽ هندن جو گڏ رهڻ جي ڪري، مسلمانن جي پنهنجي سڃاڻپ ختم ٿي ويندي. پر جيڪا بنيادي خامي هئي، ساهيءَ تہ انهيءَ ۾ مسلمان پنهنجي سمورن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياسي، معاشي ۽ اقتصادي حقن کان محروم ٿي ويندا. هن ائڪٽ هيٺ، صوبن کي وڏ ۾ وڏ اختيار ڏنا ويا پر انهيءَ سان گڏوگڏ هندن ۽ مسلمانن کي سياسي طورهڪجيترو بہ تسليم ڪيو ويو هئو. جنهن جي معنيٰ هيءَ هئي تہ عددي اڪثريت جي ڪري مسلمان هميشہ هندن کان گهٽ حصي جا مالڪ هوندا. چند صوبن کانسواءِ، باقي پوري هندستان ۾ هندو مسلمانن کان گهڻائي ۾ هئا، پر جن صوبن ۾ مسلمان گهڻائي ۾ هئا، اتي مسلمان معاشي لحاظ کان گهٽو پنتي پيل هئا. انهيءَ حالت ۾ 1935ع وارو ائڪٽ مسلمانن جي لاءِ بي معنيٰ هو. باقي جن صوبن ۾ هندوگهڻائي ۾ هئا، اتي تہ مسلمانن جو وجود نہ جي برابر ٿي ويندو.

انهيءَ تجربي جي ناڪامي کان پوءِ مسلمانن اهو طئي ڪري ڇڏيو تہ گڏيل هندستان ۾ صوبائي خودمختياري بي معنيٰ ٿيندي تنهنڪري هنن اهو مطالبو ڪيو تہ مسلمانن جي اڪثريتي صوبن تي مشتمل هڪ ڌار وفاق ٺاهيو وڃي جنهن کي پاڪستان جو نالو ڏنو وڃي.

23 مارچ 1940ع وارو ٺهراءُ، ڪهڙي حڪومتي نظام ڏانهن اشارو ڪري ٿو، تنهن بابت بہ گهڻا رايا آهن. جيتوڻيڪ هن جي اصل متن ۾ اهو بنهہ صاف بيان ڪيل هئو تہ اهو ملڪ آزاد مملڪت هوندو يا آزاد رياستن جو وفاق، تنهن هوندي بہ بعد ۾ مفاد پرست سياستدانن انهيءَ جي تشريح کي متنازعہ بڻائي ڇڏيو.

23-مارچ 1940ع واري ٺهراءُ جي متن جو حصو هنريت آهي:

> "ڪل هند مسلم ليگ جو هيءُ اجلاس ٺهراءُ ٿو ڪري تہ ڪابہ اهڙي آئيني سٽا ملڪ ۾ قابل قبول نہ هوندي يا مسلمانن لاءِ قبوليت لائق نہ هوندي جيڪڏهن اها هنن بنيادي اصولن مطابق نہ هوندي: يعني اتر اولهہ ۽ اڀرندي پارت ۾، جتي مسلمان تعداد ۾ گهڻا آهن اتي جي جغرافيائي علائقن کي اهڙيءَ طرح ملايو وڃي (ضروري ڦيرگهير بعد، جيڪڏهن ضروري ٿئي تہ) جيئن اهي آزاد رياستون بنجي سگهن ۽ اهي گڏجندڙ يونٽ خودمختيار ۽ آزاد هجن."

هن ٺهراءُ جي حصي ۾، لفظ "آزاد ۽ خودمختيار رياست" جو ذڪر تمام صاف لفظن ۾ ڪيل آهي ۽ ڪٿي بہ لفظ صوبو ڪتب آيل ڪونهي. هيءُ نڪتو قابل غور آهي. ان کان پوءِ، هن ٺهراءُ جي توثيق،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دهلي ۾ 10 اپريل 1941ع ۾ ٿيل آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس ۾ هيٺي ٺهراءُ ذريعي ڪئي ويئي. هن ٺهراءُ ۾، ڪائونسل، ڪل هندمسلم ليگ جي پاس ڪيل ٺهراءُ کي درست ڪيو ۽ فقره نمبر 2 ۾ هن طرح تبديلي ڪئي ويئي:

"…. اهي علائقا جتي مسلمان گهڻائي ۾ آهن جهڙوڪ اتر اولهه ۽ اڀرندي هندستان جا علائقا، سي رياستن طور يڪجا ڪيا ويندا ۽ اهي آزاد وطن بنايا ويندا. ۽ اهي يونٽ آزادي خودمختيار هوندا."

ٻنهي ٺهرائن ۾ لفظ خودمختيار رياستن جو لفظ ڪتب آندل آهي ۽ ڪٿي به صوبا يا صوبن جي رياست ڪتب نہ آندو ويو آهي. انهيءَ آڌار تي اهو صاف پڌرو هو تہ آئيندي جيڪا بہ حڪومتي ۽ انتظامي تشڪيل ٿيڻي هئي، تنهن جو بنياد اهي ٺهراءُ هئا.

هنن ٺهرائن مان ايئن ٿو لڳي تہ قائداعظم جو مقصد، انهن ئي اصولن جي آڌار تي، پاڪستان جو هڪ اهڙو وفاق ناهڻ هو جنهن ۾ مرڪز وٽ پنهنجي انتظام هلائڻ لاءِ مناسب اختيار ۽ اهم امور تہ هجن پر وفاقي يونٽن کي بہ پوري خودمختاري حاصل هجي ۽ پنهنجي انهن ذميدارين پورين ڪرڻ لاءِ بہ پورا وسيلا ۽ اختيار هجن. انهن اختيارين ۾ مڪاني ادارا، مالي وسيلا ۽ ٻيون اختياريون شامل آهن، ڇاڪاڻ تہ کيس احساس هئو تہ مجوزه پاڪستان جي آبادي واري تناسب ۾ ايترو گهڻو فرق هئو جو حڪومتي ۽ سياسي ڍانچي جو متاثر ٿيڻ لازمي امر هئو. تنهنڪري باني ءِ پاڪستان وڏ ۾ وڏ صوبائي خو مختياري تي زوريري رهيو هئو بعد جي، مورخين، هنن واقعات کي هن طرح تعبير ڪيو آهي تہ قائداعظم هڪ اهڙي يونين جو خواهشمند هو جنهن وٽ بچاءُ، خارجہ پاليسي ۽ مواصلات جا کاتا هجن ۽ باقي سمورا اختيار يونٽن وٽ هجن.

هن حقيقت جي پنيرائي هن ڳالهہ مان بہ ٿي تہ مسلم ليگ مئي 1946ع ۾ ڪئبينيٽ مشن جو جيڪو پلان منظور ڪيو هئو، ۽ پوءِ واپس ورتو تنهن ۾ هيءَ نڪتا هئا:

(الف) يارت جي ھڪ يونين هجي جنهن ۾ برطانوي پارت ۽ پارتي مملڪتون هجن ۽ وٽس خارجي معاملات، بچاءُ ۽ مواصلات (جا کاتا) هجن ۽ هن کي انهن جي هلائڻ لاءِ گهربل فنڊ ڪٺا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ جا اختيار هجن،

(ب) يونين، انتظاميہ ۽ قانون ساز ٻنهي جي نمائندن تي مشتمل هجي،

(ج) يونين کان سواءِ سمورا اختيار مملڪت وٽ هجن،

(د) صوبن کي انتظاميہ ۽ قانون سازگروپ ٺاهڻ جو اختيار هجي ۽ هر گروپ اهڙا صوبائي معاملا نبيرڻ جو اختيار رکندو هجي جيڪي ٻئي گڏجي ڪتب آڻيندا ۽

(ح) يونين ۽ گروپن جي آئينن ۾ اهڙي قسم جي گنجائش هجي جنهن موجب ڪوبہ صوبو پنهنجي قانون ساز اسيمبليءَ جي اڪثريتي ووٽ جي ذريعي، ابتدائي ڏهن سالن جي عرصي گذارڻ کان پوءِ تشڪيل جي شرطن تي غور ڪري سگهي ٿو.

هنن حقيقتن مان، پاڪستان جي مستقل انتظامي ڍانچي، مرڪز ۽ تشڪيلي يونٽن ۽ انهن جي درميان عملي جوڙجڪ جو هڪ خاڪو ظاهر ٿئي ٿو، ليڪن سياستدانن، انهن کي پنهنجي مقصدن جي آبياري لاءِ ڪتب آڻيندا رهيا ۽ انهن جي تشريح بہ اهڙيءَ طرح ٿي ڪندا رهيا، جيڪا سندن مقصدن لاءِ موزون هجي.

دلچسپ ڳالهہ هيءَ آهي تہ انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ هو قائداعظم جي تقريرن، هدايتن ۽ اشارن کي، پاڪستان جي نعراءُ ۽ بين آئيني مسئلن جي تشريح ڪرڻ ۾ ڪتب آڻيندا رهيا. جڏهن تہ حقيقت هيءَ آهي تہ قائداعظم، جڏهن بہ مسلمانن جي آزاديءَ جي ڳالهہ ڪئي تہ ان ۾ مسلمانن جي آزاد ۽ خودمختيار رياستن جا لفظ ڪتب آڻيندو رهيو.

15 سيپٽمبر 1944ع تي مهاتما گانڌي، انهيءَ مسئلي تي قائداعظم کان هڪ خط ذريعي ڪجهہ سوال پڇيا جن ۾ هڪ سوال هيءَ هئو: ”ڇا، انهيءَ زون ۾ اڻ ڄاڻايل ايڪا، آزاد رياستون هونديون؟“ انهيءَ جي جواب ۾ قائداعظم 17 سيپٽمبر 1944ع تي لکيو: ”اهي پاڪستان جا يونٽ بنبا.“ (1)

22ـ مئي 1946ع تي قائداعظم هڪ بيان جاري ڪيو، جيڪو

(1) پروفيسر عزيزالله شيخ، "Provincial autonomy in the historical perspective" ڪراچي لا جرنل، 1971ع، ص48.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غالباً پاڪستان جي جوڙجڪ ۽ آئيني مسئلن بابت پيدا ٿيل مونجهارن کي حل ڪرڻ لا جاري ڪيو ويو هئو. ڪيس غالباً انهيءَ حقيقت جو گهٽو اونو هئو تہ آئيني جوڙجڪ ۽ انتظامي مونجهارو، اڳتي هلي ڪهڙا مسئلا پيدا ڪري سگهي ٿو، تنهن ڪري هن انهن نڪتن کي واضح ڪرڻ گهريو ٿي. هن چيو:

(1) هو پاڪستان کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ گهرن ٿا يعني هڪ اُتر اولهہ وارو زون، ۽ ٻيو اتر اپرنديون زون.

(2) ٻن آئين سازادارن بدران، هاڻي هڪ آئين سازادارو هوندو.

(3) ڀارت جي هڪ ئي يونين هوندي جنهن ۾ ڀارت ۽ ننڍيون مملڪتون (رياستون) هونديون. هن يونين وٽ خارجہ امور، دفاع ۽ مواصلات جا کاتا هوندا ۽ انهن کي هلائڻ لاءِ فند حاصل ڪرڻ جو اختيار هوندو.

هتي جيڪا قابل ذڪرڳالهہ آهي سا هيءَ تہ قائداعظم پاڪستان جي گهٽين رياستن جو وفاق ناهڻ بدران هڪ آئين سازاداري جو ذڪر ڪري ٿو، جنهن جو مطلب هيءُ ٿيو تہ 1946ع ڌاري اها ڳالهہ طئي ٿي چڪي هئي تہ مسلم اڪثريت وارا صوبا خودمختيار نہ، پر هڪ آئيني هيٺ وفاق جا يونٽ هوندا جن وٽ پنهنجا اختيار هوندا البتہ وفاق کي تمام گهٽ اختيار هوندا. انهيءَ جو ڪارڻ 9- اپريل 1946ع وارو مسلم ليگ رهنمائن جو دهلي وارو اجلاس ۽ ان ۾ بحال ڪيل اهو نعراءُ هئو جنهن ۾ 1940ع واري لاهورواري ٺهراءُ ۾ تبديلي ڪئي ويئي هئي. انهيءَ جو هڪ بنيادي ڪارڻ هيءَ هو تہ اوڀر پاڪستان (بنگال) وارو علائقو، اولهہ پاڪستان کان گهٽو پري هئو، تنهن ڪري ان لاءِ هڪ ڌار آئين ساز ادارو تشڪيل ڏيڻ، مرڪز لاءِ هاجيڪارتصور ڪيو ويو.

نئين دهلي واري ٺهراءُ ۾ مسلم ليگي رهنمائن چيو: ”ڀارت جي مسلمانن کي يقين آهي تہ ڀارت جا مسلمان هندن جي اڪثريتي غلبي کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ ۽ پنهنجي اندازسان رهڻ ۽ ترقي جو موقعو فراهم ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ اپرندين علائقي ۾ بنگال ۽ آسام، ۽ اتر اولهہ حصي ۾ پنجاب، سرحد، سنڌ ۽ بلوچستان تي مشتمل هڪ ”آزاد خودمختيار“ رياست ناهي وڃي.“

جيتوڻيڪ، آزاديءَ جي تاريخ ۾، ڪل هند مسلم ليگ جي عام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجلاس واري ٺهراءُ، 1940ع کي اورانگهڙ جو فيصلو تمام اڻانگو مرحلو هئو ۽ چند پارليامينٽرين ڪن مصلحتن هيٺ ڪيو هئو، ۽ ائين لڳي ٿو تہ قائداعظم کي انهيءَ تبديلي سان اتفاق ڪونہ هئو. تاهم هن ان نازڪ گهڙيءَ ۾ جڏهن ڪانگريس تقسيم جي پلان کي ناڪام ڪرڻ لاءِ پوري ڪوشش ڪري رهي هئي، تڏهن مسلمانن جي داخلي ليڊرشپ ۾ ڪنهن ڏقير وجهڻ کان پاسو ڪرڻ لاءِ في الحال انهيءَ انتظامي تبديلي کي قبول ڪري ورتو هئو. جيتوڻيڪ، قائداعظم هڪ آئين ساز اداري هيٺ پاڪستان جي وفاق واري پلان کي قبول ڪري ورتو، پر، جيئن سندس بعد جي تقريرن مان ظاهر ٿيو تہ هو مضبوط وفاق جي حق ۾ هرگز نہ هو، ۽ چاهيائين ٿي تہ صوبن کي وڌ ۾ وڌ اختيار ڏنا وڃن.

# 8

# آئين سازي- سازشن جي ابتدا

هن ڪان اڳوڻن صفحن ۾ عرض ڪري چڪو آهيان تہ قيام پاڪستان جي پهرين سالن دوران آئين سازي جو مسئلو ڪهڙين ڏڪائين جو شڪار ٿيندو رهيو آهي: ڪيڏيءَ مهل لڏپلاڻ جي مسئلي سان تہ ڪڏهن وري سياستدانن جي پاڻ ۾ اختلافن جو. ڪڏهن تہ مورڳو ڪامورا شاهي ۾ آمرانہ رويہ جي هاڃي ۾ قاسجي پيئي. هنن سيني روين گڏجي پاڪستان جي هنن شروعاتي ڏينهن کي باهمي رسہ ڪشي جو بليدان بنائي ڇڏيو. دراصل، اهي ئي ڏينهن هئا جن ۾ آئين سازي مڪمل ٿيڻي هئي تہ جيئن اڳتي هلي جمهوريت ۽ عوامي زندگيءَ جا ٻيا شبعا منظم ٿي سگهن.

عجيب حالت آهي تہ 1947ع ڪان وٺي ڏهہ سال صرف انهيءَ بحث ۾ گذري ويا تہ آئين ڪهڙو هئڻ گهرجي ۽ ملڪ جو نظامتي چرخو ڪيئن هلڻ گهرجي. پهريون آئيني خاڪو 1956ع ڌاري وڃي تيار ٿيو. جڏهن تہ اسان سان گڏ آزادي حاصل ڪندڙ اسان جي پاڙيسري ملڪ هندستان، 1935ع واري گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ کي بنيادي اصول بنائيندي جنوري 1950ع ۾ پنهنجي آئين کي لاڳو بہ ڪري ڇڏيو. انهيءَ جي پيٺ ۾ اسان صرف اهڙين گروهي سازشن جو شڪار رهياسون جن جو مقصد صرف اهو هئو تہ اقتدار هڪ مخصوص طبقي لاءِ هجي ۽ ٻيو ڪو بہ ان ۾ ڀاڱي ڀائيوار نہ ٿي سگهي.

پاڪستان نهڻ وقت، ملڪ کي پنهنجو تہ ڪو آئين ڪونہ هئو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنڪري ملڪ جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ في الحال گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935ع ۾ ٿوريون ترميمون ڪري ۽ هندستان جي آزادي واري، قانون جي سيڪشن 8 ۾ ترميم ڪري عبوري آئين طور اختيار ڪيو ويو ۽ وعدو ڪيو ويو تہ نئين آئين ٺهڻ تائين اهي قانوني ڍانچا آئين طور ڪتب آندا ويندا. انهيءَ ڪم لاءِ هڪ آئين ساز اسيمبلي ساز قائم ڪئي ويئي جنهن 11- آگسٽ 1947ع کان ئي ڪم شروع ڪري ڏنو. هيءَ اسيمبلي 1946ع وارين چونڊن جي آڌار تي ٺاهي ويئي ۽ ان جي ذمي بہ ڪم ڪيا ويا: هڪ تہ اها آئين ٺاهيندي ۽ ٻيو تہ گڏوگڏ اها قانون سازي جو ڪم بہ ڪندي رهندي يعني ملڪ جي پارليامينٽ بہ رهندي.

آئين سازي ڪا مشڪل ڳالهہ ڪانہ هئي. آزاديءَ جي وقت پاڪستان ۾ اهي سمورا ليڊر جيڏرا هئا جيڪي آزاديءَ جي سموري قافلي ۾ شامل هئا ۽ جن ڄاتو ٿي تہ قيام پاڪستان جو مقصد ڇا آهي، قائداعظم ڇا ٿي چاهيو ۽ مستقبل سنوارڻ لاءِ اها ڪهڙي راءِ اختيار ڪرڻ گهرجي جنهن جي ذريعي شخصي ۽ اجتماعي آزادي، سماجي انصاف ۽ هڪجيترا معاشي موقعا ملن.

دراصل هي ئي اهو نڪتو آهي جنهن ملڪ جي هن اهم ۽ قيمتي ابتدائي دورکي سازشن ۾ وڃائي ڇڏيو. مثال طور11- آگسٽ 1947ع کان وٺي 11 سيپٽمبر 1948ع تائين قائداعظم پنهنجن مختلف تقريرن، خطابن ۽ هدايتن جي ذريعي اهو واضح ڪندو رهيو تہ هن ڪهڙي قسم جو حڪومتي ۽ رياستي نظام سوچيو آهي. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۽ ان کانسواءِ، هن جي سمورين تقريرن ۽ ڳالهين مان اهو صاف ظاهر ٿي ويو هئو تہ هو هڪ "سيڪيولر جمهوري نظام چاهيندو هو." [1] ۽ چيائين:

"نئين مملڪت هڪ جديد جمهوري مملڪت هوندي جنهن ۾ اقتدار اعليٰ جو مالڪ عوام هوندو ۽ هن نئين مملڪت جي ماڻهن کي، مذهب، ذات ۽ نسل کان ڌارتي برابري جا حق حاصل هوندا." [2]

اهڙيءَ طرح 11- آگسٽ 1947ع تي پهرين آئين ساز اسيمبليءَ کي خطاب ڪندي هن جيڪا تقرير ڪئي هئي تنهن ۾ جڏهن قائداعظم

(1) جسٽس منير انهيءَ سلسلي ۾ 1946ع جي هڪ انٽرويو جو حوالو ڏنو ٿو جيڪو قائداعظم دهليءَ ۾ رائٽر خبررسان ايجنسي کي ڏنو هئو.
(2) جسٽس منير، فرام جناح ٽو ضياء، ص29.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملڪ جي آئينده آئيني خاڪي ۾ حڪومتي نظام جو پورو خاڪو ڏيئي ڇڏيو هئو ۽ آئيني ماهرن توڙي سياستدانن کي صرف انهيءَ تي قانوني فقرن جو تهہ چاڙهڻو هئو. چيائين:

”... هن سموري ورهاست ۾ اقليتن جو مسئلو وسارڻ ناممڪن آهي پوءِ يلي اهي هن پاسي رهندا هجن يا ٻئي طرف. اها ورهاست اڻ ٽر هئي. ٻيو ڪو حل ڪونہ هو. هاڻي، جيڪڏهن اوهان هن عظيم مملڪت پاڪستان کي سکيو ستابو بنائڻ چاهيو ٿا تہ اسان کي ماڻهن جي ڀلائي خاص ڪري غريبن ڏانهن پورو ڌيان ڏيڻو پوندو. جيڪڏهن اوهان ماضيءَ جون تلخيون وساري سموريون دشمنيون وساري هڪ ٻئي جي مدد سان ڪم ڪندا تہ ڪاميابي اوهان جي ٿيندي. جيڪڏهن اوهان ماضيءَ کي وساري، گڏ ڪم ڪرڻ واري جذبي سان ڪم ڪندا تہ ڪاميابي اوهان جي آهي پوءِ يلي ماضيءَ ۾ اوهان جا پاڻ ۾ ڪهڙا بہ لاڳاپا هئا يا اوهان ڪهڙي رنگ، نسل يا ذات سان تعلق رکو ٿا، اوهان اول ۽ آخر هن مملڪت جا شهري آهيو جن جا هڪجيترا حق آهن. اهڙيءَ طرح وڌندا تہ هر قدم ڪاميابي ۽ ترقي اوهان جي آهي.

”.... آءٌ هن ڳالهہ تي وڌيڪ زور ڏيڻ نٿو گهران. اسان کي انهيءَ جذبي سان ڪم شروع ڪرڻ گهرجي ۽ انهيءَ سلسلي ۾ هندو ۽ مسلمان هئڻ جو خيال وساري ڇڏڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ مسلمان هوندي بہ اوهان ۾ پٺاڻ، پنجابي، شيعا، سني سڀ آهن. هندن ۾ اوهان وٽ برهمڻ، وشنو، کتري، بنگالي، مدراسي ۽ ڪيترا ٻيا آهن جن سان ويڇا ختم ٿيڻ گهرجن.... هاڻي اوهان آزاد آهيو. اوهان مملڪت پاڪستان ۾ پنهنجن مندرن، مسجدن يا ٻين عبادتگاهن ڏانهن آزاديءَ سان وڃي سگهو ٿا. اوهان ڪهڙي بہ مذهب نسل ۽ رنگ سان تعلق رکندا هجو، انهيءَ جو مملڪت جي ڪاروبار سان ڪو واسطو ڪونهي.

”..... هاڻي آءٌ سمجهان ٿو تہ اسان جي سامهون اهو آدرش آهي ۽ اوهان ڏسندوءِ تہ وقت گذرڻ سان گڏ هندو، هندو نہ رهندو ۽ مسلمان، مسلمان نہ رهندو، ڪو مذهبي نڪتہ نظر کان نہ پر

سياسي ۾ مملڪت جي شهري لحاظ کان، ڇاڪاڻ تہ مذهب هر ماڻهوءَ جو انفرادي عقيدو آهي."

قائداعظم، ملڪ ٺهڻ ڪانپوءِ انيڪ مسئلن ۾ ڦاسجي پيو ۽ جيتوڻيڪ هن جي صحت انهيءَ جي اجازت ڪانہ ٿي ڏني تنهن هوندي بہ هو 14 کان 16 ڪلاڪ روز ڪم ڪندو رهندو هئو. ايتري ڪم هوندي بہ جڏهن ڪيس موقعو ملندو هئو تہ ملڪ جي آئيني بنيادن بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندو رهندو هئو. مثال طور 26 مارچ 1948ع تي چٽگانگ ۾ عام جلسي کي خطاب ڪندي واضح لفظن ۾ چيائين:

"پاڪستان جو بنياد يقيني طور تي سماجي انصاف ۽ اسلامي سوشلزم تي هئڻ گهرجي جيڪو انسان جي برابري ۽ اخوت تي زور ڏئي ٿو."

انهيءَ کان سواءِ گهڻا ٻيا اهڙا موقعا هئا جن تي قائداعظم اهو ورجائيندو رهيو تہ پاڪستان جو مملڪتي نظام ڪنهن هڪ نظريي جي هيٺ نہ هلندو بلڪ هنن تقريرن ۾ اهو واضح ڪري ڇڏيو هئائين تہ مملڪتي نظام هڪ ڌار شيءِ آهي جنهن کي مذهبي معاملن کان ڌار رهڻ گهرجي. هو بار بار انهيءَ تي زور ڏيندو رهندو هئو تہ پاڪستان جي اڪثريت مسلمان تي ٻڌل آهي پر انهيءَ جو مطلب اهو ڪونهي تہ اقليت تي اهو مذهب لاڳو ڪيو وڃي، ۽ نہ وري هيءَ تہ مملڪتي نظام ٿيوڪريسي جي زير اثر هجي. سندس 21- مارچ 1948ع واري ڍاڪا جي عام جلسي ۾ تقرير سندس خيالن کي صاف بيان ڪري ٿي:

"اوهان مون اسان اتفاق ڪندوءِ تہ اسلام اسان کي سيکاري ٿو تہ اوهان ڇا بہ هجو، اوهان هر حال ۾ مسلمان رهندوءِ. هاڻي اوهان هڪ قوم آهيو. اوهان پنهنجي لاءِ هڪ وسيع ملڪ ناهيو آهي جيڪو اوهان جو آهي. اهو نہ تہ ڪنهن پنجابي جو آهي نہ سنڌي، پٺاڻ يا بنگالي جو آهي. اهو اوهان جو آهي. (پر) انهيءَ سوچڻ ۾ پل نہ ڪجو تہ پاڪستان ڪا ٿيوڪريسي (Theocracy) يا انهيءَ جهڙيءَ حقيقت آهي. اسلام، ٻين نسلن کي برداشت ڪرڻ جو سبق ڏئي ٿو ۽ اسان انهن سمورن نسلن ۽ ذاتين جو خير مقدم ڪنداسين جيڪي پاڪستان جا سچا ۽ وفادار شهري بنجڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا..." (1)

(1) جاويد اقبال، Ideology of Pakistan ص4،3- بحوالہ منير، فرام جناح ٽو ضياء، 31، 32.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿين ڳالهين مان هن حقيقتن تي ذرو بہ شڪ نٿو پئي تہ قائداعظم ڪهڙي قسم جو مملڪتي نظام چاهيندو هئو. هن ڪٿي بہ ڪڏهن بہ اسلام جي مخالفت ڪانہ ڪئي، بلڪ بار بار اسلامي مساوات، اخوت ۽ سماجي انصاف جي ڳالهہ ڪئي. پر ساڳي وقت هو ڏاڍو سجاڳ سياسي اڳواڻ هئو. هن دنيا جي سمورن سياسي نظامن جو ڳوڙهو مطالعو ڪيو هئو ۽ کيس ڄاڻ هئي تہ مذهبي جنون پرستي، قوم کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪري ٿي تنهنڪري هن کي اهو خطرو هئو تہ جيڪڏهن آئين جو بنياد مذهبي بنياد تي رکيو ويندو تہ اڳتي هلي اهو ڪيترن مملڪتي مونجهارن کي پيدا ڪندو. تنهنڪري هن مذهب کي ذاتي عقيدو ڄاڻائيندي مملڪتي نظام کي ڌار رکڻ تي گهريو. هن جو خيال هئو تہ اهڙي ڪنهن شق کي آئين جو بنياد بنائڻ ۾، ٿيوڪريسي مملڪتي نظام ۾ داخل ٿي ويندي جيڪا اڳتي هلي سماجي انصاف ۽ برابري واري اصول کي ريتي وجهندي ۽ نيٺ انتشار ۽ سماجي بي انصافي پکڙجي ويندي.

قائداعظم جي ساٿين، خاص ڪري لياقت علي خان کي اهو احساس هئو تہ قائد ڇا ٿي چاهيو، ۽ اهو بہ معلوم هئو تہ قائد گهري جسماني عارضي ۾ مبتلا هئو. وزير عظم هئڻ جي ناتي ۽ قائد سان ذاتي وابستگي جي ڪري هو قائداعظم جي سمورين طبي رپورٽن، علاج معالج بين سمورين حقيقتن کان واقف هئو بلڪ غالبا کيس اهو يقين ٿي چڪو هئو تہ قائداعظم گهڻو عرصو زندهہ نہ رهندو تنهنڪري هن آئين سازي جي مسئلي کي اڳتي وڌائڻ مناسب نٿي سمجهيو. ڇاڪاڻ تہ کيس معلوم هئو تہ قائداعظم ڪنهن اهڙي آئيني مسودي کي قبول نہ ڪندو جنهن ۾ سندس خيالن جي نفي ٿيندي هجي.

لياقت علي خان ڇو ائين ڪيو، مٿي عرض ڪيل پس منظر کانسواءِ ٻيو ڪو ڪارڻ معلوم ڪونہ ٿو ٿئي ۽ نہ وري ان تي ڪو مورخ روشني وجهي ٿو. البتہ هڪ ڳالهہ پڌري آهي تہ سيڪيولر ۽ جمهوري، اسلامي سوشلزم تي ٻڌل آئين لياقت علي خان کي هن ڪري منظور ڪونہ هئو تہ هو امريڪي نڪتہ نظر جي گهڻو ويجهو هئو جنهن کي سدائين ڪميونسٽ نظريہ جي پکڙجڻ جو ڀو وينل هو ۽ جنهن چاهيو ٿئي تہ (ان وقت) سوويت يونين کانپوءِ اوير ايشيا ۾ ڪميونزم وڌي نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهي. [1] جيتوڻيڪ قائداعظم پاڪستان جي مملڪتي نظام جي باري ۾ جيڪو خاڪو پيش ڪيو هئو تنهن ۾ اهڙي ڪنهن سوشلسٽ نظريي جي پرچار ٽيل ڪانه هئي پر هن جنهن سيڪيولر نظام ۽ سماجي و معاشي هڪجهڙائي تي زور ڏيو، سو سرمائيدارانه نظام آڏو، ڪميونزم جي ويجهو هئو. بهرحال، آئين ساز اسيمبلي جو ڪردار ڇاڪاڻ ته به رخو (آئين سازي ۽ قانون سازي) هئو تنهنڪري ان کي به ڪم ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿي رهي هئي. ويتر لياقت علي خان پاڻ آئين سازي ۾ دير وجهڻ لڳو.

قائداعظم جي مرڻ جي ڇهن مهينن کانپوءِ لياقت علي خان آئين سازي ڏانهن رجوع ٿيو ۽ ميمبرن آڏو ڪئين سواليه نڪتا پيش ڪيائين جن سان گڏ هن جي ذهن ۾ اهي سوال اڀري هئا به ڪونه. مثال طور: آئين جي نوعيت ڇا هئڻ گهرجي، اسلام کي ڪهڙي حيثيت حاصل هئڻ گهرجي، چونڊ جو طريقو ڪهڙو هئڻ گهرجي يعني مسلمانن لاءِ ڪهڙو ۽ اقليتن لاءِ ڪهڙو، آيا مذهبي اقليتن لاءِ ڌار يا گڏيل، صوبن جي نمائندگي آبادي جي بنياد تي ڪجي يا ٻي ڪنهن بنياد تي، وسيلن جي ورهاست ڪهڙي آڌار تي ٿئي، صوبن وٽ ڪهڙا اختيار هجن ۽ مرڪز وٽ ڪهڙا هئڻ گهرجي، حڪومت وحداني طريقي جي هجي يا وفاقي، ۽ ايوان هڪ هجي يا ٻه، وغيره.

12- مارچ 1949ع تي اهو ٺهراءُ پيش ڪيو ويو، ٺهراءُ ۾ جيتوڻيڪ اقليتن جي حقن جي تحفظ جي ضمانت ڏني ويئي هئي پر سڄو زور انهيءَ ڳالهه تي هو ته هن ٺهراءُ ۾ مجوزه آئين جو مقصد اهو هوندو ته مسلمانن جي زندگي کي اسلامي حڪمن جي مطابق بنايو وڃي.

ٺهراءُ ۾ ٻي قابل ذڪر ڳالهه اقتدار اعليٰ جي مالڪ هئڻ واري هئي. قائداعظم بار بار اهو چوندو ٿي آيو ته پاڪستان جي مملڪتي نظام ۽ ان جي بنيادي دستاويز ۾ اقتدار اعليٰ جو مالڪ عوام هوندو، پر ٺهراءُ ۾ اقتدار اعليٰ جو مالڪ الله تعاليٰ ڄاڻايو ويو. جنهن جو مطلب اهو هئو ته پاڪستان هڪ اسلامي ۽ مذهبي رياست هوندي جنهن ۾ اقليتن جي حيثيت ذمي واري هوندي، ۽ اها رياست جي ذميداري هوندي ته ملڪ

(1) قيام پاڪستان جي وقت چين ۾ عوامي آيار جاري هئو ۽ اهي آثار هئا ته اتي سيڪيولرزم ۽ سوشلزم تي ٻڌل حڪومتي نظام قائم ٿي وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پوري زندگي اسلامي بنيادن تي استوار ڪري.

هن ٺهراءُ تي اقليتي عيوضين اعتراض ڪيو. هنن جو چوڻ هئو تہ هيءَ ملڪ هنن جو وطن آهي جنهن ۾ رهڻ ۽ ان جي ترقي و تعمير ۾ هو برابر جا ڀاڱيوار آهن پر هن ٺهراءُ جي ذريعي سندن حيثيت ذمي واري وڃي رهندي تنهنڪري ان کي بحال نہ ڪيو وڃي. پاڪستان نيشنل ڪانگريس جيڪا ان وقت اقليتن جي نمائندگي ڪري رهي هئي تنهن جي ميمبر جي ڪي دتا چيو: "هن ٺهراءُ، مذهب ۽ سياست کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيو آهي. جيتوڻيڪ مذهب سياست کان ڌار ٿئي ٿو ۽ انهيءَ جي هيٺ اقليتي غلام بنجي رهجي ويندا." ٻئي ليڊر ايس سي چٽو پاڌيا ٺهراءُ جي مخالفت ڪئي ۽ چيو: "انهيءَ سان پاڪستان ۾ غير مسلم صرف پخالي ۽ ڪاٺير بنجي ويندا." (1)

لياقت علي خان، وزير اعظم جي حيثيت ۾ ميمبرن کي يقين ڏياريو تہ اقليتن جو پورو تحفظ ڪيو ويندو، پر اها ڳالهہ ظاهر هئي تہ ٺهراءُ پاس ٿيڻ جي صورت ۾ آئيندي جو آئين انهيءَ بنياد تي ٺهندو. اقليتي ميمبر انهيءَ خاطري کان مطمئن ڪونہ هئا. مسلمان ميمبرن مان سواءِ ميان افتخار الدين سمورن ٺهراءُ جي حق ۾ ووٽ ڏنو ۽ اقليتي ميمبر احتجاج طور واڪ آئوٽ ڪري ويا. اڳتي هلي اهو ثابت ٿيو تہ پاڪستان ۾ ڀريون گهمرو بنياد پرستي جي پيڙهہ رکي ويئي.

بهرحال، ٺهراءُ پاس ڪرڻ سان گڏ هڪ ڪميٽي ٺاهي ويئي جنهن کي آئين جو خاڪو تيار ڪرڻو هئو. ڪميٽي پنهنجي ڪم ڪار جي اُڪلاءُ واسطي ٽي ڪميٽيون ٺاهيون جيڪي هيون: وفاق ۽ صوبن جي درميان آئيني ۽ انتظامي اختيارين جي ورهاست واري سب ڪميٽي. راءِ دهي جي سب ڪميٽي ۽، عدليہ جي سب ڪميٽي.

بنيادي اصولن واري ڪميٽي کي تمام ڏکيا فيصلا ڪرڻ هئا، ڇاڪاڻ تہ ملڪ ٻن وڏن حصن -اوير پاڪستان ۽ اولهہ پاڪستان- ۾ ورهايل هئو ۽ جن جي درميان هندستان جهڙو ملڪ هئو. انهيءَ کان سواءِ ٻنهي علائقن جي درميان زبان ۽ ثقافت جو هڪ وڏو ۽ واضح ويڇو ۽ معيار زندگي ۾ تمام گهڻو فرق هئو. خود اولهہ پاڪستان بہ زبان، ثقافت ۽

(1) پاڪستان جي دستور ساز اسيمبلي جي ڪارروائي، ڪراچي جلد5، نمبر5 ص30، بحوالہ ڈاڪٽر صفدر محمود مسلم ليگ کا دور حکومت ص289

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياسي لحاظ کان ڌار ڌار شناخت وارا يونٽ هئا.

بنيادي اصولن واري ڪميٽي جو ڪم، ڏسجڻ ۾ تمام سولو هئو پر اها ذاتي ۽ گروهي سياست جي اثر کان آزاد ڪانہ هئي. سڀ کان وڏو مسئلو هيءُ هو تہ اوڀر پاڪستان، ملڪ جي سموري آباديءَ جو 56 سيڪڙو تي مشتمل هو. اصولي طور، هر فيصلي ۾ اوڀر پاڪستان جو پلڙ ڳورو ٿيڻو هئو. خاص ڪري ٽيڪسن ۽ مجموعي آمدني جي ورهاست ۾ اوڀر پاڪستان کي انهيءَ تناسب سان حصو ملڻو هئو. انهيءَ جي ابتڙ، اولهہ پاڪستان ۾ چار صوبا، پنج رياستون ۽ وفاقي علائقا ملائي اٺ يونٽ ٺئي ٿيا جن جي ڪل آبادي بہ اوڀر پاڪستان جي آبادي کان گهٽ هئي. هيءَ هڪ حقيقت هئي جنهن کان ڪنهن کي بہ انڪار تہ ڪونہ هئو، پر چاڪاڻ تہ مرڪز ان وقت اولهہ پاڪستان ۾ قائم هئو تنهنڪري اولهہ پاڪستان جي سياستدانن کي اها ڳالهہ ڪانہ ٿي وڻي. انهيءَ جو هڪ نفسياتي ڪارڻ اهو هئو تہ اولهہ پاڪستان جي سياستدانن پاڻ کي پاڪستان جو ڌاهيندڙ ٿي تصور ڪيو، تنهنڪري هنن چاهيو ٿي تہ اهڙو آئيني ڍانچو ڌاهيو وڃي جو اقتدار جو مرڪز اولهہ پاڪستان ۾ ئي رهي.

المندين پاڪستان ۾، چاڪاڻ تہ آبادي جي گهڻائي پنجاب جي هئي، تنهنڪري انهن سياستدانن جو خيال هو تہ هوئي بيوروڪريسي ۽ سياست جا وارث آهن، تنهنڪري هنن جو هر عمل انهيءَ مقصد جي آبياري ۾ رڌل رهيو.

انهيءَ پس منظر ۾، هنن هڪ "مضبوط مرڪز" جو تصور پيش ڪيو، جيڪو جيتوڻيڪ نظريہ پاڪستان جي بنيادي خيال جي ابتڙ هئو پر ان جي مصنفن، انهيءَ کي اهڙي طرح پروان چاڙهيو جو اهو پاڪستان جي سلامتي جو بنيادي ٿنڀو قرار ڏنو ويو، تنهنڪري، اهو تصور اڳتي هلي سموري سياست، آئيني مسئلن ۽ انتظامي معاملن جو محور بڻجي ويو.

آئين واري اصول سازي ڪميٽي ٺهڻ جي پوري هڪ مهيني کان پوءِ يعني اپريل 1949ع ۾ مسلم ليگ جي نئين سر جوڙجڪ ڪئي ويئي، جنهن ۾ پنجاب کي ڪو عهدو ڪونہ مليو. چوڌري خليق الزمان کي چيف آرگنائزر ڪري چونڊيو ويو ۽ سندس ذمي اهو ڪم ڪيو ويو تہ هو

پورري ملڪ جي مسلم ليگ جي نئين سر تنظيم ڪري. پنجاب جي اڳواڻن سمجهيو تہ اوير پاڪستان پنهنجي آبادي جي اڪثريت جي زور تي، اهو فيصلو ڪرايو آهي ۽ هاڻي پنجاب کي مسلم ليگ جي دائري مان ڪڍيو ويندو. اهو محسوس ڪري پنجاب جي اڳواڻن پنهنجا حيلا هلائڻ شروع ڪري ڏنا.

انهيءَ عمل پويان ڪار فرما مقصد بلڪل ظاهر ٿي چڪا هئا. انهيءَ کان انڪار ڪونهي تہ اوير پاڪستان کي اهو محسوس ٿيڻ لڳو هئو تہ ساڻس حق تلفي ٿيڻ واري آهي. سياسي جوڙجڪ ۾ ڪين ٻئي درجي جي اهميت ڏني پئي ويئي، جنهن جو ٻين لفظن ۾ مطلب هيءُ ٿيو تہ ملڪي وسائل، ملازمتن يا اقتصادي معاملن ۾ بہ ڪين پنهنجي حقن تان هٿ ڌوئڻا پوندا. انهيءَ اندروني چال جو توڙ صرف هڪ ئي هئو: چونڊون ۽ جلد از جلد آئين سازي.

انهيءَ سموري سياسي افراتفري جو اثر ملڪ جي معاشي ۽ اقتصادي پاليسين تي بہ پئجي رهيو هئو. انهيءَ جو اندازو هنن انگن اکرن مان لڳائي سگهجي ٿو تہ 49-1948ع ۾ ملڪ جي ڪل انڪم ٽيڪس ساڍا ڇهہ ڪروڙ رپيا هئا جنهن مان صوبن کي نالي ماتر حصو مليو. مرڪز جي حالت پاڻ خراب هئي. خزاني جو حال ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهيو هئو. فوري طور انهيءَ حالت کي منهن ڏيڻ لاءِ مرڪز، سيلس ٽيڪس صوبن کان وٺي پاڻ وٽ رکي، بلڪ 1950ع ۾ ايسٽيٽ ڊيوٽي بہ پاڻ وٽ رکي ڇڏي ۽ صوبن کي ڪجهہ نہ مليو. اوير پاڪستان جاڪاڻ تہ آباديءَ جي لحاظ کان وڏو هئو تنهنڪري اهو گهٽو گهاٽي ۾ ويو. جڏهن تہ سنڌ، ڪراچيءَ جي کسجي وڃڻ کان پوءِ مالي طور ڪمزور ٿي ويو. صوبن انهيءَ تي احتجاج ڪيو پر جاڪاڻ تہ مرڪز ۾ صوبن جو ٻڌڻ وارو ڪو ڪونہ هو تنهنڪري اهي رڙيون اجايون ويون.

اوير پاڪستان، جنهن جو واپار 1949ع کان وٺي هندستان سان بند ٿي ويو هئو. تنهن جو خزانو بنهہ خالي ٿي ويو هئو. اهو ئي اقتصادي دٻاءُ هئو جنهن صوبائي خودمختياري جي ٻج کي ڇٽيو. فضا سازگار پيدا ٿي چڪي هئي تنهنڪري ڍاڪا کان صوبائي خودمختياري جو پهريون نعرو بلند ٿيو.

اولهہ پاڪستان ۾ وينل سياستدانن ۽ مرڪز جي اختيارين کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي قسم جي مطالبي جي ڪا توقع ڪانہ هئي پر چاڪاڻ تہ انهيءَ جي ابتدا تي ويٺي هئي تنهنڪري ان کي منهن ڏيڻ ضروري هئو. اولهہ پاڪستان جي سياستدانن نٿي چاهيو تہ اهو مطالبو اولهہ پاڪستان جي صوبن تائين بہ پهچي، تنهنڪري هنن اوڀر پاڪستان جي خلاف طرح طرح جون ڳالهيون گهڙڻ شروع ڪري ڏنيون. مثال طور انهن ۾ سڀ کان مضبوط پروپيگنڊا هيءَ هئي تہ اوڀر پاڪستان، اولهہ پاڪستان جي ڪنهن ننڍي صوبي سان گڏجي ملڪ جون واڳون پاڻ وٽ رکڻ ٿو گهري. پارٽي بنگال سان ثقافتي وابستگي جي آڌار تي اهو بہ چوڻ شروع ڪيو ويو تہ پارٽ اوڀر پاڪستان جي انهيءَ مطالبي جي پنيرائي ڪري رهيو آهي.

سال 1950ع ۾، آئين جي بنيادي اُصولن واري ڪميٽي جي ابتدائي رپورٽ ڇپي، پر ان ۾ وفاق ۽ صوبن جي درميان اختيارين جي ڪا واضح حدبندي ڪانہ ڪيل هئي. انهيءَ تي رد عمل ٿيڻ لازمي هو، خاص ڪري صوبن کي انهيءَ تي مرڪز جي نيت ۾ شڪ ٿيڻ لڳو. اوڀر پاڪستان ۾ وري بہ سيني کان وڏيڪ ممڻ متو چاڪاڻ تہ رپورٽ ۾ ٻن ايوانن واري قانون ساز اسيمبلي تجويز ڪئي ويئي جنهن ۾ٻنهي اوڀر ۽ اولهہ پاڪستان کي هڪجيتريون سيٽون ڏنيون ويون هيون. ۽ اهڙيءَ طرح اوڀر پاڪستان جي اڪثريت کي اقليت ۾ تبديل ڪيو ويو هئو. جيتوڻيڪ آبادي جي تناسب جي خيال کان، پوري اولهہ پاڪستان جون سيٽون اوڀر پاڪستان جي سيٽن کان گهٽ هئڻ گهرجن. انهيءَ رپورٽ جي ڪري پهريون ڀيرو اوڀر پاڪستان ۾ صوبائي خودمختياري جو نعرو زوردار نموني اڀريو ۽ هن مطالبو ڪيو تہ بچاءُ، پرڏيهي معاملا ۽ ڪرنسي مرڪزوٽ هئڻ گهرجن، باقي سمورا اختيار صوبن وٽ هئڻ گهرجن.

اوڀر پاڪستان جي آبادي واري گهڻائي هڪ واضح حقيقت هئي جنهن کان انڪار ڪرڻ مشڪل هو ۽ اهائي ڳالهہ هئي جيڪا مرڪزتي غلبو رکندڙ سياسي گروهہ ۽ ڪا مورا شاهي جي اکين ۾ چڀي رهي هئي. ڪامورا شاهي گهڻو سرگرم هئي جنهن ڪڏهن بہ نٿي چاهيو تہ ملڪ ۾ جمهوري ادارا قائم ٿي سگهن. ظاهر آهي تہ اڪيلي ڪامورا شاهي ائين ڪري ڪونہ ٿي سگهي تنهنڪري هن پنهنجي مقصد کي عملي شڪل ڏيڻ جي لاءِ بزنيس ڪميونٽي کي پنهنجي هٿ ۾ ڪيو، اهو هن ڪري جو پاڪستان جي انهن شروعاتي ڏينهن ۾ ملڪ کي وڏ ۾ وڏ سيڙپ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاروباري ناٽي ۽ معاشي مضبوطي جي گهرج هئي.

هن سموري عرصي ۾ دستورسازي ۽ ان سان لاڳاپيل ڪم رڪجي ويو، جنهن جو بيو ڪو سبب ڪونه هو پر انهيءَ جي پويان ڪامورا شاهي ضرور هئي جنهن جو مطلب اهو هئو تہ اهڙي حڪومت هلندي رهي جيڪا واپاري ۽ صنعتڪار طبقي جي آڱرين تي پنهنجون پاليسيون ناهيندي ۽ ٽوڙيندي رهي. هن حقيقت جا ٻئي ڪارڻ هئا: طبعي ۽ نفسياتي. طبعي طور تہ سرمائيدار طبقي گهريو ٿي تہ اهڙيءَ طرح سرمايہ ڪاري ۽ معاشي هڪ هٽي ڪي هٽي ملي ۽ ملڪ جي سموري معيشت هنن جي مُٺ ۾ رهي.

نفسياتي سبب هيءَ هئو تہ برصغير جي ڪامورا شاهي، هڪ خاص ماحول ۾ جنم ورتو هئو: هڪ اهڙي نظام ۾ جنهن جو مقصد پوري آباديءَ کي ٻن طبقن يعني آقا ۽ ماتحت ۾ ورهائي رکي. انگريز حڪمرانن جنهن ڪامورا شاهي کي جنم ڏنو، ان جو بنيادي تصور اهو هئو تہ ڪامورو، ڪنهن اعليٰ ذهني ۽ رهبرانہ لياقتن جو مالڪ ٿئي، تنهن ڪري هن کي باقي ماڻهن تي حڪومت ڪرڻ، هنن جي مسئلن تي سوچڻ ۽ اهنجن کي دور ڪرڻو هئو.

جيتريقدر، انگريز حڪمرانن جو تعلق هئو تہ اهي درست هئا، ڇاڪاڻ تہ هو هئائي ٻاهريان حڪمران جن اسان جي آزادي ڦري پنهنجي غلامي ۾ جڪڙي رکيو. هو اهو سوچي هتي آيا هئا تہ هو ڇاڪاڻ تہ اعليٰ نسل جا هئا تنهن ڪري هو ڄاوائي حڪمراني ڪرڻ لاءِ هئا.

مقامي ڪامورا شاهي ڇاڪاڻ تہ هنن انگريز حڪمرانن جي پاڇي ۾ پرورش پاتي هئي، تنهنڪري هنن ملڪي ڪامورن جي دماغ ۾ بہ اها ڳالهہ گهر ڪري ويئي تہ هو صرف حڪمراني ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيا آهن. بقول پروفيسر وحيد فاروقي، ”سول سرونٽ، جيڪو برطانوي آقائن پنهنجي لاءِ تيار ڪيو هئو، تنهن نٿي چاهيو تہ عام شهري، آئين يا حڪومت سازي لاءِ پنهنجو فيصلو ڪن ۽ هو انهيءَ فيصلي جا پابند رهن ۽ نہ وري انهيءَ جي شموليت ٿئي تنهنڪري هن ۽ بزنيس طبقي گڏجي امداد تي هلڻ واري معيشت اختيار ڪئي جنهن ڪري آئين ناهڻ وارو معاملو، سرد خاني ۾ پئجي ويو... انهن مان ڪن تہ اعليٰ عهدا ماڻيا، وزير ٿيا ۽ سربراهہ ٿيا پر پاڻ سان گڏ ماڻهن ۾ بداعتمادي جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احساس بہ پيدا ڪري وڌو...."[1]

هتي اسان کي غير آئيني ۽ غير قانوني حرڪتن جي بلڪ سازشن جي ابتدا نظر اچي ٿي، جنهن نہ صرف متئين نظرئي کي جنم ڏنو پر انهيءَ کي پروان چاڙهڻ ۾ رات ڏينهن متاڪت ڪئي. هنن تنهي ماڻهن هر قدم تي اها ڪوشش ڪئي جنهن جو مقصد اقتدارتي قبضو ڪرڻ هئو. اهي هئا:

ملڪ غلام محمد، جيڪو آڊٽ ۽ اڪائونٽس ڊپارٽمينٽ ۾ ملازم هئو. هي اهوئي ماڻهو هئو جيڪو بعد ۾ مختلف مرحلا طئي ڪندي صدر مملڪت جي منصب تي پهتو. ٻيو ماڻهو چوڌري محمد علي هئو جيڪو پڻ ملڪ غلام محمد واري ڪاتي ۾ نوڪر هئو ۽ اڳتي هلي پاڪستان جو وزير اعظم بڻيو. ٽيون ماڻهو اسڪندر مرزا هئو جيڪو دفاع ڪاتي ڪان ٽيندو، پوليٽيڪل سيڪشن ۾ ملازم ٿيو ۽ بعد ۾ ترقي ڪندي ملڪ جو صدر بڻيو.

هنن تنهي ماڻهن جي زندگي ۽ سياسي عمل، پاڪستان جي ابتدائي ڏينهن تي اهڙو گوڙهو اثر وڌو جنهن جو مثال ڪونہ ٿو ملي، بلڪ جيڪڏهن هي پاڪستان جي سياست ۾ نہ هجن ها تہ اڄوڪي پاڪستان جي سياسي ۽ معاشي صورت حال گهڻي بدليل هجي ها. هنن تنهي ماڻهن، نوڪريءَ جي دوران پنهنجي حيثيت کي استمال ڪندي، فيصلہ ڪن سطح تي اهڙو طبقو پيدا ڪري وڌو هئو جيڪو پنهنجي مرضيءَ ڪانسواءِ ڪو فيصلو ڪرڻ جي اجازت ڪونہ ڏيندو هئو. هو دفتري ڪارگذاري کي اهڙيءَ طرح هلائيندا هئا جو خود وزير، امير، سفير ۽ ٻيون فيصلہ ساز شخصيتون ڪو فيصلو نہ ڪري سگهنديون هيون. بلڪ اهڙي حالت هئي جو هنن جي مرضي ڪانسواءِ سيڪريٽريٽ ۾ ڪو پن بہ چري ڪونہ سگهندو هئو. ننڍا ننڍا ۽ اندروني فيصلا تہ ٺهيو پر وڏا حڪومتي فيصلا بہ هنن جي صلاحن جا محتاج هوندا هئا. آهستي آهستي، هنن سيڪريٽريٽ اندر، هڪ ننڍو سيڪريٽريٽ قائم ڪري ورتو هئو. پهرين وزير اعظم لياقت علي خان جي قتل وقت (16- اڪتوبر 1952ع) حڪومت ۾ ڪو اهڙو ماڻهو طاقتور ڪونہ هئو جو هنن تنهي مان ڪنهن جو بہ مقابلو ڪري سگهي.

هو ٽئي ڏار ڏار علائقن مان آيا هئا ۽ تنهي جو مزاج بہ ڏار ڏار هئو، پر

(1) وحيد فاروقي، پروفيسر، مقالو The ethos of constitution.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنن جي مقصدن ۾ ڪمال جي هڪجهڙائي هئي ۽ اهو هئو تہ ملڪي سياست کي پنهنجي مرضيءَ سان هلائجي ۽ هر ايندڙ حڪومت هنن جي انهيءَ خواهش جي تابع هجي. انهيءَ جي پٺڀرائي، ملڪ جي آخري سياسي وزيراعظم ملڪ فيروزخان نون هنن لفظن ۾ ڪئي آهي:

"هو ٽئي ڄڻا مرڪزتي چانيل هئا. انهي حد تائين جو 1950ع ۾ مرڪز ۾ ڪا اهڙي غير سرڪاري هستي ڪانہ هئي جيڪا هنن سان ڪلهو هڻي سگهي." (1)

چاڪاڻ تہ هنن ٽنهي جو مقصد اهو هئو تہ پنهنجن چالبازين ۽ ماهرانہ اٽڪلن سان پوري مشنري کي پنهنجو محتاج بنائي ڇڏجي ٽنهن ڪري منڊ ڪان وٺي هنن جي نظر مستقبل تي هئي. هن ڏس ۾ هنن پهريون ڪم هيءُ ڪيو تہ آئين سازي جي ڪم کي ڏکيو بڻائي ڇڏيو. هنن اندرئي اندر اهڙا گهات گهڙيا جو آئين سازي ڏکي کان ڏکي ٿيندي ويئي. جڏهن بہ هن معاملي ۾ ڪم ٿورو اڳتي وڌيو ٿي تہ اهڙي اٽڪل تي هلياٿون جو اهو وري رڪجي وڃي. ٻيو ڪم، جنهن پاڻ مرادو هنن جي مدد تي ڪئي، سو هو عام چونڊن جي مخالفت. جڏهن بہ چونڊن جي باري ۾ ڪنهن چرچ تي ڪئي تہ پاڻ مرادو وقت جو ڪانٽو ابتو ٿي ڦريو ۽ خود چونڊن جا محرڪ پنهنجي تجويز جا مخالف بنجي ٿي ويا. خان لياقت علي خان جي قتل بعد، چاڪاڻ تہ ملڪ هڪ عجيب ڪيفيت ۾ مبتلا ٿي ويو هئو، هنن پنهنجي اسڪيم تي عمل شروع ڪري ڏنو.

لياقت علي جي قتل وقت خواجہ ناظم الدين گورنر جنرل جي عهدي تي فائز هئو، پر هن کي خبر ناهي ڪهڙي ڳالهہ سجهي جو هن ٻين سياستدانن جي مشوري سان پنهنجو پاڻ کي وزيراعظم جي عهدي تي فائز ڪري ڇڏيو.

مبصرين انهيءَ تي متفق آهن تہ اهو عمل "مخفي سيڪريٽريٽ" جي چوڻ تي ڪيو ويو. چاڪاڻ تہ پاڻ وزيراعظم جو عهدو سنڀالڻ بعد، پنهنجي خالي ٿيل جاءِ تي ملڪ غلام محمد کي نامزد ڪري ڇڏيو. جيڪو ان وقت وزير خزانہ هئو. وزارت خزانہ جي خالي جاءِ تي وري خواجہ ناظم الدين، چوڌري محمد علي کي آندو جيڪو ان وقت سرڪاري ملازمت ۾ هئو ۽ سيڪريٽري جنرل هئو.

(1) نون، فيروزخان، From Memory، ص 246

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواجہ ناظم الدين عجيب و غريب شخصيت جو مالڪ هئو. هن ڪي وزارت عظميٰ جو شوق تہ تمام گهڻو هئو. پر هن ڪي انهيءَ منصب جي نزاڪتن، ذميدارين ۽ تڪليفن جي واقفيت خير ڪي هئي. انهيءَ ڪان سواءِ، هن ڪي غلام محمد جي عادتن ۽ مزاج جي واقفيت بہ ڪانہ هئي، جيڪو هن ڳالهہ جو قائل هئو تہ لٺ بہ بچي وجي ۽ نانگ بہ مري پئي. مسئلا هئا جو ملڪ جي ٻنهي حصن اولهہ پاڪستان ۽ اوڀر پاڪستان ۾ وڌي رهيا هئا جيڪي معاشي، سياسي ۽ اقتصادي هر طرح جا هئا. اولهہ پاڪستان ۾ صوبہ سرحد ڏار سياسي ڏي وٺ جو ڳڙهہ بنيل هئو جتي يوسف خٽڪ ۽ خان عبدالقيوم پنهنجو پارٽ ۾ ڳنڍيا پيا هئا تہ سنڌ ۾ سياسي گروهہ، ڪنهن بہ حڪومت کي ڪم ڪرڻ ڪان روڪيو وينا هئا. اوڀر پاڪستان ۾ لوڻ جي ڪوٽ، سنڌ مان ڪڻڪ جي سمگلنگ ۽ عام طرح پوري ملڪ ۾ کاڌ خوراڪ جي ڪوٽ اهڙا معاملا هئا جن ناظم الدين کي اٿندي ئي وڪوڙي وڌو.

غلام محمد وڏو چالاڪ ۽ هوشيار ماڻهو هئو. تنهن کي تہ خواجہ ناظم الدين جهڙو ماڻهو قدرت ڪٽي ڏياربو. خواجہ صاحب شريف ماڻهو هئو پر انهيءَ سان گڏ پر منڙيو بہ ڏاڍو هئو. تنهنڪري ڪيس اها خبر ڪانہ ٿي پئي تہ غلام محمد ڪيس ڪيڏانهن ونيو ٿي ويو. سو غلام محمد کي جيڪي بہ چڱا منا ڪم ڪرائڻا هئا سي خواجہ ناظم الدين هٿان ڪرائڻ لڳو. انهيءَ جو سڀ ڪان سولو طريقو اهو هئو جو غلام محمد پنهنجا ڪجهہ ماڻهو مرڪزي ڪابينہ ۾ داخل ڪرائي ڇڏيا. ٻين لفظن ۾ ڪابينہ ۾ هڪ ننڍي ڪابينہ بہ ڪم ڪرڻ لڳي جيڪا نمائندگي گورنر جنرل غلام محمد جي ڪندي هئي. نتيجو اهو نڪتو جو هر فيصلو غلام محمد جي مرضيءَ مطابق ٿيڻ لڳو يا ائين ڪٽي چئجي تہ حڪومت تہ پارليماني طرز جي هئي پر ان جي عملي صورت صدارتي هئي جنهن ۾ سمورو عمل دخل صرف آفيسرن ۽ موقع پرستن جي هٿن ۾ رهجي ويو هئو. وزيراعظم جي ڪرسي ۽ شخصيت نالي ۾ رهجي ويئي هئي.

اقتدار ۽ اختيارين جي هن لالچ ۾. ٻيا حڪومتي معاملا تہ نهيو پر بنيادي قانون يعني آئين سازي تي سڀ ڪان ڀوڙهو اثر پيو. دراصل، متي ٻڌايل سمورا مونجهارا پيدا ئي انهيءَ ڪري ڪيا ويا تہ آئين ناهڻ واري ڪم کي ڪنهن ڊگهي عرصي لاءِ تعطل ۾ وجهي ڇڏجي. چند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياستدان جيڪي واقعي هن مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ ديانتدار هئا، تن مختلف طريقن سان هن ضرورت کي زنده رکيو. آئين ساز ڪميٽي، جيڪا مارچ 1949ع ۾ قائم ٿي هئي ۽ جنهن جي هڪ ابتدائي رپورٽ سال کن اندر ظاهر ٿي چڪي هئي، تنهن تي ڪو ڪم اڳتي ڪونه ٿيو هئو. هن ڪميٽي جي آخري رپورٽ 1952ع جي ڊسمبر مهيني ۾ پيش ٿي. هن ڪميٽيءَ جي حوالي تمام نازڪ ڪم هو تنهنڪري هن، ڪيترين ئي ڏنل ۽ اڻ ڏنل مشڪلاتن جي باوجود، ٻنهي رپورٽن کي مڪمل ڪري ورتو. پر اڻ ڏنل هٿن به پنهنجو ڪم ڏيکاري ورتو ۽ ان ۾ اهڙيون خاميون وجهرائي ڇڏيون جو انهن رپورٽن تي اڳتي ڪم ڪرڻ ڏکيو پئي لڳو. هن مسئلي کي هن طرح ڏسجي ته ٻين مسئلن سان گڏوگڏ، ڪميٽي کي چئن متنازعه نڪتن تي ڪم ڪرڻو هئو. اهي هئا:

(الف) طرز حڪومت

(ب) صوبن جي حيثيت ۽ آئيني خودمختياري

(ج) وفاق ۽ صوبن درميان ناتا ۽ ڪم ڪار جو طريقو ۽

(د) ٻولي.

سڀ کان اول ۽ وڏيڪ متنازعه سوال ٻوليءَ جو پيدا ٿيو. ٿيو هيئن ته آئين ساز ڪميٽي، پنهنجي مختصر رپورٽ ۾ اردو ٻوليءَ کي واحد قومي ٻولي قرار ڏيئي چڪي هئي. ان کان پوءِ فيبروري 1952ع ۾ بنگال ۾ هنگاما شروع ٿي ويا. هنگاما، ڪنهن نه ڪنهن طرح خاموش ٿي ويا جنهن کان سنت ئي پوءِ آئين ساز ڪميٽي جي مڪمل رپورٽ منظر عام تي آئي. پر ان ۾ سازشي هٿن وري پنهنجو ڪيڏ ڏيکاريو ۽ هن قومي ٻوليءَ جو مورڳو تذڪرو ئي ڪيئي ڇڏيو. هن، بنگالين جي جذبن کي ٿڌو ڪرڻ بدران مورڳو مشتعل ڪري وڌو. هنن سمجهيو ته اولهه پاڪستان ۾ قائم مرڪزي حڪومت، بنگالي ٻولي ۽ بنگالين کي جاٽي واٽي هيٺ ڪري رهي آهي. شڪ جي اهڙي فضا قائم ٿي ويئي جو ان ۾ ڪنهن دليل ۽ عقل جي رهبري ڪانه ٿي ٿئي. سياستدان اخباري بيانن ذريعي بنگال ۾ مشتمل شاگرد ۽ سياسي تنظيمن کي مانارڻ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا ته ٻئي طرف اولهه پاڪستان ۾ سنڌ سميت ٻيا ننڍا صوبا پاڻ شڪ شبهي جو شڪار ٿيڻ لڳا هئا. سنڌ ۾ خاص طور تي عجيب ڪيفيت هئي جتي مهاجرن جي وڏي پيماني تي لڏپلاڻ. معاشي دٻاءُ وجهي رهي هئي مٿان

ٻوليءَ جهڙن مسئلن تي هڪ نفسياتي دٻاءُ پيدا ٿي رهيو هئو.

بهرحال، بنگالي تہ وڏن هنگامن، خونريزي، جيل ڀرڻ ۽ سياسي ايجيٽيشن بعد پنهنجي ٻولي مڃرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. البتہ سياسي حقن جي لاءِ اڃا گهڻي جدوجهد ڪرڻ رهيل هئي.

هن ٽي مکي مورتي جو ٻيو روپ ڪامورا شاهي هئو. هنن جي تربيت ۾ تہ انگريزن واري ذهنيت شامل هئي جنهن جو مقصد صرف اعليٰ حڪمرانن جي تيار ڪيل پاليسين تي عمل ڪرڻ هئو، پوءِ ڀلي ان ۾ عام ماڻهوءَ جو ڀلو هجي يا نقصان، پر چاڪاڻ تہ ڪامورا شاهي، قانون ۽ عوام جي آڏو جوابده ٿئي ٿي تنهنڪري هن بہ انهيءَ لڙ ۾ حصو ورتو جيڪو مخصوص سياسي گروهہ برپا ڪري ڇڏيو هئو ۽ جنهن جو مقصد آئين سازي کي تعطل ۾ وجهڻ هئو. هن جو سڀ کان موثر ذريعو اقتصادي ۽ معاشي شعبي کي منجهائڻ هئو. هنن جو خيال هو تہ اقتصادي شعبي کي ڪنهن نوس بنياد تي قائم ڪرڻ بدران، امداد جي گهوڙين تي هلايو وڃي ۽ ايڊهاڪزم جي اهڙي نظام جي پرورش ڪئي وڃي جو ماڻهو روزمره جي مسئلن مان نڪري نہ سگهن ۽ آئين سازي يا چونڊن جا مسئلا هنن جي ويجهو اچي ئي نہ سگهن. ڪجهہ ملڪي حالتن بہ هنن جي مدد ڪئي.

ٻيو طريقو هيءَ هو تہ ملڪ ۾ متبادل ليڊرشپ قائم ڪرڻ ئي نہ ڏجي. مثال طور لياقت علي خان ڪڏهن بہ مسلم ليگ جي تنظيم نہ ڪئي، بلڪ هن چاهيو تہ اقتدار مسلم ليگ وٽ ئي رهي. تنهنڪري، جڏهن بہ ڪو سياسي بحران پيدا ٿئي ٿيو تہ ڪامورا شاهي برسر اقتدار گروهہ جي سازش سان ان ۾ پنهنجا مقصد ٿي پورا ڪيا. آباديءَ جي واڌ ۽ مهاجرن جي لاڳيتي آمد وسيلن تي ايڏو بار وڌو جو سيپٽمبر 1952ع ۾ ڪاڌ خوراڪ جي زبردست کوٽ پيدا ٿي ويئي. انهيءَ کوٽ امريڪا مان ڪڻڪ جي امداد جي ذريعي پورو ڪيو ويو جنهن امريڪا کي هن برصغير ۾ پير رکڻ جو موقعو فراهم ڪيو. مٿان جو ڪوريا جي جنگ لڳي، تنهن رهيل سهيل ڪسر بہ پوري ڪري وڌي. دنيا جي مکيہ ڪرنسين جي آڏو پاڪستان جي مالي حالت جي تہ ڪا حيثيت ڪانہ هئي، تنهنڪري ان جو سمورو دٻاءُ اندروني سياست تي پيو ۽ موقع پرست سياستدانن انهيءَ جو پورو پورو فائدو ورتو.

پس پرده تہ مقاصد ٻيا هئا پر هن سياسي چوڪڙي، پاڻ کي سياسي تخت گاه تي ڏاڍو مضبوط ڪري ڇڏيو. هنن صوبن ۾ بيچيني پکيڙڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شروع ڪري ڏني. خاص ڪري سنڌ ۾ جيڪو وفاقي گاديءَ جي هنڌ هئڻ ڪري سمورين سياسي سرگرمين جو گڙهه هئو.

سنڌ جا روايتي سياسي خاندان، وڏيرا ۽ اقتدار جا بکيا گروهه هر واقعي کي پنهنجي فائدي ۾ ڪتب آڻڻ لاءِ آيا هئا. بلڪ هو اهڙي هر واقعي جو پورو پورو فائدو وٺندا رهيا. ان وقت سنڌ جو گورنر شيخ دين محمد هئو ۽ وزارت اعليٰ (خانبهادر) محمد ايوب کهڙي وٽ هئي. ڊسمبر 1951ع ۾ گورنر دين محمد شيخ، پروڊا Proda جي ڪارروائي ڪري وڏي وزير محمد ايوب کهڙي ۽ روينيو وزير قاضي فضل الله کي ڊسمس ڪري ڇڏيو ۽ اسيمبلي ٽوڙي صوبي ۾ گورنر راڄ نافذ ڪري ڇڏيو. نه صرف ايترو پر ڪيترن ئي بين سياستدانن کي چورين، ڦرين ۽ ذخيره اندوزي جي الزامن ۾ بند ڪيو ويو. جنهن ڪري سنڌ جي سياسي فضا عجيب اضطرابي ڪيفيت ۾ مبتلا هئي. صوبي جي سياسي فضا ۾ ڇٽنگ ته دکي چڪي هئي. جيڪا ٿوري وقت اندر وڏي پيڙ ٿي ويئي. هئڻ ايئن گهربو هئو ته گورنري راڄ جي خاتمي لاءِ فوري طور صوبي ۾ چونڊون ڪرايون وڃن هئا پر مرڪزي مسلم ليگ کي خبر هئي ته هن ماڻهن کي ڪجهه ڪونه ڏنو آهي. تنهنڪري اها پارٽي هارائي ويندي. انهيءَ صورت ۾ هو گورنري راڄ ذريعي ئي پنهنجو اقتدار برقرار رکڻ لڳي. ٻئي طرف سياسي واويلا اهڙي زور وٺي ويئي هئي جو نومبر 1952ع ۾ گورنر شيخ دين محمد کي گورنري تان استعيفا ڏيڻي پيئي.

سنڌ کان پوءِ بين صوبن ۾ سرحد چڱو موچارو ڪشيده هئو. خان عبدالقيوم ۽ يوسف خٽڪ جي درميان پراڻو تنازعو هلندو ٿي آيو. پر انهيءَ ۾ افسوسناڪ پهلو اهو هئو ته سرحد جي چونڊن ۾ مرڪزي حڪومت کليو کلايو خان عبدالقيوم جو ساٿ ڏنو جنهن تان اتان جي سياستدانن، خاص ڪري سياسي ورڪرن ۾ ڏاڍو تاءُ پيدا ٿيل هو ۽ اتي ڪا مضبوط حڪومت قائم ٿيڻ ممڪن ڪانه پئي لڳي.

عام ماڻهوءَ جو حال اهو هئڻ جو هر روز نت نيون خبرون پڌي پنهنجن اميدن کي نئين سر جوڙڻ ٿي لڳا. پر هر تبديلي سان انهن جون اميدون مٽيءَ ۾ ٿي ملي ويون. دراصل، اهائي بدظني ۽ بيچيني هئي جيڪا سياسي چوڪڙي پيدا ڪرڻ ٿي چاهي ته جيئن جمهوري ادارن، روايتن ۽ خودجمهوريت جي تصور مان ماڻهن جو يقين کڄي وڃي ۽ برسر اقتدار ٽولو پنهنجا مقصد حاصل ڪندو رهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 9

## آئين سازي
## صوبائي خودمختياري پنجاب فارمولا
## بنگال قادياني تحريڪ
## پهرين مارشل لا

بنيادي اصولن واري ڪميٽي جي قطعي رپورٽ ڪميٽي جي تشڪيل جي ٽن سالن کانپوءِ ڊسمبر 1952ع ۾ پيش ٿي. هن ۾ گهڻا نڪتا اهڙا هئا جن تي اتفاق راءِ ٿي سگهيو ٿي پر گهڻا اهڙا هئا جن تي پوري ملڪ ۾ شديد اختلاف هئو. خاص ڪري اختيارن جي ورهاست وارين تجويزن تي.

اختيارن جي ورهاست، جيئن پوين صفحن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هميشه بنيادي اختلاف جو ذريعو رهيو آهي. انهيءَ جو وڏو ڪارڻ اهو هئو ته چاڪاسڻ ته سياستدانن وٽ اڳي ڪو بنيادي آئيني خاڪو موجود ڪونه هئو، تنهنڪري هنن کي ڪا واٽ نظر ڪانه ٿي آئي. پر انهيءَ کان وڏي هاجيڪار شيءِ هيءَ هئي ته برسر اقتدار ٽولي مرڪزوٽ وڌ ۾ وڌ اختيارن رکڻ ٿي گهريون ته جيئن صوبن جي وسيلن ۽ فيصلن کي پنهنجي ماتحت رکي سگهجي. اهو ئي سبب هئو جو بنيادي اصولن واري ڪميٽي پنهنجي تجويز ڏني ته ملڪ ۾ پارليماني جمهوريت رائج ڪئي وڃي. مگر اهڙي نظام ۾ چاڪاڻ ته حڪومت اڪثريتي طبقي جي حوالي ٿيڻي آهي، تنهنڪري صوبن جي نمائندگي جو تناسب اختلافي ذريعو بنجي ويو. (1) سڀ کان عجيب و غريب سفارش هي هئي ته پوري )پاڪستان کي ڏهن يونٽن ۾ تقسيم ڪيو وڃي، جن مان نو يونٽ اولهه پاڪستان ۾ هجن ۽ ڏهون يونٽ اوڀر پاڪستان هجي. اولهه پاڪستان جا هي يونٽ هن طرح هئڻ

(1) هن جو اصل مقصد اهو هو ته اوڀر پاڪستان جي اڪثريت کي حڪومتي اختيارين کان محروم رکيو وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرجن: (1) پنجاب (2) سنڌ (3) سرحد (4) سرحد جا قبائلي علائقا رياستن سميت، (5) بهاولپور (6) بلوچستان (7) بلوچستان جون رياستون (8) خيرپور (9) ڪراچي.

پارلياماني، جمهوري نظام واري اصول کي تسليم ڪرڻ جي معنيٰ هئي ته اوڀر پاڪستان يا بنگالين جي اڪثريت کي تسليم ڪجي، جيڪا ڳالهه اولهه پاڪستان ۾ قائم مرڪزي حڪومت ۽ سياسي پارٽين کي قبول ڪانه هئي، تنهنڪري ڏهن يونٽن جي سفارش ڪئي ويئي هئي. ان کي منطقي شڪل ڏيڻ لاءِ هيءَ سفارش ڪئي ويئي ته اوڀر پاڪستان جي ماڻهن کي هڪ ماڻهو هڪ ووٽ جو حق نه ڏنو وڃي، بلڪ ايوان ۾ سيٽن جو تعداد اولهه پاڪستان جي سيٽن جي تعداد جيترو رکيو وڃي ته جيئن ڪنهن به حد تي بنگالي پنهنجي گهڻائي واري قوت کي استعمال نه ڪري سگهن. نه صرف مرڪزي ايوان ۾ پر بين ايوانن ۾ اهو اصول آڏو رکڻ جي سفارش ڪئي ويئي.

جيتوڻيڪ بنيادي اصولن واري ڪميٽي، پنهنجن سفارشن ۾ برسراقتدار طبقي، جاگيردارانه نظام جي حامين ۽ ڪامورا شاهي جي خيالن جي پوري ترجماني ڪئي هئي ۽ وسعون ڪونه گهٽايو ته بنگالين جي اڪثريت کي بي اثر بڻائي ڇڏجي، تنهن هوندي به پنجاب کي انهيءَ تان سخت منيان لڳي. هو انهيءَ تي زور پريندو رهيو ته انهن تجويزن کي مڃڻ، اوڀر پاڪستان جي اڪثريت کي قبول ڪرڻ برابر ٿيندو. هن جو اهو پڪو خيال هو ته اقتدار جو مرڪز لازمي طور اولهه پاڪستان ۾ هئڻ گهرجي، پر هنن سفارشن جي روشنيءَ ۾، اهو ڊپ هئو ته اوڀر پاڪستان اولهه پاڪستان جي ڪنهن به ننڍي صوبي سان گڏجي مرڪز ۾ حڪومت ٺاهي سگهي ٿو ۽ اولهه پاڪستان جا باقي سمورا صوبا گڏجي به اوڀر پاڪستان جي اڪثريت جو مقابلو نٿا ڪري سگهن.

پنجاب نه صرف انهن تجويزن جي خلاف هاءِ گهوڙا مچائي، پر اولهه پاڪستان جي ٻين صوبن تي به زور بار پريو ته هو انهن سفارشن کي رد ڪن. اولهه پاڪستان جي ٻين صوبن جي صورت حال ۾ سياسي سڃاڻ ٻيءَ طرح جي هئي. هڪ ته هنن ۾ ايتري ٻڌي ڪانه هئي. ٻيو سرحد ۽ بلوچستان صوبن ۾ سرداري ۽ جاگيردارانه نظام ايترو مضبوط هئو جو فيصلو صرف چند هٿن يا ٿورن خاندانن تائين ئي محدود هئو. سنڌ

پنهنجن اندروني اختلافن کي حل ڪرڻ ۾ رڌل هئو. بهرحال انهيءَ کان اڳ جو پنجاب جي هاءِ گهوڙا تي ڪا عوامي هلچل هلي پئي، وزيراعظم خواجه ناظم الدين پنجاب جي ليڊرن تي زورڀرڻ لڳو ته هو انهيءَ فارمولا کي مڃن، پر پنجاب صفا پڙ ڪيڏي بيهي رهيو. ناظم الدين انهيءَ سلسلي ۾ لاهور جا ڪئي چڪر ڪديا ۽ ننڍن ۽ وڏن سمورن ليڊرن، پارٽي ورڪرن ۽ ڪامورن سان مليو پر اهي هرگز مڃڻ وارا ڪين هئا. اٽلندو، ميان ممتاز دولتانه ۽ ٻيا سياستدان ماڻهن کي ايجيٽيشن تي آيارڻ لڳا. جنوري 1953ع جو سمورو مهينو انهن سرگرمين ۾ گذري ويو پر پڇاڙيءَ جو نتيجو ٻڙي نڪتو.

نيٺ، ناظم الدين ۽ پنجاب جي سياستدانن جي وچ ۾ هڪ زباني اقرارنامو ٿيو ته هو پنهنجون متبادل تجويزون ڏيندا. انهيءَ جي نتيجي ۾ پنجاب جي مسلم ليگين جو هڪ ڪنوينشن لاهور ۾ ڪوٺايو ويو جنهن ۾ گهٽي بحث مباحثي کان پوءِ ڪي تجويزون تيار ڪيون ويون. جن ۾ سڀ کان اهم هيءَ هئي ته يلي اولهه پاڪستان جا نوئي يونٽ رهڻ ڏنا وڃن پر انهن جي نمائندگي هن طرح ڪئي وڃي:

- هيٺئين هائوس ۾ نمائندگي آبادي جي بنياد تي ٿئي، جنهن تي ڪل 300 ميمبر هجن جيڪي هر يونٽ جي آبادي جي تناسب سان هجن،
- مٿئين هائوس تي هڪ سو نمائندا هجن ۽ اهي سمورن يونٽن مان هڪجيتري تعداد ۾ هجن،
- ڪنهن تنازعي جي صورت ۾ ٻنهي ايوانن جا نمائندا گڏجي فيصلو ڪندا.

ظاهر آهي ته انهن تجويزن جو مقصد به اوڀر پاڪستان جي گهڻائي کان انڪار ڪرڻ هئو ۽ ان جي حڪومت ڪرڻ واري حق کان نابري وارڻ هئو. ڇاڪاڻ ته پنجاب فارمولا جي حساب سان 300 ميمبرن واري ايوان ۾ اوڀر پاڪستان کي 162 سيٽون ملٽيون هيون ۽ مٿئين ايوان ۾ صرف ڏهه سيٽون حصي ۾ ٿي آيون. ڇاڪاڻ ته هيٺئين ايوان ۾ اوڀر پاڪستان جي اڪثريت ٿئي ها تنهنڪري هر مسئلو متنازعه بنجي ويٺو هئو جنهن جي نتيجي ۾ گڏيل اجلاس ئي آخري فيصلي جي جاءِ ٿئي ها. اهڙي گڏيل اجلاس جي 400 ميمبرن مان اوڀر پاڪستان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪثريت صرف 172 جي حمايت تئي ها يا ٻين لفظن ۾ ڪل رڪنيت جو چاليھہ سيڪڙو. اهڙيءَ طرح پنجاب فارمولا، اوڀر پاڪستان جي اڪثريت کي اقليت ۾ بدلائڻ جو ذريعو هئو.

اوڀر پاڪستان جا ليڊر، انهن سمورين چالن کان واقف هئا. هنن کي چاڻ هئي تہ هو اڪثريت ۾ هوندي بہ، اقليت بنجي ويندا ۽ سمورا فيصلا مٿن اولهہ پاڪستان مان مڙهيا ويندا. تنهنڪري هيڏانهن پنجاب فارمولا پڌرو ٿيو، هوڏانهن اوڀر پاڪستان رد ڪري ڇڏيو جنهن ڪري هڪ آئيني تعطل پيدا ٿي پيو. وزيراعظم خواجہ ناظم الدين ڏاڍي مشڪل ۾ وڪڙجي پيو. هن جي سڀ کان ڏکيائي اها هئي تہ اوڀر پاڪستان سان تعلق رکندي بہ هو اتان جي ليڊرن جي نمائندگي ۽ اتان جي ماڻهن جي حقن جي حفاظت ڪرڻ ۾ ناڪام ويو هئو. ٻئي طرف هو اولهہ پاڪستان جي هڪ وڏي صوبي جي ناراضگي کي بہ قبولڻ لاءِ تيار ڪونہ هئو. پنهي طرف سخت گيري جو عالم هيءَ هئو جو ٻئي ڌريون هڪٻئي سان صرف اخباري بيانن ذريعي ڳالهائي رهيون هيون.

انهيءَ پس منظر ۾ خواجہ ناظم الدين بنيادي اُصولن واري ڪميٽي جي رپورٽ، آئين ساز اسيمبلي ۾ پيش ڪرڻ بدران، ٽي مهينا ملتوي ڪري ڇڏي. هن اها مهلت ڏرين ۾ ناهہ ڪرائڻ تي صرف ڪئي ۽ خيال اهو ظاهر ڪيو ويو تہ انهيءَ عرصي دوران جيڪڏهن ناهہ نتو ٿئي تہ پوءِ وزيراعظم ، اها رپورٽ آئين سازاسيمبلي ۾ پيش ڪري ڇڏيندو.

اوڀر پاڪستان جا اڳواڻ اهو سوچي رهيا هئا تہ پلي ٽن مهينن جو مدو گذري وڃي جنهن کان پوءِ هو اولهہ پاڪستان جي ڪنهن بہ هڪ صوبي کي پاڻ سان شامل ڪري بنيادي اصولن واري ڪميٽي جي رپورٽ ۾ پنهنجي مرضيءَ سان ردوبدل ڪرائي منظور ڪري ڇڏيندا. پوءِ پلي پنجاب جا ليڊر انهيءَ تي ڪهڙو بہ رد عمل ظاهر ڪن. هنن جو خيال هئو تہ هڪ گهمرو رپورٽ منظور ٿي وڃي تہ پوءِ آئين سازي جو مرحلو ڪو گهڻو ڏکيو ڪونہ ٿيندو ۽ اهڙيءَ طرح آزاديءَ کان پوءِ گهربل بنيادي دستاويز مرتب ٿي ويندو. جنهن ۾ اوڀر پاڪستان کي پنهنجي اڪثريت جي آڌار تي پنهنجو حصو ملندو.

گورنر جنرل غلام محمد، ان وقت تائين اهو سمورو تماشو صرف ڏسي ڪونہ رهيو هئو پر ان ۾ پنهنجو ڪردار بہ تمام گهڻو ادا ڪري رهيو هئو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي ڪابينہ در ڪابينہ پوريءَ طرح مصروف هئي، جنهن جو بنيادي مقصد اهو هئو تہ آئين سازي جو عمل جيترو پنتي ڌڪجي اوترو ئي هن جي ۽ سندس ساٿين جي ڀلائي هوندي. هن جو خيال هئو تہ جيڪڏهن هن جي سمورين ڪوشش جي باوجود آئين ٺهي وڃي تہ اهو سندس مرضي جي مطابق هجي.

هيءُ بہ عجيب حادثو آهي تہ جڏهن سياسي افق تي هيءُ واقعا نمودار ٿي رهيا هئا، عين انهيءَ وقت اولهہ پاڪستان ۾ هنگاما بہ رونما ٿيڻ لڳا. هن ڳالهہ جو اڃا پورو ثبوت ڪونہ مليو آهي تہ اهو محض اتفاق هو يا انهن جي پويان ڪي سياسي مقصد هئا پر انهن ”خفيہ ڪابينہ“ جي ارادن کي هٿي ضرور ڏني. اهي بہ واقعا هئا: هڪ ڪراچيءَ ۾ شاگردن جو ايجيٽيشن ۽ ٻيو پنجاب ۾ ختم تحفظ نبوت جي تحريڪ جنهن کي عام طور قادياني تحريڪ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

ڪراچيءَ ۾ شاگردن جا هنگاما 8 جنوري 1953ع تي ٿيا جن ۾ ڪجهہ ماڻهو پوليس فائرنگ سان مئا. انهيءَ فائرنگ تي وري احتجاجي مظاهرا ٿيا پر اهي ملڪ جي ٻين هنڌن ڪونہ پکڙيا تنهنڪري سڄيءَ طرح انهن جو سياسي فضا تي ڪو اثر ڪونہ پيو. ليڪن جنهن واقعي پوري ملڪ کي ڌڪائي وڌو سو تحريڪ ختم نبوت هئي. هيءَ هلچل فيبروري 1953ع ۾ شروع ٿي ۽ ان جو مقصد اهو هئو تہ مرزا احمد قاديان جي هلايل فرقي کي اسلام کان خارج قرار ڏنو وڃي. سموريون اسلام پسند جماعتون هن تحريڪ ۾ شامل ٿي ويون ۽ عام ماڻهن جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ جاءِ جاءِ مظاهرا ڪري راءِ عامہ هموار ڪرڻ لڳا.

قاديان جي تحريڪ گهڻو عرصو اڳ پنجاب ۾ شروع ٿي هئي هن جا ڪئي پوئلڳ ملڪ جي آفيسر شاهي ۾ وڏن عهدن تي بہ فائز هئا ۽ آهستي آهستي پوري ملڪ ۾ پکڙجي ويئي هئي. هن جا پوئلڳ ڪنهن ظاهري نماءُ ڪرڻ کان سواءِ طويل عرصي کان پنهنجي مسلڪ تي هلندا ٿي رهيا پر فيبروري 1953ع ۾ جنهن طريقي سان هن هڪدم آيار ڪاڏو. تنهن گهڻن ماڻهن، خاص ڪري سياسي بصيرت رکندڙ ماڻهن کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو. ٿيو هيئن تہ هرهنڌ قادياني مرڪزن ۽ قادياني پوئلڳن جي گهرن تي حملا ٿيڻ لڳا ۽ هر هنڌ انهن خلاف آواز بلند ٿيڻ لڳو. اهو ڏسي عام تاثر اهو قائم ٿي ويو هئو تہ ڪي سازشي عناصر هٿ وٺي ملڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جني فضا بگاڙڻ چاهين ٿا. تہ جيئن چوندن ۾ آئين سازي جي عمل کي کنهن نہ کنهن طريقي سان روڪي سگهجي يا گهٽ ۾ گهٽ ان کي آهستي ڪري سگهجي.

بظاهر مارشل لا لڳڻ جو مقصد امن امان کي بحال ڪرڻ هئو ۽ ماڻهن کي پکڙجندڙ فرقہ پرستي ڏانهن ڏڪجڻ کان بچائڻو هئو پر، جيئن اسان بعد جي سالن ۾ ڏٺو تہ اها ڏاڍي ڳٽيل ڳتيل چال هئي جنهن اڳتي هلي نيٺ پاڪستان ۾ فرقہ پرستي جون صرف پاڙون ئي مضبوط ڪونہ ڪيون پر بنياد پرستي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو.

ٿيو هيئن تہ ڪجهہ اسلامي نالي وارين سياسي جماعتن اهو هل اٿاريو تہ قادياني، مسلمانن کي ريهي ريبي قادياني بنائي رهيا آهن ۽ اهي ماڻهن مسلمانن جي نالن هيٺ ڪري سرڪاري عهدن ۾ شامل ٿي اسلام جي نالي کي ڌڪ رسائي رهيا آهن. هنن گروپن ۾ جماعت الاحرار، جماعت اسلامي، جميعت العلماء پاڪستان وغيره جا ورڪر شامل هئا. جيتوڻيڪ هنن فرقن جا پاڻ ۾ ڪيترائي اختلاف هئا ۽ هو هڪٻئي کي ڪافر سڏڻ جا عادي هئا، پر هنن پنهنجي پهرين حملي جو نشانو احمدين کي بڻايو. بنيادي اصولن واري ڪميٽي جي اجلاس ۾ هو، غير مسلم ميمبرن جو رد عمل ڏسي چڪا هئا تنهنڪري هنن کو عملي مظاهرو ڪري اهو ثابت ڪرڻ ٿي گهريو تہ اقليتن جي طرف هنن جو ڪهڙو رويو هئڻ گهرجي. فيبروري 1953ع ۾ هنن هڪ 12۔ رڪني ايڪشن ڪميٽي ناهي ۽ انهيءَ کان اڳ جو بنيادي اصولن واري ڪميٽي جي رپورٽ تي ڪا پيش رفت ٿئي، فساد شروع ٿي ويا. ڪيترن ئي قاديانين جون زندگيون ويون، اجها تباهہ ٿيا.

ايڪشن ڪميٽي انهن هنگامن جي ذريعي وزير اعظم خواجہ ناظم الدين تي دباءُ وجهڻ ٿي گهريو تہ هنن جو مطالبو تہ ”قاديانين کي فوري طور اقليت قرار ڏنو وڃي“ ۽ جيڪڏهن اهو جلد نہ ڪيو ويو تہ ڪميٽي، سڌو ايڪشن ڪندي. ناظم الدين، هن ڪميٽي سان ملاقات ڪرڻ ۾ ٻيا مطالبا تہ مڃيا پر اقليتن واري مسئلي کي التوا ۾ وڌو ۽ نيٺ نہ مڃيو جنهن تان هنگاما شروع ٿي ويا. خواجہ ناظم الدين 8 مارچ 1953ع تي لاهور ۾ مارشل لا لاڳو ڪري جنرل اعظم کي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر مقرر ڪري ڇڏيو ۽ گڏوگڏ ڪيترن ئي مولوين کي گرفتار ڪري ڇڏيو. ظاهري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طور مارشل لا لڳڻ جو ڪارڻ قادياني تحريڪ هئي، پر قادياني تحريڪ چو ايري ۾ ان تان پکڙيل فرقيوارانه فسادن کي دٻائڻ لاءِ اهڙو سخت قدم چو کنيو ويو، تنهن جي باري ۾ ڪئين رايا آهن. اهو صحيح آهي ته مرڪز کي مداخلت جو بهانو گهربو هئو پر جسٽس منير، کي بعد ۾ هنن هنگامن جي چنڊ ڇاڻ ڪرڻ لاءِ انڪوائري ڪميٽي جو سربراهه مقرر ڪيو ويو هئو.[1]

قادياني تحريڪ کي دٻائڻ وارن واقعن ۾ ڪيترين ئي جانيون ويون، قيمتي اثاثا تباهه ٿيا، بلڪ حقيقت هيءَ آهي ته انهيءَ سان پاڪستان ۾ مذهبي فرقه پرستي جي هڪ واٽ کلي پيئي. جسٽس منير هن سموري مامري جو تاريخي اڀياس ڪيو ۽ گڏوگڏ ڪليل انڪوائري ڪئي جنهن ۾ ”1600 صفحن تي مشتمل تحريري بيان هئا، 2600 صفحا شاهدين جا هئا، 339 مصدقه شاهديون، دستاويز هئا، انيڪ خط، اڻ ڳڻيا ڪتاب، رسالا، پمفليٽ ۽ اخبارون هيون. رپورٽ پنهنجي جاءِ تي 387 صفحن تي ڳتيل طريقي ۾ ٽائيپ ٿيل هئي.“[2]

هاڻي انهيءَ رپورٽ جي اصل رڪارڊ جي خبر ڪونهي ته ڪٿي آهي پر اها جڏهن ڇپي، ته ڏاڍو مشهور ٿي بلڪ ڪيترن مسلم ملڪن انهيءَ کي خاص طور تي پڙهيو ڇاڪاڻ ته انهيءَ ۾ فسادن ۾ اهڙن فرقيوارانه آپارڻ جي هر پهلو تي بحث ڪيو ويو هئو.

جسٽس منير پنهنجي رپورٽ ۾ هڪ هزار سالن جي تاريخ اسلام تي نظر وڌي ۽ انهيءَ جي روشني ۾ پاڪستان ۾ فرقيواريت جي اڀرڻ جي ڪارڻن تي بحث ڪيو. هن پنهنجا نتيجا هن نڪتي تي ڪڍيا ته پاڪستان مسلمانن جي لاءِ ڌار ملڪ جي طور ضرور بڻايو ويو پر انهيءَ جو بنيادي مقصد هندو اڪثريت جي معاشي قرمارڪان بچڻ هئو. تنهنڪري پاڪستان نهڻ کان پوءِ قائداعظم جيستائين زنده رهيو تيستائين

(1) جسٽس هن جو تفصيلي اڀياس ڪيو ۽ سائنسي طريقي ۾ ڪارڻ بيان ڪيا. جسٽس منير مولوي تميز الدين ڪيس ۾ جيڪا فتويٰ ڏني، تنهن کي جيڪڏهن پاسيرو رکجي ته هن جا باقي فيصلا تمام اهم آهن. خاص ڪري قادياني تحريڪ جي اڀرڻ ۽ ان اڀياس جي نتيجي ۾ آئيندي اهڙن خطرن کان آگاهه ڪرڻ واري، تجزيي کي هرگز نظر انداز نٿو ڪري سگهجي.

(2) ٻيو رڪن جسٽس محمد رستم ڪياني هئو. جسٽس منير، فرام جناح ٽو ضياء، ص43.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان جي آئيندي مملڪتي نظام کي سيڪيولر جمهوري حڪومت سان تعبير ڪندو رهيو."[1] لياقت علي خان، وزير اعظم هوندي قرارداد مقاصد انهيءَ ڪري دستورساز اسيمبلي ۾ پيش نہ ڪيا جو قائداعظم جيئرو هو ۽ هو انهيءَ جي خلاف هئو تہ آئين ۾ پاڪستان کي اسلامي رياست قرار ڏنو وڃي.

دراصل لياقت علي خان، مغرب جي زير اثر هئو جنهن وٽ سيڪيولرزم جو سوچڻ هڪ گناه هئو. هو درست هئو يا غلط پر انهيءَ ۾ جيڪا شيءِ غالب پوڻ لڳي سا بنياد پرستي هئي جيڪا اڳتي هلي مملڪت لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي پئي سگهي ۽ جنهن جو واضح اشارو جسٽس منير پنهنجي رپورٽ ۾ ڪيو ۽ اها ئي بنياد پرستي هئي جنهن لاهور ۾ قادياني تحريڪ کي هوا ڏني. هنگاما ڪرايا ۽ نيٺ مارشل لا جهڙو سخت قدم کڻايو. جسٽس منير تاريخي حوالن سان ثابت ڪيو تہ گڏيل هندستان ۾، سواءِ مسلم ليگ جي سموريون اسلامي نالي واريون سياسي جماعتون پاڪستان جي قيام خلاف هيون ۽ پاڪستان کي گاريون ڏينديون، چار ڪروڙ مسلمان (هندستان ۾) ڇڏي پاڪستان هليا آيا." [1]

پاڪستان ۾ فرقہ پرستي جي تاريخ بيان ڪندي جسٽس منير اسلام جي هزار سالن جي تاريخ تي سرسري روشني وڌي پر آزاديءَ جي تحريڪ تي خاص ڪري بحث ڪيو ۽ شاهدين توڙي دستاويزي ثبوتن سان اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي تہ آزادي واري تحريڪ دوران ڪئين مسلم نالي واريون سياسي جماعتون (مسلم ليگ کانسواءِ) پاڪستان جي قيام جون مخالفت ڪنديون رهيون. انهن ۾ جماعت الاحرار سڀ کان اول هئي.

"جڏهن قائداعظم جي اڳواڻي هيٺ مسلم ليگ پاڪستان جي قيام لاءِ جدوجهد ڪري رهي هئي تڏهن احرار وارا مسلم ليگ جي ليڊرن کي گاريون ڏيئي رهيا هئا ۽ ڪين غير اسلامي زندگي جي الزامن سان نوازيندا رهيا. اسلام هنن جو وڏو هٿيار هئو جنهن کي هو پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجن سياسي مخالفن جي خلاف استعمال ڪندا ٿي رهيا. ڪانگريس سان ڳالهائڻ وقت هو چوندا هئا تہ مذهب، ذاتي معاملو

(1) جسٽس منير ص xiii مقدمو. فرام جناح ٽو ضياء

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ۽ قوم پرستي هنن جي سياست آهي. پر ليگ جي جڏهن خلاف ٿيا ته هنن جو واضح دليل اسلام هوندو هئو جيڪو ڪين خدا عطا ڪيو هئو ۽ ليگ نه صرف انهيءَ عقيدي کان ڏار هئي پر اسلام دشمن هئي."(1)

"... مسلم ليگ کي اسلام جي هٿيار سان هي ڪيئن شڪست ڏيئي پئي سگهيا تنهن جو اندازو احرار ليڊر مولانا مظهر علي اظهر ڏانهن منسوب ڪيل هڪ شعر مان ٿي سگهي ٿو جنهن ۾ هن قائداعظم کي ڪافر اعظم سڏيو."(2)

قيام پاڪستان کانپوءِ، احرار، هر شڪست کاڌل پارٽي جيان پاڪستان هلي آئي پر اچڻ کان اڳ ڪل هندستان مجلس احرار هڪ ٺهراءُ پاس ڪري "...(هندستان جي) مسلمانن کي مشورو ڏنو ته هو ڪانگريس ۾ شريڪ ٿين ۽ مولانا آزاد جي ليڊرشپ تسليم ڪن."(3)

جماعت اسلامي جي ڪردار، طريقه ڪار ۽ مول متن تي به رپورٽ ۾ چڱو خاص بحث ڪيو ويو. جسٽس منير، تاريخي حوالن سان ثابت ڪيو ته جماعت جو باني مولانا مودودي مذهبي سياست واري مملڪت قائم ڪرڻ جو حامي هو. بلڪ پاڪستان کان اڳ ۾. جماعت اسلامي جي لٽريچر ۾ ڪٿي به پاڪستان جي حمايت ۾ هڪ لفظ به ڪونه ڇپيو. بلڪ هن چيو ته "ڪابه اهڙي حڪومت جيڪا قوم جي بنياد تي ٻڌل هجي سا هڪ شيطاني حڪومت هوندي، اها حڪومت ڪافر هوندي ۽ اهڙي حڪومت ۾ شامل ٿيندڙ گناهه گار هوندا."

اهڙيءَ طرح ٻين مذهبي جماعتن جي ليڊرن جهڙوڪ جميعت العلماءِ پاڪستان جي صدر مولانا ابوالحسنات، امير جماعت اسلامي مولانا ابوالاعليٰ مودودي، مولانا امين احسان اصلاحي، ميان طفيل احمد جي بيانن کي به آڏو رکو، انهيءَ نڪتي کي واضح ڪيو ته جتي جماعتون مذهب جي آڌار تي مملڪت جي نظام کي هلائيندڙيون اتي اهڙي قسم جون تحريڪون اڀرڻ ڪا غير معمولي ڳالهه ڪانهي. بهرحال رپورٽ جزوي طرح جماعت اسلامي کي فسادن جو ذميدار قرار ڏنو. ليڪن سياسي ۽ تاريخي چند ڇاڻ بعد جسٽس منير جيڪي اصول بيان ڪيا

---

(1) جسٽس منير ص xiii مقدمو، فرام جناح ٽو ضياءِ.

(2) ايضاً ص51

(3) منير رپورٽ ص256، بحواله جناح ٽو ضياءِ، ص53.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سي چڱا اهميت پريا آهن ۽ ڪنهن سياسي نظام جي بنياد رکڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا بلڪ جيڪڏهن ان وقت جون سياسي حڪومتون انهيءَ رپورٽ تي ڳوڙهيءَ طرح ۽ ديانتداري سان اپياس ڪن ها تہ گهٽائي مسئلا حل ٿي سگهن ها. منير جو اختتامي جملو هئو: "هيءُ (قادياني مسئلو ۽ فساد) صرف امن امان جو مسئلو ڪونهي پر جمهوري سسٽم جي ارتقا ۾ سياسي نظريا بنيادي شيءِ آهن. امن امان جو مسئلو، ملڪ جي جمهوري بنيادن تي ٻڌل هوندو آهي جيڪو، (اسان جي معاملي ۾) سياسي پوائنٽن خوابن سان پريو پيو آهي."

جسٽس منير جي عدالتي فيصلن يا ذاتي زندگي سان ڪيترن کي اختلاف ٿي سگهي ٿو پر فرقيوارانہ فسادن جي هن پهرين لهر جو اپياس هن جنهن ريت ڪيو، سو تمام تعريف لائق آهي ۽ انهيءَ لهر جا جيڪي اثر ايندڙ سالن ۾ پيا، تن ثابت ڪري ڏيکاريو تہ جمهوري نظام ئي سمورن مملڪتي ۽ سماجي نظامي جو بنياد آهي.

1953ع جي مارشل لا جو نفاذ، هڪ وڏي سازش جي ريهرسل هئي جيڪا نيٺ هلي جمهوري ۽ شهري حڪومت جي خاتمي تي پوري ٿي. انهيءَ ماجرا تي اڳتي چندبچاڻ ڪنداسين پر هتي صرف ايترو چوڻ ڪافي آهي تہ بنيادي اصولن واري ڪميٽي جي رپورٽ کان پوءِ واقعن ٻهڙيءَ طرح رخ ورتو هئو، تن جو لازمي ۽ منطقي نتيجو اهو نڪرڻو هئو. خنہ ڪابينہ پنهنجو ڪم ڏيکاري چڪي هئي جنهن جي آڏو، وزير اعظم ڪابينہ ۽ باقي سياستدان بيوس ٿي ڪم ڪندا رهيا. انهن سازشي عناصر جو هنگامن ڪرائڻ ۽ صورت حال کي بگاڙڻ ۾ ڪيترو هٿ هئو. تنهن جو اعتراف ملڪ فيروز خان نون هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

"..... اقليتي فرقي احمدين تي حملا ڪري شهرين جي جذبات کي آپارڻ وارو پراٽو طريقو اختيار ڪيو ويو... صورت حال انهن ماڻهن پيدا ڪئي جن مرڪز جو اقتدار پنهنجي هٿن ۾ رکڻ چاهيو ٿي. هنن سوچيو تہ بدامني پکيڙڻ سان اختيار هنن وٽ ئي رهندا...." (1)

مرڪز مداخلت جو جواز پيدا ڪري چڪو هئو. جنهن سان عام شهرين جي دلين ۾ بددلي پيدا ٿي پئي. پنجاب جا آزاد سياستدان جيڪي اهڙيءَ طرح مداخلت جا مخالف هئا. سي مرڪزي قيادت کي

(1) نون، فرام ميمري، ص234

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نندڙ لڳا. مارشل لا سان هنن جي انهيءَ شڪ کي هٿي ملي تہ مرڪز، جمهوريت ۽ جمهوري روايتن ۾ يقين نٿي رکي. خود سرڪاري مشنري جو وڏو حصو خواجہ ناظم الدين جي پاليسين ۽ هن جي ذات جو مخالف بڻجي ويو.

مارشل لا لڳڻ جو مطلب اهو هو تہ سول مشنري کي معزول ڪري فوجي مشينري جي ذريعي ڪم هلايو وڃي جنهن نفسياتي طور تي پنجاب جي سياسي فضا کي خراب ڪري وڌو. ميان ممتاز دولتانہ، پراڻو مسلم ليگي هئو ۽ ان وقت پنجاب جو وڏو وزير هئو. هو انهيءَ قدم سان سڌو سنئون متاثر پئي ٿيو. بين لفظن ۾ دولتانہ کي يقين ٿي ويو هئو تہ هن جي ڪري ئي غلام محمد، پنجاب جي خلاف اهو قدم کنيو.

بهرحال منطقي ڳالهہ اها هئي تہ مارشل لا لڳائڻ جو مقصد، دولتانہ ۽ سندس حڪومت کي هٽائڻ ۽ غلام محمد کي پنهنجي ماٺو آڻڻ هو.

اپريل 1953ع جي منڍ ۾ ملڪ غلام محمد، جي چوڻ تي خواجہ ناظم الدين ملڪ فيروز خان نون کي جيڪو ان وقت اوڀر پاڪستان ۾ گورنر هئو، ڍاڪا مان گهرايو. خواجہ صاحب کيس فون تي چيو تہ کيس پنجاب جو وزير اعليٰ بڻجڻو آهي. نون ويچارو اچي ڦاٿو. ڇاڪاڻ تہ اهڙي عهدي لاءِ صوبائي پارليماني ليڊر هئڻ ضروري هئو سو نون، ٽيليفون تي ئي چيو تہ هو پاڻ کي پنجاب پارليماني گروپ جو ليڊر ڪيئن چونڊائي سگهندو. جنهن جي جواب ۾ اها ذميداري خواجہ صاحب پاڻ کنئي ۽ کيس صرف اوڀر پاڪستان جي گورنري ڇڏي ڪراچي پهچڻ لاءِ چيائين.

ٽيو بہ ائين، ٽيليفون پهچڻ جي فورا بعد، نون، گورنري ڇڏي، ڪراچي پهتو اتان لاهور رسيو. اتي خواجہ ناظم الدين، سمورو ڪم اڳوات ڪري چڪو هئو. دولتانہ کان نہ صرف استعيفا ورتي رکي هئائين پر پارليماني پارٽيءَ کي چئي ڇڏيو هئائين تہ نون کي نئون پارليماني ليڊر بہ چونڊين، جن پنهنجي قديم روايت مطابق تمام تابعداري سان ائين ئي ڪيو. دولتانہ، مارشل لا جي فضا ۾ پاڻ کي غير محفوظ سمجهيو، سو ٽورن ڏنهن ۾ باروني يورپ هليو ويو.

گورنر جنرل غلام محمد جي پهرين چال ڪامياب ٿي ويئي هئي. هن پنجاب ۾ پنهنجا پير نہ صرف کپائي ڇڏيا هئا، پر ڇئني طرفن کان سمورا

ڪنڊا هٿائڻ ۾ مصروف ٿي ويو هئو. انهيءَ جو مقصد ڪو صرف پنجاب جي سياسي ۽ امن امان جي حالتن کي درست ڪرڻ ڪونہ هئو، پر، جيئن اڳتي هلي حالتن ثابت ڪيو، هن جو مقصد گهٽ ۾ گهٽ اڳتي هئو: پوري ملڪ تي قبضو ڪرڻ.

اسڪيم جي تڪميل لاءِ اجا ڪجهہ جواز پيدا ڪرڻا هئا. خوراڪ جي صورت حال تہ خراب هئي ڇاڪاڻ تہ اجا سرحد پار کان مهاجرن جا ڪٽڪ اچي رهيا هئا. ٻيو تہ سرحدون کيل هئڻ ڪري ڪٽڪ جي سمگلنگ وڏي پيماني تي جاري هئي. انهيءَ تان سموري ملڪ ۾ هاءِ گهوڙا تہ مٿل هئي پر جنهن حالت سيني کي وڏيڪ ويچار ۾ وجهي ڇڏيو هئو، سا هئي امن امان جي ڦريون، ڌاڙا، وگوڙ ايترا وڏي وڏي ويا هئا جو انهن کي بظاهر ڪنٽرول ڪرڻ ڏکيو پئي لڳو. مبصرين جو خيال آهي تہ اهي بہ انهيءَ اسڪيم جو حصو هئا جنهن جو مطلب اقتدار جي ڄار کي وڌيڪ پڪيڙڻ هئو.

خفيہ ڪابينہ. اهو هل اخبارن ۾ اٿاري ڇڏيو هئو تہ هن سموري لاقانونيت جو ذميدار وزير اعظم خواجہ ناظم الدين آهي ۽ هو پنهنجي انتظامي مشنري کي موثر نموني هلائڻ ۾ بنهہ ناڪام ويو آهي، بلڪ انهيءَ حد تائين مشتهر ڪيو ويو تہ ڪي وزير ۽ سياستدان بہ انهيءَ ۾ شامل آهن. ڪنهن انتهائي قدم کڻڻ لاءِ ايترو ڪافي هئو. جواز عام تي چڪو هئو. خفيہ ڪابينہ پنهنجو ڪم ڏاڍي تندهي سان ڪري چڪي هئي ۽ هاڻي صرف اشاري جي دير هئي ۽ نيٺ اها گهڙي اچي ويئي.

16۔ اپريل 1953ع جي اڌ رات جو اشارو ملي ويو. وزير اعظم خواجہ ناظم الدين ۽ سندس ڪابينہ جي وزيرن جا ٽيليفون ڪٽجي ويا ۽ صبح جو پهرين خبرن ۾ وزير اعظم جي برطرفيءَ جو اعلان نشر ڪيو ويو. گورنر جنرل، غلام محمد، امريڪا ۾ پاڪستان جي سفير محمد علي بوگره کي اڳيئي ڇڏيو هئو سو محل تي پهچي ويو هئو جنهن فجر جو خبر نشر ٿيڻ کان اڳ ۾ وزارت اعظميٰ جو قسم کڻي ڇڏيو. ڪابينہ جو اعلان ڪيو ويو جيڪا نالي ۾ تہ پارليماني هئي ۽ ان کي وزير اعظم جي رهنمائي ۾ ڪم ڪرڻو هئو پر حقيقت ۾ اها گورنر جنرل جي وزارت هئي.

جيئن ٿيڪ، غلام محمد گهٽي پاڳي پنهنجون پاڙون کوڙي چڪو هئو، پر منزل اجا ڪجهہ اڳيري هئي، گويا هن کي اجا ڪجهہ ٻين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسڪيمن تي عمل ڪرڻو هئو جنهن ۾ صرف پنهنجن دوستن جو ساٿ ئي نہ وٺڻو هئو پر ملڪ جي سمورن حصن مان اقتدار جي بکين کي بہ گڏ ڪرڻو هئو. انهيءَ سلسلي ۾ پهريون مرحلو پنجاب جو آيو ٿي. هن پنجاب جي هڪ چونڊيل وزير اعليٰ کي هٽائي پنهنجي هٿ ٺوڪئي وزير اعليٰ کي نامزد ڪري ڇڏيو هئو، وزير اعظم بہ بدلائي ڇڏيو هئو، تنهن هوندي بہ پنجاب جي ڪل حمايت حاصل ڪرڻي هئي، جيڪو بنيادي اصولن واري ڪميٽي جي رپورٽ تي ساٽس ناهہ ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ هئو.

اهو تہ طئي ٿي چڪو هئو تہ پنجاب، اوپر پاڪستان جي اڪثريت کي مڃڻ لاءِ تيار ڪونہ هئو، انهيءَ ڪري هن ڪميٽي جي رپورٽ کي رد ڪري ڇڏيو هئو، غلام محمد انهيءَ جو بہ ٽوڙ ڳولي ورتو. اهو هيءُ تہ اولهہ پاڪستان کي اوپر پاڪستان جي برابر قرار ڏنو وڃي تہ جيئن قانون ساز اسيمبليءَ ۾ ٻنهي حصن کي برابري حاصل هجي. انهيءَ تصور کي عملي ثبوت ڏيڻ لاءِ هن اولهہ پاڪستان جي سمورن صوبن، رياستن ۽ قبائلي علائقن کي ملائي هڪ سياسي ۽ انتظامي يونٽ بنائڻ جو تصور ڏنو. جنرل اسڪندر مرزا، جيڪو ان وقت سندس ڪابينہ ۾ وزير داخلہ هئو، تنهن انهيءَ اسڪيم جي نہ صرف پٺڀرائي ڪئي پر ان تي پوريءَ ريت عمل ڪرڻ جو نقشو بہ ڪيڏي ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 10

# آئين سازي، چونڊون
# متحده محاذ، گورنري راڄ

بنگال جي سياسي برتري ۽ عددي گهٽائي، پنهنجي جاءِ تي هڪ حقيقت هئي، جنهن کي اقليت ۾ بدلائڻ لاءِ اولهه پاڪستان جا سياستدان سازشون ڪري رهيا هئا. پر انهيءَ کان بنگال جا ماڻهو ۽ سياستدان بيخبر ڪونه هئا. هنن به پنهنجي لاءِ بچاءُ جون واٽون ڳولڻ شروع ڪري ڏنيون هيون ۽ انهيءَ جو مظاهرو عين انهيءَ وقت ٿيڻ وارو هئو جڏهن اولهه پاڪستان وارا سياستدان بنهه هيٺ لهي اچن.

مارچ 1954ع ۾ صوبائي اسيمبلي جون چونڊون ٿيڻ واريون هيون. بنگالين کي هاڻي انهيءَ لاءِ ڪنهن ثبوت جي ضرورت ڪانه هئي ته مسلم ليگ هنن جي حقن تي ڌاڙو هنيو آهي ۽ هاڻي جيڪڏهن هو وري اقتدار جي مسند تي وهن ٿا ته انهن ڌاڍاين ۾ واڌارو ايندو، گهٽتائي ڪانه ايندي. تنهنڪري، بنگالين پنهنجن اندروني ننڍن وڏن اختلافن کي ختم ڪري مسلم ليگ کي اوڀر پاڪستان مان تڏاپٽ ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو. بظاهر اهو فيصلو ڪرڻ تمام سولو هئو پر عمليءَ طرح انهيءَ کي حاصل ڪرڻ ۾ تمام گهڻيون رڪاوٽون هيون.

اوڀر پاڪستان ۾، بنگالي، ثقافتي طور يا ٻوليءَ ۾ هڪ ضرور هئا پر سياسي وچوٽيون به گهڻيون هيون، تنهنڪري مسلم ليگ کي ڌڪ ڏيڻ لاءِ ڀريائين اهي اختلاف دور ڪرڻ ضروري هئا. وڏيون پارٽيون به هيون: هڪ عوامي ليگ جنهن جي اڳواڻي مولانا عبدالحميد ڀاشاني ۽ حسين شهيد سهروردي ڪري رهيا هئا، جڏهن ته ڪرشڪ سرامڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پارٽي جي اڳواڻي مولوي فضل الحق ڪري رهيو هئو. هن ڪان سواءِ ننڍيون ننڍيون پارٽيون، گروپ ۽ گروهه به انيڪ هئا. هنن سمورن جا منشور ۽ پروگرام ڌار ڌار هئا جن ڪي هڪ هنڌ ڪٺو ڪرڻ ڏکيو هئو پر چاڪاڻ ته هڪ اهڙو مقصد آڏو هئو جنهن جي معنيٰ "بنگالين کي سياسي ۽ اقتصادي ڇوٽڪارو" (اولهه پاڪستان جي مسلم ليگ کان)· ڏيارڻ هئو، تنهنڪري تورين گهٽين ڳالهين کان پوءِ هو هڪ ٽيڙ تي متفق ٿي ويون. اتفاق هن ڳالهه تي ٿيو ته مقصد حاصل ڪرڻ کان پوءِ وري هر پارٽي پنهنجو اصلي روپ اختيار ڪري وٺندي ۽ پنهنجي پروگرام تي عمل ڪرڻ شروع ڪندي.

جڏهن گڏ ٽيڙ جون ڳالهيون هلي رهيون هيون ته ڪميونسٽ پارٽي به شامل ٿي ويئي جنهن کان پوءِ هڪ "متحده محاذ" ٺاهيو ويو.

اولهه پاڪستان جا سياستدان، جيڪي پنهنجو پاڻ کي پوري ملڪ جا واڳ ڌڻي سمجهندا هئا، تن کي اچي ڳڻتي ورائي. هنن جو خيال هئو ته چاڪاڻ ته مسلم ليگ، پاڪستان کي وجود ۾ آندو آهي تنهنڪري هنن جي هر غلط ۽ صحيح فيصلي تي ماڻهو لبيڪ چئي وجهندا ۽ اکيون ٻوٽي ووٽ ڏيندا. هنن تاريخ جو اهو فيصلو وساري ڇڏيو هئو ته هر سياسي پارٽي وقت جي بدليل ضرورتن مطابق پنهنجي منشور ۽ مقصدن ۾ به ڦير گهير ڪندي رهي آهي. انهيءَ جي ابتڙ هو بادشاهي وراثت واري فلسفي ۾ يقين رکي ۽ اوڀر پاڪستان جي ضرورتن ۽ سياسي حقيقتن کي پٺتي ڦٽي ڪري پنهنجو ڏاڪو جمائڻ تي ڳنڍ ٻڌيو ويٺا هئا. نتيجو اهو نڪتو جو اولهه پاڪستان جا ڪئين ليڊر پٽڪا ٻڌي· مسلم ليگ جي ڍال ٻنجي اوڀر پاڪستان روانا ٿيا. پنهنجي نڪته نظر کي هٿي ڏيڻ لاءِ هنن قائداعظم جي ڀيڻ مس فاطمه جناح کي به شامل ڪيو.

اولهه پاڪستان ۾ وينل وڏيرڪي سياست جي پوئلڳن، پنجاب جي چوڌرين، سرحد ۽ بلوچستان جي خوانين ۽ سردارن، سندن هٿ ٺوڪئي ڪامورا شاهي ۽ ٻنا آئين هلندڙ حڪومت جي ڪارندن اهو سوچيو ته اوڀر پاڪستان ۾ مُٺ ڀر ماڻهن جي طرفان اٿاريل سوال مسلم ليگ جي زبردست اڪثريت جي لاءِ آزمائش هوندو جيتوڻيڪ عام ماڻهن کي خيال هو ته اوڀر پاڪستان ۾ مسلم ليگ پوين پساهن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندي.

انتخابي مهم ۾ متحده محاذ پنهنجو منشور 21- نڪتن ۾ رکيو جن ۾ ٻيون ته شيون ننڍيون هيون پر سڀ کان اهم نڪتو صوبائي خود مختاري هئو ۽ انهيءَ تي ئي سموريون سياسي پارٽيون هڪ ٿيون هيون. مسلم ليگ پنهنجي انتخابي مهم ۾ متحده پاڪستان ۽ مضبوط مرڪز جي نڪتي کي اڳتي کڻي هلي جڏهن ته بنگالين جو نعرو اهڙي مضبوط مرڪز کي ٽوڙڻ ۽ صوبائي خودمختاري حاصل ڪرڻ هئو. چونڊون ٿيون. جڏهن نتيجا نڪتا ته مسلم ليگ بري طرح هارائي ويئي، ڇڪ ائين ٿي لڳو ته مسلم ليگ، اوير پاڪستان ۾ هئي ئي ڪانه. اسيمبلي جي 300 سيٽن مان، مسلمانن لاءِ رکيل 238 سيٽن مان مسلم ليگ کي رڳو 10 سيٽون مليون، متحده محاذ 212 سيٽون کٽيون ۽ 17 غير مسلم اميدوارن کٽيون.

هيءَ نتيجا ٻين لفظن ۾ انهيءَ ڳالهه تي ريفرنڊم هئو ته اوير پاڪستان جي ماڻهن کي اولهه پاڪستان مان ويهي حڪومت ڪرڻ واري روش منظور ڪانه هئي، هنن وڏ ۾ وڏ صوبائي خود مختاري چاهي ٿي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه انهيءَ عزم جو اظهار هئو ته اوير پاڪستان جي اڪثريت کي اقليت ۾ بدلائڻ واري ڪنهن به تحريڪ کي بنگال ناڪام بڻائيندو.

هن سمورين چونڊون واري عمل ۾ بنگالي شاگردن تمام سرگرمي سان حصو ورتو. بلڪه حقيقت هيءَ آهي ته قيام پاڪستان کان پوءِ شاگرد تنظيمون غيرفعال بنجي ويون هيون، خاص طورتي اولهه پاڪستان ۾. اوير پاڪستان جي صورتحال مختلف هئي، بهرحال. جيئن ئي اولهه پاڪستان مان ويهي سياستدانن بنگالين جي اڪثريت کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اوير پاڪستان جون شاگرد تنظيمون به ساڳي ئي تندهي سان سرگرم ٿي ويون. انهيءَ سرگرمي مان هڪ نوجوان شيخ مجيب الرحمان جي نالي سان اڀريو جنهن جي سموري سياسي اساس حسن شهيد سهروردي جي تربيت هئي. هي اهوئي شيخ مجيب الرحمان آهي جيڪو اڳتي هلي اوير بنگال جي آزادي جو باني ۽ بنگله بنڌو جي لقب سان سڏيو ويو.

چونڊن جا نتيجا. لازمي طور اولهه پاڪستان ۾ برپا ٿيل مرڪز ۽

ان جي حماتين کي پسند نہ اچڻا هئا. قانوني حيثيت هيءَ هئي تہ متحده محاذ کي اوڀر پاڪستان ۾ حڪومت ناهڻ گھرجي پر جيستائين محاذ حڪومت ناهي ناهي، تيستائين صورتحال ہي ٿي وئي. مرڪز جي اشاري تي ڪن عناصر، اوڀر پاڪستان ۾ فساد شروع ڪرائي ڏنا. سيني سياسي شعور رکندڙ ماڻهن کي معلوم هئو تہ انهن فسادن جي ڏوري، ڪنهن وٽ آهي، پر اهي اهڙي هوشياريءَ سان پکيڙيا ويا جو انهن کي فوري طور بند ڪرڻ ممڪن ئي ڪونہ هئو. مولوي فضل الحق جيستائين حڪومت ناهي ۽ قانون تي عمل ڪرائڻ ۽ سرڪاري مشينري کي حرڪت ۾ آڻي تيستائين فسادن جي ہي لهر آئي ۽ سوين ماڻهو مري ويا.

دراصل هنن فسادن جو ٻہ طرفو مقصد هئو. هڪ هيءَ تہ اوڀر پاڪستان ۾ صنعتي بيچيني پکڙجي تہ جيئن هو مڪمل طور تي (ٿوري عرصي ۾ ٿي) اولهہ پاڪستان تي ڀاڙي، ٻيو اتان جي مقامي بنگالين ۽ بهارين کي پاڻ ۾ وڙهائجي تہ جيئن اندروني طور استحڪام قائم نہ ٿئي ۽ اهڙا سياسي نڪتا جيڪي بنگالين جي سياسي هڪجهڙائي کي ظاهر ڪندي هجي، ان جي ابتڙ هجي. [1] پر سڀ کان اهم مقصد هيءَ هئو تہ چونڊن جي نتيجن کي ٻي اثر ڪجي تہ جيئن مرڪز پنهنجي برتري برقرار رکڻ لاءِ ڪابہ صورت اختيار ڪري.

مولوي فضل الحق حڪومت ناهي، فسادن جي باھہ کي ٺڏو ڪرڻ ۾ مصروف رهيو تہ شيخ مجيب وري معاملي جي اصل تهہ تائين پهچڻ ۾ رڌل رهيو. هوڏانهن اولهہ پاڪستان جون اخبارون فسادن جي سموري ذميداري متحده محاذ ۽ شيخ مجيب الرحمان تي وجهي رهيون هيون. دراصل شيخ مجيب انهيءَ وقت هن ڪري گهٽو اپريو جو هو شاگرد سياست مان تازو نڪري عملي سياست ۾ آيو هئو ۽ تقرير و تحرير ۾ جو شيلو پڻ هئس. هن جو سمورو استدلال هن ڳالهہ تي مرڪوز هئو تہ اولهہ پاڪستان جا سياستدان، پنهنجي سياسي برتري برقرار رکڻ لاءِ اوڀر پاڪستان جي اڪثريت کي هٽراڏو اقليت ۾ تبديل ڪرڻ چاهين ٿا. جنهن جو علاج هن اهو ٿي ڏسيو تہ اوڀر پاڪستان کي وڌ ۾ وڌ صوبائي

(1) گهٽو پوءِ اولهہ پاڪستان ۾ بہ اهڙي صورتحال پيدا ڪئي ويئي جنهن دوران سني، شيعہ ۽ سنڌي مهاجر، مهاجر پٺاڻ پنجابي جهڳڙا ڪرايا ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خودمختاري ڏني وڃي ۽ بنگالين کي هڪ ماڻهو هڪ ووٽ جو اختيار ڏنو وڃي.

اوير پاڪستان جي انهيءَ پس منظر ۾ غلام محمد ۽ سندس لڪل ڪابينه ڪجهه ٻيوئي سوچي رهي هئي.

مارچ ۽ اپريل 1954ع جا سمورا مهينا انهن هنگامن ۽ سياسي بيچيني ۾ لنگهي ويا. بحران ختم ڪرڻ لاءِ غلام محمد ڪئين تجويزون ڏنيون، پر انهن سمورين جو مقصد هڪ نه ٻيءَ طرح اوير پاڪستان کي پنهنجي تابع رکڻ هئو. تنهنڪري بنگالين اهي سموريون رد ڪري ڇڏيون. نيٺ غلام محمد اهوئي ڪيو جيڪو هڪ آمر کي ڪرڻ گهربو هئو. هن ان وقت جي وزير دفاع جنرل اسڪندر مرزا جي صلاح سان، 30 مئي 1954ع تي اوير پاڪستان جي ٻن مهينن واري اسيمبلي کي ٽوڙي گورنر راڄ لاڳو ڪري ڇڏيو ۽ اسڪندر مرزا کي وزارت دفاع تان هٽائي اوير پاڪستان جو گورنر ڪري ڍاڪا موڪلي ڏنو جڏهن ته اتان چوڌري خليق الزمان کي گهرائي ورتو.

جنرل اسڪندر مرزا اوير پاڪستان ۾ پهچڻ شرط پنهنجي سٽيل پروگرام هيٺ قدم کڻڻ شروع ڪري ڇڏيا بلڪ ائين لڳي رهيو هئو ته هو انهيءَ ڪم لاءِ خاص طورتي موڪليو ويو هئو. ظاهري طورتي هن سموري تبديلي جو مقصد اهو هئو ته ڪميونسٽ پارٽي تي بندش وجهي ۽ هن پارٽي کي ٽوٽي سندس ٻين حمايتي پروگريسو ماڻهن کي هميشه لاءِ چيپاٽي ڇڏي، پر اسڪندر مرزا، انهيءَ جي آڙ ۾ سوين ٻين ڪارڪنن کي ٻه واڙي بند ڪري ڇڏيو. انهن ۾ ڪرشڪ سرامڪ پارٽي ۽ عوامي ليگ جا اهي ڪارڪن هئا جن جي ڪري پارٽيون سرگرم هيون. هزارين ڪارڪن گرفتارين کان بچڻ لاءِ سرحد پار ڪري ڪلڪتي هليا ويا. مولوي فضل الحق کي به ڪونه بخشيو ويو. اخبارن تي سنسرشپ لڳائي وئي ۽ جن ڪارخانن ۾ فساد ٿيا هئا تن تي فوج ۽ پوليس جو پهرو لڳايو ويو.

اسڪندر مرزا، اوير پاڪستان مان سموري "شورش" ختم ڪرڻ جي ارادي سان ويو هئو. تنهنڪري هن جو خيال هئو ته ڍهڪاءَ پڪيڙڻ سان اها شورش ختم ٿي ويندي ۽ هو هڪ صاف، سٿري ۽ سندس مرضي مطابق سياسي نظام قائم ڪري وٺندو. انهيءَ خيال کان هن نه صرف ننڍين سياسي ڪارڪنن کي سزا ڏيڻ تي چاهي پر ڪن مک

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياستدانن کي بہ سيکٽ ڏيڻ تي گھري. هدايتون جاري تي ويون ۽ مولوي فضل الحق تي غداري جو مقدمي جون تياريون ٿيڻ لڳيون پر سٽت ئي حڪومتي ايجنسين انهيءَ قدم کي غلط قرار ڏنو. تنهنڪري 13 جولاءِ 1954ع تي حڪومت ٻن مهينن جي نظربندي کان پوءِ اهو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو. البتہ هزارين سياسي ڪارڪنن کي ڪميونسٽ هئڻ ۽ بين الزامن ۾ سيفٽي ايڪٽ ۾ بند ڪري ڇڏيو.

هن سموري اٿل پٿل جو نتيجو هيءُ نڪتو تہ اوير پاڪستان جي سياسي زندگي هڪ پيرو وري دٻاءُ جو شڪار تي ويئي. آئين سازيءَ ۾ صوبائي خودمختاري جو مسئلو جيڪو اوير پاڪستان هميشہ لاءِ حل ڪرڻ تي گھريو، سو وري انتظامي دٻاءُ هيٺ خاموش تي ويو. ورندڙ چند مهينن ۾ آئين سازي جو معاملو هٿ ۾ ڪجھڻ وارو هئو. جنهن کي متحده محاذ پوري قوت سان طئي ڪرائڻ وارو هئو، سو گورنر راڄ جي ڪري في الحال دٻجي ويو.

پر جيئن پوءِ جي واقعن ظاهر ڪيو تہ وقتي طور تي صوبائي خودمختاري جو آواز خاموش تي ويو پر گھٽي ڊگھي عرصي لاءِ اهو ممڪن ڪونہ هئو.

# 11

# آئين سازي، بنيادي اصول ۽ اختيارين جي ورهاست گورنر جنرل ۽ پارليامينٽ ۾ جهيڙو آئين سازاسيمبلي ٽوڙڻ

1947ع کان وٺي 1954ع تائين، هيءَ ڳالهه پڌري ٿي چڪي هئي ته ڪامورا شاهي، سياست کي هٿان ڇڏڻ لاءِ تيار نه هئي. بلڪ هن جي هر چال هڪ مقصد لاءِ هئي: اها هيءَ ته ڪهڙي نه ڪهڙي طريقي سان سياسي فيصلن کي پنهنجي مرضي مطابق ڪرايو وڃي. اها هنن جي تربيت هئي جيڪا کين انگريز حاڪمن کان ملي هئي جنهن جو سبق اهو هئو ته سرڪاري ڪامورو رهڻ وقت هو صرف انتظامي مهرو رهي پر، انهيءَ سان گڏ ديهه جي سطح کان وٺي ضلع ۽ صوبي جي سطح تائين هر ڪم ۾ شامل رهي. ٻين لفظن ۾ هو هر سياسي فيصلي تي عمل ڪرائڻ ۾ شامل رهي ۽ جتي ضرورت پئي اتي سياسي فيصلن جي نفي ڪري.

وزارت اعظميٰ جي گهوٽالي حل ڪرڻ ۾ به هنن سرڪاري ڪامورن ساڳيو ڪردار ادا ڪيو. آئين ناهڻ ۾ دير به هنن جي ئي چالبازين جو نتيجو هئو. نتيجو هيءُ نڪتو جو آئين سازي واري ڪميٽي پنهنجي رپورٽ ته تيار ڪري ورتي پر ڪامورن اهڙو تاثر ڏنو ته آئيني رٿون مڃيون ويون ته اوڀر پاڪستان، آبادي جي گهٽائي واري آڌار تي، اولهه پاڪستان تي به حڪومت ڪرڻ لڳندو. اوڀر پاڪستان جا سياستدان وري پنهنجي اڪثريت واري حق کي ڇڏڻ لاءِ تيار ڪونه هئا. جنهن ڪري اهڙو واءُ قري ويو جو آئيني تجويزون صرف ڪاغذ جو ويڙهو ٿي رهجي ويون.

گورنر جنرل غلام محمد، جيڪو پاڻ هن سموري کيڏ جو مکيه مهرو هو، تنهن اهو سمورو گهنگهر ڪنهن اوڀر پاڪستان جي ليڊر جي ڳچيءَ

۾ وجهي نہ صرف پنهنجي جان ڇڏائڻ تي گهري پر انهيءَ سان هر ايندڙ بلا بہ هن جي جهوليءَ ۾ وجهڻ چاهي. ٿيو بہ ائين. غلام محمد، راتو رات، محمد علي بوگره کي ٻاهران گهرائي وزارت اعظمي جي گادي هن جي حوالي ڪري ڇڏي. هو وزير اعظم جي ڪرسيءَ تي تہ ويهي رهيو پر هن کي جيڪي ڪجهہ ڏاج ۾ مليو سو بہ ڪيس پوڳڻو پيو.

هن سڀ کان پهرين، آئين سازي واري مسئلي تي ايوان کان ٻاهر ڪنهن حل ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ انهيءَ جستجو ۾ هر صوبي جي ليڊرن سان ڏار ڏار ڳالهہ ٻولهہ شروع ڪري ڏني. اسان جي قومي سياست جو اهو وڏو الميو آهي تہ اسان جا سياستدان ايوانن جي اندر ويهي مسئلا حل ڪرڻ بدران ايوانن کان ٻاهر ان جو حل ڳوليندا آهن جنهن جي ڪري سوديبازي وڏي سازش جي افسوسناڪ نتيجي جي صورت ۾ نروار ٿيندي آهي. گهڻو پوءِ 1970ع جي چونڊن جي نتيجي ۾ جڏهن بئلٽ جو ڀرم نہ رکيو ويو ۽ انهيءَ جي بدران ايوان جي ٻاهران حل ڳولڻ جي اهڙي ڪوشش ڪئي ويئي جنهن جو ديانت ۽ ايمانداري تي بنياد ڪونہ هئو. نتيجو اهو نڪتو تہ اوڀر پاڪستان ڌار ٿي ويو.

جنهن وقت محمد علي بوگره اهڙي حل تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئو تنهن وقت سنڌ جو وڏو وزير پيرزادو عبدالستار هئو، جڏهن تہ پنجاب ۾ ملڪ فيروز خان نون ۽ سرحد ۾ سردار عبدالرشيد هئو. محمد علي بوگره، بهرحال سلجهيل ۽ سجاڳ سياستدان هئو. هن جي ڳالهين ۾ ڪجهہ حل نڪري آيو. هن حل کي پوءِ "بوگره فارمولا" جي نالي سان ياد ڪيو ويو. اهو هيءَ هو تہ پاڪستان بہ ايواني وفاق هوندو. هيٺئين ايوان ۾ ڪل 300 ميمبر هوندا جيڪي آبادي جي حساب سان چونڊيا ويندا جڏهن تہ مٿئين ايوان ۾ 50 ميمبر هوندا جيڪي هر يونٽ مان هڪجيترا چونڊيا ويندا. هيٺئين ايوان جي ورڇ هن طرح هوندي تہ اولهہ پاڪستان جا 135 ميمبر هوندا جڏهن تہ اوڀر پاڪستان جا 165 ميمبر هوندا. مٿئين ايوان يا سينيٽ ۾ اوڀر پاڪستان جا ڏهہ ميمبر هوندا جڏهن تہ اولهہ پاڪستان جي چئن يونٽن مان ڏهہ ڏهہ ميمبر چونڊيا ويندا.

ايوان جو ڪم هيئن هلندو تہ هر ايوان اڪثريت جي آڌار تي فيصلا ڪندو ۽ جيڪڏهن ڪنهن نڪتي تي اختلاف پيدا ٿيو پئي تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻنهي ايوانن جو گڏيل اجلاس ٿيندو ۽ فيصلو اهو قبول ڪيو ويندو جنهن کي ٻنهي ايوانن جي ٻه ڀاڱي ٽئين حصي جي تائيد حاصل هوندي. هن فارمولا ۾ ملڪ جون قومي زبانون ٻه- يعني اردو ۽ بنگالي تسليم ڪيون ويون.

بوگره جي حڪمت عملي ڪم ڪري ڏيکاريو ۽ سمورين صوبن هن کي قبول ڪيو. هڪ گهمرو ناهه ٿيو ته پوءِ بنيادي اصولن واري ڪميٽي تي بحث شروع ٿيو. اسيمبلي هر نڪتي تي تفصيلي بحث ڪيو ايستائين جو 16- سيپٽمبر 1954ع تي اسيمبلي ڪميٽي جي رپورٽ بحال ڪري ورتي. هاڻي صرف آئيني مسودي جو مسئلو رهجي ويو جنهن کي آخري شڪل ڏيڻي هئي. هن بحث ۾ ڪئين ڏکيا مسئلا هئا جن ۾ سڀ کان اهم مسئلو صوبن ۽ وفاق جي وچ ۾ ڪاتن ۽ اسمن جي ورهاست ٿيڻي هئي. آئيني مسودي مطابق وفاق کي ڇهه ڪاتا: خارج، دفاع، ڪرنسي ۽ بئنڪنگ، مواصلات، رٿابندي ۽ ٻاهريون واپار ۽ واسطيدار ڪم تجويز ڪيا ويا هئا جڏهن ته صوبائي شعبي ۾ 48 شعبا ڇاڻايا ويا هئا، جن ۾ تعليم، امن امان، پبلڪ هيلٿ، زراعت ۽ اندروني واپار شامل هئا. ڪانڪر ينٽ لسٽ سڀ کان ننڍي هئي جنهن ۾ امداد، مهاجرن جي آبادڪاري، نشريات، ديواني ۽ فوجداري قانون سازي، مزدورن جي ڀلائي ۽ ان جا قانون وغيره شامل هئا.

هاڻي آئيني مسودي تي بحث اهڙي مرحلي تي پهچي چڪو هئو جو سارو مونجهار و حل ٿي ويجي ها، مگر ڪامورا شاهي اهو سهڻ لاءِ تيار ڪونه هئي تنهن ڪري هن هڪ نئين راند ڪيڏي. ٿيو هيئن ته انهيءَ وقت ڪنهن تي پرودا Proda لڳائڻ يا ڪنهن ميمبر کي چونڊجڻ يا ڪنهن پبلڪ عهدي تان نااهل قرار ڏيڻ جو اختيار گورنر جنرل وٽ هئو. ٻين لفظن ۾ اهو هڪ صوابديدي اختيار هئو. جيڪا ڳالهه جمهوري روايتن جي خلاف هئي. غلام محمد جي حمايتي ميمبرن جو خيال هئو ته اهو اختيار گورنر جنرل وٽ رهي ته جيئن هو اهو مهرو پاڻ وٽ رکي پنهنجي حمايت جاري رکي سگهي، جڏهن ته اوبر پاڪستان جي ميمبرن ۽ ڪن اولهه پاڪستان جي آزاد خيال ميمبرن چاهيو ٿي ته مٿانئن لٽڪندڙ تلوار هٽي وڃي. بهرحال جنهن ڏينهن بنيادي اصولن واري ڪميٽيءَ جي رپورٽ منظور ڪئي ويئي، تنهن جي ٻئي ڏينهن تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسيمبليءَ ۾ هڪ بل پيش ڪيو ويو جنهن ۾ اها گهر ڪئي ويئي هئي تہ پروڊا لڳائڻ جو اختيار گورنر جنرل وٽ نہ رهي پر اهو پوئين تاريخن کان ٿئي يعني انهيءَ قانون هيٺ جن کي نااهل قرار ڏنو ويو هئو، سوبہ بي اثر ٿي وڃي.

اسيمبليءَ ۾ ڪجهہ ميمبر اهڙا بہ هئا جن نٿي چاهيو تہ پروڊا جي اها پابندي هٽي وڃي ڇاڪاڻ تہ انهيءَ سان هنن جا بہ مقصد پورا ٿئي ٿيا: هڪ تہ مقامي سياست ۽ ٻيو غلام محمد جي خوشنودي. مثلا پنجاب ۾ ممتاز محمد دولتانہ تي پروڊا لڳي چڪي هئي ۽ فيروز خان نون نٿي گهريو تہ اها هٽي وڃي، جڏهن تہ سنڌ ۾ محمد ايوب کهڙو اها سزا ڀوڳي چڪو هئو تنهن ڪري پيرزادي عبدالستار ان بل جي مخالفت ٿي ڪئي. پر ڇاڪاڻ تہ ايوان ۾ اندر ميمبرن بل جي حمايت ڪئي تنهنڪري اهو بحال ٿيڻو هئو پر هڪ ترميم سان ۽ اها هيءَ تہ بل جي منظوري سان اڳئين سزا تي ڪو اثر ڪونہ پوندو. ويهين سيپٽمبر 1954ع تي بل بحال ٿي ويو، جنهن ڪري گورنر جنرل جا اختيار گهٽجي ويا.

ڪامورا شاهي کي انهيءَ جو گمان بہ ڪونہ هو تہ ايترو تڪڙو ايوان پروڊا جو بل پاس ڪري گورنر جنرل غلام محمد جا هٿ ڪپي ڇڏيندو. مگر ايوان ۾ اهڙا ڪجهہ ميمبر، خاص ڪري اوير پاڪستان جا رڪن ضرور هئا جن چاهيو ٿي تہ پارليامينٽ بدران هڪ ماڻهوءَ وٽ اختيارين کي ختم ڪيو وڃي، ٻين لفظن ۾ انتظاميہ، چونڊيل نمائندن آڏو جوابدهہ هجي، نہ ڪ ڪنهن فرد جي آڏو.

انهيءَ مهم جو ٻيو قدم ٻئي ڏينهن کنيو ويو. ڪراچيءَ مان محمد هاشم گذدر، هڪ وڏيڪ بل پيش ڪري وڌو جنهن ٻرندي باهہ تي تيل جو ڪم ڪيو. اهو هئو تہ گورنر جنرل، ڪو بہ اهڙو ماڻهو وزير يا وزير اعظم نٿو مقرر ڪري سگهي جيڪو ٻھريائين چونڊيل ناهي. هن بل جو ٻيو حصو هيءَ هئو تہ ڪنهن بہ وزير جي خلاف عدم اعتماد جو ووٽ. پوري ڪابينہ جي خلاف عدم اعتماد سمجهيو ويندو. گذدر بل پيش ڪيو ۽ ڏينهنڪ بحال ٿي ويو. هن بل گورنر جنرل جا هٿ مورڳوئي ڪپي وڌا. هن بل جي خاص ڳالهہ هيءَ هئي. تہ 20 سيپٽمبر تي شام جو چئين بجي بل ايوان ۾ پيش ڪيو ويو ۽ ٻئي ڏينهن اهو قانون بنجي چڪو هئو. وچ ۾ صرف هڪ رات جو وقت هئو جنهن ۾ ميمبرن پاڻ صلاح مشورو ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورتو. جڏهن تہ گورنر جنرل غلام محمد پنجاب جي دوري تي ويل هئو. کيس انهيءَ بل جي تڏهن خبر پئي جڏهن غلام محمد جي هڪ خوشامدي وزير ٽيليفون ڪري سڌ ڏني ۽ چيو وجي ٿو تہ جنهن وزير کيس فون ڪري ٻڌايو تہ گورنر جنرل کيس پنجابيءَ ۾ گاريون ڏنيون. [1]

ماڻهن جي چونڊيل اسيمبلي ۽ گورنر جنرل جي وچ ۾ کلي جنگ شروع ٿي ويئي: هڪ طرف چونڊيل ميمبرن جو ايوان هئو تہ ٻئي طرف غلام محمد، جنهن چاهيو ٿي تہ اسيمبلي هن جي اشارن تي هلي. انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هو هر جائز ۽ ناجائز طريقو اختيار ڪرڻ لاءِ تيار هئو. کيس اهو بہ پڪي طرح معلوم هئو تہ قانوني ۽ جمهوري طريقي ۾ هو نہ تہ پنهنجو عهدو برقرار رکي سگهي ٿو ۽ نہ وري ان جو ڪو امڪان هو. پنهنجي انهيءَ مقصد جي حصول ۾ کيس ڪيَ اهڙا مهرا گهربا هئا جيڪي سندس اشاري تي هلن ۽ سندس آرزوئن جي تڪميل ڪن. انهيءَ ڪري هن انهيءَ لاءِ سنڌ ۾ محمد ايوب کهڙي ۽ قاضي فضل الله تان پروڊا جون پابنديون هٽائي ڇڏيون. گورنر جنرل هوندي انهن پابندين هٽائڻ جو کيس ڪل اختيار هئو. دراصل، غلام محمد اهو ڪم پنهنجي اختيارين گهٽجڻ واري بل جي جواب ۾ ڪنيو. جيتوڻيڪ غلام محمد، ائين ڪرڻ ۾ بااختيار هئو پر اسيمبلي وٽ اجا بہ گهڻا اختيار هئا.

اهڙين تبديلين جي ڪري آئين ساز اسيمبلي پنهنجو سمورو ڪم مڪمل ڪري ڇڏيو ۽ هاڻي صرف ان کي قانون جي رسمي منظوري ڏيڻي هئي. 14 آڪٽوبر 1954ع تي اهڙيون خبرون آيون تہ هاڻي اسيمبلي قانوني دستاويز ۾ تبديل ڪرڻ جي تياري ۾ آهي. غلام محمد وٽ هاڻي ڪا واهہ ڪانہ بچيل هئي تنهنڪري هن سڀ ڪان پهرين 21 آڪٽوبر 1954ع تي کهڙي مٿان پروڊا جون پابنديون لاهي ڇڏيون ۽ ٻين سياستدانن خلاف بہ پروڊا جي هيٺ لڳايل پابنديون لاهي ڇڏيون. دولتانہ بہ انهن ۾ شامل هو. [2] هن سمجهيو تہ انهيءَ سان پنجاب ۽ سنڌ ۾ پنهنجا حامي پيدا ڪري وڌا هئا. پوءِ هن اهڙو ڪم ڪيو جيڪو پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪاري داغ وانگيان سمجهيو ويندو. هن هڪ

---

(1) مارشل لا سي مارشل تک ص426

(2) صفدر محمود مسلم ليگ کا دور حکومت، ص 325

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرمان جاري ڪري پنهنجي بدلو چڪائي ڇڏيو. هن ملڪ ۾ هنگامي حالتن جو اعلان ڪري اسيمبلي ٽوڙي ڇڏي ۽ ميمبرن کي ٻاهر ڪڍي عمارت کي تالو هڻائي ڇڏيو. 24 آڪٽوبر 1954ع تي جاري ڪيل هن فرمان جو متن هنريت هو:

"ملڪ جنهن آئيني بحران ۾ ڦاٿل آهي، ان تي ويچارڻ کان پوءِ گورنر جنرل هن نتيجي تي پهتو آهي ته آئيني مشينري ناڪام ٿي چڪي آهي. تنهنڪري هن پوري ملڪ ۾ هنگامي حالتن جو اعلان ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. موجوده آئين ساز اسيمبلي ماڻهن جو ڀروسو وڃائي ويٺي آهي ۽ هاڻي بي عمل بڻجي ويئي آهي.

"قطعي اقتدار جا مالڪ ماڻهو آهن جيڪي پنهنجن چونڊيل عيوضين جي معرفت آئين سميت سمورا مسئلا حل ڪندا. نيون چونڊون جلد کان جلد ڪرايون وينديون." (1)

ماڻهن ۾ ته اهو چوٻول اڳيئي هلي چڪو هئو ته هڪ مخصوص ٽولو ملڪ ۾ جمهوريت هلڻ نٿو ڏئي. گورنر جنرل جي هن قدم انهيءَ خيال کي سچو ثابت ڪري ڏيکاريو. غير ملڪي اخبارون به انهيءَ قسم جا ڊپ ظاهر ڪري چڪيون هيون. بهرحال، پنهنجي مقصد کي اڳتي وڌائڻ لاءِ غلام محمد فوري طور هڪ ڪابينه ضرور جوڙي ڇڏي جنهن جو مهندار محمد علي بوگري کي ڪيو ويو البته ڪيس وزيرن جي ٽيم غلام محمد پنهنجي مرضيءَ سان ڏني ۽ جن حالتن جي پس منظر ۾ اهي وزير مقرر ڪيا ويا تن جي نالن سان ئي اندازو ٿي ويندو ته غلام محمد ۽ سندس ساٿين جي نيت ڪهڙي هئي. هن وزارت ۾ هڪ نالو هو ڊاڪٽر خان صاحب، پر جنهن نالي تان سيني کي اچرج لڳو سو هئو ان وقت جو ڪمانڊر انچيف جنرل ايوب خان. جنهن کي دفاع جو کاتو ڏنو ويو. هن کي، اڻ سڌيءَ طرح چيو ويو هو ته هئو فوج جي ذريعي حڪومت جي نظام تي ضابطو رکي. اها بي ڳالهه آهي ته ايوب خان ڪنهن اقتدار ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ جي بدران بي ڪنهن مناسب وقت جي انتظار ۾ هئو. تنهنڪري هن انهيءَ آڇ مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هيءَ به ممڪن آهي ته سهروردي، مولانا ڀاشاني ۽ عبدالرب نشتر جهڙن ماڻهن جي موجودگي ۾ يا اوير

(1) ڊان، 25 آڪٽوبر 1954ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان جي مخالفت جي خوف ڪان هن اها ذميداري في الحال نٿي سنڀالڻ گهري پر اها حقيقت ضرور آهي تہ ايوب خان کي اقتدار ۾ اچڻ جي خواهش ضرور هئي جنهن جو اظهار ملڪ فيروز خان نون "فرام ميمري" ۾ ڪيو آهي. بهرحال، غلام محمد انهيءَ امڪان کي کولي وڌو هئو تہ ضرورت پوڻ تي هو فوج کي سياست ۾ حڪومت ۾ گهلي سگهي ٿو. انهيءَ جو اظهار ايوب خان بعد ۾ پنهنجي سوانح عمري "فرينڊس، نات ماسٽرس" ۾ کليءَ طرح ڪيو.

غلام محمد جي ڪابينہ، دنيا کي ڏيکارڻ ۾ پنهنجي مقصد جي پورائي ڪرڻ لاءِ ڪافي هئي. ڪيس اها بہ ڄاڻ هئي تہ اسيمبلي ٽوڙڻ واري حڪم تي ردعمل ٿيندو ۾ سياستدان مات ڪر ڪونہ وهندا. سياستدانن، اسيمبلي ٽٽڻ جي ڏينهن کان وٺي ٺي پاڻ ۾ صلاح مشورا شروع ڪري ڏنا هئا، بلڪ اسپيڪر مولوي تميز الدين تالو لڳل اسيمبليءَ جي آڏو کلئي ميدان تي فٽ پاٿ تي هنڌ لڳائي ويهي رهيو ۽ ان کي دستور ساز اسيمبلي جو ايوان قرار ڏنائين. بهرحال، ان جي ڪا قانوني حيثيت ڪانہ هئي ۽ ڪنهن عدالت کي رجوع ٿيڻ ٿي ان جو حل هو.

قانوني حيثيت هيءَ هئي تہ آئين ساز اسيمبلي آئين نهڻ تائين هڪ مستقل ادارو آهي جنهن کي ڪوبہ ماٿهو ٽوڙي نٿو سگهي. نيٺ قانوني صلاحن کان پوءِ مولوي تميز الدين سنڌ چيف ڪورٽ ۾ گورنر جنرل جي انهيءَ فرمان کي چئلينج ڪري وڌو. چيف ڪورٽ جي فل بينچ، واسطيدار قانون، آئين سازي جي سموري پس منظر ۾ جن حالتن ۾ اسيمبلي ٽوڙي ويئي تن کي آڏو رکي اهو فيصلو ڏنو تہ "گورنر جنرل کي آئين ساز اسيمبلي ٽوڙڻ جو ڪو اختيار ڪونهي." حڪومت هن فيصلي جي خلاف وفاقي عدالت (سپريم ڪورٽ) ۾ اپيل ڪئي جنهن "گورنر جنرل جي انهيءَ يقين دهاني تي تہ جلد چونڊون ڪرايون وينديون، گورنر جنرل جي فرمان کي جائز قرار ڏنو." بعد ۾ فيڊرل ڪورٽ جي جج جسٽس منير ڪيترن ٺي موقعن تي اهو چيو تہ هن اهو فيصلو سياسي مصلحتن ۾ ملڪي تقاضائن جي پيش نظر ڪيو هئو. جيتوڻيڪ قانوني نڪتہ نظر کان انهيءَ جو ڪو جواز ڪونہ هو." (1)

(1) صفدر محمود، مسلم ليگ کا دور حکومت، ص 31،330)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان ۾ نظريہ ضرورت جو هي پهريون عدالتي مثال هئو جيڪو گهٽو پوءِ ضياء الحق جي فوجي حڪومت ڪتب آندو.

غلام محمد، هڪ غير آئيني قدم کڻي في الحال پنهنجي کل بچائي ورتي، بلڪ اينڊڙ ڪجهہ عرصي لاءِ هو محفوظ ٿي ويو. چاڪاڻ تہ فيڊرل ڪورٽ جي فيصلي جي هڪدم پوءِ سمورا لٽل ميمبر ۽ ننڍا وڏا سياستدان پنهنجي پنهنجي تڪن ۾ مصروف ٿي ويا. هن کي پڪ هئي تہ جڏهن اسيمبلي وري چونڊجي ايندي تيستائين هو ڪاٻي واهہ ڪڍي وجهندو ۽ عين ممڪن آهي تہ بنهہ نئين صورت حال هجي جنهن ۾ هن کي پنهنجي ڪيڏ ڏيکارڻ لاءِ وڏيڪ برجستو موقعو ملي سگهي. ليڪن تيستائين هڪ فوري مسئلو اوڀر پاڪستان جو آڏو هئو جنهن کي حل ڪرڻ هن لاءِ ضروري ٿي پيو هئو.

اوڀر پاڪستان ۾ صوبائي خودمختاري جو سوال ساڳي شدت سان قائم هئو جهڙو آئين سازي کان پهرين هئو. تنهنڪري ان جو ڪو اهڙو حل ڪرڻ ضروري هئو جو غلام محمد پاڻ ملوث نہ ٿئي پر ان جي شدت بہ گهٽجي وڃي. اهو ڏکيو ضرور هئو، پر هن جي خيال ۾ ناممڪن ڪونہ هئو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 12

# ون يونٽ جي سازش

ون يونٽ نهڻ، سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ اندوهناڪ باب آهي. سنڌ اڳئي اهو هاجو، بمبئي پريزيڊنسي ۾ رهي ڏسي چڪي هئي بهرحال بمبئي پريزيڊنسي ۾ رهي سنڌ معاشي طور ايترو نہ لٽي هئي جيترو ون يونٽ جي عرصي ۾، بلڪ ون يونٽ جو حصو رهي، سنڌ نہ فقط اقتصادي ۽ معاشي لحاظ کان پر ثقافتي لحاظ کان بہ وڏي گهاٽي مان گذري.

ون يونٽ جي تجويز 1954ع ۾ پيش ٿي، پر ان سازش جي تاريخ ان کان گهڻو اڳ شروع ٿئي ٿي ۽ سياست جي شاگردن کي تمام گهٽ خبر آهي تہ پاڪستان نهڻ شرط ئي سنڌ جي مادي وسيلن، سمنڊ، بندرگاهہ ۽ وسيع زمينن تي ماڻهن جون نظرون پوڻ شروع ٿي ويون هيون. هي تہ آئين سازي ۽ بين سياسي معاملن، قائداعظم ۽ لياقت علي خان جي لاڏاڻي کري اهي ڪوششون رڪجي ويون نہ تہ گهڻو وقت اڳ ون يونٽ نهي وجي ها.

مارچ 1949ع ۾ آئين ساز اسيمبلي جي هڪ اجلاس ۾ سڀ کان پهريائين اها ڳالهہ اتي جتي ملڪ فيروز خان نون انهيءَ تجويز کي پيش ڪيو جنهن جي پٺڀرائي جهان آرا شاهنواز ۽ پاڪستان مسلم ليگ جي پناڻ جنرل سيڪريٽري يوسف خٽڪ ڪئي. هيءَ 2 مارچ 1949ع جو اجلاس هئو جنهن ۾ نون هن طرح جي ڳالهہ ڪئي تہ اولهہ پاڪستان ۾ چار صوبا آهن جن جون اسيمبليون ايتريون ننڍيون آهن جو اتي مضبوط حڪومتون نهڻ ـشڪل آهن تنهنڪري يا تہ اتي اسيمبليون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيون ڪيون وڃن يا وري سيني صوبن کي ملائي هڪ ڪيو وڃي.

"سنڌ ۽ پنجاب کي ۽ بلوچستان ۽ سرحد کي ملائي ڇڏيو. مون کي هن تي ڪو اعتراض ڪونه ٿيندو ته پنجاب جي گادي لاهور مان ڪڍي ڪنهن ٻئي مرڪزي شهر ۾ ڪيو وڃي. مون کي ٿي، جيڪڏهن اوهان سمورن اولهه پاڪستان جي صوبن کي ملائي هڪ ڪري ڇڏيو- هي وڏو صوبو مضبوط ٿيندو جنهن ۾ هڪ مضبوط انتظامي مشنري هوندي. هنن ننڍن صوبن ۾ اوهان کي ڪڏهن به موثر انتظامي مشينري ڪانه ملي سگهندي."[1]

ورندي ڏينهن بحث جاري هئو ته بيگم جهان آرا شهنواز انهيءَ رٿ جي تائين ڪئي ۽ چيو ته "جيڪڏهن اسان هنن ڇئني صوبن کي ملائي هڪ ڪري ڇڏيون ته پوءِ اسان آباديءَ جي تناسب سان ايوان زيرين ۽ ايوان بالا ۾ هنن صوبن کي نمائندگي ڏينداسين." بلڪ هن خاتون وزارتن جي ورهاست به ڪري ڇڏي. سندس لفظن ۾ : "اسان کي پنجاب کي وزيرن جو تعداد گهٽ ڏيڻو پوندو ته جيئن باقي ٿنهي صوبن جي وزيرن جي تعداد کان گهٽ رهي. اهڙيءَ طرح هي ٿئي صوبا مطمئن رهندا." (2)

بهرحال، تحرير ۽ تقرير ۾ انهيءَ قسم جون ڳالهيون هلنديون ٿي رهيون پر هن تجويز جي خالقن کي انهيءَ ڪري وقت ڪونه مليو جو پاڪستان جي 1948ع کان وٺي 1954ع تائين جي سياست ۾ اهڙي اٿل پٿل هلي جو ڪنهن کي هن طرف ڌيان ڏيڻ جو موقعو ئي ڪونه مليو. قومي ٻولي جي سوال تان هنگامن ۽ اوير پاڪستان سان ٿيل زيادتين، اوير پاڪستان جي سياستدانن کي سجاڳ ڪري وڌو ۽ جڏهن آئين جي مسودي ۾ اختيارين جي ورچ جو سوال پيدا ٿيو ته اولهه پاڪستان جي سياستدانن کي ون يونٽ جي سجهي. اوير پاڪستان جي صوبائي خود مختاري اولهه پاڪستان جي برسر اقتدار ۽ حڪومت جي لالچي سياستدانن کي ڏاڍي ڏکي لڳي. تن هاڻي انهيءَ تي سنجيدگيءَ سان سوچڻ شروع ڪيو. مقصد هيءُ هو ته جيڪڏهن اولهه پاڪستان جا ننڍا صوبا اوير پاڪستان جي سياستدانن جو ساٿ ڏيئي وڃهن ته اهو اولهه پاڪستان جي سياسي Elite کي بي تاج بنائڻ لاءِ ڪافي هئو. ويتر

(1) آئين ساز اسيمبلي جي ڊبيٽ، جلد 1، نمبر 9، مارچ 2، 1949ع، ص295
(2) تقريرون، 3 مارچ 1949ع ـ ص330

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متحده محاذ جي ڪاميابي کان پوءِ اهو ممڪن ٿي ويو هئو ته ڪهڙيءَ طرح اوپر پاڪستان جي اڪثريت کي محروم ڪجي.

انهيءَ وچ ۾ 1953ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جون نيون چونڊون ٿيون جن ۾ هڪ متحده محاذ به ٺهيو. هي محاذ جي ايم سيد ٺاهيو هئو ۽ منجهس آزاد پاڪستان پارٽي، هاري پارٽي ۽ پيپلس پارٽي جا ڪل ست ميمبر چونڊجي آيا جن ۾ جي ايم سيد پاڻ به شامل هئو. هن محاذ جو مکيہ مقصد سنڌ جي حقن لاءِ لڙڻ هئو.

برسر اقتدار ٽولي پاڻ ذري گهٽ طئي ڪري ڇڏيو هئو ته اولهہ پاڪستان کي ملائي هڪ صوبو بنائي ڇڏجي پر عملي طور گهڻئي رڪاوٽون هيون. آئين ساز اسيمبلي ڪانہ هئي پر صوبائي اسيمبليون موجود هيون ۽ انهن جي مرضي کان سواءِ ون يونٽ ٺاهڻ ڏکيو هئو. ناظم الدين کي ڊسمس ڪري، محمد علي بوگري کي وزير اعظم جو پٽڪو ٻڌرايو ويو هئو ۽ پنجاب جي ليڊرن پهہ ڪري ڇڏيو هئو تہ اهو ڪم هن جي هٿان ئي ڪرايو وڃي ۽ هنن ليڊرن ۾ چوڌري محمد علي، مشتاق احمد گورماني ۽ ممتاز محمد خان دولتانہ سيني کان اڳتي هئا.

بلڪ هنن اهو شرط وجهي ڇڏيو هو تہ "ڪنهن آئيني ناهہ تي پهچڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ پهرين اولهہ پاڪستان جي سمورن صوبن کي هڪ صوبي ۾ گڏيو وڃي. ايوب خان تہ ڪابينہ جي ميٽنگ ۾ هيئن چئي ويو هو تہ "هيءَ منهنجو پروگرام آهي. هيءَ ئي اسان جو مقصد آهي. اسان جي پهرين ڪوشش اها ٿيندي تہ اولهہ پاڪستان کي هڪ صوبو ٺاهيون. هن جي لاءِ ائين ڪرڻ اقتصادي طور تہ فائديمند ٿيندو پر دفاعي لحاظ کان وڌيڪ ڪارائتو ٿيندو پوءِ پلي ڪهڙا بہ نقصان آڏو اچن جيڪي هن جي خيال ۾ ملڪ جي بدران سياستدانن ۾ آهن."

اسڪندر مرزا جيڪو بہ فوج جا نمائندو هئو. تنهن بہ اهڙي اظهار کان ڪونہ ڪيٻايو ۽ چيو. "ون يونٽ. رستي ٺاهڻ جي انجڻ آهي جنهن جي اڳيان ننڍڙا پٿر ڪونہ ٽڪي سگهندا آهن. ون يونٽ اوس آهي ۽ ڪنهن کي انهيءَ باري ۾ غلط فهمي نہ هئڻ گهرجي." محمد ايوب خان پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو تہ اهو منهنجو خيال آهي جيڪو 1951ع ۾ منهنجي ذهن ۾ آيو ۽ مون ئي غلام محمد کي ان تي راغب ڪيو. ننڍن صوبن جي مخالفت پنهنجي جاءِ تي قائم هئي ۽ سنڌ سيني ۾ اڳري هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيني کي معلوم هئو تہ مخالفت ٽيندي تنهنڪري سنڌ ڪانسواءِ باقي ٻين صوبن ۾ هٿ ٺوڪيون حڪومتون ٺاهيون ويون تہ جيئن گهٽ مخالفت نہ ٿئي. پر تنهن هوندي بہ هڪ وات ٺڪاٽي ضروري هئي. ڀاڻي طور هڪ ڪل جماعتي ميٽنگ ڪراچي ۾ گهرائي ويئي جنهن انهيءَ خيال جي پنيرائي ڪئي. پر سنڌ ۾ انهيءَ جي مخالفت جا آثار صاف هئا. اهو رستو صاف ڪرڻ جو ڪم غلام محمد گورنر جنرل پاڻ تي رکيو. هيءَ اڪتوبر 1954ع جي ڳالهہ آهي تہ پيرزاده عبدالستار سنڌ جو وڏو وزير هئو. جنهن انهيءَ جي مخالفت ڪئي. هاڻي ٻي واهہ نہ ڏسي غلام محمد، پيرزادي جي مخالفن سان ناهہ ڪرڻ ۽ انهن کي ڪتب آڻڻ جو سوچيو. اهائي هڪ واحد چال بچيل هئي. پر ڇاڪاڻ تہ ايوب کهڙو انهيءَ وقت پروڊا Proda جي پابندي هيٺ هئو تنهنڪري ان ۾ ڪئين فني خاميون پيدا ٿي پيون.

اهو ڪم سرچاڻڻ لاءِ غلام محمد جي نظر پير علي محمد راشدي تي پئي جيڪو ٻين جي ڀيٽ ۾ محمد ايوب کهڙي جي وڌيڪ ويجهو هئو. گورنر جنرل راشدي سان ملاقات ڪئي ۽ اها خاطري ورتي تہ جيڪڏهن پيرزادي کي ڊسمس ڪري کهڙي کي اها ذميداري ڏني وڃي تہ ڇا هو ون يونٽ جو بل سنڌ اسيمبلي کان پاس ڪرائي ڏيندو. محمد ايوب کهڙي ۽ راشدي کي مقامي سياست ۾ پنهنجي ذاتي مخالفت برابر ڪرڻي هئي. تنهن هڪدم کڻي ها ڪئي. نتيجي طور 8- نومبر 1954ع تي پيرزادي حڪومت کي ڊسمس ڪري محمد ايوب کهڙي کي سنڌ جو وزير اعليٰ مقرر ڪيو ويو جنهن تان هڪ خاص فرمان ذريعي پروڊا جون سموريون پابنديون هٽايون ويون هيون.

ون يونٽ جو چوٻول سموري سنڌ ۾ شروع ٿي چڪو هئو. اخبارن پنهنجي طرفان هاءِ گهوڙا شروع ڪري ڏني هئي پر انهيءَ ۾ ذاتي مصلحت ڪوششي مڙيوئي گهٽ هئي. صرف شاگرد. وڪيل ۽ سجاڻ اديب هن سازش تي منهن مٿو پٽي رهيا هئا جن کي پچڻ لاءِ ايوب کهڙو ۽ سندس سرڪاري مشنري ڪافي هئي.

ڏهن ڏينهن کان پوءِ. 18 نومبر 1954ع تي کهڙي جي دست راست ۽ خاص ماڻهو پير علي محمد راشدي اخباري ڪانفرنس ڪوٺائي ون يونٽ

اسڪيم جو اعلان ڪيو ۽ چيو تہ انهيءَ اسڪيم کي هڪ مهينو پوءِ ٿيندڙ سنڌ اسيمبلي اجلاس ۾ پيش ڪيو ويندو. هيءَ باضابطہ اعلان هئو جنهن سان سنڌ ۾ ردعمل ٿيڻ فطري هئو پر کهڙي ۽ سندس حوارين انهيءَ جي ڪا پرواهہ ڪانہ ڪئي بلڪ هر آواز کي دٻائڻ جون هدايتون ڏيئي ڇڏيون هيون.

چئن ڏينهن کان پوءِ، 22۔ نومبر تي وزير اعظم محمد علي بوگره، ڪراچي ۾ سنڌ جي سياستدانن جي هڪ ميٽنگ گهرائي جنهن جو مقصد اهو هئو تہ سياستدانن کان هن اسڪيم جي باري ۾ ردعمل حاصل ڪيو وڃي. پر اتي ڪنهن ٻبيٽ ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني ويئي، البتہ شرڪت ڪندڙن ۾ هڪ دستاويز ورهايو ويو جنهن ۾ ون يونٽ لفظ وٺڻ کان سواءِ اهو ڏسيل هئو تہ اولهہ پاڪستان جا سمورا صوبا هڪ ڪيا وڃن. هيءَ دستاويز غالباً ممتاز محمد خان دولتانہ جو لکيل هئو. انهيءَ ئي شام جو وزير اعظم محمد علي بوگرا باضابطہ طور تي ريڊيو پاڪستان تان هڪ اعلان ڪيو تہ حڪومت اولهہ پاڪستان جي سمورن صوبن کي ملائي هڪ ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي.

هاڻي هن فيصلي تي سمورن صوبن ۽ ٻين رياستن کان فيصلو وٺڻو هئو. گورنر جنرل غلام محمد تہ اڳ ۾ ئي سمورن صوبن سان ڳالهائي ڇڏيو هو تنهنڪري، هن کي انهن جي ڪا ڳڻتي ڪانہ هئي. خيرپور ۾ قزلباش حڪومت هئي جنهن پوري اولهہ پاڪستان ۾ سڀني کان اڳ ۾ اولهہ پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو. بهاولپور جي رياست بہ ڪا گهڻي دير ڪانہ ڪئي.

25 نومبر تي سرحد جي وزير اعليٰ سردار عبدالرشيد اها رٿ ٿوري مخالفت سان گڏ پاس ڪرائي ڇڏي. ٽيهين نومبر تي پنجاب جي ملڪ فيروز خان نون اها تجويز پاس ڪرائي ڇڏي. مخالفت ٿيڻ جو امڪان هو تہ سنڌ مان.

سنڌ مان مخالفت ٿيڻ جا پورا پورا ڪارڻ موجود هئا. ڇاڪاڻ تہ سڀني کي معلوم هو تہ ون يونٽ جي وسيلي. سندس معاشي ذريعن، زمينن ۽ وڌندڙ صنعتي قوت ۽ سڀ کان وڌي ڳالهہ تہ سامونڊي بندر هٿڻ جي ڪري ساڻن ڪهڙي ويڌن ٿيڻي هئي. محمد علي بوگره طرفان 22

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نومبر تي ون يونٽ جي اعلان ٿيڻ سان پوري صوبي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ احتجاج ٿيڻ شروع ٿي ويا هئا. شاگرد، وڪيل ۽ ڪڙمي ٻاهر نڪري آيا جيڪي ماڻهن کي ون يونٽ جي سازش کان آگاهه ڪرڻ لڳا. سياسي محاذ تي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، جي ايم سيد، ڪامريڊ غلام محمد لغاري ۽ ٻين ماڻهن جي رهبري ڪئي ته پيرزادي عبدالستار جا پراڻا ساٿي بہ پنهنجي پنهنجي طور تي ون يونٽ جي مخالفت ڪري رهيا هئا. حيدر بخش جتوئي، جي ايم سيد ۽ قاضي فيض محمد کي جيل موڪليو ويو. ڪهڙي، جنهن ون يونٽ جو ٺهراءُ سنڌ اسيمبلي مان پاس ڪرائڻ جو وعدو ڏني وزير اعليٰ جو عهدو ورتو هئو. تنهن جو سڀ کان وڏو ترجمان پير علي محمد راشدي هئو. هن سنڌ جي مختلف هنڌن وڃي، ماڻهن جي آيا رکي ٿارڻ چاهيو پر اهو ممڪن ڪونہ هئو. سندس اهڙي هڪ ڪوشش جو عڪس 18۔ نومبر 1954ع واري ڊان ۾ ڇپيل هڪ بيان آهي جنهن ۾ هن پنهنجي فيصلي جي وضاحت ڪندي خاطري ڏياري تہ سنڌ جي حقن جو تحفظ آئيني طريقي سان ڪيو ويندو. سنڌ جي سموري پيدائش سنڌ تي خرچ ڪئي ويندي، سنڌ اندر سموريون نوڪريون سنڌين کي ڏنيون وينديون ۽ انهن جي ورهاست جو بندوبست سنڌين جي ذريعي ڪيو ويندو، سنڌ جي زمين، سنڌ جي هارين ۽ پوءِ مڪاني ۽ مهاجر باشندن ۾ مقرر حد تائين ڏني ويندي ۽ صرف بچيل زمين ٻين کي ڏني ويندي، مرڪزي نوڪرين ۽ اعليٰ عهدن جو هڪ حصو سنڌين کي ڏنو ويندو، ون يونٽ ٺهڻ کان پوءِ مرڪزي حڪومت وٽ بچاءُ، ڪرنسي ۽ خارج تعلقات کانسواءِ ٻيو ڪو کاتو ڪونہ هوندو. سنڌ جي لاءِ گهربل پاڻي نہ گهٽايو ويندو ۽ نہ ان ۾ رڪاوٽ وڌي ويندي، سنڌي ادب ۽ زبان جي واڌاري ۽ رقم لاءِ ڪوشش ڪئي ويندي، سنڌ کي فوج ۾ مناسب حصو ڏنو ويندو ۽ سنڌ بابت ڪوبہ اهڙو قانون پاس نہ ڪيو ويندو جيڪو سنڌ جي ميمبرن کي منظور نہ هوندو.

اهي تہ ون يونٽ ٺاهڻ وارن جا وعدا هئا جيڪي نہ تہ پورا ٿيڻا هئا ۽ نہ وري ڪڏهن ٿيا. پر جنهن طريقي سان سنڌ اسيمبلي مان ون يونٽ وارو ٺهراءُ پاس ڪرايو ويو سو ون يونٽ جي حامين جي نيت ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي هئو. ٿيو هيئن تہ 8 نومبر 1954ع تي پيرزادي وزارت کي ڊسمس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ ڪان پوءِ سنڌ ۾ عوامي آيار شروع ٿيو. ظاهر آهي تہ ڪمزي ڪي اها ڳالهہ نہ وڻي هئي تنهن ڪري هر اهڙو آواز ڏنبي جي زورسان دٻائي ڇڏيو جيڪو هن سمجهيو تہ سندس ارادي جي راهہ ۾ رنڊڪ اٽڪائيندو. جن شاگردن انهيءَ جي خلاف جلسا، جلوس ڪڍيا ۽ مظاهرا ڪيا تن کي پوليس جون زيادتيون ۽ جيل ڏسڻا پيا، جن اديبن ۽ شاعرن انهيءَ جي خلاف اواز اٿاريو تن تي پابنديون لڳيون ۽ جن اخبارن ون يونٽ جا نقصان بيان ڪيا ۽ سنڌين ۽ سنڌ لاءِ خطرن کان آگاهہ ڪيو تن کي بہ ڀوڳڻو پيو.

سڀ کان پهريائين انهيءَ عتاب جو نشانو روزنامہ الوحيد بڻي جنهن، خلافت واري تحريڪ کان وٺي سنڌ جي ماڻهن جي وڏي خدمت ڪئي هئي. هن اخبار کي چتاءُ ڏيڻ کانپوءِ بند ڪيو ويو جنهن اخبار جي حيثيت کي اهڙو متاثر ڪيو جو وري انهيءَ جوش سان ڪڍهن اپري نہ سگهي. ٻي اخبار حيدرآباد مان نڪرندڙ سريوال خاندان جي ڪاروان هئي. هن اخبار جو مالڪ حاجي نجم الدين سريوال ڇاڪاڻ تہ پيرزادي حڪومت ۾ وزير هئو، تنهنڪري ان جو متاثر ٿيڻ لازمي هئو. هن اخبار بہ ون يونٽ جي مخالفت ڪئي هئي. هن کانسواءِ ڪيترين ئي ننڍين وڏين اخبارن، ڪتاب ۽ رسالا هن مخالفت جي ڪري متاثر ٿيا.

سڀ کان وڏيڪ ڀوڳڻ وارا اهي هئا جيڪي ون يونٽ جي مخالفت ۾ گهٽين ۽ رستن تي نڪري آيا هئا. هنن ۾ سياسي اڳواڻ، شاگرد رهنما ۽ ٻيا همدرد شامل هئا، جن سياسي رهنمائن کي مختلف تهمتن هيٺ ٻڌو ويو تن ۾ ڪامريڊ غلام محمد لغاري، سوڀوگيا نچنداڻي، جي ايم سيد، حاجي عبدالمجيد جتوئي ۽ انيڪ ٻيا شامل هئا. صرف غلام مصطفيٰ پرڳڙي اهڙو اسيمبلي ميمبر هو جنهن جي خلاف.هن کي ڪو اهڙو ثبوت ڪونہ مليو جنهن هيٺ هو ڪيس گرفتار ڪري سگهي نہ تہ پرڳڙي جي طرفان ون يونٽ جي مخالفت ڪيس بنهہ ڪانہ ٿي وڻي. اسيمبلي ميمبرن مان جن جي بابت کهڙي کي شڪ هئو تہ هو بل جي مخالفت ڪندا تن جي خلاف هن ڪيس گهڙي رکيا هئا. مثلا آغا غلام نبي کي حيدرآباد جي هڪ هوٽل مان گرفتار ڪيو ويو. مير غلام علي ٽالپر، سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر هئو، جنهن جي باري ۾ ڪيس پڪ هئي

تہ هو ون يونٽ جو بل پيش ڪرڻ جي اجازت نہ ڏيندو، تنهن کي استعيفا ڏياري ويئي ۽ اجلاس شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ حيدرآباد مان گرفتار ڪري اٺ جي پٺيءَ تي سوار ڪري مٽي پهچايو ويو. (1)

احتجاج ڪندڙن جو تعداد ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو هئو. پوليس امن امان کي سنڀالڻ بدران صرف ماڻهن جي احتجاجن کي روڪڻ ۾ مصروف ٿي ويئي. لانٺي چارج ۽ جيلون ماڻهن لاءِ عام ڳالهہ ٿي ويئي هئي. اهو سلسلو ون يونٽ جي تجويز پيش ٿيڻ، 8 نومبر 1954ع تي پيرزادي وزارت جي ڊسمس ٿيڻ ۽ ان کان پوءِ 11- ڊسمبر 1954ع تي سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ٿيڻ. بلڪ ان کان پوءِ بہ هلندو رهيو. بهرحال ڪراچيءَ ۾ حالتون سازگار نہ ڏسي، محمد ايوب کهڙي فيصلو ڪيو تہ مجوزه اجلاس جنهن ۾ ون يونٽ جو بل پيش ڪيو وڃي سو حيدرآباد ۾ منعقد ڪيو وڃي. اجلاس جي جاءِ، دربار هال چونڊي ويئي ڇاڪاڻ تہ ان ۾ کهڙي جي خيال ۾ حفاظت جا سمورا انتظام هئا ۽ سندس خيال مطابق ڪنهن بہ ناپسنديده ماڻهوءَ کي ٻاهران ئي اچڻ کان روڪي سگهڻ سولو ڪم هئو. سنڌ اسيمبليءَ جي تاريخ ۾ هيءُ پهريون واقعو هئو جو اسيمبلي جو اجلاس، اسيمبلي عمارت کان ٻاهر ٿي رهيو هجي.

(1) گهڻو پوءِ پير علي محمد راشدي، جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي جي ڏينهن ۾ اطلاعات و نشريات جو صلاحڪار ٿيو تہ هن تحريڪ نظريہ پاڪستان جي زير اهتمام ڇپيل پنهنجي هڪ مقالي Sindh Punjab Relations- a historical background ۾ ون يونٽ جي ناڪامي جا ڪارڻ ڄاڻائيندي، انهيءَ مڃڻ کان انڪار ڪيو تہ مير غلام علي ٽالپر کي انهيءَ ڪري گرفتار ڪيو ويو هئو جو هو ون يونٽ جو مخالف هئو. "در حقيقت، مير صاحب ۽ سندس محدود گروپ اسيمبلي ۾ موجود هئو ۽ هن ون يونٽ جي حق ۾ ووٽ ڏنو هئو جنهن ۾ مير غلام علي ٽالپر اسپيڪر طور اسيمبلي ۾ موجود هئو. اسيمبلي ۾ اچڻ کان اڳ ۾ سندس گروپ ڪيترائي بيان جاري ڪري ون يونٽ جي حمايت ڪئي هئي. اهي بيان ان وقت جي اخباري فائيلن مان ملي سگهندا. هن جي گرفتاري، هڪ چڱي موچاري ڏوهہ هيٺ، سنڌ اسيمبلي جي بل پاس ٿيڻ جي ڇئن مهينن کان پوءِ ٿي. سنڌ گورنمينٽ پنهنجي سچائي ثابت ڪرڻ لاءِ مير صاحب جو مقدمو پنجاب سرڪار ڏانهن منتقل ڪري ڇڏيو، جيئن اهو اتي پنجاب هاءِ ڪورٽ جي دائره اختيار اندر هلي. ان کان پوءِ جڏهن مير غلام علي معافي ورتي ۽ مرڪزي حڪومت اها قبول ڪئي تہ سنڌ سرڪار مير صاحب تان پنهنجو ڪيس واپس ورتو. اهو ڪو پهريون گهمرو ڪونہ هئو جو ڪو وزير گرفتار ٿئي ۽ مٿس عدليہ ۾ ڪيس هلايو ويو هجي. خود "سنڌ جي نامر نهاد آهني مرد" مسٽر کهڙي جي وزير هوندي مسٽر الهہ بخش سومري جي مقدمي ۾ جوابدار بنيو. مير غلام علي ٽالپر جي گرفتاري، ون يونٽ سان واسطو رکندڙ ڪانہ هئي.

اجلاس گهرائڻ کان اڳ کهڙي ۽ راشدي سمورن گروپن سان ناهه ڪري ڪين پنهنجي پاسي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي پر کهڙو سخت جان ماڻهو هو. لالچون آسرا سموري قسم جا آڇيا ويا، پر اهي ايستائين ڏيڻ لاءِ تيار ڪونه هئو جيستائين ون يونٽ جو بل پاس نه ٿئي. ٻئي طرف هنن گروپن کي معلوم هئو ته بل پاس ٿيڻ کان پوءِ کهڙي جا وعدا پارڻ سندس هٿ ۾ نه، پر مرڪزي لاهور جي هٿ ۾ هوندو تنهن هوندي به گهٽ هن سان اڻ ڏنل وعدن تي ڪيس ووٽ ڏيڻ جو آسرو ڏيارڻ.

11- ڊسمبر 1954ع وارو ڏينهن اجلاس سنڌ جي تاريخ ۾ اهم ترين، بلڪ گهٽ پهلوئن کان سياهه ترين ڏينهن هو: هڪ اهڙو ڏينهن جڏهن سنڌ جا چونڊيل عيوضي پنهنجن ماڻهن، جن کين چونڊي موڪليو هو، تن جي قسمت پنهنجن هٿن مان ڪيڏي اڪثريت جي حوالي ڪرڻ وارا هئا. دربار هال جي اندر ۽ ٻاهر عجيب ڪيفيت هئي. پوري ڪورٽ جي اندر ۽ ٻاهر سخت پهرو ڀاريو ويو هئو. وڏي وزير محمد ايوب کهڙي ۽ پوليس کي معلوم هئو ته ڪهڙا ميمبر ممڪنه مخالف ووٽ ڏيئي سگهن ٿا تنهنڪري هن پوليس کي هدايتون ڏيئي ڇڏيون هيون ته اهڙن ميمبرن کي ايوان نه ڇا، ڪورٽ جي ٻاهرين پٽين جي اندر اچڻ نه ڏين. اهڙن ميمبرن کي به خبر هئي ته سندن پويان وٺ پڪڙ آهي تنهن هوندي به هنن ڪهڙيءَ طرح ايوان ۾ پهچڻ جي ڪوشش ڪئي. مير غلام علي ٽالپر کي انهيءَ حڪم جي ڄاڻ ڪانه هئي تنهنڪري هو جيئن ئي موٽر ڪار مان لٿو ته پوليس وارن ڪنيي ورتس ۽ پوليس جي گاڏيءَ ۾ وجهي عمر ڪوٽ پهچي ويا جتان هڪ شرمناڪ ڪيس ۾ اٺ جي پنيءَ تي وهاري مني وني ويس. غلام مصطفيٰ پرڳڙي جي خلاف ڪيس ناهڻ لاءِ کهڙي کي وقت ڪونه مليو جڏهن ته عبدالحميد جتوئي جي باري ۾ ڪيس پڪ ڪونه هئي ته ڪو مخالفت ۾ ووٽ ڏيندو بهرحال، هو مخالفت ۾ ووٽ ڪندو تنهنڪري هن جي داخلا بند هئي، پر مير علي احمد تمام چالاڪيءَ سان پوليس جي آفيسرن کان بچندو بچندو اجلاس ۾ پهتو. اها ٻيءَ ڳالهه آهي ته هن بعد ۾ ون يونٽ جي حق ۾ ووٽ ڏنو.

نيٺ اجلاس شروع ٿيو. ايوان ٻن حصن ۾ ورهائجي چڪو هئو ۽ ايوان ۾ اندر هئڻ ته ائين گهرجي هئا ته سمورن خطرن کي محسوس ڪندي ميمبر سنڌ دشمن بل کي ٿڏي ڇڏين ها، پر وقت جي ڏنبي جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوف، ڪجهہ لڪل وعدا ۽ڪي وري اڻ ڏٺا مفاد پنهنجو ڪم ڪري ويا. سنڌ جو وڏيرو، سرمائيدار ۽ مفادپرست سياستدان، پنهنجي ڪل ڪان ٻاهر نڪري ڏسڻ ۽ پنهنجي آئيندي جي نسلن ۽ سنڌ ڌرتيءَ کي بچائڻ جي سموري ساڃاهہ وڃائي چڪو هئو. جيتوڻيڪ سڀني کي معلوم هئو تہ هن بل پاس ڪرڻ سان هو سنڌ جي قومي دولت ۽ مستقبل ٻنهي تان هٿ کڻي ويندا، پر تنهن هوندي بہ اڪثريت ان جي حق ۾ ويئي.

بل تي تقرير ڪندڙن ۾ سردار محمد علي شاهہ جاموٽ، مير علي احمد ٽالپر، قاضي محمد اڪبر، پير علي محمد راشدي، جمال خان لغاري، بيگم ظاهره آغا ۽ٻيا شامل هئا. ڪل 110 ميمبرن مان صرف ڇهن ميمبرن عبدالحميد خان جتوئي، غلام محمد مصطفيٰ پرگڙي، پير الاهي بخش ۽ شيخ خورشيد احمد ووٽ ڏنا. جي ايم سيد کي اڳواٽ ئي نظربند ڪيو ويو هئو.

نيٺ ووٽنگ ٿي. اسيمبلي ۾ ميمبرن جو ڪل تعداد110 هئو جن مان اٺ ميمبر غير حاضر رهيا يا نظربند هئا جن ون يونٽ جي حق ۾ ووٽ ڏنو تن جو تعداد 98 هئو.

جن بل جي حق ۾ ووٽ ڏنو، سي هئا:

(1) عبدالله خان مهيسر (2) عبداللفتاح ميمڻ (3) عبدالمجيد خان جتوئي (4) قاضي عبدالمنان (5) ڄام بشير احمد (6) مير احمد خان ٽالپر (7) احمد خان راڄپر (8) احمد خان پيتو (9) مير احمد خان پناڻ (10) نڪر آئيدان سنگهہ (11) بيگم عائشہ عزيز (12) علي اصغر شاه شيرازي (13) مير علي احمد خان ٽالپر (14) علي بلاول خان ڊومبڪي (15) سردار علي گوهر خان مهر (16) علي گوهر ڪهڙو (17) علي حسن منگي (18) پير علي محمد راشدي (19) علي نواز خان ڌاريجو (20) مير علي نواز خان ٽالپر (21) پير عالي شاه جيلاني (22) مير الله بچايو خان ٽالپر (23) رئيس علڻ خان لغاري (24) امير بخش مهر (25) ڄام امير علي خان (26) مير بنده علي خان ٽالپر (27) آغا بدرالدين دراني (28) ڌرمداس موتومل (29) دوست محمد هڪڙو (30) فيض محمد سڏايو (31) فقير محمد انڙ (32) حاجي فضل محمد خان لغاري (33) حاجي غلام علي ميمڻ (34) حاجي جان محمد مري (35) سيد غلام حيدر شاه ولد حاجي پير شاه (36) سيد غلام حيدر شاه ولد، سيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نواب شاه (37) غلام قادر ناريجو (38) غلام نبي ڏهراج (39) غلام رسول خان جتوئي (40) پير غلام رسول شاهه جيلاني (41) غلام رسول ڪيهر (42) سيد گل محمد شاه (43) حاجي گل محمد ڪيڙو (44) گل جي مينگهواڙ (45) حامد حسين فاروقي (46) مير امام بخش ٽالپر (47) مير جعفر خان جمالي (48) جان محمد پائي خان (49) قادر بخش تنيو (50) سيد ڪرارو شاهه (51) سيد خير شاهه (52) خان محمد بورزدار (53) محبوب شاه پير رسول بخش شاه (54) رئيس مامون خان ملڪائي (55) سيد مهر علي شاهه (56) موسيٰ خان ٻگهيو (57) حاجي مولا بخش شاهه (58) سيد مبارڪ علي شاهه (59) قاضي محمد اڪبر (60) محمد قمر علي شاهه (61) محمد اشفاق صديقي (62) مير محمد بخش ٽالپر (63) محمد بخش خان سرڪي (64) حاجي پير محمد حسن بخش (65) سيد محمد حسن شاهه (66) حاجي محمد حيات جوڻيجو (67) سردار جعفر خان بليدي (68) پير مهدي شاهه جهنڊي وارو (69) رئيس محمد يوسف چانڊيو (70) مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ (71) سيد محمد زمان بقادار شاهه (72) حاجي نجم الدين لغاري (73) نصير محمد خان مدواڻي (74) سردار نور محمد ٻجاراڻي (75) نور محمد راهمون (76) سيد نور احمد شاهه (77) رحيم بخش سومرو (78) رسول بخش جوڻيجو (79) روپچند چيلارام (80) روپچند لوهاڻو (81) حاجي صادق علي ميمڻ (82) ڊاڪٽر سعيد الدين صالح (83) سيف الله خان مگسي (84) پير صالح شاه (85) سميومل لوهاڻو (86) سوائي سنگهه سوڍو (87) شاهنواز پيرزادو (88) سيد نذر حسين شاه (89) شاهل خان کوسو (90) ملڪ سڪندر خان هملاڻي (91) سيرومل ڪرپالداس (92) سلطان احمد چانڊيو (93) سردار مير سندر خان سندراڻي (94) بيگم طاهره آغا (95) سيٺ ٽيئون مل (96) توگاچي مير محمد نوهڙي (97) عثمان خان ملڪاڻي (98) نواب زاهد علي خان.

جيڪي چار ميمبر مخالف ويا سي آهن:

(1) عبدالحميد خان جتوئي (2) غلام مصطفيٰ خان پرگڙي (3) پير الاهي بخش ۽ (4) شيخ خورشيد احمد.

سنڌ اسيمبلي طرفان ون يونٽ ناهڻ واري بل جي حمايت ٿيڻ پاڪستان جي حڪمرانن جي لاءِ گهڻ خوشيءَ جو موقعو ڪونه هئو. هنن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي خوشيءَ جو سبب اهو ڪونه هئو ته اولهه پاڪستان تي قبضو ڪري وٺندا پر انهيءَ مان اوپر پاڪستان جي گهٽائي تورائي ۾ تبديل ڪرڻ وارو مسئلو سولو ٿي ويو ۽ پنجاب جي عددي بالادستي قائم ٿيندي.

بهاولپور رياست ۾ ميان حسن محمود جي وزارت کي ڊسمس ڪري، سنڌ وانگيان بل پاس ڪرايو ويو. سرحد ۾ سردار عبالرشيد وزير اعليٰ هئو جنهن کي انهيءَ بل تي هائوڪار جي مهر هڻائڻ ۾ ڪا گهڻي دير نه لڳي. پنجاب جو ته ڪو مسئلو ئي ڪونه هئو هو ئي ته هن سموري مانداڻ جو خالق هئو ۽ ڪيس ئي پورو لاپ پراڻو هئو، تنهن ڪري هن ته ٻه ٻه هٿ ڪري هن ٺهراءُ کي پاس ڪرايو. بلوچستان ۾ ته ڪا اسيمبلي هئي ڪانه ۽ سموري جوڙجڪ خان آف قلات جي هٿ وس هئي، تنهنڪري ان جي هائوڪار ڪافي هئي ۽ ان جي عيوض گهڻيئي وعدا مليا.

مون اڳ ۾ مٿين سٽن ۾ عرض ڪيو آهي ته ون يونٽ سنڌ جي تاريخ ئي نه پر پوري ملڪ جي تاريخ ۾ ڪارو باب آهي جنهن مان، جيئن پوءِ ثابت ٿيو ته سمورا سياسي انتشار، اقتصادي ويڇا ۽ لساني ۽ فرقيوارانه هنگاما ٿيا. جيڪڏهن ان وقت جا عاقبت نااندیش سياستدان، صرف هن سازش جي هاڃن جو اندازو ڪن ها ته شايد نه پاڪستان ٽٽي ها ۽ نه وري اسي واري ڏهاڪي جا هاڃا پيدا ٿين ها. فضل الحق، ان وقت جي هڪ اعليٰ سرڪاري آفيسر جيڪو وفاقي هوم سيڪريٽري تي رٽائر ڪيو. تنهن جي لفظن ۾: ”منهنجي لفظن ۾ تاريخ هيءَ فتوا ڏيئي چڪي آهي ته اولهه پاڪستان کي ملائي هڪ ڪرڻ جو فيصلو اسان جي تاريخ جو سڀ کان وڏو الميو هئو ڇاڪاڻ ته انهيءَ، اڳتي هلي وڏين وڏين ٽريجڊيز کي جنم ڏنو.“ (روزمانه جنگ ڪراچي، 14 جولاءِ 1987ع)

14 ڊسمبر 1954ع تي اهو اعلان ڪيو ويو ته ايندڙ سال ون يونٽ عمل ۾ اچي ويندو. وچ ۾ گهڻيون ٻيون سياسي تبديليون آيون جن جو ذڪر اسان ايندڙ صفحن ۾ ڪنداسين. بهرحال، صوبائي اسيمبلين جي ٽٽڻ ۽ هڪ اولهه پاڪستان جي اسيمبلي جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ، آخر 30 سيپٽمبر 1955ع تي پاڪستان جي آئين ساز اسيمبلي انهيءَ بل جي منظوري ڏيئي ڇڏي جنهن هيٺ اولهه پاڪستان وجود ۾ اچي ويٺو هئو ۽ 14 اڪتوبر 1955ع کان عملي طورون يونٽ ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 13

# ون يونٽ کان پوءِ

تاريخ وڏو عجيب علم آهي جنهن جو الميو اهو آهي تہ اها ڪڏهن بہ پنهنجي ٿيندڙ حالتن دوران ڪونہ لکي ويندي آهي، پر هميشہ پنهنجي وقت کان پوءِ درج ٿيندي آهي، پوءِ ڪڏهن صديون پوءِ تہ ڪڏهن ٿورن ڏهاڪن کان پوءِ. انهيءَ سموري عرصي دوران حالتن جا بدلجندڙ وهڪرا، سمورين حقيقتن کي ميساري ڇڏيندا آهن يا وري مٿانئن مصلحتن جي اهڙي دز چڙهي ويندي آهي جو اصل حقيقتون ڳولڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي.

پاڪستان ۽ سنڌ جي تاريخ ۾ هر گهڙي اهڙن واعن سان ڀري پيئي آهي. گذريل ٽن ڏهاڪن ۾ جيڪي ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا آهن تن ۾ تمام انوکيون، عجيب ۽ سبق ڏيندڙ ڳالهيون معلوم ٿيون آهن. مثال طور اهڙا لکندڙ جيڪي ڏاڍ جي وقت منصفي جي مسند تي فائز هئا تن انهيءَ ذميداري کان سبڪدوش ٿيڻ کان پوءِ پنهنجن پوين فيصلن بابت اصل محرڪات پڌرا ڪيا. جهڙوڪ جسٽس رٽائرڊ منير حسين يا وري اهڙن لکندڙن جا ڪتاب جي فوجي اقتدار جي زماني ۾ ملڪ جي تقدير جا مالڪ هيا پر رٽائر ٿيڻ کان پوءِ حقيقتن تان پردو کنيو ۽ جن تي جيتوڻيڪ پوريءَ طرح ڀروسو ڪرڻ ڏکيو آهي. تنهن هوندي بہ ڪنهن حد تائين اهو معلوم ٿئي ٿو تہ ملڪي حالتن کي خراب ڪرڻ ۾ ڪير ڪيتري حد تائين رڌل هو. تاريخي ڇنڊڇاڻ اڃا بہ ٻري آهي.

ون يونٽ جي تاريخ تہ انهيءَ سرسري ذڪر کان بہ محروم رهي آهي ڇاڪاڻ تہ ان سازش ۾ جيڪي شريڪ هئا. سي انهن ڳالهين تان پردو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٽڻ لاءِ نہ صرف تيار ڪونہ هئا پر جيڪي اجا بقيد حيات آهن سي بہ مصلحتن جي گهاٽي ۾ پيڙهجي رهيا آهن. بهرحال هي هڪ ڏار الميو آهي جنهن تي جدا تحقيقي جستجو جي گهرج آهي.

انهن ڳالهين هوندي بہ هڪ حقيقت جيڪا نروار آهي ساهيءَ تہ هن ملڪ کي حڪمرانن جي هڪ ٽولي، پنهنجن مفادن جي پوئيواري واسطي جيئڻ وٽيو آهي، تيئن پئي هلايو آهي ۽ انهيءَ ۾ سندن سڀ کان وڏو هٿيار انتظامي ڍانچو رهيو آهي. انتظاميہ يا ڪا مورا شاهي کي ناراض ڪري ڪابہ حڪومت نہ صرف نہ هلي سگهي آهي پر انهيءَ حڪومت کي ختم ڪرڻ ۾ بہ ڪامياب ويئي آهي. پوءِ پلي اها تمام مقبول ۽ ووٽن جي زور تي چونڊيل حڪومت هجي يا بندوق جي زور تي آيل ڪنهن فوجي آمر جي حڪومت. هن کي انهيءَ ڪامورا شاهي جي راضپي سان ئي هلڻو پيو آهي. گورنر جنرل غلام محمد جي حڪومت تہ هلندي ئي انهيءَ ڪامورا شاهي جي سهاري تي هئي.

14 ڊسمبر 1954ع تي هڪ ميٽنگ گهرائي ويئي جنهن ۾ پوري اولهہ پاڪستان جي گورنرن، وڏن وزيرن ۽ ٻين ٻرڪ ماڻهن کي گهرايو ويو گويا پراڻي زماني جي ڪنهن فاتح بادشاهہ وانگيان سمورن امراء کي گهرائي سندن بعيت حاصل ڪرڻي هجي. هن ميٽنگ ۾ سمورن ماڻهن کان ون يونٽ واري فيصلي جي حمايت حاصل ڪرڻي هئي. ظاهر آهي هرڪو ماڻهو پنهنجي پلئہ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن عهدي جي اميد جي ڳنڍ ٻڌي اتي پهتو هئو سيني وڏي واڪي هائوڪار ڪئي، جنهن کان پوءِ ريڊيو ۽ اخبارن ذريعي اهو اعلان ڪيو ويو تہ ون يونٽ ناهڻ جو فيصلو جيڪو اڳ ۾ صوبائي اسيمبليون پاس ڪري ڇڏيون آهن، تنهن کي زباني طور بہ هڪ آواز ٿي سيني منظور ڪري ڇڏيو آهي.

پر مسئلو اهو ڪونہ هو چاڪاڻ تہ جيڪا مرڪزي حڪومت صوبائي اسيمبلين کان نهراءُ پاس ڪرائي سگهي ٿي تنهن لاءِ انهي قسم جو تڪلف بنهہ رسمي لڳي ٿو. اصل ڳالهہ هيءَ هئي تہ هن ون يونٽ پوري اولهہ پاڪستان (اڄ ڪلهہ پاڪستان) جو انتظام ڪير سنڀاليندو.

بيوروڪريسي، جنهن ون يونٽ جي تجويز پيش ٿيڻ شرط پنهنجو هوم ورڪ شروع ڪري ڏنو هو. سا نيٺ هڪ اهڙي تجويز سان آڏو آئي جنهن ۾ اقتدار جون سموريون واڳون ڪامورن ۽ ٻين انتظامي مهرن وٽ

هجن. سياستدان، ڪيترا بہ ايماندار هجن ۽ ديانتداري سان ڪم ڪرڻ چاهين، پر جيڪڏهن بيوروڪريسي نہ چاهي تہ اها حڪومت ڪانہ هلي سگهندي.

ون يونٽ جي تجويز بحال ٿيڻ کان وٺي، پوري ڪامورا شاهي سرگرم ٿي ويئي. هونئن ئي غير جانبدار بيوروڪريسي جي اندر غلام محمد پنهنجن چاڙتن جي ذريعي هڪ ٻي بيوروڪريسي بہ بنائي رکي هئي. اصل حڪومت اها بيوروڪريسي هلائيندي هئي. هاڻي تہ جڏهن کان آئين ساز اسيمبلي، غلام محمد جا اختيار گهٽائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ پنهنجي تهراءُ سان انهيءَ تي عمل بہ ڪري ڏيکاريو تنهن گهڙيءَ کان بيوروڪريسي اهو طئي ڪري ڇڏيو هو تہ سياستدانن ۽ سياسي نظام کي ايترو "ڇڙواڳ" ڇڏڻ بيوقوفي ٿيندي تنهنڪري هنن طرح طرح جا حيلا هلائڻ شروع ڪري ڏنا. ون يونٽ ناهڻ سياسي فيصلو ئي سهي پر انهيءَ کي عملي طور هلائڻ ۽ انهيءَ کي فائديمند بنائڻ هنن جوئي ڪم هو: جنهن جي لاءِ بيوروڪريسي ملهہ بہ ڪٽي ڇڏيو هو ۽ اهو هو تہ سمورن فائدن مان هو برابر جا ڀاڱي ڀائيوار ٿيندا. تنهنڪري 14- ڊسمبر واري اجلاس ۾ ئي فيصلو ڪرايو ويو تہ هڪ اهڙي مرڪزي انتظامي ڪائونسل جوڙي وڃي جيڪا تجويزون تيار ڪري تہ ڪهڙيءَ طرح سموري سرڪاري انتظام کي ڪارگر بنائي سگهجي.

هيءَ تجويز ڇاڪاڻ تہ ڪمال هنرمندي سان ڪامورا شاهي ميٽنگ ۾ ڦٽي ڪئي هئي، تنهنڪري بنا ڪنهن اعتراض جي منظور ٿي ويئي بلڪ هر ڪنهن ان کي مضبوط ۽ موثر بنائڻ لاءِ طرح طرح جون تجويزون ڏنيون. هن جو نالو "اولهہ پاڪستان جي انتظامي ڪائونسل" رکيو ويو جنهن جي اڳواٽي نواب مشتاق احمد گورماني جي حوالي ڪئي ويئي. انڌو الله کان گهري هڪ اک، هن کي ملي ويون ٻہ، وانگيان ڪامورا شاهي کي ڇا کپي. ارڙهين ڊسمبر 1954ع تي گورنر جنرل جي حڪم نمبر انين هيٺ هيءَ ڪائونسل قائم ٿي ۽ ان جون چار سب ڪميٽيون قائم ڪيون ويون. جن ۾ گهڻائي اعليٰ سرڪاري ڪامورن ۽ سي ايس پي آفيسرن تي ٻڌل هيون. ڪجهہ رٽائرڊ سي ايس پي ۽ اعليٰ پوليس آفيسرن کي انهيءَ ڪري شامل ڪيو ويو تہ جيئن هنن جو انگريز دور ۾ ڪيل تجربو، اسان جي نون ڪامورن جي رهبري ڪري سگهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمورين ڪميٽين گڏجي پنهنجون تجويزون تيار ڪيون جن سيني کي وري هڪ يڪي رپورٽ ۾ شامل ڪيو ويو ۽ نيٺ ٻن مهينن جي "جاکوڙ" کان پوءِ پنج سو صفحن جي هي رپورٽ وچي آخري شڪل ورتي. ڪميٽي، فيبروري 1955ع ۾ پنهنجي رپورٽ گورنر جنرل کي پيش ڪئي. مارچ مهيني ۾ گورنر جنرل انهيءَ رپورٽ کي منظور ڪري ان جي روشني ۾ انتظامي ڍانچي ۾ تبديليون ڪرڻ لاءِ آرڊيننس جاري ڪري ڇڏيو ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ سمورين رياستن کي يڪو ڪري اولهه پاڪستان قائم ڪرڻ جي باضابطه منظوري ڏيئي ڇڏي. هن نئين سياسي ايڪي جو گورنر مشتاق احمد گورماني کي مقرر ڪيو ويو جڏهن ته ڊاڪٽر خان صاحب کي وزير اعليٰ مقرر ڪيو ويو.

هن سموري رپورٽ ۽ انتظامي ڍانچي ۾، جيئن ڪامورا شاهي چاهيو ٿي تيئن سرڪاري ڪاموري کي مرڪزي حيثيت ڏني ويئي هئي. ٻين لفظن ۾ هيءَ ته سيڪريٽريٽ جي موجوده حيثيت برقرار رکي وئي يعني اهو مرڪزي اختياري اداري طور قائم رهي. ٻيو هيءَ ته ڊويزنل ڪمشنرن کي تمام گهڻا اختيار ڏنا ويا ته جيئن هو سرڪار جي اهم ڪارندي جي حيثيت ۾ حڪومت جي سمورن فيصلن تي عمل ڪرائي سگهي ۽ ڊويزن جي اندر سموري انتظامي مشنري جي درميان ڳانڍاپي جو ڪم ادا ڪري سگهي. هيءَ ڳالهه خاص طور تي بيان ڪئي ويئي ته ڪمشنر، سي ايس پي هئڻ گهرجي. مٿي خاص ڳالهه جنهن تي رپورٽ ۾ زور ڏنو ويو هو ته سمورن پروفيشنل ڪامورن کي يعني ڊاڪٽرن، انجنيئرن، استادن ۽ اهڙن ٻين ڪامورن کي انتظامي ڪامورن جي ماتحت رکيو وڃي ته جيئن هو مخصوص فني پيشن جي آڌار تي آزاد فيصلن ڪرڻ جا اهل نه ٿي سگهن ۽ سرڪاري پاليسين کي ڏک رسي.

ڏسڻ ۾ هيءَ ڪي غير معمولي تجويزون ڪونه هيون ڇاڪاڻ ته عام ماڻهو ويچارو هن ۾ لڪل اثرات کي ڪونه ٿو ڄاڻي تنهنڪري هن انهيءَ جو ڪو تاثر ڪونه ورتو، البته سنڌ جي باشعور طبقي کي معلوم هو تنهن ڪري هن انهيءَ تي گهٽي هاءِ گهوڙا مچائي پر خود ڇاپڻ وارن جا پنهنجا به مفاد هئا تنهنڪري اهو آواز محض سياسي عناد ۽ خودپرستيءَ ۾ دٻجي ويو.

هن نئين انتظامي ڍانچي هيٺ، سرڪاري ڪامورو بي انتها طاقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلڪ گهٽ سياستدانن کي يقين هو تہ پنجاب جي ليڊرن طرفان ون يونٽ ناھڻ لاءِ هيترا جتن ڪرڻ جو مقصد ڪو اهو ڪونہ هو تہ انهيءَ جڙتو ٻنڌڻ سان قومي ايڪي ۾ واڌارو ايندو. بلڪ هيءُ هو تہ ننڍين صوبن جي حقن تي قبضو ڪرڻ، انهن کي پنهنجي مرضيءَ سان استعمال ڪرڻ، نيم نو آبادياتي نظام قائم ڪرڻ ۽ سياسي و معاشي استحصال ڪرڻ هو. ۽ انهيءَ سموري ڦرلٽ ۾ سڀ کان وڌيڪ گهاٽي ۾ سنڌ هئي.

سنڌ ان وقت هڪ سياسي اٿل پٿل واري دور مان لنگهي رهي هئي. سنڌ جي انهيءَ ڇرپر جي پويان هڪ ڊگهي عرصي واري جدوجهد شامل هئي. سنڌ 1499ع کان وٺي لاڳيتو ڌارين جي حڪمراني هيٺ رهي هئي جن هتي عوامي ڀلائي جي طرف ڪجهہ نہ سوچيو هئو. ارغونن کان وٺي 1843ع ۾ انگريزن جي قبضي تائين، سنڌ شديد قسم جي بحرانن مان لنگهيو ۽ هر حڪمران پنهنجي اقتدار کي ڊگهو ڪرڻ ۽ ماڻهن ۾ ماٺ پيدا ڪرڻ لاءِ جاگيرداري کي هٿي وٺرائي، نتيجو اهو نڪتو جو انتهائي غير انساني قسم جو استحصال سموري معاشري ۾ پکڙجي ويو. ذاتي جهڳڙن جي ڪري ذاتي لشڪر پيدا ٿيا ۽ انهن جهڳڙن جهٽن ۾ هزارين ماڻهون مئا ۽ باقي غير انساني حالتن ۾ گذارڻ لڳا.

تقريباً چار صديون انهيءَ حالت ۾ گذارڻ جي ڪري نہ تہ معاشيات سڌري سگهي نہ وري ڪنهن حڪمران انهيءَ تي شعوري توجهہ ڏنو. ذاتي پسند ۽ ناپسند، انصاف جو بنياد بنيل هو جڏهن تہ رفاهہ عام صرف هڪ مفروضو بنجي ويو هو. علم صرف چند ماڻهن جي ميراث هو ۽ شهري حقن جي تہ ڪنهن کي ڄاڻ ڪانہ هئي.

هن قسم جي ماحول ۾ انگريزن اقتدار سنڀاليو. هنن کي نہ تہ سنڌ سان ڪا همدردي هئي نہ وري سنڌين جي ڀلائي سان. بلڪ هنن کي تہ سنڌو درياءَ مان لنگهڻ، افغانستان تائين پهچ جو وسيلو ۽ پنجاب جي مرڪزي جڳهہ سان دلچسپي هئي. هنن کي معلوم هو تہ اڻ ورهايل هندستان ۽ پاڪستان ۾ ڪراچي بندرگاهہ ۽ سنڌ جي زرخيزي ڪين ڇا مهيا ڪري سگهي ٿي، تنهنڪري هنن سنڌ کي پنهنجي قبضي ۾ بہ رکڻ ٿي گهريو تہ ان ۾ ڪا سياسي هلچل بہ نہ ٿي چاهي. انهيءَ ۾ جاگيرداري ۽ قبائلي نظام، هنن جو وڏو مخالف هو. پر هنن انهيءَ جي راهہ ڳولهي لڌي. هنن سنڌ تي هلان ڪرڻ ۽ ان تي قبضي ڪرڻ کان اڳ سنڌ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ جو اونهو مطالعو ڪيو هو بلڪ 1843ع کان گهڻو اڳ پنهنجا آفيسر، واپاري، ڊاڪٽر ۽ ايلچي موڪلي هتي جي معاشيات، سماجي جوڙجڪ ۽ اٿ ويهه جو چڱيءَ طرح اڀياس ڪيو هو. تنهنڪري جڏهن هنن ٽالپرن کان سنڌ کسي پنهنجي قبضي ۾ ڪئي ته هنن وٽ سنڌ تي حڪومت ڪرڻ ۽ ان جي ماڻهن کي زير ڪرڻ جي پوري سٽا هئي.

پنهنجي انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هن وٽ ٻه ميدان هئا: هڪ سياسي ۽ ٻيو معاشي ۽ ثقافتي. هن کي معلوم هئو ته ڪيئن سنڌ جا ماڻهن صدين کان ڦرلٽ ۽ محرومي جو شڪار رهيا هئا تنهنڪري هن سنڌ جي ماڻهن جي ڀئسي سان ئي هتي عوامي سڌارا آندا. تعليم عام ڪئي، رستا، اسپتالون ۽ واهه کوٽيا. پرهن کي اها به ڄاڻ هئي ته سنڌ جا ماڻهو ثقافتي طور تي زبردست ۽ ٻي سبب ثقافتي محرومي جو شڪار رهيا آهن. هن جي آڏو اهائي حقيقت ڪافي هئي ته سنڌ ۾ 1499ع کان وٺي فارسي سرڪاري زبان رهي آهي جڏهن ته عام ماڻهن جي زبان سنڌي هئي ۽ حڪومتن جي ٻي توجهي جي ڪري زبان جو اهو حال هو جو هڪ ئي وقت ڇهه رسم الخط رائج هئا جنهن ڪري زبان، صرف لوڪ ادب تائين محدود تي رهجي ويئي هئي جيتوڻيڪ سنڌي، دنيا جي چند قديم ترين ٻولين مان هئي.

انهيءَ حالت ۾ انگريز حڪمران صرف اهو ڪيو ته هن سنڌي ٻوليءَ جي هڪ متفقه رسم الخط تيار ڪرايو، ڇپائي رائج ڪئي، ڪتاب ڇپرايا، اسڪول عام ڪيا، خانگي اسڪولن جي همت افزائي ڪئي جنهن جو نتيجو اهو نڪتو ته ٿورن سالن ۾ علم جي شمع ڏينهون ڏينهن پکڙجڻ لڳي. سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻولي جو درجو ڏيڻ ۽ ان جي ترقي ٿيڻ سان ماڻهن ۾ پنهنجائپ جو احساس وري جاڳيو. هنن جي شناخت موٽي آئي، هنن جي تخليقي شعور کي مهميز ملي ۽ ٿورن سالن اندر سنڌي ٻولي برصغير ۾ هڪ گهمرو وري زنده ٻولين ۾ شمار ٿيڻ لڳي.

جيئن مون عرض ڪيو آهي ته انگريزن کي سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌ ادب سان ڪابه محبت ڪانه هئي. پر انهيءَ سان هنن جا ٻه مقصد ادا ٿي ٿيا: هڪ هيءَ ته هنن کي سنڌي ماڻهن جي همدردي ۽ حمايت حاصل ٿي ويئي ۽ ٻيو هنن کي سنڌ ۾ انتظام هلائڻ ۾ مدد ملي ويئي. ساڳي طرح، عوامي سڌارا آڻڻ ۾ به ساڳيا مقصد ڪار فرما هئا. ماڻهو سکيا ستابا ٿيڻ

لڳا. سنڌ جي ڪري خوشحالي صرف قبائلي سردارن، وڏيرن ۽ جاگيردارن تائين محدود ڪانه رهي پر ان ۾ عام ماڻهو به ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ لڳو. انهن قدمن سان انگريزن کي سنڌ ۾ قدم ڄمائڻ ۾ مدد ملي ۽ تاريخ تي نظر وجهبي ته معلوم ٿيندو ته بيين مقبوضه علائقن جي ڀيٽ ۾ انگريزن کي سنڌ ۾ ڪنهن مخالفت ۽ مدافعت جو منهن ڏسڻو ڪونه پيو.

هتي هڪ سوال پيدا ٿو ٿئي ته انگريزن 94 سال سنڌ تي حڪومت ڪئي پر انهيءَ جي باوجود هو جاگيرداري ۽ قبائلي نظام ختم نه ڪري سگهيا، انهيءَ جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟ انهيءَ جو سڀ کان وڏو سبب خود انگريزن جي مقصد ۾ شامل هو. هنن جي نظر افغانستان، وچ ايشيا، پنجاب ۽ بلوچستان تي هئي، سنڌ جو ڏوهه ته اهو هو ته ايران کان وٺي بمبئي تائين ڪراچي واحد بندرگاهه هو جنهن هن وسيع علائقي کي کلئي سمنڊ سان ملايو ٿئي. تنهنڪري سنڌ تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ هنن نٿي چاهيو ته سنڌ مان ڪا سياسي شورش اُڀري يا وري هو ڪو اهڙو قدم کڻن جو ماڻهن جي حمايت کان محروم ٿي وڃن. تنهنڪري عوامي سطح تي ته هنن سنڌ جي ماڻهن لاءِ اهي سمورا ڪم ڪيا جيڪي ماڻهن ۾ حڪومت کي مقبول بنائي يا گهٽ ۾ گهٽ هنن جي سارسنڀال لهي. انگريزن جا انهيءَ سلسلي ۾ ڪيل سمورا ڪم، سنڌ جي پٺسي مان هٽا پر اها ڳالهه هن ڪري همت افزا هئي جو هن کان اڳ ٽن صدين دوران هر حڪومت صرف چند خاندانن کي ورسايو.

انگريزن وٽ حڪومت هلائڻ جو بيو وسيلو جاگيرداري ۽ وڏيرپ جو نظام هو. انگريزن کي معلوم هو ته پونين ڪيترين پيڙهين کان سنڌ جو عوام هن مصيبت ۾ جڪڙيل رهيو آهي. هر ٻاهرين حڪمران لکن ايڪڙن جي حساب سان زمينون ورهايون ۽ انهيءَ جي عيوض پنهنجي وفاداري ورتي. انهيءَ عرصي دوران اها جاگيرداري اهڙيون پاڙون هٽي ويئي هئي جو ان کي هڪدم پٽي ڦٽي ڪرڻ جي معنيٰ پنهنجي ئي مخالفت کي دعوت ڏيڻ هئي. جڏهن ته انهيءَ کانسواءِ به اهو مقصد حل ٿي ٿئي ويو جنهن لاءِ جاگيرداري ۽ قبائلي نظام ختم ڪرڻ ضروري هئو. انهيءَ ڪري هنن تمام ڳوڙهي مطالعي کان پوءِ جاگيرداري کي برقرار رکيو پر هڪ حقيقت جو اضافو ڪيو جو انهيءَ کي عام ماڻهوءَ جي ڪمن ۾ شامل ڪري ڇڏيو جنهن ڪري نتيجو هيءَ نڪتو جو جاگيردار ۽ زميندار

پنهنجن جاگيرن بچائڻ لاءِ انگريز حڪمرانن جي حڪمن جي تعميل ڪرڻ لڳا بلڪ انهيءَ ڊوڙ ۾ هڪٻئي کان اڳتي نڪرڻ جي ڪوشش به ڪيائون. نتيجو هيءَ نڪتو ته جيتوڻيڪ قبائلي سرشتو گهٽي ياڳي برقرار رهيو پر انصاف ۽ قانون جا مجيل اصول معاشري ۾ داخل ٿيا. تعليم رائج ٿي ۽ هارين ڪڙمين ۽ ڪاسبين کي قومي پيداوار ۾ حصو ملڻ لڳو.

اسان 1843ع کان وٺي آزاديءَ تائين واري عرصي تي نظر وجهنداسين ته ڏسنداسين ته ڪئين وڏا وڏا مدرسا، اسڪول، ڪاليج ۽ اسپتالون انهن ئي جاگيردارن جي مدد سان قائم ٿيا جنهن ۾ جيتوڻيڪ اهو وڏيرو ۽ جاگيردار راضي ڪونه هو پر انگريز حڪمرانن جي راضپي ڏيکارڻ ۽ پنهنجي ”وفاداري“ ثابت ڪرڻ لاءِ ائين ڪرڻو پئجي ويو.

جاگيرداري، وڏيرپ ۽ زميني، اهي سڀ معاشري جا ناسور ۽ هڪ قديم قبائلي حڪمراني جون باقيات آهن جيڪي بهرحال ختم ڪرڻ گهرجن. پر اهو وسارڻ نه گهرجي ته سنڌ جي مخصوص حالت ۾ انگريزان کي فعال ڪري ان کي سماجي بهتري لاءِ ڪتب آندو.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته برطانوي حڪمرانن جي ڪنيل قدمن جي ڪري سنڌ ۾ معاشي ترقي آئي. سنڌي ثقافت، زبان ۽ ادب کي ترقي جو وجهه مليو ۽ اقتصادي ويجهه جا نوان موقعا مليا. سنڌ جي نالي ۾ حڪمرانن قرض کڻي سکر بئراج نهرايو جيڪو 1931ع ۾ شروع ٿيو ته سنڌ ۾ چٽڪ سک جو هڪ نئون دور اچي ويو. اسي لک ايڪڙ زمين آباد ٿي ۽ هزارين خاندان سکيا ستابا ٿي ويا. لڪين ماڻهو هن مان پراپت ڪرڻ لڳا. اجا به بئراج ڪوٽڙي وٽ ۽ سکر کان مٿي ٻڌڻ جو پروگرام ٿي رهيو هو ته ملڪ آزادي جي نعمت سان همڪنار ٿي ويو. ڪراچي کي صنعتي علائقي ۾ تبديل ڪرڻ به ايجنڊا تي هو ته آزادي جي ڪري آبادي جي اٿل پٿل ايڏي وڏي، پئماني تي ٿي جو ان کي سنڀالڻ ڏکيو هو. هندستان مان آيل هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ مهاجرن جو گهڻو حصو ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ ٻين شهرن ۾ آباد ٿيو. سنڌ ۾ نيون صنعتون قائم ٿيون. سنڌ جون پليون زمينون، ان جو سمنڊ، بندرگاهه اهو سڀ ڪجهه مهيا ڪرڻ لڳو جيڪو ڪنهن اسرندڙ صوبي جي لاءِ ضروري ٿيندو آهي، بلڪ جيڪڏهن سنڌ نه هجي ها ته ٻيو ڪو صوبو مهاجرن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ايتري آبادي جو بار سهي نہ سگهي ها.

قيام پاڪستان کان پوءِ، سنڌو دريا تي بہ نوان بئراج ٺاهڻ جو ڪم هٿ ۾ کنيو ويو بلڪ 1949ع ۾ ڪوٽڙي بئراج ني ڪم شروع ٿي ويو جنهن کي لاڙ ۾ اٽڪل ٽيهہ لک ايڪڙ زمين آباد ڪرڻي هئي ۽ انهيءَ کان پوءِ گڊو بئراج جو ڪم شروع ٿيڻو هئو. ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر جا صنعتي علائقا تيزي سان پکڙجڻ لڳا. ڪراچي بندرگاهہ جا برٿ ايندڙ ويندڙ واپار لاءِ گهٽ ٿيڻ لڳا ۽ هر طرف روزگار جا نوان ميدان کلڻ لڳا.

سنڌ جي اها خوشحالي، ون يونٽ جي نهڻ جو ڪارڻ بني ۽ جنهن جا سانباها پاڪستان نهڻ جي هڪدم پوءِ ٿيڻ لڳا هئا. اهو تہ قائداعظم جي لاڏاڻي، لياقت علي خان جي قتل ۽ ڪجهہ چند ٻين واقعن جي ڪري اها اسڪيم تعطل جو شڪار ٿي ويئي نہ تہ ون يونٽ ڪڏهوڪو نهي وڃي ها. پر تنهن هوندي بہ اها حقيقت هاڻي تاريخ جو حصو آهي تہ ڪيئن 1951ع ۾ ايوب خان لنڊن ويندي انهيءَ اسڪيم جو خاڪو تيار ڪيو هو ۽ پوءِ غلام محمد کي انهيءَ کان نہ صرف آگاهہ ڪيو پر انکي آماده ڪيو تہ سمورن صوبن کي ختم ڪري ون يونٽ ٺاهيو وڃي. بهرحال، پنجاه واري ڏهاڪي شروع ٿيڻ سان ملڪ ۾ ٿيندڙ ترقي اثر ڏيکارڻ شروع ڪري ڏنو هو. مٿان ڪوٽڙي بئراج تي نيون ويران زمينون آباد ٿيڻ لڳيون هيون ۽ ٿورن سالن ۾ گڊو بئراج سان ٻيا لکين ايڪڙ پوک هيٺ اچڻ وارا هئا. تنهنڪري ون يونٽ ٺاهڻ جون تياريون زور شور سان شروع ٿي ويون. جيئن ان وقت جي ليڊرن جي بيانن مان ۽ سياسي ڦيرين گهيرين مان ظاهر ٿيندو. سمورو زور انهيءَ ڳالهہ تي هو تہ اهي وسيلا جن تي صرف هتان جي ماڻهن جو ئي حق هو. تن کي قومي وحدت جي نالي ۾ هٿ ڪيو وڃي.

سنڌ جا خودغرض سياستدان، جاگيردار ۽ وڏيرا پنهنجن ننڍن ننڍن مفادن ۽ گروهي سياست جي ڪري وڙهندا رهيا ۽ سنڌ جي وسيلن تي حريص نظرون رکندڙ سنڌ کان ٻاهر ويهي سازشون گهڙيندا رهيا. سنڌ جا سياستدان انهيءَ کان باخبر هوندي بہ انهيءَ سازش ۾ شريڪ ٿي ويا ۽ اولهہ پاڪستان جي وحدت جي نالي ۽ صوبائي تعصب جي ڪوڙي نعري تي سنڌ جا وسيلا ۽ شناخت وڃائي ويهي رهيا.

وقت جي خاموش امين بعد ۾ ڏنو تہ ائين ئي ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 14

# نئين سر آئين سازي
# ون يونٽ سازش جي ڪاميابي
# حڪومت اندر حڪومت

ون يونٽ ٺهڻ کي ٺهي ويو ۽ پنجاب "وڏي ڀاءُ" جي حيثيت سان ننڍن صوبن جي پرگهور لهڻ لاءِ آتو هو پر جمهوريت پسندن ٻه پنهنجي جدوجهد جاري رکي بلڪ تيز ڪري ڇڏي. سنڌ سيني ۾ اڳيري هئي جتي هاري تنظيمن کان وٺي ننڍن سياسي گروهن تائين سڀ هن ۾ شامل هئا. صوبن کي هٽراڏو وحدت ۾ آندل اولهه پاڪستان جي گورنر مشتاق احمد گورماني ۽ وڏي وزير ڊاڪٽر خانصاحب پنهنجا قلمدان سنڀالي چڪا هئا. اتحاد جي نالي ۾ ننڍن صوبن جي حقن ڦٻائڻ جا سمورا سانباها ٿي چڪا هئا. سمورن صوبن ۽ ضم ڪيل رياستن جا فائيل لاهوريئي موڪليا ويا (جن مان گهڻا فائيل اڃا به لاهور ۾ رهيل آهن) ته فيڊرل ڪورٽ فتوي ڏني ته گورنر جنرل کي اولهه پاڪستان جو صوبو قائم ڪرڻ جو اختيار ڪونهي ۽ اهو شرط لڳايو ته جيستائين آئين ساز اسيمبلي منظوري نه ڏئي تيستائين انهيءَ فيصلي ۽ گورنر جنرل جي حڪم کي ڪو درجو حاصل ڪونه رهندو.

نين چونڊن ڪرائڻ لاءِ فيڊرل ڪورٽ اڳ ۾ ئي مولوي تميزالدين ڪيس ۾ حڪم ڪري چڪي هئي پر اهيجاڻ اهڙا ڪونه هئا ته اهي چونڊون ٿين. چاڪاڻ ته اهي چونڊون مڃيل جمهوري اصولن مطابق سڌيون چونڊون ٿيڻ گهربيون هيون. جنهن کان گورنر جنرل غلام محمد ۽ ڪامورا شاهي بچڻ ٿي گهريو. ڪامورا شاهي، جيڪا پنهنجا چنبا اقتدار ۾ نفعي بخش ڪاروبار ۾ کپائي چڪي هئي. تنهن نٿي چاهيو ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو سڌيءَ طرح پنهنجا عيوضي موڪلين، چاڪاڻ تہ هنن ائين سجهيو ٿي تہ انهيءَ طرح هنن جي اختيارين ۾ گهٽتائي اچي ويندي. هنن غلام محمد کي بہ اهڙي صلاح ڏني، جيڪو هنن جي مشوري کان ٻاهر هرگز ڪونہ ويندو هو. ليڪن عدالتي فيصلي کان منهن موڙڻ بہ ناممڪن هو. بهرحال هن ئي ڪامورا شاهي ڪمال هنرمندي سان اهڙي راهہ ڪڍي جو عدالتي حڪم جي پيچڪڙي بہ نہ ٿئي ۽ چونڊون بہ سندس مرضي مطابق ٿين. انهيءَ اسڪيم هيٺ اهو فيصلو ڪيو ويو تہ سڌي طرح نين چونڊن ڪرائڻ بدران صوبائي اسيمبلين کي چيو وڃي تہ هو ڪوٽا مطابق پنهنجي پنهنجي علائقي مان عيوضي چونڊي آئين سازاسيمبلي ۾ موڪلين.

هيڏانهن اعلان ٿيو هوڏانهن اقتدار جا سمورا سڌڙيا پڇ ڏڪ ۾ شامل ٿي ويا. عجيب حالت هئي. عام ماڻهو ويچارو حڪومت، سياستدانن ۽ ڪامورا شاهي جي وچ ۾ پيسجي رهيو هو جڏهن تہ هي ٽئي ڏريون اقتدار جي راند م رڌل رهيون. عام ماڻهوءَ جا مسئلا، جيڪي چونڊن جي دوران منظر عام تي ايندا آهن، سي في الحال پس منظر ۾ ڌڪجي ويا. هر صوبي ۾ گهٽائي گروپ سرگرم عمل ٿي ويا پر هر هنڌ گهٽو ڪري بہ وڏا گروپ هڪٻئي جي آمهون سامهون هئا. پنجاب ۾ دولتانہ ۽ نون گروپ هئا، سنڌ ۾ کهڙو ۽ پير زادو گروپ مدمقابل هئا.

ون يونٽ، پنجاب جي پيداوار هئي، جنهن پوري پاڪستان تي قبضي ڪرڻ خاطر ۽ عددي گهٽائي واري صوبي اوپر پاڪستان جي قوت کي چيپاڻ لاءِ اها چال هلي هئي، تنهنڪري گورنر جنرل غلام محمد چاهيو ٿئي تہ هرحال ۾ سندس گروهہ، يا سندس حمايتي چونڊجي اچن يا گهٽ ۾ گهٽ ائين ٿئي تہ اهڙا ماڻهو چونڊجي اچن جن کي هو سولائي سان پنهنجي پاسي ڪري سگهي ۽ انهيءَ ۾ سڀ کان اهم شرط اهو هو تہ اهڙا ماڻهو اچن جيڪي ون يونٽ جا رکوالا هجن. تنهنڪري غلام محمد جي خفيہ حڪومت (حڪومت ۾ لڪل حڪومت) يعني ڪامورا شاهي اهڙيءَ طرح صوبائي اسيمبلين جي ميمبرن ۾ چوپول هلايو تہ جيڪڏهن هنن سندس ڏسيل ماڻهن کي چونڊيو تہ سندن "پلائي" ٿيندي. ٻين لفظن ۾ سندن من پسند ماڻهن کي چونڊڻ سان سندن ذاتي مفاد، اقتدار ۽ اثر رسوخ جونہ فقط بچاءُ ٿيندو پر انهيءَ ۾ واڌارو بہ ٿيندو. اهڙيون لسٽون تقريبا

هر اسيمبلي ميمبر کي هٿ ۾ ڏنيون ويون.

تقريبا سمورن صوبن ۾ ٻه يا وڌيڪ گروپ ته موجود هئا، جنهن ڪري غلام محمد جو ڪم وڌيڪ سولو ٿي ويو. هن هر گروپ کي ٻئي گروپ جي خلاف استعمال ڪيو، بلڪ جتي ضروري سمجهيو، اتي پنهنجن مخالفن کي رستي تان هٽائي ٻه ڇڏيو. مثال طور پنجاب ۾ ملڪ فيروز خان نون ۽ ممتاز دولتانه پاڻ ۾ ڪونه ٿي نهيا ۽ پنجاب جي سموري سياست هنن ٻن گروپن جي چوڌاري ٿي گهمي. غلام محمد جي ڏسيل چونڊن ۾ مقابلو عام چونڊن جي ابتڙ، صرف گروپن جو جهيڙو هو. سيني کي معلوم هو ته فيروز خان نون، دولتانه گروپ سان نهڻ وارو ڪونه هو تنهنڪري دولتانه هڪ چال هلي. هو گورنر مشتاق احمد گورماني کي ڪنهن طريقي سان پنهنجي طرف ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو تنهنڪري هن "قوم جي مفاد وٽان" پنجاب جي وزير اعلىٰ فيروز خان نون جي وزارت ڊسمس ڪري دولتانه کي حڪومت ناهڻ جي دعوت ڏني.[1]

نون بجا طور تي پاڻ کي ون يونٽ جو مخالف سڏائي غلام محمد جي عتاب کي ذاتي عداوت مان ڪيڻ ٿي گهريو پر حقيقت هيءَ آهي ته هن جو ڏوهه اهو هو ته هن اقتدار ۾ رهڻ ٿي گهريو. گورنر جنرل غلام محمد کي پنهنجن چاڙتن جي ذريعي معلوم ٿي چڪو هو ته فيروز خان نون آهستي آهستي پنهنجي گروهه کي نه صرف مضبوط ڪري رهيو هو پر ان جو دائرو وسيع ڪري رهيو هو. وڏي ۾ وڏي صوبي هئڻ جي ڪري، اقتدار جو سمورو سرچشمو پنجاب وٽ ئي ٿي رهيو، تنهنڪري غلام محمد اهڙي ماڻهو کي پنهنجي لاءِ خطرناڪ سمجهيو. غلام محمد جا انومان انهيءَ وقت پڪا ٿي ويا جڏهن ڪيس خبر پئي ته نه صرف هن پاڻ اقتدار ۾ رهڻ ٿي گهريو پر پنهنجن خاص دوستن چوڌري محمد علي ۽ نواب مظفر علي قزلباش کي به اقتدار جي فيصلہ ڪن دائري ۾ داخل ڪرڻ ٿي گهريو. نتيجي طور گورنر جنرل پنجاب مان نون کي هٽائي دولتانه کي اهو اهم قلمدان سپرد ڪري ڇڏيو جنهن آئين ساز اسيمبليءَ تي اهي ماڻهو

(1) "مون کي خبر هئي ته اها قوت جي آزمائش ٿيندي جنهن ۾ هنن کي فتحمند ٿيڻو هو ۽ مون کي هارائڻو هئو. (پر بظاهر اهو ممڪن ڪونه هو تنهڪري) هنن فيصلو ڪيو ته قوم جي مفاد وٽان منهنجي وزارت ڊسمس ڪئي وڃي. جيڪو عام سولو بهانو هو. بدقسمتيءَ سان اجا تائين اهو "قوم جو مفاد" اسان سمجهي نه سگهيا آهيون. سبب هي آهي ته آءُ ون يونٽ جو مخالف هئس." فرام ميمبري ص245

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چونڊي موڪليا جيڪي غلام محمد جي لسٽ ۾ شامل هئا. نئين دستور ساز اسيمبلي جي چونڊن جا نتيجا سامهون آيا تہ ڪابہ پارٽي قطعي اڪثريت حاصل نہ ڪري سگهي، بلڪ نتيجا اهڙا هئا جو ڪنهن کي سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ ان ۾ ڪهڙيون پارٽيون شامل هونديون جيتوڻيڪ اها سيني کي ڄاڻ هئي تہ گڏيل حڪومت ٺهندي. انهيءَ جو هڪ ڪارڻ اهو بہ هو تہ اوڀر پاڪستان جتان هميشہ اڪثريتي نمائندا ايندا هئا، اتي مسلم ليگ کي ڪاپاري ڌڪ لڳو بلڪ ائين لڳو ڄڻڪ مسلم ليگ ڪڍهن بہ اوڀر پاڪستان ۾ هئي ئي ڪانہ. اتي جي ڪرشڪ سرامڪ پارٽي، ٻن حصن ۾۔ ڪرشڪ سرامڪ ۽ عوامي ليگ۔ ۾ ورهائجي ويئي، تنهنڪري اهوئي انومان هئو تہ جيڪا بہ حڪومت ٺهندي سا خاطريءَ سان مخلوط هوندي.

ائين ئي ٿيو. گرميءَ جي موسم هئي تنهنڪري 7 جولاءِ 1955ع تي پهريون اجلاس ڪوهہ مري ۾ سڏايو ويو. اجلاس شروع ٿيڻ کان اڳ ئي ميمبرن پنهنجا گروپ ناهڻ، مخالف گروپن مان توڙڻ ۽ ٻيا طريقا شروع ڪري ڏنا هئا. مسلم ليگ وارا سڀ کان وڏي آزار ۾ هئا جو ملڪ ناهڻ واري پارٽي هوندي بہ هو ڪل 80 سيٽن مان 26 سيٽوون حاصل ڪري سگهيا هئا. ٻئي نمبر تي ڪرشڪ سرامڪ پارٽي هئي جنهن جي ڪئمپ ۾ 16 ميمبر هئا، ٽئين نمبر تي وڏو گروپ عوامي ليگ جو هو جنهن وٽ 13 ميمبر هئا. ٻين ننڍن گروپن ۾ ڪانگريس 4، پروگريسو 2، اڇوت فيڊريشن 2 ۽ باقي آزاد ميمبر هئا. محمد علي بوگري چاهيو ٿي تہ پاڻ، ڪرشڪ سرامڪ پارٽي سان پارليماني ناهہ ڪري هڪ مخلوط حڪومت ناهي ويهي رهي ۽ پاڻ انهيءَ حڪومت جو سربراهہ ٿي وڃي پر مسلم ليگن کي انهيءَ تي اعتراض هو. عوامي ليگ بہ ميدان ۾ هئي. مسلم ليگ جا بوگره مخالف گروپ بہ پنهنجا پرتورڻ لڳا ۽ نيٺ ممتاز محمد خان دولتانہ ۽ نواب مشتاق گورماني وچي حسين شهيد سهروردي سان مليا جيڪو نيٺ انهيءَ ڳالهہ تي راضي ٿي ويو تہ مسلم ليگ ۽ عوامي ليگ جي مخلوط حڪومت ناهي وڃي. ٻئي ڌريون هڪ ٻئي کي سياسي چالن ۾ آزمائي رهيون هيون. گورماني انهيءَ آسري ۾ هو تہ اڄ جيڪڏهن سهروردي کي وزيراعظم چونڊيو وڃي تہ ممڪن آهي تہ سياڻي هو بہ صدر چونڊجي سگهي ٿو.

گورماني ۽ دولتانہ جو سارو ڪرتب، محمد علي بوگري واري چال کي ناڪام ڪرڻ لاءِ هو، تنهنڪري گورماني ڪنهن لڪاءَ ڍيڻ کان سواءِ، اندران ئي اندر ماٺ ميٺ ۾ پٽي ماڻهن سان ملبو ۽ کين پنهنجي اسڪيم جي حمايت ڪرڻ تي ماڻهن کي آماده ڪيو. هتي اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ چوندن کان پهرين بہ اهڙي صورت حال هئي پر چوندن سان وڏيڪ گهٽي گنڀير تي ويئي چاڪاڻ تہ هاڻي ڪجھ نيون سياسي حقيقتون ابري آيون هيون جن ۾ مسلم ليگ جو اوير پاڪستان مان تڏا ويڙهہ ٿيڻ شامل آهي.

انهيءَ وچ ۾ هڪ نئون فيڪٽر اُڀريو جنهن اقتدار جي هن واضح ۽ لڪل ڊوڙ ۾ سيني اميدوارن کي سهڪائي وڌو، بلڪ اڳتي هلي جيئن پڌرو ٿيو، سيني جون چالون مات تي ويون. ٿيو هيئن تہ ميجر جنرل اسڪندر مرزا انهيءَ وقت وزير داخلہ هو تنهن چوڌري محمد علي سان ڪن ۾ سُس ڦس ڪئي، ۽ کيس اقتدار جي هن پچ پچان کان آگاهہ ڪيائين ۽ انهيءَ سس ڦس ۾ گورنر جنرل غلام محمد ڦرجي ويو. چوڌري محمد علي کي اقتدار جي چڪتاڻ لاءِ سمورين ڪوشش جي خبر هئي، تنهن اسڪندر مرزا کي سموري رپورٽ کان آگاهہ ڪيو ۽ پنهي جڻن طئي اهو ڪيو تہ هو غلام محمد جي چوڌاري ئي رهندا. ڪنهن بہ طرح هن کي اڪيلو ڪونہ ڇڏيندا.

غلام محمد، تن ڏينهن گهٽو نستو تي چڪو هو ۽ گهٽن جو چوڻ آهي تہ هن جو دماغي توازن بہ درست نہ رهيو هو. هن تي اڪثر خود ڪلامي جا دورا پوندا هئا. تمام چيڙاڪ تي چڪو هئو ۽ ذري ذري تي ماڻهن کي دڙڪا ڏيندو هو. شڪي طبيعت اڳ ۾ ئي هئس، تنهنڪري هاڻي ٿوري بہ اڻ وڻندڙ ڳالهہ ٻڌندو هو تہ آراتجي ويندو هو. جيڪڏهن ڪا ڳالهہ وڻندي هئس تہ صرف آرام هو. خبرون اهي بہ آهن پيرا ڊائيز پوائنٽ، نيلم پوائنٽ ۽ هاڪس بي تي پنهنجي پسند جي ماڻهن سان دل وندرائيندو هو ۽ کيس حڪومت جي ڪمن سان ڪا دلچسپي ڪانہ رهي هئي. ڪڏهن ڪڏهن اهم نظامي فيصلا بہ سمنڊ جي ڪناري تي ڪيا ويندا هئا.

چوڌري محمد علي ۽ اسڪندر مرزا تہ پاڇي وانگيان سدائين غلام محمد جي چوڌاري رهندا هئا، تن نيٺ غلام محمد کي ٿوري عرصي لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آرام جي صلاح ڏني. گورنر جنرل کي پنهنجي ئي خبر ڪانه هوندي هئي، تنهن هائوڪار ڪري وڌي ۽ سنت ئي موڪل جي تار برطانوي ملڪ کي موڪلي ويئي. جيستائين موڪل جي منظوري اچي تيستائين اها ڳالهه بنهه راز ۾ رکي ويئي ۽ نه وري ڪنهن کي غلام محمد سان ملڻ ڏنو ويو. خبر تڏهن پئي جڏهن اسڪندر مرزا، گورنر جنرل جي حيثيت ۾ قسم کنيو. 6 آگسٽ 1955ع تي اسڪندر مرزا نئون گورنر جنرل بنجي چڪو هو ۽ سهروردي ۽ گورماني بنهي جا تاڪ لڳي ويا.

جنرل اسڪندر مرزا، انهيءَ ڏينهن جو منتظر هو. هن اها رٿا تمام گهڻي وقت کان ٺاهي رکي هئي ۽ هر قدم تمام سوچي سمجهي کنيو هو. هاڻي جڏهن هو گورنر جنرل بنجي چڪو هو ته هن کي پنهنجي مرضي هلائڻ جو موقعو مليو هئو. تنهنڪري، هن سڀني کان پهرين اهو ڪم ڪيو ته پنهنجن ماڻهن کي حڪومت ۾ شامل ڪري. هن کي خبر هئي ته گورماني ۽ سهروردي هن جي لاءِ ڪهڙو آزار ثابت ٿيندا تنهنڪري هن انهن بنهي جو خيال ئي لاهي ڇڏيو. انهيءَ جي عيوض هن مهم ۾ پنهنجي ساٿي چوڌري محمد علي کي چونڊائڻ لاءِ سمورو زور لائڻ شروع ڪري ڏنو. هن کي اها به خبر هئي ته ڪهڙا پارليماني گروپ ڇا ڪري رهيا آهن ۽ ڇاڪرڻ گهرن ٿا، هن ائين ڦيريون گهيريون شروع ڪري ڏنيون جڏهن کي انهن گروپن جي فيصلن ي ڪا پرواهه ڪانه هئي، البته هو ڪهڙي نه ڪهڙي طريقي سان انهن گروپن تائين اهو پيغام پهچائيندي ٿي ويو ته هو چوڌري محمد علي کي چونڊين.

انهيءَ راهه ۾ هڪ ڳالهه رڪاوٽ هئي اوير پاڪستان جي ميمبرن جي جن چونڊن کان اڳ ۾ ئي فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته پنهنجي صوبي جي ماڻهوءَ کان سواءِ ڪنهن جي حمايت نه ڪندا. اشارو صاف سهروردي ڏانهن هئو. پر هاڻي هنن ۾ قوت پئجي چڪي هئي، ڇاڪاڻ ته ڪرشڪ سرامڪ واري مولوي فضل الحق کي اهو خطرو هو ته جيڪڏهن سهروردي وزير اعظم چونڊجي ويو ته هو عوامي ليگ کانسواءِ ٻين سڀني بنگالي پارٽين کي ڇٽي ڇڏيندو، تنهنڪري گهڻي ويچار کانسواءِ سهروردي جي مخالفت ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. اهو زهر جو ڍڪ پيئڻ کان گهٽ ڪونه هو پر هنن ائين ڪري ڇڏيو. هاڻي هنن وٽ انهيءَ کان سواءِ ٻي ڪا واهه ڪانه هئي ته چوڌري محمد علي کي ئي چونڊين. بنگالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميمبرن جي اها غلطي اڳتي هلي ڪيئن سندن ٿي حقن لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿي، تنهن جو ذڪر اسان اڳتي هلي ڪنداسين، في الوقت حقيقت هيءَ آهي تہ چوڌري محمد علي جو وزير اعظم چونڊجڻ خود انهيءَ ناهہ جي پيچڪڙي هئي جنهن موجب گورنر جنرل هڪ صوبي جو ۽ وزير اعظم ٻئي صوبي جو هئڻ طئي پايو هو. عوامي ليگ جا ڪارڪن انهيءَ چال تي احتجاج ڪندا ئي رهيا ۽ سهروردي کي مجبوراً اپوزيشن جو ليڊر بنجڻو پيو.

چوڌري محمد علي جنرل اسڪندر مرزا جي مدد سان وزير اعظم جي حمايت ۽ مدد سان ٿيو هو ۽ چوڌري ون يونٽ جو زبردست حامي هو. تنهنڪري تاريخ جي شاگرد لاءِ اهو سمجهڻ ڏکيو ڪونهي تہ هن جي چونڊجڻ سان ڪهڙيون تبديليون ايجنڊا تي هيون. چوڌري ايندي شرط پنهنجين اسڪيمن تي عمل شروع ڪرڻ ڏنو يعني ون يونٽ واري فيصلي کي عملي شڪل ڏيڻ ۽ اوپر پاڪستان جي اڪثريت کي اولهہ پاڪستان جي اقليت جي برابر آڻڻ. هو پنهنجي انهيءَ نيت تي ڪيترو ڪاربند رهيو تنهن جو اندازو هن حقيقت مان لڳائي سگهجي ٿو تہ هن اسيمبلي جي پهرئين ئي اجلاس ۾ ون يونٽ جو بل پيش ڪري ڇڏيو.

هڪ طرف مرڪز ۾ اهي سازشون هلي رهيون هيون تہ سنڌ ۽ سرحد ۾ ون يونٽ خلاف ممڻ متل هئو. سرحد تہ اڃا ڪجهہ مانو هئو، سنڌ ۾ ون يونٽ جي خلاف باهہ ٻري رهي هئي، خاموش جيڪڏهن هئو تہ صرف زميندار ۽ مفادپرست طبقو. باقي شاگرد، وڪيل اديب، شاعر ۽ اخبار وارا انهيءَ سازش خلاف آواز اٿاري رهيا هئا ۽ حڪومت جي عتاب جو نشانو بنيل هئا. انهيءَ وچ ۾ هڪ لڪل دستاويز جو چوٻول پوري ملڪ جي توجہ جو مرڪز بنجي ويو. چيو وڃي ٿو تہ اهو دستاويز ميان ممتاز دولتانہ ۽ چوڌري محمد علي تيار ڪيو هو جنهن جو مقصد هي هو تہ ننڍن صوبن جي ماڻهن جا شڪ شبها دور ڪيا وڃن. پر اصل ۾ هن جو مقصد ون يونٽ تي پنجاب جي بالادستي قائم ڪرڻ هئو. هن دستاويز جا لفظ هنريت هئا:

> "... پنجاب جي ماڻهن کي نيٺ پنهنجا حق ملندا، تنهنڪري هنن کي عهدن لاءِ ڪاهي پوڻ نہ گهرجي تاڪ ننڍن صوبن جي ماڻهن ۾ بدگماني پيدا نہ ٿئي... جيڪڏهن ون يونٽ ناڪام ويو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ انھيءَ جو نقصان پنجاب کي ھن صورت ۾ ڀرڻو پوندو جو اوپر پاڪستان ھميشہ لاءِ وڏي ڀاءُ جو ڪردار ادا ڪندو.“

انھيءَ دستاويز جو چوٻول پوري ملڪ، خاص ڪري اولہ پاڪستان جي ڇئني صوبن ۾ پکڙجي چڪو ھو پر جيڪا چڱي ڳالہ ھئي تہ انھيءَ جي اصل نيت کان ماڻھو واقف ٿي چڪا ھئا. انھيءَ ڪري ڏاڍو ممڻ مچي ويو، خاص ڪري انھيءَ وقت جڏھن اھو دستور ساز اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيو ويو.

انھيءَ وچ ۾ اسڪندر مرزا صوبہ سرحد جي وزارت کي ڊسمس ڪري ڇڏيو جيڪا سردار عبدالرشيد جي سربراھي ۾ ھلي رھي ھئي جيتوڻيڪ ھن ويچاري، صوبہ سرحد جي ماڻھن جي مسئلن، ھنن جي گھرجن ۽ حقن کي پويان اڇلي ون يونٽ ناھڻ جي حمايت ڪئي ھئي ۽ ٺھراءُ پاس ڪرايو ھئو. بھرحال، سندس حڪومت ڊھڻ بابت ڪيس مخالف بينچن تي وھڻو پيو.

سنڌ ۾ تہ انھيءَ دستاويز وڏو ممڻ مچايو جنھي اڳ ۾ ون يونٽ جي خلاف ڏاڍي نفرت ھئي، ڪجھہ منظم طريقي ۽ ڪجھہ بي واڳي تحريڪ ھلي رھي ھئي. سرحدي گانڌي خان غفار خان جي سنڌ ۾ جي ايم سيد سان ڏيٽ ويٽ (جيڪا پوءِ گھٽي ويجھڙائپ ۾ بدلجي ويئي) تنھن جي مدد سان نيشنل عوامي پارٽي جو بنياد پيو ۽ جي ايم سيد ئي ان جو سنڌ جو ليڊر بڻيو. ميجر جنرل اسڪندر مرزا جي پڪي قسم کڻڻ کان اڳ ئي انھيءَ جون تياريون شروع ٿي ويون ھيون. سنڌ جا ليڊر بلوچستان ۽ سرحد جي اڳواڻن سان بہ رابطي ۾ ھئا تہ ڪنھن نہ ڪنھن طريقي ون يونٽ جي عملي طرح وجود ۾ اچڻ کان اڳ ۾ انھيءَ اسڪيم کي ناڪام بنايو وڃي. انھيءَ ڪوشش ۾ ٻئي پھلو ھئا. چوڌري محمد علي چاھيو ٿي تہ ڪنھن نہ ڪنھن طرح ون يونٽ جو بل جلد از جلد آئين ساز اسيمبلي ۾ پيش ڪيو وڃي تہ جيئن ون يونٽ جي غير آئيني قدم کي آئيني قرار ڏياريو وڃي پر انھيءَ ۾ گھٽيون رڪاوٽون آڏو ھيون جيتوڻيڪ مرڪزي حڪومت ون يونٽ جو بل زوري صوبائي اسيمبلين کان پاس ڪرائي ڇڏيو ھئو.

انھيءَ وچ ۾ ڪھڙيءَ طرح دستور ساز اسيمبلي ۾ ھيءَ تجويز ھلي ويئي تہ ون يونٽ جي ھڪ سوال تي چونڊون ڪرايون وڃن (ياد رھي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريفرنڊم نہ). انهيءَ تجويز تي چوڌري محمد علي، سياسي واهہ واهہ حاصل ڪرڻ لاءِ ها تہ ڪري چڏي پر "وقت" جو بهانو ڏيئي ان کي ٽاري ڇڏيائين. هن جي خيال ۾ "وقت کي ٽارڻ قومي ايڪي کي نقصان پهچائيندو پر اصل ڳالهہ هيءَ هئي تہ ڪيس خبر هئي تہ هن مسئلي کي ڪٽان نہ ڪٽان ها ايندي. تنهنڪري في الحال سڀ ڪو ماٺ ڪري ويهي رهيو. حڪومت جا حامي جلد کان جلد ون يونٽ جو بل پاس ڪرائڻ ۽ ان کي آئيني حيثيت ڏيارڻ جي خيال کان ۽ ان جا مخالف پنهنجي ٻيهر تورتڪ ڪرڻ جي لاءِ.

بهرحال، چوڌري محمد علي محلاتي ناهہ جوڙ ۽ ڀڃ ڊاهہ کي ترجيح ڏيئي پنهنجو مسئلو حل ڪرڻ گهريو.

هاي سوال اٿيو تہ اولهہ پاڪستان اسيمبلي ڪيئن نهي. هڪ تہ صورت اها هئي تہ چئني صوبن جي صوبائي اسيمبلي ميمبرن کي گڏي هڪ اسيمبلي ناهجي، جيڪا بظاهر تمام وڏي ٿئي ها ۽ ٻي ڳالهہ تہ انهيءَ وقت سرحد ۽ ٻين ون يونٽ کان اڳي وارن صوبن ۾ اسيمبليون ڪونہ هيون تنهنڪري، عملي طور اهو ڏکيو هو. نيون چونڊون ڪرائڻ مرڪزي حڪمرانن ۽ اولهہ پاڪستان ناهڻ وارن سياستدان ٽولي جي حق وٽان ڪونہ هئو، تنهنڪري ڪو وچون طريقو ڳولهڻ ضروري هو تہ جيئن سازشي حڪمرانن جي ڪل ٻچي سگهي.

انهيءَ پس منظر ۾ اها تجويز هلائي ويئي تہ اڳوٽيون صوبائي اسيمبليون پنهنجي پنهنجي ڪوٽا جي حساب سان ميمبر چونڊي مٿي موڪلين جن تي مشتمل هڪ اولهہ پاڪستان اسيمبلي جوڙي وڃي ۽ اها اسيمبلي نين چونڊن تائين ڪم ڪري. ظاهر آهي هن تجويز جو مقصد اهو هئو تہ محدود ماڻهن جي تعداد کي لوڀ لالچ ڏيئي اهڙا ماڻهو چونڊرايا وڃن جيڪي ون يونٽ اسيمبلي ۾ پهچي مرڪزي حڪومت جي حڪم جي بجاوري ڪن ۽ ڪائي چون چرا نہ ڪن.

اهي سازشون جاري هيون ۽ جيستائين ڪو قطعي فيصلو ٿئي، تنهن کان اڳ چوڌري محمد علي، دستور ساز اسيمبلي جي ميمبرن کي ريهي ريبي پنهنجي پاسي ڪري ويو ۽ هڪ ڏينهن اسيمبلي ۾ ون يونٽ جو بل پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. چوڌري جو خيال هو تہ صبح جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بل پيش ٿيندو ۽ شام جو اهو پاس ٿي ويندو، سو رڳو خيالي پلاءُ ٿيو. ميمبرن کي گهٽيون ٿي ڳالهيون معلوم هيون پر ان کان گهڻا انومان ۽ خدشا هئا تنهنڪري بل تي بحث ڊگهو ٿي ويو. نيٺ اهو ٻن مهينن تائين هلندو رهيو.

نيٺ 30 سيپٽمبر 1955ع تي آخري ووٽنگ ڪرائي ويئي. ڪل 43 ووٽ بل جي حمايت ۾ ويا ۽ 13 ووٽ خلاف ويا (سيد نوراحمد جي چوڻ مطابق 5 ووٽ اولهه پاڪستان مان ۽ 8 ووٽ اوڀر پاڪستان مان مخالف ويا).

مرڪزي حڪومت خاص ڪري ون يونٽ جي حمايتي چوڌري محمد علي لاءِ ان کان وڏيڪ ڪهڙي خوشيءَ جي ڳالهه ٿي سگهي ٿي ته دستور ساز اسيمبلي، ون يونٽ جي بل کي پاس ڪري ڇڏيو. هن شخص به صرف پندرهن ڏينهن جو وقفو ڏنو ۽ اعلان ڪيو ته 14 اڪتوبر 1955ع تي ون يونٽ باقاعده طور تي وجود ۾ ايندو، يعني هيستائين ته صوبائي اسيمبلين جي بلن جي آڌار تي اها صرف تجويز هئي ته اولهه پاڪستان جي سمورن صوبن کي ختم ڪري هڪ ئي صوبو قائم ڪيو وڃي، آئين ساز اسيمبلي ۾ بل پاس ٿيڻ سان انهيءَ سازش کي عملي ۽ "قانوني" شڪل ملي ويئي.

14 اڪتوبر 1955ع واري ڏينهن، حڪومت اعلان ڪيو ته سرڪاري طور چراغان ڪيو ويندو. سنڌ جي "نمڪ حلال" سرڪار به انهيءَ جي پوئواري ڪئي. پر عوام ڪونه ڪيو. سنڌ ۾ اهو ڏينهن يوم سياهه ملهايو ويو. هر هنڌ جلسا جلوس ڪيا ويا. ون يونٽ جي مذمت ڪئي ويئي. پوليس، اخبارن جي دفترن، ڪاليجن ۽ ٻين درسگاهن تي پهرا ٻهاريا. ڪجهه جلوس نڪتا، ڪجهه نه نڪري سگهيا ۽ ڪن کي روڪيو ويو. سمورا ون يونٽ مخالف ڪارڪن واڙيا ويا. صوبائي سرڪار جي هٿ ۾ سرڪاري عمارتن تي چراغان ٿيو، جهنڊا چاڙهيا ويا، ۽ ڇچ لوڏيندڙ سياستدانن انهيءَ موقعي تي حڪومت جي پنيرائي جا بيان جاري ڪيا. ميجر جنرل اسڪندر مرزا، انهيءَ پس منظر ۾ پنهنجي اسڪيم کي ٿورو اڳتي وڌايو. هن جلدي جلدي نواب مشتاق احمد گورماني کي اولهه پاڪستان جو گورنر ۽ ڊاڪٽر خانصاحب کي وزارت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اعليٰ جو عهدو ڏيئي مات ڪري ويهي رهيو. هن ائين سمجهيو تہ آئين ساز اسيمبلي کان ون يونٽ جو بل پاس ڪرائڻ سان گڏ هن پنهنجي سموري اسڪيم کي مڪمل ڪري ڇڏيو. پر سچ ائين آهي تہ اجا منزل گهڻو پري هئي. هڪ تہ اولهہ پاڪستان جي اسيمبلي لاءِ نئين سرچونڊون ڪرائڻ ۾ بيو آئين ناهڻ ۾ اهو پاس ڪرائڻ ڇاڪاڻ تہ آئين هيٺ ئي ون يونٽ جي سازش ۾ بين غير قانوني قدمن کي آئيني تحفظ فراهم ٿيندو. پر هاڻي ڪجهہ عقلمند ميمبرن ۾ آئيني ماهرن اهو سوال اٿارڻ شروع ڪيو تہ آئين ڪير تيار ڪندو ۾ ڪير منظور ڪندو؟ ڇاڪاڻ تہ هڪ اهو بہ سوال اٿاريو ويو هئو تہ موجوده وقت جي آئين ساز اسيمبلي، هڪ جڙتو اسيمبلي هئي يعني Choose and pick assembly هئي، تنهنڪري ان کي نہ ملڪ جي ڪروڙين ماڻهن جي لاءِ آئين ناهڻ جو حق هئو ۾ نہ وري ان جي منظوري جو چوڌري محمد علي کي اهو احساس هو تہ هن جي جڙتو اسيمبلي جي ڪهڙي حيثيت هئي، ۾ اهو بہ احساس هئو تہ ڪا اهڙي راهہ ڪيڏڻ گهرجي جو اها ”جي سائين“ واري اسيمبلي بہ قائم رهي ۾ ان جي ڪيل فيصلن کي اڳتي هلي ڪو عدالت ۾ چئلينج نہ ڪري.

۾ سچ هيءُ آهي تہ ڪجهہ وقت پوءِ. انهيءَ دستور ساز اسيمبلي کي اسيمبليءَ جي بدران هڪ ”ڪنوينشن“ ڪوٺيو ويو ۾ ان جي ڪل فيصلن کي ”راڄوڻي فيصلا“ يا ”جرگي جا فيصلا“ قرار ڏنا ويا، بلڪ ان جي پاس ڪيل سمورن فيصلن کي غير قانوني ۾ بنا اختياري جي سڏيو ويو.

بهرحال، انهيءَ وقت صورت اها هئي تہ اسڪندر مرزا ۾ سندس ساڃي هٿ چوڌري محمد علي جي پوري ڪوشش اها هئي تہ انهيءَ دستور ساز اسيمبلي کي تسليم ڪيو وڃي، بيو اهو تہ چونڊون نہ ٿين ۾ ٿيون اهو تہ جيترو جلد ٿي سگهي آئين پاس ڪرايو وڃي.

جيستائين آئين سازي جو تعلق آهي، هاڻي پاڪستان جي قوم سيني کان وڏيڪ مصيبتن زده دور مان لنگهي رهي هئي. اهو تمام گهٽ ماڻهن کي معلوم هوندو تہ گورنر جنرل غلام محمد، اسيمبلي کي ختم ڪرڻ کان پوءِ هڪ Ministry of talent ناهي هئي جنهن ۾ مرڪزي وزير

۽ ان جا سينئير آفيسر شامل هئا ۽ جنهن جي ذميداري ٻين ڪمن کان سواءِ هڪ آئين ٺاهڻ هو. هن وزارت کي ٻيو ڪوئي ڪم ڪونہ هو، سواءِ ان جي تہ ملڪ جي نظام کي بهتر طريقي هلائڻ جي سفارش ڪري ۽ آئين جو خاڪو ٺاهي، اسان هن جو مختصر ذڪر پويان ڪري آيا آهيون، پر اصل ڳالهہ آهي تہ وزارت ٺاهڻ جو مقصد هيءَ هو تہ هڪ اهڙي وفادار انتظامي مشنري ٺاهجي جيڪا عام رعيت کي پنهنجي تابع رکي ۽ "حڪمران يا حڪمران طبقي" کي ڪهڙي بہ طريقي برسراقتدار رکي. انهيءَ نام نهاد وزارت جيڪي سفارشون ڪيون تن جو سڀ کان "زرين ڪارنامو" اها رپورٽ هئي جنهن ۾ هنن اهڙن لفظن جي ڪاريگري ڪئي هئي جو سمورا اختيار، قانون سازاداري جي بدران ڪامورا شاهي وٽ ئي رهن. آئين ٺاهڻ جو ڪم بہ غلام محمد انهيءَ Talented ministry جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. جنهن ڀچ لوڏيندي ئي اهو مسودو تيار ڪري ڇڏيو هو. غلام محمد جي بدقسمتي اها ٿي تہ سموري ڀچ ڊاهہ جي نتيجي ۾ غلام محمد نڪري ويو هئو ۽ هاڻي اسڪندر مرزا ۽ چوڌري محمد علي اڳي ويا هئا. چوڌري محمد علي، پنهنجي محسن غلام محمد جي نهرايل سرڪاري نوڪرن جي مسودي کي ڪٽي اڳتي وڌيو ۽ ان کي پنهنجي تصنيف قرار ڏنائين. گهڻن ماڻهن جو خيال آهي تہ اهو مسودو، مشهور قانون دان الله بخش بروهي (اڪي ـ ڪي بروهي) ٺاهيو هئو ۽ پوءِ گهڻين شاهدين انهيءَ جي ثابتي فراهم ڪئي تہ الله بخش بروهي انهيءَ آئين ٺاهڻ ۾ بنيادي ڪردار ئي ادا نہ ڪيو پر انهي جو سمورو خاڪو، بروهي جي دماغ جي پيداوار هئو.

چونڊن کان پوءِ اوپر پاڪستان ۽ اولهہ پاڪستان جي ڪوليشن چوڌري محمد علي جي هدايتن تي چئن مهينن تائين ان تي غور ڪيو جنهن ۾ ڪوليشن جي پنهنجي راءِ گهٽ، چوڌري محمد علي جو فيصلو وڌيڪ هو.

چوڌري محمد علي، آئين واري اسڪيم جو هڪ وڏو حمايتي هئو تنهنڪري هن چاهيو ٿي تہ اهو بل شق وار منظور نہ ٿئي، چاڪاڻ تہ کيس معلوم هئو تہ شق وار بحث ۾ کيس سخت مخالفت ۽ ڏکيائي جو منهن ڏسڻو پوندو، تنهنڪري هن جي سموري اها ڪوشش هئي تہ آئين وارو بل،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يڪي مسودي جي صورت ۾ پيش ٿئي.

چوڌري محمد علي، قسم کڻڻ وقت اهو وعدو ڪري چڪو هو تہ هو چئن مهينن ۾ آئين پيش ڪندو ۽ هن اها تاريخ وڃائي، پنهنجي ساک وڃائڻ نٿي گهري. تنهنڪري هن ميمبرن تي زور ڏنو تہ پهرين، ٻين ۽ ٽين پڙهڻي جلد از جلد مڪمل ڪن. شق وار بحث ٿيو ئي ڪونہ. ٿيو ائين ڊسمبر 1955ع تي پارليماني پارٽي بل جو مسودو پاس ڪيو ۽ 5 جنوري 1956ع تي بل جي صورت ۾ تيار ٿي ويو. اسيمبلي ۾ تقريباً سمورين ننڍين پارٽين (جيڪي نہ جيترين هيون) انهيءَ آمرانہ عمل جي خلاف آواز اٿاريندين رهيون پر اهو بل جي مسودي جي شڪل ۾ پيش ٿي چڪو هو. بہ ڏينهن عوامي نمائندن ۽ خود عوام ۾ انهيءَ بل جي مسودي تي زبردست بحث جاري رهيو. پر حڪمران ٽولي انهيءَ جي پرواهہ ڪرڻ کان سواءِ 8 جنوري 1956ع تي انهيءَ بل جي مسودي کي عام ماڻهن لاءِ اخبارن جي ذريعي پڌرو ڪري ڇڏيو تہ جيئن ايوان کان ٻاهر ماڻهن جي ردعمل کي ڄاڻي سگهجي ۽ انهيءَ جو جواب ڏيئي سگهجي.

هن مسودي جو جاري ٿيڻ، پنهنجي جاءِ تي هڪ وڏي گوڙ جو پيش خيمو ثابت ٿيو. بنيادي طور تي سيني پارٽين هن مسودي جي مخالفت ڪئي. ڀلي اها منظم پارٽي هجي يا ٿورڙن حمايتين جي پارٽي، سيني هن آئيني تجويز جي مخالفت ڪئي. پر سيني کان ڏکي ڳالهہ جيڪا چوڌري محمد علي ۽ اسڪندر مرزا کي لڳي سا هيءَ هئي تہ هيءَ مسودو رد ڪيو ويو. ون يونٽ جو مسئلو تہ اڳيان هو پر ڇاڪاڻ تہ هن سيمت ٻيا ڪيترا مسئلا مستقل آئيني حيثيت اختيار ڪرڻ وارا هئا، انهي ڪري ميمبر سخت انتشار، انتظار ۽ تفريق جي ڪيفيت ۾ هئا.

خود حڪمران مخلوط حڪومت اضطرابي ڪيفيت جو شڪار هئي بلڪ ٻن نڪتن تي ان ۾ سخت اختلاف هئو. هن ۾ صوبائي خودمختاري تہ سمجهہ ۾ اچي ٿي تہ اها حل ٿيڻ ضروري هئي ۽ اها حڪمران طبقي کي پهريائين تنگ ڪندي رهي هئي، پر موتمار مسئلو هئو تہ چونڊون گڏيل ٿين يا ڌار.

سمورن جمهوري سوچ رکندڙ ماڻهن جو خيال هئو تہ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ مسلمانن کي ڪنهن تحفظ جي ګهرج ڪانہ هئي تنهنڪري ڌار

چونڊن جو طريقو بند ختم ڪري ڇڏجي. پر حڪمران ڌر جو خيال هئو ته جدا چونڊن وارو طريقو اختيار ڪرڻ ضروري آهي. بهرحال، ڪمزا اختيار ڪنهن وٽ هجن، تنهن تي جيئن تيئن ڪري ناهه ٿي ويو. باقي چونڊن جو طريقو ڪهڙو هجي تنهن تي اجا ناهه نه ٿي سگهيو. خيالن جي گهٽي ڏي وٺ کان پوءِ نيٺ اهو طئي ٿيو ته اهو مسئلو اينڊڙ اسيمبلي تي ڇڏيو وڃي.

جنوري 9، 1956ع تي آئين ساز اسيمبلي جو اجلاس شروع ٿيو ۽ پهرين ئي اجلاس ۾ آئين جو مسودو پيش ڪيو ويو. حڪمران ڌر ڪا خاص دلچسپي ڪانه ڏيکاري. هن جا اڪثر ميمبر يا گهٽ ايندا هئا يا وري ڪئنٽين ۾ ويٺا هوندا هئا. سهروردي اپوزيشن جي بينچن تي ويٺو ۽ آئين جي هر نڪتي تي زبردست مخالفت ڪندو رهيو. سهروردي جو خيال هئو ته آئين کي هروپرو اسلامي رنگ نه ڏجي بلڪ ان جي تمهيد ۾ "اسلامي جمهوريه پاڪستان" تي به سخت اختلاف هئس ۽ ڪوشش ڪندو رهيو ته اهي لفظ نه اچن. بهرحال انهيءَ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيو. هن جو خيال هئو ته پاڪستان جو آئين سيڪيولر طرز جو هجي ۽ اهو به شرط نه هجي ته پاڪستان جو صدر لازمي طور مسلمان هجي. سرڪاري ڌر جي پوري ڪوشش هئي ته سهروردي جون پيش ڪيل ترميمون اختيار نه ڪن ۽ ٿيو به ائين. چوڌري محمد علي، اڪثريت جي زور تي سندس سموريون تجويزون ٺڏرائي ڇڏيون. البت اهو ضرور طئي ٿيو ته جدا چونڊون نه ڪرايون وڃن بلڪ اهو مسئلو اينڊڙ اسيمبلي لاءِ ڇڏيو وڃي.

سرڪاري ڌر، مخالف بينچن جي هر تجويز کي بلڊوز ڪري، آئين جون سموريون پڙهٽيون مڪمل ڪري ورتيون ۽ 29 فيبروري تي آئين منظور ڪرائي ورتو. ٻي مارچ 1956ع تي آئين جو بل گورنر جنرل اسڪندر مرزا کي موڪليو ويو جنهن ساڳي ڏينهن تي صحيح ڪري ان کي آئيني حيثيت ڏئي ڇڏي. آئين ۾ ڪل 13 باب ۽ 245 آرٽيڪل هئا. هن هيٺ ملڪ جو انتظامي ڍانچو پارليماني رکيو ويو جنهن جو صدر پارليامينٽ جو ميمبر هوندو، ڪابينه وزير اعظم جي اڳواٽي ۾ ڪم ڪندي ۽ صدر، وزير اعظم جي صلاح سان ڪم ڪندو. اختيارين کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽن حصن ۾ ورهايو ويو: وفاقي، صوبائي ۽ ٻنهي جا گڏيل ريزيڊيو اختيار صوبن جي حوالي ڪيا ويا.

آئيني بل صحيح ٺيڪ واري تاريخ تي اسڪندر مرزا، صدر جي طور تي قسم کنيو. آئين کي تڪڙ ۾ پاس ڪرائڻ جو مقصد ڪهڙو هئو. تنهن بابت ڪئين انومان آهن. هڪ خيال هيءُ آهي ته چوڌري محمد علي ون يونٽ کي تحفظ ڏيڻ گهريو ٿي ته جيئن اوير پاڪستان جي اڪثريتي حيثيت کي ختم ڪري سگهي. اسڪندر مرزا ۽ ايوب خان جيڪي چوڌري جي ويجها هئا، تن کي به معلوم نه ٿي سگهيو. بهرحال، ٻيا گهٽيئي ڪارڻ به ٿي سگهن ٿا پر اها حقيقت ڪا راز ڪانه رهي آهي ته ايوب خان ۽ اسڪندر مرزا به انهيءَ سازش ۾ ساٿس شريڪ هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 15

## پيج ڊاھہ

ون يونٽ بہ نھي ويو ۽ ان کي آئيني تحفظ بہ ملي ويو پر ان جي پاڙن کي پڪو ڪرڻو ھئو تنھنڪري محلاتي ناھہ جوڙ جاري ھئو. چوڌري محمد علي ۽ اسڪندر مرزا انھيءَ ڪم ۾ سيني کان اڳرا ھئا.[1] ھنن ون يونٽ جي قانوني شڪل ملڻ کان اڳ ئي ڊاڪٽر خان صاحب کي تجويز ڪيل اولہ پاڪستان جو وزير اعليٰ بنائي ڇڏيو ھئو ۽ گورنر مشتاق احمد گورماني کي. ھنن 14 اڪتوبر 1955ع تي پنھنجن عھدن جا قسم کڻي ڇڏيا ھئا ۽ جڏھن تہ صوبائي اسيمبليءَ جون چونڊون تي مھينا پوءِ جنوري 1956ع ۾ ٿيون. ظاھر آھي تہ سمورا وڏيرا. چوڌري، سردار ۽ خان ھن اسڪيم ۾ پنھنجا مفاد ڏسيو ويٺا ھئا. تنھنڪري مسلم ليگ واضح اڪثريت سان چونڊجي آئي ۽ وزير اعليٰ جي چونڊ اسيمبليءَ ۾ اندر ٿيڻي ھئي.

چوڌري محمد علي ۽ اسڪندر مرزا کي من اندر ڪجھہ پيو ھئو تنھنڪري ھو انھيءَ طريقي مان خوش ڪونہ ھئا. انھيءَ وچ ۾ مسلم

(1) ايوب خان گھڻو عرصو پوءِ پنھنجي ڪتاب ۾ انھيءَ جو سمورو گناھہ سھروردي تي مڙھيو. لکي ٿو: ”سھروردي، ون يونٽ جو زبردست حامي ھئو. اصل ۾ ون يونٽ جو بل لکيوئي سھروردي ھئو ۽ اھو پيش بہ کيس ئي ڪرڻو ھئو... پر پوءِ جڏھن چوڌري محمد علي کي وزير اعظم مقرر ڪيو ويو تہ ھو ون يونٽ جي تجويز تان ڦري ويو ۽ چيائين تہ ون يونٽ جي بل تي رفرنڊم ڪرايو وڃي. سيپٽمبر 1956ع ۾ جڏھن چوڌري محمد علي، سھروردي لاءِ جاءِ خالي ڪئي تہ ھو اسڪندر مرزا جي نظرن ۾ سنو ماڻھو ليکجڻ لڳو.... ۽ ھڪ گھمرو وري ون يونٽ جو زبردست حامي بنجي ويو. ايوب خان. فرينڊس. نات ماسٽرس ص54_ 55.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليگ جي نئين سرجوڙ جڪ تي جنهن ۾ سردار عبدالرب نشترکي مسلم ليگ جو سربراهہ چونڊيو ويو. هاڻي سندس ئي صلاح سان ايوان اندر پارٽي ليڊر چونڊڻو هئو ۽ آثار اهي هئا تہ ڊاڪٽر خان صاحب کونہ چونڊجي سگهبو. جنهن جا گهڻئي ڳجها ڪارڻ هئا. بهرحال، اها ڳالهہ سمورن ميمبرن کي معلوم هئي تہ سردار نشتر جي هوندي، ڊاڪٽر خان صاحب، ليڊر آف دي هائوس کونہ چونڊبو. اسڪندر مرزا کي اها ڳالهہ بنهہ ڪانہ ٿي آئڙي، تنهن پنهنجا جتن هلائڻ شروع ڪيا- انهيءَ حد تائين جو هو ڪنهن بہ مرحلي تي جهيڙو ڳنڍڻ لاءِ تيار ٿي ويو. ٻنهي ڌرين جي طرفان ماڻهو ناهہ ڪرائڻ لاءِ تيار ٿيا. ڳالهيون ٿيون نيٺ اسڪندر مرزا انهيءَ لاءِ تيار ٿي ويو تہ پلي ايوان جو ليڊر ڪير بہ چونڊجي ۽ وزارت بہ انهيءَجي مرضيءَ سان ٺهي پر وڏو وزير ڊاڪٽر خان صاحب ئي رهي. ائين ٿيڻ غيرپارليماني هئو.

نيٺ اها ڳالهہ وائکي ٿي. ميمبرن کي معلوم ٿيو ۽ چاڪاڻ تہ اها چونڊ ڪرڻ سندن حق هئو، تنهنڪري هنن ڊاڪٽر خان صاحب کي ڏڪڻ جو فيصلو ڪيو. گورنر مشتاق گورماني بہ انهيءَ ڪيڏ ۾ شامل هئو پر مسلم ليگ جي اڪثريت کي ٽوڙڻ ڏاڍو ڏکيو هئو. ڪي واضح گروپ بہ موجود کونہ هئا پر گورماني جي دماغ هٽي وچي هنڌ ڪيو. هن نئين پارٽي ٺاهڻ جو سوچيو. ڏانڊلي جي حد هئي. پارليماني تاريخ ۾ هن کان اڳ ڪڏهن ائين کونہ ٿيو هئو تہ ايوان ۾ اڪثريت هئڻ جي باوجود مسلم ليگ حڪومت نٿي ٺاهي سگهي. سردار عبدالرب نشترکي جڏهن اهو معلوم ٿيو تہ هن معاملي تي ويچارڻ لاءِ 2 اپريل تي لاهور ۾ مسلم ليگ جو اجلاس گهرايو. وڏو هنگامہ خيز اجلاس هئو. ڊگهيون تقريرون ٿيون ميمبرن هڪٻئي تي ۽ حڪومتي مشنري تي ڏاڍا چوهہ چنڊيا. نيٺ اهو فيصلو ٿيو تہ مسلم ليگ ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي وڏو وزير نہ چونڊيندي جيڪو مسلم ليگ جو ميمبر نہ هوندو ۽ لٽ ڏيئي سردار بهادر خان کي پنهنجو ليڊر چونڊي ورتو.

هيءَ فيصلو جهيڙي جو سگنل هئو. هڪ طرف ميمبر هئا جيڪي گهڻائي ۾ بہ هئا تہ کين انهيءَ فيصلي جو حق بہ هئو ۽ ٻئي طرف چوڌري محمد علي، گورماني ۽ اسڪندر مرزا هئا. انهيءَ وچ ۾ گورماني، اسڪندر مرزا سان ملاقات ڪري نئين چال تي ڳالهہ ٻولهہ ڪري چڪو هئو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسڪندر مرزا هن کي اشارو ڏيئي ڇڏيو هو. سو هوڏانهن مسلم ليگين پنهنجي فيصلي جو اعلان ڪيو. هوڏانهن ڊاڪٽر خان صاحب بہ چار ميمبر گڏ ڪري ريپبليڪن نالي پارٽي ٺاهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو.

پارٽي جو اعلان ڪرڻ کان اڳ ڊاڪٽر خان صلاح ڪيترن ميمبرن سان ڳالهائي چڪو هئو. هر ميمبر جي حمايت جي پنهنجي قيمت هئي، اها طئي ٿي، فائدن جي لالچ، مفاد پرست ماڻهن لاءِ وڏي پڪ ٿيندي آهي، تنهنڪري هيڏانهن ڊاڪٽر خان پارٽي جو اعلان ڪيو هوڏانهن ميمبر ريپبليڪن ۾ شامل ٿيڻ لڳا. سموري سياست جو ميدان وزير اعظم جو گهر ٿي ويو. چوڌري محمد علي ميمبرن کي طرح طرح جون ڌمڪيون، لالچون ۽ اشارا ڏيڻ لڳو. جيڪي سوليءَ طرح لالچ ۾ آياسي ٺيڪ هئا، ٻين کي ڌمڪيون مليون پر ڪن جي پويان پوليس پارٽيون ڇڏيون ويون.

مسلم ليگ جي اڳواڻن جون وايون بتال ٿي ويون. هن نئين چال جي ڪين ڪا خبر ڪانہ هئي بهرحال، هنن انهيءَ جي ٽوڙ ڪيڻ لاءِ هڪدم اسيمبلي اجلاس گهرائڻ جو مطالبو ڪيو پر گورنر گورماني بہ انهيءَ جو ٽوڙ ڳولهي لڌو. پارليماني پارٽيءَ کي چيائين تہ وزير اعليٰ ڊاڪٽر خان آهي، تنهنڪري ان جي مشوري کان سواءِ اجلاس نہ گهرايو ويندو ۽ هو سندس مشورو ايستائين وٺندو رهندو جيستائين هن خلاف بي اعتمادي جي رٿ منظور نٿي ٿئي. پارليماني پارٽي روز گورنر سان ڳالهائيندي هئي ۽ گورماني ساڳيو جواب ڏيندو هئو. انهيءَ ڏي وٺ ۾ هڪ مهينو لنگهي ويو پر ڪو حل ڪونہ نڪتو، جڏهن تہ ڊاڪٽر خان پنهنجي جوڙ توڙ ۾ لڳو رهيو. مسلم ليگ کان صرف اهو پڳو تہ هو پنهنجو اجلاس گهرائي، گورماني تي طرفداري جو الزام لڳائي ۽ اجلاس نہ گهرائڻ واري قدم کي غير آئيني قرار ڏئي، سو هن ڪيو.

سڄو سارو مهينو، لالچي ميمبرن کي ٽوڙڻ لاءِ ڪافي هئو. تنهنڪري مئي جي شروع ڌاري گورماني کي محسوس ٿيو تہ هاڻي اجلاس سڏائي سگهجي ٿو. سو 19 مئي 1956ع تي اجلاس سڏايائين. ظاهر آهي تہ هيڙي پيچ ڊاهہ کان پوءِ اجلاس ۾ زبردست ڪشيدگي ٿيڻي هئي. اجلاس شروع ٿيو. ڏاڍو ڪشمڪش جو عالم هئو. مسلم ليگ اسيمبلي جي صدارت لاءِ سنڌ جي مير غلام علي ٽالپر کي نامزد ڪيو. ريپبليڪن پارٽي، چوڌري فضل الاهي کي نامزد ڪيو. ڏسڻ ۾ مسلم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليگ جا ميمبر گهٽائي ۾ هئا پر ريپبليڪن اها چال هلي جو ووٽنگ وقت زبردست گوڙ شور شروع ڪري ڏنو. هال هڪ مڇي مارڪيٽ ۾ تبديل ٿي ويو. ڪنهن کي سڌ ڪان ٿي پئي ته ڪير ڇا ٿو ڪري ۽ ڇا ٿو ڳالهائي. راءِ شماري جو ته سوال ئي نٿي پيو. نيٺ صدر کي چيو ويو ته هو ڳڻپ ڪري. گوڙ اڃا جاري هئو. تنهن جو فائدو وٺي صدر چيو ته ٻنهي طرف هڪجيترا ووٽ آهن تنهنڪري هو پنهنجو ڪاسٽنگ ووٽ استعمال ڪندو. ظاهر آهي ته اهو مانداڻ انهيءَ ڪري مچايو ويو هئو تنهنڪري ڪاسٽنگ ووٽ ريپبليڪن اميدوار جي حق ۾ ويو. بس اعلان ٿيو ته ريپبليڪن پارٽي کٽي ورتو. پارليماني تاريخ ۾ اهو پهريون پيرو ٿيو هئو ته ڪا اڪثريتي جماعت، پنهنجن ميمبرن جي گهٽائي جي باوجود، هڪ سازش جو شڪار ٿي وئي.

اصل پيچ ڊاهه، هاڻي شروع ٿي. مسلم ليگ جي ميمبرن ڏٺو ته سموري سياسي بساط ئي بدلجي ويئي. تنهنڪري هنن به وفاداريون بدلائڻ واري سڌ تي لبيڪ چوڻ شروع ڪري ڏنو. وفادارين جو ملهه ٿيڻ لڳو ۽ ڪئين مسلم ليگي، بينچون بدلائي چڪا هئا. مسلم ليگ جي لاءِ اها ڏاڍي ڏکي واري ڳالهه هئي. نئين سر منظم ڪرڻ لاءِ اڃا وقت گهربل هئو، پر جيستائين ائين ٿئي تيستائين ريپبليڪن وزارت پنهنجا پير کوڙي ويندي تنهنڪري مسلم ليگ ٻيا امڪان تلاش ڪرڻ لڳي. نيٺ هنن کي به سمجهه ۾ آيو. هنن عوامي ليگ سان ناهه ڪرڻ جو سوچيو.

عوامي ليگ جو سهروردي اڳ ۾ اهڙين سياسي چالن کان ڏڪجي چڪو هئو. سندس وزير اعظم بڻجڻ جو خواب به انهيءَ قسم جي سازشن ۾ منتشر ٿي چڪو هئو.

هينئر نئين سر مسلم ليگ جي طرفان دوستي جي هٿ ملڻ تي ڪو گهڻو خوش ڪونه هئو. مسلم ليگ وارن کي به عوامي ليگ سان ناهه ڪرڻ زهر جو ڍڪ پيئڻ جي برابر پئي لڳو. سڀ کان ڏکي ڳالهه هيءَ هئي ته ڪهڙي نڪتي تي ناهه ٿي. ڪهڙا ڪهڙا اختلاف دور ڪن. سهروردي ون يونٽ جو مخالف هئو ته مسلم ليگ ان جي حامي هئي، سهروردي گڏيل چوندن جو حامي هئو ته مسلم ليگ وري مخالف. بهرحال، عجيب ستم آهي. پاڪستان جي سياست ۾ اهڙي بي اصولي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ ٿيندي آهي، سو في الحال سموريون ڳالهيون ۽ شرط ڇڏي ہنهي ناهہ ڪيو ۽ مسلم ليگ، عوامي ليگ جي حمايت ڪرڻ لڳي. اهو پرم گهٽو پوۓ ڦاٽو تہ نہ سهروردي کي مسلم ليگين سان همدردي هئي ۽ نہ وري مسلم ليگ کي عوامي ليگ جي پروگرام سان ڪا دلچسپي هئي. سهروردي خود بہ اقتدار جو ڪوڏيو هئو. انهيءَ جو هڪ ثبوت اهو آهي تہ سهروردي پاڻ بہ ريپبليڪن کي حمايت جي پڪ ڏياري هئي پر اول تہ سهروردي شرط ڏاڍا ڏکيا وڌا هئا. پر اصل ڳالهہ هيءَ هئي تہ ڊاڪٽر خان، هن راند ۾ ڪجهہ ڪونہ هئو. اصل ماٺهو تہ اسڪندر مرزا ۽ گورماني هئو. ڊاڪٽر خان تہ صرف هڪ وفادار مهرو هئو. انهيءَ ڪانسواءِ. ڊاڪٽر خان کي ون يونٽ برقرار رکڻ لاءِ آندو ويو هئو. سو سهروردي کي ڪيئن ويجهو اچڻ ڏئي ها جنهن جا ون يونٽ جي باري ۾ خيال سيني کي معلوم هئا.

مسلم ليگ بيوس بنجي چڪي هئي. اها صورت حال مسلم ليگ جي ليڊرشپ کي ڪانہ وڻي، تنهنڪري هاڻي هن لاءِ صرف اها واٽ وڃي بچي هئي تہ ڪا اهڙي صورت ڪڍي جو حڪومت وري واپس اچي. مسلم ليگ، چوڌري محمد علي جي حمايت ڪرڻ تان بہ هٿ ڪڍي ڇڏيو جنهن ڪري هاڻي چوڌري کي اچي خوف ورايو تہ وزارت اعظمي جو عهدو نہ کسجي وڃي، تنهنڪري هن بہ ائين سوچڻ شروع ڪيو جيئن ڊاڪٽر خان ڪيو هئو يعني هو بہ ڪا نئين پارٽي ناهي. پر انهيءَ ۾ وري بہ اهو ضروري هئو تہ اسڪندر مرزا جي حمايت حاصل هجي، سو ٿيڻو ڪونہ هئو. هاڻي ہي ڪا واهہ نہ ڏسي، چوڌري 8 سيپٽمبر 1956 تي پنهنجي عهدي تان استعيفا ڏئي ڇڏي.

اسڪندر مرزا ڦاسي پيو. هاڻي ڇا ڪري. عوامي ليگ هن کي ذرو ڪونہ ٿي وڻي. مسلم ليگ ۾ ڪنهن کي هن موزون ڪونہ ٿي سمجهيو. بلڪ ائين ڪرڻ سان مسلم ليگ هڪ گهمرو وري اُيري ايندي. ملڪ ۾ آئيني بحران پيدا ٿي ويو هئو. پر هو ان کي آئيني طريقي حل ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ هئو. ڇاڪاڻ تہ ان ۾ کيس مات ٿي ملي. تنهنڪري هن پنهنجن مشيرن سان صلاح ڪئي. چالن ۽ سازشن ذريعي حڪومت ڪندڙن کي ڪنهن ڪمزور حڪمت جي ئي گهرج هوندي آهي، سو اهڙي مخلوط حڪومت جو سوچيائين جنهن ۾ مسلم ليگ اپوزيشن جي بينچن تي وينل نظر اچي. اهڙو امڪان تہ صرف هن حالت ۾ هئو تہ هو

سهروردي کي چئي تہ اهو عهدو سنڀالي پر مسئلو هئو تہ عوامي ليگ کي واضح اڪثريت نہ هئڻ ڪري هن کي مسلم ليگ يا ريپبليڪن سان ناهہ ڪرڻو پئي پيو. اسڪندر مرزا کي، پنهي صورتن ۾ پوئين شڪل وڌيڪ مناسب ٿي لڳي يعني سهروردي، ريپبلڪن سان ملي ڪوليشن ناهي. اهڙيءَ طرح مسلم ليگ اپوزيشن ۾ ويهندي ۽ سهروردي سدائين ريپبليڪن جي حمايت حاصل ڪرڻ تي مجبور هوندو.

نيٺ ائين ٿيو. سهروردي دعوت قبولي ۽ 12 سيپٽمبر 1956ع تي وزارت اعظمي جو عهدو سنڀاليو.

راتورات پارٽي بنجڻ واري- ريپبليڪن ۾ شامل ٿيڻ وارن ۾ فيروز خان نون بہ هئو، سو هن ناهہ تي ۽ سهروردي جي وزير اعظم ٿيڻ تي ڏاڍو خوش ٿيو هئو. چيو وڃي ٿو تہ نون، سهروردي ۽ اسڪندر مرزا جي درميان ناهہ ڪرائڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو هئو، تنهن خدمت جي عيوض نون کي وزير خارجہ بنايو ويو. ايوب خان وري اهو ڪريڊٽ پاڻ کڻي رهيو هئو. بهرحال، انهيءَ ڏي وٺ تي اوپر پاڪستان ۾ ڪو گهڻو گوڙ ڪونہ ٿيو چاڪاڻ تہ نہ چاڻان ڇو بنگالين کي اهو احساس ٿي چڪو هئو تہ سهروردي جي اقتدر سنڀاليندي ئي صوبائي خود مختاري جو مسئلو حل ٿي ويندو.

هوڏانهن اولهہ پاڪستان جي ناهيل ون يونٽ اسيمبلي جي اندر ۽ ٻاهر بہ ساڳئي قسم جون سياسي ڪيڏون ٿي رهيون هيون. اها تہ سيني کي ڄاڻ هئي تہ ڪنهن جي من ۾ ڪهڙي ڳالهہ آهي. پنجاب جي مفاد پرست ميمبرن ۽ ڪامورا شاهي جي ڳالهہ تہ سمجهہ ۾ اچي ٿي پر سنڌي وڏيرا ۽ لالچي سياستدان بہ مات ڪري سندن سازشن ۾ شريڪ هئڻ جو ثبوت ڏيئي رهيا هئا. بهرحال، سنڌ اندر سياسي هلچل جي ڪري هاڻي ون يونٽ اسيمبلي ۾ سنڌي ميمبر ٻن ڪيمپن ۾ ورهائجي چڪا هئا: هڪ اهي جيڪي ون يونٽ جا حامي ٿي عهدن جي پويان ڊوڪي رهيا هئا ۽ ٻيا اهي جيڪي ان جا مخالف هئا ۽ ٻين صوبن جي اهڙن ميمجبرن سان ملي انهيءَ اسڪيم کي ختم ڪرڻ جون ڪوششون ٿي ڪياڻون. بهرحال، اها منزل اڃا گهڻي پري هئي. في الحال تہ استحصال جي اڃا شروعات ٿي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 16

# ون يونٽ: برقرار رکڻ جون ڪوششون ٽوڙڻ جو ٺهراءُ

پاڪستان ٺهڻ جي پهرين ڏينهن کان وٺي، سنڌ عام طور ۾ ڪراچي جو شهر خاص طورو ڏي عذاب ۾ رهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ وچ اوير ۾ نارواري علائقي کان وٺي بمبئي ۾ پوءِ سري لنڪا تائين، پوري علائقي ۾ ڪو بندر ڪونهي تنهنڪري انگريزن هتي پير جمائڻ کان اڳ ۾ ئي ڪراچي تي اک رکي هئي. برصغير جي تاريخ جي طالب علمن کي معلوم هوندو تہ انگريزن هتي اچڻ کان اڳ ۾ پوري سروي ڪئي هئي بلڪ ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ هڪ فيڪٽري بہ انهيءَ خيال کان قائم ڪئي هئي تہ هنن کي هتي واڳون سنڀالڻ ۾ مدد ملندي. هنن جي نظر تہ پنجاب، افغانستان، ايران ۽ وچ ايشيا تي هئي جنهن جي لاءِ واحد رستو ڪراچي هئو. تنهنڪري هنن سنڌ تي هروڀرو قڏو ڪري قبضو ڪري ورتو ۽ پوءِ پهريون ڪم اهو ڪيو جو ڪراچيءَ کي ترقي وترايائون.

گهٽو پوءِ فلپ ووڊ رف، انگريز مورخ پنهنجي ڪتاب The men who ruled India ۾ انگريز حڪومت جي انهيءَ لاءِ کي لڪائي نہ سگهيو تہ هندستان جي گاديءَ جي هنڌ لاءِ ڪلڪتي کان ڪئين گهمرا وڏيڪ موزون هنڌ ڪراچي ٿيندو جنهن جي ذريعي پوري برصغير ۾ وچ ايشيا تائين پهچ ٿي سگهي.

ڪراچي بندرگاهہ جي اها حثييت گهٽي ڪانہ پر هر ڏينهن وڌندي رهي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ملڪ جو واحد بندرگاهہ بنجي ويو تنهنڪري پوري صنعتي ۽ تجارتي سرگرمين جو مرڪز بنجي ويو. ستت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي صنعتون پورڻ لڳيون. افغانستان، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان جو واپارهتان هلڻ لڳو. روزگار جون سهولتون وڌيون. تعميراتي ڪم ٿيڻ لڳا ۽ ڏسندي ڏسندي هر طرف پکڙجڻ لڳو. ملڪ جي سمورن علائقن مان روزگار جا ڳولائو ته اچي نڪتا پر ڪئين سالن تائين هندستان مان وڏي پيماني تي مهاجرن جي آوت به جاري رهي ۽ سمورن گهڻو ڪري رخ ڪراچي ڪيو.

اهو ته متي چئي چڪو آهيان ته قائداعظم ڪراچي کي گاديءَ جو هنڌ بنائي ان جو انتظام 1948ع کان ئي وفاق جي حوالي ڪري ڇڏيو هئو جنهن ڪري ويترئي شهر جي اهميت وڌندي ويئي ۽ انهيءَ تناسب سان مسئلا به وڌندا ويا.

پر انهيءَ سرگرمي، ويجهه ۽ اوسر، ڪراچيءَ کي سمورن صنعتڪارن، ڪامورا شاهي ۽ سيڙپ ڪارن جي دلچسپي جو مرڪز به بنائي ڇڏيو هئو. جتي اولهه پاڪستان جي سيڙپ ڪارن هتي پئسو لڳايو هئو اتي اوڀر پاڪستان جي وڏن سرمائيدارن جا به پئسا لڳا پيا هئا. تنهنڪري هر ڪنهن چاهيو ٿي ته هنن جي سيڙپ به محفوظ رهي ۽ ان ۾ واڌ به اچي. 1948ع ۾ جڏهن ڪراچي، وفاق کي ڏنو ويو ته اهي سيڙپ ڪار ڏاڍا خوش ٿيا. پر جڏهن ون يونٽ ناهڻ وارو چوبول 1954ع ۾ شروع ٿيو ۽ اهو ممڪن هئو ته ڪراچي اولهه پاڪستان جي حوالي ڪيو وڃي بلڪ پنجاب-مهاجر لابي جو سمورو زور اهو هئو ته ڪراچي اولهه پاڪستان جي نظامت هيٺ اچي ته سيڙپ ڪارن کي ڏاڍي ڳڻتي ورائي ويئي.

سنڌ جا اسيمبلي ميمبر ۽ اسيمبلي کان ٻاهر سياستدان انهيءَ نڪتي تي متفق ڪونه هئا بلڪ ڏاڍي ڦوٽ ۽ مونجهاري جو شڪار هئا. اول ته هو گروهي سياست، وزارتن جي ڇڪ ڏاهه ۾ رڌل هئا. ٻيو ته ون يونٽ جي تجويز تي هنن وٽ ڪو رهبر اصول ڪونه هئو. ڪا اهڙي شخصيت ڪانه هئي جنهن جي اڳواٽي ۾ هو ڪو متحده ۽ متفق قدم کڻن. بلڪ هر هڪ پنهنجن ٻن ٽن دوستن کي ساڻ ڪنيو پنهنجي منهن پئي هليو. انهيءَ حالت ۾ پنجاب جي سياستدانن کي ساڃي لڳي ته هو ڪراچيءَ جي وهندڙ دولت کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري وٺن.

بنگال جي سياستدانن کي اها ڳالهه ڪانه آئڙي ۽ سندن انهيءَ خيال ۾ اوڀر پاڪستان جو وليڪا ۽ آدم جي جهڙا سرمائيدار شامل هئا.

تنهنڪري اوير پاڪستان جي سياستدانن خاص ڪري ڪرشڪ سرامڪ وارن، اوير پاڪستان ۾ هڪ متبادل گادي جو هنڌ نهرائڻ جي تجويز ڏني پر اها مرڪزي حڪومت فورا رد ڪري ڇڏي جنهن تان بنگال جي سياستدانن ڪراچيءَ کي ون يونٽ ۾ شامل ڪرڻ تي اعتراض ڪري وڌو. ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي ميمبرن آڏو ڪو واضح لائحہ عمل ڪونہ هئو تنهنڪري گورنر جنرل 5 اڪتوبر 1955ع تي صوبن کي ختم ڪرڻ وارو آرڊيننس جاري ڪري سنڌ کي ٽن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو: خيرپور ڊويزن، حيدرآباد ڊويزن ۽ ڪراچي جو وفاقي انتظام هيٺ علائقو ۽ اها حيثيت 1970ع تائين برقرار رهي جيستائين ون يونٽ جو خاتمو نہ ٿيو ۽ صوبا وري بحال نہ ٿيا.

ڪراچي جي اها مرڪزي حيثيت سندس بيهڪ، معاشي ۽ اقتصادي سرگرمين ۽ ان جي ساموندي بندرگاهہ واري حيثيت جي ڪري آهي ۽ ان کان پوءِ نہ صرف گهٽتي ڪانهي، بلڪ اڄ پاڪستان ۽ ڏکڻ ايشيا جي هن ٽڪري ۾ بنيادي ڪردار جي مالڪ بنجي ويئي آهي.

ون يونٽ ڏيڍ ڏهاڪو نهيو، انهيءَ جي پويان ڪهڙا ڪارڻ ۽ لڪل هٿ هئا تن تي مختصرا ذڪر ڪري چڪا آهيون ان جي تفصيلن ۾ وڃڻ هڪ الڳ ڪٿ سلسلو ٿيندو، ليڪن ان کي برقرار لاءِ بہ انهن مفاد پرستن عناصر جدوجهد ڪئي، سا بہ وڏي ڏکي آهي ۽ ان ۾ شامل ڪئين ماڻهو ۽ طبقا آهن. خود 1958ع وارو مارشل لا لڳڻ انهيءَ سازش جو حصو آهي تہ ڪهڙي بہ طريقي سان ون يونٽ برقرار رکجي، بلڪ جيئن واقعن جي حقيقتن ڇاڻڻ کانپوءِ معلوم ٿيندو تہ 1958ع وارو مارشل لال لڳايو ئي ون يونٽ کي تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ هئو.

هن جو ٿورو تفصيلي ذڪر اڳتي ايندو، هتي صرف ايترو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ ون يونٽ جا ناهيندڙ، پنهنجي سازش ۾ ڪامياب ٿي ويا هئا پر قوم پرست قوتون بہ هن کي ڊاهڻ جي لاءِ پهرين ڏينهن کان جدوجهد ۾ رڌل هيون. سنڌ، خاص ڪري اهڙي سرگرم تحريڪ ۾ شامل ٿي ويئي جو هن کان اڳ ڪڏهن ائين نہ ٿيو هئو. گويا سمورو وايو منڊل ون يونٽ جي چوڌاري ڦري رهيو هئو: ڪجهہ هن جي حمايت ۾ هئا يا ڪجهہ ڪرڻ نٿي گهريائون (مفاد جي پيش نظر) تہ وري سڄاڻ ۽ قوم پرست عناصرون يونٽ کي ڊاهڻ جي پٺيان هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قوم پرست طبقي، هن تحريڪ جي ابتدا. ون يونٽ ٺهڻ کان اڳ ئي ڪري چڏي هئي چاڪاڻ تہ هنن کي خبر هئي تہ برسر اقتدار طبقو انهيءَ سازش کي ناڪام ٿيڻ نہ ڏيندو. بلوچستان ۽ سرحد جا اڳواڻ ون يونٽ مخالف تحريڪ ۾ گهڻو پوءِ شامل ٿيا. هن تحريڪ جا روح روان جي ايم سيد، حيدربخش جتوئي ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي هئا.

هن جي شروعات هڪ مختصر اجلاس سان، 27 آگسٽ 1955ع تي ٿي جڏهن ڪراچي ۾ جي ايم سيد جي جاءِ تي هم خيال سياسي ورڪرن جي هڪ گڏجاڻي سيد سڏرائي. هن جي صدارت سرحد جي بزرگ اڳواڻ خان عبدالغفار خان ڪئي، جنهن جي سيد سان ڪجهہ وقت کان وٺي هن مسئلي سميت ڪيترن معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ٿي چڪي هئي، جي ايم سيد، انهيءَ کان اڳ صوبي جي سطح تي هڪ سنڌ متحده محاذ ناهي چڪو هئو ۽ اولهہ پاڪستان اسيمبلي ۾ موجود هئو.

خان غفار خان جي صدارت ۾ ٿيل اجلاس ۾ گهڻي بحث مباحثي ۽ لائحہ عمل تي ويچار ڪرڻ کان پوءِ هڪ ائنٽي ون يونٽ فرنٽ ناهيو ويو. هيءَ صرف ابتدا هئي چاڪاڻ تہ خود هن فرنٽ جي بانيڪارن کي خبر هئي تہ ون يونٽ ناهيندڙن جي مقابلي ۾ فرنٽ جي ڪا حيثيت ڪانهي تنهنڪري هن جي دائري کي وڌائڻ ضروري هئو. ان وقت ٻين صوبن ۾ ننڍيون پارٽيون ۽ گروپ بہ ڪم ڪري رهيون هيون جن ۾ ڪي قوم پرست هيون تہ ڪي وري خالص سوشل پروگرام واريون پارٽيون هيون. مثال طور ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي سنڌ هاري ڪميٽي، خان غفار خان واري سرخپوش جماعت، دروز پشتون ۽ ميان افتخار الدين جي آزاد پاڪستان پارٽي.

انهن ۾ اهڙين پارٽين کي گڏ ڪرڻ جو خيال تہ سيني کي هئو پر شروعات ڪرڻ اجا باقي هئي ۽ نيٺ ميان افتخار الدين (آزاد پاڪستان پارٽي) انهيءَ جي ابتدا ڪئي. هن انهن ننڍين ۽ صوبائي پارٽين جو هڪ ڪنوينشن 2 ڊسمبر 1956ع تي لاهور جي برڪت علي محمدن هال ۾ گهرايو جنهن ۾ سمورين پارٽين کي ملائي هڪ پارٽي بنائڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ ان جو نالو پاڪستان نيشنل پارٽي رکيو ويو ۽ مشهور سرخپوش اڳواڻ خان غفار خان کي ان جو سربراهہ چونڊيو ويو. هيءَ پارٽي اڳتي هلي نيشنل عوامي پارٽي ۾ بدلجي ويئي. هن پارٽي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقاصد ۾ سڀ کان مٿانهون ون يونٽ ٽوڙڻ هئو، پر هن ۾ هڪ گنجائش هيءَ بہ ڇڏي ويئي هئي تہ ون يونٽ ٽٽي نہ سگهي تہ زونل فيڊريشن قائم ٿي سگهي. انهيءَ جو ڪارڻ هيءَ هئو تہ هن ۾ پنجاب جا ڪيترا ورڪر ۽ سياستدان شامل هئا جيڪي ون يونٽ ٽوڙي اڳوڻا صوبا بحال ڪرڻ تي بنهہ تيار ڪونہ ٿئي ٿيا. تنهنڪري جي ايم سيد ۽ غفار خان ڪجهہ اڳتي وڌڻ لاءِ اها گنجائش رکي تہ جيڪڏهن ون يونٽ ختم ٿئي ۽ ان جي جاءِ تي زونل فيڊريشن جهڙو انتظام اچي وڃي تہ گهٽ ۾ گهٽ پنجاب جي مڪمل بالادستي کان تہ آجو ٿي سگهبو.

جي ايم سيد ۽ غفار خان وٽ زونل فيڊريشن تسليم ڪرڻ لاءِ پنهنجا دليل هئا ۽ هنن جي چوڻ مطابق هنن اهو ون يونٽ جي زنجير ٽوڙائڻ لاءِ ڪيو، پر انهيءَ وقت ئي سنڌ ۽ سرحد جي ڪيترن سياستدانن ۽ قوم پرستن انهيءَ کي درست قدم قرار نہ ڏنو بلڪ ائين چيو تہ زونل فيڊريشن، ون يونٽ جو ٻيو قسم هوندو جنهن ۾ بالادستي پنجاب وٽ هوندي ۽ ننڍا صوبا ساڳي مصيبت ۾ هوندا، تنهنڪري ان کي قبول ڪرڻ ٻي غلطي ٿيندي. بهرحال، گهڻو بعد ۾ جڏهن ون يونٽ ٽوڙائڻ جي جدوجهد آخري مرحلن ۾ پهتي تہ جي ايم سيد اها ڳالهہ تسليم ڪئي تہ زونل فيڊريشن واري اسڪيم تي هائوڪار ڪرڻ، سنڌ متحده محاذ ۽ نيشنل عوامي پارٽي جي غلطي هئي.[1]

قوم پرست عناصر ۽ سڄاڻ سياستدان بہ اولهہ پاڪستان جي اسيمبلي ۾ شامل هئا جن اهو پڪو پهہ ڪري ڇڏيو هئو تہ ڪهڙي بہ طريقي ۾ ون يونٽ ڊاٺو وڃي ڇاڪاڻ تہ کين معلوم هئو تہ ڪهڙي وزارت، ون يونٽ نهڻ لاءِ جنهن عهدنامي تي صحيح ڪئي آهي، تنهن تي ڪو عمل ڪونہ ٿيندو. سنڌ جي زمينن ۽ مال ملڪيتن تي ولر ٿيندا تنهنڪري هنن اجلاس جي ڪاروائي ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو.

هنن ميمبرن جا انومان درست ثابت ۽ جيئن پوءِ اسيمبليءَ ۾ ڪيل سوالن مان ثابت ٿيو تہ سنڌ جون ڪيتريون زمينون پنجاب جي ماڻهن، سول ۽ فوجي ڪامورن جي حوالي ڪيون ويون. مثال طور سکر بئراج تي آباد ٿيندڙ زمين مان اجا ڇهہ لک ايڪڙ سرڪاري زمين 1954ع تائين بچيل هئي. پر هيڏانهن ون يونٽ نهيو، هوڏانهن انهيءَ زمين جي

(1) جي ايم سيد، سنڌ متحده محاذ ۽ ون يونٽ، 1969ع، ص61

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورهاست شروع ٿي ويئي. سنڌ کي اڳئي (1941ع) انهيءَ باري ۾ تجربو ٿي چڪو هئو تہ انگريز سرڪار ڪيئن سيڪيورٽي جي بهاني پنجاب مان سيٽلرس Settlers آڻي سانگهڙ ۾ مکي ڍنڍ تي آباد ڪيا هئا ۽ هنن کي ڏيڍ لک ايڪڙ زمين پڳڙن مٽ ۾ يا ائين ڪٽي چئجي تہ مفت ۾ڏيئي ڇڏي هئي. هاڻي بہ ڪوٽڙي بئراج ٺهي چڪو هئو ۽ گڊو بئراج ٺهڻ جون تياريون ٿي رهيون هيون.

مير غلام علي ٽالپر، سيد نور محمد شاهہ نواب شاهہ وارو، پيرزاده عبدالستار، قاضي فضل الله، مير علي احمد ٽالپر اهي سڀ ريپبليڪن حڪومت ۾ شامل ٿي وزارتن جون مسندون سنڀالي چڪا هئا. اهي ۽ اهڙا ٻيا وزير پنهنجي روايتي انداز سان قلمدان سنڀاليو ويٺا هئا جڏهن تہ سنڌ جي زمينن جي الاٽمينٽ ۽ نوڪرين تي حملا شروع ٿي چڪا هئا. مثال طور قاضي فضل الله انهيءَ دور جي آبپاشي واري وزير جنوري 1957ع واري هڪ اجلاس ۾ ٻڌايو تہ ڪوٽڙي بئراج تي ان وقت تائين هڪ لک ايڪڙ زمين فوجين لاءِ مخصوص ڪئي ويئي هئي ۽ انهيءَ مان 25 هزار ايڪڙ زمين تہ ورهائجي چڪي هئي. قاضي فضل الله جن الاٽين جا نالا ٻڌايا سي هنريت آهن:

| | |
|---|---|
| جنرل محمد ايوب خان | 247 ايڪڙ |
| ميجر جنرل موسيٰ خان | 250 ايڪڙ |
| ميجر جنرل محمد ابرار خان | 246 ايڪڙ |
| برگيڊيئر سيد غواث | 246 ايڪڙ |
| ڪرنل مظفر خان | 246 ايڪڙ |
| ڪرنل حيدر | 246 ايڪڙ |

هيءَ زمين اڍائي سو ربيا في ايڪڙ جي حساب سان وڪرو ڪئي ويئي. (1)

ون يونٽ کي ٽوڙڻ ۽ انهيءَ خلاف ماڻهن کي گڏ ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هئو. عام ماڻهوءَ جي وس ۾ تہ هئو ڪونہ، ڇاڪاڻ تہ عام ماڻهو تہ وڏيرن ۽ جاگيردارن وٽ ٿاڻل هئا. جيڪي سياستدان انهيءَ فيصلي کي رد ڪري سگهيا ٿي، تن جا پنهنجا مفاد هئا بلڪ هو ٿورو طبقي جي جهولي ۾ ويٺل هئا. تنهن ڏونڊي بہ شيخ عبدالمجيد سنڌي، جي ايم

(1) جي ايم سيد، سنڌ ڳالهائي ٿي ڏيڻ سنڌ اڪيڊمي، ڪراچي، 1993ع، 221، 222

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيد، حيدر بخش جتوئي ۽ ڪجھ ٻيا اهڙا هڏڏوکي هئا جيڪي حڪومت جي ڏاڍ جي پرواھ ڪرڻ ڪانسواءِ انهي لاٽ کي روشن ڪرڻ لاءِ تيار هئا.

هن ۾ هڪ ڳالھ جيڪا ون يونٽ خلاف تحريڪ کي هٿي وٺرائي هئي سا هئي مسلم ليگ جي حيثيت. جيڪا هن کان اڳ اقتدار جي مالڪ هئي ۽ هاڻي سازشن جي ڪري اپوزيشن جي بينچن تي ويٺي هئي. هيءَ تہ اسڪندر مرزا ۽ چوڌري محمد علي جهڙن موقع پرستن جي لالچ جو نتيجو هئو جو مسلم ليگ جا مخالف بہ مسلم ليگ سان شامل ٿيڻ لاءِ تيار هئا ۽ ڏسندي ڏسندي اها تحريڪ سُرڻ لڳي.

محمد ايوب کهڙو، جنهن سنڌي ميمبرن کان ڌڪ دوس ڪري ون يونٽ جي حق ۾ ٺهراءُ پاس ڪرايو هئو. تنهن جون اکيون اڳئي پٽجي چڪيون هيون ۽ هاڻي وري انهن ميمبرن ڏانهن ورڻ لڳو هئو جن کي هو ڏڪاريندو هئو. مسلم ليگ جي اڳواڻن سان ڳالهيائين جن جيئن تيئن ڪري حمايت جو يقين ڏياريو. سنڌ ۾ تڙيل پکڙيل، ڪاوڙيل ۽ سرچيل ميمبرن ۽ سياستدانن سان ڳالهايائين. سنڌ مان چونڊيل ميمبرن جيڪي وزارتن جا قلمدان سنڀاليو ويٺا هئا، تن کي تہ اها ڳالھ ڪانہ ٿي وڻي، تن مخالف ڪئي بهرحال باقي قوم پرست. سنڌ جا همدرد ۽ ڪي ميمبر، سيد خير شاه جي نواب شاھ واري جاءِ تي گڏ ٿيا. اتي پهريون گهمرو سنڌ جي معاشي ۽ اقتصادي مسئلن، روزگار جي کسجڻ ۽ قومي وسيلن کان محروم ٿيڻ وارن مسئلن جي روشني ۾ ڊگها بحث ٿيا. پهريون ڀيرو محسوس ٿيو تہ سنڌ جي عيوضين کي سنڌي ماڻهن جي مصيبتن ۽ سنڌ جي وسيلن تي ڌارين جي قبضي جو احساس ٿيڻ لڳو. قومي معيشت جي تناظر ۾ سياسي فيصلا ڪرڻ جي ضرورت جو احساس پهريون گهمرو ٿيڻ لڳو هئن. هيءَ هڪ تمام مثبت تبديلي هئي. بهرحال، سمورن مقررن ۽ ڪارڪنن جو خيال هئو تہ هيستائين پيدا ٿيل نون مسئلن ۽ ناانصافين ۽ آئيندي پيش ايندڙ مشڪلاتن جو ڪارڻ ون يونٽ آهي، تنهنڪري اهو فيصلو ڪيو ويو تہ سنڌ جا ميمبر هر انهيءَ پارٽي جي حمايت ڪندا جيڪا ون يونٽ کي ختم ڪندي. هڪ گهمرو سنڌ جي ميمبرن جو پنهنجو ناھ ٿي ويو تہ پوءِ لاهور ۾ مسلم ليگ جي اڳواڻن سان ڳالهيون ٿيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسلم ليگ کي انهيءَ کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي ڳالهہ جي گهرج هئي.
مسلم ليگ ۽ نيشنل پارٽي ٻنهي گڏجي اهو فيصلو ڪيو تہ اسيمبلي ۾ اهڙا قدم کنيا ويندا جيئن ريپبليڪن حڪومت ڊهي ۽ ون يونٽ ٽٽي تنهن ڪري ٻنهي ڌرين وچ ۾ هڪ ٺاهہ ڪيو ويو. هن ٺاهہ جا هيٺيان شرط هئا:

الف) ڪوليشن حڪومت جي فيصلي ۽ اليڪشن ڪميشن جي سٽاءَ مطابق آزاد ۽ انصاف وارين چونڊن ڪرائڻ واسطي پنهنجي طرفان حتي الامڪان ڪوشش ڪرڻ.

ب) سنڌ ۾ هندن جي ڇڏي ويل زرعي زمين جي موجوده قبضيدارن کي مالڪاڻا حق ڏيارڻ ۽ ان زمين جي قيمت ڏهن سالن ۾ هڪجيترين قسطن ۾ ادا ڪرڻ واري نڪتي کي حڪومت وٽ قبول ڪرائڻ لاءِ جاکوڙ ڪرڻ.

ت) اصولي طورتي هن ڳالهہ لاءِ جاکوڙيو ويندو تہ سرڪاري زمينون عام نيلام وسيلي نہ، پر اتي جي مقامي هارين ۽ ننڍن کاتيدارن کي وڪرو ڪري نيڪال ڪيون ويندون. ان زمين جي قيمت ڏهن سالن ۾ هڪجيترين قسطن ۾ ونڻ ۾ ايندي.

ث) بهترين زرعي پيداوار حاصل ڪرڻ، غير آباد زمينن کي آبادي هيٺ آڻڻ، سم ۽ ڪلر جي خاتمي، ٻوڏجي هاجيڪارين کي ٻنجي ڏيڻ واسطي بچاءُ بند تعمير ڪرڻ، براجن ۽ واهن جي مرمت ڪرڻ، بجليءَ جي پيداوار ۾ واڌار ڪرڻ، ڍلن وڌائڻ واسطي ڍل جي اڳينءَ شرح تي نظرثاني ڪرڻ، هارين جي حقن کي يقيني بنائڻ ۽ ضروري سڌارا ڪرڻ هنن ڳالهين کي اهم سمجهي جلدي ۽ جوڳا قدم کنيا ويندا.

ج) مهاجرن جي آبادڪاري ۽ سندن دعوائن کي نظر ۾ رکي کين جائز ۽ صحيح معاوضي ڏيڻ لاءِ جتن ڪرڻ.

ح) ضروريات زندگي سان واسطو رکندڙ شين جي قيمتن کي ضابطي ۾ رکڻ ۽ بليڪ مارڪيٽنگ ۽ ذخيره اندوزيءَ خلاف ڪات ڪهاڙا ڪڻڻ.

خ) انتظاميہ منجهان رشوت، اقربا پروري ۽ ٻين غلط ڪارين کي پاڙؤن پٽڻ لاءِ اثرائتا اپاو ونڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

د) لاقانونيت کي ختم ڪري، قانون ۽ انصاف جي بالادستي قائم ڪرڻ.
ذ) مقامي ماڻهن کي نوڪرين ۽ روزگار جا ذريعا مهيا ڪري ڏيڻ.
ر) عوام جي اهنجن کي دور ڪرڻ لاءِ، هر ڊويزن جي ڪمشنر وٽ صلاحڪار ڪميٽي مقرر ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.
ز) ننڍن صوبن جي ملازمن کي سيڪريٽريٽ جي ملازمت ۾ آڻڻ جا جيڪي واعدا ڪيا ويا هئا، تن کي پاڙڻ لاءِ جاکوڙ ڪرڻ.
س) سياسي نڪتہ نگاهہ کان اڳئين حڪومت جيڪي گزيٽيڊ ملازم معطل ڪيا هئا يا ڪاتن جي سربراهن جون بدليون ڪيون يا پينشن تي لٽل ملازمن کي ٻيهر پرتي ڪيو، انهن مامرن تي ٻيهر ويچارڻ.
ش) ويسٽ پاڪستان ايپيڪس بئنڪ کولڻ واسطي جيڪي احڪام جاري ڪيا ويا آهن، سي واپس ورتا وڃن تہ اها حڪمت عملي ڪن سياسي سببن جي ڪري اختيار ڪئي ويئي آهي، جيڪا سنڌ جي تمام پراڻي ”سنڌ پراونشل بئنڪ“ کي ختم ڪرڻ لاءِ شروع ڪئي ويئي آهي. موجوده پراڻي بئنڪ کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ ان جو صدر مقام حيدرآباد منتقل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ.
ص) واپار جي ضابطن ۾ ترميم ڪري سولو بنائڻ، پنهنجن فرضن کي سولائي سان نباهڻ واسطي سيپيئي اختيار وزيرن جي حوالي ڪرڻ.
ض) ون يونٽ ٺهڻ دوران، ننڍن صوبن جي ترقي واسطي جيڪي تجويزون ۽ منصوبا بنايا ويا، تن کي بنا ڪنهن دير جي عملي جامو پهرائڻ.
ط) عوام جي بنيادي حقن جو تحفظ ڪيو ويندو، سنڌن حقن جي لتاڙ واسطي جيڪي حڪم جاري ڪيا ويا آهن، تن تي نظرثاني ڪرڻ ۽ ختم ڪرائڻ.[1]

هن ناهہ تي نيشنل پارٽي طرفان جي ايم سيد، پيرالاهي بخش ۽ غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي، ۽ مسلم ليگ پاران سردار بهادر خان، ميان ممتاز دولتانہ، ايوب کهڙي خان ۽ قيوم خان صحيحون ڪيون.

انهيءَ اميد تي تہ جيڪڏهن ريپبليڪن حڪومت ختم ٿي تہ اولهہ پاڪستان ۾ ڪهڙي آڌار تي مسلم ليگ ۽ نيشنل عوامي پارٽي جي حڪومت ٺاهي ويندي، تنهن لاءِ بہ هڪ ڊار ناهہ ٿيو جنهن ۾ اهو

(1) جي ايم سيد، سنڌ ڳالهائي ٿي، نئين سنڌ اڪيڊمي، ڪراچي، ص229، 230

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طئي ڪيو ويو ته ڪوليشن حڪومت ۾ ٻنهي پارٽين جا هڪجيترا نمائندا هوندا پر وزير اعليٰ مسلم ليگ جو عيوضي هوندو جنهن جي چونڊ نيشنل عوامي پارٽي جي رضامندي سان ٿيندي ۽ وزيرن کي کاتا به ٻنهي ڌرين جي صلاح سان ڏنا ويندا. هن ناهه تي به انهن ليڊرن صحيحون ڪيون جن اڳئين ناهه تي ڪيون هيون.

پاڪستان نيشنل عوامي پارٽي اڳيئي اتفاق ڪري اهو طئي ڪري چڪي هئي ته "اولهه پاڪستان جي هلندڙ قانون ساز اسيمبلي ۾ اها رٿ پيش ڪئي ويجي ته اها قومي اسيمبليءَ کي سفارش ڪري ته اولهه پاڪستان جي اڳين صوبن کي ٻولي جي بنياد تي بحال ڪري ۽ صوبن کي صوبائي خود مختاري ڏئي. ان کان پوءِ اهي صوبا اولهه پاڪستان جي زونل فيڊريشن جا رڪن هوندا. پاڪستان نيشنل عوامي پارٽي ان جي تائين ڪرڻ لاءِ ٻڌل هوندي."

ستين مارچ 1957ع تي مسلم ليگ ورڪنگ ڪميٽي پنهنجي لاهور واري اجلاس ۾ سموري صورت حال تي غور ڪيو. ريپبليڪن پارٽي راتو رات نهي هئي تنهنڪري مسلم ليگ جي ليڊرن اهو طئي ڪري رکيو هو ته هن جي حڪومت کي ڊاهڻ تمام ضروري هئو پر چاڪاڻ ته اسڪندر مرزا، فيروز خان نون ۽ ٻيا ڪئين "مفاد پرست طبقا" ون يونٽ کي برقرار رکڻ جي حق ۾ هئا، بلڪ سمورو مانداڻ ون يونٽ ۽ بالادستي برقرار رکڻ لاءِ مچايو ويو هئو تنهنڪري قانوني طريقو اختيار ڪرڻ ضروري هئو ۽ ان تي پاڪستان نيشنل عوامي پارٽي سان ناهه ڪري چڪي هئي. انهيءَ لحاظ کان ريپبليڪن حڪومت ڊهڻ واري هئي. بهرحال پهرئين قدم طور مسلم ليگ ورڪنگ ڪميٽي پنهنجي اجلاس ۾ هڪ نهراءُ پاس ڪيو ۽ ان بعد ٻيا قدم کڻڻ جا ڪئين فيصلا ڪيا. نهراءُ هن ريت هئو:

"اولهه پاڪستان جي حالتن تي تمام گهڻي اپياس ڪرڻ کان پوءِ مسلم ليگ جي مجلس عاملہ جي راءِ هيءَ آهي ته ون يونٽ جي اسڪيم ناڪام ثابت ٿي آهي تنهنڪري مسلم ليگ ان جي حمايت نٿي ڪري سگهي. هڪ نمائنده تنظيم جي حيثيت ۾، مسلم ليگ جو هيءَ فرض آهي ته هو ون يونٽ جي اسڪيم کي بدلائي ڪو اهڙو نظام لاڳو ڪري جيڪو سمورن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علائقن جي ماڻهن کي قبول هجي."
عجيب ڳالهه هيءَ آهي ته هيءُ نهراءُ اخبارن کي جاري نه ڪيو ويو بلڪ ان کي پارٽي جي اندروني نظام جو حصو سمجهيو ويو. مسلم ليگ جي سيڪريٽري جنرل قاضي محمد عيسيٰ (بلوچستان) صحيح ڪئي ۽ اهو نهراءُ سنڌ متحده محاذ جي سربراه جي ايم سيد جي حوالي ڪيو ويو.
جنهن طرح سياسي فيصلا ٿي رهيا هئا، تنهن مطابق هاڻي ريپبليڪن حڪومت جي هٽائڻ جو وقت اچي ويو هئو. پر هتي هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته سموري اسٽيبلشمينٽ انهيءَ تي زور لڳائي رهي هئي ته اها تحريڪ ناڪام وڃي پوءِ پلي اها ڪهڙي به غير جمهوري طريقي ۾ ٿئي، هنن کي ريپبليڪن حڪومت ڪپندي هئي ۽ ون يونٽ ڪپندو هئو. ويهين مارچ 1957 تي اسيمبلي جو اجلاس سڏايو ويو. مسلم ليگ، انهيءَ اجلاس ۾ ون يونٽ ڊاهڻ بابت نهراءُ پيش ڪيو پر اسپيڪر ريپبليڪن پارٽيءَ جو هئو جنهن ايوان کان ٻاهر طاقتن جي اشاري تي ان "نهراءُ تي ووٽ وجهڻ جي عيوض ان کي ناڪ آئوٽ ڪرائي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح اهو نهراءُ پاس ٿيڻ کان رهجي ويو." (1)
ظاهر آهي ته پارليماني انداز ۾، مسلم ليگ ۽ سندس اتحادي پارٽين، ٻين نڪتن تي حڪومت کي شڪست ڏيڻ ۽ حڪومت کي اقليت ۾ هئڻ جو احساس ڏيارڻ لاءِ ضمني بجيٽ تي ووٽنگ جو موقعو هٿان ڪونه وڃايو.
ضمني بجيٽ ۾ حڪومت اضافي گرانٽس جي منظوري گهري هئي پر انهيءَ ۾ حڪمران ريپبليڪن پارٽي کي سخت شڪست جو خطرو هئو. مسلم ليگ جي قائد ايوان سردار بهادر خان، هر نڪتي تي راءِ شماري جو مطالبو ڪري رهيو هئو پر اسپيڪر هر مطالبي تي راءِ شماري کان نٽائي رهيو هئو. پهرئين ڏينهن ته اسپيڪر اسيمبلي جي اجلاس کي انگهايو ۽ ڪا ووٽنگ نه ڪرائي. ٻئي ڏينهن به سمورو ڏينهن اجلاس هليو، حڪمران پارٽي ضمني بجيٽ جا مطالبا پيش ڪندي رهي پر ڪوبه مطالبو منظور ڪونه ٿيو. حزب اختلاف جي اڳواڻ سردار بهادر خان نيٺ مطالبو ڪيو ته حڪمران ڌر اڪثريت وڃائي چڪي آهي تنهن

(1) جي ايم سيد، سنڌ ڳالهائي ٿي. نئين سنڌ اڪيڊمي. ڪراچي. ص228

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ان کي استيعفا ڏيڻ گهرجي. سڄو ڏينهن اسپيڪر ڪابه ووٽنگ نہ ڪرائي ۽ بنا ڪنهن فيصلي جي اجلس ملتوي ڪري ڇڏيو. ڊاڪٽر خان کي پنهنجي شڪست سامهون نظر اچي رهي هئي، تنهنڪري هو ٻئي ڏينهن وارو اجلاس ملتوي ڪرڻ ڪانپوءِ گورنر مشتاق احمد گورماني سان ملاقات لاءِ هليو ويو.

اها سازش واري ملاقات ڪو گهڻو عرصو ڪونہ هلي. ڊاڪٽر خان، گورماني کي صاف ٻڌائي ڇڏيو هئو تہ راءِ شماري جي حالت ۾ ڪيس شڪست ملندي ۽ انهيءَ صورت ۾ مسلم ليگ ڪوليشن کي حڪومت ٺاهڻ جي دعوت ڏيڻ آئيني فرض بنجي سگهندو، ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن ون يونٽ ٽٽي ويندو. مسلم ليگ ڪوليشن کي اها خبر ڪانہ هئي تہ گورنر هائوس ۾ ڇا پچي رهيو هئو. بظاهر بہ ڳالهيون هيون تہ يا ريپبليڪن حڪومت استعيفا ڏئي، اپوزيشن جي بينچن تي ويهي ۽ اڪين سان ون يونٽ ڊهندو ڏسي، يا وري شڪست کان بچڻ لاءِ اسيمبلي ٽوڙي وڃي ۽ پوري صوبي ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪيو وڃي. سڀ ڪجهہ آڏو هئو. اُهي اڪئين پئي ڏٺو. گورماني کي ڪا بچڻ جي صورت نظر ڪانہ ٿي آئي، سو شام ڊاڪٽر خان، اخباري ڪانفرنس سڏائي اتي اسيمبليءَ کي "چورن جو ٽولو" سڏيندي ٻڌايو تہ هن گورنر کي اسيمبلي ٽوڙڻ جي صلاح ڏني آهي.

سازش اڌو ڳابري ڪانہ، پر مڪمل هئي. گورنر گورماني اڳ ۾ صدر اسڪندر مرزا سان ڳالهائي چڪو هئو جنهن کي معلوم هئو تہ هن کي ڇا ڪرڻو هئو. هن کي معلوم هئو تہ ڪيس ڪهڙن ٽولن جي مفادن جو محافظ بنجڻو هئو تنهنڪري هن اهڙي اسيمبلي جيڪا ون يونٽ اسڪيم کي ٽوڙي، تنهن کي ختم ڪرڻ جي صلاح ڏني، بلڪ زورپريو. نيٺ 21 مارچ 1957ع جي رات جو گونر گورماني اولهہ پاڪستان جي اسيمبلي ٽوڙي، صوبي (هاڻوڪي پاڪستان) ۾ گونر راڄ لاڳو ڪري ڇڏيو. حڪم ۾ گورنري راڄ ٻن مهينن لاءِ لاڳو ڪيو ويو هئوءِ خيال هئو تہ ان ۾ واڌ نہ ڪيو ويندو.

مسلم ليگ اتحاد وارا انتظار ۾ رهيا تہ ٻئي ڏينهن هو ون يونٽ ٽوڙائڻ واري ٺهراءُ پاس ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا پر جڏهن رات جو مسلم ليگ ڪوليشن وارا پنهنجن گرم محفلن ۾ وزارتون ورهائي رهيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا تہ اها خبر آئي تہ اسيمبلي ٽٽي چڪي آهي ۽ هاڻي هنن ۽ عام ماڻهن ۾ ڪو فرق ڪونہ رهيو آهي. اولہ پاڪستان ۾ صرف گورنر گورماني ۽ صدر اسڪندر مرزا حڪمران وڃي بچيا هئا.

پارليماني روايتن ۾ اسيمبلي ٽوڙڻ واري فيصلي کان پوءِ هڪدم نيون چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو ويندو آهي پر ون يونٽ اسيمبلي جي حالت ۾ انهيءَ روايت کي پس پرده اڇلايو ويو هئو. بلڪ اسڪندر مرزا ۽ گورماني اهڙي چال هلڻ تي گهري تہ نہ چونڊون ٿين ۽ نہ وري عوامي مينڊيٽ ملي سگهي.

قانون ۽ آئين جي ڄاڻن کي گهرايو ويو جن نيٺ آئين ۾ فقرو 193 ڳولهي لڌو جنهن ۾ اهڙي صورت حال حڪمران ۽ "سازشي ڏر" جي حق ۾ ويئي ٿي. هن ۾ اهڙو انتظام ڪيل هئو تہ اسيمبلي ٽٽڻ بعد بہ وزارت بچي وڃي ۽ گورنري راڄ واري عبوري دور ختم ٿيڻ کان پوءِ معطل پارٽي وري برسر اقتدار اچي سگهي ٿي. انهيءَ ۾ اسڪندر مرزا کي گونر گورماني تي بہ ويروسو ڪونہ رهيو تنهن ڇا ڪيو تہ سموري ڪابينہ کي بہ ٽوڙي ڇڏيائين ۽ بہ ٽي اختياريون گورنر کي ڏيئي، باقي سمورا اختيار پنهنجي مٺ ۾ ڪري رکيا. وزيرن ڏاڍيون رڙيون ڪيون تہ فقري 193 هيٺ صرف اسيمبلي ٽٽي آهي، ڪابينہ قائم آهي پر کين اهو جواب مليو تہ هو معطل آهن. پر جڏهن بہ اسيمبلي بحال ٿي تہ کين وري وزير بنايو ويندو. هينئر هو صرف اهو ڪن جيڪي کين چيو وڃي ٿو.

اسيمبلي ٽوڙڻ آخري قدم هئو جنهن ۾ ترجيترو شڪ بہ مسلم ليگ کي ڪونہ هئو. بلڪ هن کي انهيءَ تي سخت بچيني هئي تہ هن جو تهيل تڪيل ڪم ڦٽي ريو هئو. تنهنڪري هنن وني هاءِ گهوڙا مچائي. سنڌ متحده محاذ وارا، مسلم ليگي اڳواڻ بيان مٿان بيان ڏيئي رهيا هئا تہ جيڪڏهن حڪومتي پارٽي، ناڪام ويئي آهي تہ حزب اختلاف کي حڪومت ناهڻ ڏني وڃي. پر اسڪندر مرزا صاف لفظن ۾ چئي ڇڏيو تہ "جيڪي ماڻهو ون يونٽ ٽوڙڻ گهرن ٿا تن کي اقتدار ڪونہ ڏبو."

هاڻي اها ڳالهہ صاف ٿي چڪي هئي تہ ون يونٽ اسيمبلي ٽوڙڻ، گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ ۽ خود ريپبليڪن پارٽي ناهڻ جي پٺيان ڪهڙي نيت هئي ۽ ڪهڙيون قوتون ڪار فرما هيون.

سنڌ جي سياستدانن ۾ ذاتي آنڌ مانڌ هئي، خاص ڪري اهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي ون يونٽ ناهڻ ۾ تہ سرگرم رهيا پر هاڻي مورڳو ون يونٽ حڪومت ۾ بہ ڪونہ رهيا هئا. سنڌ جو وڏيرو جيڪو پنهنجي روايت موجب اقتدار جي حويليءَ ڪان ٻاهر ڪڏهن ڪونہ رهيو هئو سو اسڪندر مرزا ڪان وٺي گورماني تائين ۽ ڊاڪٽر خان صاحب ڪان وٺي سرڪاري ڪامورن تائين سيني جي وچ ۾ ستون ڏيئي رهيو هئو.

سنڌ متحده محاذ وارن، جن هيڏي جاکوڙ ڪان پوءِ وجي اولهہ پاڪستان جي ڪن سياستدانن کي ون يونٽ واري هتراڏو ٽڪسات ٽوڙڻ تي آماده ڪيو هئو، تن کي بہ ڏاڍي اڻ تڻ هئي ڇاڪاڻ تہ اهوامڪان هئو تہ جيڪڏهن سڀ ڪجهہ ٺهي پري پيو تہ وري سموري تحريڪ ٻڙي ڪان شروع ڪرڻي پوندي. اسڪندر مرزا، هڪ طرف تہ اهو صاف چئي چڪو هئو تہ ون يونٽ ڊاهڻ وارن کي اقتدار ڪونہ ڏبو ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ اها ڌمڪي بہ ڏيئي ڇڏي هئي تہ گورنر راڄ جيڪو 20 مئي 1957ع تي پورو ٿي رهيو هئو، تنهن کي ڇهن مهينن لاءِ وڌائي سگهجي ٿو.

انهيءَ عرصي دوران ريپبليڪن پارٽي وارا لڪچوري مسلم ليگ وارن سان انهيءَ آسري ۾ ملندا رهيا تہ متان هو وزارتن جي لالچ ۾ واپس ريپبليڪن ڪان ٿتي هليا اچن. انهن ملاقاتن دوران هن قسم جون ڳالهيون پکيڙيون ويون تہ مسلم ليگ وارن کي اقتدار ملڻ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي، پر ريپبليڪن وارن پنهنجي واتان ائين چيو: ”گورنر ۽ صدر اسان سان ٻڌل آهن.“ جنهن ڪان پوءِ ڪيترن مسلم ليگي ميمبرن ريپبليڪن جي حمايت ڪرڻ جو سوچيو پر اهو تڏهن سڀ ڪجهہ ٿي پئي سگهيو جڏهن گورنر ۽ صدر محسوس ڪن تہ ريپبليڪن کي ضرورت مطابق گهربل اڪثريت حاصل ٿي ويئي آهي.

اولهہ پاڪستان ۾ هڪ طرف سياسي پارٽيون گڏجي ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ ڪوششون وٺي رهيون هيون جنهن تان هڪ سياسي تعطل پيدا ٿي چڪو هئو تہ اوڀر پاڪستان بہ ڪو پنتي ڪون هئو. اتي بہ اختلافن جي ڇٽنگ لڳي چڪي هئي. سهروردي ۽ مولانا ڀاشاني بہ وڏا ليڊر هئا. جن سان نہ صرف اوڀر پاڪستان جي ماڻهن پر اولهہ پاڪستان جي جمهوريت پسند ماڻهن کي بہ ڏاڍيون اميدون هيون. خاص ڪري صوبائي خودمختاري جي سلسلي ۾. سهروردي ۽ ڀاشاني. ٻئي عوامي ليگ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهندي بہ ٻن مخالف طرفن هلي رهيا هئا. مولانا ڀاشاني چاهيو ٿي تہ پارٽيءَ کي سيڪيولر سوشلسٽ نظريي هيٺ هلايو وڃي جڏهن تہ سهروردي، اقتدار جو مزو ماڻڻ کان پوءِ اهي خيال ڇڏي چڪو هئو. نيٺ هڪ مرحلو اهڙو آيو جو ٻنهي کي ڌار رستا اختيار ڪرڻا پيا. سهروردي، ڀاشاني کي پرچائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر مولانا نيٺ عوامي ليگ کي ڇڏي ويو ۽ انهيءَ پلاند ڪرڻ لاءِ پاڪستان نيشنل پارٽيءَ سان ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. انهيءَ ڦير گهير ۾ پنجاب جي ميان افتخار الدين جو بہ وڏو ڪردار آهي جنهن ڍاڪا پهچي مولانا کي ڪنهن طريقي پنهنجو هم خيال ڪري ورتو (وقتي طور) ۽ ٻنهي ۾ هڪ ڳالهہ تي ناهہ ٿيو تہ فوري طور هڪ "پاڪستان ڊيموڪريٽڪ ورڪرس فيڊريشن" جي نالي، هڪ آزاد خيال ڪارڪنن جو ڪنوينشن گهرايو وڃي. 25 جولاءِ 1957ع تي اهو ڪنوينشن ٿيو ۽ انهيءَ ۾ نيشنل عوامي پارٽي ناهي وئي.

سنڌ جي اڪثريتي اڳواڻن، خاص ڪري جيڪي ون يونٽ ٽوڙڻ جي لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا هئا تن جي لاءِ هي پارٽي هڪ نئين پيغام جو درجو رکندي هئي، جنهن جو ڪارڻ هيءَ هئو تہ هنن کي قومي سطح تي بہ ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ اوير پاڪستان جي مدد گهربي هئي، هتي هيءَ ڳالهہ وسارڻ نہ گهرجي تہ 1956ع واري آئين ۾ ڪنهن بہ آئيني ترميم جي لاءِ ٻہ ڀاڱي ٽي اڪثريت حاصل ڪرڻ ضروري بنايو ويو هئو. نئين پارٽي جو صدر مولانا ڀاشاني ۽ نائب صدر شيخ عبدالمجيد سنڌي کي چونڊيو ويو. هئو جڏهن تہ اولهہ پاڪستان لاءِ صدر خان غفار خان کي چونڊيو ويو. مولانا ڀاشاني جي ٽنڊ سان گڏ عوامي ليگ جا چڱا موچارا ماڻهو ڀاشانيءَ سان گڏ اچي ويا، ٻين لفظن ۾ قومي اسيمبلي ۾، نيشنل عوامي پارٽي ورهائجي ويئي، تنهن هوندي بہ قومي اسيمبلي ۾ اها ڪوشش جاري رهي تہ وڏ ۾ وڏ مسئلن تي سمورن گروهن جي وچ ۾ ناهہ جا طريقا ڳوليا وڃن تہ جيئن پارٽيءَ جي پروگرام تي حڪومتي نظام ۾ وڏ ۾ وڏ عمل ڪيو وڃي، انهن مسئلن ۾ سڀ کان مٿانهون مسئلو ون يونٽ جو رکيو ويو جنهن جي شيخ سنڌي ۽ غفار خان ڏاڍي ڪوشش ڪئي. پر هن مرحلي تي هڪ نئين صورت حال پارٽيءَ کي آڏو آئي: اها هيءَ تہ پارٽيءَ ۾ ڪي ليڊر ون يونٽ جا حامي بہ هئا ۽ هو سمجهندا هئا تہ ون يونٽ ڊهڻ سان پنجاب کي فائدو پهچندو. جيئن ئي اهڙين ڳالهين تان پردو کڄيو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خان غفار خان، خان عبدالصمد اچڪزئي، شيخ سنڌي ۽ ٻين ليڊرن کي خبردار ڪيو ويو.

بهرحال، انهيءَ خيال کان تہ نيشنل عوامي پارٽي، ون يونٽ کي بنياد بنائي مورڳو انهيءَ تان هٿ کڻي وجهي ۽ ون يونٽ واري تحريڪ کي ڌڪ پهچي، سنڌ جي ليڊر، جي ايم سيد جي اڳواٽي هيٺ پنهنجي ڊار جدوجهد جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو ۽ پهريون اسيمبلين جي ايوان کان ٻاهر ون يونٽ مخالف ماڻهن جو هڪ ڪنوينشن راڻي باغ حيدرآباد ۾ گهرايو ويو جنهن ۾ وورڪرن، سياستدان ۽ دانشورن شرڪت ڪئي. هن ڪنوينشن ڪوٺائڻ ۽ ان ۾ شرڪت ڪرڻ تي بہ ڪئين اختلاف پيدا ٿيا. ڪي سياسي گروهہ انهيءَ خيال جا هئا تہ هن ۾ شرڪت نہ ڪجي ڇاڪاڻ تہ هن ۾ ڪئين اهڙا ليڊر شريڪ ٿي رهيا هئا جن ون يونٽ جي حق ۾ ووٽ ڏنو هئو پر ٻيا هئا جن جو خيال هئو تہ وجهي اچ انهن ليڊرن جو احتساب ڪجي. شاگردن ۽ دانشوَرن هن ۾ چڱي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. بحث مباحثي کان پوءِ ۽ سموري ممڪن تحريڪ جي اڳ پٽ تي ويچارڻ کان پوءِ هڪ "اينٽي ون يونٽ فرنٽ" قائم ڪيو ويو. هن ڪنوينشن جي دلچسپ ڳالهہ هيءَ آهي تہ ون يونٽ ٺاهيندڙ سنڌي ليڊر محمد ايوب کهڙي وڏي سرگرمي سان حصو ورتو. ماڻهن کي ون يونٽ ٺاهڻ ۾ کهڙي ۽ راشدي جا ڪردار ياد هئا ۽ جن جي ڪري سنڌي ماڻهو نہ صرف بجيٽ جي ڪروڙين رپين کان محروم ٿي ويا هئا پر محرومي ۽ ڦرمار جي جانٻاهہ ۾ پيسجي رهيا هئا تنهنڪري ڪنوينشن ۾ هنن انهيءَ قرض چڪائڻ جو فيصلو ڪيو. کهڙي، جيئن پوءِ ظاهر ڪيو تہ هو پنهنجي پهرئين فيصلي ۾ قدم تي ماڻهن کان معافي وٺڻ وارو هئو. پر اصل ۾ انهيءَ جي پنيان اقتدار کان نيڪالي جو بدلو چڪائڻ هئو. بهرحال، حاضرين ۾ کهڙي جي خلاف ڏاڍو تاءُ هئو ۽ سڄي ڪارروائي دوران هن جي خلاف نعرا لڳندا رهيا ۽ تمام ڏاڍي مشڪل سان ڪنوينشن کان ٻاهر نڪري سگهيو.

ڪنوينشن کان پوءِ جن عهديدارن کي چونڊيو ويو سي هئا: پير شاهہ مردان شاهہ پاڳارو، مخدوم محمد زمان طالب المولٰي، مير غلام علي ٽالپر، حاجي مولا بخش سومرو، خانبهادر غلام محمد وساڻ، آغا غلام نبي پٺاڻ، قاضي فضل الله، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ جي ايم سيد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيشنل عوامي پارٽي جڏهن ڏٺو تہ احتياط طور سنڌي ليڊرن پنهنجي ڊار ڪني رڏي آهي، تڏهن هو بہ مستعد ٿي ويا پر اهو سنڌي ليڊرن کي آئڙيو ڪونہ. ائين ٿي لڳو تہ نيشنل عوامي پارٽي وارا بہ ٺڳ ڪيڏي رهيا آهن، جنهن ۾ ڪنهن بہ حالت ۾ فائدو ڪين ٿيندو.

صدر اسڪندر مرزا کي اهو تہ يقين هئو تہ ريپبليڪن پارٽيءَ جا پڳل اڳواڻ، اوڏيءَ مهل ڊوڪي واپس ايندا جڏهن کين يقين ٿيندو تہ پارٽي وري حڪومت ٺاهيندي پر ڊاڪٽر خان اها خاطري سٺ ڏينهن اندر ڪونہ ڏياري سگهيو تنهنڪري اسڪندر مرزا 20 سيپٽمبر 1957ع تائين گورنر راڄ وڌائي ڇڏيو. پر انهيءَ وچ ۾ جيڪي حالتون پيدا ٿيون تن مان اسڪندر مرزا کي خاطري ٿي ويئي تہ ريپبليڪن هاڻي اڪثريت ڏيکاري سگهندي. انهيءَ شرط تي 7 جولاءِ تي ڊاڪٽر خان پنهنجن حمايتن جو اجلاس گهرائي قوت جو اندازو لڳايو. هن اجلاس ۾ ڪل 305 ميمبرن مان 140 موجود هئا پر ڪن ميمبرن خط موڪلي ڏنا هئا جن کي ڊاڪٽر خان حاضر سمجهي اڪثريت قبول ڪئي ۽ اهڙي سڌ صدر اسڪندر مرزا کي ڏني ويئي. اسڪندر مرزا ريپبليڪن جي ڪابينہ بحال ڪري ڇڏي، پر ڊاڪٽر خان کي چيو تہ هو بحيثيت وزير اعليٰ استعيفا ڏئي صرف پارٽي جو سربراهہ رهي. گورنر گورماني اهو پيغام پهچائي نٽيا گلي سير سپاٽي لاءِ هليو ويو ۽ اتان ئي سڄي صورت حال ڏسندو رهيو. نيئن حڪم جي تعميل ٿي ۽ 17 جولاءِ 1957ع تي جڏهن موٽيو تہ هن سردار عبدالرشيد کي وزير اعليٰ جو قسم کڻائي، اولهہ پاڪستان اسيمبليءَ جو اجلاس 14 اگسٽ تي گهرائي ورتو.

سنڌ جي ميمبرن لاءِ هاڻي ڏاڍو ڏکيو وقت اچي پهتو هئو ڇاڪاڻ تہ هو ڏسي چڪا هئا تہ اقتدار جي لاءِ پوري اولهہ پاڪستان جا ميمبر ڪيئن وفاداريون بدلائي رهيا هئا جنهن ۾ ون يونٽ جو مسئلو رهجي نہ ويو تنهنڪري هنن بہ مسلم ليگ ۽ ريپبليڪن سان ڳالهائڻ شروع ڪري ڏنو. هڪ ڌريون ون يونٽ جي مسئلي تي سنڌي ميمبرن سان تعاون ڪرڻ لاءِ تيار هيون پر 7 جولاءِ واري اجلاس کان پوءِ هنن ڏٺو تہ مسلم ليگ پوري قوت سميت بہ ون يونٽ کي ٽوڙڻ واري حيثيت ۾ نہ رهندي تنهنڪري هنن ريپبليڪن سان بہ ڳالهايو. سنڌ جا ميمبر نيشنل عوامي پارٽي سان گڏ هئا تنهنڪري ريپبليڪن کي انهيءَ کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوشي ٿيڻي هئي.

هتي هيءَ ياد رکڻ گهرجي تہ ون يونٽ جي معاملي تي ريپبليڪن پارٽي جو نڪتو بنهہ واضح هئو ۽ اهو بہ سڀني کي معلوم هئو تہ ڊاڪٽر خان يا سردار عبدالرشيد پارٽيءَ جي ڪنهن بہ پاليسي تي خود مختار ڪونہ هئو. صدر اسڪندر مرزا جي اجازت ڪانسواءِ هو ڪنهن فيصلي ڪرڻ جو لائق ڪونہ هئو. بلڪ هو اسڪندر مرزا جا ئي فيصلا عمل ۾ آڻيندو هئو. هاڻي اسڪندر مرزا کان اجازت ڪانسواءِ نہ تہ ڊاڪٽر خان ڳالهائڻ جو مجاز هئو ۽ نہ وري سردار عبدالرشيد. ۽ حڪومت بچائڻ جو واحد طريقو هئو تہ ون يونٽ تي ناهہ ڪيو وڃي. تنهنڪري اها ڳالهہ سردار عبدالرشيد پير صاحب پاڳاري جي ذريعي اسڪندر مرزا کي چورائي. اها تہ سڀني کي خبر آهي تہ اسڪندر مرزا، ون يونٽ تي ڪيترو نوس موقف رکندو هئو. بهرحال ريپبليڪن کي اقتدار ۾ رکڻ لاءِ هن اهو زهر جو ڍڪ پيتو ۽ ون يونٽ کي ٽوڙي ان کي زونل فيڊريشن ۾ تبديل ڪرڻ تي اتفاق ڪيو. نيشنل عوامي پارٽي جنهن ۾ ان وقت تائين پنجاب جو وڏو عنصر داخل ٿي چڪو هئو، تنهن کي ون يونٽ بدران اها ڳالهہ قابل قبول نظر آئي.

بهرحال 14 آگسٽ تي نيشنل عوامي پارٽي ۽ ريپبليڪن پارٽي جي درميان هڪ ناهہ ٿيو جنهن ۾ اهو طئي ڪيو ويو تہ اولهہ پاڪستان اسيمبلي جي اجلاس ۾ هڪ ٺهراءُ پيش ڪيو ويندو جنهن ۾ ون يونٽ ٽوڙي چئني صوبن کي ٻوليءَ جي بنيادن تي صوبائي خودمختاري ڏيڻ جي سفارش ڪيل هوندي ۽ اهو تہ اهي صوبا اولهہ پاڪستان زونل فيڊريشن جا ميمبر هوندا. هن ناهہ تي غفار خان، ميان افتخار الدين، سردار عبدالرشيد، ڪرنل عابد حسين، جي ايم سيد ۽ مرڪزي اسيمبلي جي قائداايوان ملڪ فيروزخان نون صحيحون ڪيون.

ٽئين ڏينهن يعني 17 آگسٽ 1957ع تي اولهہ پاڪستان اسيمبلي جو اجلاس گهرايو ويو جنهن ۾ ناهہ جي مطابق رئيس غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي جي پيش ڪيل تحريڪ مطابق اسيمبلي کي ٺهراءُ تي غور ڪرڻو هئو تہ ون يونٽ جو تجربو ناڪام ٿي چڪو آهي تنهنڪري ان کي ٽوڙي صوبن جي هڪ ننڍي فيڊريشن (زونل فيڊريشن) قائم ڪئي وڃي. مسلم ليگ جا ميمبر ڏاڍي شش و پنج ۾ پئجي ويا. ووٽنگ ۾ حصو وٺڻ ۽ نہ

ونڻ ٻئي ڏاڍا ڏکيا مسئلا تي پيا ۽ نيٺ هنن ووٽنگ ۾ حصو نہ ورتو. نتيجي طور 107 ووٽن جي حمايت سان هيءُ ٺهراءُ منظور ڪيو ويو.

ٺهراءُ پاس ٿيڻ کي پاس تي ويو هئو پر عملي طرح اجا گهٽو ڪم رهيل هئو. ون يونٽ کي ڊاهڻ قومي اسيمبلي جو ڪم هئو. ان لاءِ آئين ۾ تبديلي ڪرڻ ضروري هئي. بظاهر ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ مرڪزي حڪومت ڪو عملي قدم ڪونہ کڻي رهي هئي. ون يونٽ پنهنجي جاءِ تي قائم هئو. هڪ طرف جي ايم سيد، خان غفار خان بيان ڏيئي رهيا هئا تہ جيڪڏهن ون يونٽ نٿو ٽوڙيو وڃي تہ ريپبليڪن کي حڪومت ڇڏڻ گهرجي، ٻئي طرف اسڪندر مرزا وقت ونڻ جي لاءِ مسئلي کي اينگهائي رهيو هئو. هن جي لاءِ ون يونٽ جو مسئلو ذاتي ساک ۽ وقار جو مسئلو هئو. ڇاڪاڻ تہ هو پنهنجي سرڪجهہ بہ نہ، پر پويان ايوب خان جي چوڻ تي ڪري هيو هئو. روز روز اسيمبلي ٽوڙڻ يا معطل ڪرڻ بہ خواري جي ڳالهہ هئي تنهنڪري هو پنهنجن ويجهن دوستن سان صلاحون ڪندو رهيو نيٺ 23 سيپٽمبر تي هڪ بيان جاري ڪيائين:

"اولهہ پاڪستان اسيمبلي تازو اولهہ پاڪستان جي جوڙجڪ بدلائڻ جو جيڪو ٺهراءُ پاس ڪيو آهي، تنهن سان عام ماڻهن خاص ڪري سرڪاري آفيسرن ۾ ڳڻتي پيدا ٿي پئي آهي. مون انهيءَ سلسلي ۾ وزير اعظم سهروردي سان صلاح ڪئي آهي ۽ اسان ٻئي ڄڻا هن ڳالهہ تي متفق آهيون تہ هن مرحلي تي آئين ۾ ڪا ردوبدل ڪرڻ ممڪن ڪونهي.... پاڪستان جي سياسي مضبوطي لاءِ انهيءَ کان وڌي ضروت هن ڳالهہ جي آهي تہ چونڊون سگهيون ڪرايون وڃن ۽ اهي تنهن وقت تي سگهن ٿيون جڏهن موجوده آئين هيٺ ڪرايون وڃن."

حڪمران ٽولي هاڻي ون يونٽ جو گهنگهر ڪڻي چونڊن سان ڳنڍيو. سهروردي سان اسڪندر مرزا جي ڳالهہ ٻولهہ تي چڪي هئي، جنهن جي ون يونٽ سان ڪا خاص دلچسپي ڪانہ هئي. تنهنڪري هن بہ ساڳيءَ رات ريڊيو تان تقرير نشر ڪري حڪومتي ٽولي جي نيت جو صاف اعلان ڪيو. هن ون يونٽ جي حمايت ڪئي ۽ ان کي برقرار رکڻ جو پڪو پهہ ڏيکاريو. بلڪ ماڻهن کي خبردار ڪيو تہ جيڪڏهن آئين ۾ ڦيرڦار ڪئي ويئي تہ چونڊن ۾ دير پوندي جيڪا خطرناڪ ڳالهہ هوندي. ٻيءَ

صورت اها پيش ڪئي تہ جيڪڏهن قيرقار ڪرٽي آهي تہ اها نئين اسيمبلي اچي ڪري. ٻين لفظن ۾ ون يونٽ ٽٽڻ جو معاملو وري نئين تعطل جو شڪار ٿي ويو.

ريپبليڪن پارٽي وارن اولهہ پاڪستان ۾ في الحال پنهنجي حڪومت بچائڻ لاءِ ون يونٽ جي خلاف ٺهراءُ پاس ڪرايو هئو پر هنن چاهيو ٿي تہ نيشنل عوامي پارٽي جي تائيد هڪ سال اڃا جاري رهي تہ جيئن بجيٽ اجلاس ڪنهن رڪاوٽ کانسواءِ هلي وڃي. مسٽر جي ايم سيد پنهنجي حمايتين جي مدد سان انهيءَ ڪوشش ۾ هئو تہ بجيٽ اجلاس ٿيڻ جو موقعو ئي نہ اچي ۽ ان کان اڳ صوبا پنهنجي اصل صورت ۾ اچي وڃن تنهنڪري هن ريپبليڪن تي دٻاءُ وجهڻ خاطر مسلم ليگ سان ناهہ ڪرڻ واري ڳالهہ ٻہ چوري، جنهن سان وري ريپبليڪن وزيرن کي ناچا قائي محسوس ٿيڻ لڳي پر اهي ڪري ڪجهہ ڪونہ ٿي سگهيا ڇاڪاڻ تہ فيصلو "متين" جي هٿ ۾ هئو. مسلم ليگ جي ٻيهر حمايت حاصل ڪرڻ واري ڳالهہ ٻہ گهٽي گذري چڪي هئي ڇاڪاڻ تہ تنهن وقت تائين مسلم ليگ پنهنجي ڍاڪا واري اجلاس ۾ ون يونٽ کي برقرار رکڻ جي حمايت جو ٺهراءُ پاس ڪري چڪي هئي جنهن جو مطلب صاف هئو تہ هو "حڪمران ٽولي" جي حمايت حاصل ڪري حڪومت تي ٻيهر قبضو ڪري سگهن ۽ ٻيو ننڍن صوبن جي ليڊرشپ کي "سبق" سيکارڻ بہ هئو.

ون يونٽ خلاف ناهہ پاس ٿئي پنج مهينا لنگهي چڪا هئا جنهن وچ ۾ ملڪي ۽ عالمي سطح تي ڪئين تبديليون اچي چڪيون هيون. صدارتي محل ۾ روز نيون اسڪيمون ٺهنديون هيون، نوان چهرا ويچار هيٺ ايندا هئا پر انهن سيني اسڪيمن ۾ ون يونٽ کي برقرار رکڻ جو فيصلو قائم رهيو. نيٺ جڏهن اولهہ پاڪستان اسيمبلي جو بجيٽ اجلاس شروع ٿيڻ ۾ ٿورا ڏينهن باقي رهجي ويا تہ سيد ۽ نيشنل عوامي پارٽي، حڪومتي پارٽي تي پنهنجو دٻاءُ وڌائي ڇڏيو ۽ صاف ٻڌائي ڇڏيو تہ ريپبليڪن حڪومت ڊهي سگهي ٿي. هاڻي وزارتي پارٽي ۾ وري بيچيني پيدا ٿي ويئي.

وزير اعليٰ، روز رات جو وزيرن جي ٽولن ۽ همخيال ميمبرن سان ڳجهيون ملاقاتون ڪرڻ لڳو تہ ڪيئن حڪومت بچائجي. پر اسڪندر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرزا جي اشاري تہ اهو طئي ٿيو تہ سيد گروپ کي ٻيهر يقين ڏيارجي تہ ريپبيلڪن پنهنجي وعدي تي قائم آهي ۽ بجيٽ پاس ٿيندي ئي هو ون يونٽ ٽوڙڻ واري ٺهراءَ تي عمل ڪرائيندي. پر نيشنل عوامي پارٽي وارا، اهو نئون وعدو مڃڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا تنهنڪري فيصلو ڪيو ويو تہ سردار عبدالرشيد کي قرباني جو ٻڪرو بنائي ڪو نئون چهرو اڳيان آڻجي. جيئن ڳالهہ ٻولهہ ۾ سولائي ٿئي ۽ اهو ڪٽو. مظفر علي قزلباش جي نالي نڪتو. ارڙهين مارچ 1958ع تي هن نئين وزيراعليٰ طور قسم کنيو ۽ پروگرام مطابق هن نيشنل عوامي پارٽي سان ان جي حمايت جي عيوض ون يونٽ ٽوڙائڻ جو وعدو ورجايو.

هتي هي ٻڌائڻ ضروري آهي تہ جڏهن سيد ۽ نيشنل عوامي پارٽي جي ٻين ليڊرن بجيٽ اجلاس کان گهٽو اڳ ون يونٽ جي مسئلي تي ريپبليڪن جي حمايت تان هٿ ڪڻڻ جو چوٻول هُلايو هئو تہ حڪمران پارٽي جا ڪئين ميمبر پڇي وڃي وري مسلم ليگ جي بينچن تي وينا هئا. تنهنڪري جڏهن بجيٽ اجلاس شروع ٿيو ۽ جيئن ئي سيد ۽ قزلباش ناهہ ٿيو تہ ڏاڍي منجهيل صورت پيدا ٿي ويئي. مسلم ليگ وارا، ريپبليڪن ميمبرن کي ربهي ربي اهو يقين ڏياري رهيا هئا تہ اجهو ٿي حڪومت وڃي ۽ اوهان سڀ وزير ٿيندا. گهڻا تہ اهڙا هئا جن سان اهو ناهہ ٿيو تہ هو پلي ريپبليڪن ۾ رهن پر ووٽ ڏيڻ وقت هو مسلم ليگ جي حمايت ڪن. حزب مخالف جو اڳواڻ سردار بهادر خان بار بار راءِ شماري جي گهر ڪري رهيو هئو جڏهن تہ قزلباش، شڪست جي پوءِ کان ڊڄتر ۾ هئو. نيٺ انهيءَ ڊپ ۽ خوف جي ماحول ۾ ووٽنگ ڪرائي ويئي، خبر ناهي ڇا ٿيو. بهرحال ريپبليڪن 163 ووٽ کنيا ۽ 26 ووٽن تان کٽي پنهنجي ٻڏندڙ وزارت کي بچائي ورتو.

قزلباش کي پڪ هئي تہ سندس اها ڪاميابي ريپبليڪن جي حمايت جي ڪري ٿي آهي، جنهن ڪري شام جوئي جي ايم سيد ۽ ٻين اڳواڻن ون يونٽ جي مسئلي کي کنيو پر اسيمبليءَ جي بحث دوران ۽ ايوان کان ٻاهر قزلباش هڪ نہ ٻئي بهاني سان ون يونٽ جي ڳالهہ ٽاريندو رهيو. جيستائين بجيٽ اجلاس پورو نہ ٿيو ۽ ون يونٽ جو مسئلو هڪ گهمرو وري سرد خاني ۾ هليو ويو.

جي ايم سيد ۽ نيشنل عوامي پارٽي ۾ سندن حمايتي هاڻي ٻيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترڪيبون سوچڻ لڳا. چاڪاڻ تہ اهي افواہ پکڙجڻ لڳا هئا تہ اسڪندر مرزا ڪڍهن بہ ون يونٽ ٽٽڻ نہ ڏيندو ۽ وزير اعظم سهروردي، جيڪو گورماني جي سرہٽ سان وزيراعظم ٿيو هئو. سو پڻ انهيءَ خيال جو هئو. پر هاڻي هنن جي اڳيان ڪا ڪليل واہ ڪانہ هئي انهيءَ ڪري تہ مسلم ليگ وارن ڳالهين جو دروازو تقريباً بند ڪري ڇڏيو هئو ۽ ريپبليڪن جي حڪومت اسڪندر مرزا جي ذاتي خواهش ۽ هن جي چاڙ تي تولي جي مرضي تي هئي. بهرحال انهيءَ عرصي دوران ڪيئن اهڙيون تبديلون آيون، خصوصاً قومي سطح تي، جيڪي نئين سرجدوجهد جو ڏس ڏيئي رهيون هيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 17

# وزيراعظمن جي لاءِ ٻاهريان اشارا

هاڻي ون يونٽ جو سمورو معاملو، مرڪز وٽ وڃي ڦاٿو. سنڌ جي ليڊرن کي اها ڄاڻ هئي يا ڪانه، تنهن بابت ڪا ڳالهه يقيني نٿي چئي سگهجي پر گهٽ ۾ گهٽ اسڪندر مرزا، سهروردي ۽ ايوب خان کي خبر هئي تہ هو اهڙن ڪيترن ئي اسيمبلي نمرائن کي منهن ڏيئي سگهن ٿا. تنهنڪري اولهہ پاڪستان اسيمبلي جي اجلاس کي ڪاميابيءَ سان اڪلائي ڇڏيو بلڪ پنهنجي ذاتي وقارکي متاثر ٿيڻ نه ڏيڻ لاءِ هنن ڊاڪٽر خان کي قرباني جو ٻڪرو بڻائي ڇڏيو هئو ۽ اندازو هئو تہ پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪو راهہ ۾ ايندو، تنهن کي بليدان بڻائيندا ويندا. جنهن وقت اولهہ پاڪستان اسيمبلي جو اجلاس پورو ٿيو تنهن وقت سهروردي وزيراعظم هئو جيڪو ذاتي طرح ون يونٽ جو حامي هئو. تنهنڪري سنڌ جي ماڻهن کي اها اميد گهٽ هئي تہ ڪو هن جي هوندي ون يونٽ ٽٽندو تنهنڪري هنن جو خيال هئو تہ اوڀر پاڪستان جي حمايت کان پوءِ وزير اعظم ۽ صدر ٻئي ون يونٽ کي ٽوڙڻ لاءِ مجبور هوندا. سيد ۽ سنڌس ٻيا ساٿي اهوئي سوچي پنهنجي جدوجهد جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو.

هاڻي حالتون بہ اهڙيون پيدا ٿي ويون هيون جو خود سهروردي جي ڪرسي بہ لوڏن ۾ اچي ويئي هئي. انهيءَ جو ڪارڻ هيءُ تہ سهروردي وزير اعظم بڻيو ئي انهيءَ ڪري جو ڀاشانيءَ سان سندس اختلاف ٿي پيا، تنهنڪري جڏهن ڀاشاني عوامي ليگ کان ڌار ٿي نيشنل عوامي پارٽي

ناهي تہ عوامي ليگ جا گھڻا ڪارڪن، حمايتي ۽ ليڊر پاشانيءَ سان گڏ هليا ويا. پر سهروردي بہ ڏاڍي دل جو مالڪ هئو، تنهن هر صورت حال کي نرمي پرپڪي ارادي سان منهن ڏنو.

سهروردي ڇو اهڙين حالتن ۾ بہ يارهن مهينا وزيراعظم رهيو، تنهن جا بہ گھڻائي ڪارڻ آهن. هڪ تہ هو وڏيرن، چوڌرين، خانن ۽ سردارن واري روايتي خاندان مان ڪونہ هئو. هن پنهنجي سياست شاگرد سياست سان شروع ڪئي هئي. پوءِ لاهور ۾ وڪالت شروع ڪيائين جتي ملڪ جون وڏيون سياسي اٿلون ڏٺيون ۽ سازشون گھڙيون ويون. هن جي پهرين پرک روالپنڊي سازش ڪيس ۾ ٿي جڏهن هو فوج جي سامهون آيو. انهيءَ ۾ هن فوج جي مڙهيل الزامن جا جواب ڏنا جنهن ڪري هن ۾ فوج جو وينل ڏپ هٽي ويو. پر فوج بہ هن کي اک ۾ رکي ڇڏيو. بهرحال اها ڳالهہ کلي ويئي تہ هو آزاد خيالن جو حامي هئو، انهيءَ ڪري سياستدانن ۾ هن جو درجو وڌڻ لڳو، انهيءَ حد تائين جو هو پارٽيءَ جي پاليسين کي ناهيندو جوڙيندو رهند وهئو تہ ڪيس ڪوبہ نہ چوندو هئو. البتہ جڏهن هن پنهنجي اڳوٽي وزيراعظم چوڌري محمد علي جي پاليسين کي بدلايو تہ سندس ماڻهن ئي ساڻس اختلاف ڪرڻ شروع ڪري ڏنو خاص ڪري ڪامورا شاهي جيڪي اندروني جوڙجڪ ۾ سياستدانن جي مداخلت جا سخت مخالف هئا. اها ساڳي بيوروڪريسي هئي جيڪا غلام محمد، اسڪندر مرزا ۽ چوڌري محمد علي وارن کي آگرڪان وني هلائيندي هئي، جن هر حڪومت ۾ پنهنجي حڪومت (Government within government) ناهي رکي هئي ۽ جڏهن ضرورت پوندي هئس تہ اهڙا طريقا استعمال ڪندا هئا جو چونڊيل حڪمران پنهنجي جان ڇڏائيندا هئا.

سهروردي کي انهيءَ جي سموري خبر هئي. هن ايندي شرط ڪامورا شاهي جي انهيءَ جادو کي ٽوڙيو. هر فيصلي کي پنهنجي هٿ ۾ ڪيو. انهيءَ حد تائين جو سروسز ۽ جنرل ايڊمنسٽريشن کان وني فنانس تائين گھڻو ڪم پنهنجي هٿ ۾ رکيو. سيڪريٽري جيڪي پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ هر شيءِ جا مالڪ هئا تن کي پاڻ وٽ جوابده بنايو ۽ جيتوڻيڪ سيڪريٽري پنهنجي طرفان قانوني پيچيدگيون، فني مونجهارا ۽ سياسي دباءُ بيان ڪندا هئا. سهروردي انهن سمورن کي اورانگهي پنهنجا فيصلا ڪندو هئو بلڪہ انهيءَ طريقي کي پاليسي جو

حصو ٻڌائي ڇڏيندو هئو.

وزير اعظم بنجڻ جي حيثيت ۾ بچاءُ وارو ڪاتو بہ سندس اختيار ۾ آيو ٿئي. هن ڪان اڳ روالپنڊي سازش ڪيس ۾، جڏهن ايوب خان، فوج جو ڪمانڊر انچيف هئو، تڏهن ملزم ميجر جنرل اڪبر خان ۽ ٻين ملزمن جي بچاءُ جي وڪيل طور وڪالت ڪئي ۽ آڏي پڇا ۾ فوجي آفيسرن تي ڏاڍي جرح ڪئي. ايوب خان کي انهيءَ تان ڏاڍي منيان لڳي پر انهيءَ وقت ڪجهي ڪونہ ٿي سگهيو. پر ڇاڪاڻ تہ ايوب خان جي نظر بہ اقتدار تي هئي تنهن، سهرورديءَ کي غير محب وطن قرار ڏيئي سمورو سور ساهہ ۾ سانڍي رکيو ۽ انهيءَ جو اظهار ان وقت ٿيو جڏهن بوگره وزارت ۾ ٻئي وزير ٿيا تہ هڪ ميٽنگ هلندي ڪيس جو ذڪر نڪتو. اتي سهرورديءَ کي ايوب خان جون ڀڻڪيون ٻڌڻيون پيون. پر سهروردي بہ ٻڌڻ وارو ڪونہ هئو تنهنڪري ٿوري ڳالهہ ٻولهہ ۽ دليلن جي ڏي وٺ ڪان پوءِ، ٻيئي ماٺ ٿي ويا. البتہ ايوب خان چئي ڪڍيس تہ هو پاڪستان جو دوست ناهي ڇاڪاڻ تہ ڪيس هلندي هن فوجي آفيسرن جي بيعزتي ڪئي هئي. ان وقت ايوب خان کي خبر ڪانہ هئي تہ اڳتي هلي ڪيس سهرورديءَ سان وزيراعظم طور هلڻو پوندو.

قسمت ۽ سياست جو ڦيرو ائين ٿيو تہ هڪ ڏينهن سهروردي کي وزير اعظم نامزد ڪيو ويو. اسڪندر مرزا کي ايوب خان ۽ سهروردي جي معاملي جي خبر هئي، سو هن اها خبر ايوب خان کي ڏني جنهن صاف لفظن ۾ چيس: ”وزير اعظم جي حيثيت ۾ هو سندس هر حڪم مڃيندو پر فوج جي معاملن ۾ هو ڪابہ مداخلت برداشت نہ ڪندو.“ بهرحال جڏهن اسڪندر مرزا پراڻي معاملي ختم ڪرڻ جو چيس تہ ايوب خان ڪا ورندي ڪانہ ڏني.

اسڪندر مرزا، سهروردي کي وزيراعظم طور قبول ڪرڻ ۾ ڪو خوش ڪونہ هئو پر ڇاڪاڻ حالتون اهڙيون اچي بيٺيون هيون جو انهيءَ ڪانسواءِ ٻي ڪا واهہ ڪانہ هئي، تنهنڪري مجبوراً اها وهہ جي پيالي ڪڍي پيتائين، باقي اسڪندر مرزا جي دل جو چور گهٽو سجاڳ هئو. پر هاڻي هن تي ثابت ٿي چڪو هو تہ سهروردي پنهنجي آزاد طبيعت جي ڪري مٿس اثر انداز ٿي رهيو هئو تنهنڪري هو سهروردي کي سرڪاري ۽ حڪومتي ڪمن ۾ مصروف رکڻ لڳو. نيٺ جڏهن جولاءِ 1957ع ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اولهہ پاڪستان ۾ حالتون گنڀير ٿيڻ لڳيون تہ هن سهروردي کي يورپ ۽ آمريڪا جي دوري تي موڪلي ڏنو ۽ هن جي غير حاضري ۾ گهڻو ڪجهہ ڪري وڌائين. انهيءَ ۾ سڀ کان مٿانهين ڳالهہ هيءَ هئي تہ سهروردي کان ڪمزيءَ طرح جان ڇڏائجي.

اسڪندر مرزا کي ڄاڻ هئي تہ سهروردي عوامي ليگ ۽ ڪرشڪ سرامڪ جي ڪوليشن جو چونڊيل هئو تنهنڪري سهروردي جي غير موجودگي جو فائدو وٺي ڪوليشن ۾ ڦوٽ وجهڻ شروع ڪيائين. ڪرشڪ وارن سان ڳالهايائين، جيڪي ٿورائي ۾ هئا. اسڪندر مرزا سان ڳالهين کان پوءِ هو فوراً پاڻ کي وڌو محسوس ڪرڻ لڳا. اقتدار جو آسرو ڪڻ کي مڻ بنائي وجهندو هئو. سو جيئن ئي سهروردي دوري تان پهتو تہ پڙهيل طوطي وانگيان ڪرشڪ سرامڪ وارن سهروردي کي چيو تہ هو اولهہ پاڪستان جي گورنر مشتاق گورماني کي ڪڍي نہ تہ هن کي سندن حمايت تان هٿ ڪڻو پوندو. ٻين لفظن ۾ سهروردي وزيراعظم ڪونہ رهندو. سهروردي چوکنيو ڦاسي چڪو هئو. هو گورماني جي ڪري وزيراعظم ٿيو هئو ۽ اڄ هن کي ڪانئس ئي استعيفا وٺڻ لاءِ چوڻو ٿي پيو. بهرحال، هن انهيءَ ناتي جو خيال ڇڏي گورماني کان اولهہ پاڪستان جي گورنري جي استعيفا گهري ڏني جيڪا هن 27۔ سيپٽمبر 1957ع تي ڏني. هيءَ اهو ئي ڏينهن هئو جڏهن ون يونٽ جي نهراءُ پاس ٿيڻ بعد صدر اسڪندر مرزا ريڊيو تان پنهنجي تقرير ۾ صاف اعلان ڪيو هئو تہ ون يونٽ ٽوڙڻ وارو فيصلو قبول ناهي. سهروردي بہ ڪنهن تمام ڏاهي ٻانهي وانگيان ون يونٽ جي مخالفت ڪئي ۽ اهو فيصلو اينڊز چونڊيل اسيمبلي تي ڇڏي ڏيڻ جو اعلان ڪيو. پر سهروردي وزارت کي ڌڪو اوڏيءَ مهل رسيو جڏهن ٻن ڏينهن کان پوءِ مرڪزي وزير داخلا غلام علي ٽالپر بيان جاري ڪري سهروردي جي مخالفت ڪئي ۽ چيو تہ ريپبليڪن پارٽي ون يونٽ ٽوڙڻ جو وعدو ڪري چڪي آهي تنهن ڪري ان کي ٽوڙيو وڃي. نين چونڊن تي ون يونٽ جو ڪو اثر ڪونہ پوندو. خود ريپبلڪن ۾ ڏار پئجي ويو هئو. ڪرشڪ سرامڪ اڳ ۾ تيار هئي. تنهن جي لاءِ هن کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو موقعو هئو تنهن بہ پنهنجا پر پکيڙڻ شروع ڪري ڏنا. جنهن سان تہ اسڪندر مرزا اڳ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪري چڪو هئو. اسڪندر مرزا، مسلم ليگ کي بہ هشي ڏيئي ڇڏي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا گهٽي عرصي کان اقتدار ڪانسواءِ ٻاهر ويٺي ڪنهن اهڙي موقعي جي انتظار ۾ هئي تہ هو وري اختيارين جي مالڪ بڻجي. دولتاني انهيءَ ۾ تمام گهٽو ڪردار اختيار ڪري رهيو هئو، سو وچي سهروردي کي دلاسو ڏنائين ۽ چيائين: ”جيڪڏهن ريپبليڪن توکان باغي ٿي وڃي ٿي تہ اسان توسان ٻڌل آهيون.“ انهيءَ تي سهروردي جي منهن تي چنبو پيو ۽ هڪدم شينهن ٿي ويو ۽ اسڪندر مرزا کي چيائين تہ جيڪڏهن توکي منهنجي اڪثريت ڏسڻي آهي تہ ڪٺي اجلاس گهرائي.

اسڪندر مرزا، اهڙن ڪمن جو ڪيڏاري هئو، تنهن کي هر چرپر جي خبر هئي. هن پنهنجا چاڙتا چڏي رکيا هئا، سو جيئن مسلم ليگ وارا سهروردي سان مليا، اچي اسڪندر مرزا کي سڌ ڏنائون، ۽ اجلاس گهرائڻ جي ضرورت ئي محسوس ڪانہ ڪئي ۽ سنئون سڌو سهروردي کي چيو تہ استعيفا ڏئي. انهيءَ وچ ۾ ٻہ ٽي ڏينهن لنگهي ويا، بهرحال، صدر کي اهو اختيار هئو تنهنڪري سهروردي ڪجهہ نٿي ڪري سگهيو. سندس ٻيو ساٿي گورماني اڳي ئي گهر ويٺو هئو، سو 18۔ اڪتوبر 1957ع تي ڪاغذ جو ٽڪرو، اسڪندر مرزا جي حوالي ڪري ويهي رهيو.

سهروردي جي استعيفا سان، سهروردي۔ گورماني واري ٻہ ٽڻ تہ ٽٽي پيئي پر هاڻي اسڪندر مرزا کي اهڙي ماڻهو جي گهرج هئي جيڪو صرف هن جي ها ۾ ها ملائي، بس ٻيو ڪجهہ نہ ڪري. اهڙو ڪمزور ماڻهن هن کي سندس دوست اسماعيل چندريگر نظر آيو جيڪو اسڪندر مرزا جي ذاتي محفلن ۾ سندس ٿهل ٽڪور بہ ڪندو هئو. هن کي پنهنجي رنگين شام سان گهٽي دلچسپي هئي جيڪا هن وزيراعظم بڻجي وڃائڻ نٿي چاهي.

چندريگر ويچارو سياست کان ٻنهہ پري هئو صرف مسلم ليگ جي فنڊ ۾ چندو ڏيندو هئو ٻيو ڪاروبار ڪڙي کان ٻاهر اصل نہ نڪرندو هئو. سياستدانن ۽ ڪامورن سان سنگت ساٿ ضرور هئس پر سياست جي اندرين ڦيرين گهرين کان ٻنهہ اڻ واقف هئو. نيٺ ساڳي ڏينهن يعني 18۔ اڪتوبر تي هن قسم کڻي اهڙي وزارت ٺاهي جيڪا ملڪي تاريخ ۾ سڀ کان ٿورو عرصو هلي. هن کي سموريون پاليسيون اسڪندر مرزا ٺاهي ڏيندو هئو، فيصلا بہ هوئي ڪندو هئو ۽ ويچارو چندريگر صرف صحيحن ڪرڻ لاءِ رهجي ويندو هئو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ وچ ۾ ون يونٽ وارو معاملو رولڙي ۾ پئجي ويو. سنڌ جا ميمبر ڪراچي ۽ لاهور جي وچ ۾ جتي وقت ملندو هئن، اسٽريٽيجي طئي ڪرڻ ۾ وقت گذاريندا هئا ۽ هر وقت انهيءَ تي زور پريندا رهندا هئا تہ ٺهراءُ پاس ٿيڻ کان پوءِ ون يونٽ کي ٽوڙڻ گهرجي، پر مسئلو هيءَ هئو تہ ون يونٽ ٽوڙڻ جو اختيار جن ماڻهن کي هئو. اهي ئي تہ ون يونٽ ٺاهڻ وارا هئا. هو ڪيئن انهيءَ ڳالهہ تي ايڏو سولائي سان تيار ٿي ويٺا هئا. انهيءَ ون يونٽ جي معاملي کي رولڙي ۾ وجهڻ لاءِ تہ هنن ڊاڪٽر خان، گورماني، سهروردي ۽ ٻين سمورن کي ڪڍيو ۽ هيڏا سارا ممڻ مچائي ڇڏيا هئا.

بهرحال، اسڪندر مرزا هر وقت اها رٽ لڳايو ويٺو هئو تہ ون يونٽ ٽوڙڻ جو مسئلو ايترو نازڪ آهي جو ان کي نئين چونڊيل اسيمبلي اچي حل ڪري. هاڻي اها اسيمبلي ڪڏهن ايندي، تنهن تي هو جواب ڏيڻ لاءِ تيار ڪونہ هئو ڇاڪاڻ تہ اهي چونڊون ئي ڪونہ ٿيڻيون هيون جن ذريعي نئين اسيمبلي اچي ۽ اچي فيصلو ڪري يا ون يونٽ واري ٺهراءُ کي قانوني شڪل ڏئي.

دراصل اسڪندر مرزا چونڊون چاهيون ڪونہ ٿي ڇاڪاڻ تہ چونڊن جو مقصد هئو سندس گم ٿيڻ. صورت حال اهڙي هئي جو نين چونڊن ۾ اسڪندر مرزا جي ٻيهر صدر ٿيڻ جو ڪو امڪان ڪونہ هئو تنهنڪري هن نئين سازش هلائي ۽ اها هئي چونڊن جو طريقو جيڪو ويجهڙائي ۾ حل ٿيندي نظر ڪونہ ٿي آيو. انهيءَ سان گڏ پنهنجي ڪل بچائڻ لاءِ هن انتظامي مشينري کي اها هدايت ڪئي تہ چونڊن جو انتظام ڪيو وڃي.

ماڻهو ويچارا، خاص ڪري جن کي ملڪ ۽ جمهوريت لاءِ ڪي ٿورو گهڻو اونو هئو. سي هنن خود غرض سياستدانن جي گهومتاڙين ۾ ڦاسي پيا هئا. اسڪندر مرزا تمام چالاڪ ماڻهو هئو. هن کي ڄاڻ هئي تہ ڪهڙيءَ طرح ڪهڙي صورت حال کي منهن ڏيئي سگهبو. تنهن کي اڳ ۾ ئي چونڊن جي طريقي کي متنازعہ بنائي ڇڏيو هئو. اهو تہ اڳئين باب ۾ اچي چڪو آهي تہ چونڊن تي ڪو اختلاف ڪونہ هئو ايستائين جيستائين اوير پاڪستان صوبائي خودمختاري ۽ پنهنجن حقن جو مطالبو نہ ڪيو. ان کان پوءِ هن مسئلي تي بہ ڏار مڪتب ٿي ويا. انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي اڳئين باب ۾ ذڪر اچي چڪو آهي هتي ايترو چوڻ ڪافي آهي ته اسماعيل چندريگر کي خبر ڪانه پئي ته ڪو ڪهڙي ڳالهه جو شڪار ٿي رهيو آهي، سو وزيراعظم جو قلمدان سنڀاليندي ئي گڏيل چونڊن بدران ڌار چونڊن جو فيصلو پاڻمرادو ڪري ڇڏيائين بلڪ هڪ اهڙو آرڊيننس به تيار ڪرائي ورتائين. آرڊيننس ڪابينه ۾ پيش ٿيو ۽ ڳالهه اخبارن تائين پهتي ته ممڻ مچي ويو. بنگالين ان جي سخت مخالفت ڪئي ۽ چندريگر کي دڙڪو ڏنو ته هو پنهنجي رٽ واپس نٿو وٺي ته هو سنڌس. حڪومت جي حمايت تان هٿ کڻي ويندا: معنيٰ ته ڪيس وزيراعظم واري مسند ڇڏڻي پوندي.

چندريگر اهڙين چالن کان واقف ڪونه هئو تنهن گهٽي ڳالهه پڌڻ بدران صرف 54 ڏينهن اقتدار ۾ رهڻ بعد 8 ڊسمبر 1957ع تي استعيفا ڏني پر 11 ڊسمبر تائين پنهنجي عهدي تي قائم رهيو جيستائين نئون وزير اعظم عهدو سنڀالي. پوءِ وڃي پنهنجي رنگين شامن کي آباد ڪيو. اسڪندر مرزا ٻي ڪا واهه نه ڏسي ملڪ فيروز خان نون، جيڪو ان وقت ريپبليڪن پارٽيءَ ۾ هئو ۽ وزير خارجه هئو تنهن کي وزيراعظم ٿاڦي ڇڏيو ۽ ڪيس وزارت ناهڻ لاءِ چيو.

هنن سمورن ڦيرين گهرين جي ڪري ملڪ عجيب حالتن مان لنگهي رهيو هئو. هڪ برسراقتدار گروهه، اسڪندر مرزا جي اڳواڻي ۾ هر شيءِ جو مالڪ بنجي حڪومت ڪري رهيو هئو. امن امان جي صورت حال بگڙي رهي هئي. سرحدن تان سمگلنگ جي ذريعي ملڪ جو سرمايو ڪاڇي رهيو هئو. سياسي رهنما ۽ ڌريون ڪنهن به متنازعه مسئلي تي ناهه ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه هئا، جنهن ڪري ماڻهن ۾ هڪ قسم جي مايوسي پکڙيل هئي، جنهن جو فوري طور ڪو تدارڪ نظر ڪونه ٿي آيو.

انهيءَ صورت حال جي ڪارڻ تي جيڪڏهن سرسري نظر وجهجي ته ڏسبو ته ان وقت ملڪ ۾ ڪا هڪ قوت نه، پر هڪ ئي وقت ٽي قوتون حڪمراني ڪري رهيون هيون: ڪامورا شاهي. خود غرض سياستدان ۽ مخصوص مفاد پرست ٽولو. هيءَ هڪ اهڙو ٽڪنڊو هئو جيڪو گڏ هوندي به ڌار ڌار مقصدن جي آبياري ڪري رهيو هئو.

اسان کي معلوم آهي ته پاڪستان ٺهڻ جي پهرين ڏينهن کان وٺي ڪي مخصوص قوتون انهيءَ خيال جون هيون ته پروگريسو عناصر هتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ اُسرن نہ ويجهن ڇاڪاڻ تہ سندن خيال موجب انهيءَ سان اسان ڪميونزم جي چنبي ۾ ڦليا ويندا سين ۽ انهيءَ خيال جي ڪري ڪميونسٽ پارٽي ٺهي ۽ ٺهڻ جي فوراً بعد ان کي غير قانوني قرار ڏيئي بندش وڌي ويئي. انهيءَ جي عيوض اسان جي ناطالع آزما سياستدانن خالص مغربي معاشيات کي هٿي ڏني جيتوڻيڪ انهيءَ سموري نظرئي جو مقصد عام معاشيات کي هٿي ڏيڻ. هڪ وچولو طبقو پيدا ڪرڻ ۽ پيداواري صلاحيتن ۾ هر شهري کي ڀاڱي ڀائيوار ڪرڻ هئو. هاري تحريڪ ۽ ٻيون اهڙيون هلچلون انهيءَ خيال سان اڳتي آيون. اسان کي معلوم آهي تہ انهن جون پاڙون ماڻهن ۾ هيون پر انهيءَ ڪري اهي اُپڙي نہ سگهيون جو ملڪ جو سمورو سماجياتي ۽ معاشي گهاڙيٽو جاگيرداري ۽ وڏيرڪي پنجوڙ ۾ جڪڙيل هئو ۽ اهي ئي ماڻهو سياست ۾ شامل ٿيندا هئا تہ جيئن پنهنجن مفادن جي حفاظت ڪري سگهن. قيام پاڪستان کان پوءِ ڪنهن بہ انهيءَ تڪسات کي ٽوڙڻ جي ڪوشش تہ نہ ڪئي پر هر اهو قدم کنيو جنهن سان ڦرمار ۽ لٽ کي پختگي ملي.

ريپبليڪن پارٽي، عوامي ليگ سان ناهہ انهيءَ ڪري نہ ڪيو تہ سهروردي، ٻيو سڀ ڪجهہ هئڻ سان گڏ پروگريسو خيالن جو ماڻهو هئو ۽ وقت ملندي، ملڪ جي معاشي نظام کي سڌارڻ لاءِ ڪوشش ڪري ها. ملڪ فيروز خان نون پنهنجي ڪتاب From memory ۾ اهو انومان ظاهر ڪري ٿو تہ ان وقت پاڪستان جي حڪومت تي ٻاهرين حڪومتن خاص ڪري امريڪا جو اثر هئو جيڪي مخصوص چئنلس جي ذريعي اهو تاثر ڏيئي رهيا هئا تہ نيشنل عوامي پارٽي، ڪابي ڏر جي انتها پسند خيال رکي ٿي تنهنڪري ان جي اوسر کي روڪڻو آهي ۽ ان جو بهتر طريقو اهو آهي تہ سهروردي کي هٽائن نہ ڏجي. پر سهروردي، وزيراعظم ٿيندي ئي امريڪا ۽ ٻين مغربي ملڪن جا دورا ڪري پنهنجي باري ۾ اهي شڪ دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سهروردي انهيءَ ۾ ڪامياب ويو يا نہ، سو خاطري سان نٿو چئي سگهجي پر اسڪندر مرزا کي اهو بہ شڪ ٿي ويو تہ هاڻي شايد سهروردي سڌي طرح ٻاهرين حڪومتن سان لهہ وچڙ پيدا ڪري پنهنجي جاءِ بنائي رهيو آهي. اها ڳالهہ بعد ۾ غلط ثابت ٿي. بلڪہ آمريڪا ۽ ٻين مغربي ملڪن پاڪستان کي اڻ سڌو چورائي موڪليو تہ ليفٽ جي سياست کي ختم ڪيو وڃي ۽ اشارتاً چيو تہ

ڪميونسٽ پارٽيءَ تي بندش جاري رهي ۽ نعپ جي اوڏ ڪي روڪٽو آهي، پوءِ پلي انهيءَ جا ڪمڙا بہ طريقا هجن. سهروردي ڪي نون وزارت ۾ وزير جي آڇ ڪرڻ بہ غالباً انهيءَ جو حصو هئو.

اصل ۾ نون، جنهن وقت وزير اعظم ٿاڦيو ويو هئو تنهن وقت هو امريڪا جي دوري تي هئو. پويان چندريگر هٿ بڌي جان ڇڏائي تہ اسڪندر مرزا نياپو موڪلائي گهرايس. مرزا ڪي مخصوص هنڌان اشارو ملي چڪو هئو تہ سهروردي سان ناهہ ڪرڻ ضروري آهي، بلڪ ٻين لفظن ۾ ڪيس راضي رکڻو آهي، تنهنڪري نون ڪي وزيراعظم جو چوغو پهرائڻ کان اڳ صاف صاف لفظن ۾ اها ڳالهہ ٻڌائي. نون ڪنهن طرح ريهي ريبي سهروردي ڪي وٽي آيو ۽ اسڪندر مرزا سان ناهہ ڪرائي وڌو. هن ناهہ جو مقصد اهو ڪونہ هئو تہ سهروردي، وزارت ناهي، اصل ۾ اهوئي تہ ڪرڻ لاءِ اسڪندر مرزا هن سان ناهہ ڪرڻ لاءِ آتو هئو. بهرحال سهروردي ڪي انهيءَ جي ڄاڻ ڪانہ هئي تہ هتي ڪيس ڇو آندو ويو آهي، سو مرزا جي سامهون نون ڪي چيائين: ” هاڻي ناهہ ڪرايو اٿئي تہ اجازت بہ ڏئي تہ وزارت ناهيان.“ اها ڳالهہ نون تي ڄڻ وڄ ٿي ڪري، پر همت ڪري چيائين: ”توکي پنهنجو وعدو ياد ڏياريان تہ چونڊن تائين تون اٿين نہ ڪندين ۽ ان کان پوءِ جيڪڏهن تو چاهيو تہ آءٌ توسان ٻڌل آهيان.“ نون جي انهيءَ ورندي تي سهروردي ڦڪو ٿي ويو، پر چيائين: ”ها، سو تہ آءٌ پنهنجي وعدي تي قائم آهيان. پر مون انهيءَ ڪري چيو تہ جيڪڏهن توکي ڳالهہ وڻي.“ (1)

اسڪندر مرزا وڏو هوشيار کيڏاڙي هئو، سو هڪ وڏو مرحلو حل ڪري وڌائين يعني سهروردي اپوزيشن ۾ رهندي بہ نون جي حڪومت جو ساٿاري رهيو. سندس مرضي، هر فيصلي ۾ شامل هوندي هئي ۽ ٻئي طرف اپوزيشن ڪي بہ ڪنٽرول ۾ رکندو هئو تنهنڪري ڏهن مهينن واري عرصي دوران نون ڪابينہ هلندي رهي، جيڪا جمهوري دور جي آخري ڪابينہ ثابت ٿي. ان کان پوءِ جمهوريت جو سج 12 ورهين تائين هن ملڪ جي آسمان تي نہ اڀريو.

---

(1) نون، فيروز خان فرام ميمري، ص 274

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 18

# عملي پيچ ڏاھ
# مسلم ليگ جي ڀڄندڙ ٻيڙي
# جمھوريت جا آخري ڏينھن

23 سيپٽمبر 1957ع کان وٺي سنڌ ڇا، پورو پاڪستان ھڪ وڏي سياسي ڀونچال ۾ ھئو جنھن ۾ ٽورن ناطالع سياستدانن ۽ ڇڙواڳ بيوروڪريسي ڪانسواءِ ڪنھن جو ڪو ڏوھ ڪونہ ھئو. سنڌ ۽ اوپر پاڪستان سيني کان وڏيڪ رولڙي ۾ ھئا، بلڪ سموريون سياسي چالون انھن ٻن صوبن کي زير ڪرڻ، انھن جي وسيلن کي لٽڻ ۽ مٿانئن ھڪ مخصوص طبقي جي بالادستي قائم رکڻ ھئي. ون يونٽ تہ نھڻ کي نھي ويو پر انھيءَ کي برقرار رکڻ لاءِ جيڪي ڪڏيون حرڪتون ڪرڻيون پيون، سي ھڪ کان پوءِ ٻيءَ برائي کي جنم ڏينديون ٿي ويون. راتو رات پارٽيون ناھڻ، وفاداريون خريدڻ ۽ وزيراعظم بدلائڻ انھيءَ سموري سلسلي جون ڪڙيون ھيون.

اوپر پاڪستان (اڄ جو بنگلہ ديش) جو تہ ڏوھ اھو ھئو تہ ھو گھڻائي ۾ ھئا. پاڪستان جي 56 سيڪڙو آبادي ھئڻ ڪري ھنن کي اھو حق ھئو تہ ھو حڪومت جون واڳون سنڀالين پر ڇاڪاڻ تہ بيوروڪريسي سموري اولھہ پاڪستان ۾ ھئي تنھنڪري اھڙيون سازشون ھليائون جيئن نہ صرف اوپر پاڪستان جي گھڻائي، ٿورائي ۾ بدلجي پر انھيءَ غيرقانوني حرڪت کي آئيني تحفظ بہ ملي سگھي. ون يونٽ ناھڻ انھيءَ جو سولو طريقو ھئو. رھيو سوال اوپر پاڪستان جي عددي گھڻائي جو، تنھن کي اندروني سازشن جي ذريعي ورھائي ڇڏيائون. ڪراچي ۽ لاھور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ويهي خودپرست سياستدانن اهڙيون چالون هليون جو بنگالي پاڻ ۾ ڪيترن ڌڙن ۾ ورهائجي ويا ۽ جيئن جيئن بنگالي پاڻ ۾ وڙهيا ٿي، استحصالي حڪمران ٽولي جي گرفت مضبوط ٿيندي ٿي ويئي.

سال 1957ع کاڌ خوراڪ جي سلسلي ۾ چڱو موچارو ڏکيو سال هئو. هندستان کان مهاجرن جي اچڻ جو سلسلو اڃا جاري هئو. آبادي جو دٻاءُ ملڪي وسيلن تي وڌي رهيو هئو. حڪومتون خوراڪ جي سلسلي ۾ آمريڪا جي آڏو هٿ ٽنگڻ تي مجبور هيون ۽ انهيءَ ڪري واشنگٽن جي ڏوري پاڪستان جي سياسي معاملن کي چڪي رکندي هئي. انهيءَ جو هڪڙو واضح مثال طور سهرورديءَ جي نيڪالي آهي. هونئن به امريڪا جي چوڻ تي پاڪستان حڪومت نه صرف ڪميونسٽ پارٽيءَ تي بندش وجهي ڇڏي هئي پر پاڪستان جي خارجه پاليسي کي پنهنجي مرضي مطابق هلائيندي هئي. ڪميونسٽ بلاڪ، خاص ڪري چين ۽ روس کان پري رکڻ، انهيءَ دٻاءُ جو نتيجو هئو.

سال جي شروع ٿيندي هئي خوراڪ جو مسئلو ته پيدا ٿي ويو هئو جيڪو سمورو سال هلندو رهيو. پر سال جي آخر ڌاري اهو ويتر خراب ٿي ويو. سياستدان اولهه پاڪستان ۾ ويهي پيچ ڊاهه ۾ لڳا رهيا، پوبان اوڀر پاڪستان ۾ اسمگلنگ انهي سطح تي وڃي پهتي جو ماڻهن کي پاڻ ڪائڻ لاءِ ڪونه ملڻ لڳو. روز مظاهرا ٿيڻ لڳا. انهيءَ وچ ۾ چندريگر وزيراعظم ٿيو جنهن ٿوري عرصي ۾ انهيءَ کي پنجو ڏيڻ لاءِ هڪ اهم قدم کنيو. ٿيو هيئن ته هن اسڪندر مرزا کان پڇڻ کان سواءِ سرحدن تي اسمگلنگ کي روڪڻ جو ڪم فوج جي حوالي ڪري ڇڏيو. انهيءَ جي نگراني، جنرل امراؤ خان جي حوالي هئي جنهن هزارين ڪٽريٽر (اسمگلرن جا چاڙتا) ۽ اسمگلر گرفتار ڪري جيلن ۾ وجهي ڇڏيا.

انهن اسمگلرن جا ڏاندا پري تائين پکڙيل هئا تن اچي اسڪندر مرزا کي جهليو پر هو انهيءَ ۾ سڌي طرح مداخت ڪري نٿي سگهيو. بهرحال اهو سور دل ۾ سانڍي ويهي رهيو. جيئن چندريگر کي هٽايو ويو ته وزيراعظم فيروز خان نون پهريون ڪم اهو ڪيو جو فوج کان اها ذميداري وٺي ڇڏي. هتي اها وضاحت ڪرڻ ضروري ڪونهي ته نون ائين ڇو ڪيو.

وزارتن جي پيچ ڊاهه به اوڀر پاڪستان جو روزمره جو معمول هئو، انهيءَ حد تائين جو ڪي وزارتون ته ٽن ڏينهن ۾ به بدلجي وينديون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيون. نيشنل عوامي پارٽي چڱو زور پڪڙي ورتو هئو ۽ عوامي ليگ پنهنجي بچاءَ جا گس ڳولهي رهي هئي. بهرحال، انهيءَ وچ ۾ شيخ مجيب الرحمان شاگرد سياست مان اڀري عملي سياست ۾ اچي چڪو هئو جنهن ڪري عوامي ليگ کي هاٿي ڪوپروسي جوڳو ليڊر ملڻ جي اميد ٿي هئي. شيخ مجيب، سهروردي جي مڪتب جو ماڻهو هئو بلڪ هو سياست جا ابتدائي اصول سکيوئي هن کان هئو. هو عوامي ليگ جي سيڪريٽري جي ذميداري سنڀاليندي ئي پارٽي کي نئين سر ٺاهڻ لڳو.

1958ع جو سال نوان مسئلا، نوان وڳوڙ ۽ چئلينج کڻي اڀريو. عوامي ليگ ۽ ڪرشڪ سرامڪ پارٽيءَ جي وچ ۾ قوت وڌندي ويئي. انهيءَ حد تائين جو 4 اپريل وارو صوبائي اسيمبلي جو اجلاس ٿيو ته اهو بنهه آکاڙو بنجي ويو. ميمبرن نه صرف هڪٻئي تي زباني حملا ڪيا پر هٿين به پئجي ويا، هڪٻئي ته ڪنا بيضا ڦٽي ڪياٺون. ارڙهين جون واري اجلاس ۾ عوامي ليگ جي ڪوليشن شڪست کاڌي تنهنڪري ڪرشڪ سرامڪ پارٽي جي ليڊر ابوحسين سرڪار کي حڪومت ٺاهڻ لاءِ چيو ويو. هن مسڪين حڪومت ته ٺاهي پر صرف ٽن ڏينهن لاءِ هن ڪري جو انهيءَ وچ ۾ شيخ مجيب، نعپ سان ٺاهه ڪري، عدم اعتماد جي رٿ پيش ڪري سرڪار وزارت کي شڪست ڏيئي ڇڏي. انهيءَ جي عيوض نعپ، پنهنجا 5 نڪتا شيخ مجيب کان قبول ڪرائي ورتا.(1)

عوامي ليگ اوڀر پاڪستان ۾ حڪومت ٺاهي، اها ڳالهه مرڪز کي نه وڻي: وڻندي به ڪيئن. ان وقت جي سياسي جاگرافي ۾ اوڀر پاڪستان ڪميونسٽ ۽ سرمائيدار ملڪن جي درميان هڪ اهم جاءِ والاري تي تنهنڪري اتي پروگريسو حڪومت جو قائم هجڻ، جيڪا آزاد خارجه پاليسي جو مطالبو ڪندي هجي، مرڪز کي ڪيئن قبول هوندي. تنهنڪري اسڪندر مرزا بنا ڪنهن سوچ جي صوبائي اسيمبلي کي معطل ڪري گورنر راڄ نافذ ڪري ڇڏيو.

گورنر راڄ جيئن ئي ختم ٿيو ته اسيمبلي جو اجلاس گهرايو ويو جيڪو 20 سيپٽمبر تي شروع ٿيو. جيئن پيو هئو. هي اجلاس شروع ٿي ٿيو وڳوڙ سان. شيخ مجيب، عوامي ليگ جي طرفان اسپيڪر

(1) مخلوط چونڊون سي به جلد، صوبائي خودمختاري، غير جانبدار خارجه پاليسي، ون يونٽ جو خاتمو ۽ اوڀر پاڪستان محاذ جا 21 نڪتا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبدالحڪيم جي خلاف تحريڪ عدم اعتماد پيش ڪري چڏي چاڪاڻ تہ مجيب جي چوڻ مطابق هو ڪرشڪ سرامڪ پارٽي جو پاسو ڪٽي رهيو هئو. اسپيڪر انهيءَ رٽ کي خلاف قانون قرار ڏئي ان کي ٽڏي ڇڏيو جنهن تان ممڻ مچي ويو. هنگامو بہ اهڙو ٿيو جو ميمبرن هڪٻئي تي ڏاڍيون جلهون ڪيون ۽ نيٺ ڳالهہ مارڪٽ تي وڃي پهتي. انهيءَ وچ ۾ هال کان ٻاهران بيٺل ماڻهو اسيمبليءَ ۾ اندر هليا آيا جن ٻنهي ڌرين جي ميمبرن کي مارڪٽ ڪئي. اسپيڪر تہ پنهنجي جان بچائي مچي ويو پر ميمبرن پاڻ ۾ چڱي موچاري هٿن جي طاقت ڏيکاري. وزيراعليٰ عطاء الرحمان کي ٻي ڪا واهہ نظر ڪانہ ٿي آئي سو چا ڪيائين جو اپوزيشن جي اڳواڻ ابوحسين سرڪار کي انهيءَ تي راضي ڪيائين: ”هن سموري هنگامي جو ڏوهي ڪير آهي، تنهن جو فيصلو پوءِ ڪيو ويندو. في الحال هن اجلاس کي هلائڻ لاءِ اسپيڪر کي شامل ٿيڻ نہ ڏجي، بلڪ ڪو سينئير ميمبر اجلاس جي صورت ڪري.“

پهريون اجلاس تہ انهيءَ ناهہ واري انتظام هيٺ هليو ۽ بجيٽ پاس ٿي ويئي پر 23 سيپٽمبر وارو اجلاس تمام هنگامہ خيز بلڪ جمهوري دور جو آخري اجلاس ثابت ٿيو. تنهي ڌرين مان ڪير ذميدار هئو تنهن بابت خاطري سان چئي نٿو سگهجي پر عام خيال اهو آهي تہ شيخ مجيب، هڪ سٺا سوچي اسيمبلي هال ۾ داخل ٿيو تہ هو اڄ ابوحسين سرڪار کي سبق سيکاريندو.

قائداعوان کي حالتن جي خبر هئي تہ حالتون ڪيتريون نازڪ هونديون، تنهنڪري هن اسيمبلي ۾ اچڻ تي سخت حفاظتي اپاءَ اختيار ڪيا. داخلا صرف پاس ذريعي ڪئي ويئي هئي تنهنڪري اسيمبلي سيڪريٽريٽ جي ماڻهن ۽ ميمبرن کان سواءِ ٻيو ڪو ماڻهو ايوان ۾ نہ اچي سگهيو. اجلاس شروع ٿيو تہ شيخ مجيب. ڊپٽي اسپيڪر شاهد علي کي چيو تہ هو اجلاس جي صدارت ڪري جنهن تي حزب اختلاف جي ميمبرن زبردست مخالفت ڪئي بلڪ هنگامو ڪري وڌو. ميمبر هڪ ٻئي کي جتين، مڪن ۽ لتن سان ڪٽڻ لڳا. ڪرسيون هوا ۾ اڏامڻ لڳيون. اسپيڪر رڙيون ڪندو رهجي ويو پر سندس ڳالهہ ڪو ٻڌڻ ۽ مڃڻ لاءِ تيار نہ هئو. چند منٽن جي هنگامي ۾ سڄو هال ڊانواڊول ٿي ويو. انهيءَ وچ ۾ ايوان کان ٻاهر بيٺل پوليس کي گهرايو ويو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن تان ڪن ميمبرن ڊپٽي اسپيڪر کي به ٽي ڪرسيون واهي ڪڍيون، جنهن ۾ هو ڏڪر جي ويو ۽ بيا به ڪيترائي ميمبر زخمي ٿيا پر شاهد علي کي سنڌائتو ڌڪ لڳو هئو ۽ به ڏينهن اسپتال ۾ بيهوش رهڻ کانپوءِ مري ويو.

اوير پاڪستان ۾ اهو سياسي هنگامو جمهوريت جي لاءِ ڦمري دشمن ثابت ٿيو. اهو ڪيئن ٿيو، ان جي پويان ڪهڙا ڪارڻ هئا، تنهن بابت ڪئين نظريا آهن. هڪ خيال اهو آهي ته اهو عوامي ليگ جي سهروردي کي هٽائڻ تان ممڻ متو ۽ عوامي ليگ انهيءَ بدلي چڪائڻ لاءِ اهو ڪيو. ٻيو خيال اهو آهي ته شيخ مجيب الرحمان انتها پسندي جي سياست ۾ يقين رکندو هئو، تنهن اهو سڀ ڪجهه ڪرايو. پر عام مبصرين جو خيال آهي ته چاڪاڻ ته اولهه پاڪستان جا سياستدان، اوير پاڪستان جي اڪثريت کي اقليت ۾ بدلائڻ چاهيو ٿي انهيءَ ڪري انتها پسنديءَ جا جذبا سمورن بنگالي ليڊرن جي ذهنن ۾ ويهي ويا هئا، تنهن ڪري اهو واقعو نمودار ٿيو. هڪ خيال اهو به آهي ته اسٽيبلشمينٽ اهو ممڻ انهيءَ ڪري مچرايو ته ان کي حڪومت جي واڳن تي هٿ وجهڻ جو بهانو ملي. بهرحال، انهيءَ کان انڪار ڪونهي ته اهو واقعو رونما نه ٿيڻ گهرجي ها چاڪاڻ ته اڳتي هلي جڏهن فوج، حڪومت سنڀالي ته سڀ کان وڌيڪ انهيءَ واقعي کي ياد ڪيو ويو.

هو اڏانهن اوير پاڪستان ۾ سياسي انتهاپسندي شروع ٿي ويئي هئي هيڏانهن اولهه پاڪستان ۾ به سياسي بازيگريون جاري هيون. مسلم ليگ، جنهن جي اڳواڻن آزاديءَ جي لاءِ جاکوڙ ڪئي، تنهن کي ڪيئن رات جي پيٺ ۾ حڪومت مان ڪڍي اقليت ڪيو ويو تنهن جو ذڪر اڳئين باب ۾ اچي چڪو آهي. پر انهيءَ ۾ صرف اسٽيبلشمينٽ يا غلام محمد، اسڪندر مرزا يا ايوب خان جو ڪو ڏوهه ڪونهي. مسلم ليگ جي پنهنجي ليڊرشپ جو به ڏوهه آهي. هر فعال پارٽي، هڪ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ نئين سر پنهنجون ترجيحات طئي ڪندي ۽ پارٽي منشور مرتب ڪندي آهي. مسلم ليگ ائين نه ڪيو. پاڪستان بنجڻ کان پوءِ، جيستائين قائداعظم جيئرو هئو سندس مرضي مطابق پارٽيءَ جي جوڙجڪ ٿيندي هئي ۽ فيصلا ٿيندا هئا، بلڪ قائداعظم جي لاڏاڻي تائين مسلم ليگ ۽ قائداعظم هڪ ئي حقيقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو نالو هئو. هن جي فيصلي تي ڪنهن کي ٽيڪاٽپٽي ڪرڻ جي همت ڪانه ٿيندي هئي.

قائداعظم جي گذارڻ کان پوءِ، مسلم ليگ اندروني ڀيڙڙي جو شڪار ٿي ويئي. حڪومت سازي ۾ دخل ڏيڻ جي ڪري، پارٽيءَ جا عهدا بداعمالي جو شڪار ٿي ويا هئا.

نئين سر حالتن جو جائزو وٺڻ تہ پنهنجي جاءِ تي، مهاجرن جي آباد ڪاري جي لاءِ بہ ڪا منظم رٿابندي نہ ڪئي ويئي، جنهن ڪري اهو سمورو مسئلو پاڪستان ٺهڻ جي ڪئين سالن تائين هلندو رهيو. انهيءَ کان پوءِ دنيا ۾ خاص ڪري ڏکڻ ايشيا ۾ بدليل سياسي حالتن جي پيش نظر ڪا حقيقت پسندانہ خارجہ پاليسي بہ اختيار نہ ڪئي ويئي جنهن ڪري پاڪستان هڪ دنيا کان ڪٽجي ويو ۽ صرف مغرب جو حاشيہ بردار ليکجڻ لڳو. لياقت علي خان اجا بہ جيئن تيئن پارٽي کي منظم ڪيو ٿي آيو، هن جي قتل کان پوءِ مورڳو ان ۾ طرح طرح جا لاڙا اڀري ويا هئا. انهيءَ کان سواءِ هن جي پنهنجي پسند ۽ ناپسند بہ هئي. هر صوبو ان تي پنهنجي اجاره داري ڄمائڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويو، ۽ جڏهن ان ۾ ناڪام ٿي ويو تہ پارٽي اندر گروهہ ناهڻ لڳو. انهيءَ ۾ ٽوانہ، دولتانہ، قيوم، چوڌري خليق الزمان، ملتان جا عباسي، ممدوٽ، راجا محمود آباد، اهي سڀ شامل هئا. بهرحال انهيءَ اندروني ويڙهہ جو فائدو ورتو غلام محمد، پارٽيءَ جون پاڙون ڪپڻ شروع ڪيون. غلام محمد چاڪاڻ تہ اسٽيبلشمينٽ جو ماڻهو هئو، تنهنڪري هن کي جمهوريت جي نالي کان ئي نفرت هئي. اهوئي ڪارڻ آهي جو هن هر حڪومت جي اندر پنهنجا ماڻهو ڇڏيا هئا. اها حڪومت درحڪومت ئي هئي جيڪا هر جمهوري فيصلي جي مخالفت ڪندي هئي ۽ جيڪڏهن ڪو فيصلو ٿي وڃي تہ ان تي عمل ڪرڻ ۾ رڪاوٽون وجهندي هئي.

غلام محمد جي انهيءَ عمل ۾ ڀاڱي ڀائيوار اسڪندر مرزا ۽ پوءِ ايوب خان ٿيو. سچ هيءَ آهي تہ 1954ع ۾ ون يونٽ واري تجويزڪي هٿي ملڻ ۾ بہ انهيءَ ڀيڙڙي جو هٿ آهي. غلام محمد پنهنجي ذاتي حڪومت قائم رکڻ لاءِ پنجاب ڪارڊ استعمال ڪيو ۽ ان جي مسلم ليگي قيادت کي بنگالين جو ڊپ ڏيئي، ون يونٽ جي لاءِ حمايت حاصل ڪئي ۽ ننڍن صوبن ۾ مسلم ليگي حڪومتن جي ناطالع ليڊرن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دائمي اقتدار جون لالچون ڏيئي، ون يونٽ جو ٺهراءُ پاس ڪرايو. جنهن ڏينهن ون يونٽ جي حق ۾ مسلم ليگي ليڊرن فيصلو ڪيو، انهيءَ ڏينهن کان پارٽيءَ جي ٻيڙي لڏڻ لڳي. مسلم ليگ وارن کي جيستائين هوش آيو تہ هو ڪهڙي ناڪئي جي هٿن ۾ وهي رهيا آهن تيستائين غلام محمد جي رسي مضبوط ٿي چڪي هئي ۽ جڏهن مسلم ليگين هوش ۾ اچي ون يونٽ ڊاهڻ جو فيصلو ڪيو تيستائين غلام محمد، ريپبليڪن ناهي هنن کي بليڪ ميل ڪرڻ جي لائق ٿي ويو هئو. بهرحال، 1957ع جو سمورو سال مسلم ليگ جي لاءِ انتشار جو سال رهيو. سردار عبالرب نشتر بہ جيئن تيئن ڪري مسلم ليگ جي اڳواڻي قبول ڪئي هئي، پر ڪيس خبر هئي تہ اندروني ڊاهہ جوڙ ڪهڙي پيماني تي ٿي رهي هئي. دولتانہ پنهنجي طرفان زور لڳائي رهيو هئو. خليق الزمان پاڻ آتو هئو پر سيني کان زور عبدالقيوم خان هئو. غلام محمد ۽ پوءِ اسڪندر مرزا هنن سيني کي راند يڪن وانگيان کيڏائي رهيا هئا. حد تہ هيءَ آهي تہ مسلم ليگ نہ مرڪزي حڪومت ۾ هئي ۽ نہ ڪنهن صوبائي حڪومت ۾، بلڪ سندس سموريون مخالف پارٽيون حڪومت ۾ ويٺيون هيون ۽ مسلم ليگ وارا پاڻ ۾ جنڊاپٽ ۾ مصروف هئا.

اسڪندر مرزا انهيءَ حالت کان پورو فائدو وٺي رهيو هئو. هن مسلم ليگ اندر پنهنجا ماڻهو ناهي ڇڏيا هئا، تنهن ڪري ڪنهن بہ مرحلي تي هو ڪين ناهہ ڪرڻ نہ ڏيندو هو.

نيٺ هڪ ڏينهن مسلم ليگ کي اهو خيال آيو تہ پنهنجون صفون درست ڪري. پنجويهين جنوري 1958ع تي اجلاس ٺيٺو هئو پر سردار نشتر بيمار هئڻ ڪري ميٽنگ ۾ ڪونہ آيو. چوڌري خليق الزمان انهيءَ وقت ورڪنگ ڪميٽي جو ميمبر هئو. تنهن نشتر جي غير موجودگيءَ جو فائدو وٺي بہ ٺرون پيش ڪيون: هڪ تہ مسلم ليگ کي ايندڙ چونڊن جو بائڪاٽ ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ اهي گڏيل چونڊن جي بنياد تي ٿيڻ واريون هيون. ٻيو هيءَ تہ سردار نشتر کي هٽائي ٻيو ڪو اڳواڻ چونڊيو وڃي ڇاڪاڻ تہ هو بيمار گذارڻ لڳو آهي.

خليق الزمان. اهي ٺرون ڏيئي اڳيئي مصيبت جي ماريل مسلم ليگ کي وڏيڪ مصيبت ۾ ئي ڪونہ وڌو مورڳو ليڊرشپ جي بحران کي هيڪاري وڏيڪ گهوٽالي ۾ وجهي ڇڏيو. خليق الزمان جي تجويزن جي

دولتاني مخالفت ڪئي بهرحال انهن تي ڪو فيصلو نہ ٿي سگهيو. اهو شوشو، عام مبصرين جو خيال آهي تہ اسڪندر مرزا ڇوڙيو هئو تہ جيئن مسلم ليگ وٽريپل رهي ڇاڪاڻ تہ جنهن گهڙي هو هڪ ٿي ويندي تہ اسڪندر مرزا جي حڪومت درحڪومت جي لاءِ خطرو بڻجي ويندي. مسلم ليگ وارن کي خبر ڪاڻ ٿي پئي تہ هو ڪنهن جي هٿن ۾ کيڏي رهيا هئا، بهرحال خليق الزمان جي هڪ تجويز قدرت ئي تورن ڏينهن ۾ حل ڪري ڇڏي ۽ 14 فيبروري 1958ع تي نشتر دل جو دورو پوڻ جي ڪري گذاري ويو. هاڻي دولتانہ مجبور هئو. نئون ليڊر تہ چونڊٽو ئي هئو. بهرحال ورندڙ مهيني قائداعظم جي ڀيڻ فاطمہ جناح کي مسلم ليگ جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ چيو ويو پر هن انڪار ڪري ڇڏيو. جنهن ڪري 29 مارچ 1958ع تي مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪميٽي پنهنجي اجلاس ۾ قيوم خان کي صدر چونڊيو، جنهن کي بہ اڳتي هلي باقي مسلم ليگ جي گروپن رد ڪري ڇڏيو.

فيروز خان نون وزيراعظم هئو جنهن کي اسڪندر مرزا جي حمايت حاصل هئي ڇاڪاڻ تہ هو سندس اشارن تي هلڻ لاءِ هر وقت تيار هوندو هئو. وزارت جهڙي هئي تهڙي ڪانہ هئي. سڄي ڳالهہ اسڪندر مرزا جي هلندي هئي. هڪ قسم جي مطلق العنانيت هئي جنهن جو اڳ ۾ ڪو مثال ڪونہ هئو. نالي ۾ پارليماني حڪومت هئي پر حقيقت ۾ صدارتي نظام هئو. ٻيون سموريون پارٽيون تہ انهيءَ ۾ شريڪ هيون پر مسلم ليگ حڪومت کان ٻاهر هئي ۽ واضح طور تي ڪيترن ئي گروپن ۾ ورهايل هئي جنهن ۾ خليق الزمان، قيوم خان ۽ دولتانہ جا ٽي گروپ تمام ظاهر هئا. پر نشتر جي مرڻ کان پوءِ هڪ مثبت ڳالهہ هيءَ ٿي تہ قيوم خان، مسلم ليگ کي وري منظم ڪرڻ ۽ ان کي هڪ پارٽي جي شڪل ڏيڻ جي تياري شروع ڪري ڏني. انهيءَ جي لاءِ هن سمورن ليڊرن سان ڳالهيون ڪرڻ کان پوءِ اهو سوچيو تہ هو چونڊن جي تياري لاءِ عوامي حمايت حاصل ڪندو. قيوم خان جو خيال هئو تہ جيڪڏهن اسڪندر مرزا، عوامي دٻاءُ هيٺ Snap polls ڪنهن بہ وقت چونڊن جو اعلان ڪري تہ مسلم ليگ ان جي لاءِ تيار هجي. هن پنهنجن صوبائي اڳواڻن کي بہ عوامي رابطي جي مهم شروع ڪرڻ جي هدايت ڪرڻ ڇڏي ۽ انهن پنهنجن علائقن ۾ اها مهم هلائڻ شروع ڪري ڏني. قيوم خان پنهنجي

مهم جي شروعات 14 اپريل تي ڪراچي کان ڪئي جتي هن اسڪندر مرزا جي صدات کي چئلينج بلڪ هن جي آئيني حيثيت کي چئلينج ڪري وڌو. اسڪندر مرزا کي اڳئي ڪکيو پئي، سو وڏيڪ مستعد ٿي ويو ۽ انهيءَ للڪار جي جواب جون واٽون ڳولهڻ لڳو. "نوري اڳيئي نچڻي، ويتر ٻڌائون گهنڊڙي" وانگيان، اسڪندر مرزا اڳيئي عوامي مينڊيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ هئو. تنهن فيروز خان نون کي هشي ڏني ۽ پاڻ بہ ڏار ستون سنڊڻ لڳو. مرزا جو خيال هئو تہ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي قيوم خان چونڊن واري ڳالهہ تان هٽي وڃي ۽ عوامي رابطي واري مهم بہ ماناڻ ۾ بدلجي وڃي. اسڪندر مرزا انهن ڳالهين ۾ گهٽئي تکو هئو پر سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد ۾ ون يونٽ جي مخالفت ۽ قيوم خان جي ڌمڪي هن جي سموري حيثيت کي نپوڙي ڇڏيو هئو. خاص ڪري سنڌ جون حالتون، جيڪي ون يونٽ جي خلاف جي ايم سيد، حيدر بخش جتوئي، ڪامريڊ غلام محمد لغاري، جمال الدين بخاري، حفيظ قريشي، سوڀوگيا نچنداڻي ۽ ٻين اڳواڻن جي رهنمائي ۾ سياسي تحريڪ جي حيثيت اختيارڪري چڪي هئي، هاڻي اها اخباري بيانن کان نڪري رستن ۽ گهٽين ۾ پکڙي رهي هئي.

انهيءَ سموري تحريڪ ۾ اسڪندر مرزا ۽ سندس مددگارن کي تہ ڪجهہ ڪرڻو هئوئي، پر ڪجهہ قدرت بہ هنن جي مدد ڪري وڌي. ٿيو هيئن تہ جنهن وقت قيوم خان، اسڪندر مرزا جي حيثيت کي للڪاريو انهيءَ وقت اوپر پاڪستان ۾ وڳوڙ شروع ٿي چڪو هئو ۽ اولهہ پاڪستان اندروني ڦِتهڙي جو شڪار هئو. مئي جي نائين تاريخ، ڊاڪٽر خان صاحب، جيڪو انهيءَ وقت سياست ۾ واپسي جو موقعو ڳولهي رهيو هئو، تنهن کي ڪنهن ماري وڌو. قاتل جي شڪل ڪهڙي هئي، هن جو ناتو ڪهڙي سياسي پارٽي سان هئو، تنهن بابت ڪنهن کي معلوم ڪونہ هئو نہ ئي وري ان معاملي ۾ اڳتي هلي پوليس کي ڪجهہ معلوم ٿي سگهيو. بهرحال پوليس نوڪي خاڪستار تحريڪ جي اڳواڻ علامہ عنايت الله مشرقي، ڪجهہ سندس پارٽي جي ميمبرن کي گرفتار ڪري ورتو ۽ خاڪسارتحريڪ تي بندش وجهي ڇڏي.

سمورا خاڪسار لڪي ويا. ڪن رهڻ جا هنڌ بدلائي ڇڏيا تہ ڪن وري علامہ مشرقي جي مقدمي جو فيصلو ٿيڻ تائين سياسي سرگرميون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترڪ ڪري ڇڏيون. حڪومت علامہ مشرقي کي سنئون سڌو قتل جي مقدمي ۾ ملزم ٻڌائي ڇڏيو پر پوءِ جڏهن مقدمو هليو تہ ثبوت نہ ملڻ جي آڌار تي هو باعزت آزاد ڪيو ويو. بهرحال، ڊاڪٽر خان جي قتل سياسي دنيا ۾ چوٻول پيدا ڪري وڌو هئو ۽ ماڻهو سياست ۾ انتها پسندي جي هن نئين لاڙي کان نفرت جو اظهار ڪرڻ لڳا.

حالتن جاٽي واٽي ڦيرو کاڌو يا اهو محض اتفاق هئو تہ 1958ع جو سال شروع ٿيڻ سان ئي پوري پاڪستان- اوپر توٽي اولهہ- ٻنهي ۾ وگوڙ نہ صرف وڌي ويو پر ان ۾ تشدد جو لاڙو وڌندو ويو. گهڻا ابوجهہ هن ڳي ڪو اتفاق ئي سڏيندا پر حالتون صاف طور ٻڌائين ٿيون تہ اهي حالتون هٿ وٺي خراب ڪيون ويون تہ جيئن ڪنهن آخري قدم کڻڻ لاءِ جواز ٻنجي ۽ مداخلت کي پوري عوامي پذيرائي حاصل هجي.

انهيءَ وچ ۾ مسلم ليگ وري نئين سر پاڻ کي سميٽڻ ۽ صفون درست ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون. نشتر جي مرڻ کان پوءِ قيوم خان پارٽيءَ کي وري منظم ڪرڻ لڳو ۽ لڳو ٿئي تہ اها وري پراڻي قوت حاصل ڪري وٺندي ۽ عين ممڪن هئو تہ چونڊن کان پوءِ ملڪ ۾ حڪومت بہ ناهي جيڪا ڳالهہ اسڪندر مرزا، فيروز خان نون ۽ سندن حوارين کي ڪانہ ٿي آئڙي، تنهنڪري خفيہ حڪومت مسلم ليگ کي بہ "پنهنجي حدن" اندر رکڻ جو فيصلو ڪيو. انهيءَ دوران مسلم ليگ، پنهنجي ذيلي جماعت نيشنل گارڊ کي بہ منظم ڪري رهي هئي ۽ قاضي اڪبر کي انهيءَ جو سالار اعليٰ مقرر ڪيو هو. نيشنل گارڊ جي وردي فوجي ڊريس وانگيان هئي. نون کي خبر ناهي ڇا سجهي سو 20 سيپٽمبر تي هڪ قانون نافذ ڪري فوج يا پوليس جهڙو يونيفارم پائڻ تي پابندي هئي ڇڏيائين.

هي اهوئي ڏينهن هئو جنهن ڏينهن ڍاڪا اسيمبلي ۾ وگوڙ ٿيو. اسپيڪر جان بچائي ڀڳو ۽ ٽئين ڏينهن ڊپٽي اسپيڪر شاهد کي ڪرسيون هڻي ماريو ويو.

خان قيوم، پنهنجن ساٿين سان صلاح ڪرڻ کان سواءِ انهيءَ پابندي جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ چيو تہ 28 سيپٽمبر تي هو ڪراچي پهچي اهڙي باوردي رضا ڪارن جي سلامي وٺندو ۽ پوءِ جلوس جي قيادت ڪندو. نون هن ٽيسٽ ڪيس ۾ هارائڻ نٿي گهريو. بهرحال خان قيوم، پروگرام مطابق ڪراچي ڪينٽ اسٽيشن تي پهتو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جتي پوليس ڳوڙها آٽينڊڙ گيس ڦٽي ڪئي، لنبازي ڪئي جنهن ڪري ڪيترائي ماڻهو ڦٽيا. بهرحال انهيءَ وڳوڙ مسئلي جو حل ڪونه ڳولهيو، مورڳو ان کي وڌيڪ منجهائي وڌو. هاڻي قيوم خان اعلان ڪيو ته چاڪاڻ ته هيءَ حڪومت آئيني طريقن سان ڪانه ويندي تنهنڪري هن کي هٽائڻ لاءِ تحريڪ هلائڻي پوندي.

اولهه پاڪستان اسيمبلي جو وڳوڙ في الحال مانيٽو هئو ڇاڪاڻ ته مارچ 1958ع ۾ اسيمبلي جي اجلاس ۾ ريپبليڪن وزيراعليٰ مظفر علي قزلباش شڪست کان ٿورو بچي ويو هئو ۽ بجيٽ اجلاس کان اڳ ڪو اجلاس گهرائڻ جي ضرورت محسوس ڪونه ٿي ڪيائين تنهنڪري هو في الحال ماڻهن سان ملڻ ۽ وڌيڪ مسلم ليگي ٽوڙڻ ۾ مصروف هئو. ڊاڪٽر خان جي قتل ۽ علامه مشرقي جي گرفتاري هيڪاري مسئلو منجهائي وڌو هئو. بهرحال ڪيس اجا ڪو خطرو نه هئو البته سنڌي ميمبر، جي ايم سيد جي اڳواڻي ۾ ون يونٽ ٽوڙائڻ جي ڪوشش ڪي جاري رکيو ٿي آيا پر في الحال اهڙي واٽ اجا هٿ ڪانه ٿي آئي جو مرڪز، انهيءَ غير فطري ”اتحاد“ کي ٽوڙي. اولهه پاڪستان اسيمبلي نهراءُ پاس ڪري ويٺي هئي پر اها سيني کي ڄاڻ هئي ته مرڪزي حڪومت کي جيڪي لڪل هٿ هلائي رهيا هئا. سي ئي ون يونٽ جا ناهڻ وارا هئا، سي ڪتان ٿا ون يونٽ واري نهراءُ تي عمل ڪن. تنهنڪري واحد آئيني ذريعو ايندڙ چونڊون هيون، جن ذريعي سنڌ جي ميمبرن کي اميد هئي ته اهي قوم پرست ميمبر چونڊ جي ايندا جيڪي ون يونٽ ٽوڙائڻ واري نهراءُ تي ڪل ڪرائي سگهندا.... پر سچ هيءُ هئو ته اهو ذينهن اچڻ وارو ڪونه هئو ڇاڪاڻ ته چونڊون ڪرائڻ جي بي عقلي حڪمران ڪرڻ وارا ڪونه هئا.

# 19

# مارشل لا

سپيٽمبر 1958ع ۾ جڏهن پوري ملڪ ۾ سياسي هنگامہ آرائي زور هئي تڏهن پس پرده گهڻو ڪجهہ ٿي رهيو هئو جيڪو نہ تہ ماڻهن جي آڏو اچي رهيو هئو ۽ نہ وري سياستدانن کي انهيءَ جي خبر پوڻ گهرجي۔ سواءِ انهن ٿورن سياستدانن جي جيڪي انهن بااختيار ماڻهن جي ويجهو هئا.

ٻي مئي 1958ع تي ايوب خان امريڪا جي دوري تي ويو هئو ۽ اتان برسيلز ويو. ٻن هفتن جي دوري تان موٽڻ کان پوءِ هن اولهہ پاڪستان جي مکيہ شهرن جو دورو ڪيو ۽ اتي پنهنجي عملي جي آفيسرن سان ملاقات ڪئي. امريڪا ۾ هن جي ملاقات اتان جي وزير خارجہ ائلن ڊلس ۽ ڪيبٽ لاج سان بہ ٿي. [1]

اتان واپسي 18 مئي تي ٿي ۽ پنهنجي دوري جي شروعات ڪئي. هنن ملاقاتن ۾ هن پنهنجن آفيسرن سان سمورا پيش ورانہ معاملات ويچار هيٺ آندا. ان وقت تائين ملڪ جون سياسي حالتون گهڻي ڀاڱي خراب ٿي چڪيون هيون ۽ بقول ايوب خان فوج جي باري ۾ طرح طرح جا افواهہ بہ گشت ڪري رهيا هئا. پنهنجي 22 مئي واري ڊائري ۾ سياستدانن جي نيت ۽ هنن جي ڪردار بابت هن طرح راءِ ڏني ٿو:

”چونڊون ويجهيون اچي رهيون آهن. سياستدان... انهيءَ ڪوشش ۾ آهن تہ هر جائز ۽ ناجائز طريقي ۾ اقتدار ۾ اچن ۽ هڪ گهمرو

(1) ايوب خان هنن ملاقاتن جو ذڪر پنهنجي ڪتاب فرينڊس. ناٽ ماسٽرس ۾ ڪيو آهي ۽ ڊائري وانگيان بيان ڪيو آهي، صفحي 62 کان 69 تائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرسي سنڀالڻ کان پوءِ هو صرف ملڪ کي وڏيڪ تباهه ڪندا. انهيءَ حيثيت ۾ هو منهنجي ۽ فوج جي مدمقابل ٿيندا. تنهنڪري هو مون کي پنهنجو فرض ادا ڪرڻ جي ڪري پهريون نمبر دشمن سمجهن ٿا. هنن جو ضمير ايترو مري چڪو آهي جو هو پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ فوج کي تباهه ڪرڻ کان به پاسو نه ڪندا.... جيڪا ٿي سندن واحد ڍال آهي."[1]

"....هاڻي مون کي پڪ آهي ته اسان کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ نسل لاءِ اهڙو حڪومتي نظام گهرجي جيڪو ملڪ کي جمهوريت لاءِ تيار ڪري ۽ اسان جا مسئلا حل ڪري." [2]

عين انهيءَ عرصي ۾ ايوب خان جا ڪاغذات، ملازمت ۾ توسيع لاءِ ان وقت جي وزير دفاع محمد ايوب کهڙي وٽ پيش ٿيا، پر کهڙو انهيءَ توسيع ڏيڻ لاءِ راضي ڪونه هئو. توسيع جي آخري توثيق ته بهرحال صدر اسڪندر مرزا کي ڪرڻي هئي پر وزير دفاع جي حيثيت ۾ کهڙي کي انهيءَ تي ها يا نه ڪرڻو هئو سو اها ڳالهه ڦري وزيراعظم فيروز خان وٽ آئي. نون، بيوس هئو تنهن کهڙي کان ڪاغذات صحيح ڪرائي موڪلي ڏنا ۽ "9 جون 1958ع تي سيڪريٽري دفاع، ايوب خان جي خدمتن کي ساراهيندي اهڙي توسيع جي تار موڪلي."

ارڙهين مئي کان شروع ٿيل هي دورا 25 سيپٽمبر تائين هليا. انهيءَ دوران ملڪ ۾ سياسي وڳوڙ وڌي ويو. جنهن ۾ خاص ڪري اوير پاڪستان جو اسيمبلي وارو هنگامو ۽ اولهه پاڪستان ۾ حڪومت سازي تان وڳوڙ شامل هئو. پر انهن دورن ۾ هڪ ملاقات 28 آگسٽ واري هئي جيڪا لاهور ۾ ٿي جنهن ۾ سيڪريٽري دفاع، چيف سيڪريٽري به شرڪت ڪئي ۽ ان ۾ بين موضوعن سان گڏ بارڊر پوليس کي واپس موڪلڻ شامل هئو. هيءُ فيصلو انهيءَ ڪري ڪيو پئي ويو ته ايندڙ چونڊن دوران بارڊر تي متعين پوليس کي هٽائي چونڊن جي دوران امن امان جي ذميداري ڏني وڃي. انهيءَ ميٽنگ جو ذڪر ڪندي ايوب خان، ملڪ جي ڪرندڙ مالي حالتن تي سخت تشويش ظاهر ڪئي. حالتون ڪيئن هيون يا ايوب خان انهيءَ کي ڪيئن سمجهيو ٿي تنهن بابت هن پنهنجي ڊائري ۾ هن طرح لکيو آهي:

---

(1) ايضاً۔ ص61
(2) ايضاً ص61

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مون کي، ملڪ اندر اقتصادي، سياسي مداخت جي ڪري ٿيندڙ بدنظمي، مايوسي جون رپورٽون ملي رهيون آهن جنهن ڪري، ماڻهن جو سياسي ليڊرشپ تان پورو اعتماد کڄي ويو آهي. عام تاثر هيءُ آهي تہ هنن مان ڪنهن کي بہ پنهنجي مقصد، ملڪي سالميت ۽ حب الوطني سان ڪوبہ لڳاءُ ڪونهي ۽ انهن بيمارين کي ڪيڙڻ لاءِ زبردست اقدام جي گهرج آهي. عام خيال اڀري رهيو آهي تہ ماڻهن کي هنن مصيبتن مان ڪيڙڻ لاءِ فوج ۾ آءُ بہ پنهنجو فرض ادا ڪرڻ ۾ ناڪام ويجي رهيا آهيون. هي خطرناڪ تصور انهيءَ ڪري پيدا ٿيو آهي ڇاڪاڻ تہ ماڻهن کي فوج جي بنيادي فرض ۽ ڪردار جي ڄاڻ ڪانهي، پر ماڻهو تمام مايوس آهن تہ ڪنهن بہ طرح هن مصيبت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪن. آءُ هنن کي ڇا ٻڌايان تہ جيڪڏهن هيءَ فوج نہ هجي ها تہ هو هيستائين پنهنجي آزادي وڃائي وهن ها.“ (1)

ايوب خان، پنهنجا دورا جاري رکي رهيو هئو، انهيءَ وچ ۾ حڪومت سياسي جماعتن جي اهڙن رضاڪار دستن تي بندش وجهي ڇڏي هئي جيڪي فوج جهڙي وردي پائيندا هئا. اهو اعلان 20 سيپٽمبر تي ڪيو ويو ۽ ٻن ڏينهن کان پوءِ اهو قانون بنجي ويو. 23 سيپٽمبر تي خان قيوم انهيءَ پابنديءَ جي خلاف پيڪيٽڙي ڪرڻ لاءِ ڪراچي پهتو ۽ اتي ڪراچي ريلوي اسٽيشن تي پوليس ۽ مسلم ليگيورڪرن جي وچ ۾ ٽڪر ٿي پيو. ايوب خان انهيءَ وقت هنزا واديءَ ۾ هئو تہ ڪيس چيف آف اسٽاف جنرل يحيٰ خان تار ذريعي سموري صورت حال کان آگاهہ ڪيو.

25 سيپٽمبر کان چرپر شروع ٿي. ماڻهن انهيءَ کي عام چرپر محسوس ڪئي ڇاڪاڻ تہ اهي عام رواجي مشقن دوران ٿينديون ٿي رهنديون هيون. ملڪ جي مکيہ شهرن کان سواءِ، سڄي ڪارروائي ڪراچي ۾ ٿيڻي هئي جتي سياست جو وڏو مرڪز ايوان صدر هئو، جتي صدر اسڪندر مرزا، پنهنجي وزير اعظم فيروز خان نون سان وزارتن جي ڇڪ ڌاهہ ۾ مصروف هئو. ٻہ برگيڊ۔ هڪ پيدل فوج ۽ هڪ آرٽلري هميشہ ڪراچي ۾ رهندي هئي، هڪ وڌيڪ برگيڊ فوج ڪوئيٽا مان گهرائي

(1) ايوب خان، فرينڊس، ناٽ ماسٽرس، ص68

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويئي هئي جيڪا ڪراچيءَ جي ٻاهران جنگشاهي ۾ ترسائي ويئي. في الحال ڪمڪ جي ڪنهن فرد کي شهر ۾ موڪلڻ جي ضرورت محسوس ڪانہ ڪئي ويئي ۽ کين صرف حڪمن جي انتظار ڪرڻ لاءِ چيو ويو هئو.

2 آڪٽوبر تي فيروز خان نون پنهنجي آخري ڪوشش ۾ رڌل هئو. هو اڳ ۾ اعلان ڪري چڪو هئو تہ عام چونڊون فبروري 1959ع ۾ ٿينديون تنهنڪري گهڻا سياستدان في الحال ڪراچي ۾ هئا ۽ نئين وزارت ۾ پنهنجي ڀاڱي حاصل ڪرڻ لاءِ سفارش ۽گروپن جا گهوڙا ڊوڙائي رهيا هئا. نون کي ڪرشڪ سرامڪ وارن سان ٺاهہ تي پروسو ڪونہ هئو تنهنڪري هن گهريو ٿي تہ عوامي ليگ جي حمايت ڪري. هن بهرحال وزيراعظم ٿي ٽيڻ گهريو ٿي تنهنڪري ڪنهن طرح سهروردي کي ٺاهڻ لاءِ زور پري رهيو هئو. سهروردي انهيءَ جي عيوض پنج وزارتون گهريون جيڪي گهڻي بحث کان پوءِ نون ڏيڻ قبوليون. اسڪندر مرزا انهيءَ جي اجازت ڏيئي ڇڏي هئي جيڪا سهرورديءَ سان مخالفت جي پيش نظر عجيب ڳالهہ هئي. غالباً انهيءَ ڪري تہ کيس ڄاڻ هئي تہ ڇا ٿيڻ وارو هئو. پر مسئلو هيءُ هئو تہ ڪرشڪ سرامڪ ورا اهم وزارتن کي ڇڏڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا. سهروردي، ڏاهو ماڻهو هئو تنهن انهيءَ پو کان تہ متان انهيءَ هڪ ڳالهہ جي ڪري چونڊون ئي ملتوي ٿي وڃن، هن پنهنجن قسم ڪنيل وزيرن کان استعيفائون ڏيارڻ جو فيصلو ڪيو. ستين آڪٽوبر تي صبح جو سهروردي گروپ جي وزيرن استعيفائون ڏيئي ڇڏيون ۽ شام ستين بجي باقي رهيل وزيرن ۾ نئين سر کاتا ورهايا ويا. هيءَ وزير هئا: فيروز خان نون، سيد امجد علي، حميدالحق چوڌري، محمد ايوب کهڙو، سردار عبدالرشيد، مير غلام علي ٽالپر، حاجي مولا بخش سومرو، اي۔ڪي۔دتا، حاجي محفوظ الحق، ميان جعفر شاه، عبدالعليم، سردار امير اعظم، بسنت ڪمار داس ۽ رميض الدين.

اسڪندر مرزا ۽ ايوب خان، وزارتن جي انهيءَ عمل کان پويان پاڻ ۾ ملڪ جي سياسي صورت حال بابت اڳ ۾ ئي گهڻو ڳالهائي ۽ ڪي فيصلا ڪري چڪا هئا. اسڪندر مرزا جو خيال هئو تہ آئين رد ڪيو وڃي، اسيمبليون ٽوڙيون وڃن، سياسي جماعتن ۽ سرگرمين تي بندش وڌي وڃي، ايوب خان چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جي طور ڪم ڪري

پر اسڪندر مرزا پاڻ ملڪ جو صدر رهي. انهيءَ تي ايوب خان ڪو جواب ڪونہ ڏنو.

چوٿين اڪٽوبر تي، ايوب خان راولپنڊي کان ڪراچي روانو ٿيو ۽ ورنڌڙ صبح تي سڌو ايوان صدر، اسڪندر مرزا سان ملڻ ويو. جنرل يحيٰ خان، جيڪو ان وقت چيف آف اسٽاف هئو، جنرل حميد ليفٽننٽ جنرل اعظم خان، ليفٽيننٽ جنرل خالد شيخ ڪانئس اڳ ۾ ڪراچي پهچي هئا ۽ ايوب خان کي پهچندي شرط سموري رپورٽ ڏنائون. جنهن وقت ايوب خان، ايوان صدر پهتو، ان وقت اسڪندر مرزا گهڻو پريشان هئو، ائين ٿي لڳو ڄڻڪ هو ڪنهن فيصلي ڪرڻ کان قاصر هئو. هو پنهنجي ڊرائنگ روم جي بدران، ٻاهر چبر تي ٽهلي رهيو هئو. ايوب خان کي ڏسندي ئي هن سندس آجيان ڪئي ۽ سڌو ڊرائنگ روم ۾ ويا. ڳالهين دوران صورت حال جو وري هڪ نئين سر جائزو ورتو ويو پر رسمي طور ايوب خان، اسڪندر مرزا کان پڇيو تہ اهو قدم کڻڻ آخري فيصلو آهي. جنهن جي جواب ۾ صدر مرزا هائوڪار ڪئي. اسڪندر مرزا، آئين جي منسوخي ۽ سمورن جمهوري ادارن کي ختم ڪرڻ کان پوءِ بہ صدر رهڻ ٿي چاهيو جڏهن تہ ايوب خان جو زور انهيءَ تي هئو تہ انهيءَ جو اطلاع وزير اعظم کي اڳواٽ ڪرڻ ضروري آهي ۽ ڪيس (ايوب خان) چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر مقرر ڪرڻ جو پروانو لکت ۾ ڏئي. ايوب خان جي چوڻ مطابق: "شروع ۾ تہ اسڪندر مرزا اهڙو پروانو ڏيڻ لاءِ تيار ڪونہ هئو پر ٿوري دير کان پوءِ هو انهيءَ تي راضي ٿي ويو تہ هو ٻن ڏينهن ۾ اهو منهنجي سپرد ڪندو." (1)

فيروز خان نون کي وزارتن جو رڳڙو حل ڪرڻ ۾ ڪجهہ ڏينهن لڳا نيٺ 7 اڪٽوبر تي جڏهن سهروردي پارٽي پاران پنهنجن وزيرن جون استيعفائون ڏيڻ سان نون جي راهہ هموار ٿي ويئي هئي، تڏهن ڪي وزير، ميمبر ۽ وڏا آفيسر ايوان صدر (هاٹوڪي گورنر هائوس) ۾ صدر اسڪندر مرزا سان ڪرسٽل گلاسن ۾ جام چاڙهي رهيا هئا. اسڪندر مرزا انهيءَ محفل ۾ نهايت بيچين ۽ ٿورو پريشان نظر اچي رهيو هئو. هو ٿوري ٿوري دير ۾ کان پوءِ گهڙي ڏسي رهيو هئو ۽ مهمانن سان ڳالهائيندي ڳالهائيندي ذهني طور غائب بہ ٿي ٿئي ويو. بهرحال، ائين وڳي ڌاري اها محفل ختم

(1) ايوب خان، فيرنڊس، ناٽ ماسٽرس، ص71

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ۽ اسڪندر مرزا اندر هليو ويو.

شام کان ئي جهمپير ۾ ترسيل فوجي يونٽ حرڪت ۾ اچڻ لڳا. سج لهڻ کان پوءِ هو پوريءَ طرح تيار ٿي چڪا هئا. آپريشن جو ڪوڊ ٻڌرائجي چڪو هئو ۽ انهن وڳي شهر ۾ چرپر شروع ٿي ويئي.

فوج جا دستا، مک سرڪاري عمارتن، حساس مرڪزن ۽ رستن تي پهچڻ لڳا هئا ۽ اڌ رات تائين سمورن هنڌن قبضو ڪري چڪا هئا يا انتظام سنڀالي چڪا هئا. ڪراچي کانسواءِ ٻين شهرن ۾ به ساڳيو انتظام هئو جنهن ۾ تمام رازداري کان ڪم ورتو ويو هئو. ٿوريءَ دير ۾ ايوب خان ايوان صدر پهتو. جڏهن ٻاهر فوجي چرپر جاري هئي ته اندر ايوب خان ۽ اسڪندر مرزا ۾ انهيءَ تي ڳالهه ٻولهه هلي رهي هئي ته آئين جي منسوخي، اسيمبلين جي ٽٽڻ ۽ شهري انتظاميه جي عدم موجودگي ۾ حڪومتي ڪم ڪار ڪيئن هلندو. اصل بحث هن نڪتي تي هئو ته جڏهن آئين ئي نه رهندو ته اسڪندر مرزا جي آئيني حيثيت ئي ڪانه رهندي ۽ مارشل لا جي صورت ۾ جڏهن شهري حڪومت ڪانه هوندي آهي تنهن حالت ۾ شهري انتظاميه ڪيئن هلندي. بهرحال، انهيءَ تي اتفاق ٿي ويو ته اسڪندر مرزا صرف نالي ۾ صدر رهندو ۽ ملڪ جو سمورو انتظام ايوب خان، چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر طور هلائيندو. انهيءَ لاءِ ايوب خان جي چوڻ تي اسڪندر مرزا اهو قبول ڪيو ته اهڙي تبديلي بابت هڪ خط وزير اعظم فيروز خان کي لکندو ۽ ايوب خان کي چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر طور مقرر ڪرڻ جو پروانو ڏيندو.

رات جو ساڍي ڏهين بجي اسڪندر مرزا، مارشل لا لاڳو ڪرڻ جي پرواني تي صحيح ڪرڻ کان پوءِ ايوب خان جي حوالي ڪيو ۽ اهو هاڻي اخبارن کي موڪلڻو هئو. ريڊيو اسٽيشن تان اهو صبح جو ڇهين وڳي وارين خبرن ۾ نشر ٿيڻو هئو. ڇيو وڃي ٿو ته هيءَ فرمان اڳوات لکي ايوب خان کڻي آيو هئو ۽ اسڪندر مرزا کي صرف صحيح ڪرڻي هئي. فرمان هنريت هئو.

فرمان بحڪم صدرپاڪستان (مورخه اڪتوبر 7- 1958ع)

"گذريل ٻن سالن کان آءٌ تمام خبرداري سان ملڪ جي حالت، اقتدار جي جنگ، رشوت خوري سڀ ڪجهه ڏسندو رهيو آهيان جنهن ۾ اسان جي ساده دل ماڻهن جي قسمت سان جهڙيءَ ريت ڪيڏيو ويو آهي سو تمام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شرمناڪ آهي. اسلام کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪري ان جي بيحرمتي ڪئي ويئي آهي. بيشڪ ٿورا ماڻهو انهن کان بچيل آهن پر اهي ايتري ٿورائي ۾ آهن جو ملڪ جي معاملن ۾ ڪجهہ نٿا ڪري سگهن.

”هنن اٽوٽنڊڙ سرگرمين، ملڪ ۾ هيٺئين درجي جي آمريت قائم ڪري رکي آهي. هن جا هلائيندڙ استحصالي عناصر، غريبن کي ڦري ڀا ڄ ڪڍڻ ڪرتوتن سان رات ڏينهن مالدار ٿي رهيا آهن.

”منهنجي بهترين ڪوشش جي باوجود، خوراڪ جي صورت حال سڌارڻ لاءِ ڪو قدم ڪونہ کنيو ويو آهي. هيءَ مسئلو اسان جي لاءِ موت ۽ حياتي جو سوال بنجي ويو آهي. زراعت ۽ زميني مسئلا، سياستدانن جي هٿن ۾ ڪيڏي رهيا آهن جنهن ڪري ڪابہ پارٽي پيداوار وڌائڻ لاءِ مثبت قدم نٿي کڻي. انهيءَ ڪري عام ماڻهو مهانگائي جي جاندهہ ۾ پيسجي رهيو آهي. ٻئي طرف اوڀر پاڪستان ۾ کاڌ خوراڪ، دوائن ۽ ٻين ضروريات زندگي جي تمام منظم طريقي ۾ سمگلنگ ٿي رهي آهي. خوراڪ جي خريداري تي گذريل ڪجهہ سالن کان اسان جو قيمتي غير ملڪي ناڻو خرچ ڪرڻو پئجي رهيو آهي، جنهن ڪري حڪومت کي تمام ضروري ترقياتي ڪمن کي بہ روڪڻو پئجي رهيو آهي.

”اسان جا ڪي سياستدان، خونريز انقلاب جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن. انهن مان هڪ مهم جو طبقو وري ٻاهر وڃي انهن سان ناتو جوڙڻ گهرن ٿا، جيڪا سڌي سنئين غداري آهي.

”تمام اڻ وڻندڙ منظر اوڀر پاڪستان اسيمبليءَ جي اندر ٿيو جنهن جي سيني کي ڄاڻ آهي. مون کي تہ ائين بہ ٻڌايو ويو آهي تہ ورهاڱي کان اڳ اهڙا واقعا، بنگال جي ايوانن ۾ عام هوندا هئا، ائين ٿيندو هئو يا نہ، بهرحال، اهو هڪ غير مهذب طريقو آهي. پنهنجي اسپيڪر کي قتل ڪري يا قومي جهنڊي جي بيعزتي ڪري اوهان يقيناً پنهنجي ملڪ جي ساک ڪونہ ٿا وڌايو.

”سياسي پارٽين جي ساک ايتري ڪري پئي آهي جو اهو يقين نٿو ڪري سگهان تہ چونڊون، اندروني گهوٽالي م سڌارو آڻي سگهنديون يا نہ ۽ اسان کي پنهنجي ملڪ جي موجوده مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ هڪ مضبوط ۽ پائيدار حڪومت ناهڻ ۾ مدد ڪري سگهنديون. اسان چند تان ماڻهو تہ ڪونہ آڻيندا سين. ماڻهن جو اهو سڄيو ٽولو جنهن ملڪ کي تباهي جي ڪناري تي آڻي ٻهاري ڇڏيو آهي، سو پنهنجي مقصد لاءِ چونڊن ۾ ڏانڊليون ڪندو. هوئي وري کڻي ايندا ۽ هن ڀيري بدلي جي ٻاهہ کڻي ايندا، ڇاڪاڻ تہ مون کي يقين آهي تہ چونڊون ذاتي، علائقائي ۽ فرقيواريت جي بنياد تي لڙيون وينديون، هو جڏهن واڳون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڀاليندا تڏهن اهي ساڳيا طريقا ڪتب آڻيندا جن ملڪ ۾ جمهوريت کي افسوسناڪ انجام تي رسايو آهي ۽ وڏي پيماني تي بيچيني آندي آهي. انتظاميہ ڪيترن ڪوششڪري، پر بدلجندڙ وفاداريون ۽ عهدن تي ڦيري گهيري ڏسندي مون کي يقين آهي تہ چونڊون نہ آزاد ٿينديون ۽ نہ غير جانبدار. هو اسان جون مشڪلاتون دور ڪري نہ سگهندا. اتلندو وڌيڪ ڏکيائي ۽ نااميدي پيدا ڪندا جنهن سان نيٺ هڪ خونريز انقلاب اچي ويندو. تازو اسان وٽ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جون چونڊون ٿيون جنهن ۾ مشڪل سان ويهہ سيڪڙو ووٽ استعمال ٿيا جن مان بہ اڌو اڌ ڪوڙا هئا.

"اسان ٻڌي رهيا آهيون تہ ڪي نجي تنظيمون، ذاتي رضاڪار رکڻ لاءِ شهري نافرماني جون تحريڪون هلائڻ جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن.

"اسان جي پرڏيهي پاليسي هرويرو بي سمجهي ۽ غير ذميدار تنقيد جو شڪار بنيل آهي. جيڪا خالص ذاتي خيال سان ڪئي وڃي ٿي ۽ اها تنقيد ڪڏهن اهڙا ماڻهو ڪن ٿا جيڪي خود انهيءَ جا ذميدار آهن. اسان چاهيون ٿا تہ سيني سان سنا ناتا هجن، پر سياسي مهم اسان جي روس، مصر ۽ چين جهڙن ملڪن وچ ۾ غلط فهميون پيدا ڪن ٿا. هو ڀارت جي خلاف جنگ جوٽڻ جون ڳالهيون ڪن ٿا پر هنن کي اها بہ خبر آهي تہ انهيءَ وقت هو محاذ جي ڀر پاسي بہ ڪون هوندا. دنيا ۾ ڪنهن بہ ملڪ ۾ سياسي پارٽيون، خارجہ پاليسي کي ائين ڪونہ هلائينديون آهن جيئن اسان جي ملڪ ۾ ٿئي ٿو. انهيءَ مونجهاري دور ڪرڻ لاءِ آءٌ صاف لفظن ۾ چوان ٿو تہ اسان اهڙي پاليسي هلنداسون جيڪا اسان جي جغرافيائي سلامتي ۽ تقاضائن مطابق هجي. اسان اهي سمورا بين الاقوامي معاهدا پورا ڪنداسين جيڪي پاڪستان جي سلامتيءَ لاءِ ۽ هڪ امن جي خواهشمند ملڪ لاءِ ضروري آهن ۽ جيڪي هن مصيبت زده دنيا مان جنگ جي خطري کي دور ڪرڻ لاءِ ڪيا ويا آهن.

"گذريل ٽن سالن کان آءٌ آئين کي هڪ جمهوري طريقي ۾ هلائڻ جي جدوجهد ڪندو رهيو آهيان. آءٌ هڪ کان پوءِ ٻي مخلوط حڪومت ناهڻ لاءِ جتن ڪندو رهيو آهيان تہ جيئن ملڪي انتظاميہ ۾ استحڪام اچي ۽ ملڪ جا معاملا عوام جي مفاد وٽان هلن. منهنجا مخالف انهن ڪوششن کي محلاتي سازشن جي نالي سان ياد ڪيو آهي. هيءَ هاڻي معمول بڻجي ويو آهي تہ سمورا الزام صدر جي مٿان مڙهي ڇڏجن. هن سلسلي ۾ هڪ چرچو عام هليو تہ جيڪڏهن برسات گهٽ پئجي وڃي تہ اهو بہ صدر جو ڏوهہ ۽ جيڪڏهن نٿي وسي تہ بہ صدر جي غلطي. جيڪڏهن صرف مون اڪيلي جو نالو وٺن ها تہ آءٌ

انهن سمورين ڳالهين کي پاڙ تي تو پٽڻ لاءِ تيار هئس پر هنن غدارن ۽ جمهوريت دشمن عناصر جو مقصد، پاڪستان ۽ سندس صدرتي حملا ڪري حڪومت جو نالو خراب ڪرڻ آهي جنهن ۾ هو گهڻي ڀاڱي ڪامياب ويا آهن پر جيڪڏهن هن صورت کي برقرار رهڻ جي اجازت ڏني ويئي ته هو آخري مقصد به حاصل ڪري وٺندا.

"مون حالتن ۽ اندروني صورت حال جو جائزو ورتو آهي ۽ ان مان مون کي اندازو ٿيو آهي ته ماڻهن جي اڪثريت جو موجوده حڪومتي سرشتي ۾ ڪو اعتماد ڪونهي ۽ هو نت نئين ڏينهن وڌيڪ نراس ٿيندا ٿا وڃن. جنهن طريقي سان سندن استحصال ڪيو ويو آهي تنهن تي هو ڏينهون ڏينهن ڪانئن منهن موڙي رهيا آهن. هنن جو اهو احتجاج ۽ ڇڪاوڙ درست آهي. ليڊر، هنن جي اها خدمت ڪونه ڪري رهيا آهن جن جا هو حقدار آهن. هو ماڻهن جي اعتماد تي پورو لهڻ ۾ ناڪام ويا آهن.

"آئين، جيڪو 23 مارچ، 1956ع تي ڏاڍين ڏکاين ڪان پوءِ پاس ڪيو ويو هئو سو عمل جي لائق نه رهيو آهي. اهو مختلف وعدن جو اهڙو مجموعو بنجي ويو آهي ۽ جيڪڏهن هنن بحرانن کي دور نه ڪيو ويو ته پاڪستان تٽي پوندو. انهن کي درست ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ملڪ کي پهريائين هڪ پرامن انقلاب جي ذريعي هوشمندي واري ڪيفيت ۾ آندو وڃي. ان کان پوءِ منهنجو ارادو آهي ته ڪن محب وطن عناصر کي گڏ ڪري سياسي مسئلن جو تجزيو ڪريان ۽ مسلم زندگيءَ سان نهڪندڙ هڪ آئين ناهيان. جڏهن اهو تيار ٿي ويندو، تڏهن ريفرنڊم لاءِ ماڻهن آڏو پيش ڪيو ويندو.

"چيو وڃي ٿو ته آئين تمام مقدس هوندو آهي. پر آئين کان به وڌيڪ ملڪ ۽ ماڻهن جي ڀلائي آهي. ملڪ جي سربراهه جي حيثيت ۾، خدا ۽ ماڻهن ڏانهن منهنجو پهريون فرض، پاڪستان جي سلامتي ۽ اتحاد آهي. ان کي انهن غدارن ۽ سياسي مهم جو ماڻهن مان خطرو آهي، جن جي هوس اقتدار ۽ غير محبانه رويي کي، موجوده سنتاء هيئت حڪومت منهن ڏيئي نٿي سگهي. ۽ نه وري ڪو آءٌ گهڻو عرصو، ملڪ جي تباهي جو تماشبين رهي سگهان ٿو. تمام ڳوڙهي ۽ محتاط تجزيي کان پوءِ آءٌ هن افسوسناڪ نتيجي تي پهتو آهيان ته جيڪڏهن مون ڪو قدم نه کنيو ته آءٌ پنهنجي فرض ادائي ۾ ڪوتاهه ويندس ۽ پاڪستان کي موجوده حالتن ۾ بچائڻ لاءِ ائين ڪرڻ اڻ ٽر آهي. تنهنڪري مون فيصلو ڪيو آهي ته:

الف: 23_ مارچ 1956ع وارو آئين منسوخ ڪيو ويندو.

ب: مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتون فوري طور ڊسمس ڪيون وينديون.

ج: قومي پارليامينٽ، صوبائي اسيمبليون ٽوڙيون وينديون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

د: سموريون سياسي پارٽيون ختم ڪيون وينديون.
ح: جيستائين ڪو متبادل انتظام ٿئي، تيستائين پاڪستان مارشل لا هيٺ هلايو ويندو. آءٌ، هن ذريعي پاڪ افواج جي ڪمانڊر انچيف جنرل محمد ايوب خان کي چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر مقرر ڪريان ٿو ۽ سموريون مسلح فوجون هن جي ڪمان ۾ ڏيان ٿو.
"پاڪستان جي فوجن لاءِ مون کي اهو چوڻو آهي ته پاڪستان ٺهڻ کان وٺي، مون هنن ۾ حب الوطني ۽ وفاداري کي تمام گهڻو ڏٺو ۽ هاڻي انهن تي وڏيڪ بار وجهان ٿو.آءٌ هيءَ محسوس ڪريان ٿو. پر آفيسرن ۽ جوانن کي چوان ٿو ته هڪ آزاد ملڪ جي حيثيت ۾ پاڪستان جو مستقبل اوهان جي خدمتن تي منحصر آهي. اوهان پنهنجو فرض بنا ڪنهن ڊپ ڊاءُ ۽ لالچ جي ادا ڪريو. خدا اوهان جو مددگار هوندو.
"پاڪستان جي عوام سان آءٌ هڪ محب وطن پاڻ جي حيثيت ۾ مخاطب آهيان. موجوده قدم تمام افسوس سان کنيو ويو آهي پر اهو ماڻهن ۽ ملڪ جي ڀلائي سان ڪٽڻو پيو اٿم. جنهن جو اونو صرف چند ماڻهن کي ٿي آهي. محب وطن ۽ قانون جي پابند ماڻهن کي آءٌ چوان ٿو ته هو خوش ۽ آزاد هوندا. مهم جو، سمگلر ۽ ذخيره اندوز ناخوش هوندا ۽ هنن جون سرگرميون گهٽي پاڳي ڪٽيون وينديون غدان لاءِ اهو چڱو آهي ته جيڪڏهن هو ڪري سگهن ته ملڪ ڇڏي وڃن."

ايوب خان، انهيءَ تي زورڀري رهيو هئو ته وزير اعظم نون کي اطلاع ڪرڻ ضروري هئو ڇاڪاڻ ته هن جي خيال ۾ هن کي اختيارين تي مڪمل ضابطو هئڻ ضروري هئو. ٿوري بحث کان پوءِ، اسڪندر مرزا راضي ٿي ويو ۽ اهو خط اوڏيءَ مهل هڪ خاص ماڻهو هٿان نون کي ننڊ مان اٿاري پهچايو ويو.
خط هنريت هئو:

ايوان صدر ڪراچي
7 اڪتوبر 1958ع
منهنجا پيارا سر فيروز.
پنهنجي دل کي تمام احتياط سان ڦولڻ کان پوءِ آءٌ انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان ته ملڪ ايستائين صحيح طريقي نئون هلي سگهي جيستائين آءٌ پنهنجي ذميداري پوري نه ڪريان ۽ انتظاميه سنڀاليان. 23 مارچ 1956ع وارو آئين نه فقط ناقابل عمل آهي پر پاڪستان جي اتحاد ۽ سالميت لاءِ به نقصانڪار آهي. اسان جيڪڏهن انهيءَ تي عمل ڪندا رهنداسين ته پوءِ پاڪستان کي خيرباد چوڻو پوندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سربراهہ مملڪت جي حيثيت سان، مون آئين کي رد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هيءَ به ته سمورا اختيار پاڻ سنڀاليان، پارليامينٽ ۽ اسيمبلين توڙي ڇڏيان ۽ مرڪزي ۽ سموريون صوبائي ڪابينائون ختم ڪري ڇڏيان. مون کي صرف افسوس هيئن ٿو ٿئي ته آءُ هيءَ قدم انهيءَ وقت کڻي رهيو آهيان. جڏهن توهان وزيراعظم آهيو.

"جنهن وقت هيءَ خط اوهان وٽ پهچندو، ان وقت تائين مارشل لا لڳي چڪو هوندو ۽ جنرل ايوب خان جنهن کي مون چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو آهي. سو پوزيشن سنڀالي چڪو هوندو.

"اوهان لاءِ ذاتي طرح مون کي گهڻي عزت آهي ۽ اوهان جي ذاتي مسرت ۽ خوشحالي لاءِ سڀ ڪجهہ ڪندو رهندس.

اوهان جو مخلص

اسڪندر مرزا"

اسڪندر مرزا جي اي ڊي سي، وزيراعظم نون کي اهو خط رات جو يارهين بجي ڪيس ننڊ مان اٿاري پهچايو. نون اٿيو. اکيون مهٽي خط پڙهڻ شروع ڪيو ۽ اي ڊي سي کي چيائين ته هو ترسي ته ڪيس جواب لکي ڏي، جنهن تي اي ڊي سي وراڻيو: " ان جو جواب ٿيندو ئي ڪونہ." ائين چئي هليو ويو ۽ نون سموري رات پاسا ورائيندي ڪاٽي. (1)

ايوب خان، پنهنجي نئين منصب سنڀالڻ کان پوءِ پهريون "فرمان" جاري ڪيو جنهن ۾ مارشل لا لاڳو ڪرڻ جو اطلاع ڏنل هئو. هن ۾ نظم وضبط جاري رکڻ، مارشل لا جي حڪمن ۽ فوجي ڪورٽن قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيل هئو. ان کان هڪدم پوءِ فوجي ڪمانڊرن جي ميٽنگ سڏائي سيني کي پنهنجون پنهنجون ذميداريون ٻڌايون.

اهو ڪم تمام رازداري سان ٿيو هئو پر اخباري دفترن ۽ خبر رسان ايجنسين تائين خبرون ان وقت پهچايون ويون جڏهن سمورا انتظام مڪمل ٿي چڪا هئا ۽ اتان خبرن جي ظاهر ٿيڻ سان ڪو ردعمل ظاهر ٿيڻ جو ڪو وقت ڪونہ هئو. سمورن سياستدانن جا ٽيليفون ڪٽجي چڪا هئا تنهنڪري ڪنهن کي راتو رات ڪا خبر ڪانہ پئي ۽ هنن کي ان وقت مارشل لا لڳڻ جي سڌ پئي جڏهن ڇهين بجي وارين خبرن ۾ ٻڌائون ۽ اخبارن جي سرخين سان پڙهيائون.

صبح جو ماڻهو معمول مطابق اٿيا ته ريڊيو ۽ اخبارن جي ذريعي

(1) فرام ميمري، نون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارشل لا لڳڻ جو خبرون معلوم ٿين. سموريون اسيمبليون ٽوڙيون ويون هيون، آئين منسوخ ڪيو ويو هئو، سمورين سياسي پارٽين ۽ سياسي سرگرمين تي بندش وڌي ويئي هئي. اسڪندر مرزا کي صدر رهڻ ڏنو ويو هو پر چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر ايوب خان کي مقرر ڪيو ويو هئو، جيڪو ملڪ جي انتظام هلائڻ لاءِ "فرمان" جاري ڪري رهيو هئو.

سمورا وزير، سياستدان، سياسي ورڪر، دانشور، پيشنگوئي ڪرڻ وارا، اخبارون ناهڻ وارا ۽ پڙهڻ وارا، واپاري، جج- ملڪ جو هر اهو ماڻهو جنهن کي ٿوري گهڻي سياست جو شعور هئو سو خاموشيءَ سان ريڊيو تان اعلان ٻڌي طرح طرح جا ردعمل ظاهر ڪري رهيا هئا. ريڊيو بار بار اهو چئي رهيو هئو تہ سموريون سياسي سرگرميون ختم ڪيون ويون آهن ۽ انهيءَ حڪم جي ڀڃڪڙي ڪرڻ تي مختلف سزائون اعلان ڪيون پئي ريون. جن اڳ ۾ مارشل لا ڏٺو هئو تن کي خبر هئي تہ ڇا ٿيندو پر نوجوانن کي انهيءَ جوڙجڪ جي ڄاڻ ڪانہ هئي تنهنڪري هنن في الحال ڪو ردعمل ڪونہ ڪيو. هنن کي ڪهڙي خبر تہ ڪيئن رات جي اونداهہ ۾ جمهوريت جي تڏا ويڙهہ ڪري ساڻن ويساهہ گهاتي ڪئي ويئي هئي ۽ انهيءَ راتاهي جي لاءِ سياستدانن کي طرح طرح سان لوڙيو پئي ويو. ماڻهن کي هر طرح يقين ڏياريو پئي ويو تہ هنن جا سياستدان بي ايمان، نااهل، بدديانت ۽ خود غرض آهن تنهنڪري ملڪ کي بچائڻ لاءِ فوج کي مداخلت ڪرڻي پئي آهي.-

مارشل لا لڳائڻ جي پهرين "فرمان" سان گڏ پوري ملڪ ۾ سنسرشپ بہ لڳايو ويو. تنهنڪري ريڊيو اسٽيشن سان گڏ فوجي عملو پوسٽ آفيس، تار گهرن، فون ايڪسچينجز ۽ ٻين اهڙن سمورن مرڪزن کي پنهنجي هٿن ۾ وٺي ڇڏيو هئو جتان ڪنهن بہ طرح جي معلومات هڪ هنڌ تان ٻئي هنڌ وڃي سگهي ٿي. سمورن سياستدانن جا فون ٻڌجڻ لڳا. سمورين اخبارن جي ٽپال رستي، ٽيليڪس يا فونن جي ذريعي سمورين معلومات سنسر ٿيڻ لڳي ۽ اخبارن کي ڇپيو ويو تہ صرف اهي خبرون شايع ٿينديون جيڪي فوجي حڪومت يا ان جا مقرر آفيسر جاري ڪندا. راتو رات اطاعات کاتو سمورين خبرن جو مرڪز بنجي ويو هئو. صرف اتان ئي جاري ڪيل خبرون صحيح سمجهيون ويون.

سياسي سرگرمين تي بندش هئي تنهنڪري ملڪي خبرن ۾ صرف

مارشل لا حڪومت جا فرمان، ريگوليشن، ضروري شين جا اگهہ ۽ ٻي اهڙي معلومات ڇپجڻ لڳي.

جن 1942ع واري مارشل لا ڏٺي هئي تن کي معلوم هئو تہ هي ڪهڙي قسم جي حڪومت هوندي آهي تنهنڪري هو نوجوان نسل کي ان جي اثرات کان واقف ڪرڻ لڳا ۽ جيڪي نئين سانيڙ جا هئا، سي پنهنجن وڏڙن کان معلومات حاصل ڪرڻ لڳا هئا. پر عام تاثر هي هئو تہ فوجي راڄ ۾ سختي ٿيندي آهي، حڪومت جي خلاف ڪونہ ڳالهائبو آهي ۽ مارشل لا حڪمن جي پوري تعميل ڪرڻي هوندي آهي.

پهرين ڏينهن 8 آڪٽوبر 1958ع تي سڄو ڏينهن ريڊيو تان مارشل لا جا فرمان نشر ٿيندا رهيا. پهرين ڏينهن ماڻهن کي صرف اهو ٻڌايو ويو تہ هنن کي صرف حڪمن جي تعميل ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ سوچڻو هئو ئي ڪونہ. انهيءَ کان علاوه شهري حڪومت جا ڪم ڪار ڪيئن هلندا تنهن بابت ڪو فوري اعلان ڪونہ ٿيو هئو تنهنڪري پهريون ڏينهن ماڻهو صرف ريڊيو جي ذريعي اعلان ٻڌي گذاريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 20

# مارشل لا: فوجي فيصلا

8 اڪتوبر جو ڏينهن صرف مارشل لا جي حڪمن جاري ڪرڻ ۾ گذريو. ايوب خان پنهنجي ساٿين، جنرل يحيٰ، حميد، اعظم خان وغيره سان ميٽنگ سان شروع ڪيو. فرائض ورهايا ويا، ۽ پوءِ ايوب خان صبح صبح وفاقي سيڪريٽرين جي ميٽنگ گهرائي جنهن ۾ پنهنجي پاليسي ڪين ٻڌائي. وفاقي سيڪريٽرين ۾ ڪجهه پراڻا آءِ سي ايس به هئا، پر تنهن هوندي به هيءَ صورت حال نئين هئي، تنهنڪري في الحال ٻڌندا رهيا. ميٽنگ ۾ امن امان جي صورت حال کان وٺي ماليات، معاشيات، سماجيات، تعليم، سرڪاري انتظام مطلب ته هر موضوع تي هدايتون هيون ۽ ائين ٿي لڳو ته هيءَ مارشل لا صرف امن امان کي بهتر ڪرڻ ۽ سمگلرن کي پڪڙڻ لاءِ ڪونه آيو آهي.ايوب خان هڪ ڊگهي اننگ کيڏڻ آيو هئو.

ايوب خان کي معلوم هئو ته بيوروڪريسي ڪانسواءِ هن جو سمورو پلان اڌورو رهجي ويندو تنهنڪري هن سيڪريٽرين جي ميٽنگ ۾ ڪين اعتماد ۾ ورتو ۽ صاف ٻڌايو ته هو صرف انهيءَ ڪري آيو آهي ته سياسي ميدان کي صاف ڪري. انتظامي مشينري کي درست ڪري ۽ ماڻهن ۾ اعتماد بحال ڪري. ۽ وري ملڪ کي اهڙي جمهوري رستي تي وجهي جنهن ۾ بليڪ ميل جي سياست نه هجي. انهيءَ ڪري هن سڀ کان پهريائين سيڪريٽرين جي ڪائونسل مقرر ڪئي جنهن جي ذمي تبديل ٿيل حڪومت پنهنجون پاليسيون نافذ ڪندي. البته انهن جي نگراني ۽ مٿئين سطح تي نظامت فوجي آفيسر ڪندا ۽ انهيءَ لاءِ پوري ملڪ ۾

مارشل لا ائڊمنسٽريٽر ۽ ننڍا آفيسر مقرر ڪيا ويا هئا. پهرئين ڏينهن کان وٺي مارشل لا جا حڪم جاري ٿيڻ لڳا جن ۾ صفائي سٿرائي رکڻ سان گڏ رشوت، چوري، ڌاڙن ۽ ٻين ڏوهن جون سزائون رکيون ويون هيون. فوجي ڪورٽن جي قيام جو اعلان ڪيو ويو جن جي فيصلن خلاف ڪا اپيل ٻڌڻ جو اختيار ڪنهن به ڪورٽ کي ڪونه هئو يا ٻين لفظن ۾ ملڪ ۾ پوريءَ طرح مارشل لا جو حڪم هلڻ لڳو.

گهڻا سياستدان فوري طور مات ڪري ويهي رهيا. اخبارن ۾ بيان آيا به ٿي ته به اهي سنسرشپ جي نذر ٿي ويا پر گهڻن في الحال پري کان ويهي نظارو ڏسڻ بهتر سمجهو. گهڻا ته زير زمين ٿي ويا هئا. خاص ڪري مسلم ليگ جا ڪارڪن ۽ ليڊر جن رضاڪار وردي جي مسئلي تي حڪومت جي خلاف ايجيٽيشن هلائڻ جو فيصلو ڪيو هئو. سندن دفتر به بند ٿي ويا هئا. بلڪ اهي مارشل لا حڪام جي حڪمن تي سيل ڪيا ويا هئا. ائين ٿي لڳو ڄڻڪ هن ملڪ ۾ سياسي دنيا هئي ڪانه.

عام ماڻهو هن کي چوٽڪاري جو رستو سمجهڻ لڳا. هنن ويچارن کي ڪهڙي خبر ته هن جي پويان ڪهڙا عمل ڪارفرما هئا. فوجين جي چرپر ۽ ريڊيو ۽ اخبارن تان بار بار اعلانن جي ڪري ماڻهن ۾ ڏهڪاءُ به پيدا ٿي ويو هئو. فوجي حڪمن ۾ واپارين ۽ ذخيره اندوزن کي خاص ڪري چتاءُ ڏنو ويو ته هنن شيون مارڪيٽ ۾ نه آنديون ته کين فوجي ڪورٽون سزائون ڏينديون. چاڪاڻ ته ماڻهن صرف فوجي حڪومت جو پڙهي ۽ ٻڌي رکيو هئو. تنهنڪري اهڙو ڏهڪاءُ ٿيو جو مارڪيٽون شين سان ڀرجي ويون. قيمتون پاڻهي ڪري پيون. ماڻهن ۾ اهڙو ڏهڪاءُ پيدا ٿي ويو جو راتو رات واپاري ملاوت واريون شيون گند جي ڍيرن تي اڇلي ويا. ايسٽائين جو هوٽلن وارا رات جو بچيل کاڌو صبح جو نالين ۽ گٽرن ۾ وهائڻ لڳا. چوريون في الحال بند ٿي ويون ۽ ڪئين سال اڳ اغوا ڪيل عورتون ٻارن سميت واپس ٿيڻ لڳيون. اسڪولن، ڪاليجن، آفيسن ۾ حاضري پوري ٿيڻ لڳي. روزمره جون شيون نه صرف عام جام ملڻ لڳيون پر انهن جون لسٽون ٽنگجڻ لڳيون ۽ گراهڪن کان سرڪاري مقرر ٿيل اگهه وصول ٿيڻ لڳا. ائين ٿي لڳو ڄڻڪ ملڪ سنجڳ ۾ واپس موٽي آيو هجي. اها ٻي ڳالهه آهي ته اهو ردعمل محض اڻ ڏٺل سزائن جي ڊپ کان ٿيو هئو ۽ ماڻهن سمجهي رکي رهيو هئو ته فوج معنيٰ ڊسيپلين جتي ڪنهن جي نه سفارش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلنديءِ نہ وري اثر رسوخ. اهو هڪ فطري ردعمل هئو. پر عبوري پڻ، چاڪاڻ تہ جيئن اسان اڳتي ڏسنداسين تہ اهو مسئلي جو فوري حل ضرور هئو پر مستقل نہ، چاڪاڻ تہ ان جو حل هڪ ڪان گهٽين حقيقتن ۾ لڪل هئو. مسئلن جو هڪ اوچو وڻ هئو جنهن جون پاڙون هيٺ اونهيون ۽ پري پري تائين پکڙيل هيون.

ٻہ ڏينهن مارشل لا جا احڪام جاري ٿيندا رهيا. هوڏانهن ايوب خان پنهنجن ساٿين سان گڏ "ملڪ کي درپيش مسئلن کي حل ڪرڻ" ۽ مارشل لا جي انتظامن کي موثر نموني هلائڻ تي صلاح ويچار ڪري رهيو هئو. سندس ساٿين ۾ جنرل ڪي ايم برڪي، جنرل شيخ ۽ جنرل اعظم خان تمام ويجها هئا. هن ۾ سڀ کان اهم ڳالهہ هيءَ هئي تہ ترجيحات ڪهڙي نموني مرتب ڪجن. انهيءَ ۾ ٻہ راهون هيون: هڪ فوري نتيجن ڪيڻ واري يا شارٽ ٽرم پلان، جنهن تي عمل مارشل لا لڳڻ جي هڪدم پوءِ شروع ٿي ويو هئو ۽ جنهن جو مقصد عام شهري حالتون سڌارڻ هئو ۽ ٻيو ڊگهي مدت وارو پلان جنهن جو مقصد اهڙو سياسي فضا قائم ڪرڻ هئي جنهن سان هڪ "نئين سر جمهوريت" جو بنياد رکي سگهجي.

جيتريقدر شهري زندگيءَ مان برايون ڪيڻ جو تعلق هئو تہ انهيءَ تي تہ عمل شروع ٿي چڪو هو. انفرادي ڏوهہ گهٽجي ويا هئا ۽ ماڻهن ڊپ وچان انهن کان پاسو ڪرڻ لڳا هئا. اهو ڪيترو عرصو هليو، تنهن تي في الحال بحث ضروري ناهي پر هڪ ڳالهہ طئي آهي تہ هيٺئين سطح تي هنن سماجي ۽ معاشرتي اوڻاين جو تعلق ڳوڙهي طرح ملڪ جي متئين نظام، خاص ڪري سياسي ابتري سان هئو. اها ڳالهہ وثوق سان چئي نٿي سگهجي تہ هن قدم کڻڻ کان اڳ ايوب خان معاشرتي ۽ سماجياتي شعبي جي هن اهم نڪتي کي ڪيتري حد تائين ڄاڻندو هئو ۽ ان جو ڪو نوس حل هن جي دماغ ۾ اڳي هئو. پر هو هن احساس ۾ شديد متبلا هئو تہ سمورا سياستدان ايماندار ڪونهن. هيءَ سمورين ٻسماجي ۽ معاشرتي برايون هنن جي ڪري آهن. ".... ملڪي براين جي پاڙ پٽڻ لاءِ هنن مان ڪنهن کي بہ پنهنجي مقصد سان لڳاءُ ڪونهي ۽ نہ وري هو انهيءَ ۾ محب وطن آهن." (1)

ايوب خان، هن سموري تاريخي ۽ سياسي پروسيس جو شاهد ٿي

(1) ايوب خان، فرينڊس، ناٽ ماسٽرس، ص 68

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ هئو. هن نظام جو حصو هئو ۽ جنهن انهيءَ نظام کي تمام ويجهڙائي کان ڏٺو هئو. ملڪ جي حساس اداري جي سربراهہ جي حيثيت ۾ هن کي گهڻو ڪجهہ معلوم هئو ۽ پنهي طرفن کان چاڻ هئي. معاشري جي فرد جي حيثيت ۾ هو ٽيندڙ سياسي ۽ سماجي تبديلين کان متاثر ٿئي بغير ڪونہ ٿي رهي سگهيو ۽ جيتوڻيڪ پاڪستاني فوج جي. سخت نظم و ضبط جي باوجود، هو جنهن پوزيشن ۾ هئو، ايندڙ واقعن جي اڳڪٿي ڪرڻ هن لاءِ ڪو ڏکيو ڪم ڪونہ هئو. تنهن ڪانسواءِ غلام محمد ۽ اسڪندر مرزا جهڙن ماڻهن سان گڏ رهي ڪم ڪرڻ ۾ هن کي سڀ ڪجهہ معلوم هئو تنهنڪري، 1958ع واري مارشل لا کان گهڻو اڳ دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ هڪ اقتدار ۾ شموليت واري خواهش تہ موجود هئي، جنهن جو ايوب خان چڱيءَ طرح ذڪر اڪتوبر 1958ع کان اڳ تہ نہ ڪيو هئو پر دماغ ۾ هڪ خاڪو هر وقت ضرور موجود هئس تہ جيڪڏهن ضرورت پئي تہ هن کي ڇا ڪرڻو پوندو، بلڪ واقعات انهيءَ جي تصديق ڪن ٿا تہ ڪيس اها خاطري هئي تہ نيٺ هن کي اقتدار سنڀالڻو پوندو ٿي. مئي 1958ع ۾ لنڊن کان واپس اچڻ کان پوءِ، ايوب خان جي دماغ ۾ اها ڳالهہ گهر ڪري چڪي هئي ۽ هن انهيءَ جو اظهار پنهنجي ڊائري ۾ ڪيو آهي.[1]

هن آرزو ۾ حالتن جو گهڻو ڏوهہ آهي پر بهرحال حالتون ئي تاريخ کي جنم ڏين ٿيون. ايوب خان لاءِ اهڙين حالتن جي ابتدا ان وقت ٿي جڏهن آئين ساز اسيمبلي، پنهنجي هڪ اجلاس ۾ 1954ع ۾ هڪ ٺهراءُ ذريعي گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع جي سيڪشن 9، 10، 10 بي ۽ 17 کي منسوخ ڪري گورنر جنرل غلام محمد جي اختيارين ۾ ڪمي آڻي ڇڏي. ڪاوڙيل ميمبرن، ڏهن منٽن ۾ ٺهراءُ منظور ڪري وڌو جنهن غلام محمد کي آپي کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.

تن ڏينهن وزيراعظم محمد علي بوگره، سر ظفر الله خان ۽ چوڌري محمد علي، ايوب خان (ان وقت ميجر جنرل) کي ساڻ ڪري امريڪا ويا هئا تہ بوگري کي غلام محمد جو هڪ پيغام مليو تہ فوري واپس اچن. وزيراعظم پنهنجو ڪئناڊا جو دورو منسوخ ڪري سمورن ساٿين کي وٺي لنڊن پهتو ۽ چاڪاڻ تہ فوري طور ملڪ ڏانهن ايندڙ ڪا پرواز موجود

(1) ايوب خان فرينڊس، ناٽ ماسٽرس ص 59 کان 69

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ هئي تنهنڪري ڪجهہ ويرم لڳي پر انهيءَ وچ ۾ وري غلام محمد پيو ٽيليفون ايوب خان کي ڪيو ۽ ڪيس فوري واپس پهچڻ لاءِ چيو. پين کي ڏاڍي ڳڻتي ٿي. محمد علي بوگري کي پنهنجي گرفتاري جو ڊپ هئو. بهرحال هيءَ سڀ ڪراچي پهتا ۽ طئي ٿيو تہ ايوب خان. سڏو وڃي غلام محمد سان ملي ۽ پوءِ ضرورت پوي تہ غلام محمد سان ملاقات ڪري ناهہ ڪرائجي تنهنڪري اسڪندر مرزا، چوڌري محمد علي ۽ ايوب خان سڏو غلام محمد وٽ ويا. ايوب خان جي لفظن ۾:

”گورنر جنرل، پهرين منزل تي ڪمري ۾ بستري تي ليٽيو پيو هئو. هن کي هاءِ بلڊپريشر هئو ۽ سندس پٺيءَ ۾ ايٽرو سور هئو جو هو بستري جي بدران ڪاٺ جي تختي تي دراز هئو. هو سخت ڪاوڙ ۾ هئو ۽ ڏسندي ئي گارين جو ڌوڙيو لائي ڏنائين. جيڪي خوش قسمتيءَ سان ڪنهن نہ سمجهيون. چوڌري محمد علي همت ڪري اڳتي وڌيو ۽ ڪجهہ چيائين ۽ گاريون کاڌائين. اسان ڪيس منٿون ڪري رهيا هئاسين تہ محمد علي کي هڪ موقعو بيو ڏنو وڃي. پر هن جي هڪ ئي رٽ هئي: منهنجي منهن تان ٽري وڃو. ٽري وڃو، هتان هليا وڃو.

”اسان ماٺ ڪري قطار ۾ ڪمري مان نڪري وڃڻ لڳاسين. آءُ آخر ۾ هئس. جڏهن دروازي تي پهتاسين تہ پويان نرس آئي اچي مون کي ڪوٽ مان جهلي ورتائين. مون ورائي ڏٺو تہ هڪ بدليل غلام محمد آڏو هئو. مون کي هنڌ تي ويهڻ لاءِ چيائين ۽ بستري هيٺان ٻہ ڪاغذ ڪڍي ڏيکاريائين. هڪ ۾ لکيل هئو تہ ”آءُ غلام محمد.... جنرل ايوب خان کي هيءَ اختياري ڏيان ٿو تہ ٽن مهينن ۾ آئين تيار ڪري. ٻيو ڪاغذ انهيءَ حڪم جي قبوليت بابت هئو.... ڪجهہ گهڙين لاءِ مون ڪاغذ ڏٺا ۽ پوءِ هيءَ بهانو ڪري انڪار ڪري ڇڏيم تہ مون کي فوج جي ذميداري آهي جنهي آءُ ملڪ جي وڌيڪ خدمت ڪري سگهان ٿو. جواب ۾ مون کي وري گارين جي لانڍ ٻڌڻي پئي.“ (1)

بهرحال، ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ 24- اڪتوبر 1954ع تي وري بوگري ۽ غلام محمد جي درميان ناهہ ٿيو تہ غلام محمد انهيءَ تي ضد ڪري

(1) ايوب خان، فرينڊس، ناٽ ماسٽرس، ص 52

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بينو تہ ايوب خان ان ۾ وزير بنجڻ قبولي. جيڪا هن ڳالهہ قبول ڪئي. آيا اها غلام محمد جي خواهش هئي يا ايوب خان پاڻ بہ هن نئين دنيا ۾ پير رکڻ تي گهريو. تنهن بابت صرف ايترو چوڻ ڪافي آهي تہ ايوب خان پاڻ کان اڳ ٻن ڄڻن غلام محمد ۽ اسڪندر مرزا کي ڏسي چڪو هئو جيڪي سروس مان تي سياست ۾ آيا هئا ۽ اج اچي ڪاري جا ڌڻي هئا. بهرحال، ايوب خان پنهنجي انهيءَ شموليت جو جواز هنن لفظن ۾ پيش ٿو ڪري:

"سياستدانن ۽ حڪومت سخت مونجهاري ۾ هئا ۽ ڪي سياستدان فوج ۾ پنهنجا حمايتي بنائڻ جي ڪوشش ۾ هئا. بهرحال آءُ هن ڪري شامل ٿيو هئس تہ حڪومت ۽ فوج جي وچ ۾ رابطي جو ڪردار ادا ڪريان." (1)

هڪ حقيقت جنهن کان شايد عام ماڻهو گهٽ واقف هئا ۽ جيڪا ايوب خان کي سياسي ميدان طرف ڇڪڻ لڳي هئي سا هئي رٽائرمينٽ. 1958ع صرف چار سال پري هئو ۽ اهو وقت گهڻو پري ڪونہ هئو. صرف جنرل ٿي رٽائر ڪرڻ ۾ هن جي ڪا دلچسپي ڪانہ هئي. خاص ڪري ان وقت جڏهن غلام محمد کيس ڇڪي رهيو هجي.

عام طور اهو چيو وڃي ٿو تہ حالتون اهڙيون خراب هيون جو ايوب خان کي مداخلت ڪرڻ ضروري ٿي ويو هئو. اها سراسر پروپيگنڊا هئي ۽ مارشل لا لڳائڻ کان پوءِ ايوب خان سنسرشپ هٽي پورو زور انهيءَ تي لڳايو تہ سياستدان بدديانت، غير محب وطن ۽ راشي آهن، جن کي جيڪڏهن وڌيڪ عرصو حڪومت ڪرڻ ڏجي ها تہ (خدانخواستہ) پاڪستان ختم ٿي وڃي ها. واقعا ۽ حالتون ائين ڪونہ هيون. بلڪ جمهوريت ۾ ائين ٿيڻ لازمي امر آهي. البتہ عام مورخ اها ڳالهہ نٿا مڃين تہ ڪامورا شاهي مان آيل ماڻهن ڪيئن حالتن کي پنهنجي حق ۾ خراب ڪيو. حڪومت در حڪومت قائم ڪري چونڊيل ماڻهن جي پاليسين کي ناڪام ڪيو ۽ ماڻهن کي اهو تاثر ڏنو تہ اهو سڀ ڪجهہ طالع نآزما سياستدانن جي وگهي ٿيو آهي. قدرالله شهاب، جنهن مارشل لا جي پهرين صبح (8 اڪٽوبر 1958ع) تي موڪل تان اچڻ کان پوءِ صدر جي پرسنل سيڪريٽري طور ايوان صدر ۾ پير رکيو، ۽ هنن سمورين حالتن جو تمام ڳوڙهو مشاهده نگار هئو. تنهن جي لفظن ۾:

(1) ايوب خان، فرينڊس، ناٽ ماسٽرس، ص53

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"....اڪتوبر 1958ع ۾ آئين کي منسوخ ڪرڻ جو ڪو ڪارڻ ڪونہ هئو. نہ تہ انهيءَ وقت پاڪستان کي ڪو ٻاهريون خطرو هئو ۽ نہ ڪو اندروني. 'خطرو' صرف هي هئو تہ جيڪڏهن چونڊون ٿي وڃن تہ غالبا اسڪندر مرزا کي صدارت جي ڪرسي تان هٿ ڪڻڻو پوي ها. پنهنجي ڪرسيءَ کي انهيءَ مصيبت کان بچائڻ لاءِ هن اها رٽ لڳائي تہ 1956ع جو آئين عمل ڪرڻ لائق ڪونهي. هي هڪڙو تمام ڪوجهو ۽ منڊو بهانو هئو. آئين کي پرکڻ جي ڪسوٽي چونڊون ۽ ادارن جو ڪم ٿئي ٿو. (پر) هن آئين جي هيٺ هڪ بہ چونڊ ڪانہ ٿي هئي. تنهنڪري ان تي ناقابل عمل جو الزام هڻڻ سراسر بي معنيٰ ۽ بي بنياد هئو. پنهنجي ذاتي اقتدار کي بچائڻ لاءِ صدر اسڪندر مرزا مارشل لا جي راهہ هموار ڪئي. ايوب خان ڇهن سالن کان هن نفسياتي گهڙي جو انتظار ڪري رهيو هئو. مارشل لا لاڳو ڪري هن پهرين صدر مرزا کي هڪ ئي جهٽڪي سان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ پوءِ پنهنجي ٺاهيل پلان مطابق حڪمراني شروع ڪري ڏني جيڪو هن 4- اڪتوبر 1954ع جي رات ڊاچيسٽر هوٽل لنڊن ۾ ويهي ٺاهيو هئو. ۽ اقتدار جا ورنڊڙ ڏهہ سال هن انهيءَ خطوط تي پنهنجي صدارت کي هلايو." (1)

جيئن مٿي ٻڌايو اٿم تہ مارشل لا لڳائڻ جي رات جي صبح جوئي ايوب خان، سيڪريٽرين جي ميٽنگ گهرائي ڪين سندن ذميداريون ٻڌائي ڇڏيون هيون، هن ڪامورا شاهي جا هٿ مضبوط ڪرڻ شروع ڪري ڏنا هئا. ٻين لفظن ۾ ڪيس معلوم هئو تہ انهن کان سواءِ هن جي پاليسين تي عمل ڪونہ ٿي سگهندو. ڇاڪاڻ تہ هو پنهنجي ذهن ۾ هڪ پورو پروگرام کڻي آيو هئو. انهيءَ پروگرام هيٺ هن سڀ کان اول پروپيگنڊا جو سهارو ورتو. بلڪ سچ هيءَ آهي تہ اهو ئي هن جو سڀ کان وڏو ۽ موثر هٿيار هئو. انهيءَ لاءِ سمورا سرڪاري ذريعا ڪتب آندا ويا. سمورا کاتا، خاص ڪري اطلاعات کاتو، انهيءَ ڳالهہ جا ڍهل وڄائڻ لڳو تہ ايوب خان قوم جو مسيحا ٿي آيو آهي، ملڪ مان غربت ۽ جهالت جي پاڙ پٽي ويندي ۽ ٿورن ڏينهن ۾ ملڪ ۾ کير جون نديون ۽ ماکيءَ جا چشما

(1) شهاب، قدرت الله، شهاب نامہ، سنگ ميل پبليڪشنز، چوڪ اردو بازار، لاهور، ص715.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦٽي نڪرندا.

مشهور شاعرن کان ايوب خان جي ساراهہ ۾ قصيدا لکرايا ويا ۽ هن کي سونهري ۽ خوشحالي وارو دور سڏيو ويو. چند پئسن تي وڏن وڏن اديبن، شاعرن ۽ اخبار وارن ڊگها داستان ڪٽي شايع ڪيا. ايوب خان کي قائد اعظم جي پاڪستان جو بچائيندڙ سڏيو ويو، بلڪ قائد انقلاب سڏجڻ لڳو.

اخبارون سرمائيدارن جي هٿن ۾ هيون جن جا مالڪ صرف پنهنجي شهرت ۽ پئسن ڪمائڻ لاءِ اخبارون ڪڍندا هئا، تن کي مارشل لا جي سخت گيري سان منهن ڏيڻ جي ڪا همت ڪانہ ٿي. تنهنڪري هو پاڙيتو اديبن ۽ شاعرن جي قصيدن کي جاءِ ڏيڻ لڳا. هن قصيده گو اديبن، شاعرن ۽ اخبار نويسن جي ڊگهي قطار ۾ ڪي ٿورا بچيل هئا جن پنهنجي عزت نفس کي محفوظ رکيو نہ تہ هن چمن ۾ سمورا انهيءَ تعريف زني ۾ لڳاپيا هئا ۽ انهيءَ ۾ چڱن موچارن جا نالا اچي وڃن ٿا.

مارشل لا ڪورٽن جي خوف ڏوهہ تہ وقتي طور ختم ڪري ڇڏيا هئا تنهنڪري ملڪ جا سادا ماڻهو انهيءَ کي واقعي حڪومت جو ڪارنامو سمجهڻ لڳا پر انهيءَ جو هڪ خطرناڪ لاڙو سياستدانن جي خلاف زهر اوڳاڇڻ هئو. پهرين ڏينهن کان وٺي سرڪاري مشينري پاڙي تي لکندڙن جي ذريعي اهو ڍنڍورو ڏياريو تہ ملڪ جي مٿان آيل سمورين مصيبتون هنن سياستدانن جي ڪري هيون جنهن ڪري ماڻهن کي گهرجي تہ هنن کي ٿڏي ڇڏين. خود، اسڪندر مرزا جي هٿان جيڪو مارشل لا لڳائڻ وارو فرمان جاري ڪرايو ويو تنهن ۾ بہ سموري ذميداري سياستدانن جي مٿان هنئي ويئي هئي.

ٻيو تاثر هيءَ ڏنو ويو تہ جمهوريت، پاڪستان جي ماڻهن، معاشري ۽ مزاج جي خلاف آهي. هيءَ صرف پئسي وارن ماڻهن جي راند آهي تنهنڪري هڪ اهڙو نظام آندو ويندو جنهن رستي صحيح قسم جي جمهوريت ماڻهن ۾ ايندي ۽ هر ڪو ماڻهو انهيءَ ۾ شامل هوندو. بعد ۾ هر پاڪستاني ڏٺو تہ هيءَ سموري سٽا ڪهڙي طريقي سان ڪم آئي ۽ انهيءَ پلان تي عمل ڪري يارهن سالن تائين حڪومت ڪندو رهيو ۽ اهي سموريون سماجي ۽ سياسي برايون، جن کي ڪيڏڻ لاءِ پاڻ 7 آڪٽوبر 1958ع تي آيو هئو. سي سندس دور ۾ سندس نظر آڏو نظر اچڻ لڳيون، ۽ هو انهن کي ختم ڪرڻ ۾ بري طرح ناڪام ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 21

# اسڪندر مرزا جي نيڪالي رنگين محفلن جي پڇاڙي

چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جي عهدي سنڀالڻ کان پوءِ ايوب خان وٽ هڪ پلان هئو، جنهن هيٺ هن تمام خبرداري سان هلڻ ٿي چاهيو. فوج انتهائي منظم ادارو هوندو آهي، تنهنڪري هن کي انهيءَ جي ڳڻتي ڪانہ هئي تہ هن کي پنهنجي پلان تي عمل ڪندي ڪنهن مخالفت جو منهن ڏسڻو پوندو. شهري انتظاميہ لاءِ سيڪريٽرين جي ڪائونسل ٺاهي ڇڏي هئائين ۽ نگراني لاءِ اعليٰ فوجي آفيسر موجود هئا.

اسڪندر مرزا سان اهو وعدو هئو تہ "مرزا، آئين جي نہ هوندي بہ صدر رهندو جڏهن تہ ايوب خان چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جي طور تي ڪم ڪندو. امن امان جي حالتن سڌرڻ کان پوءِ هڪ نئون آئين ٺاهي ان هيٺ چونڊون ڪرائي ايوب خان واپس هليو ويندو ۽ ملڪ وري جمهوري نظام هيٺ اچي ويندو." پر اقتدار سنڀالڻ کان پوءِ اهو "پر امن انقلاب" بنجي ويو ۽ ايوب خان قائدانقلاب، ۽ اهو عين ايوب خان جي پروگرام موجب هئو.

هاڻي هن آڏو فوري طور بہ مقصد هئا: هڪ اسڪندر مرزا کان جان ڇڏائڻ ۽ ٻيو سياستدانن طرفان ممڪنہ مخالفت کي منهن ڏيڻ. جيتري قدر سياستدانن جي طرفان مخالفت يا مزاحمت جو تعلق هئو تہ انهيءَ لاءِ ضروري فوج ۽ "وفادار ڪامورا شاهي" موجود هئي. سياسي سرگرمين تي پابندي هڻڻ ڪري في الحال سياستدان ماٺ هئا ۽ صرف خاموش تماشائي ٿيو وينا هئا، تنهنڪري مزاحمت جو ڪو سوال ئي نٿي پيدا ٿيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنڪري 7 اڪٽوبر 1958ع واري رات بہ ايوب خان صرف بہ برگيڊ ڪراچي لاءِ ڪافي سمجهيا. پر سڀ کان پهرين ايوان صدر ۾ ويٺل اسڪندر مرزا کان جان ڇڏائڻ ضروري هو ڇاڪاڻ تہ اجا ڪاغذ تي هو بهرحال صدر هئو.

اسڪندر مرزا، پاڪستان جي ٻين مک سربراهن وانگيان ڪونہ هئو جن جو تعلق ملڪ سرزمين سان هجي بلڪ هو اصل نسل دهلي جو هئو جيڪو پنهنجي چالاڪيءَ سان پاڪستان جي اعليٰ ترين منصب تائين پهتو ۽ اتان ويهي پاڪستان جي سياسي ڍانچي کي تباھ ڪرڻ جون سموريون حرڪتون ڪيائين. دراصل، هن کي پنهنجي نوڪريءَ کان وٺي پاڪستان جي سياست ۾ شامل ٿيڻ ۽ اقتدار کي پنهنجي "جادو جي ڇڙي" سان هلائڻ جو شوق چرياڻپ جي حد تائين هئو. هن کي اصولن جي ڪا پرواھ ڪانہ هوندي هئي. هن کي صرف انهيءَ سان دلچسپي هئي تہ هن جي مرضي مطابق سياستدان، آفيسر ۽ حڪومت جا ٻيا ادارا ڪيئن ٿا هلن. اسڪندر مرزا ڪيئن سياستدانن ۽ سياسي پارٽين جي ناھ جوڙ ۾ مداخلت ڪري پنهنجي مرضيءَ جا فيصلا مڙهيندو هئو. تنهن بابت اسان اڳتي هلي هن جي "ڪارنامن" تي روشني وجهنداسين، پر هتي صرف هڪ مثال ڏيون ٿا جنهن مان هن جي انهيءَ ذاتي عمل جي عڪاسي ٿيندي. هو ذاتي طور سردار عبدالرب نشتر کي پسند نہ ڪندو هئو جنهن کي ان وقت حڪمران مسلم ليگ تان هٽائڻ لاءِ ڪهڙيون حرڪتون ڪيائين سي اسڪندر مرزا جي زباني هنريت آهن:

"مون چوڌري محمد علي کي گهرائي ڪيس ڇيو تہ تون غالباً نشتر کي ڏهن سالن کان سڃاڻندو آهين. آءُ 25 سالن کان سڃاڻانس. (پر) مهرباني ڪري هن کي مسلم ليگ جو صدر نہ ناهيو نہ تہ اوهان مصيبت ۾ هوندؤ. هو هڪ مذهبي انتهاپسند آهي ۽ هو اوهان جي غير موجودگي ۾ اوهان جي خلاف ڪم ڪندو. هو صدر مسلم ليگ جي حيثيت ۾ سموري نظام ۽ حڪومت کي پنهنجي مرضي مطابق هلائيندو ڇاڪاڻ تہ هو سمجهي ٿو تہ هو قائداعظم کان گهٽ ڪونهي." (1)

سياستدانن کي پاڻ ۾ ويڙهائي پاڻ کي سرخرو ڪرڻ هن جو خاص

طريقو هوندو هئو. هن اها عادت انهيءَ ڪري پاڻ ۾ وڌي هئي تہ هن ڪي هر حال ۾ اقتدار ڪپندو هئو ۽ ان ۾ بہ مطلق العنانيت جي درجي تائين، سندس ڪم انهيءَ ڪري سولو ٿي ويندو هئو جو ملڪ جا اڪثر سياستدان، اقتدار جا بکيا هئا جنهن ڪري اهي سولائي سان هن جي هٿن ۾ رانديڪا بنجي ويندا هئا.

ايوب خان، ڪيس سروس دوران ۾ سياستدانن سان ڏنو هئو ۽ هن جي خصلتن کان پوريءَ طرح واقف هئو تنهنڪري هن پنهنجي پوري پلان ۾ اسڪندر مرزا کي سرفهرست رکيو هئو. مارشل لا جو نافذ ڪرڻ، آئين منسوخ ڪرڻ ۽ اسيمبليون ٽوڙڻ تہ اهڙو عمل هئو جيڪو صرف اسڪندر مرزا، صدر جي حيثيت ۾ ڪري سگهيو ٿي. اسڪندر مرزا جي مدد ڪانسواءِ ڪمانڊر انچيف جي حيثيت ۾ ايوب خان لاءِ صرف اهو طريقو هئو تہ هو انقلاب آڻي ۽ پوءِ راهہ ۾ جيڪو اچي ان کي ختم ڪري ملڪ جون واڳون سنڀالي، پر انهيءَ ۾ لڪل خطرا گهڻا هئا. تنهنڪري ايوب خان تمام چالاڪيءَ سان اسڪندر مرزا کي پنهنجن مقصدن جي لاءِ آلہ ڪار بنايو ۽ انهيءَ جو پهريون مرحلو ايوب خان جي خيال ۾ تمام خوبي سان گذري ويو.

پر اوپر پاڪستان بہ سياسي طرح تمام سرگرم ۽ بيدار هئو. تنهنڪري ايوب خان کي انهيءَ تي بہ ڌيان ڏيڻو هئو. انين اڪتوبر تي شهري ڪامورن جي ڪائونسل ناهي، هن سموري ملڪ لاءِ مارشل لا ائڊمنسٽريٽر ۽ سب مارشل لا ائڊ منسٽريٽر مقرر ڪري ڇڏيا ۽ پوءِ اوپر پاڪستان تي ڌيان ڏنو. اتي جنرل امراؤ خان، جنهن اڳ ۾ اسمگلرن کي چڱيءَ طرح منهن ڏنو هئو، سو موجود هئو. جنهن ايوب خان جي اطمينان تائين سمورو انتظام چڱيءَ طرح ڪري ڇڏيو هئو. تنهنڪري ايوب خان، ڪراچي ۾ پنهنجن پروسي وارن جنرلس يحيٰ خان، حميد خان، ڪموڊور عبدالرب، خالد شيخ ۽ اعظم خان- سان ملاقاتون ڪري هدايتون ڏيئي ڍاڪا هليو ويو.

15 اڪتوبر تي ايوب خان موٽي آيو تہ ڪيس پنهنجي جنرلس (ايوب خان جي چوڻ مطابق) اسڪندر مرزا جي ڪجهہ سرگرمين بابت سڌ ڏني. هن جي چوڻ مطابق، هن لڪچوري ڪجهہ فوجي عملدارن سان تعلقات

(1) ڊان سان انٽرويو. ڊان ڪراچي. نومبر 19، 1995ع

قائم ڪري متوازي گروپ ناهڻ جي ڪوشش ڪئي. مارشل لا لڳڻ کان پوءِ سيڪريٽرين جي هڪ مشاورتي ڪائونسل تہ ناهي ويئي هئي پر ان کي هلائيندو ايوب خان هئو. اها ڳالهہ اسڪندر مرزا کي ڪکي پئي. سو ساڳي شام جو اسڪندر مرزا هڪ شوشو ڇوڙيو تہ هو انهيءَ مشاورتي ڪائونسل کي هڪ انقلابي ڪائونسل جي شڪل ۾ بدلائڻ چاهي ٿو ۽ هي تہ مارشل لا هڪ مهيني تائين رکيو ويندو. ايوب خان جي چوڻ مطابق تہ هن انهن اطلاعن ملڻ کان پوءِ اسڪندر مرزا کي چٽي چڏيو هئو تہ"ملڪ ۾ انقلاب اچي ويو آهي ۽ ان جي ڪم ڪار هلائڻ لاءِ اوهان مون کي مقرر ڪيو آهي، آءٌ توهان جي اٿارٽي کي تسليم ڪريان ٿو ۽ اوهان کي ڏجڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. انهيءَ تي مرزا وراڻيو"چڱو."(1)

پر انهيءَ هوندي بہ، ايوب خان جي چوڻ مطابق، ڪيس اسڪندر مرزا جي سرگرمين جي سڌ ملندي رهي تنهنڪري هن نيٺ ڪنهن قدم کڻڻ جي ضرورت محسوس ڪئي.

انهيءَ وچ ۾ ايوب خان، سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس منير حسين سان بہ صلاح مشورو ڪيو. جنهن اڳ ۾ مولوي تميزالدين واري ڪيس ۾ حڪومت واري قدم کي درست قرار ڏنو هئو. ان بہ انهيءَ وقت جي حالتن ۾ ايوب خان جي خيالن جي پٺيرائي ڪئي. بهرحال، (غالبا جسٽس منير جي چوڻ تي) 24 آڪٽوبر تي ايوب خان پاڻ کي چيف مارشل لا ائڊمنسٽرير ۽ سپريم ڪمانڊر جي عهدن کانسواءِ پاڻ کي وزير اعظم جو عهدو بہ ڏيئي چڏيو ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ 12 وزيرن جي هڪ وزارتي ڪائونسل مقرر ڪئي جنهن ۾ اٺ شهري ۽ چار فوجي جرنيل شامل هئا. ڪابينہ ۾ جرنل اعظم خان، جنرل خالد شيخ، جنرل برڪي ۽ پاڻ ايوب خان هئو. جڏهن تہ شهري وزيرن ۾ اوير پاڪستان مان ابوالقاسم، مولوي محمد ابراهيم ۽ هڪ نوجوان قانون دان ذوالفقار علي ڀٽي. جنهن تازو پنهنجي آفيس ڪراچي ۾ قائم ڪري قانونداني شروع ڪري ڏني هئي، تنهن کي کنيو ويو.

ايوب خان پنهنجي طور تي پوري ملڪ تي قابض هئو. ڪجهہ شهري

(1) ايوب خان، فريڊنس. ناٽ ماسٽرس. ص 73

(2) ذوالفقار علي ڀٽي اڳتي هلي پاڪستان ۾ سياست کي هڪ نئون رخ ڏنو ۽ خود ايوب خان جي سمورن سياسي نظرين کي ختم ڪري ڇڏيو. مصنف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو پنهنجي ڪابينه ۾ ڪٽي هيءَ احساس ڏيارڻ شروع ڪيو ته هيءَ ”انقلاب“ ضرور آهي پر هن جو مقصد بنيادي طور ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ آهن ۽ انهيءَ ۾ هو شهري ماڻهن جي شرڪت ضروري سمجهي ٿو. بهرحال 27 اڪتوبر تي هن فيصلو ڪيو ته اسڪندر مرزا کي راهه مان هٽائڻ ضروري آهي. رات جو نائين بجي ايوب خان پنهنجا ٽي پروسي جوڳا ۽ ويجها جنرل- برڪي، اعظم ۽ خالد شيخ- موڪليا جن وڃي کيس چيو ته ”اسان چاهيو ٿي ته اوهان هن نئين انتظام هيٺ صحيح هلندؤ. پر هاڻي اوهان کي وڏيڪ عرصي لاءِ ملڪ يا گاديءَ ۾ برداشت نٿو ڪري سگهجي. البته اوهان ٻڌايو ته اوهان ڪٿي وڃڻ پسند ڪندؤ ته جيئن اوهان جو انتظام ڪجي.“

اسڪندر مرزا صورت حال سمجهي چڪو هئو ۽ جنرلن سان صرف مختصر دليلن جي ڏي وٺ تي نيٺ هن موقعي جي نزاڪت سمجهي ورتي ۽ پنهنجي استعيفا لکي جيڪا مختصر ترين لفظن ۾ هئي.ان ۾ ٻڌايل هئو ته ملڪ ۾ ٻٽي انتظام سان ڏکيا ئي ٿي رهي هئي. اهو امڪان هئو ته انهيءَ سان ڪو نقصان رسي تنهنڪري مون استعيفا ڏيئي سمورا اختيار ايوب خان جي حوالي ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي.

ايوب خان، پنهنجي پيغام ۾ اهو واضح ڪري ڇڏيو هئو ته کيس وڏيڪ عرصو ڪراچي ۾ رکي نٿو سگهجي، تنهنڪري ڪائنس پڇيو ويو ته هو ڪٿي وڃڻ چاهيندو. انهيءَ جي جواب ۾ مرزا، لنڊن وڃڻ جو خيال ڏيکاريو پر انهيءَ وقت فوري طور لنڊن جي لاءِ ڪا فلائيٽ موجود ڪونه هئي تنهنڪري ايوب خان کيس في الحال ڪوئيٽا موڪلي ڏنو ۽ انهيءَ فيصلي کان مرزا کي آگاهه ڪيو ويو.

28 اڪتوبر جي صبح جو مرزا ۽ ناهيد ڪوئيٽا هليا ويا. آخر نومبر تي هڪ وائيڪاونٽ جهاز جو انتظام ٿي ويو، جنهن کي سڌو لنڊن جي لاءِ چارٽر ڪيو ويو ۽ ”سيڪيورٽي“ جي خاطر ڪراچي هوائي اڏي بدران ماري پور جي اڏي تان اڏامڻو هئو. صرف چند خاص دوست هوائي اڏي تائين رسايا ويا جتي هڪ جهاز مان لهي، اسڪندر مرزا ۽ سندس بيگم ناهيد پنهنجي سامان سميت وائيڪائونٽ ۾ روانا ٿيا ۽ زندگي جا باقي سال اتي فليٽ ۾ گذاريا. لنڊن ۾ رهندڙ پاڪستاني ۽ جديد سياست جا شاگرد وٽس ڪچهري لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ويندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگيءَ جي هن آخري عرصي ۾ پاڪستان جا گهڻئي سياستدان، ورڪر ۽ اخبار وارا وٽس ويندا هئا، پر پنهنجي ڪردار ۽ سياسي زندگي جي باري ۾ هو گهڻو ڪري خاموش گذاريندو هئو. سواءِ هڪ انٽرويو جي جيڪو هن هڪ پراڻي ساٿي مرزا ابوالحسن اصفهاني جي زورڀرڻ تي "ڊان" اخبار کي 19 نومبر 1982ع تي ڏنو جنهن ۾ زندگي جي ڪئين تلخ حقيقتن تان پردو کڻيو بلڪ ٻين لفظن ۾ ملڪ جي سياسي زندگي اندر ٿيندڙ سازشن جي رواداد بيان ڪيل آهي.

سياسي منظر تان اسڪندر مرزا جو گم ٿيڻ دراصل، ٻن دورن جو سنگم هئو: هڪ پاڪستان ۾ اهم ۽ هنگامہ خيز دور جو خاتمو ۽ ٻيو مارشل لا جي شروعات، جنهن ٻنهہ ملڪ جي سياسي تاريخ کي هڪ نئون موڙ ڏنو.

اسڪندر مرزا جو سياسي بساط تان کڄي وڃڻ بہ هڪ لحاظ کان انهن غير سياسي سازشن جو حصو هئو جيڪي هو پاڻ ڪندو رهيو هئو. خود سياست ۾ سندس آمد ۽ پوءِ اتي هڪ مطلق العنان ڏنڊي سان سارو ڪاروبار پنهنجي مرضي سان هلائڻ، سندس ذاتي گهمنڊ، خود پرستي ۽ شوق جاهہ جو نتيجو هئو. 1955ع تي جڏهن هن گورنر جنرل جي عهدي جو قسم کڻي جي جي هائوس سنڀاليو تہ جهٽڪ عجيب تبديلي اچي ويئي، جنهن وسيع ۽ عريضي، قلعي نما محل ۾ غلام محمد ملڪ جهڙي وقليل پوڙهي ماڻهوءَ جو راڄ، نوڪرن ۽ ملازمن کي هيسائي رکندو هئو، اتي هاڻي اقتدار جي ٻئي بکئي، چالاڪ ۽ چتر زبان ماڻهوءَ جاءِ والاري هئي. سندس زال بيگم ناهيد مرزا تہ ان ۾ ويتر رنگيني آڻي ڇڏي هئي.

سچ هيءَ آهي تہ اسڪندر مرزا جي زندگي سندس سياست ۽ جي جي هائوس ۾ زندگي جي لهر آڻڻ ۾ ناهيد مرزا جو سڀ کان وڏو ڪردار هئو. غلام محمد جي آخري عمر چرپر ڪرڻ جهڙي ڪانہ رهي هئي تنهنڪري هو آخري وقت صرف پنهنجي نوجوان انگريز خوبرو سيڪريٽري مس بورل روٿ سان گڏ رهندو هو پر ناهيد اسڪندر مرزا ٻئي طرح جي خاتون هئي. هن ايندي شرط بہ رل روٿ جي موڪل ڪرائي ڇڏي. تنهن کان پوءِ پوري جي جي هائوس، جيڪو بعد ۾ پريزيڊنٽس هائوس (۽ هاڻي گورنر هائوس) بڻيو، تنهن جي نئين سر ناهہ جوڙ ۽ سينگار ۾ لڳي ويئي. صرف هن جي اشاري جي دير هوندي هئي . نوان گل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئون فرينچر، پردا وغيره اچي ويا. بلوري جهاڙ، هر ڪمري ۾ هال جي زينت بنجي ويا.

هر تقريب لاءِ ڌار هال ۾ جايون مخصوص ڪيون ويون. سياسي ملاقاتن لاءِ ڌار ڪمرا ۾ ضيافتن ۾ ڪاڪ ٽيلس لاءِ ڌار هال، بلڪ هر هال کي خاص طور تي بال روم طور تي سجايو ويو. گرمين ۾ ڪاڪ ٽيلس لاءِ خاص لانس هيون جن جي هر وقت سرڪاري مالهي رکوالي ڪندا رهندا هئا.

هنن پارٽين جو اڪثر شروع ٿيڻ جو وقت ته مقرر هوندو هئو مگر ختم ٿيڻ جو وقت نه هوندو هئو. بعض اوقات اهي رات جو هڪ ڏيڍ بجي تائين به هلنديون هيون جيستائين سمورا حضرت و خواتين هڪٻئي جي ٻانهن ۾ جسمن ۾ گڏجي رقص ڪندي عالم مدهوشي ۾ وڏيڪ جهومڻ جي لائق نه رهن.

هنن سمورين پارٽين جي روح روان بيگم ناهيد مرزا هئي جيڪا ڏينهن جو وقت پنهنجي مڙس سان مملڪتي ڪمن ۾ صلاح مشورو ڪندي هئي پر گهڻو وقت جي جي هائوس جي ناهه جوڙ، شاهي باورچيخاني جي مينو تيار ڪرڻ، مون لائيٽ پارٽين ۾ ڪاڪ ٽيلس جي انتظار ۾ سرگردان رهندي هئي. ڪنهن کي دعوت ويئي ۽ ڪنهن کي مدعو ڪرڻو آهي، ڪهڙا وي آءِ پي اچڻا آهن، ڪهڙا غير ملڪي مهمان اچڻا آهن. انهن جي پسند جون ڪهڙيون شيون تيار ڪيون وڃن اهو سمورو انتظام بيگم ناهيد جي نگراني ۾ ٿيندو هئو. شيف (وڏو بورچي) انهيءَ لاءِ هر وقت بيگم ناهيد جي منظوري جو منتظر هوندو هئو. بيگم ناهيد انهيءَ ۾ ٻن شين جو خاص خيال رکندي هئي: هڪ پاڪستاني کاڌا ۽ ڪانٽينينٽل کاڌا ۽ ٻيو ايراني کاڌا. بلڪ ايراني کاڌا سندس ئي نگراني هيٺ ٺهندا هئا. ايراني کاڌا هن ڪري ضروري سمجهيا ويندا هئا جو پاڻ ايراني هئي. هءِ پاڪستان ۾ متعين هڪ ايراني سفارتخاني جي ملٽري اتاشي جي زال هئي پر هڪ گهمري جڏهن اسڪندر مرزا، ڊفينس سيڪريٽري هو ته اهڙين هڪ ڪاڪٽيل ۾ مرزا سان ملاقات ٿي ويس، جيڪا ايتري تاريخي ثابت ٿي جو پوءِ ناهيد، پنهنجي پهرين مڙس کان طلاق وٺي اسڪندر مرزا سان شادي ڪري ورتي ۽ نيٺ هڪ ڏينهن "خاتون اول" بنجي وئي. بهرحال، انهيءَ هوندي به هن پنهنجي ايراني کاڌن

۾ ذوق کي نہ وساريو. ناهيد کي اسڪندر مرزا جي عادت جي خبر هئي تہ هو خواتين جو ڪيتريقدر دلداده آهي. تنهنڪري هو اهو برداشت نہ ڪندي هئي تہ مرزا، ضرورت کان وڌيڪ ڪنهن خاتون سان ڳالهائيندو رهي يا هن سان بار بار ملاقاتون ڪندو رهي. ضيافتن جي دوران ڪئين گهمرا ائين ٿيو تہ هن ملڪ جي ڪنهن اوچي گهراڻي جي خاتون سان ڳالهائيندو ڏٺو هجي ۽ عين وقت تي اچي ڪيس ڇنيپيو هجي. قدرت الله شهاب جنهن پرائيويٽ سيڪريٽري طور، گهڻو وقت اسڪندر مرزا سان گذاريو، اهڙي واقعي جي روداد بيان ڪندي لکي ٿو:

"…. ميجر جنرل اسڪندر مرزا شراب پي پاڻ ڪڏهن بدمست نہ ٿيندو هئو بلڪ هو گلاس هٿ ۾ ڪٽي پنهنجن مهمانن وٽ ويندو رهندو هئو ۽ هنن جي بدحواسين، ڪم ظرفين ۽ مدهوشين کان ڏاڍو مزو وٺندو رهندو هئو. هڪ ڏينهن هو هڪ خوبصورت خاتون جي ساڙهي جو پلئہ جهلي، ساڙهيءَ جي ڏاڍي واکاڻ ڪري رهيو هئو. نيڪ ان وقت بيگم مرزا سرڻ وانگيان اتي لامارو هنيو ۽ انهيءَ خاتون کي دڙڪا ڏنا تہ هو سندس مڙس کي فلرٽ ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪري. خاتون انهيءَ تي احتجاج ڪيو تہ هو تہ صرف منهنجي ساڙهي جي ساراهہ ڪري رهيو هئو جنهن تي بيگم مرزا چيو تہ مون سان تعلقات جي شروعات بہ هن انهيءَ طرح ڪئي هئي."(1)

بيگم ناهيد مرزا، پهرين ڏينهن کان وٺي اسڪندر مرزا جي زندگي تي ڇا نئي رهي. هن جي خيال ۾ جي جي هائوس ۽ بعد ۾ ايوان صدر جا لانس، سياسي مسئلن حل ڪرڻ کان وٺي سماجي ۽ معاشرتي زندگي وڌائڻ لاءِ بهترين جاءِ فراهم ڪن ٿا ۽ انهيءَ ۾ بيگم ناهيد جو تمام مرڪزي ڪردار هئو. ملڪ جا اڪثر سياستدان، جنتي اسڪندر مرزا سان مراسم رکڻ لاءِ طرح طرح جا طريقا ستعمال ڪندا هئا اتي پنهنجن بيگمات جي ذريعي ناهيد جي خوشنودي حاصل ڪرڻ جا خواهشمند بہ هئا. پوءِ ڪڏهن اهو قيمتي تحفن جي ذريعي ٿيندو هئو ڪڏهن وري غير ضروري توجہ جي ذريعي هر سياستدان، هر صنعتڪار، واپاري ۽ بئنڪار انهيءَ بهاني جي تلاش ۾ هوندو هئو تہ ڪڏهن جي جي هائوس مان استقباليہ جو سڏ ٿئي ٿو يا ناهيد جو جنم ڏن اچي ٿو تہ هو سندن خدمت ۾ ڪو يادگاري پر قيمتي

(1) شهاب، قدرالله، شهاب نامہ، ص86،685

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خصلت هئي. هو توڙجوڙ جو ماهر هئو. انهيءَ ۾ دٻاءُ دونس لالچ ۽ رشوت، هر قسم جي بدعنواني کي ڪتب آڻيندو هئو. اقتدار جو اهڙو بکيو هوندو هئو جو انهيءَ جي حصول ۽ برقرار رکڻ ۾ ڪوبہ ڪڌو ڪم ڪرڻ هن جي لاءِ برائي نہ هوندي هئي. ريپبليڪن پارٽي، هن ئي گورنمينٽ هائوس ۾ راتو واهہ ٺهرائي هئي. اهڙيءَ طرح جيڪو وزير اعظم هن جي حڪم عدولي ڪندو هئو تنهن کي معزول ڪري پنهنجي پسند جو ميمبر، قائداعوان چونڊرائي سگهندو هئو. سهروردي کي اڪثريت حاصل هئي ۽ ساٽس وعدو بہ ڪري چڪو هئو پر پر جڏهن حلف کڻڻ جو وارو آيو تہ چوڌري محمد علي کان قسم کڻايائين. مگر جڏهن هن جو مطلب پورو ٿيو تہ چوڌري محمد علي کي اهڙو تنگ ڪيائين جو هو 12 مهينن کان پوءِ پاڻمرادو استعيفا ڏيئي هليو ويو ۽ مرزا، سهروردي کي گهرائي وزير اعظم جي گادي تي وهاري ڇڏيو. مگر جڏهن سندس اشاري تي ريپبليڪن پارٽي سهروردي جو ساٿ ڇڏي ڏنو تہ سهروردي کي هٽائي آءِ آءِ چندريگر کي وهاري ڇڏيائين جنهن ملڪ جي تاريخ ۾ سڀ کان مختصر وزارت عظميٰ سنڀالي.

اسڪندر مرزا، آئين جي حڪمراني، جمهوريت، قانون ۽ انصاف وغيره جهڙن لفظن کي بي معنيٰ سمجهندو هئو. هن ڪري تہ ڪيس صرف پنهنجي ذات ۽ اقتدار سان دلچسپي هئي. هو هميشہ اهي گهاٽ گهڙيندو رهندو هئو تہ هن جي ڪرسي سلامت رهي ۽ هو هميشہ لاءِ ائين جي جي هائوس ۾ حڪم هلائيندو رهي، شام جو رنگين محفلون متل رهن ۽ هو انهن خوشبوئن جو واسي هجي. انهيءَ ڪري آئين، قانون ۽ رواداري بنهہ ڪتابن جا محاورا بنجي ويا هئا. هو آئين ۽ قانون جي ڪيتري عزت ڪندو هو تنهن جو اندازو هن مثال مان لڳائي سگهجي ٿو تہ 1958ع واري فوجي تبديلي کان بہ هفتا اڳ ”22 سيپٽمبر، 1958ع تي هڪ بجي صدر اسڪندر مرزا پنهنجي آفيس مان اٿيو تہ معمول مطابق منهنجي ڪمري جي دريءَ وٽ اچي رڪيو بلڪ ٻاهر ورانڊي ۾ مون کي پاڻ وٽ سڏيائين. سندس هٿ ۾ آئين پاڪستان جي هڪ ڪاپي هئي. هن اهو ڪتاب مون کي ڏيکاريندي پڇو: ”ڇا تو هن Trash کي پڙهيو آهي؟“ (1)

هو خود پرست ۽ اقتدار جو بکيو هئو تنهنڪري چونڊن کان هميشہ

(1) شهاب، قدرالله. شهاب نامہ. ص217

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرائيندو هئو جنهن جو پس منظر اهو آهي تہ هو چور دروازي کان آيو هئو. ڪڏهن بہ عوامي راءِ کي منهن ڪونہ ڏنو. اهوئي ڪارڻ آهي تہ هو غلام محمد کان سکيل اٽڪلون استعمال ڪندو رهيو ۽ هر حڪومت ۾ پنهنجي هڪ ننڍي حڪومت رکندو هئو جيڪا هميشہ عوامي مينڊيٽ واري ڳالهہ کي رد ڪندي رهندي هئي. نئين آئين هيٺ پهريائين نومبر 1957ع ۾ چونڊون ٿيڻ واريون هيون ۽ سمورا انتظام ٿي چڪا هئا پر عين وقت تي انهيءَ کي ملتوي ڪيو ويو. ان کان پوءِ 1958ع چونڊن جو سال مقرر ٿيو جيڪو پڻ سازشن جي نذر ٿي ويو ۽ آخري دفعو 1959ع تائين ملتوي ٿي ويون.

اسڪندر مرزا کي معلوم هئو تہ چونڊن ۾ هو ڪڏهن ڪٿي نہ سگهندو ۽ نہ وري ڪا پارٽي کيس نامزد ڪندي تنهنڪري، صدارت تان استعيفا ڏيئي چونڊ لڙڻ جو خطرو نٿي کٽي سگهيو ۽ هونئن بہ آئين جي هيٺ پهرئين مدت لاءِ صدر ٻن سالن کان وڌيڪ رهي نٿي سگهيو. تنهنڪري هن انهيءَ آئيني شق جي نفي ڪرڻ لاءِ ڪانہ ڪاراهہ ڳولهي ڪيڻ تي چاهي بلڪ انهيءَ باري ۾ هن ڪن دوستن ۽ قانوني صلاحڪارن سان صلاح بہ ڪئي هئي. هڪ گهمري تہ هن جي ڌيان ۾ اها ڳالهہ آئي تہ هو سڀ ڪجهہ توڙي صدر جي نگراني ۾ هڪ انقلابي ڪائونسل قائم ڪري جيڪا ملڪ جو ڪم ڪار هلائي. هن ۾ بہ چونڊن جو ڪو تذڪرو ڪونہ هئو.

انقلابي ڪائونسل جي ڳالهہ ڪٿي اسڪندر مرزا غير سنجيدگي سان چئي هجي پر ان ۾ سوچڻ لاءِ ڪجهہ مواد تہ هئو. ملڪ جي سياسي ابتري، انهيءَ سوچ تي تيل وارو ڪم ڏنو. اگسٽ 1958ع ڌاري ايوب خان جي ملازمت ختم ٿيڻ واري هئي. ايوب خان، چاهيو ٿي تہ سندس نوڪريءَ ۾ توسيع ٿئي ۽ انهيءَ جا ڪاغذات جون 1958ع ۾ تيار ٿي وزارت دفاع وٽ پهچي چڪا هئا. ايوب خان کهڙو وزير دفاع هئو تنهن ڪنهن سبب جي ڪري اهو فائيل رکي ڇڏيو. جنهن تان جنرل ايوب خان، وزير اعظم فيروز خان نون ۽ صدر اسڪندر مرزا کي اها ڳالهہ ٻڌائي. انهيءَ جو قطعي فيصلو صدر کي ڪرڻو هوندو آهي. بهرحال نوٽيفڪيشن، وزارت دفاع جاري ڪندي آهي. هڪ ڏينهن جڏهن اسڪندر مرزا، پنهنجي اقتدار برقرار رکڻ جا نوان گر ڳولهي رهيو هئو تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن کي فوراً ڪجھ ياد آيو ۽ ٻن سٽن جو نوٽ لکي فيروز خان نون کي موڪليو جنھن ۾ چيل ھئو تہ ايوب خان کي ٻن سالن جي توسيع ڏني وڃي جنھن تي فورا عمل ٿيو، ۽ جنھن جي ڪري ايوب خان انھيءَ حيثيت ۾ اچي ويو جو چئن مھينن کان پوءِ اسڪندر مرزا کي ھٽائي پاڻ ملڪ جون واڳون سنڀالي ورتيون. شايد اھو نوٽ لکندي اسڪندر مرزا کي انھيءَ گھڙي جو تصور ڪونہ ھئو.

# 22

# ايبڊو، سياستدانن جي نااهلي

اقتدارسنڀالڻ جي فوراً بعد، ايوب خان جي آڏوگهڻئي راهون هيون. پر سڀ کان اهم ڳالهه هيءَ هئي تہ کيس پنهنجي ۽ فوج جي ساک قائم رکڻي هئي تہ جيئن ماڻهن کي سندس هر قدم تي ڀروسو ٿئي. هو با بار انهيءَ ڳالهه کي ورجائيندو هئو تہ فوج جو مقصد ملڪ ۾ سڌارا آڻڻ ۽ پوءِ اهڙوسياسي نظام آڻڻ هئو جيڪو ماڻهن جي مزاج وٽان هجي ۽ جنهن ۾ ٿورا (سياستدان) نہ پر گهڻي ۾ گهڻا ماڻهو شريڪ ٿين. هن جو اشارو بنيادي جمهوريتن جي خاڪي طرف هئو. پر هن جي چوڻ مطابق انهيءَ کان اڳ هن کي معاشري جي مختلف مسئلن ۽ عام زندگي جي بدعنوانيئن ڏانهن ڌيان ڏيڻو هئو.

ظاهرآهي تہ هيءَ فوجي انقلاب هئو. جيڪو بنا ڪنهن سبب جي لڳايو ويو هئو. نہ اندروني طور ملڪ کي ڪو خاص خطرو هئو ۽ نہ وري بيروني حملي جو ڊپ هئو. جنهن وقت مارشل لا لڳايو ويو، تنهن وقت جون سياسي حالتون اهڙيون گنڀير ڪونہ هيون جو مارشل لا لاڳو ڪيو وڃي. پر صرف اسڪندر مرزا جهڙن چند اقتدار جي طلبگارن کي اهو محسوس ٿي رهيو هئو تہ چونڊن جي عمل مان لنگهڻ کانسواءِ ئي ڪنهن نہ ڪنهن طرح اقتدار جي ڪرسي کي محفوظ ڪري ڇڏجي.

7 اڪتوبر وارو ايڪشن ڪجهڻ کي تہ ڪجهي ويو پر آئنده جي لائحہ عمل جو ڪو صاف نقشو اجا تائين ايوب خان جي ذهن ۾ ڪونہ هئو. في الحال تہ مارشل لا جا ريگيوليشن جاري ٿي رهيا هئا جن ۾ حڪمن جا بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيٽ هئا: هڪ سرڪاري ملازمن کي سندن فرض ياد ڏياريا پئي ويا ۽ هي تنبيهہ پئي ڪئي ويئي تہ هو رشوت خوري، اقربا پروري ۽ ٻين اهڙين بدعنوانين کان پاسو ڪن. ٻيو عام ماڻهن کي تہ هو صفائي سٿرائي تي خاص ڌيان ڏين، ملاوٽ نہ ڪن، وڌيڪ قيمتون نہ وٺن، ذخيره اندوزي نہ ڪن وغيره. هنن مارشل لا جي قائدن ۾ سخت سزائون ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو هئو ۽ انهن مقدمن کي هلائڻ لاءِ فوجي عدالتن جي قيام جو اعلان ڪيل هئو.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ماڻهن مارشل لا جو نالو ٻڌو ئي ڪونہ هئو (سواءِ لاهور ۾)، سو سخت هيسجي ويا. ننڍين ۽ وڏن واپارين پنهنجون ڪوٺيون ۽ گدام کولي بازارون مال سان ڀري ڇڏيون، قيمتون لکي هر هنڌ لٽڪائي ڇڏيون. ملاوٽ وارا مصالحا ۽ ڪاڏا اڇلي ڇڏيا، انهيءَ حد تائين جو هوٽل وارا رات جو بچيل ڪاڏو صبح جو جانورن کي کارائي گراهڪن کي تازو رڌل کارائيندا هئا. ريڊيو بار بار مارشل لا جا احڪام نشر ڪري رهيو هئو ۽ فوجي عدالتن جو اهڙيءَ طرح بيان ٿي ڪيو جو ماڻهن ۾ سخت ڌهڪاءُ پيدا ٿي ويو. اخبارن تي سنسرشپ جي ڪري، صرف سرڪاري ذريعن سان خبرون ڇپجڻ لڳيون. فوجي ڪورٽن جي سزائن جي اهڙيءَ طرح تشهير ڪئي ويئي جو ماڻهو ڪئين سال اڳ اغوا ٿيل عورتون، ٻارن سميت پنهنجين مائٽن وٽ پهچائي وڃڻ لڳا.

سزائن جي خوف ڪجهہ ڪم ڏيکاريو، خاص ڪري قيمتن ۾ لاٿ، پر ٿوري ئي عرصي کان پوءِ بازارن ۾ شين جي ڪوٽ پيدا ٿيڻ لڳي، جنهن جو ايوب خان کي اڳواٽ ڪو اندازو ڪونہ هئو. هن ڪري تہ هن ۾ ڊمانڊ ۽ سپلاءِ جي عام اصول کي آڏو نہ رکيو ويو هئو. بهرحال انهيءَ مشڪل کي منهن ڏيڻ لاءِ شهري بيوروڪريسي جو ساٿ ورتو پيو.

هيءُ في الحال ڪو اهڙو مسئلو ڪونہ هئو جيڪو ايوب خان ۽ سندس ساٿين کي گهڻو تنگ ڪري. ٿوري درآمدات ۽ شين جي فراهمي کي باضابطہ بنائڻ سان معاملو حل ٿي ويو. پر هن کان اڳتي اصل معاملو هئو شهري انتظاميہ، سڄارا ۽ سياسي نظام. ڇاڪاڻ تہ گهڻو عرصو مارشل لا هلائڻ ۽ فوج کي ڊگهي عرصي لاءِ شهري مسئلن ۾ رکڻ جا نتيجا خطرناڪ بہ ٿي سگهيا ٿي ۽ وري فوج جي تنظيم لاءِ هاڃيڪار پڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو تہ اڳ ۾ ذڪر اچي چڪو آهي تہ مارشل لا جي لڳڻ ۽ سياسي پارٽين تي بندش واري اعلان سان گهڻا مک سياستدان يا زير زمين ٿي ويا هئا يا وري ماٺ ڪري ويهي رهيا ۽ مارشل لا حڪومت جي ايندڙ قدمن جو انتظار ڪرڻ لڳا. سياسي ورڪرن جو بہ اهوئي حال هئو. سمورن سياسي پارٽين جي دفترن تي ڪلف لڳي ويا ۽ هاڻي صرف نجي ملاقاتن تائين سرگرميون رهجي ويون هيون. سرگرم ليڊر پنهنجين پنهنجين زمينن تي هليا ويا هئا. ڪي سرڪرده مسلم ليگي ليڊر خان قيوم وٽ پشاور پهچي ويا. جي ايم سيد کي پنهنجي ڳوٺ سن ۾ نظر بندي جو حڪم پهچايو ويو. جماعت اسلامي وارن پنهنجن سرگرمين کي زير زمين جاري رکيو ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ اطلاعات پهچائڻ لاءِ قلمي خبرنامن جي صورت ۾ هڪٻئي تائين پهچائڻ لڳا. اخبارون صرف سرڪاري اعلانن، ضروري شين جي نرخنامن ڇاپڻ ۽ مارشل لا ريگيوليشنزجا متن ڇاپڻ تائين محدود رهجي ويون.

ايوان اقتدار (پريزيڊنٽس هائوس) جي سرگرمين، ميٽنگن ۽ فيصلن تائين محدود ٿي ويئي هئي. اهڙن موقعن تي جڏهن "انقلابي قوت" سياست دانن کي سمورين ملڪي "بدعنوانين" جو ذميدار قرار ڏيندي آهي تہ پهرين مرحلي ۾ سياسي عناصر تي وار ٿيندو آهي. گهٽ ۾ گهٽ افريڪي، لاطيني امريڪا ۽ ايشيائي ملڪن ۾ ائين ئي ٿيندو رهيو آهي.

تنهنڪري سياستدانن کي خوف هئو تہ هتي اهڙو انتهائي قدم نہ تہ، بہ انهيءَ جهڙو قدم کڻندو ۽ سچ هيءَ آهي تہ هڪ گهڙيءَ لاءِ ايوب خان آڏو اهڙي تجويز بہ آئي، جنهن جو ذڪر هو پاڻ ڪري ٿو.

"مون کي چيو ويو تہ آءٌ سياستدانن سان Deal ڪري رهيو هئس، جيڪي ملڪ جي سمورين بيمارين جا ذميدار هئا. کين صرف ڪجهہ سالن لاءِ سياست کان پري رکڻ، انهيءَ جو حل ڪونہ هئو ۽ جيئن ئي کين موقعو مليو هو تہ جوابي حملو ڪندا. ڇاڪاڻ تہ آءٌ ڪن ٿورن افراد سان منهن ڪونہ ڏيئي رهيو هئس. انهيءَ وقت انهن مان ڪجهہ ماڻهن کي روايتي اندازسان راهہ تان هٽائڻ ممڪن هئو، پر اهو انهن سماجي ۽ سياسي مسئلن جو حل ڪونہ هئو جن ۾ سياستدان صرف هڪ وسيلو هئا. انهن جي جاءِ تي جيڪڏهن ساڳي قسم جا سياستدان اچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

والا ريندا تہ حالتون ڪونہ بدلبيون.[1]

ايوب خان، پنهنجن رفيقن کي ٻڌايو هئو تہ حالتون نيڪ ٿيڻ ۽ بدعنوانيون ختم ٿيڻ تائين مارشل لا جاري رهندو. بهرحال مارشل لا جي لاڳو ٿيڻ جي ٿوري عرصي اندر فضا ۾ اهي خبرون گردش ڪرڻ لڳيون تہ ٿوري عرصي ۾ مارشل لا کڄي ويندو ۽ سياسي سرگرميون بحال ٿي وينديون. سنسرشپ جي ڪري عام ذريعن سان انهن خبرن جي تصديق ۽ ترديد ٿيڻ ممڪن ڪونہ هئو. تنهنڪري ماڻهن ۾ چوٻول ٿيڻ لڳا. هڪ اطلاع اهو آهي تہ اهي افواهہ اسڪندر مرزا پکيڙيا هئا بهرحال اهي اطلاع جيئن ئي انٽيليجنس جي ذريعي ايوب خان تائين پهتا تہ هن کي بہ اونو ٿي پيو. ٻئي طرف ايوب خان جي قريبي ساٿارين بہ اچي کيس سوڙهو ڪيو ۽ زور وڌو تہ مارشل لا جلدي کڻڻ جو خيال في الحال لاهي ڇڏي. ڇاڪاڻ تہ هنن جو خيال هئو تہ "سياسي گندگي" کي صاف ڪرڻ کان سواءِ پوري مهم اجائي هوندي. تنهنڪري 17۔ اڪتوبر 1958ع تي ايوب خان هڪ بيان جاري ڪري چيو:

"ماڻهن جي ذهنن ۾ اهو خوف آهي تہ جيڪڏهن مارشل لا جلدي کنيو ويو تہ وري پراڻيون حالتون پنهنجن ظالمانہ ۽ شيطاني ريشہ دوانين سان موٽي اينديون ۽ جيڪي ڪجهہ چڱو ڪم ٿيو آهي سو سڀ ميسارجي ويندو. آءٌ اوهان سڀني کي يقين ڏياريان ٿو تہ هن مقصد لاءِ مارشل لا لڳايو ويو آهي، ان جي حاصل ٿيڻ کان هڪ منٽ اڳ بہ نہ لاٿو ويندو ۽ اهو مقصد آهي سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ انتظامي شعبن مان گندگي صاف ڪرڻ جيڪا ماضي ۾ گڏ ٿي ويئي آهي.... ملڪ ۾ ڪئين سڌارا آندا ويندا جن کي مارشل لا جي تحفظ جي گهرج آهي."

ظاهر آهي تہ هن بيان جا بہ مقصد هئا: هڪ هيءُ تہ پنهنجي ساٿين کي اهو يقين ڏيارڻ تہ جنهن مقصد ماڻڻ لاءِ هو چئن سالن کان انتظار ڪندو رهيو آهي، تنهن جي حاصل ڪرڻ کانسواءِ هو جلدي واپس ڪونہ ويندو. ٻيو مقصد سياستدانن تائين واضح پيغام رسائڻ هئو تہ هيءُ ساري مشق صرف چند ڏينهن جي ڪانهي پر هو سڀ ڪجهہ درست ڪرڻ آيا آهن" جنهن جي معنيٰ تہ جلدي مارشل لا کڄڻ جو آسرو لاهي ڇڏين.

(1) ايوب خان۔ ص 80

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ جي سولي ترڪيب هيءَ هئي تہ ڪامورا شاهي کي مصروف رکجي. ڇاڪاڻ تہ ايوب خان کي احساس هئو تہ ڪامورا شاهي ڪانسواءِ هن جي ڪنهن حڪم تي عمل ڪونہ ٿي سگهندو. ايوب خان پهرئين ڏينهن ئي سيڪريٽرين تي واضح ڪري ڇڏيو هئو هئو تہ ڪين ڇا ڪرڻو آهي. 27 آڪٽوبر تي اسڪندر مرزا کان جان ڇڏايائين ۽ پهرين نومبر تي ڪيس ملڪ جا وڻ ئي ڇڏرائي ڇڏيائين تنهنڪري هاڻي بنهہ آجو ٿي پنهنجي پروگرام تي عمل شروع ڪري ڏنائين.

انهيءَ لاءِ هن مختلف شعبن ۾ ڪميشنون مقرر ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون. تي ڪميشنون اڳ ۾ قائم ڪيل هيون پر انهن جون رپورٽون ميدان ۾ ڪونہ آيون هيون. ايوب خان جو مقصد هئو تہ شهري انتظاميہ کي مصروف بہ رکجي ۽ هنن کان ڪم بہ وٺجي. تنهنڪري اقتدار سنڀالڻ جي ڏينهن کان وٺي 1960ع تائين ٻن سالن جي عرصي ۾ 18 ڪميشنون مقرر ڪيائين. هونئن پنهنجي سموري دور حڪومت جي دوران هن ٽيهہ ڪميشنون قائم ڪيون. ايوب خان جي اقتدار واري هوس بہ گهٽ ڪانہ هئي تنهنڪري هر ڪميشن سان پاڻ کي ڳنڍيل بہ رکيائين بلڪ آخري طور سفارشون منظور ڪرڻ وارو بہ پاڻ هئو. عجيب ڳالهہ هيءَ آهي تہ هن ڪميشنن تي اهي ئي ماڻهو رکيا جيڪي ڪانئس اڳ سياستدانن سان گڏ ڪم ڪندا رهيا تنهنڪري سڌي يا اڻ سڌي طرح اقتدار ۾ اهي ئي ڀاڱي ڀائيوار رهيا جن تي ايوب خان بدعنوانين ۽ نااهل هئڻ جو الزام لڳايو هئو. ڇاڪاڻ تہ اهي سفارشون ڪامورا شاهي ۽ ان ۾ ڪپ ڪوڙيل نام نهاد ماهرن جون تيار ڪيل هونديون هيون. تنهنڪري ”خانداني قائدن جي ڪميشن“ ڪانسواءِ باقي سموريون ڪميشنون عام رواجي سفارشون پيش ڪري پنهنجي ڪارڪردگي ڏيکاري. بهرحال اسان في الحال انهيءَ تفصيل ۾ ڪونہ وينداسين، صرف ايترو چوڻ ڪافي آهي تہ ايوب خان، تطهير جي نالي ۾ جيڪي ڪم ڪرڻ گهريا ٿي تنهن جي لاءِ هن وٽ مشينري اها هئي جيڪا سالن کان سياستدانن جي هٿن ۾ هئي،جنهن ڪري سندس فيصلن جا عارضي طور تہ نتيجا نڪرندا هئا پر مستقل حل خير ڪو هئو.

ايوب خان جي اصل راند سياست هئي ۽ نظر بہ ان تي هئس. هن لنڊن ۾ ون يونٽ پلان ٺاهڻ کان وٺي سدائين هڪ نئين سياسي نظام

جو ذڪر پئي ڪيو آهي. ڪن مورخن جو خيال آهي تہ ايوب خان حادثاتي طور تي سياست ۾ گهلجي ويو، سو درست ناهي. ايوب خان اقتدار جون واڳون سنڀالڻ ڪان اڳ، هڪ ڪان وڌيڪ ڀيرا پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري چڪو هئو ۽ 7 آڪٽوبر واري تبديلي ڪان پوءِ هن لاءِ ميدان کليو ٿي ويو هئو. البتہ اها ٽريجڊي ضرور آهي تہ ايوب خان جنهن سياسي راند تي لعن طعن ڪندي هيءَ تبديلي آندي،ٿوري عرصي ڪان پوءِ هو پاڻ ان ۾ ڦٿي پيو. پر انهيءَ لاءِ راهہ هموار ڪرڻ ضروري هئي ۽ انهيءَ جو واحد طريقو اهو هئو تہ سياستدانن کي ايترو لوئيجي جو ماڻهن ۾نفرت پيدا ٿئي وڃي، ايوب خان پاڻ مسيحا بڻجي اڀري ۽ پوءِ ڊگهي عرصي لاءِ تخت تي ويٺو هجي. ڪجهہ سياستدانن کي صفحہ هستي تان متائڻ وارو خيال تہ اقتدار سنڀالڻ جي پهرين چند ڏينهن ۾ ئي لاهي ڇڏيائين ڇاڪاڻ تہ انهيءَ ۾ عوامي ردعمل جو خطرو بہ هئو تہ اهو بہ امڪان هئو تہ جيڪڏهن جانشيني ۾ ساڳي قسم جا سياستدان اچي ويا تہ هو انتقام وٺڻ ڪانسواءِ ڪونہ رهندا. تنهنڪري هن ٻي اسڪيم تي عمل شروع ڪري ڏنو.

اهو هيءَ هئو تہ هن پهرين ڏينهن ڪان سياستدانن جي خلاف اخبارن، ريڊيو ۽ خبرن جي ذريعي اهڙي گهوڙا گهوڙا شروع ڪري ڏني جڻڪ هنن ملڪ کي کائي، لٽي، ترين پر آٽي ٻهاريو هئو. هنن کي شهري انتظاميہ ۾ رشوت خوري، اقربا پروري ۽ هر قسم جي بدعنواني لاءِ ذميدار قرار ڏنو ويو. انهيءَ حد تائين جو بارش وڌيڪ پوڻ ۽ ٻوڏ اچڻ لاءِ بہ سياستدانن کي ذميدار نهرايو ويو. اهو صحيح آهي تہ هو جوڙ توڙ ۾ اهڙا مصروف رهندا هئا جو کين شهري مصيبتن دور ڪرڻ جو وقت ڪونہ ملندو هئو پر اهي هر ڪنهن بدعنواني جا ذميدار ڪونہ هئا. اصل ڳالهہ هيءَ هئي تہ قائداعظم جي لاڏاڻي ڪان پوءِ هڪ اڻ ڏٺي حڪومت، اسٽيبلشمينٽ جي هئي جيڪا هر سياسي حڪومت ۾ ويٺي هوندي هئي ۽ اهائي حڪمراني ڪندي هئي. انهيءَ ئي اڻ ڏٺي حڪومت، سمورين سياسي جماعتن جي جوڙ توڙ کي پنهنجوفرض بنائي رکيو هو ۽ اهائي اصل حاڪم هئي. اسٽيبلشمينٽ جي هي "حڪومت" چونڊن جو مقابلو نٿي ڪري سگهي تنهنڪري هن نہ تہ آئين نهڻ تي ڏنو، نہ وري چونڊون ٿيڻ ۽ چاهيو ٿي تہ سياستدان، پوءِ ڀلي کين ڪيترو بہ عوامي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حمايت حاصل هجي، اسٽيبلشمينٽ وٽ يرغمال بنيل هجن. انهيءَ جو هڪڙو مثال سهروردي ـ ايوب خان تعلقات آهن. سهروردي جو ڏوهه اهو هئو تہ قانوندان هئڻ جي حيثيت ۾ هن راولپنڊي سازش ڪيس ۾ بچاءَ جو وڪيل هئو ۽ فوجي آفيسرن تي شاهدين دوران سخت آڏي پڇا ڪئي هئي. پوءِ جڏهن سهروردي وزيراعظم بنيو تہ بہ ايوب خان، ناهہ ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ هئو، ۽ جڏهن اسڪندر مرزا صدر جي حيثيت ۾ بنهي کي گهرائي هٿ ملارايو تہ ايوب خان اسڪندر مرزا کي واضح لفظن ۾ چيو:

”جيستائين منهنجو وزير اعظم آهي تہ ڪمانڊر انچيف جي حيثيت ۾ آءٌ هن جو هر جائز حڪم مڃيندس پر فوج جي اندروني ڪم ڪار ۾ ڪا مداخلت برداشت نہ ڪندس.“(1)

هڪڙو سهروردي ئي نہ، تقريبا هر سياستدان کان ساڻس شڪايت، بلڪ ڪن سان تہ نفرت جي حد تائين چِڙ هئس، بهرحال، نفرت جي انهيءَ جذبي کي دل ۾ سانديندي هن اهو فيصلو ڪيو تہ انهن سياستدانن کي سيڪٽ بہ ڏجي، سياست کان بہ ڌار ڪجي ۽ جڏهن ميدان صاف ٿي وڃي (جيڪو في الحال سياسي سرگرمين تي پابندين جي ڪري صاف هئو)، اتي پنهنجي نئين سياسي نظام کي آڻي پنهنجي مهر وارو سڪو هلائجي. هن کي ياد ڏياريو ويو هئو تہ 6 جنوري 1949ع تي Public and representatice offices Disqualification Act (PRODA) ملڪ اندر هڪ قانون لاڳو ڪيو ويو هئو. هن حڪم جي هيٺ انهن سياستدانن جي خلاف ڪارروائي ٿيڻي هئي جيڪي جاڻي واڻي پنهنجن کي ورسائڻ، عهدي جو ناجائز فائدو وٺڻ ۽ ٻيءَ طرح جي بدعنواني جا ذميدار رهيا هوندا ۽ ان جو اطلاق آزاديءَ جي پهرئين ڏينهن يعني 14 آگسٽ 1947ع کان ڪيو ويو هئو.

ايوب خان جنهن ڏينهن سياستدانن کي ميدان مان ”سياسي طرح“ هٽائڻ جو فيصلو ڪيو تنهن ڏينهن هن پروڊا جهڙا بہ حڪم ناهڻ جو حڪم ڏنو ۽ گڏوگڏ، سياستدانن، وزيرن، پارٽي عهديدارن ايستائين جو ضلع لوڪل بورڊ ۽ ميونسپل ڪميٽين جي چيئرمنن، سمورن پبلڪ عهدن جي اڳوڻن سربراهن جا تفصيل گڏ ڪرڻ جو حڪم ڏنو. انهيءَ وچ ۾ اتي وينئي، ايوب خان سياستدانن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ، پراڻي نظام مان

(1) ايوب خان ص37

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪينئان ڪيڻ ۾ طرح طرح جون ڳالهيون ڪندو رهيو. سياستدانن خلاف هنن جي بيانن ۾ سختي هئي انهيءَ حد تائين جو ڪي سياستدان، پنهنجي نجي محفلن ۾ انهيءَ تي نڪتہ چيني بہ ڪرڻ لڳا ۽ اهي ڳالهيون انٽيليجنس جي ذريعي ايوب خان تائين پهتيون جنهن جو، ظاهر آهي تہ ايوب خان فوري طور ردعمل تہ نتي ظاهر ڪري سگهيو پر هن اهو ضرور چيو تہ جن ماڻهن کي ملڪ جو هي نظام نتو وڻي سي ملڪ ڇڏي هليا وڃن.

ڪامورا فورا معلومات گڏ ڪرڻ ۾ فائيلن ناهڻ ۾ لڳي ويا. هنن ۾ سڪا ۾ ساوا ٻئي هئا. ظاهر آهي تہ 1947ع کان معلومات گڏ ڪرڻ ۾ انهيءَ ۾ بہ بدعنوانيون ڦولهي ڪيڻ سولي ڳالهہ ڪانہ هئي ۽ انهيءَ ڪانسواءِ هي ڪم انهيءَ بيوروڪريسي جي حوالي ڪيو ويو جيڪا انهن اڳوڻن سياستدانن سان بہ رهي هئي. تنهنڪري انهيءَ معلومات ڪٺي ڪرڻ ۾ دير لڳي ويئي.

دراصل حقيقت هيءَ هئي تہ سياستدانن جون "بدعنوانيون" ايتريون ۽ اهڙيون ڪونہ هيون جن جو ايڏو پڙهو ڏنو پئي ويو يا ايوب خان ۽ سندس حواري ووءِ ووءِ ڪري رهيا هئا، ايوب خان اهو ظاهر ڪرڻ ٿي گهريو تہ هنن سڄو ملڪ وڪڻي پنهنجا گهر ڀريا ۽ هو انهن سياستدانن کان جان ڇڏائڻ آيو آهي. بهرحال، هڪ طرف تفصيل گڏ ڪيا پئي ويا تہ ٻئي طرف ايوب خان پنهنجن "سڌارن" واري مهم جوئي ۾ مصروف ٿي ويو ۽ ڪميشن مٿان ڪميشن جو اعلان ڪري رهيو هئو ۽ نيٺ هن 21 مارچ 1959ع تي پوڊو Public offices Disqualification order جاري ڪري ڇڏيو، جنهن جي دائري ۾ اهي سياستدان اچي ٿي ويا جيڪي سياسي عهدن تي رهيا هجن ۽ ڪنهن بہ قسم جي بدعنواني جو شڪار رهيا هجن. هن حڪم نامي موجب، الزام ثابت ٿيڻ تي ڪين پندرهن سالن تائين نااهل قرار ڏيئي پيو سگهجي. پوڊو هيٺ ڪارروائي ڪرڻ لاءِ هڪ ٽربيونل بنائي ويئي جنهن جو سربراهہ اختر حسين کي بنايو ويو جيڪو بعد ۾ اولهہ پاڪستان جو گورنر بہ بڻايو ويو. هڪ فوجي آفيسر ليفٽيننٽ جنرل بختيار رانا ۽ اولهہ پاڪستان جي چيف سيڪريٽري خورشيد حسين کي ميمبر مقرر ڪيو ويو. هن ٽربيونل پنهنجي معلومات جو بنياد اينٽي ڪرپشن کاتي جي انڪوائري تي ڪيو جنهن 10 آگسٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1959ع تي 12 اڳوڻن وزيرن، ٽن سابق وڏن وزيرن، 150 سابق وزيرن نائب وزيرن، پارلياماني سيڪريٽرين، 500 کان 600 سابق اسيمبلي ميمبرن خلاف ڪيس تيار ڪيا. جڏهن هنن ڪيسن جي لاءِ رشوت ٽوڙ کاتي جو عملو معلومات ڪٺي ڪري رهيو هئو يا لوڪل بورڊن، ميونسپل ڪميٽين ۽ اسيمبلين جا فائيل اٿلائي پٿلائي رهيو هئو ته پس پرده به ڏاڍي رشوت هلي. هر ڪو ميمبر، سابق وزير ۽ عهديدار انهيءَ ڪوشش ۾ هئو ته سندس ڪيس ڪمزور ٿي جنهن ڪي هو ناڪام ڪري پاڻ کي پوڊو جي اثر کان بچائي سگهي. بهرحال جڏهن اهي فائيل ٺهي ويا ۽ مقدما هلڻ جي تياري ٿيڻ لڳي ته ايوب خان کي هڪ صلاحڪار ۽ ”گهٽگهري“ صلاح ڏني ته هن عمل ۾ ته صرف انهن ماڻهن کي نااهل ڪري سگهبو جيڪي سياسي عهدن تي فائز رهيا هوندا. ٻيا سياسي ورڪر ۽ سياستدان ته بچي ويندا. ٻيو ته اهو تمام ڊگهو عمل ٿيندو جنهن ۾ ڪئين سال لڳي ويندا ۽ هن جنهن ”نيڪ ڪم“ جي ابتدا ڪئي آهي تنهن کي شڪست ملندي.

ايوب خان کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويئي. هن جو ته مقصد به اهو هئو ته رستي ۾ سمورا سياسي ڪنڊا هٽي وڃن ۽ هن کي واڪ اوور walkover ملي. تنهنڪري پوڊو جي جاءِ هن هڪ ”جامع“ حڪم 7 آگسٽ 1959ع تي Elective Bodies Disqualification Order جاري ڪيو جنهن کي مخفف طور EBDO ايبڊو سڏيو ويو. هيءَ حڪم 14 آگسٽ 1947ع کان لاڳو سمجهيو ويو ۽ ان جي دائري ۾ اهي سڀ ماڻهو اچي ٿي ويا جيڪي آزاديءَ جي ڏينهن کان وٺي مارشل لا لڳڻ تائين ڪنهن به سياسي عهدي تي رهيا هجن، ڪنهن چونڊيل اسيمبلي جا ميمبر رهيا هجن، وزير يا ٻئي عهدي تي رهيا هجن، ميونسپل ڪميٽين يا ڪنهن به چونڊيل عهدي تي رهيا هجن ۽ ڪنهن به قسم جي بدعنواني جو شڪار ثابت ٿيا ته ڪين ڇهن سالن لاءِ نااهل قرار ڏيئي پيو سگهجي. هن ۾ جنهن ڳالهه جو اضافو ڪيو ويو سو هيءَ هو ته ان ۾ اهي ماڻهو به شامل ڪيا ويا جيڪي اڳ ۾ ڪنهن بدعنواني جي الزام هيٺ نااهل قرار ڏنا ويا هجن، سيڪيورٽي ايڪٽ آف پاڪستان هيٺ مٿن ڪارروائي ٿيل هجي، 1949ع واري پروڊا هيٺ نااهل ٿيل هجن يا به سال يا ان کان وڌيڪ سزا ڪاٽي چڪا هجن. هن قانون ۾ اهو اعلان ڪيو ويو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئو تہ 31 ڊسمبر 1966ع تائين جيڪي سياستدان پاڻ کي رضاڪارانہ طور سياست کان ڌار رکڻ جو اعلان ڪن، تن جي خلاف ڪا ڪاروائي نہ ڪئي ويندي باقي سمورن جي ڪيسن جي ڇنڊڇاڻ ٿيندي.

سياستدان انهيءَ قانون جو مطلب سمجهيا ٿي تہ انهيءَ جو مقصد وڏ ۾ وڏ سياستدانن ۽ ورڪرن کان جان ڇڏائڻ آهي، تنهنڪري ڪوبہ ڪڇيو ڪونہ ٿي ۽ مات ڪري سڀ هڪبئي کي ڏسي رهيا هئا.

ملڪ ۾ ٽي ٽربيونل قائم ڪيا ويا: هڪ مرڪزي ۽ بہ صوبائي. مرڪزي ٽربيونل تي اولهہ پاڪستان هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس چنگيز فضل الرحمان ۽ ليفٽيننٽ ڪرنل اڪرم کي کنيو ويو، جڏهن تہ اولهہ پاڪستان ٽربيونل تي سپريم ڪورٽ جي رٽائرڊ جج، جسٽس محمد شريف کي چيئرمين طور، ايف مجيد الله ۽ ليفٽيننٽ ڪرنل محمد اسحاق کي ميمبر طورکنيو ويو. اوڀر پاڪستان لاءِ سپريم ڪورٽ جي جج، جسٽس اي ايس ايم اڪرام جي سربراهي ۾ ٽربيونل مقرر ڪيو ويو ۽ ميمبر طور اي ايم چوڌري ۽ ليفٽيننٽ ڪرنل احمد خليل کي مقرر ڪيو ويو.

ائنٽي ڪرپشن کاتي سمورا فائيل تيار ڪري ورتا ۽ اولهہ پاڪستان مان ڪل ٻہ هزارڪن سياستدان، ورڪر ۽ سابق عهديدار رهن ۾ شامل هئا. بهرحال ڪارروائي کان بچڻ لاءِ ستر کن اهڙا هئا جن ۾ ميان ممتاز دولتانہ بہ شامل هئو، رضاڪارانہ طور ڇهن سالن لاءِ سياست کان ڪناره ڪش ٿيڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ٻين ٽربيونلس کي منهن ڏيڻ جو فيصلو ڪيو.

ايوب خان انهيءَ لاءِ آتو هئو تہ سمورا سياسي ورڪر ۽ قانون. سنگين بدعنوانين ۾ نااهل قرار ڏنا وڃن، ٻئي طرف جيڪي فائيل تيار ٿيا هئا، تن ۾ ڪي سنگين الزام منظرعام تي اچي نہ سگهيا هئا. مثال طور ڪنهن تي زمين پنهنجي نالي تي ڪرائڻ، ڪنهن تي مائٽن کي نوڪريون وٺي ڏيڻ يا آفيسن جو ٽيليفون ذاتي ڪم ۾ ڪتب آڻڻ جا الزام هئا. ممتاز حسن قزلباش، جيڪو ڪن ڏينهين خيرپور رياست جو وزيراعليٰ رهي چڪو هئو ۽ مارشل لا کان اڳ ۾ اولهہ پاڪستان ۾ وزير خوراڪ رهي چڪو هئو تنهن تي الزام هئو تہ هن رياستي زمين جا هڪ هزار ايڪڙ هڪ رپئي ايڪڙ جي حساب سان پنهنجي نالي ڪرايا. سنڌ جي سابق زير اعليٰ پيرزادي عبدالستار تي الزام هئو تہ هن شڪار جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تفريح تي هزارين رپيا سرڪاري خاني مان خرچ ڪري ڇڏيا. هن ريپبليڪن پارٽي جي ڏهن ميمبرن جي حمايت حاصل ڪرڻ خاطر پنجاهه بازاري عورتن کي ٽن راتين تائين سرڪاري رهائش گاهه تي رسايو ۽ انهن تي ٽيل هڪ لک رپين جو خرچ، وندر جي کاتي ۾ ڏيکاريو. انهيءَ کانسواءِ ڏيڍ سو پر مٿون اهڙين بدنام عورتن جي نالي ۾ جاري ڪيون ويون جن جو ڪو تعلق ڪونه هئو.

سياستدانن کي اندازو هئو ته ٽربيونلس جي سامهون سندن خلاف جيڪي ڪيس پيش ڪيا ويا آهن تن مان ڪو اهڙو ڪونهي جو هو نااهل قرار ڏنا وڃن. خود ايوب خان ڪارروائي شروع ٿيڻ کان اڳ ٽربيونلس جون رپورٽون ڪيڏي پڙهيون ته ڏاڍو اچرج ۾ پئجي ويو. هن پنهنجي سيڪريٽري قدرت الله شهاب جي ڊيوٽي لڳائي ۽ 92 چونڊ سياستدانن جو رڪارڊ گهرائي پاڻ ڏٺو ۽ سندس چوڻ موجب هنن الزامن جي نوعيت ڪجهه هنريت هئي:

”سرڪاري ٽيليفون ۽ اسٽاف ڪار جو بيجا استعمال، پي اي يا پرائيويٽ سيڪريٽري لاءِ مليل سهولتن کان وڌيڪ رعايتون، پنهنجن انتخابي تڪن ۾ رستا ۽ اسپتالون ترجيحي بنيادن تي ٺهرائڻ، پنهنجن بااثر دوستن، مائٽن يا سياستدانن جي تڪن ۾ رستا، اسڪول يا اسپتالن ٺهرائڻ ۾ ترجيح ڏيڻ، پنهنجي بااثر دوستن، مائٽن يا ووٽرن جي فائدي لاءِ سرڪاري آفيسرن تي دٻاءُ يا سفارشون وجهڻ، پنهنجن تڪن ۽ پنهنجن دوستن يا سياستدانن جي علائقن ۾ تپيدارن، ٿاڻيدارن، صوبيدارن، مختيارڪارن ۽ ٻين سرڪاري ڪامورن جي بدلين ۽ مقررين ۾ دخل اندازي ڪرڻ، چونڊن جي وقت ”بنا ثبوت“ ڌانڌلي جا الزام، سرڪاري مقررين ۾ پبلڪ سروس ڪميشن جي سفارشن کي نظرانداز ڪرڻ جو لاڙو، سرڪاري دورن وقت سرڪاري بندوبست جو سياسي فائدو وٺڻ، بجيٽ ۾ کاتي وار رکيل رقم کان وڌيڪ ڪتب آڻڻ، اهڙين رقن تي ڪم ڪرڻ جن تي منظور ٿيل کاتي کان وڌيڪ خرچ ٿيو هجي ۽ بيشمار مثال ته هي هي ٽيڪس لڳايا پئي سگهيا، وغيره وغيره.(1)

(1) شهاب، قدرت الله ص 871، 872

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي هيءَ رپورٽون جڏهن ايوب خان پڙهيون ته ڏاڍو پريشان ٿيو ڇاڪاڻ ته هنن ۾ نه ته سياستدانن تي ڪٿي غداري جا الزام لڳل هئا نه وري ملڪ دشمني جو ذڪر هئو ۽ نه وري ڪروڙين رپين جي غبن جا ڪي ثبوت هئا. بهرحال، ايوب خان انهيءَ تي بضد هئو ته هو مجرم آهن ۽ هنن کي سياست کان نااهل ڪرڻ گهرجي. نتيجي طور تي ڏهن سياستدان جيڪي رضاڪارانه طور هٽ ڪٽي ويا.[1] باقي تي سرسري مقدما هليا. ٽربيونلس کي هدايتون هيون ته ڪيسن جا جلد فيصلا ڪن. اٽڪل ٻه هزارڪن ننڍا وڏا سياستدان ايبڊو جي نذر ٿي ويا، جن ۾ ننڍين ميونسپل ڪميٽين کان وٺي چيئرمين تائين ۽ وزراء اعليٰ کان وٺي سابق وزراءِ اعظم تائين سڀ شامل هئا. چوٽيءَ ۽ وچولن سياستدانن ۽ عام ورڪرن کي ڇڏي، نااهل قرار ڏنل وڏن ۽ سرگرم سياستدانن جي لسٽ تي نظر وجهبي ته هنريت ٿينديءَ:

سابق وزيراعظم فيروز خان نون، سابق مرڪزي وزير سيد جعفر شاه، صوبه سرحد جو سابق وزيراعليٰ سردار عبدالرشيد، سنڌ جو سابق وزير اعليٰ قاضي فضل الله، سابق وزير اعظم حسين شهيد سهروردي، سابق وزيراعليٰ پنجاب ميان ممتاز دولتانه، سابق وزيراعليٰ اولهه پاڪستان نواب مظفر علي قزلباش، سابق وزير اعليٰ سنڌ محمد ايوب کهڙو،[2] سابق وزيراعليٰ سنڌ پيرزادو عبدالستار، سابق وزيراعليٰ ابوحسين سرڪار، سابق وزير عبداللطيف بسواس، سابق وزير مير غلام علي ٽالپر، سابق وزير اعليٰ خيرپور ممتاز حسن قزلباش، سابق گورنر اولهه پاڪستان نواب مشتاق احمد گورماني، سابق وزيراعليٰ سرحد خان قيوم، سابق مرڪزي وزيرسردار امير اعظم خان، سابق مرڪزي وزير حاجي مولا بخش سومرو، سابق صوبائي وزير اعليٰ سنڌ پير الاهي بخش، سابق صوبائي وزير سيد حسن محمود، سابق صوبائي وزير هاشم گذدر، سابق صوبائي وزير صوفي عبدالحميد، سابق صوبائي وزير آغا غلام نبي پٺاڻ، سابق صوبائي وزير ۽ پريزيڊنٽ حيدرآباد ميونسپل ڪميٽي قاضي محمد اڪبر، سابق صوبائي وزير اڪبر بگٽي، سابق صوبائي وزير چوڌري محمد حسين چٺا،

(1) قدرت الله شهاب هيءَ تعداد 70 ڄاڻائي ٿو، ايضا ص867

(2) ايوب خان کهڙي تي مارشل لا لڳڻ جي هڪدم پوءِ سرڪاري گاڏي وقت کان اڳ وڪڻڻ جي ڏوهه ۾ پنج سال قيد جي سزا ٻڌائي ويئي هئي. ان جو ڪارڻ ايوب خان جي ملازمتن ۾ توسيع نه ڪرڻ هئو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سابق صوبائي وزير ڪرنل محمد امير محمد خان آف هوتي، سابق صوبائي وزيرارباب نور محمد خان، سابق صوبائي وزير سردار عبدالحميد خان دستي، سابق صوبائي وزير مير علي نواز خان تالپر، سابق صوبائي وزير چوڌري عبدالغني گهمن. سابق صوبائي وزير سيد علي حسين شاه گرديزي، سيد عابد حسين، سابق صوبائي وزير سردار محمد خان لغاري، سابق وزير حامد حسين فاروقي، سابق ڊپٽي وزير بيگم سلميٰ تصدق حسين، سابق سفير يوسف اي هارون، سابق سفير قاضي محمد عيسيٰ، سابق ڊپٽي اسپيڪر سي اي گبن، سابق ميمبر خان غلام محمد خان لونڊ خور، سابق ميئر لاهور سيد هادي علي شاه، سابق اسيمبلي ميمبر علي حسن منگي، حسين ملڪ، دلدار عطاء الرحمان، صفدر علي، قاضي عبدالمجيد عابد، شيخ فضل الاهي، محمد اشرف خان، ميان محمد سعيد قريشي، بيگم اصغري رحيم، چوڌري بشير احمد، چوڌري عبدالحامد، بسنت ڪمارداس ۽ ڪيترا ٻيا. مير علي نواز ۽ مير غلام علي تالپر ٽربيونل جي فيصلي تائين تائين گذاري ويا هئا. سنڌ مان صرف ٻه ڄڻا خان بهادر غلام محمد وساڻ ۽ مير جعفر خان جمالي هئا جيڪي نااهلي کان بچي سگهيا، ٻيا تقريبا سڀ جا سڀ نا اهل قرار ڏنا ويا.

هونئن تہ ايوب خان جي نيت ڪهڙي هئي سا صاف ظاهر هئي پر ٽربيونلس ۾ ڪيس هلندي جيڪي بهانا، عذر ۽ ”الزام“ سامهون آيا، تن ۾ گهڻا اهڙا مضحڪ خيز هئا جو بعد ۾ پوري ملڪ ۾ بحث هيٺ ايندا رهيا جنهن سياستدانن جي نااهلي کي مشڪوڪ بڻائي ڇڏيو. مثال طور حامد حسين فاروقي، سنڌ جي وزير جي حثييت ۾ حيدرآباد کان ڪراچي تائين ريل جي فرسٽ ڪلاس ۾ سفر ڪيو جنهن لاءِ هن 56 رپيا 50 پئسا (اٺ آنا) ڀاڙي جي بدران اٺ آنا ڏنا. جيڪو بدعنواني ۾ شامل ٿي ويو.

ايبڊو جي ڪارروائي تي ملڪ مان ڪٿان بہ ردعمل ڪونہ ٿيو. پريس تان سنسرشپ هٽي ويو هئو پر سياسي چرپر تي پاندي هئي. بيان اچا ڇاپڻ جي اجازت ڪانہ هئي. ڇاڪاڻ تہ ايوب خان اچا پنهنجو لائحہ عمل طئي ڪري نہ سگهيو هئو. بهرحال حالتون ۽ شاهديون اهڙي قسم جون هيون تہ هو جنهن سياسي ميدان کي ”گندو“ سڏي ان جي تطهير ڪرڻ آيو هئو، تنهن ۾ سوير يا اوير داخل ٿي ويندو. البتہ انهيءَ جو اوسيئڙو هئو تہ هو اها داخلا ڪهڙي طريقي ۾ وٺي ٿو.

# 23

# 1962ع وارو آئين: ذاتي حڪمراني وارو دستاويز

ايوب خان اقتدار سنڀالڻ جي ٻن ڏينهن کان پوءِ، پريس ڪانفرنس ڪري اهو اعلان ڪيو هئو تہ ”جيترو ضروري سمجهيو ويو ان کان هڪ گهڙي وڌيڪ اقتدار کي هٿ ۾ ڪونہ رکندو.“ اهو پيغام عام ماڻهن جي لاءِ ڪون هئو ۽ انهن سياستدانن کي آٿت ڏيڻ لاءِ هئو جيڪي فوجي مداخلت کي ٻي وقتو سمجهي چونڊن جو انتظار ڪري رهيا هئا ۽ جن کي اها خبر گهٽ هئي تہ اهو ”ضروري عرصو“ ڪيترو وقت هلندو.

ٽن مهينن کان پوءِ ايوب خان اهو اعلان ڪيو تہ سڌارن جي ابتدا ڪئي ويئي آهي ۽ انهن جي نتيجن نڪرڻ کان پوءِ ملڪ کي اهڙو آئين ۽ سياسي نظام ڏنو ويندو جيڪو ماڻهن جي مزاج وٽان هوندو. جنهن ۾ گهڻا ماڻهو شريڪ ٿي سگهن ۽ انهن ٽن مهينن ۾ ايوب خان ڪيترين ئي ڪميشنون قائم ڪري چڪو هئو. پر سڀ کان اهم آئيني ڪميشن جو قيام هئو جنهن جو اعلان هن 17 فيبروري 1960ع تي ڪيو. جنهن جي ذمي اهو ڪم هئو تہ ملڪ جي بدليل حالتن ۽ ماضي جي تجربن کي آڏو رکي آئيني تجويزون پيش ڪري بلڪ هڪ خاڪو پيش ڪري. هن ڪميشن جو سربراه جسٽس شهاب الدين هئو.

اسان ايندڙ سٽن ۾ ايوب خان واري آئيني ڍانچي ۽ ”جمهوري گهاڙيٽي“ بابت ٿورو تفصيل سان ذڪر ڪنداسين. في الحال ايترو عرض ڪرڻ ضروري آهي تہ مستقبل جي آئين ۽ جمهوري نظام بابت ايوب خان ڀرپائين طئي ڪري چڪو هئو ۽ هاڻي آئيني ڪميشن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذريعي صرف ان کي باضابطہ شڪل ڏيڻي هئي.

آئيني گهاريٽي جو خاڪو پيش ٿيڻ اجا گهٽو پري هئو. انهيءَ کان اڳ ۾ ئي ايوب خان اهو فيصلو ڪري چڪو هئو تہ هو صدارتي نظام رائج ڪندو ۽ انهيءَ لاءِ هن پنهنجي مخصوص بنيادي جمهوريت وارو نظام رائج ڪري ئي ڇڏيو. ٿيهين اپريل ۽ پهرين مئي 1959ع تي ڪراچي ۾ گورنرن جي ميٽنگ گهرائي ايوب خان بنيادي جمهوريت جي تجويز پيش ڪري ان جو باضابطہ اعلان 26 آڪٽوبر 1959ع تي ڪري ڇڏيو ۽ اهڙيءَ طرح پارليماني جمهوريت واري سرشتي کي هڪ گهمرو وري ڏڪي ڇڏيو.

ايوب خان پارليماني جمهوريت جو سخت مخالف هئو ۽ جنهن حيثيت ۾ هو ان وقت هئو تنهن تہ ڪيس صدارتي نظام جو زبردست حامي بنائي ڇڏيو هئو. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ مسند تي ويهي هو سڀ ڪجهہ ڪري ٿي سگهيو. تنهنڪري هن انهيءَ کي غنيمت جو موقعو ڄاڻندي. ان جو پورو فائدو وٺڻ جو فيصلو ڪيو. بنيادي جمهورت جو ڄاڻ ڪيس انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ جي پوري ضمانت ڏني ٿي، ڇاڪاڻ تہ اٺ ڪروڙ ماڻهن بدران اسي هزار بنيادي جمهوريت جي ميمبرن کي رام ڪرڻ ڏکيو ڪم ڪونہ هئو. آڪٽوبر 1959ع ۾ اعلان ٿيندي ئي سرڪاري مشنري، حاشيہ بردار ۽ موقع پرست مشيرن جا ٽولا بنيادي جمهورت جا گيت ڳائڻ لڳي ويا ۽ جنوري 1960ع ۾ سموريون چونڊون مڪمل ٿي ويون. هاٺي اڍائي تي سو اسيمبلي ميمبرن ۽ سياسي ليڊرن جي حمايت حاصل ڪرڻ بدران ايوب خان وٽ هيٺئين ۽ وچولي طبقي جي بي ڊي ميمبرن جي اهڙي فوج اچي ويئي هئي جن کي لکن رپين بدران هزارن ۾ رام ڪرڻ سولو هئو. انهيءَ سلسلي ۾ هن فوراً چاليهہ ڪروڙ رپيا (400 ملين) انهن بي ڊي ميمبرن جي تجويز ڪيل ترقياتي ڪمن جي لاءِ ڏيئي ڇڏيا، جيڪي ٻين لفظن ۾ هنن جي اشاري تي خرچ ٿيڻا هئا.

انهيءَ عرصي دوران ايوب خان، رفتہ رفتہ سياستدانن سان بہ واسطا ناتا وڌائڻ شروع ڪري ڏنا. خاص ڪري اهي جن جي باري ۾ ڪيس ٻڌايو ويو هئو تہ هنن جو ڪردار بي داغ آهي يا اهي گهٽي وڏي بدعنواني ۾ ملوث ڪونہ هئا يا وري ٻنهہ ڪنهن پارٽي سان تعلق ڪونہ ٿي رکياٿون.

انهن ۾ مولوي ابراهيم، ابوالقاسم، ذوالفقار علي ڀٽو، محمد خان جوڻيجو، منظور قادر جهڙا ماڻهو هئا ڪي فوجي به انهن سان گڏ ڪابينه ۾ هئا. ذوالفقار علي ڀٽو جنهن کي 1958ع جي اوائل ۾ اسڪندر مرزا، ايوان صدر جي لائبرري مان استفادو ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي. سو پنهنجي غير معمولي ذهانت جي ڪري ايوب خان جي قريب تر ٿيندو ٿي ويو. 7 آڪٽوبر واري انقلاب وقت هو وزير جي حيثيت ۾ ته شامل هئو پر پوءِ ٺهندڙ بي وزارت کان وٺي هو ايوب خان سان شامل رهيو، بلڪ ايوب خان جي ذاتي توجه جو مرڪز رهيو.

جنوري 1960ع واريون بنيادي جمهوريت جون چونڊون، ملڪ جي ماڻهن، خاص ڪري سياستدانن لاءِ تمام اچرج جو ڪارڻ بڻيون ۽ سچ هيءَ آهي ته سياستدانن انهيءَ کي راند سمجهي نظر انداز ڪري ڇڏيو. صرف ٿورا سياستدان هئا جيڪي انهيءَ چال جي پويان مقصد کي سمجهي سگهيا ۽ هو سڏيءَ طرح سياست ۾ حصو نه وٺڻ جي باوجود. پنهنجا ماڻهو آڻي سگهيا ورنه هي سڀ ڪجهه ايترو جلد ٿي ويو جو ڪير وارا، ڏوڏي، ڏوبي، ڪڙمي ۽ ڪاسبي چونڊجي ايوب حڪومت ۾ مک مهرا بڻجي ويا ڇاڪاڻ ته اهي اسي هزار بنيادي جمهوريت جا رڪن شروعات ۾ ته پاڻ کي صرف ڳوٺن ۽ شهرن جا پئنچ سمجهڻ لڳا ها پر اهميت جي خبر تڏهن پيئن جڏهن هو انتخابي ادارا بنجي ويا يعني صوبائي اسيمبلين ۽ قومي اسيمبلي جا ميمر چونڊڻ کانسواءِ صدر به کين چونڊڻو هئو. ايوب خان جو مقصد اهوئي هئو. ٻين لفظن ۾ ڪرپشن جي برف جبل جي چوٽي تان ڳري هيٺ پاڙن تائين پهچي.

اهوئي ٿيو. ايوب خان جا اعلان ڪيل سڏارا عمل ۾ اچي رهيا هئا ۽ ڪي سياستدان ڪيس پنهنجو وعدو ڏياري رهيا هئا ته هاڻي اقتدار واپس ماڻهن کي ڏئي فوج واپس بيرڪن ۾ وڃي، جنهن جو توڙ ايوب خان کي ڳولڻو هئو ۽ اهو توڙ بنيادي جمهوريتن ۾ لڪل هئو جنهن کي هن تمام خبرداري سان conceive ڪيو ۽ ان تي عمل ڪيو. هن کي ڊگهي عرصي تائين اقتدار جون واڳون پنهنجي هٿن ۾ رکڻ جي خواهش هئي. مشيرن ڪيس درست صلاح ڏني ۽ پنهنجي انهيءَ صدارت کي قانوني ۽ "عوامي" حيثيت ڏيڻ لاءِ هن رفرنڊم جو اعلان ڪري ڇڏيو. 15 فيبروري 1960ع تي اهو نام نهاد ريفرنڊم ٿيو ۽ نتيجو ساڳي ڏينهن پڌرو ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وفادار ڪامورا شاهي، ڪمال هوشياري سان رفرنڊم ڪرايو. وزيرن انهيءَ جا سمورا ”انتظام“ ڪري ڇڏيا ۽ رات جو مڪمل نتيجا نڪري آيا. ايوب خان اسي هزار ووٽن مان 75،283 ووٽ حاصل ڪيا يعني 95 سيڪڙو ووٽ. جنهن وقت نتيجو مڪمل ٿيو ته ان وقت ايوب خان ننڊ پئجي چڪو هئو تنهنڪري سندس سيڪريٽري صبح سوير نتيجا ڪٽي وٺس ويو. ان وقت ايوب خان نيرن ڪري رهيو هئو. رفرنڊم جي لاءِ هن ڪهڙا انتظام ڪيا هئا ۽ سندس توقع ڪيئن هئي تنهن جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته جڏهن سيڪريٽري ڪيس نيرن جي ميز تي ٻڌايو ته ڪيس ڪيترا ووٽ مليا آهن ته هن فورا پينسل هٿ ۾ کڻي حساب ڪيو ۽ چيائين:

”.... ته هيئن چئو ته 4717 ووٽ منهنجي خلاف پيا“ (1)

هن رفرنڊم، ايوب خان کي اقتدار تي قبضي رکڻ جو آئيني حق ڏيئي ڇڏيو ۽ هن هاڻي پاڻ کي انهيءَ لاءِ تيار ڪري ڇڏيو ته هو ڊگهي عرصي تائين انهيءَ منصب تي قائم رهندو. سترهين فيبروردي 1960ع تي هن ”منتخب“ صدر جي حيثيت سان قسم کنيو ۽ ساڳئي ڏينهن هو آئين سازي جي طرف سنجيدگي سان سوچڻ لڳو، پر هڪ اهڙي سوچ سان جنهن ۾ اها ڳالهه گهر ڪري ويئي هئي ته پارليماني جمهوريت هن ملڪ لاءِ هاڃيڪار آهي ۽ جيڪڏهن ڪو سياسي نظام هلي سگهي ٿو ته اهو صدارتي نظام جنهن جو خاڪو هو اڳ ۾ پيش ڪري چڪو هئو. ۽ هيءَ اهڙو خاڪو هئو جنهن ۾ سمورن اختيارين جو مالڪ پاڻ هوندو.

آئيني ڪميشن پنجن ججن تي مشتمل هئي جنهن کي 6 مئي 1961ع تائين پنهنجون سفارشون پيش ڪرڻ ۽ هڪ آئيني ڍانچي پيش ڪرڻ جو چيل هئو. جسٽس شهاب الدين پنهنجن ساٿين سان گڏجي 1956ع واري آئين جي نهڻ، ان جي ”ناڪامي“ جا ڪارڻ، پاڪستان جي سياسي حالتن ۾ بين سمورين واسطيدارن حقيقتن کي آڏو رکي سفارشون تيار ڪيون هيون. اهي ڪيتريقدر قبول هيون تن جو اندازو هن حقيقت مان لڳائي سگهجي ٿو ته ايوب خان هڪ ڪان گهٽ موقعن تي پنهنجي دماغ ۾ تيار ڪيل خاڪي جو اڳ ۾ اظهار ڪري چڪو هئو. بلڪ ڪميشن وهارڻ کان اڳ ۾ چئي چڪو هئو ته هو ڪميشن

(1) قدرت الله، ص 873

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون سفارشون قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهي پوءِ پلي اهي منهنجين تجويزن کان مخالف هجن پر شرط هن تي تہ اهي منهنجين (تجويزن) کان بهتر هجن ۽ ملڪ جي ڀلي وٽان هجن."(1)

ايوب خان انهيءَ وقت پنهنجن مداحن جو اهڙو ٽولو پيدا ڪري چڪو هئو جيڪي هر وقت سندس چوڌاري رهندا هئا ۽ هر وقت سندس "ڪارنامن" جي مدح سرائي ڪندا رهندا هئا. عين انهيءَ وقت ڪنهن ڪيس صلاح ڏني تہ هو پاڻ بہ پاڪستان ۽ اسلامي تاريخ جو مطالعو ڪري. هن علماء جي ڪردار ۽ خلافت واري زماني جي اسلامي تاريخ جو مطالعو ڪيو. عالمن لاءِ ڪيس اها شڪايت هئي تہ هنن مان ڪي پاڪستان ٺهڻ جا مخالف هئا ۽ هو ايترن فرقن ۾ ورهايل آهن جو ڪنهن مسئلي تي متفق ٿيڻ ممڪن ئي ڪونهي. البتہ هن ڪي خلافت وارو زمانو گهٽو وڻيو. جنهن ۾ اختيار هڪ ماڻهوءَ وٽ هجن. تنهنڪري هو انهيءَ ڳالهہ تي ڳنڍ ٻڌي ويهي رهيو تہ:

"اختيارين جي ورهاست قابل قبول آهي پر مرڪزي اختيار لازمي طور صرف هڪ چونڊيل ماڻهو وٽ هئڻ گهرجن جيڪو ملڪ ۽ انتظاميہ کي هڪ ئي اندازسان هڪ رخ ۾ هلائي. اهڙو مرڪزي اختيار اسان جي سماجي ۽ سياسي حالتن ۾ هئڻ تمام ضروري آهي. هڪ مضبوط مرڪز جي غير موجودگي ۾ ملڪي وحدت نٿي رهي سگهي. هندستان ۾ مسلمانن جي حڪومت جي تنزلي تڏهن شروع ٿي جڏهن اورنگزيب جي مرڻ کان پوءِ مرڪز جو شيرازو منتشر ٿيڻ لڳو. ۽ ٻين اسلامي دورن ۾ بہ ائين ٿيو." (2)

انهيءَ وچ ۾ هن پنهنجن مقربن ۽ مصاحب کان علاوه، ملڪ جي ڪن ليڊرن سان بہ ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون جن ۾ قابل ذڪر بہ ڄڻا هئا: مولوي تميز الدين ۽ نور الامين. مولوي تميزالدين، جيڪو ڪنهن وقت آئين ساز اسيمبلي جو اسپيڪر هئو. سو صدارتي نظام جو سخت مخالف هئو ۽ هن ايوب خان کي منهن تي چٽي ڏنو. ايوب خان، ڪيس گهٽئي سمجهائي صدارتي نظام جو حمايتي ٿيڻ جو ڪوشش ڪئي پر مولوي صاحب پڪو جمهوري ماڻهو هئو. پنهنجي راءِ تان نہ

(1) ڪراچي هاءِ ڪوٽ بار ايسوسي ايشن کي خطاب. 15 جنوري 1959ع
(2) ايوب خان، فرينڊس، ناٽ ماسٽرس، ص 204

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئيو. نورالامين بہ صدارتي نظام ۽ مضبوط مرڪز جو مخالف هئو پر ايوب خان کي پنهنجي راءِ تي اٽل ڏسي ماٺ ڪري ويهي رهيو.

ايوب خان جي ارادن کان ماڻهو ڪيتريقدر واقف ٿي چڪا هئا، تن جو تعداد تمام گهٽ هئو. هن ڪري تہ ايوب خان انتظام ئي اهڙو ڪري رکيو هئو. چاڪاڻ تہ اقتدار هن جو قطعي مقصد هئو. تنهنڪري جڏهن آئين ٺاهڻ جو خيال آيس تڏهن هن "آئين ساز اسيمبلي" چونڊائڻ جو وهم ئي ڪونہ پاليو. هن نٿي چاهيو تہ وري سياستدان اچن ۽ اچي اهڙو آئين جوڙين جيڪو کيس اقتدار جي صندليءَ تان هٽائي ڇڏي يا غلام محمد جي ڏينهن واري اسيمبلي وانگيان صدر جا اختيار کسي وٺي. انهيءَ جي بدران هن آئيني ڪميشن مقرر ڪئي جنهن جو سربراهہ جسٽس شهاب الدين مقرر ڪري کيس ڏهہ ميمبر (پنج ميمبر هر صوبي مان) ڏنا جن ۾ قانون دان، رٽائرڊ جج، صنعتڪار ۽ زميندار شامل هئا.

ڪميشن جي سربراهہ ۽ اراڪين ڪنهن آئيني ڍانچي جي غير موجودگي ۾ ان ڪميشن کي ئي هن خيال کان نعمت سمجهيو تہ آئين ساز اسيمبليءَ جو ڪردار هو ادا ڪري، قوم جو قرض ادا ڪري سگهندا. تنهنڪري جيئن ئي ڪميشن جو اعلان ٿيو. سڀ هڪ مقدس فرض وانگيان ڪم کي جنبي ويا. تڪڙا تڪڙا اجلاس ٿيڻ لڳا، ميمبر پاڪستان جي سياسي حالتن، معاشي ۽ تاريخي پس منظر جو اڀياس ڪرڻ لڳا. گڏوگڏ پنهنجي پيل ملڪن جي حالتن جو مطالعو بہ ڪرڻ لڳا تہ جيئن اهڙو آئيني خاڪو ٺهي سگهي جيڪو جمهوريت جي اصولن کي بہ زنده سلامت رکي ماڻهن جي حقن جي بہ ضمانت ڏيئي سگهي تہ پاڪستان جي مخصوص جاگرافيائي ۽ معاشي حالتن ۾ قابل عمل بہ هجي. پر ڪميشن انهيءَ ماٺ ميٺ ۾ هن اصول کي آڏو رکيو تہ ملڪ ۾ بنيادي حق راءِ دهي کي بحال ٿي نہ ڪيو ويندو پر ان کي برقرار بہ رکيو ويندو. بهرحال، ابتدائي مرحلن تي اهو لاڙو نہ ظاهر ٿيو ۽ نہ وري ڪميشن جي ميمبرن ئي ان جو اظهار ڪيو هئو.

ڪميشن، سيني کان پهرين ملڪ جي سمورن ڏاهن ڏانهن هڪ ڏگهو سوالنامو موڪليو ۽ کين گذارش ڪئي تہ هو پنهنجا رايا لکت ۾ ڪميشن کي موڪلين. انهيءَ سان گڏوگڏ ڪميشن جي ميمبرن پوري ملڪ جو دورو ڪيو ۽ قانون جي ڄاڻن خاص ڪري آئيني ڄاڻڪارن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دانشورن ۽ تعليمي ماهرن سان ملاقاتون ڪيون ۽ مختلف مسئلن ۽ ملڪ جي مستقبل جي آئيني ۽ سياسي ڍانچي تي ويچارن جي ڏي وٺ ڪئي. ڪميشن جي سوالنامي ۾ ڀيا گهڻئي سوال هئا پر هڪ قابل ذڪر نڪتو هئو جنهن مان ڪميشن انهيءَ تي زور پرڻ ٿي چاهيو ته ملڪ ۾ پارليماني جمهوريت ناڪام ويئي آهي ۽ هاڻي ڏاهن کي سوالنامي ۾ ارڻ لکيي نموني ۾ اهو اشارو ڏنو پئي ويو ته صدارتي نظام ئي ملڪ لاءِ بهتر آهي ۽ ڪميشن کي ڀڏايو وجي ته انهيءَ کي ڪهڙي انداز سان بهتر ۽ موثر بنائي سگهجي ٿو. هن جو ڪارڻ صاف سمجهه ۾ اچي رهيو هئو ته ڪميشن جا رڪن ايوب خان جي تقريرن ۽ واشگاف لفظن ۾ پارليماني جمهوريت کي نندي چڪو هئو تنهنڪري ڪميشن جا ميمبر انهيءَ ڪوشش ۾ هئا ته صدارتي نظام ۾ ئي ماڻهن جي حقن جو وڌ ۾ وڌ تحفظ ڪري سگهجي ٿو.

ڪميشن جا ميمبر ڏاڍي آزمائش ۾ هئا. بهرحال انهيءَ تلوار جي پل تان اڪرڻو هئڻ ۽ ماڻهن جي حقن جي به ڳالهه ڪرڻي هئي. جن حالتن ۾ ڪميشن ناهي ويئي هئي خاص ڪري هن جي لاءِ جيڪي Terms of referenee ڏنا ويا هئا تن ۾ رهي 6 مئي 1961ع تي 178 صفحن جي رپورٽ ۾ هن جيڪي سفارشون ڪيون، سي ايوب خان جي تصورجي ويجهو ته هيون پر بلڪل نهڪيون به ڪونه ٿي. اهي هيون:

1) پاڪستان ۾ هڪ اهڙي حڪومت هجي جنهن ۾ سمورا اختيار هڪ ماڻهو وٽ هجن، جيڪو هڪ آزاد مقننه جي ذريعي محتاط حدود دائري اندر ڪم ڪري ۽ مقننه جا ميمبر، پنهنجي ذاتي سياسي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ انتظاميه ۾ مداخلت نه ڪن.

2) هڪ مضبوط مرڪزي quasi-federal structure هجي.

3) اهو دليل ته مرڪز وٽ دفاع، خارجه پاليسي ۽ ڪرنسي ڇڏي باقي سمورا اختيار صوبن وٽ هجن، ناقابل عمل آهي.

4) ملڪ ۾ ٻه ايواني مقننه هجي، هڪ نائب صدر هجي. صدر هڪ صوبي مان هجي ته نائب صدر ٻي صوبي مان چونڊجي. مقننه، صدر ۽ نائب صدر جون چونڊون سڌي ووٽ ذريعي ٿين مگر ووٽ جو حق صرف پڙهيل ماڻهن کي هجي ۽ انهن کي هجي جيڪي ڪجهه سرنديءَ ورا هجن.

5) چونڊون جداگانہ بنيادن تي ٿين،
6) صدر کي ڪنهن حد تائين ويٽو جو اختيار هجي،
7) صدر ۽ مقننہ جي وچ ۾ ڪنهن ڳالهہ تي اختلاف هئڻ جي صورت ۾ معاملو وري ماڻهن جي راءِ تي ڇڏيو وڃي،
8) صدر جا ڪجهہ اختيار نائب صدر جي سپرد ڪيا وڃن ۽ هو چونڊن ۾ امريڪي نظام وانگيان Running mate هجي.
9) صدر، گورنرن، وزيرن، چيف جسٽس ۽ اعليٰ عدالتن جي ججن تي آئين جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جي الزام هيٺ مقدمو هلائي سگهجي ٿو ۽
10) آئين ۾ ترميم ڪري سگهجي ٿي، بلڪ ان سان صوبن جي گهاڙيٽي کي بہ بدلائي سگهجي ٿو.

ڪميشن، پنهنجي آئيني ڍانچي ۽ تجويز ڪيل حڪومتي نظام لاءِ ڪئين دليل ڏنا ۽ دنيا ۾ مختلف نظامن جا مثال ڏنا.

آئيني سفارشون، هڪ مختصر تقريب ۾ صدر کي پيش ڪيون ويون ۽ ان جي سفارشن يا متن کي جاري نہ ڪيو ويو البتہ انهيءَ خبر کي ڏاڍي تشهير ڏني ويئي تہ آئيني ڪميشن، مقرره وقت اندر ڏاڍي محنت سان سفارشون تيار ڪري حڪومت کي پيش ڪيون آهن.

هاڻي هن کي قبولڻ ۽ رد ڪرڻ جو دارو مدار ايوب خان جي ذاتي پسند ۽ ناپسند تي هئو ڇاڪاڻ تہ آئيني تجويزون پڌريون ٿيون ئي ڪونہ هيون تنهنڪري اخبارون انهيءَ تي ڪو تبصرو ڪري نہ سگهيون ۽ نہ وري سياستدانن کي ٽيڪاٽپڻي جو ڪو موقعو مليو. انهن تجويزن ۾ ڇا هئو تنهن جو علم صرف ڪميشن جي ميمبرن کي هئو يا وري ايوب خان کي. پر جيئن بعد ۾ ظاهر ٿيو، ڪميشن کي اهو ڊپ هئو تہ جڏهن صدر، آئين ۽ مملڪت ٻنهي جو سربراهہ ٿي وڃي تہ هو ملڪ تي آمريت مڙهي سگهي ٿو تنهنڪري هن لفظ استحڪام جو ڏاڍو سهارو ورتو ۽ سفارش ڪئي:

"اهو صحيح آهي تہ اسان کي استحڪام جي ضرورت آهي. پر جنهن استحڪام جي اسان کي ضرورت آهي سا هڪ نمائنده حڪومت جي آهي ۽ نہ آمريت جي. جنهن جو اسان ذڪر ڪيو آهي تہ اها اسان جي گهرجن مطابق نہ هوندي. اقتدار جي اصل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مالڪن (عوام) جي پاران بااقتدار ماڻهن جو ڪنٽرول ڪرڻ ۽ هنن جو استحصاب ڪرڻ ٿي هڪ نمائنده حڪومت جي ضروري ضمانت آهي."

ڪميشن، ٻين ڪيترين ڳالهين ۾ به پاڻ کي آزاد رکيو يا رکڻ جي ڪوشش ڪئي پر ايوب خان کي متئين سفارش بنهه نه وڻي. ايوب خان ته اقتدار ۾ رهڻ آيو هئو، آئيني ڪميشن ته هن هڪ سفارش ۾ ئي هن کي اقتدار جي مسند تان لاهڻ جي سفارش ڪري ڇڏي هئي. انهيءَ ڪانسواءِ ڪميشن ٻي جيڪا اهم سفارش ڪئي هئي تنهن ۾ شهري جي بنيادي حقن کي تسليم ڪيو ويو هئو جيئن1956ع واري آئين ۾ ڪيو ويو هئو.

جن کي ايوب خان جي نفسيات، خواهشن ۽ سياسي امنگن جي ڄاڻ هئي، تن کي اها به خبر هئي ته هو اهي سفارشون قبول نه ڪندو ۽ ائين ئي ٿيو. هن اهي تجويزون وني سيراندي کان رکي ڇڏيون ۽ جڏهن موقعو ملندو هئس، اهي پڙهي وري پوتي وانگيان ويڙهي رکي ڇڏيندو هئو. ۽ انهيءَ سان گڏ هن پاڻ آئين ناهڻ شروع ڪري ڏنو. پاڪستان جي تاريخ جو الميو ڏسو ته جنهن ماڻهو سڄي ڄمار فوجي تنظيم جي سخت اصول، نظم و ضبط ۾ گذاري، سو رات جي پيٽ ۾ آئيني ماهر ٿي نه ٿي ويو بلڪ ججن جي تيار ڪيل آئيني رٿن کي رد ڪري پاڻ هڪ نئين آئين جو مصنف ٿي ويٺو.

هن منظور قادر، شريف الدين پيرزادي ۽ چند سرڪاري آفيسرن کي ساڻ ڪري انهيءَ ڪم کي شروع ڪيو. هر وقت انهيءَ ڌن ۾ رهندو هئو ته ڪهڙي طرح سندن خيالن کي قانون جي ٻولي ڏيئي آئين ۾ وجهي ۽ اهي تجويزون ڪيس قانون، آئين، پارليامينٽ ۽ اختيارن جو مالڪ بنائي ڇڏين. تقريباً روزانه ايوان صدر ۾ ايوب پنهنجن "آئيني ڏاهن" کي وني وهندو هئو. پهريائين ڪين ڊگها ليڪچر ڏيندو هئو ۽ پوءِ پاڪستان جي آئيني ضرورتن تي پنهنجا "افڪار" ظاهر ڪندو هئو ۽ اهي خوشامدي ماهر انهن افڪارکي قانوني شڪن جي ٻولي ڏيندا ويندا هئا. ائين مهينن جي ڊگهي مشق کان پوءِ ايوب خان جو آئين تيار ٿي ويو، جيڪو آئين ڪانسواءِ ٻيو سڀ ڪجهه هئو، بلڪ ڪن هنڌن ته مضحڪ خيز هئو. جيئن انديشو هئو، ايوب خان جو آئين انهن سڀني ڳالهين جو مجموعو

هئو جيڪو (ا) سندس اقتدار کي ڊيگهه ڏيئي (ب) کيس مطلق العنان اختيارن جو مالڪ بنائي (ج) جيستائين پاڻ نه هٽي تيستائين ڪا اسيمبلي کيس هٽائڻ جي جرات نه ڪري سگهي ۽ (د) سموريون اسيمبليون، عوام جي بدران صدر آڏو جوابده هجن.

ايوب خان چو ڪميشن جون سفارشون رد ڪيون، تن جو ٿلهي ليکي ڪارڻ ته اهو آهي ته ڪميشن جي ماهرين ان ۾ نظام رکڻ واري ايوب خان جي خواهش کي آڏو رکي بنايو ته ضرور هئو پر ان ۾ جمهوريت جو به پاس رکيو هئو ۽ ان ۾ جتي مرڪز کي مضبوط رکڻ لاءِ وفاقي حڪومت کي گهڻا اختيار ڏنا هئا، اتي صوبن کي به اختيارن جو مالڪ بنايو هئو. ليڪن انهن سفارشن ۾ سيني کان چيندڙ ڳالهه هئي صدر سان گڏ نائب صدر جي چونڊ، ڪجهه صدارتي اختيارين جي نائب صدر ڏانهن منتقلي ۽ صدر، گورنرن ۽ چيف جسٽس خلاف قانوني چاره جوئي ۽ عدم اعتماد جي تحريڪ. انهن شقن گويا ايوب خان جي سموري وجود کي للڪاري وڌو. کيس معلوم ٿي ڪونه هئو ته آئين، ماڻهن کي اهو اختيار ڏيئي سگهي ٿو ته هو کيس عام عدالت جي ڪٽهڙي ۾ بهاري ڪانئس آڏي پڇا ڪن يا آئين جي خلاف ورزي ڪرڻ جي الزام ۾ جواب طلبي ڪن. هن جي ته تصور ۾ ئي ڪونه ٿي آيو ته ڪنهن اهڙي آئين هيٺ هو صدارتي مسند تي جان افروزي سگهي.

1940ع واري ٺهراءُ مطابق، مرڪز وٽ صرف ٽي کاتا ـ دفاع، ڪرنسي ۽ خارجه پاليسي رهن. تنهن کي ته ڪميشنن اڳوات ئي رد ڪري.[1] ايوب خان واري مضبوط مرڪز جي تصور کي هٽي ڏني. پر ايوب خان کي سڀ کان وڏيڪ چڙ ٻن ايوانن واري قانون سان پارليامينٽ ۽ نائب صدر جي انتخاب تي هئي. انهيءَ لاءِ هن وٽ صرف اهو دليل هئو ته پاڪستان جهڙو ملڪ اهڙي عياشي برداشت نٿو ڪري سگهي. اهڙيءَ طرح سڌي چونڊ جو سرشتو به هن اهو چئي رد ڪري ڇڏيو ته انهيءَ لاءِ ماڻهن ۾ اجا شعور پيدا نه ٿيو آهي نه وري ماڻهو ايترو پڙهيل آهن جو هو سڌي طرح ووٽ ڏيئي هيڏي وڏي عهدي لاءِ صدر جي چونڊ ڪري سگهن.

---

(1) ڪميشن راءِ ڏني ته قيام پاڪستان جي صوبن جي جوڙجڪ 1940ع واري ٺهراءُ جي مطابق ڪان ٿي تنهنڪري موجوده حالتن جي پيش نظر مضبوط مرڪز ڪانسواءِ انهيءَ ٺهراءُ ۾ ڄاڻايل صوبائي اختيار، صوبن جي حوالي نٿا ڪري سگهجن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

البت هن ڪميشن جي هن راءِ کي ڪنهن حد تائين تسليم ڪري ورتو ته پڙهيل ماڻهن جي هڪ سطح مقرر ڪجي يا وري معقول آمدني وارن ماڻهن کي سڌي چونڊ ڪرڻ جو حق ڏجي. پر اهو به هيئن چئي رد ڪري ڇڏيو ته جيڪڏهن اهو اصول قبول ڪجي ته پوءِ اسي هزار بنيادي جمهوريت جا رڪن انهيءَ سڌي چونڊ جا وڌيڪ اهل آهن ڇاڪاڻ ته اهي عام ماڻهن جي سڌي ووٽ سان چونڊجي آيل آهن ۽ اهي معاشري جا باشعور نمائندا ليکجن ٿا تنهنڪري اهي بخوبي انتخابي اداري جو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.

ٻن وڌيڪ ڳالهين، ايوب خان کي سخت چيڙائي وڌو. اهي هيون عدم اعتماد جي تحريڪ ۽ ون يونٽ. عدم اعتماد جي تحريڪ بابت، ڪميشن دنيا جي عام اصولن وانگيان هيءَ تجويز ڏني هئي ته ٻه ٽياڱي تي اڪثريت سان صدر کي هٽائي مٿس قانوني چاره جوئي ڪري پئي سگهجي. اهڙيءَ طرح آئين ۾ ترميم لاءِ به ساڳيو اصول آڏو رکيو هئو. پر ايوب خان انهيءَ جو تصور به نٿي ڪري سگهيو. ۽ جڏهن ايوب خان پنهنجو ناهيل آئين نافذ ڪيو ته انهيءَ ۾ عدم اعتماد جي تحريڪ يا Impeachment جي شق کي اهڙو ڏکيو بنايو ويو جو اهڙي تحريڪ آڻڻ تقريبا ناممڪن هئي.

اهڙيءَ طرح ون يونٽ ٽوڙڻ واري ڪوشش بابت به آئيني ڪميشن ڪنهن عام آئيني ترميم وارو طريقو ڏسيو هئو پر ايوب خان انهيءَ کي هرگز قبولڻ وارو ڪونه هئو ڇاڪاڻ ته هوئي ان اسڪيم جو خالق هئو. تنهن پنهنجي آئين ۾ اها شق وڌي ته جيستائين واسطيدار صوبو (اولهه پاڪستان) ٻه ٽياڱي تي اڪثريت سان ٺهراءُ پاس نه ڪندو، تيستائين قومي اسيمبلي انهيءَ تجويز تي غور نه ڪندي.

اوڀر پاڪستان، آبادي ۾ اولهه پاڪستان کان گهڻو هئو ۽ هڪ ماڻهو هڪ ووٽ جي صورت ۾ اوڀر پاڪستان اقتدار سنڀالي ٿي سگهيو تنهنڪري ايوب خان اهڙي امڪان کي ئي ختم ڪري ڇڏيو ۽ آئين ۾ برابري جي نالي ۾ اوڀر پاڪستان جي اڪثريت کي اقليت ۾ بدلائي ڇڏيو ۽ قومي اسيمبلي ۾ ٻنهي صوبن جا هڪجيترا ميمبر رکيا.

ايوب خان ڇاڪاڻ ته هڪ ڊگهي پروگرام تي نظر رکيو وينو هئو. تنهنڪري ڪنهن به مرحلي تي اهڙي آئين تي صحيح ڪرڻ لاءِ تيار نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئو جنهن ۾ هو اسيمبلي جي ميمبرن آڏو جوابده تي رهجي وڃي. هن تہ سمورا اختيار پنهنجي هٿ ۾ رکڻ تي گهريا. قانون ۾ آئين کان بالادست تي رهڻ گهريو تي. انهيءَ باري ۾ هن ڪا ڳالهہ مخفي ڪانہ رکي. لکي ٿو:

"آءٌ پنهنجي ايياس کان پوءِ هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ پاڪستان کي هڪ اهڙي مضبوط حڪومت جي ضرورت آهي جنهن جا فيصلا عام ماڻهن کي نہ وڻن پر ملڪ جي سلامتي، اتحاد، خاص ڪري ترقي لاءِ ضروري هجن. اسان ڪنهن اهڙي نظام جي عياشي برداشت نٿا ڪري سگهون جيڪا حڪومت جي وجود کي پريشر گروپن جي هٿن ۾ يرغمال ۾ رانديڪو بنائي رکي. هن ڳالهہ تي آءٌ ڪنهن بہ قسم جو ناهہ ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ آهيان."[1]

جسٽس شهاب الدين ۽ سندس ساٿين کي ڪهڙي خبر تہ سندن تيار ڪيل آئيني تجويزن جو ڪهڙو حشر ٿيندو. ايوب خان، انهن سفارشن مان صرف هڪ سفارش ـ صدارتي نظام واري قبول ڪئي باقي تقريباً سموريون شقون پنهنجي مرضي ۽ ضرورت مطابق ٻيهر لکيون جنهن ۾ سندس حاشيہ بردار ۽ جي حضوري شامل رهيا. اها سموري مشق اڪتوبر 1961ع ڌاري مڪمل ٿي ويئي هئي ۽ هاڻي ڪنهن بہ وقت نئين آئين جو اعلان ٿي سگهيو ٿي.

پهرين مارچ 1962ع تي ايوب خان نئين آئين جو اعلان ڪيو. جنهن ڏينهن اعلان ٿيو تنهن تي پوري ملڪ ۾ ملڪ سان ڳانڍاپيل ملڪن مان گهڻا اخباري عيوضي پاڪستان پهچي ويا هئا. پر سڀ کان گهڻو انتظار آئيني ڪميشن جي سربراهہ جسٽس شهاب الدين ۽ سندس ڏهن ميمبرن کي هئو ڇاڪاڻ تہ رپورٽ پيش ڪرڻ کان هڪ سال پوءِ تائين ايوان صدر طرفان ساڻن ڪو رابطو ڪونہ هئو. پر جيئن ئي ايوب خان آئين جو اعلان ڪيو تہ جسٽس شهاب الدين ان کي پنهنجن سفارشن جي ابتڙ نظر آيو. هن فوراً هڪ اخباري بيان جاري ڪيو جيڪو ايوب خان جي آمرانہ محڪمہ اطلاعات ۽ ٻين انتظامي ادارن ڇپجڻ کان روڪي ڇڏيو ۽ جسٽس شهاب اهو بيان بعد ۾ پنهنجي ڪتاب Reflections and recollections ۾ شامل ڪري حقيقت واضح ڪئي.

(1) ايوب خان ص 213

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاڪاڻ تہ آئين جي اعلان ٿيڻ وقت "سرڪاري ترجمان" پڌرو ڪيو هئو. تہ آئين، آئيني ڪميشن جي سفارشن جي مطابق ٺاهيو ويو آهي جڏهن تہ حقيقت بنهہ انهيءَ جي ابتڙ هئي.

"اِهَ هن حقيقت تي زور ڏيڻ گهران ٿو تہ اسان جي سفارشن ۽ موجوده آئين ۾ بنيادي فرق آهن. انهيءَ حد تائين جو اسان جي سفارشن جي مٿاڇري پڙهائي سان بہ اها حقيقت معلوم ٿي ويندي. اسان سفارش ڪئي تہ هڪ مڪمل جمهوري صدارتي نظام حڪومت قائم ڪئي وڃي ۽ اسان (بدعنوانين) کي روڪڻ لاءِ موثر طريقا ڄاڻايا، جيڪي موجوده آئين ۾ موجود ڪونهن." (1)

انهيءَ وچ ۾ هڪ نئين ڳالهہ اپري. ايوب خان جي فوجي ساٿين کي خبر پئجي ويئي هئي تہ آئين جو مسودو تيار هئو جنهن جو اعلان ڪنهن وقت بہ ٿيڻ وارو هئو. جنهن جي معنيٰ تہ مارشل لا جو ڪچڻ. اها ڳالهہ ايوب خان جي ساٿين کي ڏکي لڳي ۽ هو انهيءَ لاءِ تيار ڪونہ هئا، چاڪاڻ تہ هنن چاهيو ٿي تہ اڃا ڪجهہ عرصو مارشل لا هلي. انهيءَ جا ڪهڙا ڪارڻ هئا تنهن تفصيل ۾ وڃڻ اجايو آهي بلڪ اها ڳالهہ هنن ايوب خان تي واضح ڪري ڇڏي هئي تہ هو مارشل لا جي جلدي کڄڻ جا مخالف آهن. جرنيلن هڪ ميٽنگ ڪري ايوب خان تي پنهنجي لاءِ واضح ڪري ڇڏي هئي. انهيءَ ڪري ايوب خان پنهنجي آئين جي اعلان کي ڇهن مهينن تائين ملتوي ڪندو آيو. نيٺ فيبروري 1962ع ۾ هن فيصلو ڪيو تہ پهرين مارچ 1962ع تي هو آئين کي نافذ ڪري، مارشل لا کڻي ڇڏيندو.

پهرين مارچ 1962ع تي ايوب خان نئين آئين جو اعلان ڪيو جنهن جي معنيٰ اها هئي تہ مارشل لا بہ گڏ کڄڻ گهرجي ها پر، ايوب خان ايترو دٻاءَ جو شڪار هئو جو هن هڪ طرفو فيصلو ڪرڻ نٿي گهريو. بلڪ ريڊيو تي آئين جي خاڪي جي اعلان کان پوءِ پريس ڪانفرنس ۾ عجيب و غريب مونجهاري جوشڪار هئو جنهن ڪري اخبار وارن سان بہ چپقلش ٿي پيس بلڪ هڪ هنڌ وات مان غلط رمارڪس بہ نڪري ويس. سندس انهيءَ ڪيفيت ۽ پريس ڪانفرنس جي روداد ايوب خان

(1) مشتاق احمد. ڊان، ڪراچي، 15 فيبروري 1985ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سيڪريٽري تمام دلچسپ پيرائي ۾ بيان ڪئي آهي.

”پريس ڪانفرنس شروع ٿيڻ کان اڳ اخباري بيان جو جيڪو متن اخبار وارن ۾ ورهايو ويو تنهن ۾ اهو ڄاڻايو ويو هئو تنهن ۾ ايوب خان عبوري دور ٻه سال مقرر ڪيو هئو. انهيءَ تي ڪابينه جي ڪجهه وزيرن کي اهو اونو اچي ٿيو ته صدر جي چوڻ جي معنيٰ ته هنن جو ٻه عبوري عرصو ٻه سال ٿي ويندو تنهنڪري ايوب خان تي دٻاءُ وجهڻ شروع ڪيائون ته اهو عرصو وڌائي پنج سال ڪري...... انهيءَ نڪتي تي جي ايڇ ڪيو جي جرنيلن ۽ ڪابينه جي ٿاڦيل وزيرن ۾ پوري همخيالي هئي. پر ايوب خان پنهنجن خير خواهه وزيرن جو حال ڄاڻي ويو تنهنڪري هو انهيءَ تي ضد ڪري بيٺو ته هو ٻن سالن کانپوءِ صدارتي چونڊون ڪرائيندو ۽ ڪنهن جي به ڪانه ٻڌائين. پريس ڪانفرنس کان ٿورو اڳ وزير ماڪيءَ جي مکين وانگيان ايوب خان جي چوڌاري ڦرندا رهيا. ايوب خان کين دڙ ڪاٻه ڏنا پر هو صاحب به پنهنجي ضد تي قائم رهيا. ايستائين جو هو جڏهن دربار هال جي طرف پريس ڪانفرنس لاءِ وڃي رهيو هئو ته هڪ وزير گوڏا کوڙي سندس رستو روڪي ڇڏيو ۽ هٿ ٻڌي منٿ ڪيائين ته سر، خدا جي لاءِ هي مدت ڪجهه ته وڌايو.“

”چڱو، چڱو بابا، ته ايوب ڪاوڙجي چيس، ”هي مدت ٻن سالن مان وڌائي ٽي سال ڪري ڇڏيندس.“

”اهو ٻڌي مون ايوب خان کي چيو، ” سر، آئين جي ڪاپي جيڪا اسان اخبارن وارن ۾ ورهائي چڪا آهيون تنهن ۾ ته هي عرصو ٻن سالن جو رکيل آهي. اوهان ان کي اوچتو وڌائي ٽي سال ڪري ڇو اجائي پريشاني ٿا پيدا ڪريو.“

صدر ايوب، ڪاوڙجي مون ڏانهن ڏٺو ۽ چيائين، ”بس بس! هاڻي تون به وڏيڪ مون کي نروس نه ڪر. آءُ پاڻهي صورت حال کي سنڀالي وٺندس.“

انهيءَ ڪشمڪش کانپوءِ صدر ايوب پريس ڪانفرنس ۾ پهتو ته هن جو موڊ ڪافي خراب هئو. دربار هال ۾ هن نئين آئين بابت پنهنجو بيان اهڙي ڪاوڙ ۾ پڙهيو، جڻڪ جنگ جي محاذ تي ويهي دشمن تي گولا وسائي رهيو هجي. جڏهن هن اعلان ڪيو ته هو ٽن سالن کان پوءِ نئين سر چونڊ وڙهندو ته هڪ صاحب ٽوڪيندي پڇيو، ”سر، آئين جو جيڪو

ڊرافٽ اسان کي مليو آهي ان ۾ ته اها مدت ٻه سال آهي."

"ان کي اوهان وساري ڇڏيو"، صدر ايوب چڙ ۾ چيو. "جڏهن آءُ ٽي سال چوان ٿو ته اهو ٽي سال ئي هوندو."

هڪ ٻئي ايڊيٽر ڪجهه ٿوڪ واري انداز ۾ چيو. "سر ڇا نئين آئين ۾ به اسان ڀرين ترميم سمجهون؟"

هي ٻڌي ايوب خان جو مٿو ڦري ويو. هن ڪاوڙ ۾ آئيني ترميم جي لفظ تي سخت لفظ استعمال ڪيا. هيءُ لفظ سخت ئي ڪونه هئا پر هڪ ٻه لفظ غير مهذب ۽ فحش به هئا جن جو استعمال پري محفل ۾ بيحد ناموزون هئا خاص ڪري جتي هڪ خاتون صحافي به موجود هئي. جيئن ئي صدر ايوب جي نظر اوپر پاڪستان جي هن خاتون صحافي تي پئي ته هو ڏاڍو ڦڪو ٿيو ۽ انتهائي بيوسيءَ ۾ پٽ پٽ ڪري چوڻ لڳو "حماقت تي ويئي. هاڻي ڇا ٿيندو؟"

ان کان پوءِ صدر ايوب ڪي قدر پاڻ کي سنڀاليو ۽ اخبار وارن جي سوالن جا جواب ڏيڻ لڳو پر وري جڏهن بنگالي اخبار سنگباد جي ايڊيٽر ظهور چوڌري سوال پڇيو ته ڇا اخبارن کي آئين تي آزادانه تنقيد ڪرڻ جي اجازت هوندي، ته صدر جو پارو وري چڙهي ويو. انهيءَ ڏينهن پريس ڪانفرنس ۾ سندس پارو هيٺ مٿي ٿيندو رهيو. منهنجي تجربي ۾ هن پريس ڪانفرنس ۾ ايوب خان جي ڪارڪردگي انتهائي درجي جي هلڪي، گهٽ، اڻپوري ۽ ڪمزور هئي."[1]

اهو ڏينهن، ايوب خان جي زندگيءَ جو تمام پريشان ڏينهن ثابت گذريو. پر واپسي تي هن ايوان صدر ۾ پنهنجي خوشامدي ٽولي سان سموري رواداد تي وري ڳالهايو جن کيس اهو يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي ته سندس پرفارمنس تمام نيڪ هئي بلڪ هي پڪ به ڏياري ته سابق سياستدان به هن جي تعريف ڪرڻ کانسواءِ رهي ڪونه سگهندا.

ايوب خان کي هنن جي راءِ ڪيئن لڳي، تنهن جو اندازو ڪرڻ مشڪل ڪونهي پر سچ هيءُ آهي ته انهيءَ ڏينهن هو پاڻ کي خوش نصيب شخص تصور ڪري رهيو هئو: هن جو پراڻو خواب پورو ٿي رهيو هئو. هن جي پنهنجي تصور وارو آئين، جنهن ۾ سندس ذاتي حڪمراني جي ضمانت ڏنل هئي.

---

(1) شهاب، ص 876، 77، 78.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 24

# پٽي جي شموليت

جون 1958ع جي هڪ گرم ۽ گھميل ڏينهن جو ذڪر آهي. ايوان صدر ۾ ڪا خاص گھماگھمي ڪانه هئي. شام جو ڪي مهمان اچڻا هئا جن جي خاطر تواضع جي لاءِ معمول مطابق ملازم تياري ۾ هئا. مينو تيار ٿي چڪو هئو ۽ هاڻي ايوان صدر جي ملازمن جو ڪم هئو ته باقي انتظام ڪن. صدر جو پنهنجو اسٽاف پريزيڊنٽ جي آفيس پرسان ڪيترن ئي ڪمرن ۾ موجود هئو.

دستور مطابق، اسڪندر مرزا هڪ بجي منجهند ڌاري پنهنجو ڪم اڪلائي رهائش گاهه واري حصي ڏانهن ويندو هئو. پر ويندي ويندي ڪجهه دير اسٽاف جي ڪنهن ڪمري ۾ هليو ويندو هئو. خاص ڪري پرائيويٽ سيڪريٽري وٽ ضرور ويندو هئو. قدرت الله شهاب، پراڻو آءِ سي ايس آفيسر هئو جنهن کي پاڻ وٽ رکيو هئائين. هو مذهبي قسم جو ماڻهو هئو تنهنڪري دفتري وقت کان پوءِ ايستائين ايوان صدر ۾ رهندو هئو جيستائين ڪم پورو نه ٿئي ۽ ان کان پوءِ جيڪڏهن ڪي وي آءِ پي اچڻ وارا هوندا هئا ته شام جو دير تائين بلڪ رات جو ضيافتن جي پوري ٽيڻ تائين موجود رهندو هئو. قدرت الله جي پنهنجي نجي زندگيءَ هوندي هئي جنهن ڪراچي جي معروف نائيٽ لائيف جو ڪو حصو ڪونه هئو. ايوان صدر ۾ هو ضيافتن ۾ ضرور شريڪ ٿيندو هئو. ان کان وڌيڪ نه. انهيءَ ڏينهن اسڪندر مرزا پنهنجي شيڊيول کانسواءِ قدرت الله شهاب جي ڪمري ۾ وڃي پهچي ويو ۽ پڇيائينس:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تون ذلفي کي سڃاڻين ٿو؟“

”نہ.“ هن وراڻيو.

”ڪمال آهي، تون ذلفي کي ڪونہ ٿو سڃاڻين. ڏاڍو سمارٽ ڇوڪرو آهي. اڄ ڪلهہ هن ڪري ڪراچي جي نائيٽ لائيف ۾ ڏاڍي رونق آهي.“

ٻن ٽن جملن جي ڏي وٺ کان پوءِ اسڪندر مرزا، شهاب کي چيو تہ هو کيس ڳولي ۽ سڏي. کيس هي بہ ٻڌايائين تہ ذلفي ڏاڍو ذهين آهي. امير ڪبير گهرائي جو سپوت آهي. ڪتابن جو ڏاڍو شوقين آهي. هن کي پريزيڊنٽ لائبرري استعمال ڪرڻ جي آرزو آهي. هن کي ڳولي سڏراءِ.“

شهاب کي ذلفي ڳولهڻ ۾ ڪا ڪليف ڪانہ ٿي ۽ ڪجهہ ڏينهن ۾ هو ايوان صدر جي لائبرري ۾ اچڻ لڳو ۽ تقريبا سمورا ڪتاب اٿلائي پٿلائي ڇڏيائين، بلڪ انهن مان ڪيترن جا نوٽس بہ تيار ڪيائين.

هڪ ڏينهن جيئن هو ڪنهن ڪتاب مان نوٽس ٽائيپ ڪرائي رهيو هئو تہ اسڪندر مرزا پنهنجي معمول مطابق اچي نڪتو، سو کيس ڏسي چيائين:

”ذلفي، ڪيئن آهي؟“ ۽ پوءِ ٿوري ساعت رکي چيائينس: ”ذلفي تنهنجي لاءِ هڪ سٺي خبر آهي. توکي اقوام متحده ۾ وينڊز وفد ۾ شامل ڪيو ويو آهي.“

اسڪندر مرزا اهو چئي هليو ويو ۽ ذلفي خوشيءَ ۾ ڦيريون پائي، قدرت الله کي چوڻ لڳو، ”هاڻي ڏس! آءُ ڪيئن ٿو ڊوڙ لڳايان. منهنجي منزل تہ وزارت خارجہ آهي.“

ذلفي، اقوام متحده ويو ۽ ڊوڙ لڳايائين. بعد ۾ اهو ساڳيو سمارٽ ڇوڪرو، اسڪندر مرزا جي ڪابينہ ۾ وزير ٿيو، ايوب خان جي ڪابينہ ۾ وزير بڻيو، وزير اعظم ٿيو ۽ پاڪستان جي سياست جي تاريخ ۾ اڻمٽ نقش ڇڏي ويو.

ڀٽو، اقوام متحده مان موٽي آيو ۽ سڀني اخبارن کي فون ڪري پنهنجي ڪيل تقرير جا ٽڪرا ٻڌائي کين چئي رهيو هئو تہ اهي ٽڪرا ڇاپيا وڃن.

ڀٽي جي شخصيت ۾ جيڪا ولولہ انگيزي هئي، تنهن اخبار وارن کي بہ موهي وڌو ۽ سندس فرمائش مطابق اخبارن اهي ٽڪرا ڇاپيا. اتان

ئي ڀٽي جي سياسي زندگي جو آغاز ٿيو.

چوٿين اڪٽوبر 1958ع تي شام جو هو. بيگم نصرت ڀٽو سان گڏ ڪراچي جي ريڪس سئينما ۾ ڪا فلم ڏسي رهيو هئو ته سينما جي پردي تي سلائيڊ ڏيکاريو ويو ته مسٽر ڀٽو جتي به هجي، پريزيڊنٽ هائوس سان رابطي ۾ اچي. ڀٽو اڌ مان اٿيو. سڌو پنهنجي گهر 70 ڪلفٽن ويو. اتان پريزيڊنٽ هائوس سان رابطو ٿيو. اطلاع مليو ته ڪيس اسڪندر مرزا وفاقي ڪابينه ۾ وزير طور کڻڻ جو فيصلو ڪيو آهي. خاندان جي مختصر ميٽنگ تي ۽ ٿوريءَ دير ۾ ڀٽي. فيروز خان نون جي انهيءَ ڪابينه ۾ حلف کنيو جنهن ۾ ڪاٽن جي ورهاست تي سهروردي ۽ ٻين جي درميان اختلاف هئا. اهو معاملو اجا هليو پئي ته ستين اڪٽوبر اچي ويئي ۽ ڪهڙيءَ طرح اهو معاملو حل ٿيو ته ساڳيءَ رات جو ايوب خان مارشل لا لڳائي حڪومت جون واڳون سنڀالي ورتيون.

ايوب خان کي ڀٽي جي ذهانت ۽ جاذب نظر شخصيت جي ڄاڻ هئي تنهنڪري هن 28 اڪٽوبر تي جنهن وزارت جو اعلان ڪيو تنهن ۾ ذوالفقار علي ڀٽو به شامل ڪيو ويو ۽ کيس واپار جو شعبو ڏنو ويو. جنهن شخص آزاد فضا ۾ ساهه کنيو هجي ۽ پوءِ پورو سياسي علم برطانيه ۽ امريڪا جهڙن ملڪن ۾ حاصل ڪيو هجي، ان جي لاءِ اهو تصور ڪرڻ ته هو فوجي حڪومت ۾ ڪيئن گذاري سگهندو. ڪجهه قدر ڏکيو آهي پر ڀٽي جي منزل اڳتي هئي. هن ان ماحول ۾ رهي تجربي جي زندگي حاصل ڪرڻ گهري تي ۽ سچ ته پنهنجي ڏاهپ ۽ ذهانت سان ايوب خان جي ويجهو ئي نه ٿي ويو پر هن جو پروسي جوڳو ماڻهو ٿي ويو. پر انهيءَ ۾ ڀٽي پنهنجي آزادي تي ڪا آنچ اچڻ ڪانه ڏني. هو جنهن وزارت جو به سربراهه رهيو، ان کي تمام آزادانه نموني هلايائين. اهوئي ڪارڻ آهي ته هن نيٺ وزير خارجه جو عهدو سنڀاليو جنهن جي تمنا کيس گهٽي عرصي کان هئي.

ڀٽي جي سياست ۾ شموليت، ڪا حادثاتي ڪانه هئي، بلڪ هيئن چوڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو ته هن جي ذهن ۾ ننڍي هوندي کان ئي هڪ اڻ لکو خيال هئو. جنهن کي فطري لاڙو چئي سگهجي ٿو. ان جو ڪارڻ چا هئو، تنهن بابت وثوق سان چئي نٿو سگهجي چاڪاڻ ته ڀٽي پنهنجي اوائلي زندگي جي باري ۾ ڪٿي ڪو نوٽ ڪونه ڇڏيو آهي. البته سندس اٿڻ ويهڻ ۽ دوستن سان ڳالهه ٻولهه مان ايئن لڳي ٿو ته هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي عام ماڻهن جي سماجي حالتن ۽ معاشي بدحالي ڏسي ڏاڍو اونو ٿيندو هئو. غالبا اهائي هڪ حقيقت هئي جنهن سندس دل ۾ اهو خيال پيدا ڪيو تہ هنن حالتن جو ذميدار سياسي نظام آهي ۽ جيڪڏهن معاشي نظام بدلي سگهجي ٿو تہ اهو هڪ مضبوط ۽ انصاف پرئي سياسي نظام سان ٿئي. اها بہ حقيقت آهي تہ اسڪول ۾ پڙهڻ واري زماني ۾ سندس ذهن ۾ سياسي نظرين جا اهي پختا خيال نہ آيا هجن، پر جڏهن ٿورو سمجهہ پريو ٿيو تہ انهن اُڏمن، پڪي خيال ڪي ضرور جنم ڏنو، جيئن اڳتي هلي ظاهر ٿيو.

ڀٽي، سرشاهنواز ڀٽي جي گهر ۾ اک ڀٽي، جيڪو لاڙڪائي جا، پوري سنڌ جي چند وڏن سڪين خاندانن مان هڪ هئو. مشهور هئو تہ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ريل چڙهن اسٽيشنن مان لنگهي ٿي جيڪي ڀٽي خاندان جون آهن. اهڙي خاندان ۾ اک پٽڻ وقت سندس والد سر شاهنواز ڀٽو، جهونا ڳڙهہ جو وزيراعظم هئو تنهنڪري بمبئي ۾ سندن گهر هئو. ڀٽي ۽ سندس خاندان جي ٻين افراد جي ابتدائي پرورش اتي ٿي ٿي.

44_1943ع ڌاري ذوالفقار علي ۽ سندس وڏو ڀاءُ سڪندر علي بمبئي ۾ پڙهيا جتي هو ورلي Warli واري علائقي ۾ رهندا هئا جيڪو علائقو پنهنجو خوبصورتي جي ڪري مشهور هئو. ڀٽو، ڪجهہ عرصو پوني ۾ بہ پڙهيو جتي هاسٽل ۾ رهندو هئو. پوني خان سواءِ ڀٽو، ڪيٿڊرل هاءِ اسڪول بمبئي ۾ بہ پڙهيو ۽ اتي ئي سندس ملاقات ڪيترن دوستن سان ٿي جيڪي پوءِ زندگي جي مختلف شعبن ۾ اهم عهدن تي سرفراز ٿيا.

پڙهڻ ۽ ڪرڪيٽ جي شوق جو هيءُ نوعمر ڇوڪرو ننڍي هوندي کان پاڻ کي مصروف رکندو هئو. مثلاً پڙهڻ ۾ تہ ان تي پورو توجهہ ڏيندو هئو، ڪرڪيٽ کيڏيائين تہ گهڻن ماڻهن جو خيال ٿيو تہ هو ڪرڪيٽر ٿي ويندو. انهيءَ ڪرڪيٽ جي شوق ۾ هن جي ملاقات عمر قريشي سان ٿي جيڪو پوءِ عالمي شهرت يافتہ ڪرڪيٽ ڪمينٽيٽر بنجي ويو. بلڪ هن جي ننڍي هوندي پنهنجي سوٽ احمد خان ڀٽي جي ڌيءَ سان شادي ٿي هئي تہ هن کي چيو ويو تہ "جيڪڏهن تون هتي شادي ڪندين تہ توکي پنهنجي پسند جي ٻئٽ وني ڏيندا سين. پيلو مودي، سندس ٻيو

(1) نصرت ڀٽو انٽرويو، ذوالفقار علي ڀٽو ايڪليڪشنس اينڊ ريميمبر سنسز، 1993ع، ص21)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرو دوست هئو جيڪو بعد ۾ هندستان جو مشهور ماهر تعميرات بڻيو ۽ پيُءَ جي باري ۾ هڪ ڪتاب ذلفي، ماءِ فرينڊ لکيائين. ۽ بقول عمر قريشي، جيڪڏهن پيُءَ سياست ۾ نہ اچي ها تہ اسان ٻئي ڪرڪيٽر ٿي وڃون ها. (1)

طبعاً، پيُءَ هڪ مخصوص خيال ۽ گهاڙيٽي جو ماڻهو هئو. هن جا خيال پٽڪيل نہ، پر ڳوڙها هئا، ائين ٿو لڳي تہ ڪنهن بہ معاملي بابت پنهنجي نتيجي ڪڍڻ يا ڪو خاص نظريو قائم ڪرڻ لاءِ هو ڳوڙهو مطالعو ڪندو هئو ۽ پوءِ جيڪڏهن هن ڪا راءِ قائم ڪري ورتي تہ پوءِ ان کي بدلائڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو هئو. بلڪ، ڪن حالتن ۾ پاڻ سان اختلاف راءِ رکڻ وارن تي اهو واضح ڪري ڇڏيندو هئو تہ ڪيس سندس خيال نٿا وڻن. ڪن حالتن ۾" تہ، عمر قريشي جي مطابق، هو ڇيڙائيندو هئو."

پيُءَ، موافق ۽ نامساعد حالتن ٻنهي ۾ رهڻ سکيو هئو. انگريزن جي آخري زماني ۾ هن شعور جون پهريون منزلون ڏٺيون. هندن جي شاهوڪاري ۽ مسلمانن جي استحصال کي ڏٺو. هن پاڻ تمام سرمائيدار ۽ جاگيردار گهرائي ۾ اک کولي ۽ کيس معلوم هئو تہ مسلمان هارين سان ڪهڙو ويڌن آهي. پر جيڪا تعليم پيُءَ کي ملي تنهن سندس من ۾ سجاڳي جي اهڙي چڻنگ دکائي جو، پيُءَ ننڍي هوندي کان ئي پنهنجي راءِ گهڙڻ ۽ ان تي قائم رکڻ تي هري ويو هئو. هن سياست پڙهي، سياسي تاريخ ۽ عالمي تاريخ پڙهي، قانون جو گهرو مطالعو ڪيو ۽ پوءِ بين الاقوامي قانون جي تاريخ پڙهي. سوشلزم کان وٺي انقلابن جي تاريخن جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو هئو، هن پنهنجي پڙهائي جي ڏينهن ۾ ڪڏهن سياست تي بحث ڪونہ ڪيو، تنهنڪري سندس همعصرن کي سندس سياسي نظرين جي ڪا ڄاڻ تہ ڪانہ پئي سگهي. پر اهو سڀني کي معلوم هئو تہ هر انهيءَ نوجوان وانگيان هئو جيڪو ولولہ انگريزي سان محبت ڪندو هئو ۽ جيڪو هميشہ جدوجهد کي ٻين ڳالهين تي توجہ ڏيندو هئو.

قانون جي پڙهائي کان پوءِ 1953ع ۾ هو ڪراچي آيو ۽ هتي قانون جي پريڪٽس ڪرڻ جي خيال سان ترسيو. سرشاهنواز پيُءَ جي،

(1) عمر قريشي، پيُءَ، ايضاً ص 59)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪراچيءَ جي مشهور قانوندان، بيرسٽر ڏينگومل رامچنداڻي وٽ ڪيس وٺي ويو جنهن ڪيس پنهنجي فرم ۾ پريڪٽس ڪرڻ لاءِ ٻين وڪيلن سان شامل ڪري ڇڏيو. اڍائي سال ڪن، مسٽر رامچنداڻي جي فرم ۾ ڪم ڪيائين پر پوءِ پرياسي ۾ آفيس وٺي آزاد طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين، جيڪو سلسلو 1958ع تائين جاري رهيو جڏهن اسڪندر مرزا، ڪيس سياست ۾ گهلي آيو ۽ سپ ڪان پهريائين هڪ اقوام متحده جي ڪانفرنس ۾ شامل ڪيائين.

اسڪندر مرزا جي وزارت ۾ پٽو ٿورا ڏينهن رهيو ڇاڪاڻ تہ انهيءَ وقت تائين ايوب خان مارشل لا لڳائڻ جو پڪو خيال ڪري چڪو هئو ۽ جڏهن ايوب خان، هڪ رات جو اسڪندر مرزا کي هٽائي پاڻ واڳون سنڀاليون تہ پٽي کي بہ وزير طور شامل ڪري ڇڏيو، جنهن جو وڏو ڪارڻ هي هئو تہ پٽو، ان وقت جي پڪن، پختن سياستدانن مان نہ، پر هڪ نوجوان سياستدان هئو ۽ ايوب خان کي اهڙن ماڻهن جي ضرورت هئي.

پٽو ٿوري عرصي ۾ ايوب خان جو اعتماد حاصل ڪري ورتو ۽ پوءِ جيئن منظور قادر وفات ڪئي تہ پٽي اهو قلمدان سنڀاليو. پٽي کي، ايوب خان جي ڪيترن ئي پاليسين سان اختلاف هئو جنهن جو هن اوڏي مهل اظهار نہ ڪيو هئو ڇاڪاڻ تہ پٽو، انهن حالتن سان رهڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪري رکيو هئو ۽ هو صرف پاڻ موقعي جي انتظار ۾ هئو تہ جيئن پنهنجي مرضي سان نظام بدلائي. ظاهر آهي تہ هيءُ ڏکيو ڪم هئو.

پٽي کي ايوب خان جو بنيادي جمهوريتن وارو سرشتو وٽيو يا ان تي اختلاف هئس، تنهن کان قطع نظر، پٽي جي لاءِ دلچسپ ڳالهہ هيءَ هئي تہ هو حڪومتي نظام ڏسي، ان کي ۽ ان جي رمزن کي سمجهي. پٽي جو سياسي نظريو پنهنجو هئو. هو ڪلئي دماغ جو ماڻهو هئو ۽ سماجي انصاف لاءِ ڪيس ڏاڍو قدر هئو. هن کي برصغير جي سياسي تاريخ ۽ معاشي ماحول جي جاڻ هئي. هن انهن موضوعن تي ڏاڍي معلومات حاصل ڪئي هئي. هو انهن سمورين حالتن کي بدلائڻ چاهيندو هئو پر هن کي اها بہ جاڻ هئي تہ صدين جي ماضي ۾ ڪتل پاڙن واري جاگيرداري نظام کي هو اڪيلو بدلائي نٿي سگهيو ۽ نہ وري هن هڪڙي جي ڪري ملڪ ۾ سياسي نظام بدلجي ويندو تنهنڪري هن اهو فيصلو ڪيو تہ جيستائين هي سياسي سٽاء بدلجي تيستائين ان ۾ رهي پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيثيت سارو ڪردار ادا ڪندو رهي.

1960ع واري رفرنڊم تائين پڻي، پوري ملڪ ۾ پنهنجي حيثيت مڃرائي ورتي هئي، خاص ڪري سنڌ ۾ روايتي سياسي خاندان هن نوجوان جي ذهانت جا معترف ٿي چڪا هئا. چاڪاڻ ته سياسي سرگرمين تي بندش هئي تنهن ڪري ڪليءَ طرح ته هو انهن سان نٿي ملي سگهيو تنهن هوندي به پڻي، سنڌ جي تقريباً سمورن سياسي خاندانن تائين پنهنجي پهچ ڏيکاري ڇڏي هئي. تنهنڪري 1960ع واري رفرنڊم ۾ ايوب خان ڪيس انهيءَ شعبي جو نگران ڪري مقرر ڪيو ۽ ايوب خان ڏٺو ته پڻي انهيءَ کي چڱيءَ پر ادا ڪيو.

1962ع جي چونڊن ۾، سياسي پارٽين تان اڃا بندش ڪانه لٿي هئي ۽ جيڪي چونڊون ٿيو اهي غير سياسي بنيادن تي. پڻي کي اهائي ذميداري ملي. پر هن وقت تائين سياستدان جيڪي ايبڊو جي زد ۾ اچي سڏيءَ طرح حصو نٿي وٺي سگهيا، تن اڻ سڌيءَ طرح پنهنجا ماڻهو بيهاريا. سنڌ ۾ سانگهڙ، حيدرآباد، نواب شاهه تمام نازڪ ۽ سياسي طرح تمام سجاڳ ضلعا هئا پر پڻي سيني کي اهڙيءَ طرح هلايو جو نتيجا سندس مرضي مطابق نڪتا. خود پڻي جي پنهنجي تر لاڙڪاڻي ۾ کهڙي ۽ قاضي فضل الله جهڙا، شڪارپور ۾ سومرن جهڙا سياسي خاندان موجود هئا پر اتي به ڪيس ڪا خاص مشڪل ڪانه ٿي. جنهن جو غالباً هڪ سبب پڻي جي پنهنجي شخصيت هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 25

# گاديءَ جي منتقلي

ايوب خان، پنهنجي پر ۾ پاڻ کي ڏاڍو ڏاهو سمجهندو هئو. ۽ جنهن طريقي مان هو پوري رٿابندي کان پوءِ اقتدار جو مالڪ بڻيو، تنهن ۾ ڪيس اهو سمجهڻ جو پورو حق هئو. ڪيس انگريز حڪمرانن جو اهو سبق ياد هئو ته ملڪ ۾ حڪومت ٻه ڄڻا ڪن ٿا: يعني هڪ تپيدار ۽ ٻيو ڪلرڪ. ٿلهي ليکي انهيءَ جو مطلب آهي ته انتظاميه کي جيڪڏهن تابع ڪري. ڇڏجي ته حڪومت ڪرڻ ۾ ڪا رڪاوٽ ڪانه ايندي ۽ ايوب خان، اقتدار سنڀالڻ جي ٻئي صبح ئي اهو انتظاميه تي واضح ڪري ڇڏيو ته هو سمورين اختيارين جو مالڪ ٿي ويو آهي تنهنڪري هنن کي هاڻي نون حڪمرانن جي حڪم جي اطاعت ڪرڻ پوندي. اهو پيغام ڪافي هئو.

ايوب خان، مسيحا جو جيڪو روپ وٺي آيو هئو، تنهن ۾ گهڻئي ڪردار حصيدار هئا، بهرحال قطعي فيصلي جو اختيار هن پاڻ وٽ رکيو هئو. انهيءَ ڪري هن هر قسم جي سڌاري آڻڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي حڪومت جي پهرين ارڙهن مهينن ۾ ٽيهه ڪميشنون مقرر ڪري، انهن جون سفارشون حاصل ڪري ورتيون پر انهن تي عمل سندس ئي هٿ وس هئو. گهڻي ڪري انهن کي ڪميشنن کي پاڻ کي رهنما اصول ڏئي ڇڏيندو هئو جنهن ڪري سفارشون انهيءَ طرح تيار ٿينديون هيون پر جيڪڏهن ڪنهن ڪميشن پنهنجي آزادانه حيثيت رکڻ چاهي، جيئن آئيني تجويزن جي ڪميشن، ته ان کي ايوب خان تمام سولائي سان overule ڪري ڇڏيو. پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو پهريون ڀيرو آخري دفعو هئو تہ آئين جهڙي بنيادي دستاويز کي ڪنهن هڪ ماڻهو جي ڊڪٽيشن تي ٻن وڪيلن ويهي گهڙيو هجي. بهرحال، اهڙي تاريخ جي وهڪري ۾ جتي سمورا اختيار هڪ ماڻهوءَ وٽ رهجي وڃن تہ، ڪئين اهڙيون غلطيون ٿي ويندڙيون آهن جن جو نتيجو سموري قوم کي ڀوڳڻو پوندو آهي.

آئين جي تياري، ذريعہ تعليم ۽ گاديءَ جو هنڌ منتقل ڪرڻ اهڙا فيصلا هئا جن جو نتيجو پاڪستان جي ايندڙ سمورن نسلن تي پيو ۽ ڪن تاريخي جائزه نگارن آڏو پاڪستان ٽٽڻ جو سبب بہ بڻيا.

گادي، ڪراچيءَ مان بدلائي راولپنڊي جي ڀر ۾ اسلام آباد نالي نئون شهر ٻڌي اتي منتقل ڪئي ويئي. تنهن جو بنيادي ڪارڻ تہ اڄ تائين معلوم ڪونہ ٿي سگهيو آهي. پر ايوب خان ۽ سندن حوارين جيڪي ڪارڻ ڏنا آهن سي ڪي اهڙا ڪونهن جن تي وسنهن ڪري سگهجي، ۽ جيڪڏهن صرف ڪو سبب سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ اهو هيءَ آهي تہ ايوب خان راولپنڊي ۽ آسپاسي کي ورسائڻ چاهيو ٿي.

پاڪستان جي گادي بدلائڻ جو خيال ايوب خان کي ڇو آيو، تنهن جو هڪ ڪارڻ هئو ۽ اهو هئو پاڪستان جو فوجي گهاڙيتو. پاڪستان کي ٽنهي فوجن ۾ اڪثريت اترين علائقن جي رهي آهي. آزاديءَ کان پوءِ پيو ڪو موزون گاديءَ جو هنڌ موجود ڪونہ هئو تنهنڪري قائداعظم ڪراچي کي گاديءَ جو شهر قرر ڏنو. جنهن کي هن پنهنجو شهر سڏيو هئو. ڪراچي جي خوبي اها هئي تہ ان وقت (اڄ ورهايل پاڪستان ۾) اولهہ پاڪستان جو واحد بندرگاهہ هئو. قيام پاڪستان بعد، مهاجرن جي سموري اٿل سنڌ ۽ ان ۾ ڪراچي ڏانهن ٿي جنهن ڪري چند لکن جي آبادي وارو شهر زبردست دٻاءُ جو شڪار ٿي ويو پر سنڌ جي معاشي ويجهہ ان کي قبول ڪيو ۽ شهر هر طرف وڌيو. سموري اولهہ پاڪستان جو وڻج واپار ڪراچي ۾ ٿيڻ لڳو. ڪانياواڙ، بمبئي، دهلي ۽ پنجاب جا ماڻهو هتي اچي صنعتون قائم ڪرڻ لڳا. سمورين سهولتون هئڻ جي ڪري، هي شهر ترقي ڪرڻ لڳو ۽ ٿورن سالن ۾ هيءُ پاڪستان جو معاشي دارالحڪومت بہ بدلجي ويو. مهاجرن جي اچڻ جو سلسلو 1965ع واري جنگ تائين جاري رهيو پر سنڌ خاص ڪري ڪراچي انهيءَ سموري دٻاءُ کي برداشت ڪيو. صنعتي ويجهہ جو سڀ کان وڏو ڪارڻ اهو هئو تہ

ڪراچي جي جاءِ وقوع تمام مثالي هئي. سمنڊ جو ڊگهو ڪنارو، نهيل نڪيل بندرگاهه، مٺي پاڻيءَ جا ذريعا موجود ۽ ڪاڏي جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ مواصلات جا سمورا ذريعا ضرورت کان وڌيڪ موجود هئا ۽ ٿيو به ائين. سيڙپ ڪارن هن کي سونو وجهه سمجهي صنعتون قائم ڪيون ۽ ڏسندي ڏسندي هيءَ شهر چئني طرف پکڙجڻ لڳو. نون معاشي موقعن ۽ نوڪرين، ملڪ جي اترين علائقي کي ڏاڍا موقعا فراهم ڪيا ۽ پنجاب توڙي صوبه سرحد جا لکين ماڻهو ولرن جي صورت ۾ ڪراچي پهچڻ لڳا. نت نيون آباديون قائم ٿيڻ لڳيون. بهرحال انهيءَ سان هڪ ڳالهه ضرور ٿي ته شهر ۾ صنعتي ويجهه تيزي سان ٿي.

23 جولاءِ 1948ع تي وفاقي حڪومت، سنڌ حڪومت کان پورو ڪراچي ۽ پرپاسي وارا علائقا، جيڪي ڪل 811 چورس ميلن تي مشتمل هئا، سي پنهنجي اختيار ۾ ڪري سنڌ کان اٽڪل 45 ڪروڙ رپين جي آمدني کان محروم ڪري ڇڏيو. جڏهن ته سرڪاري کاتن جي لاءِ گهربل جايون انهيءَ کان ڌار هيون. سنڌ جي ليڊرن نه صرف انهيءَ تي خاموشي اختيار ڪئي بلڪ ڪراچي کي وفاقي علائق سمجهي ،انهيءَ ۾ ٿيندڙ ترقي کان پاڻ کي ڌار ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح سنڌي سرمائيدار هڪ تيزيءَ سان اسرندڙ صفتي شهر جي معاشي فائدن کان محروم ٿي ويو جنهن جو اثر اڳتي هلي سنڌ جي ماڻهن تي پيو. هن مسئلي تي اسان اڳتي هلي ڌار بحث ڪنداسين هتي صرف ايترو عرض ڪرڻ ضروري آهي ته سنڌي ليڊرن جو اهو رويو قطعي غير مناسب ۽ مجرمانه هئو.

بهرحال، جڏهن مارشل لا لڳو ته ايوب خان کي اهو وهم ويهي رهيو ته هيءَ شهر ڪنهن ملڪ جي گادي ٿيڻ جي لائق ڪونهي. بلڪه هن اقتدار سنڀالڻ جي ٽئين مهيني (ڊسمبر 1958ع) ۾ اهو پهه ڪري ڇڏيو هئو ته هيءَ شهر هتان ڪٿي اترئين علائقي ۾ ڪنهن ٻئي هنڌ قائم ڪجي. هن جو سڀ کان وڏو اعتراض هيءَ هئو ته هي شهر سمنڊ جي ڪناري تي هئڻ ڪري ”گهميل آب و هوا وارو آهي جنهن ڪري ماڻهو چڱيءَ طرح ڪم نٿو ڪري سگهي. ۽ پڻ هيءَ ته (هن شهر تي) ڪاروبار جو ڏاڍو اثر آهي جنهن ڪري فوجن تي Corrupting اثر پئي رهيو هئو.“

هن 21 جنوري 1959ع تي ڪمانڊر انچيف جنرل يحيٰ خان جي اڳواڻي هيٺ دارالحڪومت واري ڪميشن مقرر ڪئي جنهن کي جلد از جلد سفارشون پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي. بلڪ ايوب خان جو

خيال هئو تہ ڪراچي، احتجاجي سياست جو مرڪز بنجي ويو آهي ۽ سياستدانن کي جيڏيءَ مهل اچي ٿو، ماڻهن جا ڪٽڪ گڏ ڪري حڪومت تي هر طرح جو دٻاءُ وجهڻ شروع ڪري ٿا ڏين. تنهن ڪانسواءِ سياستدانن جو واپارين ۽ صنعتڪارن سان ۽ سرڪاري ملازمن سان مسلسل ناتو رهي ٿو جنهن ڪري گهڻا تڻا ڪامورا راشي بنجيو وڃن. هن جو تہ خيال هئو تہ اهي ڪامورا ۽ وزير مقامي سياست ۾ ملوث ٿيو وڃن.
ايوب خان کي گاديءَ جو هنڌ منتقل ڪرڻ لاءِ اهو بہ بهانو هئو تہ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جڏهن مهاجرن جو وڏو تعداد ڪراچي ۾ لڏي آيو تہ سنڌ سرڪار ڪراچي جي پر ۾ گڏاپ واري زمين جي سروي هن خيال کان ڪئي تہ اتي سيڪريٽريٽ ۽ ٻيون سرڪاري آفيسون منتقل ڪرڻ جي امڪان جو جائزو وٺي سگهجي.

ايوب خان جي انهيءَ دليل تہ ڪراچي گهميل شهر آهي جنهن ڪري ماڻهو سست رهن ٿا، انهيءَ جي خلاف ڪجهہ ماڻهن اهو اعتراض اٿاريو تہ هانگ ڪانگ، ملائيشياءِ انڊونيشيا جا گادي بہ گهميل شهر آهن پر اتي ماڻهو سست ڪونهن، ايوب خان تي ڪو اثر ڪونہ وڌو. افسوسناڪ پهلو هي آهي تہ هن تجويز جي خلاف ڪنهن بہ سياستدان آواز بلند ڪونہ ڪيو.

ڇهن مهينن کان پوءِ 12 جون تي ڪميشن پنهنجون سفارشون پيش ڪري ڇڏيون. سفارشون ڇا هيون، ايوب خان پنهنجي پهرين ملاقات ۾ يحيٰ خان کي ٻڌائي ڇڏيو هئو تہ هو راولپنڊي جي پر ۾ گادي ناهڻ چاهي ٿو ۽ اهوئي يحيٰ خان لکي ڏنو. يحيٰ خان انهيءَ تر چونڊڻ ۾ پنهنجا دليل ڏنا جنهن ۾ چيائين تہ هيءَ تاريخي تهذيب جو مرڪز رهيو آهي، سمنڊ کان بہ هزار فٽن جي اوچائي تي آهي، وغيره وغيره. بهرحال، هيڏانهن سفارشون پيش ٿيون، هوڏانهن ايوب خان منظور ڪيون ۽ دارالحڪومت ٺهڻ شروع ٿي ويو. موجوده اسلام آبادي واري هنڌ تي ڪجهہ ڳوٺ هئا جن کي ڳرا معاوضا ڏيئي هٽايو ويو ۽ ڏسندي ڏسندي هڪ نئون شهر ٺهي ويو ۽ 1962ع جي منڊ ڏاري گادي منتقل ٿيڻ لڳي.
جيستائين دفاعي نڪتہ نظر جو تعلق آهي تہ انهيءَ معاملي ۾ بہ اسلام آباد اوتروئي محفوظ آهي جيترو ڪراچي. ڪراچي وري بہ جيڪڏهن سامونڊي رستي ڪليل آهي تہ ٻئي طرف خشڪي ذريعي بہ نہ صرف ملڪ جي ٻين حصن پر ايران، افغانستان وچ ايشيا سان بہ ڳنڍيل آهي. انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو جوکم جو ڪم ٿي سگهي ٿو ته اسلام آباد، پارت جي اڏام ۾ هوائي اڏن جي وڌيڪ ويجهو آهي. هيءَ ڳالهه به سمجهه ۾ اچڻ جهڙي ڪانهي ته ملڪ جو واحد بندرگاهه ۽ شپ يارڊ ڪراچي ۾ هجي جنهن جي ذمي 700 ميلن ڪان وڌيڪ ساحل جي نگراني ڪرڻ هجي، ان جي بحري فوج جو هيڊڪوارٽر اسلام آباد ۾ هجي. بهرحال اهو سمجهه ۾ اچي ٿو ته ته ايوب خان ڏاڍو تيز ماڻهو هو. هن جا گهٽيئي مقصد هئا. هڪ ته اهو هئو ته پنجاب ۽ سرحد جي ماڻهن کي فائدو پهچي. ٽيو به ائين. مثلاً جڏهن گادي منتقل ٿي ته سڀ کان گهڻو اثر ڪراچي تي پيو. وفاقي حڪومت جا سمورا دفتر ڪراچي ۾ هئا ۽ انهن ۾ گهڻو ڪري ڪراچي ۽ سنڌ جا ماڻهو ملازم هئا، خاص ڪري هيٺئين درجي جا ملازم ته ڪراچيءَ جا هئا. اسلام آباد مهانگو شهر هئو تنهنڪري ملازمن جي اڪثريت ملازمت تان هٿ کڻي ڇڏيو يا وري ٻين دفترن ۾ بدلي ڪرائي ڇڏي پر جن جي سفارش ڪانه هئي تن نوڪريون ڇڏي ڏنيون صرف اوچي گريڊ وارن ملازمن اسلام آباد وڃڻ پسند ڪيو. نتيجي طور گادي منتقل ڪرڻ واري فيصلي جو فائدو پنجاب ۽ سرحد جي ماڻهن کي ٿيو. اهوئي ايوب خان جو هڪ مقصد هئو.

اسلام آباد ناهڻ ڏاڍو قيمتي پروجيڪٽ هئو. پر ان کان وڌيڪ مهانگو اتي رهڻ ۽ سرڪاري ڪاروبار هلائڻ هئو. پهرين ته سڄو سيڪريٽريٽ منتقل ڪرڻ. انهيءَ کان پوءِ هر مرڪزي دفتر جو ذيلي دفتر ڪراچي ۾ رکڻ ضروري هئو. انهيءَ جو نتيجو هيءُ نڪتو ته روزانه ڪيترا فائيل ڪراچي کان اسلام آباد ۽ اسلام آباد کان ڪراچي ايندا ويندا جنهن ڪري روزانه سوين ملازمن ٻنهي شهرن جي درميان. صرف فائيلن کڻي اچڻ ۽ وڃڻ ۾ هزارين رپيا خرچ ٿيڻ لڳا ۽ اهو سلسلو اڃا تائين جاري آهي. خود اسلام آباد جو شهر جڏهن نهي ويو تڏهن نالو رکڻ لاءِ آفيسرن جون ڪئين ميٽنگون ٿيون. ايوب خان پاڻ نالي لاءِ پريشان رهيو. نيٺ، ڪابينه جي فيصلي تحت اخبارن ۾ اشتهار ڏيئي ماڻهن کان نالا گهرايا ويا ۽ نالي پسند اچڻ تي انعام جو اعلان ڪيو ويو. اسلام آباد جو نالو جڏهن ايوب خان کي پسند آيو ته هڪ آرڊيننس جي ذريعي اهو حڪم ڪيو ويو ته اسلام آباد جو نالو ڪنهن ٻئي شهر يا بستي تي نٿو رکي سگهجي.

گادي منتقل ڪرڻ وارو فيصلو ڪهڙين مصلحتن هيٺ ڪيو ويو.

تنهن بابت عام تاثر اهو ڏنو ويو تہ اهو دفاعي نڪتہ نظر کان ڪيو ويو آهي، پر حقيقت ڪجھہ ٻئي هئي ۽ اها هيءَ هئي تہ ڪراچيءَ جي سياسي حيثيت کي گهٽ ڪيو وڃي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪراچيءَ جي حيثيت پنهنجي جاءِ تي قائم رهي ۽ جنهن سياسي دٻاءُ کان ڊڄي، ايوب خان گادي ڪراچي مان منتقل ڪئي، اهوئي ڪراچي کيس اقتدار مان هڪالي ڪڍڻ جي لاءِ وڏو مرڪز ثابت ٿيو. ايوب خان 1962ع ۾ پنهنجي آئين نافذ ڪرڻ سان گڏ ڪراچي جي آبادي واري تناسب بدلائڻ لاءِ وڏي پيماني تي سيٽلمينٽ ڪئي ۽ شهري حقن گهرڻ وارين تحريڪن کي پنهنجي پٽ گوهر ايوب خان جي نگراني ۾ پوليس ايڪشن ڪيو پر ڪراچي جي سياسي حيثيت پنهنجي جاءِ تي نہ صرف قائم رهي پر پاڻ وڌي ۽ ويجهي. اسلام آباد صرف هڪ انتظامي هيڊ ڪوارٽر رهجي ويو جتي هر ايندڙ آمر پنهنجي سياسي چالبازيءَ هلندو رهيو.

جيستائين دفاعي پهلو جو تعلق آهي، اسلام آباد عجيب دارالحڪومت بڻجي ويو. فضائي ۽ پيدل فوج جو هيڊ ڪوارٽر راولپنڊي ۾ ڪاڪل تہ سمجھہ ۾ اچي ٿو پر هيءُ فلسفو سمجھہ ۾ اچڻ لائق ڪونہ هئو تہ سمنڊ ڪراچي ۾ ۽ ان جو هيڊ ڪوارٽر اسلام آباد ۾ هجي.

بهرحال گادي منتقل ڪرڻ واري عمل جي پويان سياسي مقصد هئا ۽ انهن مقصدن کان سموري دنيا معلوم هئي. ايوب خان، هر آمر وانگيان ائين سمجهيو تہ عوام جاهل آهي ۽ انهن مقصدن کان واقف ڪونہ هوندو، غلط هئو. پر عوام جي بدنصيبي هيءَ هئي تہ هن جا ليڊر آمر جا ساٿاري هئا. اجتماعي فائدي بدران انفرادي منفعت جي پويان اهڙا لڳا جو ايوب خان، هڪ پرفيڪٽ آمر وانگيان نہ صرف گادي منتقل ڪري ويو پر ان سان پنهنجا پورا سياسي مقصد بہ حاصل ڪري ويو.

يارهن سال پوءِ جڏهن عوامي آيار ٿيو تہ نہ سندس نئون گادي جو هنڌ، نہ سندس سياست ۽ نہ پوليس کيس بچائي سگهي ۽ انهيءَ سموري آيار ۾ ڪراچيءَ جو مرڪزي ڪردار هئو. جنهن ماٺهو يارهن سال هڪ ئي لٺ سان پوري ملڪ کي هلايو. تنهن کي ڪراچيءَ جي شهر يارهن منٽن ۾ هڪالي ڪڍيو ۽ ايوب خان عوامي آيار جي آڏو جهڪڻ بدران هڪ ٻئي فوجي- يحيٰ خان- کي اقتدار جون واڳون ڏيئي پنهنجو پاڻ کي قدرت جي حوالي ڪري هليو ويو.

# 26

# اسيمبلين جي چونڊ- بادشاهي جو خواب
# ايوب خان جي مسلم ليگ ۾ شموليت

1960ع جي منڍ ۾ بنيادي جمهوريتن جي چونڊن تائين ماڻهن کي اهو احساس ٿي ڪونہ هئو تہ هو ڪهڙي نظام طرف وڃي رهيا هئا. ڳوٺن جي چڱن مڙسن ۽ وڏيرن کي اهو خيال هئو تہ هاڻي وڏن زميندارن ۽ جاگيردارن جي بدران هو ملڪ ۽ قوم جا مالڪ بڻجي ويندا. تمام گهٽ ذهين ماڻهن کي اهو خيال هئو تہ هو حڪومتي مهرن جي طور ڪم ايندا. هڪ مهيني کان پوءِ جڏهن رفرنڊم ٿيو تہ هنن جي اهميت ٿي ۽ هو سرڪاري حلقن ۾ گهمڻ لڳا. حڪومت جي خوشنودي حاصل ڪرڻ وارا وڏيرا، چوڌري، سردار ۽ خوانين جي ڊيوٽي اها لڳي تہ هو پنهنجي پنهنجي ترجي بي ڊي ميمبرن کي ريهي ريبي ايوب خان جي حمايت ۾ ووٽ ڏيارين. سموري سرڪاري انتظاميہ هنن جي خدمت چاڪري لاءِ پيرن ڀر بيٺي هئي، صرف اشاري جي دير هئي، سندن هر خواهش پوري ٿيندي هئي. هر ضلع ۾ خاص مرڪز ٺهيا. ريسٽ هائوس، سٺيون هوٽلون ۽ وڏيرن جون اوطاقون هنن جي ٺهل ٽڪور واسطي مرڪز بڻجي ويون.

ايوب خان جي دعويٰ هئي تہ هن سياست کي نئون رنگ ڏنو آهي. ماڻهن کي اعليٰ طبقي جي روايتي ۽ محلاتي سازشن کان آزاد ڪرائي زمين جي سياست ڏني آهي ۽ هاڻي هو وڏين سياسي ڦيرين گهيرين بدران پنهنجن مسئلن حل ڪرڻ لاءِ ذميدار بڻايو ويو آهي. سچ هيءَ آهي تہ جيڪڏهن تعليم ۽ ٻين بنيادي ڪمن تي توجہ ڏجي ها تہ هيءَ تصور گهٽي ياڳي فعال ثابت ٿئي ها پر انهيءَ بدران مضبوط ڪامورا شاهي جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿ اچا وڌيڪ مضبوط ٿي ويا تنهن هٽي هن نظام کي ناڪام بڻائي وڌو. انهيءَ ڪانسواءِ مضبوط جاگيرداري جي ڪري هي نظام اپڙي نہ سگهيو.

بنيادي جمهوريتن جي سرشتي ۾ ماڻهو جهڙيءَ طرح مصروف ٿي ويا تنهن تي انٽيليجنس بيورو ڏاڍيون وڏيون وڏيون رپورٽون ايوب خان کي پيش ڪيون. هن کي ٻڌايو ويو تہ ماڻهو چوويهہ ڪلاڪ ئي هن نظام کي فعال بنائڻ ۾ رڌل آهن. ايوب خان انهن اطلاعن تي ڏاڍو گدگد ٿيندو هئو بلڪ هن انهيءَ خوشي ۾ جلدي رفرنڊم ڪرائي پاڻ کي ”قانوني“ حيثيت ڏياري ڇڏي. هيءَ سڄو ناٽڪ اهڙي طريقي ۾ ڪيو ويو جو ايوب خان پاڻ کي بادشاهہ سمجهڻ لڳو. بلڪ چوڌري خليق الزمان جهڙن ماڻهن واتان چورائڻ شروع ڪري ڏنو تہ ڪيس تاحيات صدر بڻايو وڃي. گهٽ ۾ گهٽ پير علي محمد راشدي تہ مورڳو اهو بہ مشورو ڏنو تہ ”ڪيس بادشاهہ جو درجو ڏنو وڃي ۽ هن کي اهو اختيار هجي تہ هو پنهنجي اولاد مان يا ٻاهر جي ڪنهن ماڻهو کي پنهنجو وارث ڪري نامزد ڪري.“ [1]

خير، ان وقت پير علي محمد راشدي فيلپائين مان آيو هئو جتي هو سفير طور ڪم ڪري رهيو هئو. تنهنڪري کيس ملڪي معلومات صرف اخباري ڪالمن جي ذريعي ملندي هئي. بهرحال اها ڳالهہ واضح آهي تہ ايوب خان نهايت محتاط طريقي ۾ پنهنجي منزل طرف وڌي رهيو هئو. اهوئي ڪارڻ آهي تہ هن تاحيات صدر رهڻ واري يا بادشاهہ بنجڻ واري تجويز هيءَ چئي رد ڪري ڇڏي تہ هن زماني ۾ انهيءَ جي ضرورت ڪانهي.

سياستدانن کي معلوم هئو تہ ايوب خان جو ڪهڙو بہ نظام هجي، جمهوريت ۾ سياستدانن ڪانسواءِ نٿو هلي سگهي. تنهنڪري هنن پاڻ ۾ گڏجاڻيون شروع ڪري ڏنيون ۽ ايندڙ قدم لاءِ سوچڻ لڳا. انهن ۾ گهڻئي هئا. خود ايوب خان جو ياءُ سردار بهادر خان، نواب مشتاق احمد گورماني، سهروردي، جي ايم سيد، مخدوم محمد زمان ۽ ٻيا شامل هئا. ليڪن ڪنهن عملي صورت نڪرڻ جو امڪان نظر ڪونہ ٿي آيو. سهروردي چالاڪ تہ اڳئي ايوب خان کي ڪونہ ٿي وڻيو، سو ايوب خان لت ڏيئي هن کي انهيءَ الزام ۾ ڪجهہ سال لاءِ بند ڪري ڇڏيو تہ هو ٻاهرين ملڪن سان ملي حڪومت جي خلاف سازش ڪري رهيو آهي. جنهن ڪري ٻيا سياستدان بہ ڪن ڪرڻ لڳا.

(1) الطاف گوهر جا انڪشاف. ڊان ڪراچي 18. نومبر 1984ع

گڏوگڏ حڪومت، ماڻهن کي وري مصروف رکڻ ۽ منجهائڻ تاءِ گهٽ ڪرڻ لاءِ چونڊن جي چرپر شروع ڪري ڏني. سياستدانن کي اهو گمان ويٺل هئو ته ايندڙ چونڊون سياسي بنيادن تي ٿينديون ۽ ايوب خان سياسي پارٽين کي وري ڪم ڪرڻ جي موڪل ڏيندو. پر ايوب خان ايترو سولو ڪونه هئو جو پنهنجي اقتدار جي زندگيءَ کي پنهنجن ئي هٿن سان ڪٽي.

هن اختر حسين جي اڳواڻي هيٺ اليڪشن ڪميشن مقرر ڪري کيس پارليامينٽ ۽ صوبائي اسيمبلين جي چونڊن لاءِ ڪم ڪرڻ تي مامور ڪري ڇيو. آئين جي خاڪي اعلان ٿيڻ کان پوءِ اپريل 1962ع ۾ قومي اسيمبلي ۽ مئي 1962ع ۾ صوبائي اسيمبلين جي چونڊن جون اعلان ڪيو ويو. چونڊن جو جيڪو طريقه ڪار اعلان ڪيو ويو. سو پاڪستان جي ماڻهن جي لاءِ نئون هئو يعني غير سياسي بنيادن تي ۽ عام ماڻهن بدران بي ڊي ميمبرن کي انتخابي ادارو قرار ڏنو ويو. سياستدانن کي هاڻي اندازو ٿيو ته ايوب خان پنهنجون پاڙون پڪيون ڪرڻ لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڪري رهيو آهي پر انهيءَ ۾ سنڌن شموليت ڪونه هوندي. انهيءَ بدران اهڙا ماڻهو اقتدار جا مالڪ بنجي ويندا جن جو هنن کي ذوربه گمان ڪونه هوندو. سچ ته ايوب خان جو پروگرام ائين ئي هئو پر هو ٿوريءَ دير لاءِ اها ڳالهه وساري ويٺو ته هن ملڪ جون پاڙون صدين جي پراڻي جاگيردارانه ۽ سرداري نظام ۾ ڪتل هيون جنهن ۾ هيءَ ٿيڻ ممڪن ڪونه هئو: جاگيردار ۽ چوڌري جي اجازت کانسواءِ ڪو عمدار يا وچولي طبقي جو ماڻهو سندس تڪ مان چونڊجي وڃي ۽ اسيمبلي ۾ ويهي اقتدار جا مزا ماڻي.

سياستدانن. پنهنجن گهرن تي ويهي ماڻهن جون لسٽون تيار ڪيون. ڪجهه سياستدانن، ملڪ جي روايتي سياسي خاندانن سان رابطا شروع ڪري ڏنا هئا تنهنڪري اتان ايوب خان کي ڪو خطرو ڪونه هئو. سنڌ ۾ ترقي پسند ٿوڙون. باشعور هيون پر هتي به ايوب خان جا حواري انهيءَ بندوبست ۾ هئا ته سندن ماڻهو چونڊجي اچن. چونڊن جي لاءِ عام جلسن جي اجازت ڪانه هئي پر بنيادي جمهوريت جي ميمبرن جا ڪنوينشن سڏرائڻ جي منع ڪانه هئي جتي اميدوار پنهنجا خيال پيش ڪري سگهن. اهي سموريون ميٽنگون ناٽڪ ثابت ٿيون ڇاڪاڻ

تہ ٽيڪو ائين ئي هئو جيئن هميشہ ٿيندو آيو هئو. ٻي ڏي نظام ۾ اميدوارن لاءِ پارٽ وڏيڪ سهولت هئي تہ گهٽ ماڻهن کي رشوت ڏيڻ بدران ٿورن ماڻهن کي رشوت ڏيڻي ٿي پئي. پيري، مريدي، پئسو ۽ برادري سڀ اثر هليا ۽ جتي جهڙو اثر اتان اهڙا ماڻهو چونڊجي آيا. ملڪ خدا بخش بچا، مخدوم محمد زمان طالب المولا، خانبهادر غلام محمد وساڻ، عبدالحميد جتوئي، پير غلام رسول شاهہ جيلاني، سردار غلام محمد مهر، نواب يوسف چانڊيو وغيره چند نالا آهن جيڪي قومي اسيمبلي تي چونڊجي ويا. جن اسيمبليءَ جي اجلاسن ۾ شرڪت تہ ڪئي پر ماڻهن جي مسئلن جي ڪنهن نمائندگي ڪانہ ڪئي. تاريخ هيءَ آهي تہ هڪ برگزيده خاندان جو فرد جيڪو پنهنجو مريدن جي زور تي چونڊجي ويو تنهن حلف کڻڻ کانپوءِ پوري قومي اسيمبلي جي عرصي دوران ايوان ۾ هڪ لفظ وڏيڪ نہ ڳالهايو. سنڌ مان چونڊجي ويل قومي اسيمبلي ميمبرن مان اڪثر جو حال انتهائي غير عوامي هئو. انهيءَ حد تائين جو سنڌي اخبارن قومي اسيمبلي ميمبرن جي گمشدگي جا اشتهار (طنزيہ طور) ڇپرائڻ شروع ڪري ڏنا.

قومي اسيمبلي جي چونڊن ۾، عام چونڊن واري گهماگهمي تہ ڪونہ هئي البتہ پس پرده ملاقاتون ۽ ٽوڙ جوڙ ساڳئي قسم جو هئو جيڪو اڳي نظر ايندو هئو. هڪ مهيني کان پوءِ صوبائي اسيمبلي جون چونڊون ٿيڻ واريون هيون، تنهن تہ ويتر سمورن سياسي خاندانن کي سرگرم ڪري ڇڏيو ۽ ٻنهي اسيمبلين ۾ تقريباً سمورن خاندانن جا عزيز، مائٽ يا لڳ لاڳاپيدار چونڊجي ويا.

ايوب خان اهو تماشو پري کان ويني ڏٺو. تنهن کي انٽيلجينس وارن تہ اهي رپورٽون ڏنيون تہ چونڊون غير سياسي بنيادن تي ۽ ڪنهن مداخلت کانسواءِ ٿيون آهن پر حقيقت انهيءَ جي ابتڙ هئي بلڪ ڪن موقعن تي ايوب خان انهيءَ تي ناراضگي جو بہ اظهار ڪيو.

سياسي مهرن جي اسيمبلين ۾ موجودگي، سياسي چرپر آڻڻ لاءِ ڪافي هئي. ايوب خان کي اهو احساس هئو تہ هڪ گهمرو قومي اسيمبلي چونڊجڻ، آئين نهڻ ۽ صوبائي اسيمبلين جي وجود ۾ اچڻ بعد، هن جو صدارت جي منصب تي ڄمي ويهڻ بي معنيٰ هئو. گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ اعلان جي پس منظر تہ هو ملڪ مان بدعنوانيون ختم ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ هڪ صاف سترو سياسي نظام ڏيڻ آيو آهي، ايوب خان کي اهو احساس شدت سان ٿيڻ لڳو هئو ته هن کي پنهنجو وعدو پاڙڻ گهرجي پر هو انهيءَ لاءِ ڪونه آيو هئو. جنهن پروگرام کي هن 1954ع ۾ ويهي تيار ڪيو هئو، ان ۾ اهڙي قسم جي ڪا گنجائش ڪونه هئي. تنهنڪري هن نئين سر وري جوڙجڪ تي ۽ پنهنجي پروگرام تي نظرثاني ڪرڻ جو ارادو ڪيو. پر انهيءَ کان اڳ جو هو پنهنجا پتا کولي ميز تي رکي، قومي اسيمبلي ۾ سياسي سرگرمين تان پابنديون هٽائڻ ۽ مارشل لا هٽائڻ جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون.

چوندن کانپوءِ ايوب خان کي احساس ٿيڻ لڳو ته وقت اچي ويو آهي ته مارشل لا هٽائي قومي اسيمبلي کي اهي اختيار ڏنا وڃن جن جو هو وعدو ڪري چڪو هئو. اهو هن ڪري نه ته هن کا اخلاقي ذميداري محسوس ڪئي هئي، پر هن ڪري ته قومي اسيمبلي جي چوندن ٿيڻ شرط ميمبرن نجي طور تي پاڻ ۾ گروپ ناهڻ شروع ڪري ڏنا هئا. ان ۾ صرف افسوسناڪ پهلو هي هئو ته هنن ۾ گهڻا ٽٽا حڪومتي پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جا خواهشمند هئا. بهرحال، اهو سمورو ڪريڊٽ ايوب خان پاڻ وٺڻ تي گهريو تنهنڪري هن 8 جون 1962ع تي قومي اسيمبلي جو اجلاس سڏايو. انهيءَ ڏينهن پاڻ به نئين آئين هيٺ صدر جو قسم کنيائين. پنهنجي ڊگهي تقرير ۾، جيڪا نصيحت سان پربل هئي، هن ميمبرن تي زور پريو ته هو ملڪي سلامتي ۽ اتحاد لاءِ ڪم ڪن. بلڪ سندس تقرير جو سمورو زور سندس ذاتي سياسي فلسفي تي هئو جنهن جو بين لفظن ۾ مطلب هيءَ هئو ته هو ملڪ جو بچائيندڙ ٿي آيو آهي ۽ جيڪڏهن ميمبر سندس نظريي جي حمايت ڪندا رهندا ته اسيمبلي به رهندي، ميمبر به رهندا ۽ حڪومت به هلندي.

انهيءَ ڏينهن مارشل لا کڻڻ جو به اعلان ڪيائين. سياسي سرگرميون بحال ٿي ويون پر اڃا سياسي پارٽيون بحال ڪونه ٿيون هيون. جيئن ئي ايوب خان اعلان ڪيو، بي گهڙي ايوان اندر سياسي گروپ ٺهڻ لڳا. پر هاڻي هڪ مشڪل پيدا ٿي پئي ته صدر ايوب غير سياسي ماڻهو جي حيثيت ۾ صدر چونڊيو ۽ هاڻي ملڪ ۾ سياسي سرگرميون شروع ٿي ويون هيون، انهيءَ صورت حال ۾ ايوب خان لاءِ اهو ڏکيو ٿي پيو هئو ته پنهنجو ”غير جانبدار ڪردار“ برقرار رکي سگهي. بهرحال، ايوب خان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فوري طور ڪجھ فيصلو ڪرڻ کان اجا پاسو ڪيو.

ايوب خان جو خيال هئو تہ پنهنجن ”تيار ڪيل“ حمايتين جي اسيمبلي اندر پارٽي جوڙي تنهنڪري پنهنجن عيوضين جي معرفت جوڙجڪ ڪرڻ شروع ڪري ڏني. هن جي اها بہ سوچ هئي تہ اهڙي پارٽي جن جا پنهي صوبن جا ميمبر گهٽائي ۾ هجن تن جي پارليماني پارٽي ناهي. مسلم ليگ وارا پاڻ انهيءَ پيچ ۾ ڦاٿل هئا تہ هو پنهنجي سر پارليماني پارٽي ناهين تہ جيئن ايوب خان کي رخ ڪرڻ ۾ سولائي ٿئي. انهن ۾ ميان ممتاز محمد خان دولتانہ ۽ خان قيوم خان پيش پيش هئا. نوان چونڊيل ميمبر جيڪي هونئن صرف پارٽين جا عام حمايتي يا همدرد هئا. سي بہ پرپور حصو ونڻ لڳا. بهرحال. انهيءَ ۾ ايوب خان تمام خبرداري سان پري کان ويهي ڏسي رهيو هئو.

پارليماني پارٽي نهي، تنهن کان اڳ قومي اسيمبلي ۾ انهيءَ جي چرپر ٿيڻ لڳي تہ سياسي پارٽين جي بحالي لاءِ بل پيش ڪيو وڃي. پاشاني ۽ سهروردي پنهنجي سر سياستدانن کي ڪنو ڪري صلاح مشورا ڪري رهيا هئا تہ مسلم ليگ، جيڪي اجا تائين ڏڙن ۾ ورهايل هئا. تن ڏار ڪوششون شروع ڪيون. جون 1962ع ڌاري اهي سرگرميون تيز ٿي ويون. اهو ڏسي ايوب خان سمورو ڪريڊٽ پاڻ ونڻ گهريو تاڪ ايندڙ سرگرمين ۾ هو پاڻ کي جمهوريت ۽ ماڻهن جي حقن جو چئمپين سڏرائي سگهي. هن فوراً پنهنجن حاشيہ بردارن جي ذريعي اسيمبليءَ ۾ سياسي پارٽين جي بحالي وارو بل پيش ڪرائي وڌو. جنهن ۾ ٻين لفظن ۾ سياسي پارٽيون سڀ ڪجھ ڪري سگهنديون پر انهن جو ريموٽ ڪنٽرول ايوب خان جي هٿ ۾ رهندو يعني حڪومت کي اختيار هوندو تہ ڪنهن بہ پارٽيءَ کي مرضيءَ سان ملڪ دشمن قرار ڏيئي سگهي ۽ هي تہ سيڪيولر پارٽين کي اجازت نہ هوندي.

ايوب خان جي حامين انهيءَ بل جي حمايت ۾ ڏاڍا ڍهل دماما وڄايا پر آزاد خيال ميمبرن سڀ ڪجھ سمجهي ورتو. سو جيئن ئي بل پيش ٿيو تہ اهي ميمبر جيڪي هيستائين سرڪاري ڌر سان پنهنجي وابستگي جو اعلان ڪري چڪا هئا. تن ڪانسواءِ سمورا ميمبر واڪ آئوٽ ڪري ويا. بلڪ هنن اهو چيو تہ اهڙي سياسي سرگرمي جنهن ۾ سياسي آزادي نہ هجي. فضول آهي. حڪومت کي معلوم هئو تہ متحده

محاذ وارا وري سرگرم ٿي ويا هئا جيڪي انهيءَ ڪوشش ۾ بہ هئا تہ ايبڊو واريون پابنديون لاٿيون وڃن. پر هن پنهنجي اڪثريتي زور تي اهو بل پاس ڪرائي ورتو جيڪو سياسي پارٽين جي بحالي وارو بل تہ ضرور هئو ليڪن انهيءَ ۾ پارٽين جي مٿان مستقل تلوار لٽڪائي ويئي. بل ۾ ٽي خاص نڪتا هئا:

(الف) ڪنهن بہ پارٽيءَ کي حڪومت جي اطمينان ٿيڻ کان پوءِ ملڪ دشمن قرار ڏيئي سگهجي ٿو.

(ب) سيڪيولر پارٽين تي بندش برقرار رهندي. ۽

(ج) سابق سياستدانن يا ايبڊو زده سياستدانن کي پارٽي جي رڪنيت کانہ ملندي.

18- جون 1962ع تي سياسي پارٽين جي بحالي وارو بل پاس ٿيو. هوڏانهن خان قيوم کي امن ۾ رخنو وجهڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو سو سياسي آزادي بحال ٿيڻ جو پهريون شڪار هئو.

ساڳي مهيني ۾ قومي محاذ آزادي وارن وري پر کولڻ شروع ڪيا ۽ لاهور ۾ پنهنجو ڪنوينشن سڏايو جنهن ۾ ڪابي ۽ ساڃي ڏر ٻنهي جي ميمبرن ۽ سياستدانن شرڪت ڪئي. ڀاشاني ۽ سهروردي بہ اوڀر پاڪستان مان ڪهي آيا هئا ۽ بلوچستان ۽ سنڌ جا حمايتي تہ اڳ ۾ ئي تيار هئا. ڪنوينشن جي اختتام تي ٻين مسئلن سان گڏ ون يونٽ ٽوڙڻ واري گهر کي سڀ کان مٿانهون رکيو ويو. اجا اهو اعلان جاري مس ٿيو تہ ايوب خان تپي پيو ۽ جوابي تقرير ڪري چيائين تہ هو اهڙن پنجاهہ محاذن کان بہ ڪونہ ڊڄندو. بهرحال، سنت ئي قومي محاذ آزادي پنهنجي ون يونٽ ٽوڙائڻ واري موقف تان ڦري ويو.

ايوب خان جا ارادا ڏسي سياستدانن ايبڊو زده سياستدانن تان پابنديون لاهڻ لاءِ سرگرميون تيز ڪري ڇڏيون. انهن ۾ اوڀر پاڪستان جو مولوي فريد احمد پيش پيش هئو. اوڀر پاڪستان اسيمبليءَ ۾ بہ اهڙيون تحريڪون پيش ٿي رهيون هيون جن اسڪندر مرزا کان وٺي ايوب خان ٻنهي کي پنهنجي سخت تنقيد جو نشانو بنايو. ايوب خان اهڙي تجويز کي قبولڻ بدران ويو ٿي سختيون وڌائيندو جنهن سلسلي ۾ هڪ بل اسيمبلي ۾ هيءَ پيش ڪيو ويو تہ ڪنهن بہ سياستدان کي ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻ کان سواءِ حڪومت نظربند ڪري سگهي ٿي.

انهيءَ وچ ۾ ايوب خان، سندس حامي ميمبرن ۽ سياستدانن جي وچ ۾ زبردست بيان بازي شروع ٿي ويئي. اخبارون ۽ ٻيا تشهير جا ذريعا ايوب خان وٽ وڏيڪ هٿا ٺنمنڪري هن جو چيل هر لفظ ماڻهن تائين پهچندو هئو، تنهن هوندي بہ سياستدانن جي ننڍي ننڍي ڳالهہ بہ ماڻهن تائين پهچي ويندي هئي. سياستدان، ماڻهن مان اڀريا هٿا ٺنمنڪري هو ڇپي ڇپي ڳالهائيندا هئا ۽ ادب ۽ اخلاف کي آڏو رکندا هئا. ايوب خان کي جيڪي ايندو هئو چوندو ويندو هئو پر پنهنجن تقريرن ۾ بعض اوقات ائين محسوس ٿيندو هئو تہ هو پنهنجي ڪمپني کي ڪمانڊ ڏيئي رهيو هجي. مثلا انهن ئي ڏينهين 17 جولاءِ تي ڪراچي کان پشاور ويندي ايوب خان، حيدرآباد ريلوي اسٽيشن تي سرڪاري طرح گڏ ڪيل ڇگن مڙسن ۽ سرڪاري ميمبرن کي خطاب ڪيو جنهن ۾ هن سياستدانن کي شيطان سڏيو. جنهن تي ڏاڍو گوڙ ٿيو ۽ جيستائين ايوب خان لاهور پهچي تيستائين شديد مذمت ٿي. نيٺ ايوان صدر راولپنڊي پهچي ايوب ان جي ترديد جاري ڪئي. بهرحال، انهيءَ واويلا ايوب خان ۽ سياستدانن کي انهيءَ جهيڙي جي وهڪري ۾ وجهي ڇڏيو جنهن جو نتيجو پاڪستان ۾ ڪڏهن بہ چڱو ڪونہ نڪتو آهي.

هاڻي ايوب خان کي اهو يقين ٿي ويو تہ ڪنهن سياسي وابستگي کانسواءِ هن جو سياستدانن کان ۽ سياست کان ڌار رهڻ ممڪن ڪونهي. هن جي مصاحبن کيس اهو تہ يقين ڏياري ڇڏيو هئو تہ هن کانسواءِ ملڪ جو هلڻ مشڪل آهي ۽ ٻيو هن جي دماغ ۾ اها ڳالهہ وهاري ويئي تہ قائداعظم کان پوءِ ملڪ جي اڳواڻي ۾ هو ٻيو ليڊر پيدا ٿيو آهي ٻين لفظن ۾ تہ هو قائداعظم جو صحيح جانشين هئو. هن پنهنجن خاص ماڻهن کان صلاحون ورتيون جن مان ڪن تہ بنهہ انهيءَ جي مخالفت ڪئي پر ڪي اهڙا هئا جن مورڳو نئين سياسي پارٽي ناهڻ جي صلاح ڏني. پر ايوب خان بادشاهي مسند تان راتو واهہ ناهيل سياسي پارٽين جي انجام کان واقف هئو تنهنڪري هن انهيءَ خيال کي رد ڪري ڇڏيو، بلڪ انهيءَ سوچ ۾ هئو تہ ڪنهن اهڙي پارٽي ۾ شريڪ ٿجي جنهن کي ٻنهي صوبن ۾ سڃاتو ويندو هجي.

ليفٽ ۽ سيڪيولر پارٽين جي ايوب خان بنهہ خلاف هئو. اهڙيءَ طرح قوم پرست پارٽيون بہ هن ايجنڊا تي ڪونہ هيون بلڪ انهن جو

ذاتي دشمن هئو ۽ جن کي ختم ڪرڻ لاءِ هن وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن کي خاص اختيار ڏيئي رکيا هئا. تنهنڪري ڏيئي ونئي وجي باقي هڪ پارٽي تي بچي: مسلم ليگ، ۽ هن جي خوشامدين جي چوڻ مطابق، انهيءَ پارٽي ۾ شامل تي هو قائداعظم جو صحيح جانشين بڻجي سگهندو. پر مسلم ليگ جوحال هيءَ هئو تہ اها منتشر هئي. اولهہ پاڪستان ۾ ون يونٽ جي سوال تي اڳ ۾ هن ۾ ڦيتاڙو هئو ۽ هاڻي باقي ٿوري گهٽي اوپر پاڪستان ۾ وڃي بچي هئي. تنهنڪري مسلم ليگين جي اڪثر ليڊرن فيصلو ڪيو تہ ڍاڪا ۾ مسلم ليگ ڪائونسل جو اجلاس گهرائي پارٽيءَ کي نئين سر منظم ڪجي.

اها ڳالهہ ايوب خان لاءِ سخت چڙ جو ڪارڻ بڻي، ڇاڪاڻ تہ هن کي خبر هئي تہ اوپر پاڪستان سان هن ۽ هن کان اڳوڻن حڪمرانن ڪهڙو حشر ڪيو آهي، تنهنڪري اتي ايوب خان کي مسلم ليگ ۾ شامل ڪرڻ وارو مسئلو ٿڌجي ويندو. تنهن پنهنجي ”نمائندي“ فضل القادر چوڌري جي ذريعي پئسن جي هڪ وڏي ٿيلهي پرين هن خيال سان موڪلي تہ هو اهو مسلم ليگ جي فنڊ ۾ ڏيئي يا سرڪرده اڳواڻن جي خاطر تواضع ڪري، ايوب خان جي شموليت جي راهہ هموا رڪري پر اهو ڪونہ ٿي سگهيو ڇاڪاڻ تہ چوڌري ڍاڪا ۾ ايوب خان جي مخالفت ڏسي، اهڙو چڪر هلايو جو مورڳو اجلاس ئي ڪونہ ٿيو. ايوب خان انهيءَ خيال ۾ تہ اوپر پاڪستان ۾ هن جي لاءِ ڪو نرم گوشو پيدا ٿي ويندو، سهروردي انهيءَ شرط تي آزاد ڪري ڇڏيو تہ هو آئيندو سياست ۾ حصو نہ ونندو. گڏوگڏ، محمد علي بوگره جيڪو ان وقت ايوب خان ڪابينہ ۾ وزير خارجہ هئو، تنهن بہ ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر اوپر پاڪستان ۾ ايوب خان لاءِ ڪا پذيرائي نہ ٿي سگهي.

پير صاحب پاڳاري بہ ايوب خان کي پنهنجي طرف ڇڪڻ لاءِ 2. سيپٽمبر تي ڪراچي ۾ هڪ شاهي ڊنر ڏني جنهن ۾ حڪومت جا سمورا حمايتي ليگي شريڪ ٿيا پر ايوب خان انهيءَ کان نابري واري ڇڏي. اهي ڪوششون جاري رهيون تہ 4 سيپٽمبر 1962ع کي سرڪاري سرپرستي هيٺ راولپنڊي ۾ مسلم ليگ ڪنوينشن ٿيو جنهن ۾ سمورا حاشيہ بردار، وزير ۽ اقتدار جا تمنائي وڏيرا، چوڌري، خان ۽ سردار شامل ٿيا، هن ڪنوينشن سڏرائڻ جو ڪم چوڌري خليق الزمان جي حوالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو ويو جنهن سرڪاري خرچ تي آيل مهمانن جي ڏاڍي آءُ ڀڳت ڪئي پر گڏوگڏ ايوب خان کي اهو سمجهايو ته مسلم ليگ جي قيادت وارو وهم دل مان ڪيڍي ڇڏي بهرحال ايوب خان کي انهيءَ تي راضي ڪري ورتو ته هو مسلم ليگ جو عام ميمبر ٿئي.

مسلم ليگ جي ڪنوينشن ۾ صرف ايوب خان جي شموليت جو مسئلو ئي ڪونه هئو. شريڪ ڏيندڙ وڏي ايجنڊا کڻي آيا هئا جن ۾ هڪ ايبڊو زده سياستدانن تان پابندي لاهڻ ۽ بيو خان قيوم خان جي آزادي جو مسئلو هئو جيڪو سيڪيورٽي ائڪٽ ۾ 124- الف هيٺ گرفتار هئو.اوڀر پاڪستان جي نمائندن کي سخت تاءُ هئو ۽ جڏهن ڏنو ته پنهي معاملن تي ڪنوينشن ۾ شريڪ ڏيندڙ ڪو اسٽينڊ وٺڻ لاءِ تيار ڪونهن ته هنن بائڪات ڪري ڇڏيو.

سيڪيولر ۽ قوم پرست جماعتون به سرگرم ٿي ويون. اولهه پاڪستان جي گورنر نواب ڪالا باغ جنهن کي ايوب خان انهيءَ ڪري رکيو هئو ته سخت گير پاليسي اختيار ڪري. خاص ڪري قوم پرست عناصر کي چيپاڻي تنهن جي مخالفت جي باوجود سنڌ ۾ عوامي ليگ جي رهنما قاضي فيض محمد، هڪ ڪنوينشن نواب شاه ۾ سڏايو. هن جي صدارت شيخ عبدالمجيد سنڌي ڪئي ۽ پوري ملڪ مان قوم پرست اڳواڻن شرڪت ڪئي. ڪنوينشن شهري آزاديون بحال ڪرڻ. ون يونٽ جو خاتمو ڪرڻ ۽ هارين ۽ شاگردن جا مسئلا حل ڪرڻ جا نعراءُ پاس ڪيا. انهن نعرائن بحال ڪرائڻ ۽ آزادين جي حقن ۾ سردار خير بخش مري سيني کان وڌيڪ زوردار آواز بلند ڪيو.

سال پاسو ورايو ته ايوب خان اڃا ڪنهن پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪونه ڪري سگهيو هئو. اڃا هو پنهنجن ”گهٽگهرن“ سان صلاح ڪري رهيو هو. ڇاڪاڻ ته کيس اهو خطرو هئو ته جيڪڏهن هو ڪنهن سياسي پارٽي ۾ شامل ٿيو ته عين ممڪن آهي ته سموريون پارٽيون گڏجي هن خلاف محاذ ناهين ۽ هن کي اقتدار تان هٿ کڻڻو پوي. انهيءَ ضمانت کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ هن وزيرن کي اسيمبليءَ ڏانهن جوابده هئڻ کان آجو قرار ڏيئي ڇڏيو يعني هو صرف صدر ڏانهن جوابده رهندا. جنهن جي معنيٰ ته جيستائين کين صدر جي خوشنودي حاصل آهي، هو وزير رهندا. کين اسيمبلي جي پرواهه نه ڪرڻ گهرجي.

مئي 1963ع کي ايوب خان سياڻو سمجهيو ۽ هن اهو پهه ڪري ورتو تہ هو مسلم ليگ ۾ شامل ٿئي. چوڌري خليق الزمان پنهنجو ڪم ڏيکاري چڪو هئو جنهن ڪري ايوب خان، مسلم ليگ جي سربراهي وارو خيال مٿي مان ڪڍي ڇڏيو هئو ۽ هاڻي انهيءَ تي راضي ٿي ويو تہ هو مسلم ليگ جو ٻيو آني وارو رڪن بڻجي. انهيءَ جي اجازت هن 23 مئي 1963ع تي هڪ گورنرس ڪانفرنس ۾ وٺي ڇڏي هئي ۽ ان ۾ چوڌري خليق الزمان کي بہ خاص طور تي شرڪت جي دعوت ڏني ويئي. ايوب خان جي هن شموليت کي سندس ساٿاري ڪيتري قدر پسند ڪندا هئا تنهن جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو تہ جڏهن ايوب خان ميمبرشپ جو فارم صحيح ڪيو تہ "مبارڪ سلامت" جي نعرن ۾ صدر ٻن فارمن تي صحيحون ڪري مسلم ليگ جي ٻتي رڪنيت. هڪ اوپر پاڪستان جي ۽ هڪ اولهہ پاڪستان جي حاصل ڪري ورتي. ان ڪانپوءِ دعاءِ خير گهري ويئي. تنهن بعد ڪنهن شرير هڪ فارم نواب ڪالاباغ جي آڏو ڪٽي رکيو تہ جيئن هو بہ صحيح ڪري مسلم ليگ ۾ شامل ٿئي. نواب صاحب اهو ڏسي فارم کي ڪٽي اهڙيءَ طرح پري ڦٽي ڪيو جهڙو ڪو هن جي جهوليءَ ۾ وڇون اچي ڪريو هجي ۽ ٿورو ڪاوڙ جي چيائين: "بابا! مون کي معافي ڏيو. چوتا مون کي هن ڊونڊ ۾ گهليو." اتفاق سان اهو جملو ايوب خان ٻڌي ورتو، سو حيرت ۽ شڪايت جي انداز ۾ ڪيس ڏسي ڪجهہ چوڻ وارو هئو تہ نواب صاحب سانڊي وانگيان رنگ بدلائي ڪجهہ ڦڪو ٿي چيو: "عاليجاه! گورنر تہ اوهان جا لڳايل ننڍڙا غلام آهن. منهنجو خيال آهي تہ اوهان ٻين سرڪاري نوڪرن وانگيان گورنرن کي بہ سياست کان پري رکو تہ مناسب ٿيندو." (1)

ايوب خان مسلم ليگ ۾ شموليت، کان اڳ پوري ملڪ ۾ وڏي پئماني تي گرفتارين جي زبردست مهم هلائي. جيتوڻيڪ هنن گرفتارين جو تعلق، ٽن ڏينهن کان پوءِ ڪراچي ۾ ٿيندڙ جمهوري ڪانفرنس جي انعقاد سان هئو پر ماڻهن انهيءَ کي ايوب خان جي سياسي زندگي سان سمجهيو. هن ۾ تقريباً سمورا ليفٽ جا ليڊر، مذهبي جماعتن، سيڪيولر پارٽين جا اڳواڻ ۽ چوند قوم پرست گرفتار ڪيا ويا. هنن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي، زيڊ ايڇ لاري، محمود الحق عثماني، مولانا

(1) شهاب، ص 883، 84

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طفيل احمد، مولانا عبدالستار نيازي، خواجہ محمد رفيق ۽ نوابزاده نصرالله خان کي قلم 124- الف هيٺ گرفتار ڪيو ويو.

ايوب خان جي مسلم ليگ ۾ شموليت تي ملڪ ۾ گڏيل ردعمل پيدا ٿيو. قوم پرست ۽ سيڪيولر عناصر انهيءَ کي ننديو ۽ ان کي شهري آزادي ۽ جمهوريت جي خلاف قرار ڏنو.

اوڀر پاڪستان جي ليڊرن، انهيءَ فيصلي تي تمام ڳڻ ڳوت ڪانپوءِ ردعمل ظاهر ڪيو. هنن مان گهڻن انهيءَ کي گهري سازش قرار ڏنو ۽ چيو تہ هي بنگالين جي حقن ڦٻائڻ جي ڪوشش آهي. ان وقت اوڀر پاڪستان ۾ مسلم ليگ هڪ مئل گهوڙي مثل هئي ۽ خان عبدالصبور خان يا نورالامين جهڙن ماڻهن ڪانسواءِ ٻي ڪنهن وڏي اڳواڻ جي حمايت حاصل ڪونہ هئي.

اولهہ پاڪستان جي ڳالهہ ٻي هئي، ڇاڪاڻ تہ هتي چوڌري، سردار، جاگيردار ۽ خان گهڻا هئا تنهنڪري بيانن جي لانڍ لڳي ويئي. واهہ واهہ جا بيان، ڏهڪي عرصي تائين اخبارن ۾ ڇپندا رهيا. مرڪزي ۽ صوبائي وزارتن جا اهل ڪار رات ڏينهن اخبارن جا چڪر ڪاٽيندا رهندا هئا تہ آجياني بيان وڏين سرخين سان ڇپندا رهن. سنڌ ۽ پنجاب مان تہ لائين لڳي ويئي هئي. موقع پرستن کي جتان ۽ جيڏي مهل تي آيو، بيان تي جاري ڪيائون بلڪ ان ڪانپوءِ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ جي لاءِ درخواستن جو سلسلو شروع ٿي ويو. سنڌ مان نواب يوسف چانڊيو، رئيس مامون خان ملڪائي، سيٺ محمد صادق ميمڻ، رئيس جمال خان لغاري، سانگهڙ مان خانبهادر غلام محمد وساڻ، ڄام صادق علي، ٿرپارڪر مان پير غلام رسول شاهہ جيلاني، ناڪر لڇمڻ سنگهہ، راڻا چندر سنگهہ، حيدرآباد مان مخدوم محمد زمان طالب المولي، قاضي محمد اڪبر، قاضي عبدالمجيد عابد، غلام نبي ميمڻ، نواب شاهہ مان سيد خير شاهہ ۽ ٻيا سيد خاندان، نواب شاهہ مان جتوئي خاندان، خيرپور مان مير علي مراد ۽ ٻيا ٽالپر خاندان جا ڪارڪن، راڻيپور وارا پير، سکر مان مهر خاندان. جيڪب آباد مان ڏومبڪي ،لاڙڪاڻي مان ڀٽو خاندان ۽ دادو ضلعي مان عبدالمجيد جتوئي وارن ايوب خان جي ليڊرشپ کي قبول ڪري ورتو ۽ انهيءَ جي اظهار طور مسلم ليگ ۾ شامل ٿي ويا بلڪ مسلم ليگ جي ميمبرشپ وڌائڻ لاءِ رڪنيت جي

فارمن جا بنڊل لکي پنھنجي ماٿھن ۾ ورھائڻ لڳا.

سچ ھيءَ آھي تہ ھنن کي نہ تہ مسلم ليگ سان دلچسپي ھئي نہ وري ايوب خان جي، ھنن کي تہ پنھنجن مفادن جو تحفظ ڪرڻو ھئو ۽ اھو يقين ڪرڻو ھئو تہ ايوب خان جي آندل سڌارن جو ھنن تي اثر نہ پوي. ايوب خان بہ ھر ھڪ کي پنھنجي درجي، حيثيت ۽ مرتبي مطابق مان ڏنو. جن کي وزارتون نہ مليون تن کي پارليماني سيڪريٽري بنائي ڇڏيائين. سترھن کن پارليماني سيڪريٽري مقرر ٿيا جن ۾ يوسف چانڊيو، ڪي بي جعفر ۽ چام صادق علي جھڙا شامل ھئا جيڪي گاڏين تي جھنڊا ھڻي ھلڻ ۾ ئي فخر محسوس ڪندا ھئا. سرڪاري ڌر جي ميمبرن لاءِ بہ گھڻ ”ڪشش“ ڪانہ ھئي. ان وقت گاڏين جي درآمد تي پابندي ھئي پر ميمبرن کي ”ڪارٽينا“ گاڏين جي پرمٽن تي راضي ڪري ڇڏيو ۽ خاص مقربن جي لاءِ سامان (اوپن جنرل لائسنس) جي ذريعي درآمدي پرمٽون ھيون جيڪي راتو رات ميمبرن جي خوابن کي تعبير ۾ تبديل ڪري ڇڏينديون ھيون. ايوب خان پنھنجي زمانہ اقتدار جي آخري گھڙين تائين انھن سياسي حربن کي جاري رکندو آيو ۽ انھيءَ ئي کي پنھنجي بقا جو واحد حل سمجھندو رھيو. پر ھو ڦيليل ھئو.

# 27

# صدارتي چونڊون: ڊانڊلين جي بحالي

سال 1963ع پاسو ورائڻ شروع ڪيو تہ ايوب خان جي قائم ڪيل گھٽو ڪري غير سياسي نظام ۾ سياسي چرپر تيزي وٺڻ لڳي. ڪٿي ايوب خان جو اهو وعدو تہ هو معاشري مان برايون ۽ سياست مان بدعنوانيون ڪڍڻ کان پوءِ هليو ويندو، ڪٿي هيءَ تہ هو پاڻ هاڻي سياسي منڊل جو هڪ روپ ڌاري تي ويو هئو. ظاهر آهي تہ هن سياسي مانڊاڻ ۾ ايوب خان هجي يا هن کان پوءِ ايندڙ فوجي ۽ غير فوجي سياستدان، روپ ڌاري تيڻ ڪانسواءِ سياست جي رمزن کي سمجهي نٿا سگهن ۽ وري انهن ڏينهن جڏهن ايوب خان، معاشري جو "مسيحا" ٿيڻ جي دعويدارتي آيو هجي، ان لاءِ اها فضا ڏاڍي همت افزا هئي.

1958ع کان وٺي، ايوب خان، پنهنجي مرضيءَ سان ملڪ هلائيندو رهيو هئو ۽ کيس معلوم هئو تہ جيستائين جسماني صحت اجازت ڏئي ٿي ۽ اقتدار جي جهل کيس هوا هٽندي رهي، تيستائين ڪيترا بہ سياستدان گڏجي سندس ڪجھ بہ نہ بگاڙي سگهندا. سئنڊرورسٽ[1] جي تربيت دنيا جا بهترين فوجي ليڊر پيدا ڪيا هئا پر اها سکيا بہ کيس هٿيارن جي زورتي سياسي اقتدار سنڀالڻ کان بچائي نہ سگهجي ۽ هن کي يقين هئو تہ پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ جتي پڙهيل لکيل ماڻهن جو ڳاٽيتو ڏہ سيڪڙو مس آهي "وفادار نوڪر شاهي ۽ فوجي

(1) برطانيہ جي فوجي درسگاهہ جيڪا فوجي تربيت لاءِ بهترين درسگاهہ ۽ تجربيگاهہ ثابت ٿي آهي ۽ پوري دنيا ۾ پنهنجي وڏي ساک رکي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيپرائي" سان حڪومت کي چڱي موچاري ڏيگهه ڏيئي سگهجي ٿي. ايوب خان انهيءَ سوچڻ ۾ غلط به هئو ته صحيح به. صحيح هن ڪري ته هو جنرل گريسي [1] کان چارج وٺڻ کان وٺي 1954ع تائين پاڪستان جي سياست جو ڳوڙهو اڀياس ڪري چڪو هئو ۽ جڏهن ڪيس ماڻهن جي نفيسات، خود پرست سياستدانن ۽ لالچي ڪامورا شاهي جو پليءَ پيت اندازو ٿي ويو ته نيٺ هن اقتدار کي پنهنجي آخري منزل بڻائي ڇڏيو. 24 اڪتوبر 1954ع تي جڏهن غلام محمد، آئين ساز اسيمبلي کي ٽوڙي ڪم ڪار اُڪلائڻ لاءِ هڪ هٿ ٺوڪئي ڪابينه جوڙي ته ايوب خان، جيتوڻيڪ ان وقت ڪمانڊر انچيف هئو، پر جڏهن محمد علي بوگرا کي وزير اعظم نامزد ڪيو ويو هئو تڏهن هن کي به وزير ڪري اقتدار ۾ شامل ڪيو ويو. ايوب خان جي چوڻ مطابق هن اهو عهدو "انهيءَ ڪري قبوليو ته هو فوج ۽ سياستدانن جي درميان هڪ پل جي طور ڪم ڪندو. حڪومت پوريءَ طرح منجهيل هئي جنهن جو ڪو ليڊر ڪونه هئو ۽ مون کي معلوم هئو ته سياستدانن جون نظرون فوج ۾ ڪتل هيون ۽ هنن چاهيو ٿي ته فوج ۾ پنهنجا حمايتي گروه پيدا ڪري سگهن. هي ئي اهو وقت هئو جو مون پنهنجو پروگرام ڪابينه کي پيش ڪيو. [2]

اڪتوبر 1958ع کان 1963ع جي سرءُ تائين جو وقت، ايوب خان جي انهيءَ پراڻي خواب جي تڪميل ٿي.هو انقلاب جي نالي ۾ بغاوت ڪري اقتدار تي قبضو ڪري چڪو هئو، سڌارن جي نالي ۾ پنهنجن نام نهاد سياسي خيالن جي پوٺواري ڪري رهيو هئو ۽ هاڻي پنهنجي مسند کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار هئو جن جي ڪري هو سياستدانن کي ننديندي کين اقتدار کان نااهل بنائي چڪو هئو. پنهنجي انهيءَ خودپرستي واري جذبي هيٺ، هو آئيني سفارشن کي رد ڪري هڪ اهڙو آئين لاڳو ڪري چڪو هئو جنهن ۾ اقتدار جو سمورو اختيار وٽس هئو ۽ ڪيس اقتدار تان هٽائڻ ذڪيو بنجي ويو هئو پر تنهن هوندي به اهو ممڪن هئو ته سياستدان کيس اقتدار کان هٽائي، حقيقي جمهوريت ڏانهن لڙي اچن. مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ جو مقصد اهوئي هئو ته هو سياستدانن وانگيان ڪم ڪري ۽ سياسي دائري کان ٻاهر

(1) آخري گورو ڪمانڊر انچيف، جنهن کان هن 17 جنوري 1951ع تي چارج ورتي
(2) ايوب خان، فرينڊس ناٽ ماسٽرس ص53

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي سياسي چالون هلڻ ذڪيو ڪم هئو. صدر ايوب سياست ۾ گهڙڻ جو فيصلو تہ ڪري چڪو هئو پر ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿي آيس تہ ڇا ڪري. پهرياڻين اهو خيال هئس تہ نئين سياسي جماعت ناهي پرپوءِ هن جي اک وڃي مسلم ليگ ۾ کتي. بلڪ "ڏينهون ڏينهن وڌندڙ خوشامدڙين سندس من ۾ اهو خيال گهر ڪرائي ڇڏيو تہ هو ئي قائداعظم جو جانشين پيدا ٿيو آهي ۽ جيڪو ڪم محمد علي جناح اڌورو ڇڏي ويو آهي، سو پورو ڪرڻ ايوب خان جي نصيب ۾ آهي." [1]

دراصل ڳالهہ هيءَ هئي تہ ايوب خان جو صدارتي مدو 1964۾ پورو ٿي رهيو هئو. عوامي آيار، ايوب خان جي خلاف وڃي رهيو هئو. اولهہ پاڪستان ۾ پنجاب کانسواءِ سمورا صوبا ون يونٽ جي خلاف هئا ۽ ون يونٽ جي ڳالهہ ڪرڻ ايوب خان کي گارڏيڻ جي برابر هئي بلڪ هو ان کي پنهنجو ذاتي دشمن سمجهندو هئو. تنهنڪري هن ون يونٽ کي محفوظ ڪرڻ لاءِ چٽ ۽ لٽ وارا بئي طريقا اختيار ڪري رکيا هئا. ون يونٽ جي خلاف آواز اٿاريندڙ ليڊر، ورڪر، اخبار نويس ۽ اديب و شاعر ڏاڍي عتاب هيٺ هئا. تنهن هوندي بہ ون يونٽ جي خلاف تحريڪ رات ڏينهن اڳتي وڌي رهي هئي. انهيءَ کان سواءِ معاشي پاليسيون بہ صرف وڏن ماڻهن کي ورسائڻ لاءِ ناهيون پئي ويون جنهن جي لاءِ شعيب احمد جهڙي هنرمند ماڻهوءَ جون خدمتون حاصل ڪيون ويون هيون. غير ملڪي قرضن جو دٻاءُ، سڌيءَ طرح عام ماڻهوءَ تي پئجي رهيو هئو ۽ هن حقيقت جي باوجود تہ ملڪ امير محمد جهڙي سخت گورنر ذريعي، اولهہ پاڪستان ۾ هر عوامي آيار سختي سان دٻايو ٿي ويو. ايوب خان جي خلاف عام جذبا مخالف طرف وهي رهيا هئا.

اولهہ پاڪستان ۾ تہ ڇئن صوبن ۾ ٻولي ۽ ثقافتن، معاشيات ۽ تعليم جي فرق هئڻ ڪري مفادن جي جنگ هئي ۽ ايوب خان جي خلاف ڪا هڪجهڙي راءِ اجا پوريءَ طرح ڪانہ ايري سگهي هئي. اوڀر پاڪستان ۾ صورت حال ايوب خان جي بنهہ خلاف هئي ۽ ان ۾ تيزيءَ سان واڌارو اچي رهيو هئو. انهيءَ جا گهڻيئي ڪارڻ هئا جن جو تفصيلي ذڪر اڳتي ڪنداسين. مختصر هيءَ تہ هو اولهہ پاڪستان جي بالادستي، خاص ڪري پنجاب جي "بينڪيت" خلاف سخت مخالفانہ

(1) شهاب نامہ، قدرت الله شهاب- ص 880

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جذبا رڪندڙ هئا. جڏهن ايوب خان جي باري ۾ اهو هل اٿيو تہ هو ايندڙ صدارتي چونڊن ۾ اميدوار ٿيندو تہ راءِ عامہ تيزي سان هموار ٿي لڳي.

تاريخ جي هن موڙ تي شيخ مجيب جو نالو فوري طور منظر عام تي اڀري آيو جيڪو ٻوليءَ جي هنگامن وقت صرف هڪ شاگرد اڳواڻ هئو ۽ هاڻي سنجيده سياست ۾ اچي ويو هئو. سهروردي جي اڪين ڪان سڪيل سياست جي اصولن ڪيس انهيءَ جي لائق بنائي ڇڏيو هئو تہ اوڀر پاڪستان جي مسئلن کي سمجهي ۽ انهن کي حل ڪرڻ لاءِ راهہ ڳولي. انهيءَ وقت اوڀر پاڪستان تي اولهہ پاڪستان جي سياست ۽ اقتصادي غلبي کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ هن آڏو ٻہ رستا هئا: هڪ هيءَ تہ هو آئيني جنگ لڙي بنگالين لاءِ حق حاصل ڪري ۽ ٻيو هيءَ تہ هو بنگالين کي رستن تي آڻي حڪومت ۽ دنيا تي واضح ڪري تہ هو ڪيتري قوت جا مالڪ آهن. بهرحال، انهيءَ وقت حالتن کي آڏو رکندي هن فيصلو ڪيو تہ في الحال آئيني جدوجهد ۾ حصو وٺندو ۽ هر انهيءَ سياستدان جو ساٿ ڏيندو جيڪو بنگالين ۽ اوڀر پاڪستان کي پنهنجي جائز حصي ۽ حق وٺي ڏيڻ ۾ مدد ڪندو.

ايوب خان جي ڇاڪاڻ تہ نظر 1964ع وارين صدارتي چونڊن تي هئي تنهنڪري هو آئين ۾ اڳواٽ ئي اهڙيون سخت ضمانتون حاصل ڪري چڪو هئو جو ميمبر سندس ئي چوڌاري گهمن. انهن ۾ پهرين هئي سياسي پارٽين جو ائڪٽ، 1962ع(1) جنهن موجب ڪوبہ ميمبر، پنهنجي پارٽي بدلائي نئي سگهيو ۽ جيڪڏهن وفاداري بدلائڻ جو ارادو رکندو تہ پوءِ کيس پنهنجي سيٽ تان استعيفا ڏئي، نئين پارٽي جي ٽڪيٽ تان نئين سر چونڊ لڙڻي پوندي. ظاهر آهي تہ اهڙي شرط جي آڏو ڪوبہ ميمبر، حڪومتي پارٽي جي مخالفت سهي پنهنجي سيٽ کي خطري ۾ وجهڻ لاءِ تيار ڪونہ هئو. بهرحال، انهيءَ جي پيچڪڙي بہ پاڻ ان وقت ڪيائين جڏهن ايوب ان، صدارتي چونڊن لڙڻ واري فيصلي ڪرڻ کان پوءِ ٻي ترميم پيش ڪرڻ جو ارادو ڪيو. مخالف ڌر جا اٺ ميمبر، انهيءَ ترميم جي خلاف هئا پر ايوب خان انهن کي ٽوڙي پاڻ وٽ ڪري ڇڏيو ۽ باقي ايوان جي گهوڙا گهوڙا جي باوجود ڪنهن بہ ميمبر خلاف ڪو رفرنس ڪونہ پيش ڪيو ويو، بلڪ انهن کي انعامن سان نوازيو ويو.

---

(1) Political Parties Act, 1962

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ترميم جو مقصد هئو تہ ايندڙ صدارتي چونڊن تائين صدر باقاعده صدارتي عهدو پنهنجي هٿ ۾ رکندو ۽ مدو پوري ٿيڻ کانپوءِ اختيار نئين چونڊيل صدر جي حوالي ڪندو. ظاهر آهي تہ هو برسر اقتدار، سويہ فوجي صدر، تنهن جي خلاف ڪهڙو اميدوار چونڊ لڙي ۽ ڪٽي سگهندو. بهرحال، مخالفت جي باوجود هيءَ ترميم پاس ٿي ويئي.

17- اپريل 1964ع تي اليڪٽرول ڪاليج ائڪٽ پاس ڪيو ويو جنهن هيٺ ملڪ جي 11 ڪروڙ آبادي سان اسي هزار بنيادي جمهوري ميمبرن کي چونڊ جو حق ڏنو ويو.

انهيءَ وقت تائين اوڀر پاڪستان وارا پنهنجي قوت کي ڪٺي ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيا هئا. ظاهر آهي تہ ايوب خان کي اقتدار تي ڪهڙي بہ طريقي قبضو جاري رکڻو هئو. تنهڪري اهي سڀ حيلا هلائڻ لڳو جيڪو ڪو آمر هلائي سگهيو ٿي: يعني پنهنجن مخالفن کي چڙوچڙ رکڻ ۽ جن ۾ ٿوري اُڀرڻ جي صلاحيت هجي تن کي رهي ريبي پنهنجي پاسي ڪرڻ يا مورڳو چيپاتي رکڻ. انهيءَ معاملي ۾ اوڀر پاڪستان هن کي سڀ کان وڏو مخالف نظر اچي رهيو هئو. اوڀر پاڪستان وارا ٻوليءَ جي هنگامن کان وٺي مارشل لا جي لڳڻ تائين، نوڪرين کان وٺي واپار ۾ سدورا سور سهيو ويٺا هئا. تن ۾ انهيءَ وقت نئون ولولو جاڳي چڪو هئو. شيخ مجيب الرحمان بنگالي نيشنلزم جي نعري سان ڏينهون ڏينهن مقبول ٿي رهيو هئو. تنهن هوندي بہ اهڙي شخصيت جو مالڪ ڪونہ هئو جيڪو ايوب خان جي خلاف صدارت جي عهدي جي آرزو ڪري ۽ سموري سرڪاري مشنري ۽ وسيلن سان منهن مقابل ٿي سگهي. تنهن ڪانسواءِ ٻين بنگالي ليڊرن جي حمايت هئڻ بہ ضروري هئو. سهروردي ۽ مولانا ڀاشاني اهڙا ليڊر هئا جيڪي متفقہ فيصلي جا حامي هئا پر ٻين ننڍين وڏين پارٽين کي ويجهو آڻڻ ڏاڍو ڏکيو هئو. ڀاشاني جي سياست بہ چاڪاڻ تہ بنگالي نيشنلزم تي ٻڌل هئي تنهنڪري هن نيٺ اهو فيصلو ڪيو تہ ڪو اهڙي ماڻهن ايوب خان جي سامهون بيهار جي جنهن تي اولہ پاڪستان ۽ اوڀر پاڪستان ٻنهي ۾ اتفاق راءِ هجي، يا گهٽ ۾ گهٽ جنهن جي ٿوري ۾ ٿوري مخالفت هجي. هن جو هڪ ٻيو ڪارڻ هيءَ بہ هئو تہ بنگالين کي ايوب خان جي پيدا ڪيل هٽراڌو برابري بہ ٿوڙٽي هئي ۽ انهيءَ جي لاءِ نہ صرف اوڀر پاڪستان ۾ مڪمل ايڪو گهربو هئو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر اولهہ پاڪستان مان بہ چڱي موچاري حمايت حاصل ڪرڻي هئي ۽ اهڙي حمايت حاصل ڪرڻ جو آسرو صرف هڪ مسئلي ـ ون يونٽ ـ تي هئو جنهن جي ذريعي سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد صوبن جي قوم پرست طبقي جي حمايت حاصل ٿي پئي سگهجي پر بنگالي اهو شايد وساري چڪا هئا تہ صدارتي چونڊون هڪ ماڻهو هڪ ووٽ جي آڌار تي ڪونہ ٿي رهيون هيون، پر هڪ اهڙي اڻ سڌي بنياد تي ٿي رهيون هيون جن ۾ ووٽرن جو تعداد صرف اسي هزار هئو. بهرحال اپوزيشن ايوب خان کي بنا چيلينج وڃڻ نہ ڏنو.

اليڪشن ڪميشن پنهنجو ڪم شروع ڪري ڏنو. ٽڪ بندي جاري هئي تہ مولانا ڀاشاني ۽ ٻيا ليڊر هڪٻئي سان ملي هڪ گڏيل محاذ ٺهيو جنهن ۾ ننڍي صوبن جي محروم طبقن جي مسئلن کي آڏو رکي ڪئين ڏينهن ملاقاتون ۽ بحث مباحثا هلندا رهيا.

متحده محاذ ٺاهڻ ۽ ايوب خان جي خلاف گڏيل اميدوار بيهارڻ واري سوال تي تہ ڪنهن کي ڪو اختلاف ڪونہ هئو پر ون يونٽ جو مسئلو، بلڪ هڪ ماڻهو هڪ ووٽ وارا سوال اٿانگا هئا. ايوب خان جا چاڙتا انهن سوالن کي ڏاڍو اُڇاليو. پنجاب کي اهي ٻئي سوال اٿانگا لڳي رهيا هئا. پنجاب، سنڌ ۽ ٻين ننڍين صوبن کي مات ڪرائڻ لاءِ ڪيڏيءَ مهل زونل فيڊريشن ڪنهن وقت ون يونٽ کي ختم ڪرڻ جا وعدا ٿي ڪياڻون، بهرحال اهو طئي ڪيو ويو تہ ايوب خان کي شڪست ملڻ جي صورت ۾ ملڪ کي واپس وفاقي پارليماني نظام هيٺ آندو ويندو ۽ ون يونٽ کي ٽوڙڻ جو مسئلو بعد ۾ صوبن جي راءِ مطابق حل ڪيو ويندو.

ايوب خان گهڻو اڳ، پنهنجن حاشيہ بردارن، خوشامدڙين ۽ وزيرن جي چوڻ ۾ اچي پاڻ کي بادشاهہ سمجهڻ لڳو هئو. بلڪ ڪيس اهو باور ڪرايو ويو هئو تہ سندس ڪيل ڪمن جي ڪري ماڻهو ڪيس وڏي اڪثريت سان چونڊي چڏيندا ۽ چونڊ جي تہ صرف هڪ رسم هوندي سمورا سرڪاري ذريعا، ريڊيو، اخبارون سرڪاري پئسي جي زور تي مگٹهارن وانگيان دهل دماما وڄائي ماڻهن کي يقين ڏياري رهيا هئا تہ ايوب خان ملڪ ۾ ڪير جون نديون ۽ ماکيءَ جا چشما وهائي ڇڏيا آهن.

هر آمر وانگيان، ايوب خان جي بہ مزاج جو اهو حصو بنجي چڪو هئو تہ ترجيتري اپوزيشن بہ سهي نہ سگهندو هئو. بلڪ اپوزيشن جي هر

ليڊر جي هر ڳالهه کي ملڪ دشمني سان ڳنڍيندو هئو. مثال طور ڪنهن اپوزيشن ليڊر حڪومتي پاليسين تي نڪتہ چيني ڪئي تہ اهو بيان ملڪ دشمني جي دائري ۾ اچي ويو. ظاهر آهي تہ خانداني قوانين کان وٺي زرعي سڌارن ۽ ون يونٽ تائين سموريون حڪومتي ڳالهيون اپوزيشن جي نڪتہ چيني هيٺ آيون. صدارتي چونڊون ٻا اچڻ واريون هيون، سڄي ملڪ ۾ اٿل پٿل اچي ويئي هئي. سرڪاري مسلم ليگ جو اميدوار تہ ايوب خان نامزد ٿي چڪو هئو. پر اپوزيشن وارا ڏاڍي ڳڻتي ۾ هئا. هنن کي ڪو اهڙو موزون ماڻهو گهربو هئو جيڪو ايوب خان کي هارائي سگهي. انهيءَ وقت ڪيترائي نالا آڏو هئا پر ڪوبہ اهڙو ڪونہ هئو جيڪو پاڪستان جي ٻنهي حصن ۾ هڪجيتري عزت جو مالڪ هجي ۽ جيڪو ايوب خان جي هيڏي ساري سرڪاري مدد جو مقابلو ڪري سگهي. اپوزيشن وارا ايوب خان کي هٽائڻ واري نڪتي تي متفق ٿيندي هڪ متحده محاذ Combined opposition parties ناهي چڪا هئا جن ۾ چوڌري محمد علي، مولانا مودودي، خواجہ ناظم الدين، مير جعفر خان جمالي، محمود الحق عثماني، شيخ مجيب الرحمان، مولانا ڀاشاني، شيخ عبدالمجيد سنڌي سڀ هئا. پر متفقہ صدارتي اميدوار ملڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿي. نيٺ قائداعظم جي ڀيڻ فاطمہ جناح جو نالو آڏو آيو. هن نالي تي سڀ راضي ٿيا تہ مس جناح مڃڻ لاءِ تيار ڪانہ ٿي. نيٺ سيپٽمبر 1964ع ۾ مس جناح سان ڪئين ملاقاتون ڪرڻ کان پوءِ هوءَ انهيءَ لڙائي وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويئي.

مس جناح، بانيءِ پاڪستان جي ڀيڻ هئڻ جي ناتي ڏاڍي عزت جي مالڪ هئي پر اوير پاڪستان ڏاڍو اٽانگو صوبو هئو. هو نہ صرف اولهہ پاڪستان کان ڌنل هئا پر کين اهو بہ پڪ هئو تہ جيڪڏهن هنن چونڊن کان پوءِ بہ کين پنهنجا حق نہ مليا تہ اهو پنهنجي هٿ سان پنهنجو انت آڻڻو پوندو. ايوب خان کي اهو ڊپ هئو تہ جيڪڏهن اوير پاڪستان مان ڪو مضبوط اميدور آڏو آيو تہ اولهہ پاڪستان جا ٿورا ميمبر ملي هن جي "بادشاهت" وارو خواب پورو ڇڏيندا. تنهنڪري هو بہ انهيءَ ڪوشش ۾ هئو تہ اوير پاڪستان مان ڪو اميدوار نہ اٿي. انهيءَ ۾ هو گهڻي ڀاڱي ڪامياب بہ ويو ۽ قدرت الله شهاب جو خيال آهي تہ انهيءَ "مشن" جي ڪاميابي ان وقت جي وزير خارجہ ذوالفقار علي ڀٽي جي سر آهي. هن جو

خيال آهي تہ جيڪڏهن جنرل اعظم خان کي نامزد ڪيو وڃي ها تہ ايوب خان کي ڏاڍي ڏکيائي ٿئي ها. چاڪاڻ تہ اعظم خان بنگالين جي لاءِ تمام گهڻو ڪم ڪيو هئو ۽ هن کي اتي چاچا اعظم جي نالي سان ياد ڪيو ويندو هئو. شهاب جو چوڻ آهي تہ "وزير خارجہ مسٽر ڀٽي هڪ ترپ چال هلي .نيشنل عوامي پارٽي جي ممتاز رڪن مسيح الرحمان سان هن جي ويجهي دوستي هئي. مسيح الرحمان، مسٽرڀٽي جي هم نوالہ ۽ هم پيالہ هئڻ سان گڏ پاشاني جو بہ ساجو هٿ هئو. ذاتي طور تي هو ڪنهن سٺي شهرت جو مالڪ ڪونہ هئو ۽ سياست ۾ اگهہ تگهہ ڪرڻ جي رازن کان پوريءَ ريت چاڻو هئو. چيو وڃي ٿو تہ مسٽر ڀٽي ڪيس پنجن لکن رپين عيوض خريد ڪري ورتو...... مسيح الرحمان جي داءُ پيچ ۾ اچي مولانا ڀاشاني، متحده محاذ تي اهو شرط لاڳو ڪري وڌو تہ صرف اهڙا ماڻهو صدارتي اميدوار نامزد ڪري سگهون ٿا جن جو مارشل لا جي حڪومت سان ڪو واسطو نہ رهيو هجي."[1] اهڙيءَ طرح اعظم خان جو نالو پاڻمرادو مقابلي مان نڪري ويو.

شهاب هڪ ٻيو واقعو بہ ڏسي ٿو جنهن متحده محاذ کي وڏو ڌڪ رسايو .اهو هيءَ تہ متحده محاذ اهو فيصلو ڪيو هئو تہ ايوب خان چاڪاڻ تہ فيلڊ مارشل جي طور تي هن جي مقرري جو جيڪو حڪم ٿيو هئو تنهن جي مطابق، هو آئيني طور صدارتي اميدوار نٿي ٿي سگهيو. آئين، اها پابندي هٽي ڇڏي هئي. متحده محاذ وارا اچا سپريم ڪورٽ ۾ وڃڻ جي تيارين ۾ هئا تہ مسيح الرحمان پنهنجي دوستي جو حق ادا ڪندي، ڀٽي کي اها ڳالهہ ٻڌائي ڇڏي جنهن ايوب خان کي آگاهہ ڪري ڇڏيو. ايوب خان اهڙي طرح قانوني حجت کان بچڻ لاءِ پنهنجي تقرري جي حڪمن کي هڪ ٻئي حڪم With resprotective effects جي ذريعي اها قانوني صحبت دور ڪري آئيني ضرورت پٽاندر ڪري ڇڏي."[2]

هاڻي اپوزيشن لاءِ ڪا ٻي واهہ ڪانہ هئي ۽ صرف مس جناح جو نالو ئي هئو جيڪو صدارتي اميدوار طور آڏو هئو.

سپٽمبر 1964ع ۾ اپوزيشن پارٽيون، قائداعظم جي ڀيڻ فاطمہ جناح کي پنهنجو اميدوار بنائڻ تي راضي ٿي ويا. نہ صرف ايترو پر هنن

(1) شهاب نامہ۔ ص 1024

(2) شهاب، ص 1024، 25

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس مجرائڻ لاءِ ساٿس ڪئين ملاقاتون ڪيون. مس جناح، انهيءَ لاءِ راضي ڪانہ ٿئي ٿي جو هن کي معلوم هئو تہ ڪنهن جمهوري نظام جي غير موجودگي ۾ هڪ خودپرست فوجي آمر جي آڏو چونڊ لڙڻ ڪيڏو ڏکيو ڪم هئو. چوڌري محمد علي، محمود علي قصوري، خواجہ ناظم الدين، مير جعفر خان جمالي، محمود الحق عثمان، مير رسول بخش ٽالپر، شيخ مجيب الرحمان، مولانا ڀاشاني ۽ ڪئين ٻيا رهنما گڏجي مس جناح کي منٿون ڪندا رهيا ۽ نيٺ وڏيءَ عمر جي باوجود هڪ ڏينهن هن خاتون چونڊن وڙهڻ جو هي بارکنيو. رهيو سوال تہ هن قسم جون چونڊون، نڪو مس جناح وڙهيون هيون ۽ نہ وري ملڪ جي ٻين سياسي رهنمائن. بهرحال رائج قانون ۾ آئين هيٺ چونڊون لڙڻ مجبوري هئي تنهنڪري في الحال انهيءَ نظام ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

وڏيرا، چوڌري، خوانين ۽ سردار ٻنهي پاسي هئا پر گڏيل محاذ ۾ مڙيئي گهٽ هئا. اها هن ملڪ جي سياستدانن ۽ خاص ڪري انهن خاندانن جي جيڪي قبائلي نظام مان جنم وٺي سياست کي پنهنجي ڏال بنائيندا آهن سي هميشہ اوڏانهين هوندا آهن جتي ساهميءَ جو پلئہ ڳرو هجي. فاطمہ جناح سان بہ ائين ٿيو. پئسي وارا ۽ ووٽن جي خريد ڪرڻ واريون ڌريون اڳئي وڪامجي چڪيون هيون. باقي اڌڙ قسم جا وڏيرا، مقروض چوڌري، برادريءَ جي انگ ۾ ٻڌل خان ۽ڏاڍ تي هلندڙ سردار ايوب خان جي ڏيڍيءَ تي هوڪا ڏيئي رهيا هئا. تنهن هوندي بہ فاطمه جناح جي نالي تي، سرگرم ورڪر، بي لوث ووٽر ۽ اقتدار جي دروازي کان ٻاهر بيٺل سمورا اچي گڏ ٿيا هئا. ۽ ائين ڪونهي تہ ايوب خان جي برسر اقتدار رهڻ جي خوف کان فاطمه جناح جي حمايت ۾ ڪونہ نڪتا. يا هنن انهيءَ جو اظهار ڪونہ ڪيو بلڪ شايد، سڌارن جي آڙ ۾ ايوب خان جيڪي هاچا ڪيا تن جي خلاف صف آرا ٿي هنن ايوب خان جي خلاف بي اعتمادي جو اظهار ڪري ٿي چڏيو هئو.

ورهين جي خاموش سمنڊ ۾ اڌ مئي قافلي هيءَ ڀهريون پٿر ڦٽي ڪيو هئو جنهن جون لهرون پکڙجڻ لڳيون هيون. ايوب خان ڪناري تي بيهي ڏسي رهيو هئو ۽ جيتوڻيڪ سندس خوشامدڙ يا ڪيس ڏهيسر سڏي بادشاهي جا خواب ڏيکاري رهيا هئا پر ايوب خان وري بہ ماڻهو هئو. جنهن کي خطرو محسوس ٿيڻ لڳو ۽ هو هر وقت پنهنجن مشيرن ۽

صلاحڪارن سان صلاحون ڪرڻ لڳو. نئين سج نيون حڪمت عمليون تيار ٿيڻ لڳنديون هيون ۽ رات جو خوشبودار روشنين ۾ جهيڻن پاڇولن ۾ گم ٿي ويندڙيون هيون ۽ نئين سج سان وري نئين حڪمت عملي جڙندي هئي. مخالفن کي ريهڻ ريبڻ، راضي ڪرڻ، دٻائڻ، هيسائڻ، لالچ ڏيڻ، نوازڻ جا نت نوان شعبا ۽ Cell ٺهڻ لڳا. هر شعبي جي نگران کي مالي ۽ انتظامي سمورا اختيار ڏنا ويا جنهن سان هزارين "بادشاهي برقرار" ۽ آوي آوي جا نعره بازۡ ڪوڏيا پيٽ پاڙڻ لڳا. ائين تي لڳو ڄڻڪ وڏي لڙائي جي تياري هجي. جيتوڻيڪ فني طور ڳالهه صرف اسي هزار بنيادي جمهوريت جي ميمبرن مان 40،001 ميمبرن جي حمايت حاصل ڪرڻ جي هئي جنهن جي لاءِ ايوب خان وٽ سڀ ڪجهه هئو.

چونڊن جي مهم جو هي سلسلو طئي ٿيو ته ٻنهي ڌرين جا اڳواڻ عام جلسن کي خطاب ڪندا ۽ ٻئي مرحلي ۾ بنيادي جمهوريت جي ميمبرن کي خطاب ڪري پنهنجي پروگرام ۽ منشور پيش ڪندا. اڪتوبر 1964ع ۾ مهم جي اجازت ڏني ويئي. فاطمه جناح. تمام سادگي سان ڪراچي کان مهم شروع ڪئي. ڪراچي، حيدرآباد ۽ پوءِ اڳتي وڃڻو هئو. پهريون عام جلسو ڪراچي کان شروع ٿيو ۽ پوءِ حيدرآباد جو وارو اچڻو هئو. ڪراچي واري جلسي ۾ لکين ماڻهو نڪري آيا. جنهن ايوب خان جون اکيون پٽي ڇڏيون. پر کيس خبر هئي ته جيڪي ماڻهو جلسو ٻڌڻ اچن ٿا تن جو ووٽ ڪونه هئو. تنهنڪري اهو چئي "اهي تقريرون جذباتي نعره بازي جو مظاهرو آهن" هن بظاهر نظرانداز ڪري ڇڏيو.

پهرين جلسي جي خاتمي تي ايوب خان پنهنجن صلاحڪارن کي گهرايو ۽ ان جي نتيجن تي سوچ ويچار ڪيو. هن ميٽنگ ۾ گهڻئي رايا هئا پر هڪ وات ڦاتوڙي ائين چئي وڌو ته "شايد اسان کي چيو وڃي هئا ته ايترو هجوم گڏ ڪري نه سگهون ها."

ايوب خان هيءَ چئي پنهنجو پاڻ کي آٿت ڏني ته "چاڪاڻ ته ماڻهن کي گهڻي عرصي کان پوءِ ٻاهر نڪرڻ ۽ ڪنهن پبلڪ ريلي ۾ گڏ ٿيڻ جو موقعو مليو آهي تنهنڪري ايڏو وڏو جلسو ٿيڻ فڪرمندي جي ڳالهه ڪانهي."

ايوب خان کي انهيءَ تي ڳڻتي ڪانه هئي ته ايڏو جلسو ڪنو ڪري سگهجي ٿو ته يا نه، پر هن کي اهو فڪر هئو ته ايڏي جلسي سان پيدا ٿيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نفسياتي اثر کي کيئن زائل ڪجي.

ايوب خان جي ٽولي ۾ پيشہ ورانہ نعره بازي واري سياست جي حامين جو خيال هئو تہ فاطمہ جناح کي روايتي سياسي دشمن طور تسليم ڪجي يعني هن کي سياسي آلودگي ۾گهلي اچجي. پر ڪن ايماندار صلاحڪارن انهيءَ جي مخالفت ڪئي ۽ چيو تہ چاڪاڻ تہ مس فاطمه جي شخصيت بانيءِ پاڪستان سان لاڳاپيل آهن تنهنڪري هن کي محض صدارت جي هڪ اميدوار طور تسليم ڪجي ۽ روايتي سياسي گندگي کان پري رکجي. گهڻي بحث کان پوءِ، ايوب خان جي راءِ، هميشہ وانگيان، حاوي رهي جنهن جو چوڻ هئو تہ چاڪاڻ تہ مس جناح، سياسي ميدان ۾ آهي تنهنڪري هو بہ هر سياسي چال جو نشانو بنائي سگهجي ٿي.

هيءَ ڪا حيرت انگيز ڳالهہ ڪانہ هئي. پاڻ ايوب خان ڪراچي واري جلسي تي ايتري حيرت ڪانہ ظاهر ڪئي جيتري حيدرآباد واري جلسي جي ڳاٽيتي تي. چاڪاڻ تہ سندس چوڻ مطابق حيدرآباد جي ڀيٽ ۾ ڪراچي گهڻو وڏو شهر هئو. حيدرآباد، فاطمہ جناح جي مهم جي بي اسٽيشن هئي جتي هن جو اهڙو استقبال ٿيو جو ايوب خان جي انٽيلجنس ايجنسين جا واڄٽ وڃي ويا. ريلوي اسٽيشن کان ٿيندڙ استقبال حيدرآباد تاريخي آجيائن مان هڪ هئو جڏهن تہ پراڻي عيدگاهہ تي ٿيل عام جلسي ۾ ماڻهن جو ڪاتو لڳائڻ مشڪل هئو. ايوب خان جي صلاحڪارن ۽ حوارين جا واڄٽ وڃي ويا.

حيدرآباد کان پوءِ ٽنڊوآدم، نواب شاهہ وغيره ائين فاطمه جناح جلسن کي خطاب ڪندي پشاور تي سلسلو ختم ڪيو. جڏهن تہ ايوب خان پنهنجي مهم پشاور کان شروع ڪئي ۽ ڪراچي تي ختم ڪئي. هنن سمورن جلسن ۾ خاص فرق نظر آيو. مثال طور فاطمہ جناح، ذاتي حملن کان پاسو ڪندي هئي ۽ پنهنجن تقريرن ۾ مسئلن، انتظامي خامين، فضول خرچين، حڪومت جي ناڪامين وغيره تي نڪتہ چيني ڪندي هئي جڏهن تہ ايوب خان پهرين ڏينهن کان وني فاطمہ جناح کي عورت هئڻ جي ناتي خاميون ڳڻائڻ شروع ڪري ڏنيون ۽ طرح طرح جي موضوعن تي گفتگو ڪئي. جواب ۾ فاطمہ جناح جي ساٿ مان مير جعفر خان جمالي جذباتي ٿي تقرير ڪندو هئو نہ تہ ٻيا اڳواڻ سڀ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تمام ڏيرج ۽ عقل سان تقريرون ڪندا هئا بلڪ هو ڪڏهن بہ اخلاق جي دائري کان ٻاهر ڪونہ نڪتا.

ايوب خان جي ٽولي ۾ تقرير ڪندڙن جي هڪڙي رٽ هئي يعني سياستدانن جي ناڪامي ۽ ايوب خان جي آندل سڌارن جي ساراهہ. .ايوب خان سان ڇاڪاڻ تہ صنعتڪار، وڏيرا، چوڌري ۽ قبائلي سردار شامل هئا،تنهنڪري هن جي جلسن ۾ حاضرين جو تعداد بہ گهٽ ڪري پاڙي تي آندل ماڻهن تي ٿي هوندو هئو. بهرحال هيءَ سلسلو بہ ڏينهون ڏينهن گهٽبو ويو.جنهن تان ايوب خان ڪئين گهمرا پنهنجن ”جلسہ ساز“ ڪارندن کي ڇيپيندو بہ هئو.

ايوب خان کي اهو احساس ڏياريو ويو هئو تہ هو صدارت جي چونڊ ڪٽي چڪو هئو ۽ سچ پچ هئو بہ ائين. هڪ وفادار انتظاميہ اهڙا انتظام ڪري ڇڏيا هئا جو هن کي کٽڻ جي پوري خاطري هئي.

فاطمہ جناح، اولهہ پاڪستان جي مهم پوري ڪري اوڀر پاڪستان جو رخ رکيو تہ سڄو بنگال اٿلي پيو. بنگال جي سرزمين اهڙيون ڪئين سياسي اٿلون پٿلون ڏسي چڪو هئو تنهنڪري هنن انهيءَ جو هڪ پيرو وري مظاهرو ڪري ڏيکاريو. هنن کي اميد هئي تہ هو متحده محاذ جو ساٿ ڏيئي پنهنجن مسئلن جو حل ڳولهي وٺندا. فاطمہ جناح جي اوڀر پاڪستان جي مهم هلي رهي هئي تہ محاذ کي هڪ ڌڪ لڳو: هڪ اهم اڳواڻ خواجہ ناظم الدين گذاري ويو. انهيءَ جو اثر پوڻ لازمي امر هئو پر ٿوري وقفي کان پوءِ وري ساڳي جوش سان تحريڪ شروع ٿي. فاطمہ جناح کي اوڀر پاڪستان ۾ گهٽي محنت ۽ رابطي جي گهرج ڪانہ هئي ۽ ائين ٿي لڳو تہ اوڀر پاڪستان جي ماڻهن ايوب خان کي رد ڪري ڇڏيو هئو ۽ اليڪشن محض رسمي ڪارروائي هئي.

عين مهم جي وچ ۾، ايوب خان هڪ ڳالهہ هُلائي جيڪا شايد سندس آخري چال هئي. اها هيءَ تہ متحده محاذ، اوڀر اولهہ پاڪستان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري، اوڀر پاڪستان کي ڏار ڪرڻ گهري ٿو ۽ اهڙيءَ طرح پاڪستان جو انت اچي ويندو .هو روز نت نيون ڳالهيون ڪٽي ايندو هئو.ڪڏهن هن کي اوڀر پاڪستان ۾ بم ٺاهڻ جا ڪارخانا لڀندا هئا تہ ڪڏهن وري ڪلڪتي مان آيل هندستاني ايجنٽ گهمندي نظر ايندا هئا. اهي ڳالهيون ڪندي هو بہ اوڀر پاڪستان ويو تہ جيئن اوڀر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان جي ماڻهن کي محاذ جي سازشن کان آگاهه ڪري سگهي.“

سرڪاري مشينري ايوب خان لاءِ سامعين جو انتظام ڪندا هئا پر اهي ساڳيا ماڻهو ايوب خان جي تقرير هلندي اڌ مان اٿي هليا ويندا ۽ ڪي وري هن خلاف نعرا هڻندا ويندا هئا. ايوب خان هنن کي ”متحده محاذ جا موڪليل پيشه ورانه تخريب ڪار“ سڏيندو هئو يا وري عوامي ليگ جا حمايتي سڏي پنهنجي موقف جي وضاحت ڪندو هئو. ايوب خان جي حمايت ڪيتري هئي تنهن جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته ايوب خان پنهنجو وڏي ۾ وڏو جلسو رنگپور ۾ سڏيو جڏهن ته انهيءَ کان وڏي ميدان ڍاڪا ۾ موجود هئا.

چونڊ واري مهم جا ٻه مرحلا هئا: هڪ ۾ عام ماڻهن کي خطاب ڪرڻو هئو ۽ ٻئي ۾ ووٽرن کي يعني اسي هزار بنيادي جمهوريت جي ميمبرن کي. عام جلسن ۾ ماڻهو بظاهر فيصلو فاطمه جناح جي حق ۾ ڏيئي چڪا هئا پر ايوب خان بي ڊي نظام جي ذريعي اهڙو بندوبست ڪري چڪو هئو جو هاڻي سموري اقتدار جي واڳ صرف اسي هزار ماڻهن جي هٿ ۾ هئي. انهن ماڻهن مان گهڻا پنهنجي ضمير جا مالڪ هئا پر پئسو، لالچ، سهولتون، فائدا اهڙيون شيون آهن جيڪي تاريخ جي فيصلن کي بدلائي ڇڏين ٿيون. متحده محاذ وارا سگهڻ هٿن ۽ نلهن وعدن سان ليس هئا جڏهن ته حڪومتي مشنري هر ذريعو ڪتب آڻي رهي هئي. رات پيٽ ۾ مسلم ليگ ائڪشن ڪميٽين وٽ، خريد ڪرڻ کان وني بي ڊي ميمبرن جي هر خواهش پوري ڪرڻ جا بي حساب فنڊس موجود هئا.(1)

(1) ”صدارتي چونڊن جي دوران دين جي علاوه دنيا جي به بي حساب دولت لٽائي وئي. ايوب خان جي ڪنوينشن ليگ جي هٿن ۾ ڪروڙن جو اليڪشن فنڊ موجود هئو جنهن جي گڏ ڪرڻ لاءِ طرح طرح جا حيلا ڪتب آندا ويا. اڪثر واپارين ۽ صنعتڪارن کي امپورٽ لائسنس تي مقرره خرچ سان اليڪشن فنڊ ۾ چندو ڏيڻو پوندو هئو. ڪجهه لائسنس فرضي نالن تي جاري ڪري ڳري قيمتن تي گهر جائو واپارين ۽ صنعتڪارن کي وڪيا ويندا هئا. انهيءَ کانسواءِ سڌي، سوٽي ۽ اوني ڪارخانن کان به ڳرا چندا وصول ڪيا ويندا هئا. هن وهندڙ گنگا مان هر ڪوئي وهنجي رهيو هئو ۽ گهٽائي ڪارڪن پنهنجا هٿ پرڻ لاءِ بي حجابي سان سرعام مصروف هئا. صدر ايوب جي هن انتخابي مهم ۾ پئسي جي ورڇ ورهاست ۽ سياسي رشوت کي اهڙو فروغ مليو جنهن جو مثال تاريخ ۾ نٿو ملي. هن سياسي تطهير جي لاءِ سياستدانن تي چڙهائي ڪئي ۽ هاڻي هن جي پارٽي پاڻ اليڪشن جي تلاءُ ۾ گندي مڇي جو روايتي ڪردار ادا ڪرڻ ۾ سرگرم هئي. شهاب نامه، قدرت الله شهاب ص 225، 61.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دراصل، ايوب خان هيءَ جنگ ٽن محاذن تان وڙهي رهيو هئو. ٽنهي محاذن تي سرڪاري مشينري موجود هئي. هڪ محاذ تي بنيادي جمهوريت جي ميمبرن جي لاءِ هر آفيس جا دروازا کليل هئا. راشن ڊيپن(1) کان وٺي رستن جوڙائڻ تائين، سمورا واسطيدار ڪامورا انهيءَ ۾ رڌل هئا ته بي ڊي ميمبر تيستائين ناراض نه ٿئي جيستائين صدارتي چونڊ نه ٿي وڃي. جن ويچارن لاءِ ڪڏهن تپيدار به اوسيئڙو نه ڪڍيو هجي. تن ڪي ڊپٽي ڪمشنر ۽ ٻيا ڪامورا وتن ڳوليندا، تن جي لاءِ ٻيو ڪهڙو وڏو اعزاز هئو. ملڪ امير محمد آف ڪالاباغ جي گورنري ۾ آخر ائين نه ٿيڻو هئو ته ٻيو ڪيئن ٿئي ها.

ٻئي محاذ تي اهي وڏا ماڻهو هئا جن هر وقت ايوب خان کي خوش رکڻ گهريو ٿي، جنهن جو وڏو سبب اهو هئو ته هنن جو مفاد انهيءَ ۾ لڪل هئو. اهي وڏيرا، چوڌري ۽ سردار جيڪي ڪڏهن اپوزيشن ۾ ڪونه وينا هئا، تن جي ته ويتر ٻيگهي مچي ويئي. پنجاب جا ملڪ، چوڌري، ٻهاولپور جا نواب، سنڌ جا وڏيرا ۽ رئيس، جام ۽ جاموٽڙا جام نڪري پيا. پير پنهنجن مريدن ۽ خليفن جي لشڪر سان نڪري آيا. هر ڪنهن جي ڊيوٽي لڳي: ڪنهن جي بي ڊي ميمبرن کي ٽرانسپورٽ مهيا ڪرڻ جي. ڪنهن کي شهرن جي هوٽلن ۾ ترسائڻ جي ته ڪنهن جي وري انهن ميمبر حضرات جي ”وندر ۽ ورونهن“ جو سامان مهيا ڪرڻ جي. (2)

لاڙڪاڻي ۾ هڪ اخبار واري ”سياسي ورڪر“ جي ڊيوٽي صرف ميمبرن کي روحاني ۽ جسماني تفريح مهيا ڪرڻ جو شعبو ڏنل هئو.

---

(1) چانورن ۽ ڪڻڪ جي راشن بندي هئڻ ڪري راشن ڊپو جو هئڻ وڏو فائديمند ڪاروبار بنجي ويو هئو.

(2) هن سلسلي ۾ خدمتگارن کي ڪيئين دلچسپ واقعا به درپيش آيا. مثال طور حيدرآباد جي هڪ ايئرڪنڊيشنڊ ۽ آسائش واري هوٽل ۾ ميمبر ترسايا ويا. اتي هڪ سينما مالڪ پنهنجي مينيجر جي ڊيوٽي انهيءَ تي لڳائي ته هو ميمبرن جي سار سنڀال لهي. ميمبرن کي هن هوٽل کان ٻاهر نڪرڻ جي اجازت ڪانه هئي. هڪ ميمبر کي اوچتو ٻيڙين جي ضرورت محسوس ٿي. سو مينيجر کي رڙ ڪري چيائين: ”ابا ڪمدار! ٻيڙيون ته گهرائي ڏئي.“ مينجر سهڪندو سهڪندو ٻيڙين جا چار پنج بنڊل وٺي آڻي پيش ڪيا. پر ميمبر ٻيڙيون ڏسڻ شرط ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو. اچلي چيائين: ”هي ڪهڙيون ٻيڙيون آهن. اهي ته اسان ڳوٺ به پيئندا آهيون. ابا، اچيون ٻيڙيون وٺي آءِ. سائي دٻيءَ ۾ بند.“ ميمبر جو اشارو ٿري ڪيسل سگريٽ جي طرف هئو. مينيجر ويچاري کي تعميل ڪرڻي پئي.

رپورٽنگ ڪندي، ڪراچي جي هڪ اخبار واري، ڪجھ ڪاغذن جي گھرج هئي، سو انهيءَ ڪارڪن کي چيائين تہ ٻيلي ڪجھ ڪاغذ ڏي، جلدي ٽائيپ ڪري ڊسپيچ موڪلڻو اٿم تہ انهيءَ کي نہ پر جواب ڏنائين: ”ٻيلي، منهنجي حوالي اٿئي بہ ڪم. انهن مان ڪو ڇئو تہ هينئر ئي حاضر ڪريان. باقي ڪاغذن وارو همراھ توکي ڳولي تو آڻي ڏيان.“

جيئن جيئن چونڊون ويجهون اچڻ لڳيون، ميمبرن جي گم ٿيڻ جا اطلاع تيزي سان پکڙجڻ لڳا. ڪي ڪوھ مري جي سير سپاٽي ۾ هئا تہ ڪي وري ڪراچي جي نائيٽ ڪلبن جي حوالي هئا. جيترا ميمبر ايترائي انهن جي پويان ٽاپرو. چاڪر ۽ سيڪيورٽي گارڊ هئا. چاڪڻ تہ اهي ميمبر ڪجھ بہ ڪن. اها ذميداري ”خدمتگارن“ جي هوندي تہ انهن مان ڪوبہ گم ٿيو تہ سندن خير ڪونہ هوندو. اهڙيءَ طرح سڄي ملڪ ۾ ڪئين ”حفاظت گاهون“ قائم ٿي ويون.

اصل چونڊن جو پروگرام مارچ 1965ع ۾ هئو ۽ نئين صدر کي 31 ـ مارچ تي پنهنجو عهدو سنڀالڻو هئو. پر جنهن ريت اپوزيشن پنهنجي تحريڪ هلائي رهي هئي، تنهن ايوب خان جا ڪپاٽ کولي وڌا. بلڪ هن کي پنهنجي ناڪامي جو پوءَ اچي لڳو تنهنڪري ڪنهن ڏاهي صلاح ڏنس تہ اڳواٽ ئي چونڊون ڪرائي جان ڇڏائي ڇاڪاڻ تہ انهيءَ وقت پروپيگنڊا جو زور هئو ۽ ماڻهو اڃا متحده محاذ جي ڳالهين کي پوريءَ طرح ٻڌي نہ سگهيا هئا.[1] ايوب خان بہ انهيءَ تي هائوڪار ڪري تي مهينا اڳ جنوريءَ ۾ ئي چونڊون ڪرائڻ جو فيصلو ڪري وڌو ۽ انهيءَ لاءِ اهو بهانو ڏنو تہ اپوزيشن پاڻ انهيءَ جو مطالبو ڪري رهي هئي.

ٻي جنوري 1965ع آئي. اهو پولنگ جو ڏينهن هئو. عام ماڻهن جو جيتوڻيڪ ووٽ ڪونہ هئو پر هو پنهنجن حمايتين کي ذاتي گاڏين ۽ موٽرن ۾، جلوسن جي شڪل ۾ پولنگ اسٽيشنن تي وٺي آيا. سرڪاري طور واڙيل ميمبر بہ حفاظتي دستن سان ووٽ ڪرڻ آيا پر جيڪو رنگ عوامي جلوسن ۾ هئو تنهن مان عام تاثر اهو هئو تہ فاطمه جناح جو پلڙ

(1) ايوب خان پنهنجي لاءِ انتخابي نشان گلاب جو گل پسند ڪيو جڏهن تہ فاطمہ جناح لالٽين کي پسند ڪيو جنهن کي هن جمهوريت جي روشنيءَ سان تعبير ڪيو. عام ماڻهن ۾ ايوب خان جي ڪرنڊڙ مقبوليت جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو تہ گهڻن ماڻهن سوٽن جي ڪالرتي گلاب جو گل هٽڻ ڇڏي ڏنو تہ جيئن خوشامدڙين ۾ نہ ڳڻجن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳرو هئو. ماڻهن شام جو نتيجن ظاهر ٿيڻ کان پوءِ جشن جون تياريون ڪري ڇڏيون هيون.

شام پنجين بجي تائين ووٽنگ هئي. سڄو ڏينهن سرڪاري نشرياتي ادارن تان ايماندارانه چونڊن جي زبردست پروپيگنڊا ڪئي ويئي تان جو پنج به وڄي ويا. عام چونڊن ۾ پهريان نتيجا نندين پولنگ اسٽيشنن ۽ ويجهڙائي وارين تان اچڻ شروع ٿيندا آهن ڇاڪاڻ ته اتي ڳاڻيٽو ديرنه وٺندو آهي. پر صدارتي چونڊن ۾ ائين نه ٿيو. انهيءَ جي ابتڙ پهريون نتيجو اوير پاڪستان ۾ ضلع ڪو ميلا جي هڪ ڏورانهين پولنگ اسٽيشن تان آيو ماڻهن کي اهو تاثر ڏيڻ ته چونڊون تمام ايمانداريءَ سان ڪرايون ويون آهن. ڪراچيءَ جي نتيجن ۾ ڏيکاريو ويو ته اتي ايوب خان هارائي رهيو هئو. پر انهيءَ سان گڏوگڏ اوله پاڪستان جي باقي سموري صوبي ۾ کٽي رهيو هئو. شام ستين بجي تائين مني ملڪ جا نتيجا اچي چڪا هئا جن ۾ ايوب خان هزارين ووٽن تان کٽي رهيو هئو ۽ رات جو ڏهين بجي تائين اهو واضح ٿي ويو هئو ته ايوب خان ٻئي ٽرم لاءِ به چونڊجي ويو هئو. ايوب خان جي نالي ۾ 49،647 ووٽ نڪتا جڏهن ته مس جناح جي حق ۾ 28،345 ووٽ پيا. هو ڪل ووٽرن جون 63 سيڪڙو ووٽ حاصل ڪري چڪو هئو.

جيئن جيئن نتيجا ظاهر ٿيندا ويا، ماڻهن ۾ ڪجهه عجيب قسم جي ڪيفيت پيدا ٿيندي ويئي. ٽريفڪ رستن تان گم ٿيڻ لڳي. چوڪ، بازارون ۽ گهاٽ سڃا ٿيڻ لڳا. ماڻهو پنهنجا ڪن ريڊيو سان لڳايو ويٺا هئا پر هو نتيجي جي اعلان ٿيڻ کان پوءِ هنن جي بي اعتمادي وڌندي ٿي ويئي، ڇڪ ماڻهن کي اهي نتيجا قبول ڪونه هئا. نتيجا مڪمل ٿيڻ ۾ اڃا دير هئي ته ريڊيو تان سرڪاري حاشيه بردارن ۽ خوشامدڙين جا آجياني بيان اچڻ لڳا، جنهن ۾ هر ليڊر ٻئي کان اڳتي نڪرن جي ڪوشش ۾ هئو.

3 جنوري جي صبح جو ماڻهن اخبارن ۾ اهو ئي پڙهيو جنهن کي هو رات جوئي رد ڪري چڪا هئا.

چوٿين تاريخ ڪراچي جي ماڻهن نتيجن کي ڪوڙا نتيجا قرار ڏيندي هڪ احتجاجي جلوس ڪڍيو جنهن ۾ هر احتجاجي جلوس وانگيان پيچ ڍاهه ٿي. پوليس کي لٺبازي، ڳوڙها گيس ۽ نيٺ گولي هلائڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئي جنهن ۾ ٻئي نقصان ڪانسواءِ ٻن ماڻهن جو جاني نقصان بہ ٿيو. هن واقعي وري ملڪ ۾ ڪاوڙ جي لهر پکيڙي ڇڏي.

هن هنگامي ڪان بہ ڏينهن پوءِ 5 جنوري تي ايوب خان ڪراچي جي ماهن کي ڏيکارڻ لاءِ پنهنجي پٽ گوهر ايوب خان جي اڳواڻي ۾ هڪ فتح جو جلوس ڪڍرايو. ڇاڪاڻ تہ ڪراچي ۽ ڍاڪا بہ شهر هئا جتان ايوب خان هارايو هئو. لالوکيت ۾ هن جلوس ۾ شامل ماڻهن ۽ ٻين شهرين جي وچ ۾ چڪريون ٿيون ۽ اوڏيءَ مهل تہ پوليس هنن جهيڙن کي دور ڪري ڇڏيو پر رات جو ڪئين هنگاما ٿيا جنهن ۾ ڪيترن ماڻهن جي گهرن کي باهيون ڏنيون ويون ۽ ڪيترائي ماڻهو بہ مري ويا.

هن واقعي ايوب خان جي ساک کي ويتر نقصان پهچايو. بهرحال، هاڻي اها ڳالهہ پڌري چڪي هئي تہ ملڪي سياست کي جن گنداين کان پاڪ ڪرڻ لاءِ ايوب خان رات جي اوندهہ ۾ اقتدار سنڀاليو هئو. هاڻي هو پاڻ ان جو مک بنجي ويو هئو. پاڪستان جي سياست ۾ هيءَ هڪ نئون موڙ هئو.

# 28

# 1965ع جي جنگ ۽ پوءِ

1965ع واري هندستان سان جنگ، هن علائقي ۾ سمورو توازن بگاڙي ڇڏيو. سچ تہ هيءَ آهي تہ اڄ ڏينهن تائين ان جا اثرات پاڪستان تہ ڇا پر پوري ننڍي کنڊ تان نہ لٿا آهن ۽ جيستائين ٻنهي ملڪن جي درميان بنيادي مسئلا حل نٿا ٿين تيستائين هر گهڙي، اضطراب، بيچيني ۽ اجتماعي بداعتمادي جي فضا قائم رهندي جيڪا ٻنهي ملڪن جي ماڻهن لاءِ چڱي نہ آهي، بلڪ هنن جي اڳيان وڌڻ ۽ خوشحالي جي راهہ ۾ هڪ پٿر وانگيان هوندي.

هن مسئلي جي شروعات تہ تڏهن ئي ٿي جڏهن هندستان، ڪشمير تي قبضو ڪري ورتو هئو ۽ پاڪستان جي هر ڪوشش کي هندستان مختلف طريقن سان ناڪام بنائيندو رهيو انهيءَ حد تائين جو 1948ع ۾. سلامتي ڪائونسل جو نعراءُ بہ پاس ٿيڻ باوجود هندستان ان تي عمل نہ ڪيو ۽ هر موقعي تي چوندو رهيو تہ ڪشمير پارت جو اٽوٽ انگ آهي.

ايوب خان، پاڪستان جو پهريون مقامي ڪمانڊرانچيف هو. ڪيس خبر هئي تہ ٻنهي ملڪن جي فوجي استطاعت ڇا آهي. 1958ع ۾ مارشل لا جي ڪلهن تي اچي اقتدار جي مسند ماڻڻ واري هن ڪمانڊر ڪرسي سنڀالڻ جي ٻن مهينن کانپوءِ هندستان کي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ هڪ دفاعي معاهدي ڪرڻ جي آڇ ڪئي. پنڊت جواهر لال نهرو هڪدم ردعمل ظاهر ڪيو ۽ پڇيو: "دفاع، ڪنهن جي خلاف؟ پارت جي زمين تي ڪنهن ڌارئين فوج جي اچڻ يا لنگهي وڃڻ جو اختيار نہ ڪنهن کي

رهيو آهي ۽ نہ هوندو.“ ائين چئي جهٽڪ نهرو هڪ پرامن ابتدا جي ڪوشش جو دروازو کلڻ کان اڳ ۾ ئي بند ڪري ڇڏيو.

ان ڪانپوءِ رسمي بيان ايندا رهيا. ٻنهي ملڪن جا ليڊر بيان بازي ڪندا رهيا پر ان ڪانپوءِ 9 سيپٽمبر تي ايوب خان جڏهن سڀ اختيار پنهنجي قبضي ۾ ڪري چڪو هئو تڏهن اوپر اڪستان وڃڻ لاءِ روانو ٿيو ۽ رستي ۾ پالم هوائي اڏي تي ٿوريءَ دير لاءِ نهرو سان ملاقات ڪئي. پاڻيءَ جي مسئلي تي سفارتي سطح تي ڳالهيون عالمي طاقتن جي ٿياڪري سان مارشل لا کان اڳ هلي رهيون هيون. جيڪي نيٺ ايوب خان جي پاڳ ۾ اچي ويون. نيٺ 11 سيپٽمبر تي پنڊت نهرو پاڪستان آيو. ٻيا تفصيل اڳ ۾ ئي طئي ٿي چڪا هئا. باقي ٿاهہ تي صحيحون ڪرڻيون هيون. سي ساڳئي ڏينهن ٿي ويون. پنڊت نهرو ٽي ڏينهن پاڪستان ۾ ترسيو. 22 سيپٽمبر تي ڪراچيءَ ۾ ٻيهر ملاقات ڪيائين جنهن ۾ ٻين مسئلن سان گڏ ڪشمير جو مسئلو بحث هيٺ آيو. پر چاڪاڻ تہ اها ڳالهہ ايجنڊا تي ڪونہ هئي تنهنڪري ان تي ڪنهن گڏيل اعلان يا فيصلي جو اعلان ڪونہ ڪيو ويو. ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ پنڊت نهرو امريڪا جي دوري تي ويو جتي اخباري عيوضين سان ڳالهائيندي صاف لفظن ۾ چيائين: ”ڇا جو ڪشمير جو مسئلو؟ ان تي ڳالهہ ڪرڻ جهٽڪ پئنڊورا باڪس کي کولڻ ٿيندو.“ اهو چئي پنهنجي پر ۾ هن جهٽڪ انهيءَ مسئلي کي بند ڪري ڇڏيو.

ذوالفقار علي ڀٽي جو تعارف اسڪندر مرزا ڪرايو هئو. سو 7 اڪتوبر 1958ع واري مارشل لا لڳڻ واري ڏينهن بہ اسڪندر مرزا جي نئين ڻاهيل ڪابينہ ۾ هئو. ايوب خان، سنڌ تي ٿورو ڪرڻ لاءِ ۽ ڪابينہ کي ڪا شهري شڪل ڏيڻ لاءِ ڀٽي کي بہ ساڻ رکيو. ڀٽو وڏو داناءُ ۽ دور رس نگاهن جو مالڪ هئو. قانون پڙهيل ۽ جوانيءَ جو جذبو هن جي من ۾ چوليون هڻي رهيون هئو. سو سدائين انهيءَ ويچار ۾ هئو تہ ڪيئن اهڙو ڪم ڪجي جنهن ۾ پاڪستان جي تاريخ ۾ سندس نالو هميشہ لاءِ رهجي اچي. بهرحال ايوب خان اهو موقعو فراهم ڪرڻ کان اڳ ڀٽي کي آزمائڻ جي خيال ۾ هئو.

سال 1960ع ٻين ڳالهين سان گڏ هندستان جي ايڊوينچر ڪرڻ واري پاليسي جي ابتدا جو سال بہ هئو. هن رڻ ڪڇ ۾ ڇاڙ ٻيٺ تي قبضو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري دعويٰ ڪئي تہ هو انهيءَ جو مالڪ آهي. سنڌ جي قديم تاريخ، روينيو رڪارڊ ۽ ٻين تاريخي دستاويزن ۾ هي ٻيٽ سنڌ جو حصو ڏيکاريل هئو. پاڪستان هڪدم ردعمل ظاهر ڪيو ۽ انهيءَ کان اڳ جو هندستان اتي پنهنجو پاڻ کي مستحڪم ڪري ڪيس اتان ٻوڙائي ڪڍيو. پر وينڌي وينڌي اهو ضرور چئي ويو تہ هو انهيءَ جو بدلو ضرور چڪائيندو. پاڪستان پنهنجو قبضو برقرار رکندي عالمي عدالت جو دروازو کڙڪايو. سنڌ جي سمورو روينيو رڪارڊ ۽ پراڻن دستاويزن کي کوٽيو ويو. رٽائرڊ روينيو آفيسرن جن اتي ڪم ڪيو هئو تن کي ڪٺو ڪيو ۽ نيٺ هڪ ڏينهن عالمي عدالت پاڪستان جي حق ۾ فيصلو ڏنو.

جنوري 1963ع ۾ ڀٽي کي وزارت خارجہ جو کاتو حوالي ڪيو ويو. هن انهيءَ کي پنهنجي خيال سان نين ضرورتن ۽ نين عالمي حالتن مطابق ٺاهڻ ٿي چاهيو. انهيءَ لاءِ هن گهڻو اڳ ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو هئو. ڪيس خبر هئي تہ ان وقت پاڪستان جي ڪابينہ ۾ ڪو اهڙو ماڻهو ڪونہ هئو جو انهيءَ پورٽفوليو کي سنڀالي. اهو ڀٽو ئي هئو جنهن 1961ع ۾ چين سان راهون کولڻ ڪانپوءِ اقوام متحده ۾ چين جي رڪنيت تسليم ڪرڻ جي وڪالت ڪئي. نتيجي طور جڏهن ايوب خان 1961ع ۾ آمريڪا جي دوري تي ويو تہ هن ڀٽي جي لفظن کي دهرايو. جڏهن واپس پاڪستان موٽيو تہ چيني سفير، ايوب خان سان ملاقات ڪري سندس ٿورو مڃيو. نيٺ لاڳاپا وڌندا ويا ۽ نومبر 1962ع ۾ چين ۽ پاڪستان جي درميان ٻهريون گهمرو لداخ واري علائقي ۾ سرحدي حدبندي ٿي.

هي صورت هندستان لاءِ ڪا چڱي ڪانہ هئي تنهنڪري پنهنجي روايتي دوست روس کي ڇڏي هن آمريڪا ۽ ٻين مغربي ذريعن ڏانهن ڏسڻ شروع ڪيو. سال 1962ع ۾ ڀارت ۽ چين جي درميان سرحدي جهڙپ لڳي جنهن ۾ هندستان جي فوج کي شڪست ڏسڻي پئي ۽ اها ڳالهہ هندستاني ليڊرشپ لاءِ ڇڪتي جو ڪارڻ هئي. هن موقعو غنيمت ڄاڻي آمريڪا سان لهہ وچڙ شروع ڪئي ۽ جڏهن پاڪستان کي خبر پئي تہ هندستان امريڪا کان هٿيار وٺڻ شروع ڪري ڏنا آهن تہ هن امريڪا کي پاڪستان سان تعلقات ياد ڏيارڻ شروع ڪري ڏنو.

اپريل 1965ع ۾ هندستاني ڪشمير ۾ مجاهدن جي چرپر شروع ٿي.

پاڪستان آزاد ڪشمير ريڊيو تان ڪشميري زبان ۾ پروگرام شروع ڪري ڏنو. چيو وڃي ٿو ته اها سموري ڪارروائي ذوالفقار علي ڀٽي جي چوڻ تي شروع ڪئي ويئي هئي پر اهو طئي آهي ته انهيءَ سموري ڪارروائي جي پوري طريقي سان ڪنهن رٿابندي جو ڪو سرو نظر ڪونه ٿو اچي.

هندستان کي 1960ع واري ڪچ رڻ واري حرڪت ياد هئي. ان ۾ آخر ٽربيونل پاڪستان جي حق ۾ فيصلو ڏنو هو جيڪو هندستاني ليڊرشپ لاءِ قابل قبول نه هئو. پر جڏهن اپريل 1965ع ۾ مقبوضه ڪشمير ۾ مجاهدن جي ڇرپر شروع ٿي ته هندستان کي پتيا. هن 1960ع کان ئي پنهنجي فوج کي جديد هٿيارن سان تيار ڪرڻ شروع ڪري ڏنو هئو. مٿان ڪشمير ۾ ڇرپر هن کي بهانو هٿ تي آيو. ايوب خان هن کي آپريشن جبرالٽر جو نالو ڏنو هئو جنهن جي حقيقت تي گهٽو پوءِ ايئر مارشل اصغر خان ۽ ايئر مارشل نور خان وچ ۾ گهٽي ڏي وٺ ٿي. 5-6 اپريل 1965ع تي يعني ايوب خان جي ٻيهر قسم کڻڻ واري تقريب جي پورن 13 ڏينهن کانپو هن ڊنگ نالي سرحدي چوڪي تي هلان ڪري ان تي قبضو ڪري ورتو. پاڪستان جي خارجه آفيس هندستان کي ڳالهين جي آڇ ڪئي پر هنن نه مڃيو. نيٺ پاڪستان کي ڪارروائي ڪرڻي پئي، ۽ انين ۽ نائين اپريل جي رات تي پاڪستان کين ڊوڙائي ڪڍيو. اها حرڪت انهيءَ وقت ئي پوري جنگ جي شڪل اختيار ڪري وڃي ها پر وچ ۾ برطانيه، امريڪا ۽ روس پئجي ٻنهي طرف جذبات کي ٿڌو ڪيو پر ويندي ويندي هندستان جي وزيراعظم لال بهادر شاستري چئي ويو:

هن ڪئين بيان جاري "We will choose a front of our liking." ڪيا جن ۾ پارٽي عوام کي آٿت ڏني ته اسان پاڻهي انهيءَ مسئلي کي منهن ڏينداسين. بلڪ هن هڪ گهمري اهو اشارو به ڏنو جنهن جو مطلب اهو هو ته اسان آزاد ڪشمير تي دباءُ وجهنداسين. اهو اندازو ڪرڻ ڏکيو آهي ته پاڪستان حڪومت اهو محسوس ڪري سگهي يا نه. پر اهو بيان ڏاڍو صاف هئو ته هندستان ڪجهه ڪرڻ وارو آهي جيڪو پاڪستان کي ڏکيو پوندو جيڪو ايندڙ ڏينهن ۾ ثابت ٿي ويو.

امريڪا کي ڏاڍي "ڀڃتي" ٿي پئي. سو صدر جانسن ايوب خان کي خط لکيو ته ڪنهن طرح ماحول کي ٿڌو ڪري. انهيءَ خط ۾ چيا هئو تنهن

ايوب خان تي تہ ڪو اثر ڪونہ وڌو پر پتو ڏاڍو ڪاوڙيو. سو 13۔ جولاءِ 1965ع تي قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ ان خط جو ذڪر ڪري امريڪا ۽ جانسن تي ڏاڍا چوهہ چنڊيائين .امريڪي حلقن انهيءَ تقرير جو مطلب انهيءَ وقت تہ نہ سمجهيو پر اجلاس ڪانپوءِ اخبار وارن سان ڳالهائيندي چيائين:

”اسان گهٽو اڳ نڪري آيا آهيون ۽ اهو نٽا ڪري سگهون.“ جنهن تسلسل سان پٽي چيو تنهن مان جانسن جي خط جو مطلب سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ اسان پارت جو همنوا تي چين سان وڙهڻ لاءِ تيار ناهيون.

انهيءَ وچ ۾ اقوام متحده جا مبصر جيڪي 1948ع کان وٺي جنگبندي لائين تي مقرر هئا تن رڪارڊ ڪيو تہ هندستان صرف جولاءِ 1965ع تائين ختم ٿيندڙ سال تائين 2000 پيچڪڙيون ڪيون. انهيءَ ڳالهہ چوڻ جو مطلب اهو ناهي تہ جنگ جي ڪنڌ ڪنهن هڪ ڌر ڪنئي پر اهو ضرور آهي تہ هن مسئلي کي سياسي طور حل ڪرڻ جي گهرج هئي. هندستان تہ حد ڪري ڇڏي. هن جي ڪمانڊر انچيف جنرل چوڌري صاف لفظن ۾ چئي ڏنو تہ آگسٽ 1965ع تائين آزاد ڪشمير جي گادي مظفر آباد تي قبضو ڪري وٺبو. هن يقيناً اهڙي بيان جي نتيجن جو اندازو ڪونہ لڳايو هئو.

آزاد ڪشمير جي آگسٽ 1965ع جي آخر ڌاري هندستان جنگبندي لائين پار ڪري هڪ پاڪستاني چوڪي تي حملو ڪري ڏنو. 25 آگسٽ تي 12 ڪلاڪن تائين ٻنهي طرفن کان گولہ باري ٿي. 27 آگسٽ تي حاجي پير تي مقرر پاڪستاني دفاع ڪندڙ ٽيم کي ڳچ نقصان پهچايو.

انهيءَ وچ ۾ پاڪستان جوابي ڪاروائي ڪري ڀمبر سيڪٽر ۾ ڇمب ۽ ديوا نالي ٻن چوڪين تي قبضو ڪري ورتو. هن کي آپريشن گرينڊ سلئم سڏيو ويو. جنهن جو مطلب اهو هو تہ هندستان کي ٻيو سبق ڏنو وڃي. سمورو زور انهيءَ ڳالهہ تي هو تہ اکنور تي قبضو ڪري هندستاني فوج جي رسد ڪاٽي وڃي. پر اهو ڪم ايترو سولو بہ ڪونہ هئو ڇاڪاڻ تہ اکنور جي اهميت کان هندستان چڱيءَ طرح واقف هئو. پاڪستاني فوج جي انهيءَ سيڪٽر تي مقرر جنرل اختر ملڪ کي خبر پئي تہ هندستان هوائي فوج جي مدد گهري هئي پر ٿوري دير ۾ نہ صرف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندستاني جهاز پهچي ويا پر پاڪستاني جهاز به فضا ۾ گونجڻ لڳا. انهيءَ شام ايوب خان ريڊيو تان خطاب ڪري چيو ته اسان جوابي ڪارروائي انهيءَ ڪري ڪئي آهي ته جيئن هندستان جي ڪاررواين کي بنا جواب جي واپس نه وڃڻ ڏنو وڃي. انهيءَ تقرير مان مبصرن گهڻئي مطلب ڪڍيا جن مان هڪ صاف هئو ته جنگ جو خطرو مٿان گهمي رهيو هئو. بهرحال، اها ڳالهه اقوام متحده جي اڳواڻن تائين پڪڙجي ويئي. 2 سيپٽمبر تي اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل اوٿانٽ هڪ خط لکي ايوب خان ۽ لال بهادر شاستري کي چٽي موڪليو ته ٻئي ڌريون جنگي معاملن کان پاسو ڪن.

چوٿين ۽ پنجين سيپٽمبر 1965ع جي رات جو سلامتي ڪائونسل هڪ ٺهراءُ پاس ڪري ٻنهي ملڪن تي زور ڀريو ته جنگبندي ڪن. پر سرحدن تي صورتحال نازڪ هئي. پنجين سيپٽمبر تي جنرل يحيٰ پنهنجي ڪمانڊ ۾ جوڙيان جي چوڪي تي حملو ڪري ان کي تباهه ڪري ڇڏيو. هندستان کي انهيءَ چوڪي جي مضبوطي تي ڏاڍو ناز هئو پر جڏهن اها تباهه ٿي ته ڪيس اندازو ٿي ويو ته هو ڪيتري دفاعي صلاحيت رکي ٿو.

پنجين سيپٽمبر جي رات جو گهڻي دير ڪانپوءِ اخبار وارن کي جوڙيان سيڪٽر ۾ پارتي نقصان بابت تفصيل پئي ڏنا ويا ته ڇهين سيپٽمبر جي سج ايرڻ کان اڳ ۾ هندستان، لاهور وٽان بين الاقوامي سرحد پار ڪري لاهور تي حملو ڪري ڏنو ۽ وزير آباد تي جهازن سان بمباري ڪئي ويئي.

هيءُ حملو ٽن طرفن کان امرتسر ۽ فيروزپور وٽان ڪيو ويو. هڪ ٽئنڪ فورس سيالڪوٽ جو رخ ڪيو جتان، هن جي خيال مطابق ڇمب سيڪٽر لاءِ رسد رواني ٿي ٿئي. هيءُ حملا اهڙي تيزي سان ۽ اهڙي خفيه طريقي سان ڪيا ويا جو ”پاڪستان جي انٽيليجنس سٽي ئي رهي ۽ ڪيس خبر به ڪانه پئي. پاڪستاني انٽر سروسز انٽلي جنس (آءِ ايس آءِ) جي ڊائيڪٽر جنرل برگيڊيئر رياض حسين لاءِ اهو مشڪل بنجي ويو ته هو ايوب خان کي ڪيئن ٻڌاءِ ته هندستان جي واحد آرمرڊ ڊويزن هن وقت ڪٿي آهي.“ بهرحال، هن ايوب خان کي خبر ٻڌائي جيڪو ٽپي تامڻي ٿي ويو. برگيڊيئر رياض حسين کي سخت ڇوهه ڇنڊيائين. ايوب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خان هڪ گهمرووري رياض حسين کي فون ڪيو:
”چا ٿيندي آهي هندستان جي آرمرڊ ڊويزن اٺ جي مٿان هڪ سئي جي برابر بہ وزن ڪونهيس.“
”سائين! آءٌ چا ٻڌايان جون 1964 ع کان وٺي انٽيليجنس کي اليڪشن جون پوليٽيڪل ذميداريون ڏنيون ويون هيون. هو چا ٿي ڪري سگهي.[1]“ پٽي، ايوب خان کي يقين ڏياريو هئو تہ پارت، پنجاب تي محاذ ڪونہ کوليندو. هاڻي تہ اهو ٿي ويو هو جنهن جو جواز ڳولڻ في الحال مشڪل هو.

هيءُ حملو هندستان جي ٻي عالمي جنگ جي وڙهيل ميجر جنرل پرساد جي قيادت ۾ ٿيو. هيءَ حملو ايڏو سخت هئو جو جيڪڏهن بي آربي ڪئنال نہ هجي ها تہ سخت مشڪلات جو منهن ڏسڻو پئي ها بهرحال پاڪستاني فوجي دستن تمام گهٽي ڦڙتي ڏيکاري ۽ اهڙي بهادري جو مظاهرو ڪيو جو نہ صرف لاهور محفوظ رهيو پر جنرل پرساد کي، پنهنجي جان بچائي ڀڄڻو پيو. صورتحال ايتري گنڀير ٿي ويئي جو امريڪا ٿوري دير کان پوءِ جنگبندي جي گذارش ڪئي تہ جيئن هو پنهنجا شهري لاهور مان ڪڍي سگهي.

صبح جو پوڻين يارهين وڳي ايوب خان ريڊيو تان قوم کي خطاب ڪيو جنهن ۾ سموري صورتحال واضح ڪئي. بليڪ آئوٽ جو حڪم ٿيو. قومي رضاڪار رستن تي نڪري آيا ۽ شهري دفاع جا جٿا سرگرم ٿي ويا. هن کان پهرين پاڪستاني قوم اهڙي جنگ ڪانہ ڏٺي هئي تنهنڪري اهڙي اتحاد جو مظاهرو ڪيو جنهن جو مثال پاڪستان جي تاريخ ۾ نٿو ملي. لاهور ۽ سرگوڌا تي هوائي حملا ٿيندا ها تہ ماڻهو شهري دفاع جي اصولن تي عمل ڪرڻ جي بجاءِ ڇتين تي چڙهي اهو نظارو ڏسندا ها.

حملي جي پهرين ڏينهن، شام جو پاڪستان جوابي ڪارروائي ڪئي ۽ هندستان جي حملي جو سمورو زور ٽوڙي ڇڏيو. ٻيو ڏينهن پاڪستان فضائيہ جو ڏينهن هئو جنهن هندستان جي فضائي طاقت کي بيحال ڪري ڇڏيو. جنگ جو دائرو ڪشمير کان وٺي پنجاب تائين پکڙجي ويو. ايوب خان پنهنجن مشيرن سان صلاح مشورو ڪري رهيو

(1) اسٽينلي وولپرٽ، ذلفي آف پاڪستان، آڪسفورڊ ص 90

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئو پر بين الاقوامي سطح تي جنگبندي لاءِ دٻاءُ وڌي رهيو هئو. چين سيني ڪان اڳ ۾ هندستان جي مذمت ڪئي. اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل اوٿانٽ تار موڪلي ٻنهي ملڪن کي فوجون پنهنجي اصلي جاءِ تي موڪلڻ لاءِ چيو. ايوب خان جواب ۾ چيو ته ڪشمير ۾ راءِ شماري ڪانسواءِ ٻيو ڪو حل ڪونهي. ايران، سعودي عرب، ترڪي ۽ انڊونيشيا جا پيغام آيا جن ۾ جنگ تي افسوس جو اظهار ڪيو ويو هئو.

نائين سيپٽمبر تي اوٿانٽ راولپنڊي پهتو ۽ ايوب خان سان ملاقات ڪري جنگ جي نقصانن جي معلومات ورتي. بلاشبہ هن جي گفتي بناجواز ڪانه هئي ۽ ٻئي ڏينهن اجا اوٿانٽ پنڊي ۾ ئي هئو ته ڀارت جي وزير دفاع اعتراف ڪيو ته هينئر جنگ، ڀارتي سرزمين تي ٿي رهي آهي. اوٿانٽ چاهيو پئي ته ڪهڙي طرح ايوب خان شاستري جي ملاقات ٿئي جنهن جو اظهار هن 16 سيپٽمبر تي به ڪيو پر اهو جنگ هلندي ممڪن نظر ڪونه پئي آيو. روس ۽ امريڪا ٻنهي ملڪن، جنگبندي ڪري ڳالهيون ڪرڻ تي زور پئي پريو. نيٺ 18 سيپٽمبر تي سلامتي ڪائونسل جنگبندي جو ٺهراءُ پاس ڪيو جنهن جو مطلب اهو هئو انهيءَ ڏينهن جيڪو جتي هجي اتي ئي رهي پر هر طرح جي فائر کي ختم ڪيو وڃي.

ٻئي ڏينهن روسي وزير اعظم اليڪسي ڪيسجن آڇ ڪئي ته ٻئي سربراهه روسي سرزمين تي ملاقات ڪن ۽ امن جي بحالي لاءِ ڳالهيون ڪن. 20 سيپٽمبر تي هڪ گهرو وري سلامتي ڪائونسل ٺهراءُ پاس ڪري ٻنهي ملڪن تي زور پريو ته 22 سيپٽمبر ڪان جنگبندي واري ٺهراءُ تي عمل ڪيو وڃي. جنگبندي کي پهريون قدم قرار ڏنو ويو جنهن ڪانپوءِ ڪشمير ۽ ٻين مسلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ تي زور پريو ويو. وزير خارجہ ذوالفقار علي ڀٽو نيويارڪ پهچي چڪو هئو تاڪ سلامتي ڪائونسل ۾ پاڪستان جو نڪته نظر پيش ڪري. انهيءَ وچ ۾ هندستان جي وزير اعظم لال بهادر شاستري جنگبندي قبول ڪري ورتي پر سندس هڪ نائب وزير ايم سي چاڳلا امريڪا ڪان واپسي تي لنڊن ۾ بيان ڏئي ڳالهه کي منجهائي وڌو ته ڪشمير ته ڪو مسئلو ئي ڪونهي، ٻين لفظن ۾ هن جڙ چوڻ هئو ته اها جنگ پاڪستان پيدا ڪئي آهي. پر سيني ڪان وڌيڪ حمايت چين جي طرفان آئي جيڪو روز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو بيان ڏيئي پاڪستان جي همت وڌائي رهيو هئو تہ هندستان سرحد تي اشتعال انگريزيون ڪري رهيو آهي.

هڪ ڳالھ جيڪا سامهون آئي ۽ پاڪستان ان کي سفارتي سطح تي ڪاميابي سمجهي، سا هئي تہ جنهن ڏينهن سلامتي ڪائونسل جو جنگبندي وارو ٺهراءُ پاس ٿيو تنهن ڏينهن اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل اوٿانٽ پوري دنيا کي يقين ڏياريو تہ علائقي ۾ مستقل ناپر آڻڻ لاءِ ڪشمير جو مسئلو حل ڪرڻو پوندو. ان کي نظر انداز ڪرڻ خطرناڪ هوندو.

پاڪستان جي اندروني سطح تي مونجهارو هو. پاڪستاني ماڻهن کي يقين هئو تہ فوجن سرحدن تي هندستان جي فوجن کي ڌڪي ڪڍيو آهي ۽ سچ هئو بہ ائين. هنن کي سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءُ ۽ شاستري پاران جنگبندي قبول ڪرڻ واري معاملي جي اثرات جي ڪا گهٽي ڄاڻ ڪانہ هئي. جنگ جي ٽئين هفتي ايوب کي خبر پئجي ويئي تہ سرحد تي وڙهندڙ فوجن لاءِ گهٽا هٿيار ۽ گولہ بارود مهيا ڪونہ هوندو. جنگ کي انگهائڻ جو مطلب وڏيڪ نقصان ڪرڻ هوندو، تنهنڪري هن جنگ بندي کي بهتر حل سمجهيو.

22 سيپٽمبر تي شام جو 30-3 بجي ايوب خان ريڊيو تان قوم کي خطاب ڪيو ۽ صورتحال تي روشني وجهندي اعلان ڪيو تہ پاڪستان 24 سيپٽمبر تي پاڪستاني وقت جي مطابق صبح جو ٽين بجي کان جنگبندي قبولڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. هن اعلان پاڪستان جي ماڻهن کي مايوس ڪري وڌو. جن کي خبر پئجي چڪي هئي تہ هندستان جي اوچتي حملي ڪرڻ جي باوجود پاڪستاني فوجن، هندستان جي 700 چورس ميل علائقي تي قبضو ڪري ورتو هئو.[1]

---

(1) جڏهن اهي خبرون آيون تہ پنجاب ۽ ڪشمير ۾ پارتي فوجن تي دٻاءُ وڌي رهيو آهي تہ هندستان راجستان واري سيڪٽر ۾ وڌڻ شروع ڪيو. ستت ئي ايوب خان، حرن جي روحاني رهنما، پير صاحب پاڳاري کي اپيل ڪئي جنهن جي اعلان تي راتورات مجاهد فورس ٺهي ويئي جن سان گڏ ڪجھ فوجي ساڻ ڪري هن فورس جا جٿارڻ ۾ ڪاهي پيا ۽ هنن هندستان جي وسيع علائقي تي قبضو ڪري ورتو جن ۾ هندستان جي مونا باٺو ريلوي اسٽيشن بہ شامل هئي، هيءُ ايترو وسيع علائقو هئو جو بعد ۾ تاشقند وارين ڳالهين ۾ پاڪستان جو پلڙ وزني رهيو ۽ انهيءَ جي ٻل تي ايوب خان شاستري جو ڪو اضافي شرط قبول نہ ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايوب خان پنهنجي اعلان ۾ فوج کي چيو تہ هو پنهنجي پوزيشن ۾ رهن. ذوالفقار علي ڀٽي، هن اعلان کي ڪيئن ورتو. تنهن لاءِ ڪو فوري ردعمل ڪونہ آيو پر هن سلامتي ڪائونسل ۾ جيڪا تقرير ڪئي تنهن مان ظاهر هئو تہ هن سلامتي ڪائونسل کي هڪ بي اثر ادارو سمجهي ڪيس پنهنجي بيوسي کان آگاهہ ڪيو. ڀٽي جي اها تقرير هڪ يادگار تقرير طور پوءِ هر هنڌ حوالي طور ڪتاب اچڻ لڳي. هن چيو:

"... اهو ڪو قدرت جو اٽل قانون ناهي تہ ڪشمير جا ماڻهو سدائين غربت ۽ غلامي ۾ گذارين... اسان ڪشمرين کي آزاد ڪرائڻ لاءِ هڪ هزار سالن جي جنگ وڙهڻ لاءِ تيار آهيون." پر وري سلامتي ڪائونسل کي چيو "...... تہ جيڪڏهن اها پنهنجي سموري اخلاقي ذميداري ۽ پوري طاقت سان ڇمون ۽ ڪشمير جو مسئلو حل نٿي ڪري تہ پاڪستان سلامتي ڪائونسل کي ڇڏڻ لاءِ سوچي سگهي ٿو، تہ جيتوڻيڪ ڪيس معلوم هئو تہ ايتري بي اثر هوندي بہ پاڪستان لاءِ ممڪن ڪونہ هئو تہ هو اقوام متحده کان ڌار ٿئي.

هن تقرير، اسلام آباد ۾ ترٿلو مچائي ڇڏيو. ڇڙڪ ڀٽو ڪجهہ ڇٽي رهيو هئو تہ حڪومت جا ٻيا ميمبر ٻيءَ طرح. هن ڳالهہ جو ثبوت هيءُ هئو تہ وزير قانون ايس ايم ظفر فوراً ڀٽي جي بيان تي نڪتہ چيني ڪئي ۽ ان کي بي موقعي قرار ڏنو. هيءُ اشارو هئو تہ ڪابينہ ۾ ڪيترو اختلاف موجود هئو.

اها ڳالهہ بعد ۾ ظاهر ٿي تہ آپريشن جبر الٽر جي باري ۾ اوچي سطح تي فيصلو ڪيو ويو هئو جنهن جو مطلب هئو تہ هندستان ڪشمير ۾ مجاهدن جو دٻاءُ برداشت نہ ڪري سگهندو. پر انهيءَ جي لاءِ جيڪي ڌريون ۽ ادارا شامل ٿيڻا هئا تن کي آگاهي ڪانہ ڏني ويئي هئي تنهنڪري آپريشن جبرالٽر ۽ پوءِ آپريشن گرينڊ سلئم ۾ ناڪامي ٿي، تنهن گهڻئي ڳالهين کي پيدا ڪيو. انهيءَ حد تائين جو 23 جولاءِ 1965ع تي ايئر مارشل اصغر خان، جڏهن ايئر فورس جي سربراهہ جي حيثيت سان رٽائر ٿي رهيو هئو تہ سندس جانشين ايئر مارشل نور خان کي هو ڪجهہ بہ ٻڌائي نہ سگهيو هئو. ڇاڪاڻ تہ خود اصغر خان کي بہ معلوم ڪونہ هئو. البتہ اصغر خان، ايئر فورس کي اهڙو منظم ڪري ويو هئو جو هن هندستان جي تيز جهازن جو ڀرپور مقابلو ڪري بي عالمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنگ ڪانپوءِ ڀرپور بهادري جو مظاهرو ڪيو. هيءَ ڳالهہ تہ عالمي سطح تي جنگي مبصرين بہ تسليم ڪئي تہ پاڪستان جي فضائي فوج وٽ Qualitative superioity حاصل هئي. انهيءَ تي تاشقند معاهدي ٿيڻ ڪانپوءِ اخبارن ۾ اصغر خان ۽ نور خان جي درميان ڏاڍي ڏي وٽ ٿي.

بهرحال، ايوب خان جي جنگبندي واري اعلان ڪانپوءِ مختلف طاقتون وڏيڪ سرگرم ٿي ويون هيون. [1]

گهڻو عرصو پوءِ يعني 1965ع واري جنگ جي چاليهين ورسي جي موقعي تي (2 آگسٽ 2005ع) تي نور خان "ڊان" ڪراچي کي هڪ انٽرويو ۾ اهو ٻڌايو تہ جڏهن هن کي خبر پئي تہ ڪشمير ۾ ڇا ٿي رهيو آهي تہ هن کي ڏاڍو اچرج لڳو. ڇاڪاڻ تہ اصغر خان بہ هن کي چارج ڏيڻ وقت ڪجهہ نہ ٻڌايو هئو. بهرحال، هن ان وقت جي ڪمانڊر انچيف جنرل محمد موسيٰ سان رابطو ڪيو تہ هن چيو تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ٿي رهيو آهي جنهن تي نور خان وراڻيو تہ معنيٰ تہ جنگ ٿي رهي آهي ۽ اوهان مون کي ٻڌايو بہ ڪونہ. موسيٰ خان انهيءَ جي جواب ۾ چيو تہ اسان کي پڪ آهي تہ هندستان جوابي حملو ڪونہ ڪندو.

انهيءَ ڳالهہ جي خاطري ڪرڻ لاءِ مون ڪشمير سيڪٽر جي جنرل آفيسر ڪمانڊنگ ليفٽيننٽ جنرل اختر حسين ملڪ کان پڇيو تہ هن وراڻيو تہ اسان لک مجاهدين موڪلڻ جو انتظام ڪري ڇڏيو آهي جيڪي هندستاني فوج کي ڪشمير ۾ ڦاسائي رکڻ لاءِ ڪافي آهن.

نور خان انهيءَ وقت سوچيو تہ جنگ ۾ تہ سموريون قومي طاقتون شامل هونديون آهن اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ صرف چند جنرلن ڪانسواءِ ڪنهن کي اعتماد ۾ ڪونہ ورتو ويو آهي. منهنجي دل ۾ هڪ خيال آيو تہ انهيءَ وقت ئي نوڪري ڇڏي گهر هليو وڃان. پر وري خيال آيو تہ ائين ڪرڻ سان ملڪ جا مسئلا وڌندا. بهرحال، انهيءَ ڪانپوءِ جنهن هندستان جي فوج لاهور ۽ سيالڪوٽ سيڪٽر وٽان زميني حملو شروع ڪري ڏنو تہ ايوب خان مون کي فضائي فوج کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ چيو جنهن جو مون اڳ ئي بندوبست ڪري ڇڏيو هئو.

---

(1) گهٽي ٻوڙ امريڪا ۽ سوويت يونين جي وچ ۾ هئي. امريڪا چاهيو ٿي تہ ڪوبہ ناهہ سندس مرضي سان ٿئي پر سوويت يونين پنهنجي يارت دوستي کي برقرار رکندي اهو زورڀري رهيو هئو تہ اهو خير جو ڪم سندس هٿان ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ جنگ ڪانپوءِ نور خان، ايوب خان ۽ سندس حوارين تي ڏاڍا چوهه چنڊيا ۽ چيو تہ اسان جو عام فوجي پنهنجي سرزمين جي هر انچ تان قربان ٿيڻ لاءِ تيار آهي پر اسان جا ڪجهه جنرل ۽ اسان جي ليڊرشپ انهيءَ کي تاشقند ۾ شملي ۾ ضايع ڪري ڇڏين.

نور خان مطالبو ڪيو هو تہ هڪ سچ گوليندڙ ڪميشن ٺاهي وڃي جيڪا اصل حقيقت معلوم ڪري عام ماڻهن آڏو آڻي بلڪ هن 1965ع واري جنگ کي هڪ فضول حرڪت قرار ڏنو. (ڊان ڪراچي 2 آگسٽ 2005)

امريڪا جنگ شروع ٿيندي ئي ٻنهي ملڪن جي فوجي سپلاءِ بند ڪري ڇڏي هئي.

جيئن ئي ڀارتي فوجن ٻيرين ڏينهن لاهور سيڪٽر تي هلان ڪيو تہ امريڪي سفر Walter Mconaughy ۽ برطانوي سِفير Sir Morris James ايوب خان سان ملاقاتون ڪري هو چيو:

"How would you behave now that India has almost caught you by the neck."

ايوب تمام سڌو جواب ڏنو:

"You will get the answer in a couple of days. Meanwhile, I have ordered that the Indians be pushed out of the Pakistan's territory." (1)

هٿيارن جي فراهمي بند ٿي ويئي هئي. فوري طور متبادل انتظام ڪرڻ ضروري هئو. ايوب خان کي فوراً، چين انڊونيشيا ۽ ايران ياد آيا. هن ايئر مارشل اصغر جيڪو تازو ايئر فورس مان رٽائر ڪري ويو هئو. تنهن کي گهرايو ۽ پنهنجو ذاتي سفير بنائي چين موڪليو. ذوالفقار علي ڀٽي ۽ جنرل گل حسن کي ساڻ ڪنيو. اتي جنگ هلندي هن 9 سيپٽمبر تي وزير اعظم چواين لاءِ سان ملاقات ڪري مدعا بيان ڪئي. چواين لاءِ، صدر ايوب خان سان ملاقات جي خواهش ڏيکاري. اتان اصغر خان جڪارتا روانو ٿيو اتي صدر ڊاڪٽر سوئيڪارنو سان ملاقات ڪئي ۽ 13 سيپٽمبر تي واپس پاڪستان پهچي ويو. انهيءَ ئي ڏينهن ايوب خان پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري پاڪستان جي ماڻهن کي تسلي ڏني. پر ڪو خاطر خواهه جواب ڪونہ ڏنو. ايوب خان جي مصيبت هيءَ هئي

(1) سيد شبير حسين. "ايوب ڀٽو ايند ضياء" سنگ ميل پبليڪيشنز لاهور 2001. ص 73.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ جنگ هلندي چين يا ڪنهن ٻئي ملڪ لاءِ نڪري ڪونہ ٿي سگهيو. پر جيئن ئي جنگبندي عمل ۾ آئي، هن ٻيجنگ جو رخ رکيو. خاموشي ۾ رات جي هن سفر ۾ هن پاڻ سان گڏ وزير خارجہ ڀٽو ۽ نئون فضائي فوج جو سربراهہ ايئر مارشل نور خان ساڻ ڪنيو. چواين لاءِ سان مختصر ملاقات ٿي ۽ خاموشي سان ٻئي صبح جو واپس پهچي ويو.انهيءَ دوران ٻن سربراهن ۽ دوست ملڪن جي وچ ۾ ڪهڙيون ڳالهيون ٿيڻ گهرجن، سي ٿيون ۽ انهيءَ جو وري گهٽو ذڪر نہ ايوب خان مناسب سمجهيو ۽ نہ وري ڀٽي.

ڀٽي جي اقوام متحده ۾ تقرير تہ پاڪستان اندر ٿرٿلو مچائي ڇڏيو هئو پر سندس لفظ جڏهن دنيا جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پهتا تہ انهن جو مطلب تاريخي پس منظر ۽ سياسي اڳڪٿين جي صورت ۾ ٿيڻ لڳو. ڀٽو، اڪيلو هئو ۽ هن پاسي سڄي حڪومت ۽ دنيا جون طاقتون. هن جي تقرير ڪيس اڳ ۾ ئي هيرو بڻائي ڇڏيو هئو. هن دنيا تي اهو واضح ڪري ڇڏيو تہ پاڪستان کي ڪشميرين لاءِ امن ۽ انصاف گهرجي. طاقت، امن ۽ انصاف تي حاوي نہ ٿيڻ گهرجي. بلڪ هڪ هنڌ هن اهو بہ واضح ڪري ڇڏيو تہ راءِ شماري جي هڪ تاريخ مقرر ڪرڻ گهرجي.

هن سمجهيو تہ دنيا جون طاقتون سندس حمايت ڪنديون پر. فرانس ٿورو ڪي گهٽو رخ ڏيکاريو نہ تہ باقي سمورين طاقتن کي ڪا خاص مدد جي خاطري ڪانہ ڪرائي. انهيءَ رويي ڀٽي کي ڏاڍو مايوس ڪيو. 15 اڪتوبر 1965ع تي ڀٽي کي روس جي وزير خارجہ گروميڪو ڪان اهو اشارو مليو تہ هو ٺاڪري ڪرڻ لاءِ تيار آهن. بهرحال ڀٽي پنهنجيون سفارتي سرگرميون جاري رکيون.

اڪتوبر جي آخر ڏاري ڀٽي سلامتي ڪائونسل کي آخري دفعو خطاب ڪرڻ چاهيو. پنهنجي تقرير ۾ هن ڪشمير ۾ هندستاني فوج طرفان جنگبندي جي ڀڃڪڙي ۽ ڪشمرين تي ظلم ڪرڻ جا داستان بيان ڪيا تہ ڪائونسل جي صدر ڪيس چيو تہ ڪشمير جي اندروني صورتحال تي نہ ڳالهاءِ. انهيءَ تان ڪائونسل جي اندر هڪ بحث شروع ٿي ويو. ڀارتي وزير خارجہ سورن سنگهہ اٿي هليو ويو ۽ ڀٽو تقرير ڪندو رهيو. هن تقرير ڀٽي کي پاڪستان کي وڏيڪ مقبول بڻائي ڇڏيو جتي هن جي تقرير کي بار بار ريڊيو تان نشر ڪيو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊسمبر جي وچ ڌاري ايوب خان امريڪا جو دورو ڪيو پر جانسن سان ملاقات ڪان پهرين هڪ اڌ ڪلاڪ اوول آفيس ۾ پنهنجي ساٿي ملاقات ڪئي. انهيءَ جانسن سان ملاقات ۾ ٻين ڪي شامل ڪونه ڪيو ويو ۽ ڪيس هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ انتظار ڪرايو ويو. جيئن جانسن ۽ ايوب خان ملاقات ڪري ٻاهر نڪتا ته جانسن سڌو هڪ مغموم ۽ اداس پٺتي وٺ پهتو ۽ جيئن پوءِ ممتاز پٺتي کي ٻڌايائين ته هن مون کي چيو: "نوجوان! توهان ڏاڍو تيزي سان اڳتي وڌي رهيا آهيو ۽ آءُ ڏسان ٿو ته توهان گهڻو اڳتي نڪري ويندو. منهنجي نظر اوهان تي ڪتل آهي." جڏهن هن مون کي ائين چيو ته مون سمجهيو ته واقعي مون کي پنهنجو مستقبل نظر اچڻ لڳو ته آءُ جنهن پوزيشن ۾ آهيان اتي ڪونه رهندس پر منهنجي نيڪالي اٽڙ آهي. [1]

---

(1) اسٽينلي وولپورٽ، ذلفي آف پاڪستان" آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس. ڪراچي، 1993ع ص 99.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 29

## تاشقند ناهہ
## ڳالهين جي ميزتي قربانين جو سودو

جنگبندي ٿي ويئي، پر فوجون پنهنجن جاين تي رهيون صرف ٻنهي ملڪن پنهنجن اڳين مورچن تي قائم فوجن کي ٿورو ساهي ڏيڻ لاءِ ڪين بدلايو باقي تياري جي صورت جنگي اندازجي رهي. ايوب خان ڇا ٿي چاهيو، اقوام متحده ۾ حاصل ڇا ٿيو. تنهن تي هو صرف اڪيلو نہ پر سندس ڪابينہ، فوجي آفيسر ۽ جي ايچ ڪيو سمورا پريشان هئا، ڇاڪاڻ تہ جنهن طريقي عام ماڻهن کي ڪاميابين جون ڪهاڻيون ٻڌايون ويون هيون، تن جي پس منظر ۾ فوري طور جنگ بندي جو اعلان ٻڌڻ لاءِ ماڻهو تيار ڪونہ هئا، بلڪ ماڻهن کي هاڻي پڪ ٿيڻ لڳي هئي تہ پاڪستان امريڪا جي دٻاءَ ۾ اچي ”ڪتيل“ هوندي بہ جنگ بندي قبول ڪري ورتي آهي.

بظاهر جنگ بندي جو اعلان 23 سيپٽمبر تي ڪيو ويو پر انهيءَ جي تياري گهڻو اڳ تي چڪي هئي. جنگ شروع ٿيندي ئي امريڪا، برطانيہ، فرانس، ايسٽائين جو ترڪي ۽ ايران بہ جنگ بند ڪرڻ لاءِ زورڀري رهيا هئا. عالمي سرحد پار ڪرڻ کان اڳ 4 سيپٽمبر تي سوويت يونين جي وزير اعظم اليڪسي ڪسيجن، ڀارت جي وزيراعظم لال بهادر شاستري ۽ صدر ايوب کي خط لکي هن ڳالهہ لاءِ زورڀريو هئو تہ هو جنگي ڪارراين کي وڌائڻ کان روڪين، ۽ 7 سيپٽمبر تي جڏهن جنگ شروع ٿي چڪي هئي تہ ساڳي قسم جو خط ٻنهي ليڊرن کي وري لکيائين. ٻئي طرف مغربي ليڊرن خاص ڪري امريڪي صدر جانسن انهيءَ لاءِ زور ڀرڻ لڳا هئا تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنگ بند ڪري ڳالهين لاءِ ڪا راهه ڳولي لهجي. ايوب خان، هر انهيءَ آڇ جي جواب ۾ اهو تاثر ڏيندو هئو تہ ڪشمير جي مسئلي کي ڳالهين جو بنياد بڻائي پر ڀارت بنهه غير مشروط ڳالهيون ڪرڻ جو شرط وجهندو هئو. نيٺ جنگ هلندي 17 سيپٽمبر تي وزيراعظم ڪسيجن جو ٽيون خط آيو جنهن ۾ پاڪستان ۽ روس کي آڇ ڪيل هئي تہ تاشقند يا ٻئي ڪنهن شهر ۾ ٻئي ليڊر ڳالهيون ڪن ۽ جنگبندي سان گڏوگڏ ڪنهن ناهه جي راهه ڳولي ڪڍن.

ايوب خان جي لاءِ اها آڇ قبول ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو پئي لڳو ڇاڪاڻ تہ هن جي خيال ۾ ائين ڪرڻ سان امريڪي ۽ مغربي بلاڪ جا ٻيا ليڊر پاڪستان جي ”دوستيءَ“ تان هٿ کڻي ويندا. جڏهن تہ ڀٽي جو خيال هئو تہ ائين ڪرڻ سان ڪنهن بہ ناهہ ۾ ڪشمير جو مسئلو نمايان طور نہ اُڀرندو.

23 سيپٽمبر واري جنگبندي کان وٺي بہ مهينا اسلام آباد ۽ نيويارڪ ۾ پاڪستان سياسي سرگرمين ذريعي پنهنجي لاءِ حمايت حاصل ڪرڻ ۾ رڌل رهيو. اصل مسئلو هيءُ نہ هئو تہ پاڪستان ڳالهين لاءِ تيار ڪونہ هئو پر هيءُ هئو تہ ڪا ڏراها ضمانت ڏيڻ لاءِ تيار ڪانہ هئي تہ ڪشمير جو مسئلو ڳالهين ۾ شامل ٿيندو يا نہ؟ خود روسي وزير اعظم ڪسيجن پنهنجي 17 سيپٽمبر واري خط ۾ اها آڇ ڏني هئي تہ هو صرف مهمان نوازي جا فرائض سرانجام ڏيڻ لاءِ تيار هئو. باقي ڳالهيون ٻنهي ڌرين کي پاڻ هلائڻيون پونديون ۽ پاڻهي ڪنهن ناهہ تي پهچڻو پوندو. سوويٽ يونين تہ صرف ٿياڪر طور هنن جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار هئو.

نيٺ اهو فيصلو ٿيو تہ ڀٽو، ماسڪو وڃي ۽ اتان مجوزه آڇ تي ڪجهہ وضاحتون حاصل ڪري. ڀٽي، انهيءَ لاءِ 23 نومبر جي تاريخ چونڊي. انهيءَ ڏينهن ڀارت جي وزيراعظم شاستري اعلان ڪيو تہ هو ملاقات ڪرڻ لاءِ تاشقند وڃڻ لاءِ تيار آهي، پر ڪشمير ئي نہ، سمورن مسئلن تي ڳالهائڻ پسند ڪندو. ڀٽو بہ ڏينهن ماسڪو ۾ رهيو جتي هن سوويتي رهنمائن سان ڳالهين ڪرڻ کانپوءِ اهو اشارو ڏنو تہ ”تاشقند ڳالهين مان امن جو امڪان روشن آهي.“ واپسيءَ تي هن سمورين ڳالهين کان ايوب خان کي آگاهہ ڪيو پر ايوب خان کي مغرب جي لوڻ لڳل هئي تنهنڪري هو انهن جي آشيرواد حاصل ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي سر فيصلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ هئو. تنهنڪري 10 ڊسمبر تي هو امريڪي صدر جانسن سان ملڻ لاءِ واشنگٽن هليو ويو ۽ ڪيس پٺي جي ماسڪو واري دوري، تاشقند ملاقات جي امڪانن ۽ آئنده جي لائحہ عمل بابت صلاح مشورو ڪيو بلڪ هن ڪان معلوم ڪيو تہ اهڙي صورت ۾ پاڪستان کي ڇا ڪرڻ گهرجي. امريڪا جي دوري مان ايوب خان جو مقصد اهو هئو تہ ڪهڙيءَ طرح ايوب جانسن گڏيل بيان ۾ ڪشمير جو ذڪر شامل ڪرائي تہ جيئن ڀارت تي دٻاءُ پوي ۽ هو انهيءَ مسئلي کي ڳالهين جي ايجنڊا ۾ شامل ڪري. بهرحال، جانسن ۽ ايوب خان جي وچ ۾ اڍائي ڪلاڪ ڳالهيون هليون. گڏيل بيان جڏهن جاري ٿيو تہ انهيءَ ۾. ڪشمير جو ذڪر ڪونہ هئو، بلڪ ان ۾ اهو تاثر ڏنل هئو تہ امريڪا، تاشقند ملاقات جي تائيد ڪري ٿو ۽ اميد ظاهر ڪئي ويئي هئي تہ اهڙين چند ملاقاتن بعد مسئلا حل ٿي ويندا.

امريڪا پنهنجي طرفان اهڙي ڪنهن مخصوص لب و لهجي اختيار ڪرڻ لاءِ هن ڪري تيار ڪونہ هئو جو ان وقت ويتنام ۾ بري طرح ڦاٿل هئو ۽ هو ايشيا جي اهڙي ڪنهن ٻئي مسئلي ۾ پارٽ کي ڦاسائڻ لاءِ تيار ڪونہ هئو. اهڙيءَ طرح ايوب خان، امريڪا جي ڪنهن حمايت حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ ناڪام موٽي آيو.

پاڪستان اندر سياسي ميدان ۾، عوامي دٻاءُ بہ ايوب خان کي پريشان ڪري وڌو هئو. جيتوڻيڪ اخبارن تان سنسرشپ جون پابنديون نرم ٿي چڪيون هيون تاهم هندستان ۽ پاڪستان جي اهڙن معاملن ۾ اڃا پريس ائڊوائس جو سلسلو جاري هئو، تنهنڪري سياسي ليڊرن جي کلي تنقيد محدود پئماني تي سامهون اچي رهي هئي. گهڻن ليڊرن جو خيال هئو تہ تاشقند جي آڇ قبولڻ، سوويت يونين ۽ ڀارت جي شرطن قبولڻ جي برابر آهي جڏهن تہ ٻئي ڌر جو خيال هئو تہ تاشقند ڳالهائڻ جو فائدو وٺڻ گهرجي ۽ علائقي ۾ امن قائم ٿئي. پٺو، جيڪو جنگ بند ڪرڻ جي خلاف هئو، تنهن جي ناراضگي ڪابينہ جي ملاقاتن مان ظاهر ٿيندي هئي. بهرحال، 31 ڊسمبر تي ايوب خان ڪيس هدايتون ڏنيون تہ تاشقند ڳالهين جي لاءِ تياري ڪئي وڃي. ڇاڪاڻ تہ 5 جنوري 1966ع تي تاشقند ڳالهين لاءِ ٻئي ڌريون ڏينهن قبولي چڪيون هيون.

جي ايچ ڪيو، خارجہ آفيس ۽ صدارتي ڪابينہ، سڀ ضروري

تياري ۾ لڳي ويا. انگ اکر، نقشا، رڻ ڪڇ سميت سمورا انگ اکر گڏ ڪيا ويا. هر فائيل ترت حوالي لاءِ نمبر ڪيو ويو ۽ پهرين جنوري تي ايوب خان، ۽ سندس ٽيم تاشقند لاءِ ڪابل روانو ٿيو. سندس ٽيم ۾ وزير خارجه ذوالفقار علي ڀٽو، خارجه سيڪريٽري عزيز احمد، دفاع جو سيڪريٽري غلام اسحاق خان ۽ ٻيا گهٽيئي آفيسر شامل هئا. پهرين منزل ڪابل ۾ ڪئي ويئي جتي رات جو ترسڻ دوران شاهه ظاهر شاهه سان ملاقات به ڪيائين. ٽين جنوري تي ايوب ۽ شاستري پنهنجين ساٿين سان تاشقند پهتا. سرڪاري طور سوويت حڪومت ٻنهي حڪمرانن ي ساڳي قسم جو استقبال ڪيو. ٻيو ڏينهن وزير خارجه ڀٽي، سورڻ سنگهه ۽ روسي وزير خارجه گروميڪو سان ملاقاتن ۾ گذاريو ۽ ظاهر آهي ان ۾ ايجنڊا تي گهڻو بحث ٿيو. ايجنڊا تي ڇا هوندو، اهو ئي مسئلو سڀ کان نازڪ هئو. تنهنڪري اهي ابتدائي ملاقاتون ڊيگهه وٺي ويون. ڪابه ڌر پنهنجو موقف ڇڏڻ لاءِ تيار ڪانه هئي. نيٺ 5 جنوري تي ايوب ۽ شاستري جي درميان ملاقات ٿي ۽ ڇاڪاڻ ته ڪنهن نوس ايجنڊا ڪانسواءِ ئي مليا، تنهنڪري ٻئي ڏينهن جي اخبارن اهو اشارو ڏنو ته "ايوب خان انهيءَ ڪري تاشقند آيو آهي ته هو ڪشمير سميت سمورا مسئلا حل ڪري." فوراً ڀارت جي خارجه سيڪريٽري، سي سي جها، تاشقند مان ئي بيان ڏنو ته ڪشمير تي ڳالهائڻ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي.

ڪا اهڙي ملاقات ڪانه ٿي جنهن ۾ ٽئي ليڊر ـ ايوب، شاستري ۽ ڪسيجن ـ گڏ هجن. تنهنڪري جڏهن به ايوب ۽ شاستري ملندا ها يا ٻنهي ملڪن جا وزير خارجه ملندا هئا ته هو ڪسيجن کي هڪٻئي جي ڳالهين کان آگاهه ڪندا هئا پر ڳالهيون انهيءَ ڪري اڳتي وڌي نه سگهنديون هيون جو ڪشمير جو سوال ڀارت ايجنڊا جو حصو بڻائڻ لاءِ تيار ڪونه هئو. انهيءَ لاءِ سورڻ سنگهه ۽ ڀٽي جي وچ ۾ ڪئين ملاقاتون ٿيون پر ٻئي فائيل کولڻ ڪانسواءِ ملاقات ختم ڪرڻ جو اعلان ڪندا هئا. ٻنهي جي ملاقاتن جي ناڪامي جو اعتراف بعد ۾ روسي وزير اعظم به هڪ سربراهي ملاقات ۾ ڪيو.

ظاهر آهي ته اهڙي تعطل دوران ڪابه ڌر اڳتي وڌڻ لاءِ تيار ڪونه هئي. روز منجهند جي ماني ۽ رات جو ضيافتن جو انتظام ٿيندو هئو. ڪابه پيش رفت انهيءَ وقت تائين ڪانه ٿي. روسي اڳ ۾ چئي چڪا هئا ته هو پاڻ هنن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالھين ۾ ڪونہ پوندا ۽ صرف ٻنھي ڌرين کي پاڻ ۾ ڳالھائڻ ۽ ڪنھن ناھ تي پھچڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ مھمان نوازي جا فرائض انجام ڏيندا پر ھاڻي اھا مھمان نوازي ڊيگھہ پڪڙي رھي ھئي. تنھنڪري ڇھين جنوري تي ڪسيجن، ايوب خان سان ڏگھي ملاقات ڪئي جنھن ۾ ٻنھي ملڪن جا وزير خارجہ ڀٽو ۽ گروميڪو بہ شريڪ ٿيا. اصل ۾ ھيءَ ميٽنگ تاشقند ڳالھين ۾ موڙ ثابت ٿي چاڪاڻ تہ ھن ۾ ڪسيجن پنھنجي طرفان تجويزون کڻي آيو ھئو جنھن جو نقل ھن شاستري کي اڳ ۾ ھن پيغام سان پھچائي ڇڏيو ھيو تہ ھيءَ قبول ٿيڻ گھرجن نہ تہ تاشقند ڳالھين وارو سمورو دورناڪام ثابت ٿيندو.

ڪسيجن جو ھيءُ جملو تمام معنيٰ خيز ھئو. خاص ڪري انھن حالتن ۾ جن مان پاڪستان لنگھي رھيو ھئو. ھو مغرب جي حمايت کان محروم ٿي چڪو ھئو ۽ سوويت يونين جي ”مھمان نوازي“ کي قبولي ھتي آيو ھئو تنھنڪري انھيءَ کان اڳ جو ايوب خان انھيءَ تجويز تي ڪا راءِ ظاھر ڪري، ڪسيجن پاڻ چيو تہ ھو نٿو چاھي تہ ھوبھو اھي تجويزون پاڪستان قبول ڪري پر انھيءَ تي متبادل تجويزون بہ ڏيئي سگھجن ٿيون. بھرحال، ايوب خان جي لاءِ ھڪ ڳالھہ تورو ڏيڻ جو ڪارڻ ثابت ٿي جڏھن ھن جيو تہ ھن جي چوڻ تي، شاستري ڪشمير کي ايجنڊا ۾ شامل ڪرڻ قبول ڪري ورتو آھي، البتہ ان جي حل ڪرڻ لاءِ ڪنھن ڏار ميڪنزم تي راضي ڪونھي.

اھو ڏينھن، پاڪستاني ڪئمپ بحث ڪندي گذاريو. بحث ڏاڍو گرماگرم رھيو. عزيز احمد ۽ ڀٽو انھيءَ ۾ تمام سرگرم رھيا ۽ ڪن ھنڌن تہ بحث رڙين جي حد بہ ٽپي ويو. بھرحال، اھو فيصلو نہ ٿي سگھيو تہ پاڪستان اھي تجويزون قبول ڪري يا نہ. صبح جو وري ڪسيجن، ڏار ڏار ايوب ۽ شاستري سان ملاقاتون ڪيون ۽ بعد ۾ جيئن ظاھر ٿيو تہ ٻئي پنھنجي پنھنجي نڪتہ نظر تي قائم رھيا تنھنڪري ملاقات کانپوءِ ايوب خان روسي تجويزون رد ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. ھڪ گھمرو وري پارت ۾ پاڪستان جي ڪئمپن ۾ بحث ڇڙي ويا، پر پاڪستان جي ماھرين ۾ بحث مباحثو مڙيوئي گھٽو ھئو. رات جي پيٽ ۾ ڪو فيصلو نہ ٿيو ۽ صبح جو وري نيون ڪوششون ٿيڻون ھيون.

لڳوائين ٿي تہ ورندڙ ڏينھن فيصلہ ڪن ھوندو. ٻنھي طرفن اميدون ۽ ناڪامي جا جذبا نمايان ھئا. بھرحال 8 جنوري نھايت تڏو ۽ خاموش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن هئو. ٻئي وفد ڏارڏار رهيا. ٻنهي ۾ تقريباً رابطو ٽٽي پيو هئو ۽ ائين ٿي لڳو ڄڻڪ تاشقند ڳالهيون ناڪام ٿي چڪيون آهن. هن ڏينهن ۽ ان کانپوءِ واري مرحلي جو الطاف گوهر هن طرح نقشو چٽيو آهي:

”شام جو ستين ٻجي هڪ موسيقي جو پروگرام ٿيو. ڪسيجن پاڻ، ايوب ۽ شاستري جي وچ ۾ ويٺو. پروگرام دوران هڪ اردو گيت ”*ھاۓ رام مجھ کو بڈھا مل گیا*“ پيش ڪيو. عين انهيءَ وقت ڪسيجن، ٻنهي کي سمجهايو ته هو اميد جي ڪرڙي کي هٿان نه وڃائين.

”9 جنوري تي ڪسيجن، ايوب خان کي جهاز ناهڻ واري ڪارخاني ۾ وٺي ويو ۽ اتي گهمائيندي کيس ٻڌايائين ته هاڻي ٻنهي (وڏين) قوتن هٿيار تيار ڪيا آهن تنهنڪري ننڍين قومن کي وڙهي چرياڻپ نه ڪن...... ايوب انهيءَ کان ڏاڍو متاثر ٿيو.....“

ٻئي صبح جو ٿنهي جي ميٽنگ ٿي جن ۾ سندن خارجه وزير به شريڪ ٿيا، جنهن ۾ پٽي وري روسي تجويزن کي يڪ طرفه سڏي رد ڪري ڇڏيو. پر پوءِ ايوب ۽ شاستري فيصلو ڪيو ته هو ٻئي ڪنهن مددگار کانسواءِ ڳالهائيندا. منٽ ڪلاڪ جي هن ون ٽو ون ملاقات کان پوءِ تاشقند ناهه ٿي ويو. روسي تجويزون ٻنهي ڌرين هڪ هڪ لفظ قبول ڪري ورتو. ڪسيجن ۽ گروميڪو ٻنهي ڌرين کي مبارڪون ڏنيون.

معاهدي جو لب لباب هيءُ هئو:

”ٻئي ڌريون پنهنجون فوجون هن تنازعي کان اڳ وارين جاين تائين هٽائي وٺڻ ۽ پوءِ پنهنجا اختلافات پرامن طريقي سان حل ڪندا.“

اهو ڏينهن شاستري ۽ هندستاني وفد لاءِ تمام خوشيءَ جو ڏينهن هئو. هو پاڪر پائي هڪٻئي سان ملي رهيا هئا. جڏهن ته پاڪستاني وفد صرف رسم پوري ڪرڻ لاءِ پارت جي وفد کي واڌايون ڏئي رهيا هئا. اصغر خان جي چوڻ مطابق ايوب خان، شاستري کي چيو ته واپسي ۾ هو راولپنڊي ۾ ڪجهه عرصو ترسي. پر شاستري ڪابل جي رستي واپس دهلي وڃڻ کي ترجيح ڏني.[1]

پٽي جي ناراضگي سيني ۾ نمايان هئي. هو خاموش هئو. جڏهن ته وفد جا ٻيا اراڪين اخبار وارن سان ملڻ ۾ مصروف هئا يا وري واپسي جي تيارين ۽ شاپنگ جو انتظام ڪري رهيا هئا.

(1) گوهر، الطاف ”ايوب خان“ ص 386،87.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجا پيو ڏينهن (10 جنوري) سرڪاري طور قيام جو ڏينهن هئو ۽ هي صرف گهمڻ يا شاپنگ ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو. شام جو سرڪاري طور الوداعي تقريب ٿيڻي هئي. ضيافت ڪانپوءِ تنهي ڏرين جا آفيسر ۽ ڪارڪن هڪٻئي کان موڪلائي رهيا هئا ۽ نيٺ سڀ پنهنجن ڪمرن ۾ آرامي ٿي ويا.

اڌ رات جو عبدالوحيد، پٽي جو پرائيويٽ سيڪريٽري، جيڪو بعد ۾ وزير داخله قاضي فضل الله جو به پرائيويٽ سيڪريٽري ٿي رهيو، تنهن اچي پٽي کي ننڊ مان اٿاريو ۽ اچي کيس شاستري جي مرڻ جو اطلاع ڏنو. اهو اطلاع به ڪجهه عجيب هئو جنهن سان پٽي جي ناراضگي جو اندازو ٿئي ٿو. اها گفتگو ڪجهه هنريت هئي:

"Sir....."

"What's it?"

"Sir, the .....is dead."

"Which one?"

"Sir, it's Shastri."

"Right, now go back to sleep"

جيئن ئي اطلاع پکڙيو، پنهي ملڪن جي وفدن جا عيوضي شاستري واري ڪمري وٽ پهچي ويا سواءِ پٽي جي. بهرحال صبح جو هن جو تابوت تيار ڪيو ويو ۽ تابوت کي جهاز ۾ چاڙهڻ وقت "ايوب خان به هٿ وڌو جيڪا تصوير ڇپي ته پوري پاڪستان ۾ ڏاڍو هل مچو."

پاڪستاني وفد پنهنجي ڪابل واري رستي کان واپس اسلام آباد پهتو جتي مليل جليل ردعمل سندس آجيان لاءِ تيار هئو. عام فوجين ۽ سندن ليڊرشپ انهيءَ کي بهتر سمجهيو هوندو. ساڳيءَ طرح ايوب خان به پنهنجي ڪاميابي تصور ڪيو هئو پر عام ماڻهوءَ کي پورو يقين هئو ته جيڪا شيءِ هنن "ميدان جنگ" ۾ کٽي آهي، ايوب خان اها تاشقند ۾ هارائي آيو آهي. هيءُ اهو احساس هئو جيڪو پٽو ڪٽي عوام جو همدرد بڻجي ليڊر بڻيو ۽ هي ئي اهو نڪتو هئو جتان ايوب ۽ پٽي جون راهون ڌار ڌار ٿي ويون.

---

(1) عبدالوحيد سان مصنف جي ذاتي گفتگو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 30

# راهن جي جدائي
# نئين پارٽي جي تياري

شاستري جو مڙهه دهليءَ ڏانهن روانو ٿيو ته ايوب خان ۽ سندس ٻيا ساٿي به واپس پاڪستان وريا. اسلام آباد اڏي تي روايتي طور استقبال ڪان پوءِ ايوب کي اندازو ٿيو ته تاشقند ناهه جي خلاف ملڪ اندر ڪيترو تاءُ پکڙجي چڪو هئو. اخبارن ۽ سياسي اجتماعن ۾ ڍڪيل لفظن ۾ هن ناهه تي طرح طرح جي ٽيڪاٽپڻي ٿيڻ لڳي جنهن جو عام تاثر اهو هئو ته پاڪستان، تاشقند جي ميز تي هارائي آيو آهي.

ايوب خان ٻئي ڏينهن تي ئي حالتن جو جائزو وٺڻ لاءِ ۽ پنهنجي نڪته نظر واضح ڪرڻ لاءِ ڪابينه جي ميٽنگ گهرائي جنهن ۾ فوجي سربراهن ۽ سينئير آفيسرن کي به گهرايو. هن ڊگهي ميٽنگ ۾ ڀٽو ماٺ ڪيو ويٺو هئو. يا ڪن آفيسرن ۽ ڪابينه جي ميمبرن ڳالهايو يا وري ايوب خان. ڀٽي هڪ لفظ به نه ڳالهايو. مطلب صاف ظاهر هئو ته ڀٽو اهڙي ناهه ۾ ڌر ڪونه هئو. سندس انهيءَ رويي، ميٽنگ جي اندر ئي ڪيترا سندس حامي پيدا ڪري وڌا. ميٽنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ ڀٽي هڪ اخباري بيان جاري ڪيو جنهن مان ناراضگي صاف ظاهر هئي. ٺيڪ انهيءَ وقت مبصرين اندازو لڳايو ته ڀٽو، هاڻي گهڻو عرصو ايوب خان سان گڏ هلي نه سگهندو: هڪ اهڙو انومان جيڪو اڳتي پڪ ۾ بدلجي ويو.

اخباري رپورٽن باقي ڪم ڪيو. ماڻهن کي معلوم ٿي ويو ته ايوب خان بازي هارائي آيو آهي ۽ ڀٽو انهيءَ ۾ شريڪ ڪونهي ۽ ائين ئي 13 جنوري تي تاشقند ناهه جي خلاف مظاهرا شروع ٿي ويا. ماڻهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناراضگي ظاهر ڪرڻ لاءِ بهانو ملي ويو ۽ 14 جنوري تي سمورا ڪاليج، اسڪول ۽ ڪجھہ ڪارخانا بند رهيا. ڪن شهرن ۾ ننڍا جلوس نڪتا، جلسا ٿيا ۽ مقررين اهڙي معاهدي کي رد ڪري ڇڏيو. ڀٽي هڪ اڌ هنڌ شاگردن کي خطاب ڪيو ۽ هنن جي احتجاج جي حمايت ئي ڪانہ ڪئي بلڪ ايوب خان جي سڌي مخالفت ڪندي اعلان ڪيو تہ جيڪڏهن حڪومت هن احتجاج کي دٻايو تہ هو حڪومت ۾ رهندي بہ شاگردن جي حمايت ترڪ نہ ڪندو.

ايوب خان کي سمجھہ ۾ ڪونہ ٿي آيو تہ ڇا ڪري ۽ ڇا نہ ڪري. ڪن صلاحڪارن کيس صلاح ڏني تہ ڀٽي، اهو احتجاج حڪومت جي ٻل تي ڪيو آهي تہ جيئن هو ايوب خان تي دٻاءُ وجهي ڪانئس من گهريا فائدا حاصل ڪري سگهي. ڪن وري کيس اها آڻت ڏني تہ هي ٿورا ڪاليج جا وات ڳاڙها شاگرد آهن جيڪي هل هنگامو ڪري ٿورن ڏينهن ۾ ماٺ ڪري ويهي رهندا. ايوب خان، هر آمر وانگيان انهن جي ڳالهين ۾ اچي حقيقت کي سمجھڻ بدران هنن احتجاجن کي پوليس جي ذميداري قرار ڏيئي ڇڏيو ۽ پاڻ ڀٽي کي ريجھائڻ جون اٽڪلون سوچڻ لڳو. پر انهيءَ وقت تائين ايوب ڀٽي جي اختلافن جون ڳالهيون اخبارن جي ڪالمن ۾ اچڻ شروع ٿي ويون، جن تان ايوب خان کي منيان تہ لڳندي هئي پر في الحال هو هڪ ئي وقت گهڻن ڳالهين ۾ ڦاسڻ لاءِ تيار ڪونہ هئو.

شاگردن جا احتجاج، پوليس جي روايتي رويي جي ڪري وڌندا ويا انهن ۾ ماڻار اچڻ واري ڪانہ هئي. نوجوان طبقو ڀٽي جي شخصيت کي پنهنجي تمثيل بنائيندي ايوب خان لاءِ مشڪل پيدا ڪري رهيو هئو. گورنر ڪالا باغ، سخت گير منتظم هوندي بہ اهڙن احتجاجن کي روڪڻ ۾ ناڪام ويو.

نيٺ ڀٽي ۽ ايوب خان جا اختلاف انهيءَ وقت منظر عام تي اچي ويا جڏهن 29۔ جنوري تي ايوب خان، غير ملڪي سفيرن کي تاشقند معاهدي جي وضاحت ڪرڻ لاءِ هڪ دعوت ۾ گهرايو. عام حالتن ۾ وزير خارجہ جي حيثيت ۾ ڀٽي جي موجودگي لازمي هئي. پر ڀٽو اهو نياپو موڪلي انهيءَ بريفنگ کان غير حاضر رهيو تہ هو بيمار آهي. ايوب خان کي اندازو هئو تہ ڀٽي جنهن طرح تاشقند جي مسئلي کي کنيو آهي سو

صرف ايترو اهم آهي تہ يحيٰ کي سمجهائي وري پنهنجو ڪري سگهجي ٿو پر حقيقت انهيءَ جي ابتڙ هئي. يحيٰ وڏو دوررانديش ماڻهو هئو هن جون اکيون مستقبل تي کتل هيون. هو ڏسي رهيو هئو تہ اپوزيشن بہ ڪنهن موقعي جي ڳولا ۾ هئي ۽ تاشقند وارو سوال بهترين جواب هئو. ايوب خان کي انهن سمورين ڳالهين جو اندازو ڪونہ هئو.

بهرحال ايوب خان فيصلو ڪيو تہ هو سنڌ جي دوري تي ويندو ۽ اهو دورو 5 فيبروري 1967ع کان شروع ٿيڻ وارو هئو. هي اهوئي ڏينهن هئو جڏهن مخالف پارٽين جي پارليماني پارٽي لاهور ۾ ڪنوينشن ڪوٺرايو هئو ۽ شيخ مجيب پنهنجا ڇهہ نڪتا پيش ڪيا. يحيٰ ايوب خان جي دوري شروع ٿيڻ ۽ مخالف پارليماني پارٽي ڪنوينشن کان اڳ ۾ لاڙڪاڻي اچي ويهي رهيو ۽ اتان هڪ بيان جاري ڪيائين جنهن ۾ صاف چيل هئو تہ ڪشمير کانسواءِ پاڪستان اڌورو آهي ۽ ان سان ئي پاڪستان جي سالميت ڳانڍاپيل آهي.

ايوب خان سنڌ جو دورو پنهنجي پروگرام مطابق شروع ڪيو ۽ پروٽوڪول مطابق يحيٰ کي ايوب خان سان گڏ رهڻو هئو. پوري سنڌ ۾ نواب يوسف چانڊئي جي دعوت کان وٺي ڍرگهہ ڍنڍ ۾ شڪار تائين يحيٰ ساڻس گڏ رهيو. ايوب خان کي آٿت ملي تہ يحيٰ جي ڪاوڙ گهٽجي ويئي آهي پر اها سندس ڀل هئي. يحيٰ انهيءَ دوري دوران پنهنجن دوستن سان صلاح مشورا ڪري رهيو هئو. ڇاڪاڻ تہ هاڻي يحيٰ کي فيصلو ڪرڻو هئو تہ وزارت ڇڏي تہ ڪهڙيءَ طرح سياسي ميدان ۾ ٽپي.

13- جنوري کان وٺي ڇهن هفتن تائين يحيٰ ۽ ايوب خان جي اختلافن جون ڳالهيون عام ڪچهرين ۾ ٿينديون رهيون. هڪ گهمرو يحيٰ، ايوب خان کي استعيفا پيش ڪري ڇڏي پر ايوب خان اهو چئي واپس ڪري ڇڏي تہ في الحال ڌار ٿيڻ سان نہ صرف اندروني قوت وڌندي پر پارٽ سان لاڳاپن تي بہ اثر پوندو. بلڪ ڪيس اها آڇ ڪئي تہ هو اقوام متحده ۾ هليو وڃي. يحيٰ کي ڄاڻ هئي تہ انهيءَ آڇ پويان ڪهڙو مقصد لڪل آهي تنهنڪري نهڪار ڪري ڇڏيائين.

انهيءَ وچ ۾ قومي اسيمبلي جي پارلياميني پارٽي 5 فيبروري واري ڪنوينشن ۾ شيخ مجيب جا 6 نڪتا منظور ڪري ۽ انهيءَ سان گڏ تاشقند ناهہ کي بہ رد ڪري ڇڏيو. ٻين لفظن ۾ اولهہ پاڪستان جي

ليبڊرن کي اهو چتاءُ ڏنو ويو هئو تہ جيڪڏهن اهي پاڻرن وانگيان تسليم نہ ڪيا ويا تہ هو (اوير پاڪستاني) ڌارين وانگيان ڌار ٿي سگھ ندا. اوير پاڪستان ۾ ايجيٽيشن وڌيو. اولهہ پاڪستان ۾ تہ باهہ لڳي چڪي هئي ۽ هاڻي شاگردن سان گڏ سياسي پارٽين جا ورڪر بہ گهٽين ۾ اچڻ لڳا. ايوب خان کين صرف اها ورندي ڏيندو رهيو تہ تاشقند ناهہ قبول ڪرڻ جو مطلب اهو ڪونهي تہ پاڪستان روس جي جهولي ۾ هليو ويو آهي.

ايوب خان جا ويجها ساٿاري سچ جو پاڇولو ڏسي رهيا هئا ۽ کين اهو پئي لڳو تہ تاشقند واري مامري تان جيڪو ممڻ متو آهي سو هرويرو تاشقند تان ڪونہ هئو. پر ان جو مقصد ايوب خان ۽ سندس نظام کي هٽائڻ هئو. تاشقند تہ صرف هڪ بهانو مهيا ڪيو هئو. اوير ۽ اولهہ پاڪستان ۾ اٿيل طوفان ايوب خان کي ڪک پن وانگيان اڏائي ٿي سگهيو.

ٻئي طرف ايوب خان جو سمورو مدار سرڪاري مشينري، ڪامورن ۽ خفيہ ايجنسين تي هئو. جن جي روايتي طريقن سان احتجاج ختم ٿيڻ وارو ڪونہ هئو. بلڪ ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو هئو.

هاڻي مارچ اچي چڪو هئو. هن گهمري قومي اسيمبلي جو اجلاس ڍاڪا ۾ ٿيڻو هئو ۽ ماڻهن گهريو ٿي تہ پنهنجي جي واتان ٻڌن تہ تاشقند ۾ ڇا ٿيو ۽ سندس ناراضگي پويان ڪهڙو راز لڪل هو پر صرف ايوب خان اجلاس لاءِ پهتو. پنهنجي جي غير حاضري ويتر ماڻهن جي شڪ کي پڪ ۾ تبديل ڪري وڌو ۽ هاڻي هو تاشقند واري مامري کي ڇاڻڻ جي لاءِ متنظر رهڻ لڳا. پنهو، پنهنجن سرڪاري گڏجاڻين، ميٽنگين وغيره جتي بہ ويندو هئو تہ اتي ماڻهو، خاص ڪري شاگرد ۽ نوجوان طبقو هزارن جي تعداد ۾ گڏ ٿي ويندو هئو. اتي هو ماڻهن کي تاشقند جي باري ۾ جهڙيءَ طرح ٻڌائيندو هئو تنهن سان روز سندس مقبوليت ۾ واڌارو ايندو ويو. بعض اوقات، سرڪاري تقريبن کان پوءِ ايترا ماڻهو گڏ ٿي ويندا هئا جو عام جلسي جو سمان نظر ايندو هئو ۽ انهن ۾ روز واڌارو ايندو ويو.

ايوب خان، انهن کان بيخبر هئو ڇاڪاڻ تہ سندس وفادار ايجنسيون جيڪي خبرون پهچائنديون هيون سي صرف ايوب خان کي آٿت ڏيڻ لاءِ هيون. البتہ ماڻهن کي تاشقند معاهدي جي خلاف آڻڻ، وگوڙ پکيڙڻ ۾ ٻين اهڙن الزامن هيٺ ايوب خان، پنهنجي ايجنسين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ريورٽن جي آڌارتي، نوابزاده نصرالله خان، خواجہ محمد رفيق، ملڪ غلام جيلاني، ظفرالله جمالي، سردار شوڪت حيات ۽ ٻين اڳواڻن کي بند ڪري ڇڏيو. انهيءَ قدم ٻرنديءَ تي تيل جو ڪم ڪيو. وڳوڙ موڙگو وڌڻ لڳا ۽ هاڻي انهن ۾ تاشقند ناهہ سان گڏ ٻيا عوامي مسئلا بہ اڀرڻ لڳا. مارچ، اپريل ۽ مئي جا مهينا وڳوڙن، گرفتارين ۽ احتجاجي جلسن ۾ گذريا.

نيٺ 17 جون تي ايوب خان ۽ ڀٽي جي وچ ۾ اڌائي ڪلاڪ تفصيلي ڳالهيون ٿيون ۽ ڀٽي ڇٽا ڏارتي ويا. ٻئي ڏينهن سرڪاري خبر رسان ايجنسين جي ذريعي اخبارن اها خبر ڇاپي تہ "مسٽر ڀٽو علالت جي آڌار تي موڪل تي وڃي رهيو آهي ۽ اڄ کان ڪيس پنهنجي ذميدارين کان آزاد ڪيو ويو آهي." بظاهر هي مختصر خبر هئي پر اخبار پڙهندڙن کي معلوم هئو تہ اها بيماري ڪهڙي هئي.

وزارت کان ڌارتيل ۽ "بيمار" ڀٽي پنهنجي سرڪاري رهائش گاهہ کان لاڙڪاڻي ڏانهن واپسي جو ذريعو، هوائي جهاز جي بدران ريل گاڏي کي اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. انهيءَ وقت تائين ايوب خان کي خبر پئجي چڪي هئي تہ ڀٽي جو ڌارتيڻ، هن (ايوب) جي لاءِ سنو ڪونہ هئو پر هو ڪري بہ ڪجهہ نٿي سگهيو ڇاڪاڻ تہ انٽيلي جنس وارا ڪيس مشورا ڏيندا رهيا تہ ڀٽي سان گڏ صرف چند مٺي ڦريا نوجوان ڇوڪرا آهن جن کي يا تہ پنهنجي سياست چمڪائڻي آهي يا وري پئسي جي لالچ ۾ زنده آباد مرده باد جا نعرا هڻڻ وار اپروفيشنل سياسي ڪارڪن آهن جن جو ڪو نظريو ڪونهي. ايوب خان جي مشڪل اهڙي هئي جو ڪيس صحيح حقيقتن کان آگاهہ ڪرڻ وار وڪونہ هئو. پنهنجي هٿ سان تيار ڪيل نظام جنهن ۾ اختيارين کي "مضبوط مرڪز" جي تابع ڪيو ويو هئو، انهيءَ جو شڪار پاڻ ايوب خان ٿي ويو.

انهيءَ وچ ۾ هڪ ٻيو عنصر بہ ايوب خان جي خلاف وڃڻ لڳو. ٿيو هيئن تہ ملڪ نواب ڪالاباغ بہ ايوب خان مان هٿ ڪڍي ويهي رهيو، بلڪ هاڻي هن جو اندروني طور سياسي مخالف ٿي پيو. ان جو ڪارڻ هيءَ آهي تہ ڪراچي مان ليار ي واري سيٽ خالي ٿي پيئي جنهن جي چونڊ تي ايوب خان، سرحد جي خان بهادر حبيب الله خان کي چونڊ لڙائڻ تي چاهيو، جڏهن تہ نواب ڪالا باغ بلوچ رهنما سردار غوث بخش بزنجو

ڪي ڪامياب ڏسڻ ٿي چاهيو. جڏهن ٻنهي کي هڪٻئي جي ارادن جي خبر پئي تہ سڌي ۽ اڻ سڌي طرح هڪٻئي کي هٿ ڪٽائڻ لاءِ چورائي. موڪلياڻون پر ٻئي وعدا ڪري چڪا هئا تنهنڪري ٻنهي هٿ ڪٽڻ تان نابري واري ڇڏي. انهيءَ تان ايوب خان ناراض ٿي چڪو هئو. نتيجي طور ٻنهي پنهنجا پنهنجا اميدوار بهاري ڇڏيا پر صوبي جو حڪمران نواب ڪالاباغ هئو. تنهنڪري هن جو اميداوار کٽي ويو. ايوب خان جي اها صرف ذاتي شڪست ئي ڪانہ هئي، پر سندس صدارتي حيثيت جي لاءِ بہ للڪار هئي. هاڻي جيتوڻيڪ ٻئي هڪٻئي کي رسمي طور چئي ڪونہ سگهيا باقي ايترو ضرور ٿيو تہ ٻنهي جون راهون ڌار ڌار ٿي ويون هيون. ٻئي ڄڻا سرڪاري ميٽنگن ۾ شريڪ ضرور ٿيندا ها پر دفتري معاملات ڪانسواءِ هڪٻئي جي صورت ڏسڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا.

نواب ڪالاباغ، ايوب خان جي پنهنجي پسند جو ماڻهو هئو جنهن کي هن صوبي (ان وقت اولهہ پاڪستان) جي انتظام هلائڻ لاءِ وٺي آيو هئو جنهن باري ۾ سندس خيال هئو تہ اولهہ پاڪستان ۾ ون يونٽ خلاف ايرندڙ آوازکي دٻائڻ ۽ ايوب خان جي پاليسين کي ڪاميابي سان هلائڻ ۾ نواب ڪالا باغ جي سخت گير مزاج جي ضرورت هئي. ڪالا باغ، قبائلي طور طريقي جو ماڻهو هئو ۽ نج قبائلي ماحول ۾ پليو ۽ وڏو ٿيو هئو. جنهن وٽ سردار جي لفظ جي معنيٰ حڪم ٿيندو آهي ۽ ان ۾ نهڪار جي گنجائش نہ هوندي آهي. ايوب خان جنهن مقصد لاءِ ڪالاباغ کي وٺي آيو هئو. سو ايوب خان جي نڪتہ نظرکان صحيح هئو يا غلط، سو ڌار بحث آهي پر انهيءَ ۾ ڪوشڪ ڪونهي تہ ڪالاباغ، ايوب خان جي انهيءَ مقصد کي بلڪل سئو سيڪڙو عمل ڪري ڏيکاريو. هن وٽ هرڳالهہ جو جواب ظلم ۽ ڏاڍ هئو. ڪهڙو ڪم ڪيئن ٿيندو، تنهن جو هن سان ڪو واسطو ڪونہ هوندو هئو. هو صرف واسطيدار آفيسرن کي حڪم ڏيندو هئو ۽ سندس ڏنل مدي اندر اهو ڪم ٿيل ڏسندو هئو. پوءِ ان ۾ ڪهڙو ظلم، ڪهڙي ناانصافي ٿئي ٿي، ڪير جيل جي ڪوٺڙي پوري ٿو. ڪير زندگي جو ٻليدان ڏئي ٿو. تنهن سان ڪيس ڪو مطلب ڪونہ هئو. پنهنجي حڪم جي تعميل ۾ آفيسرن کي اهڙو بااختيار ڪري ڇڏيو جو ڏاچي هٽي ڏهہ تہ توڏو هٽي تيرهن وانگيان. اهي ڪامورا پاڻ راجا ٻڻجي ويا هئا. هر تعلقو، هر ضلعو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊويزن ننڍيون ننڍيون رياستون ٺڄي ويا هئا جن ۾ ڪو ڪنهن جو حال پائي ڪونہ ٿي ٿيو. پرواري پٽ کي خبر ڪانہ پوندي هئي تہ رات ٻئي گهر ۾ ڪهڙو ويل وهي ويو. ايئن ٿي لڳو تہ سورهين صديءَ جا مغل صوبيدار پٽ لهي آيا آهن ۽ راتو رات سون جون ناديون پيرڻ ٿي چاهيائون.

انهيءَ ۾ هزارين ظلم جا داستان مشهور آهن پر معاشي ۽ اقتصادي طور ننڍن صوبن سان ڪلور ٿيا. تن جو بيان ڪرڻ مشڪل آهي. سنڌ جي آباد زمين جو هر انچ، بلوچستان ۽ سرحد جي هر معدني قوت ۽ صنعت تي ايوب خان جا حاشيہ بردار ۽ خوشامدي ويا ٿي چانئبا. سياسي مخالفن کي ماٺ ڪرائڻ لاءِ اهي سرڪاري ڪامورا اهم مهرا هئا ۽ انهن جو لٺ سردار نواب ڪالاباغ هئو. سنڌ ۾ چاڪاڻ تہ ون يونٽ جا مخالف گهڻا هئا بلڪ ون يونٽ جي سموري تحريڪ هلي سنڌ مان. تنهنڪري هتي هر ون يونٽ جي مخالف کي غدار ۽ هندستان نواز سڏيو ويو. وڪيل، دانشور، اديب، عالم، اخبار وارا مطلب هر ماڻهو جنهن ون يونٽ جي مخالفت ڪئي ٿي، سو طرح طرح جي حڪومتي دهشت گردي جو شڪار بڻيو ٿي. ساڳيو ويل بلوچستان جي هر سجاڳ ماڻهوءَ سان ڪيو ويو. اتان جا قدرتي وسيلا اتي جي ماڻهن لاءِ شجر ممنوعہ هئا. گئس لڌي بلوچستان ۾ مگر ان جو ڪٿيو باقي سموري اولهہ پاڪستان کاڌو. بلوچن کانسواءِ. حڪومت چند سردارن کي خلعتون ۽ نوازشون ڪري ڪين پنهنجو ڪري ڇڏيندي هئي ۽ انهيءَ جي عيوض هن جي هر وسيلي ۽ حق تي ڌاڙو هڻڻ جائز سمجهندي هئي. انهن سمورن زيادتين ۽ ظلمن لاءِ نواب ڪالا باغ، ايوب خان جي پوري نمائندگي ڪئي. اهاپي ڳالهہ آهي تہ انهيءَ ۾ هو اهڙو بي لغام ٿي ويو هئو جو پڇاڙيءَ ۾ خود ايوب خان کي بہ ڪونہ پڇندو هئو، سڀ اڇي ڪاري جو مالڪ پاڻ هوندو هئو. ايوب خان جي مجال ڪانہ هئي جو صوبائي معاملن ۾ سڌيءَ طرح پڇاڳاڇا ڪري ۽ ڪو سڌو سنئون فيصلو صوبائي حڪومت تي مڙهي. هر ڪم ۽ هر فيصلو نواب ڪالاباغ جي ذريعي ٿيندو هئو. (فوٽ نوٽ: نواب ڪالاباغ کان جند آزاد ڪرائي ايوب خان جڏهن جنرل (سابق) موسيٰ خان کي گورنر ڪري رکيو تہ ڪنهن دوست پڇيس تہ "خان صاحب ٻنهي گورنرن ۾ ڪهڙو فرق ٿا محسوس ڪريو" تہ ايوب خان ورائيو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پهريون .... ٻڌندو ڪونه هئو. هيءُ.... ٻڌي ٿو ته سمجهي ڪونه ٿو.“

نواب ڪالاباغ جي من مستيءَ کان خود ايوب خان به تنگ اچي چڪو هئو ۽ هاڻ جڏهن لياري واري چونڊ ۾ پنهنجي ذاتي حيثيت داءُ تي لڳس ته ڪيڏڻ جو فيصلو ڪري ورتائين. بهرحال انهيءَ لاءِ ڪنهن موقعي جي ڳولا ۾ هئو. ڀٽي جي روانگي ۽ لاهور ۾ استقبال اهو موقعو فراهم ڪري ڏنو.

ڀٽو وزارت کان جند آجي ڪرائڻ کانپوءِ راولپنڊي کان ريل رستي لاهور اچڻ جو فيصلو ڪيو. هونئن ته ڀٽو صوبائي انٽيلجينس بيورو جي ماڻهن جي رپورٽن تي هلندو هئو پر هاڻي نواب ڪالاباغ تان ساک کڄي وڃڻ جي ڪري، وفاقي ايجنسين کي حڪم ڪيائين ته اهي نه صرف ريل ۾ ڀٽي سان گڏ سفر ڪن ۽ چپي چپي جي خبر کيس پڄائين پر لاهور ۾ استقبال جي رپورٽ خاص طور تي موڪلين. صوبائي ايجنسيون کيس اڳ ۾ اوندهه ۾ رکندا ٿي آيون ته ڪي ٿورا وات ڳاڙها نوجوان آهن جيڪي ڀٽي جي گرد گهمي رهيا آهن نه ته باقي اڳيان پويان ڪوبه ڪونهيس. لاهور تي ڀٽي جي پهچڻ جو انهيءَ ڪري به اونو هئس ته لاهور، گورنر نواب ڪالاباغ جو صدر مقام هئو ۽ اتي جي انتظام بابت معلومات ڪرڻ تي چاهيائين، ۽ اهوئي ڪالاباغ جي وفاداري جو پئمانو هئو.

ڀٽو، لاهور ريلوي اسٽيشن تي پهتو ته لاهور ريلوي اسٽيشن ڀٽي جي نعرن سان گونجي پيو. لکين ماڻهو گڏ ٿيا ويا هئا. هنن ۾ گهڻائي نوجوانن جي هئي جن سمجهيو ٿي ته لاهور، پاڪستان جي دل آهي ۽ ڀٽي تاشقند ناهه جي مخالفت ڪري سندن جذبن جي ترجماني ڪئي آهي. ڀٽي کي ڪلهن تان ڪٽي شاهي جلوس ڪڍيو ويو. صوبائي حڪومت جي انٽيليجنس، ايوب خان کي رپورٽون ڏنيون تن ۾ بيان ڪيل هئو ته چند سو نوجوانن ڀٽي جو استقبال ڪيو جڏهن ته ايوب خان جي ننڊ ڦٽي پئي. مٿان جو رات جي ماني ملڪ نواب ڪالاباغ ڪئي ته ويتر آنڌ مانڌ اچي ٿيس. نواب ڪالاباغ اڃا گورنر هئو. ائين ايوب خان جي مخالفت ۾ مستعفي وزير خارجه کي گورنر هائوس ۾ دعوت ڏيڻ گهرائڻ دل گردي جي ڳالهه هئي. بهرحال، نواب ڪالاباغ ائين ڪري پئي سگهيو ۽ ڪري ڏيکاريائين.

لاهور ۾ پهچڻ شرط، ڀٽي پنهنجي سنگت ساٿ، هم عصرن ۽ هم

خيال ساٿين سان صلاح ڪئي. غلام مصطفيٰ کر، شيخ رشيد، خورشيد حسن مير، حنيف رامي، ۽ ٻيا اهڙا ماڻهو جن جو لاڙو کاٻي ڌر ڏانهن هئو ۽ سماجي انصاف واري مارڪسي نظريي جي حمايت ڪندا هئا، تن سيني سان صلاح ڪيائين. آئندي جي سياست جو نقشو ٺاهيو ويو ۽ هاڻي صلاح بيني ته سمورن همخيال دوستن کي ڪٺو ڪجي. پيٽي انهيءَ ۾ صرف مارڪسي ۽ ڪٽرکاٻي خيال وارا ماڻهو پاڻ سان کڻڻ جو خيال نه ڪيو پر سرمائيدار، وڏيرا ۽ بورجوا طبقو به گڏ رکڻ جو فيصلو ڪيائين، ڇاڪاڻ ته کيس اندازو هئو ته ڪنهن به سياسي نظريي يا تحريڪ کي اڳتي هلائڻ لاءِ اهڙن پئسي وارن ماڻهن جو هئڻ ڪيتري قدر ضروري هوندو آهي. بهرحال، ڀٽو تمام زيرڪ ۽ داناءَ ماڻهو هئو، هن پنهنجي سياسي خيال جو محور پاڪستان جي نوجوان کي بنايو، جيڪو هن جي خيال ۾ پنهنجي شناخت وڃائڻ کانسواءِ، ٻنهي نظرين جي هٿان محرومي جو شڪار رهيو آهي.

ڀٽي، پنهنجي سياست جو انداز به بدلايو. هو سرمائيدار طبقي جو فرد ضرور هئو پر هن سوشلزم کي پنهنجي سياسي فڪر جو مرڪزي نڪتو بنايو. انهيءَ ڪري هن سياست جو اهو انداز جيڪو پاڪستان ۽ هندستان جي ننڍي کنڊ ۾ سمورا سياستدان استعمال ڪندا آيا آهن، تن کان بدلائڻ تي گهريو. اهوئي ڪارڻ هئو جو هن استعيفا ڏيڻ جي فوراً بعد نه سياسي پارٽي ٺاهڻ جو اعلان ڪيو ۽ نه وري کليءَ طرح ايوب خان جي مخالفت وارو انداز اختيار ڪيو ڇاڪاڻ ته ائين ڪرڻ ۾ ماڻهو کيس ايوب دشمني واري خاني ۾ رکن ها يا ذاتي مفاد واري سياسي شعبي ۾ ڳڻين ها. انهيءَ ڪري هن ٻيو طريقو اختيار ڪيو، جيڪو پاڪستان جي سياست ۾ سڀ کان نئون هئو.

اهو هيءُ هئو ته هن جتي به ماڻهن سان ملاقات ڪئي، جن به هم خيال دوستن سان مليو، نوجوان گروپن کي خطاب ڪيو تن جي اڳيان پاڻ کي عالمي ليڊر جي طور تعارف ڪرايائين. هنن کي اهو ڪونه باور ڪرايائين ته هن ڇا ڇا ڪيو يا ڇا ڪارناما انجام ڏنا، بلڪ هن ٻڌايو ته پاڪستان جي لاءِ هن عالمي سياست جي ميدان ۾ ڪهڙيون خدمتون سرانجام ڏنيون. هيءُ پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون موقعو هئو ته ڪو وزير اقتدار ڇڏڻ کانپوءِ واپس عوام ڏانهن موٽي ۽ کين ٻڌائي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان لاءِ ڇا ڪيو ويو آهي ۽ ڇا ڪرڻو باقي آهي. عجيب روايت آهي تہ پاڪستان جي سياست ۾ وزارت جي سطح تان اپرنڊڙ سياستدان، وزارت جي ختم ٿيڻ سان ئي سياسي آسمان تان لهي ويندا آهن. پر ڀٽو ڀريون ماٺهو هئو جنهن ماڻهن کي ٻڌايو تہ توهان اهم آهيو ۽ توهان جي لاءِ ڇا ڇا ڪرڻ گهرجي. بهرحال، اهو هاڻي ماڻهن تي مدار هئو تہ هو ڀٽي جي ڳالهين سان ڪيتري قدر متفق ٿين ٿا.

ايوب خان جي بادشاهت تي اهو ڀريون حملو هئو. هو ڀٽي جي هر چرپر تي نظر رکي رهيو هئو. ڀٽي، وزارت تان استعيفا ڏيڻ کان اڳ ۾ ايوب خان کي ٻڌايو هئو تہ هو چند مهينن لاءِ ملڪ لاءِ ٻاهر وڃڻ ٿو گهري. ايوب خان پاڻ اهو ٿي چاهيو تہ تاشقند ناهہ تان پکڙيل تاءُ نئون نئون آهي، ڀٽو جيترو عرصو ملڪ کان ٻاهر ٽريو رهي، چڱو آهي. سو ڀٽي جي ٻاهر وڃڻ ۾ ڪا رڪاوٽ ڪانہ وڌائين. انهيءَ جي ابتڙ ڀٽي جو مقصد هئو تہ وزارت خارجہ جي دوران جن عالمي ليڊرن کي پنهنجو همخيال ڪري ورتو هئائين يا جن سان ذاتي دوستي پيدا ڪري وڌي هئائين، تن سان صلاح مشورو ڪري سگهي. انهيءَ حقيقت جو اندازو، ايوب خان کي. ڪڏهن نہ ٿيو هئو نہ تہ شايد هو ڀٽي جي ٻاهر وڃڻ جي اجازت هرگز نہ ڏئي ها. بهرحال ايوب خان پنهنجي پر ۾ اهو ڪم پنهنجي دور ۾ ٿيندي ڏٺو تنهنڪري ڀٽي جي روانگي ۾ ڪا رڪاوٽ نہ بڻيو. صدر ناصر جي دعوت اڳ ۾ هئس، شهنشاهہ ايران سان ذاتي دوستي هئس، سندس ڀيڻ اشرف پهلوي ڀٽي جي ذهانت جي مداح هئي، سوئيڪا رنو ۽ سندس وزير خارجہ سوباندريو سندس عالمي حڪمت عملي ۽ سياسي نظرين کي تسليم ڪندا هئا. بظاهر هنن سان ملڻ جو بهانو هو پر ڀٽي جو مقصد اهو هئو تہ پنهنجي آئيندي جي سياسي حڪمت عملي بابت هنن اڳواٽ سان خيالن جي ڏي وٺ ڪري ۽ ٽئين دنيا (ان وقت، هاڻي غريب ملڪن جي بلاڪ) کي آڏو آيل مسئلن تي ڳالهيون ڪري ۽ انهن کي آڏو رکي پنهنجي ملڪي سياست کي نئون رخ ڏئي.

سچ هيءَ آهي تہ ائين ئي ٿيو.

ڀٽو، سيپٽمبر 1966ع ۾ ملڪ کان ٻاهر نڪتو ۽ ڏيڍ مهيني کان پوءِ اڪٽوبر ۾ موٽي آيو. انهيءَ وچ ۾ ايوب خان جي ساٿين اها ڳالهہ هلائي ڇڏي هئي[1] تہ ڀٽو هاڻي ملڪ ۾ ڪونہ ايندو پر ڪين شايد اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندزو ڪونہ هئو تہ پنهنجي ذات ۾ خود داري ۽ ولولہ انگيزي ڪيتري قدر پريل هئي. هو موتي آيو تہ هڪ نئون پنهنجو تي آيو. هينئر هو آيو تہ پنهنجو، هڪ نئين خيال سان آيو. هاڻي هو اهو خيال کڻي آيو هئو تہ نئين دنيا، هن دنيا جي اصل مالڪ آهي ۽ اهائي دنيا مصيبتن ۽ ڦرلٽ جي جاندار ۾ پيسجي رهي هئي. سياسي پارٽي ناهڻ جو خيال تہ ڪيس پاڪستان ڇڏڻ وقت بہ هئو پر هاڻي پنهنجي طئي ڪري ڇڏيو هئو تہ هونئين سياسي پارٽي ناهيندو ۽ ان جو سارو منشور، غريب طبقي جي ڀلائي ۽ سماجي انصاف تي ٻڌل هوندو. هن کي معلوم هئو تہ سوشلزم جو نعرو ڪيترو خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو تنهنڪري هن انهيءَ کي اسلامي سوشلزم جو رنگ ڏنو جنهن جو مقصد اهو هئو تہ مذهب، سياسي مسلڪ ۽ فڪر ۾ رڪاوٽ نہ پوڻ گهرجي تنهنڪري هن اسلام کي پارٽي جي هڪ بنيادي نڪتي طور تسليم ڪندي، سوشلزم کي پنهنجي معاشي نظام جو مرڪز ٻڌايو جنهن جو ٽلهي ليکي مقصد سماجي انصاف مهيا ڪرڻ هئو.

هاڻي پنهنجو، نوجوانن، شاگردن، وڪيلن، دانشورن ۽ اديبن سان گڏوگڏ جلسن کي بہ خطاب ڪرڻ لڳو ۽ اتان ئي هڪ نئين سفر جي شروعات ٿي. ايوب خان جو اهو خيال تہ هڪ "مستعفي" پنهنجي سان سوديبازي ڪرڻ سولي ڳالهہ ٿيندي، غلط ثابت ٿيڻ لڳي ۽ پنهنجو. هاڻي کليل ميدانن ۾ نڪري، عام ماڻهوءَ سان ملڻ لڳو. اهو سفر اٽانگو ضرور هئو پر سڦل. جنهن ڏينهن پنهنجي، عام ماڻهن جي ميڙ ۾ پهريون قدم رکيو، اهوئي ايوب خان جي زوال جو پهريون ڏينهن ٻڌيو.

---

(1) 17 سيپٽمبر 1966ع ۾ نواب ڪالاباغ بہ ايوب خان کان رخصت ٿيو. وزير خزانہ محمد شعيب، جيڪو مغربي سرمائيدار دنيا جو خاص ماڻهو سڏبو هئو، سو اڳ ۾ ڏار تي چڪو هئو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 31

# پيپلز پارٽي:
# هڪ نئون نظريو، نئون نعرو

1966ع جا آخري ڪجهہ مهينا ۽ 1967ع جي پهرين مهينن ۾ پيٽي صرف ملڪ جي سياسي حالتن جو جائزو ورتو ۽ دوستن ۽ گهٽگهرن سان صلاح مشوري ۾ گذاريو. صلاحون تہ دوستن بہ ڪيس گهٽيئي ڏنيون هيون پر هن جو پنهنجو مطالعو اهڙو ڳوڙهو ۽ وسيع هئو جو هن پنهنجي سموري سياست جو بنياد سماجي انصاف تي بنائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ طئي ڪيو تہ جڏهن بہ ڪنهن پارٽيءَ جي پليٽ فارم تان سياست شروع ڪيائين تہ ان ۾ سماجي انصاف ۽ برابري جا اصول بنيادي نڪتا بنبا ۽ هن جي سموري سياسي عمل جو محور عام ماڻهو هوندو. جنهن کي پاڪستان ٺهڻ کان وٺي جاگيردارانہ ۽ سرمائيدارانہ سياست دان استعمال ڪندا رهيا آهن.

1967ع جي وچ ڌاري پارٽيءَ جو نالو ۽ منشور تقريباً تيار ٿي ويو هئو ۽ هاڻي ڪنهن موزون وقت تي ان جو باقاعده اعلان ٿيڻ وارو هئو. پيٽي کي چاڪاڻ تہ اها خبر هئي تہ سموري پاڪستان جي سياست پنجاب جي سياسي برادرين ۽ اقتدا رجي ايوانن مان نڪرندي رهي آهي. تنهنڪري هن پنجاب کان ئي اُنهيءَ جي شروعات ڪرڻ جو سوچيو. ۽ هڪ ڏينهن هن 30 نومبر 1967ع جي تاريخ کي منتخب ڪري ان ڏينهن تاسيسي اجلاس گهرائڻ جو اعلان ڪري وڌو. لاهور جي تاريخي شهر ۾ 500 کان وڌيڪ سندس هم عصر، همخيال، جهونا ۽ نوان، مرد ۽ خواتين سياسي سوچ رکندڙ ڪارڪن، سياستدان ۽ دانشور شريڪ ٿيا. ڊاڪٽر مبشر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حسن جي رهائش گاهہ تي ٿيل هيءَ اجلاس ۾ ڏينهن هليو. ڪل اٺ دستاويز تيار ڪيا ويا ۽ ان جي پڄاڻيءَ تي پاڪستان پيپلز پارٽي جو بنياد وڌو ويو.(1) هنن دستاويزن ۾ ملڪي سياسي حالتن ۽ مسئلن، شهري آزادين، حقن ۽ مستقبل جو تمام ڳوڙهي طرح جائزو ورتل هئو ۽ گڏوگڏ پارٽي پنهنجو پروگرام ڏنو هئو جنهن سماجي انصاف کي بنيادي اصول بنايو ويو هئو.

ڀٽي کي معلوم هئو تہ ڪميونزم تي پاڪستان ۾ بندش آهي تنهنڪري هن انهيءَ کي ڪليءَ طرح پنهنجي منشور ۾ نہ وڌو پر ان کي اسلامي سوشلزم سان ملائي، سماجي انصاف ۽ انساني برابري جي مقصد کي پارٽي جي بنيادي اصولن ۾ شامل ڪيو. عام ماڻهوءَ جي سمجهہ لاءِ هن انهيءَ کي اجا سولو بڻائي اٿو، اجهو ۽ لٽو جو وعدو ڪيو جيڪو اجا تائين پاڪستان ۾ ڪنهن پارٽي ڪونہ ڏنو هئو. حڪمران طبقي انهيءَ کي ڀٽي جي دماغ جو خلل سمجهيو تہ ڪن رجعت پسندن وري ان کي اسلام جي خلاف قرار ڏنو. حڪمران طبقي کي تہ اڳيئي ڪکيو پئي تنهن پنهنجن مشينن جي ذريعي انهيءَ پروگرام تي سخت نڪتہ چيني ڪري رد ڪرڻ لڳا.

ايوب خان کي سيني ڪان وڌيڪ ڳِتي هئي تنهن چا ڪيو تہ لاڙڪاڻي مان ئي ڀٽي جي سياسي مخالفن مان هڪ، قاضي فضل الله کي وزارت ۾ آڻي ان کي ڀٽي خلاف زهرافشاني ڪرڻ جي ڪم تي لڳائي ڇڏيو. ايوب خان جو وس ڪونہ هئو نہ تہ محمد ايوب کهڙي کي ڪٽي اچي ها پر هو ڪيس پنهنجي اقتدار جي پهرين ڏينهن ۾ رشوت خوري جي الزام ۾ قيد جي سزا ڏياري چڪو هئو. انهيءَ ڪانسواءِ 1962ع جي چونڊن ۾ ڀٽو، قاضي ۽ کهڙي ٻنهي کي شڪست ڏيئي چڪو هئو تنهنڪري سمجهيائين تہ اقتدار جي گهوڙي تي سوار ٿي قاضي فضل الله. لاڙڪاڻي ۽ سنڌ جي ٻين هنڌن وڏيرن کي گڏ ڪري، ڀٽي جي ڊوڙ کي روڪي سگهندو. پر ڀٽو هينئر اهڙي منزل تي پهچي چڪو هئو جو سولائي سان ڪيس پنهنجي راهہ تان هٽائڻ ڏاڍو ڏکيو هئو.

(1) قيام پاڪستان کان اڳ، سنڌس والد سرشاهنواز ڀٽي پيپلز پارٽي جي نالي هڪ پارٽي ٺاهي هئي پر پوءِ اها سنڌ جي اندروني سياسي حالتن جي ڪري فعال نہ ٿي سگهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽو، انهن ڳالهين کان بي نياز ٿي پنهنجي آواز کي پري پري تائين پهچائڻ ۾ لڳي ويو. هن پنهنجو پهريون عام جلسو، لاهور ۾ رکيو. پر حڪومت راتو رات اتي پٽر لهرائي ڇڏيا ۽ صبح ٿيڻ کان اڳ اتي پاٽي چوڙي ڇڏيو. ماڻهو وقت کان اڳ پهچڻ شروع ٿي ويا ۽ پوليس سان ٽڪر ٿيڻ وارو هئو ته ڀٽي ماڻهن جي مارجڻ جي ڊپ کان اهو جلسو ترڪ ڪري ڇڏيو.

انهيءَ کان پوءِ هن ملتان جو رخ ڪيو، پر اتي به حڪومت جو رويو ساڳيو رهيو. جلسي واري جاءِ تي ماڻهو گڏ ٿيا ته پارٽي جي غنڊن پٿر وسائڻ شروع ڪري ڏنا، بجليءَ جون تارون ڪٽي ميدان تي اڇلي ڇڏيون. پر تنهن هوندي به ڀٽي ماڻهن کي خطاب ڪرڻ چاهيو. پر پوءِ ڀٽي جي حمايتن کيس محفوظ گهيري ۾ وٺي رڪشا ۾ چاڙهي هڪ هوٽل ۾ وٺي آيا. هاڻي حڪومت لاءِ وڏيڪ پريشاني ٿي ويئي. هو خانيوال ويو، قادرپور، سيالڪوٽ سيني هنڌن ويو. ڪٿي خطاب ڪري سگهيو ۽ ڪٿي حڪومت جي بي وردي ماڻهن کيس روڪي وڌو. بهرحال اهي حالتون ڏسي پٽو دلشڪستو نه ٿيو پر هر اهڙي ردعمل سندس همت ۾ اضافو ڪيو ۽ ماڻهن جي مقبوليت ۾ واڌارو آندو.

هاڻي ماڻهن جو اهو حال هئو جو تقرير کان صرف هڪ ڪلاڪ اڳ اعلان ٿيندو هئو ته به ڪٿڪن جي صورت ۾ اچي مڙندا هئا ۽ ايجنسين جي لاتعداد ماڻهن جي موجودگي ۾ پٽو بيڌڀائي سان خطاب ڪندو هئو. هو پاڻ سان ڪا سيڪيورٽي نه کڻندو هئو. کيس پٿر به لڳا. سندس ورڪر ۽ عام ماڻهو به زخمي ٿيا پر ماڻهن جو ولولو گهٽ نه ٿيو. پوري صوبي (پنجاب) ۾ ڪا اهڙي جاءِ، وسينءَ نه هجي جتي پٽو نه ويو هجي ۽ پنهنجو پيغام نه پهچايو هجي. چوڌري، رئيس ۽ لمبردار ماڻهن کي ڏسندا رهندا هئا ۽ هوا ڏ چرين وانگيان سندس جلسا ٻڌندا رهيا.

پٽي پنجاب کان پنهنجي سياسي تحريڪ جي شروعات ڇو ڪئي، تنهن جو جواب ڳولهڻ ڏکيو ڪونهي. هڪ ته هو ان وقت جي سياسي راند جو مرڪز هئو. ٻيو ته اتي جي برادرين ۽ سياسي خاندانن، ڪيترن نسلن کان ڊرائنگ روم جي سياست ڪئي آهي ۽ پنهنجي غريب ڏتڙيل ماڻهن جي ٻل تي پنهنجن ملڪيتن جا کوهه پريا آهن. ٽوانا، ممدوٽ، خانزادا، دولتانا، نون ۽ اهڙا ٻيا سوين خاندان اهڙا هئا جن وٽ گروي رکيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عام ماڻھو صرف ووٽ جي پرچي تي آڱوٺي هڻڻ وارا بي جان مهرا هئا. جن کي پنھنجي اقتدار کانسواءِ انھن "مهرن" جي مستقبل جو ڪو خيال ڪونہ هئو. ڀٽي کي خبر هئي تہ پاڪستان ۾ اقتدار جو سرچشمو اهي ڌتڙيل ماڻھو آهن جن کي زنجيرن مان ڪڍڻ ضروري هئو. پنجاب جي انھن سياسي خاندانن کي خبر هئي تہ هنن جي اقتصادي گرفت ايتري مضبوط آهي جو ٻاهر جو ماڻھو تہ ڇا، ڪو هنن جو پنھنجو بہ هنن جي مرضي کان سواءِ دم نٽو هڻي سگهي تنھنڪري هنن ڀٽي جي انھيءَ اپار کي صرف هڪ "سياسي مشق" سمجهي نظر انداز ڪري ڇڏيو ۽ پنھنجين حويلين ۾ آرام سان ستا رهيا.

ٻئي طرف ڀٽي کي چڱيءَ طرح معلوم هئو تہ عام ماڻھو، اهڙين غلامانہ حالتن مان بيزار آهن، تنھنڪري هوئي انھيءَ نظام کي ڦيرائي سگهن ٿا. تنھنڪري، هن پنھنجو سمورو توجہ عام ماڻھو، هاري، ڪڙمي، ڪاسبي ۽ پورهيت کي ڏنو جنھن کي ڀٽي جي صورت ۾ آواز ۾ ڪا همدردي نظر آئي ۽ هو سندس چوڌاري مڙڻ لڳو. ڀٽي کي يقين هئو تہ هڪ گهمرو، اهو بيوس ماڻھو، ڪيس، سوڀ هڪ غير پنجابي ليڊر کي پنھنجي همدرد سمجهي ويو تہ هو بہ هنن لاءِ سڀ ڪجھ ڪرڻ لاءِ تيار هوندو. انهي، لٽي ۽ اجهي واري نعري، انهيءَ فضا ۾ جادو جو ڪم ڪيو ۽ ٿوري وقت ۾ ڀٽي اهو سڀ ڪجھ حاصل ڪري ورتو جيڪو صدين ۾ ڊرائنگ روم وارا سياستدان حاصل نہ ڪري سگهيا.

معاشي پروگرام کانسواءِ، ڀٽي جي مقبوليت جو ٻيو وڏو ڪارڻ هئو تاشقند ناهہ. سيني کي معلوم هئو تہ 1965ع واري جنگ ۾ گهٽو نقصان پنجاب جو ٿيو آهي ۽ انهيءَ جي باوجود پنجاب، اسٽريٽجڪ برتري حاصل نہ ڪري سگهيو هئو. فوج ۾ نوجوان آفيسر هن جنگ ۾ تمام بي جگري سان وڙهيو هئو پر ايوب خان جي ناقص رٿابندي جي ڪري، پاڪستان جي فوج کي نہ صرف دفاعي جنگ وڙهڻي پئي پر ڪيترن هنڌن دفاعي برتري هئڻ جي باوجود، پاڪستان تاشقند ۾ ناهہ ڪري آيو هئو. پوري پنجاب ۾ ڪو گهر نہ هئو جيڪو هن جنگ کان متاثر نہ ٿيو هجي ۽ انهيءَ جي تما، ترذميداري ايوب خان جي ناقص حڪمت عملي ۽ اڻ پورو انتظام هئو ڀٽي پنجاب جي ماڻھن جي انهيءَ جذباتي ڪيفيت ۽ ايوب خان جي مخالفانہ جذبن جي ڀرپور ترجماني ڪئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. بلڪ پٺتي تہ پهرين ڏينهن کان وٺي نہ صرف جنگبندي جي مخالفت ڪئي هئي.[1] پر تاشقند ناهہ جي بہ انهيءَ حالت ۾ مخالفت ڪئي هئي جيستائين ڀارت ڪشمير تي بحث نٿو ڪري يعني ان کي ناهہ جو حصو نٿو بنائي، پر ايوب خان، روسي دٻاءُ ۾ اچي ڀٽي جي سمورين صلاحن کي نظر انداز ڪري ناهہ ڪري ورتو. تاشقند ناهہ وارو مسئلو هئو جنهن ڀٽي کي اُٿندي ئي زبردست مقبوليت ڏني، خاص ڪري نوجوان فوجي آفيسرن ۾.

ڀٽي جي حامي دانشورن ۾ هڪ تعداد اهڙو هئو جيڪي ڪٽر سوشلسٽ هئا جيڪي هيستائين ادبي پليٽ فارمس تان سوشلزم جي پرچار ڪندا هئا. اهي هاڻي کليل لفظن ۾ هن نظام جي وضاحت ڪرڻ لڳا هئا. بلڪ اسلامي احڪام جي روشني ۾ ان جي معقوليت بيان ڪرڻ لڳا هئا. خير. پڙهيل ڪڙهيل ماڻهن جو تناسب تمام گهٽ هئو. تنهن هوندي بہ هنن جي پنهنجي دائره اثر کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. ڪئين اهڙا نظم ۽ گيت جيڪي عام طور ماڻهو ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هجن، اهي هر ماڻهوءَ جي زبان تي اچڻ لڳا. البتہ اخبارون ۽ رسالا جيڪي هن سڄي عرصي دوران ڍڪيل لفظن ۾ مخالف پارٽين ۽ پروگريسو نظرين کي جاءِ ڏيندا هئا. سي بہ رفتہ رفتہ پنهنجا ڪالم کولڻ لڳا پر اخبارن جي ماليات وارن شعبن تي ايوب خاني حڪومت جو ڪنٽرول ايترو هئو جو کلي حق جي ڳالهہ چوڻ ڏاڍو ڏکيوئي نہ، بلڪ مشڪل هئي. سوين رسالا ۽ ڪتاب ضبط ٿي چڪا هئا ۽ باقي پريس ۽ پبليڪشن آرڊنينس 1959ع، 1963ع جي ڪاري قانون هيٺ وڏي ايذاءُ سان وقت گذاري رهيا هئا.

ايوب خان، خوشامدين جي هڪ وڏي گروهہ ۾ ڦاسي چڪو هئو ۽ هاڻي اهي سڀ انهيءَ دائري کي سوڙهو ڪري رهيا هئا جن کي خبر هئي تہ ايوب خان کي سندن ضرورت هئي. ملڪ ڪالاباغ جي آزاد پسند طبيعت، ڪيس اڳي ئي ڪانہ وڻندي هئي پر ڪو متبادل فرمانبردار ماڻهو

(1) ايوب خان جڏهن جنگ هلندي خفيہ طور چين جو دورو ڪري اتان جي ليڊرن سان ملاقات ڪئي تہ هنن کين مشورو ڏنو هئو تہ هڪ اڌ شهر وڃڻ سان ڪو نقصان نٿو پهچي. اصل فتح ڊگهي جنگ لڙڻ ۾ آهي جيڪا پاڪستان ڪٽندو تنهنڪري پاڪستان کي جنگبندي نہ ڪرڻ گهرجي. ڀٽو انهيءَ ڳالهہ جو حامي هئو. چين پاڪستان کي اهڙي جنگ لڙڻ ۾ هر طرح جي مدد ڪرڻ جو وعدو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظر ڪونہ تي آيس. نيٽ جنرل موسيٰ، رٽائرمينٽ کانپوءِ واندو ڏٺائين، تنهن جي طبعي لاڙي کان واقف هئو، سو ان کي پيچ ۾ ڏي ڪٽي مهري ڪيائين. هن کي خبر هئي تہ هن کي سائين کان وڏيڪ ڳالهائڻ ڪونہ ٿو اچي. اهڙي ماڻهو جي موجودگي ۾ ڪيس خاطري هئي تہ حڪم اهو عمل ۾ ايندو جيڪو ايوب خان جاري ڪندو. ايستائين جو سموري صوبائي وزارت بہ ايوب خان جي مرضيءَ سان نهٽي هئي.

ويچارو موسيٰ خان، جنهن سڄي ڄمار بيرڪن ۾ فوجي رٽابندي ۾ گذاري تنهن کي شهري سياست جي سياويڪ خبر ڪانہ هئي سو جڏهن ايوب خان ڪجهہ صوبائي وزيرن جي بدلائڻ لاءِ چيس تہ هن مختلف ڪمشنرن کي چيو تہ هو اهڙن ”مناسب“ ماڻهن جا نالا پيش ڪن جن کي چوغو پهرائي قسم کڻائي سگهجي ۽ جهنڊي واري گاڏي بہ ڏجي حيدرآباد مان اهڙا ٻہ وزير مقرر ڪيا ويا.[1]

خود جنرل موسيٰ ڪيئن ڪم هلائيند هئو. تنهن بابت بہ هزارين قصا ڪهاڻيون مشهور آهن. هو هر ماڻهوءَ کي پنهنجي ڪسوٽيءَ تي پرکيندو هئو. مسئلي جي اهميت يا تاريخي و سياسي پس منظر ۾ نہ پوندو هو ۽ وري ان جي حل لاءِ ڪو سياسي ۽ منطقي طريقو اختيار ڪندو هئو. گورنر جي حيثيت ۾ ڪيس اهڙن ماڻهن سان بہ لازماً ملڻو ٿي پيو.

سنڌ ۾ ون يونٽ جي خلاف ڏاڍو آپار هئو. جي ايم سيد ۽ حيدر بخش جتوئي جي اڳواڻي ۾ ڏاڍي هلچل هئي بلڪ پٽي جي عليحدگي کانپوءِ اها ڏاڍي زور پڪڙي ويئي هئي. ايوب خان، موسيٰ کي گورنري سنڀاليندي بريف ڪري ڇڏيو هئو تہ جي ايم سيد هن سموري آپار جو اڳواڻ آهي ۽ هو جڏهن بہ سنڌ جو دورو ڪري اهو معلوم ڪري تہ هن جو مطالبو ڇا آهي ۽ ان جو ڪهڙو ممڪن حل ٿي سگهي ٿو.

موسيٰ خان سکر ۽ جيڪب آباد کان ٿيندو، حيدرآباد جي سرڪٽ هائوس ۾ قيام ڪيو. سيد تن ڏينهن پنهنجي گهر ۾ نظربند هئو. سندس سموريون ملاقاتون ۽ سياسي سرگرميون بند هيون. بهرحال، هدايتن تي

---

(1) اهڙو چونڊيل وزير جڏهن قسم کڻي لاهور مان موٽيو تہ ٻئي ڏينهن شڪريو ادا ڪرڻ لاءِ ڪمشنر هائوس ويو جتي ملاقات دوران گفتگو ۾ سر جي لفظن سان خطاب ڪرڻ لڳو. نيٽ ڪمشنر ياد ڏياريس تہ جناب هينئر اوهان پاڻ وزير آهيو. توهان کي ائين خطاب نہ ڪرڻ گهرجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيد کي سن مان پوليس پهري هيٺ سرڪٽ هائوس ملاقات لاءِ آندو ويو. نيٺ مقرر وقت تي سيد کي موسيٰ جي ڪمري ۾ آندو ويو تہ موسيٰ، ايي ڊي سي کي رڙ ڪري چيو:

”هي ڪنهن کي آندو اٿئي؟ مون تہ جي ايم سيد کي آڻڻ لاءِ چيو هئو.“

”هي ئي آهي جي ايم سيد، سر،“ اي ڊي سي ادب سان وراڻيو.

گورنر موسيٰ کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪونہ آئي سو پنهنجي آنڌ مانڌ دل ۾ رکي نہ سگهيو. تہ پهہ وراڻيائين:

”هيڏڙي قد جو جي ايم سيد! مون سمجهيو تہ هو تمام قداورپهلوان قسم جو ماڻهو هوندو. چڱو، نيڪ آهي هيءَ ماڻهو پاڪستان کي ڪو نقصان پهچائي نٿو سگهي،“ موسيٰ هڪ ئي ساهہ ۾ چئي ويو. ائين چئي هن سيد کي وهاريو پر اٿنديئي ڳالهہ هن طريقي سان شروع ڪيائين:

”اوهان پاڪستان جي خلاف ڇو ٿا ايتريون ڳالهيون ڪريو؟“

”آءٌ پاڪستان جي خلاف ڇو ڳالهيون ڪندس؟ مون تہ پاڻ پاڪستان ناهڻ لاءِ سنڌ اسيمبلي ۾ ٺهراءُ پيش ڪيو هئو.“

”آءٌ بہ تہ اهوئي ٿو چوان تہ هيءَ ماڻهو ڪيئن پاڪستان جو مخالف ٿي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن هجو تہ بہ حڪومت کي اوهان مان ڪو ڊپ نٿو ٿي سگهي. چڱو، مون کي خالي اهو ٻڌايو تہ اوهان چاهيو ڇا ٿا؟“ موسيٰ پڇيو.

”گورنر صاحب! سنڌ جي ماڻهن جو چوڻ آهي تہ ساڻن نانصافي ختم ٿئي ۽ پراڻين نانصافين جو ازالو ٿئي.“

”ڪير ٿو ڪري نانصافي، آءٌ هنن کي هينئر ئي ٺيڪ ڪري ڇڏيندس.“ موسيٰ جهڙ اٿي بيهڻ وارو هئو.

”بس، ڪير ٿي سگهن ٿا. هڪڙا آهن وفاقي حڪومت وارا ٻيا آهن اوهان جا ماتحت.“ ٿورو رکي سيد وري ڳالهائڻ شروع ڪيو: ”اسان هيءَ ٿا چاهيون تہ هتي جو پئسو، هتي جي زمين، هتي جي نوڪري، هتان جي ماڻهن کي ملڻ گهرجي، جيڪي هتي جايا آهن ۽ جيڪي هتي دفن ٿيندا، هيءَ سڀ انهن جو حق آهي.“ سيد ڏند پڪوڙي چيو.

”اهو تہ اسان بہ ٿا چاهيون. اسان اهو ڪنداسين. پر اوهان سنڌ ٻنڌ جي ڳالهہ ڇڏي ڏيو. آءٌ سڀ ڪجهہ سمجهان ٿو. خدا حافظ.“ ائين چئي

موسيٰ اٿي بيٺو. ظاهر آهي هاڻي سيد وٽ ويهڻ جو ڪو ڪارڻ ڪونه هئو.

اها هئي هڪ جهلڪ، هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي سوچ ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ جي طريقہ ڪار جي، جنهن جي حوالي هڪ پورو صوبو هئو. هن جا وزير ۽ مشير بہ هئا. اهڙي ماحول ۾ پيٽي جهڙي سياستدان کي پنهنجي جاءِ پيدا ڪرڻ ۽ پنهنجي نظريي جي پرچار ڪرڻ، ماڻهن تائين پهچڻ ڪا ڏکي ڳالهہ ڪانہ هئي، پر اهڙا ئي عقل جا پورا سارا ماڻهو ڏکيائي جو ڪارڻ بہ بنبا آهن. تنهنڪري پيٽي لاءِ وک وک سنڀالي کڻڻ جي ضرورت هئي. بهرحال هو پنهنجي عزم سان اڳتي وڌندو رهيو.

پيٽي جي نئين پارٽي ۾ نئين نسل جو جوش و خروش ڏاڍو هئو. چاڪاڻ تہ نوجوان ڪيس پنهنجن خوابن جي تعبير سمجهندا هئا. اها مقبوليت، ملڪ جي روايت پرست حڪمرانن لاءِ ڏاڍي پوائنتي هئي پر ڪري بہ ڪجهہ نٿي سگهيا چاڪاڻ تہ هر ڪشش هڪ وسوسي ۽ گمان ۾گهيريل هئي. بهرحال، اها ڳالهہ لڪل ڪانہ رهي تہ ٿوري ئي عرصي ۾ گهڻا جاگيردار، سردار، رئيس، وڏيرا، خان ۽ سرنديءَ وارا سندس پارٽيءَ ۾نہ سهي، همدردن جي فهرست ۾ شامل ٿيڻ ٿي چاهيا. پيٽي لاءِ اهو ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو هئو تہ جنهن پارٽيءَ کي هن غريبن ۽ سماجي انصاف لاءِ ٺاهي هئي، تنهن ۾ اهڙن سرنديءَ وارن کي شامل ڪري. انهيءَ معاملي تي متس اوڏيءَ مهل ڪان ٿي همدرد نڪتہ چيني ڪرڻ لڳا پر پيٽي کي پنهنجا بہ ڪي سبب هئا. هر خواهشمند جي پنهنجي تاريخ هئي، پر پيٽي لاءِ هڪ ٻي مصيبت بہ هئي تہ پارٽي هلائڻ لاءِ پئسي جي گهرج هئي. تنهنڪري هو چنبڙي ٺوڪي قدم کڻڻ لڳو. ڪي لڪي ڇپي ۽ ڪي دهلن دمامن سان پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ لڳا. انهيءَ حد تائين جو ايوب خان ۽ موسيٰ خان پريشان ٿي ويا.

1967ع جي پڇاڙيءَ تائين اهو واضح ٿي ويو هئو تہ سنڌ جي تتل رڻ پٽ مان اٿندڙ متيءَ اسلام آباد جي اقتدار وارن پاڙن کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي سگهي ٿي. بهرحال، اقتدار جا رکوالا بہ پورا هوشيار هئا. هو بہ اهڙين تيز هوائن کان بچڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ لڳا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 32

# پيچاڻي جي ابتدا
# اگرتلا سازش
# ايوب جي بيماري
# ايوب جي آچ
# پنج نڪاتي فارمولا

1967ع جي پيچاڻي، سچ پچ، وڏي سياسي آيار جي شروعات ڏني. متحده محاذ، لاهور واري اجلاس ۾ شيخ مجيب جا ڇهه نڪتا تہ مڃي چڪو هئو ۽ هاڻي اولهہ پاڪستان ۾ رڪيل مرڪزڪي ڏسڻو هئو تہ اهو وري پاڪستان جي حقن پوري ڪرڻ ۾ يا پوري ملڪ جي مسئلن ڪي حل ڪرڻ ۾ ڪهڙي مدد ڪري.

تاشقند ناهہ ۾ اوپر پاڪستان جي سياستدانن جي صرف ايتري دلچسپي هئي تہ ان مان حاصل ٿيندڙ لاڀ مان بنگالين کي ڇا ملي ٿو يا انهيءَ ناهہ سان ملڪ جي معاشي حالت ڪيترو جلد بحال ٿئي ٿي جو هو وري نارمل حالتن ۾ ڪم ڪرڻ لڳن. بهرحال، متحده محاذ اهو مارچ ڏاري پڌائي چڪو هئو تہ جيڪڏهن مرڪز، بنگالين جي گهرجن پورين ڪرڻ ۽ برابري وارو حق ڏيڻ ۾ ناڪام ويو تہ هو پنهنجون راهون ڌار ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا. گويا، اوپر پاڪستان پنهنجي لاءِ ٻيو آپشن واضح ڪري ڇڏيو هئو.

ويتر جو پيٽي جي نئين پارٽي. ماڻهن جو رنگ ئي بدلي ڇڏيو هئو. تنهن هٽي ايوب خان کي پريشان ڪري وڌو هئو. سو نئين سج نيون ترڪيبون سوچيندو هئو.

اوپر پاڪستان جا سمورا سياستدان، پيٽي جي آيار تي ڳوڙهي نظر رکي رهيا هئا ۽ 1967ع جي آخر ڏاري ڪين اندازو ٿي ويو تہ ايوب دؤر جي

انتها جي ابتدا تي چڪي هئي. پنو جنهن طريقي ۾ عوام ۾ پنهنجي جاءِ ٻڌائي رهيو هئو تنهن جو مقابلو ڪرڻ ايوب خان ۽ سندس حوارين جي وس وٽان ڪونه هئو. پر تنهن هوندي به ايوب خان، اوڀر پاڪستان جي صورت حال کان غافل ڪونه هئو. شيخ مجيب الرحمان کي انٽيليجنس جي رپورٽن تي هن جيل ۾ رکيو ٿي هئو. جيڪو جيل مان اندران ئي ايوب خان جي بت کي ٽوڙڻ جون ڳالهيون ڪندو رهندو هئو. نيٺ ايوب خان جي لاڳاپيدارن ۽ سندس چوڌاري خوشامدين اگرتلا نالي هڪ سازش جوڙي ڪڍي، جنهن ۾ اهو الزام هنيو ويو هئو ته شيخ مجيب پنهنجن ساٿين سان گڏ اگرتلا (ترپپورا) ويو هئو ۽ اتي ايوب خان جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ ڀارت جي مدد سان تحريڪ هلائيندو جيڪا (سول نافرماني جي حد تائين) اهڙي شديد هوندي جو ايوب خان انهيءَ جي سامهون بيهي نه سگهندو.

اها "سازش" اڃا تيارين جي مرحلي ۾ هئي ته ايوب خان ڪنهن ٺاهه جي ڳولا ۾ ڊسمبر 1967ع ۾ ڍاڪا پهچي ويو. اتي هن جون گهڻيئي مصروفيتون رکيون ويون جن ۾ حڪومت جي حامي ليڊرن سان ملاقات به شامل هئي جنهن جي سرداري ان وقت ايوب خان جي خاص ماڻهو ۽ آخري مسلم ليگي ليڊر عبدالمنعم خان گورنر ڪري رهيو هئو. هن کي چندر گونا جي ڪاغذا واري ڪارخاني جو افتتاح به ڪرڻو هئو. اتي انٽيلجينس وارن ڪم ڏيکاريو ۽ ايوب خان کي يقين ڏياريو ته سندس جهاز کي اڏائڻ جي سازش ڪئي ويئي آهي. ايوب خان کي اگرتلا بابت اڳئي ڪن ۾ ڦوڪ ڏيئي ڇڏي هئي ۽ انهيءَ بهاني "انهيءَ سازش ۾ شامل سمورن ماڻهن کي هٿيڪو ڪرڻ" جي اجازت وٺي ڇڏيائون.

6- جنوري 1968ع تي گرين سگنل ملي ويو ۽ اگرتلا سازش ڪيس ۾ شامل سمورن ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو. هيءَ سمورو ڪم فوج پنهنجي هٿ ۾ رکيو ۽ ڪنهن به سول ايجنسي کي اعتماد ۾ ڪونه ورتو ويو. پاڪستان ڪان ڊار ٽيڊ جي الزام م ٽن سول سروس جا سينيئر آفيسر- راهل قدوس، فضل الرحمان ۽ شمس الرحمان- کي گرفتار ڪرڻ کان پوءِ هڪ بري آفيسر ليفٽيننٽ ڪرنل مزمل حسين کي به پڪڙيو ويو. ڪيترا ٻيا ننڍا فوجي آفيسر به هن لسٽ ۾ شامل هئا. هنن تي الزام ڏريو ويو ته هنن ڍاڪا ۾ ڀارتي سفارتخاني جي فرسٽ سيڪريٽري پي- اين- او جها

سان ملي پارٽي صوبي ترپپورا ۾ اگرتلا ويا ۽ اتي هن پارٽي فوجي آفيسرن ليفٽيننٽ ڪرنل مشرا ۽ ميجر مينن سان گڏجي عليحدگي جي سازش تيار ڪئي. دلچسپ ڳالهه هيءَ آهي تہ هن سموري ڪارروائي جي نگراني ڪنهن ٻئي آفيسر نہ پر ڪمانڊر انچيف جنرل يحيٰ خان پاڻ ڪئي ۽ ان ۾ ڪنهن ٻئي آفيسر کي اعتماد ۾ ڪونہ ورتو ويو.

چوويهين جنوري 1968ع تي سخت سيءُ هئو. اردن جو شاه حسين اچڻ وارو هئو. ايوب خان هن جي استقبال لاءِ چڪلالہ هوائي اڏي تي آيو. کيس هلڪو بخار هئو پر استقبال ڪرڻ سندس مجبوري هئي ۽ اهڙيءَ طرح رات جو کيس سرڪاري استقباليہ ۾ بہ اچڻو هئو. ٻئي ڏينهن بخار وڌي، بلڊپريشر مٿي چڙهي ويو ۽ سيني ۾ سور ٿيڻ لڳو. اناويهہ ڏينهن تائين ڊاڪٽرن هن جي چرپر تي بندش وجهي ڇڏي. سندس ذاتي معالج ڪرنل محي الدين پرنسپل سيڪريٽري ساٽس گڏ هئا پر ڪمانڊر انچيف جنرل يحيٰ خان جي اجازت سان. فدا حسن خارجہ سيڪريٽري، ايس ايم يوسف، اطلاعات و نشريات جو سيڪريٽري الطاف گوهر، اڳوڻو ڪمانڊر انچيف جنرل موسيٰ، سيني ڊاڪٽرن هنن جي سرگرمين سان گڏ چرڻ پرڻ تي بہ بندش وجهي ڇڏي. بستري تي ليٽيل ايوب خان کي اندازو هئو تہ سياسي ميدان ۾ طبعي غير موجودگي ڪيڏي خطرناڪ ٿئي ٿي ۽ سياسي مخالفن کي اجائي برتري ڏيڻ جو ڪارڻ بنجي ٿي. پر هو ڪجهہ بہ نٿي ڪري سگهيو. صرف ٿوريءَ دير ۾ پنهنجو پاڻ تان اعتماد کڄي ٿي ويس تنهن ڪري ڪيڏي ڪيڏي مهل ڊاڪٽر کي گهرائي انهن سان ٿئي سياسي حالتن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندو هئو. هو مهيني جي پهرين تاريخ تي ريڊيو تان قوم کي خطاب ڪندو هئو سو بہ نہ ڪري سگهيو تنهنڪري ماڻهن ۾ طرح طرح جا چوپول پيدا ٿيڻ لازمي هئو.

يحيٰ خان، ايوب خان سان گڏ پاڇي وانگيان رهڻ لڳو. ان وقت سندس ڇا مقصد هئا تنهن بابت ڪا ڳالهہ وثوق سان چئي نٿي سگهي پر عام ماڻهو ۾ هلندڙ افواهن مان هڪ هيءَ بہ هئو تہ ايوب خان کي نظربند ڪيو ويو هئو ۽ بيماري صرف هڪ بهانو آهي. بهرحال هڪ ڳالهہ جنهن جي خاطري الطاف گوهر ڪرائي ٿو سا اها آهي تہ "ايوب خان جي پر واري ڪمري ۾ آرمي جا آفيسر موجود هوندا هئا ۽ يحيٰ خان انهن سان گڏ هوندو هئو. سچ تہ هيءَ آهي تہ هن ايوب خان جو سمورو ڪم سنڀالي

ورتو هئو جنهن جي لاءِ هن جو چوڻ هئو تہ هن اهو ڪم ايوب خان جي هدايتن تي ڪيو هئو."[1] ڏهين فيبروري 1968ع تي ڊاڪٽرن ٻڌايو تہ ايوب خان جي حالت بهتر آهي ۽ ٻئي ڏينهن اهو ظاهر ڪيو ويو تہ ايوب خان کي دل جي تڪليف آهي. هيءُ پهريون گهمرو هئو تہ ماڻهن کي خبر پئي تہ ايوب خان واقعي بيمار آهي ۽ ڪيس دل جي تڪليف آهي.

ايوب خان کي سچ پچ دل جي تڪليف هئي يا نمونيا جي ڪا بگڙيل صورت هئي تنهن بابت ڪڏهن بہ سچ آڏو ڪونہ آيو. "پر صحيح صورت حال انهيءَ وقت آڏو آئي جڏهن هيمرسٽ اسپتال، لنڊن مان ڊاڪٽر پروفيسر جان گوڊون، ميڊيڪل بليٽن تي صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ اصل صورت بيان ڪيل ڪانہ هئي." [2]

ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ وچ جولاءِ 1968ع ڌاري سردار اسلم، ايوان صدر مان اچڻ شرط اعلان ڪيو: "صدر صاحب، ميڊيڪل چيڪ اپ لاءِ لنڊن ويجي رهيو آهي." هن جي دماغ جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ڪجهہ هفتا اڳ جا افواهہ ويڙل هئا سو چيائين:

"سڀ ڪجهہ نيڪ آهي پر طبي معائنو فائديمند ثابت ٿيندو."

انهيءَ ماحول ۾ ماڻهن ۾ وري چوبول شروع ٿي ويو هئو. انڊونيشيا جو ڊاڪٽر سوئيڪارنو بہ بيماري جي چيڪ اپ لاءِ جنيوا ويو هئو ۽ پوءِ اقتدارتان هٽ ڌوئي وينو. ڪمڙي خبر تہ ايوب خان جو هيءَ آخري چيڪ اپ هجي. بهرحال 20 جولاءِ تي ايوب خان پنهنجي ذاتي ڊاڪٽر، اطلاعات جي سيڪريٽري الطاف گوهر ۽ سندس پٽ گوهر ايوب سان گڏ لنڊن روانو ٿي ويو. طبي معائني ڪانپوءِ گوهر ايوب موٽي آيو پر الطاف گوهر پويان ترسي پيو.

طرح طرح جا انومان سرڪاري حلقن ۾ ۽ انهيءَ قسم جا افواهہ عام ماڻهن ۾ گردش ڪندا رهيا. انهيءَ وچ ۾ ايوب خان بنا ڪنهن بليٽن جاري ڪرائڻ جي 16 فيبروري تي ماڻهن سان ملاقاتون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون ۽ آهستي آهستي سرڪاري ڪاغذن کي بہ ڏسڻ شروع ڪيو. جنهن ۾ يحيٰ خان سندس خاص مددگار طور هر وقت گڏ هوندو

(1) الطاف گوهر، ايوب خان، 413
(2) الطاف گوهر، ايوب خان 414

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئو. ٽورا ڏينهن اها مشق هلندي رهي ۽ نيٺ اعلان ڪيو ويو تہ ايوب خان بنهہ نيڪ ٿي ويو آهي جنهن جو ثبوت هيءَ هئو تہ پهرين مارچ 1968ع تي هن ريڊيو تان پاڻ تقرير ڪئي، جنهن ماڻهن مان اهو انومان ڪيڏي چڙيو تہ ايوب خان نظربند هئو ۽ سياستدانن جو خيال بہ نڪري ويو تہ طبعي طور هاڻي ايوب خان ڪم جي لائق نہ رهيو آهي. ايئن ٿي لڳو ڄڻڪ هڪ سياسي بحران هئو جيڪو ايوب خان ۽ ملڪ مٿان في الحال ٽري ويو.[1]

ارڙهين۔ مارچ کان ايوب خان وري صدارت جي ذميداري سنڀالڻ لڳو ۽ انهيءَ سان گڏ هڪ گهمرو ايوب خان وري صحتياب ٿيو تہ انهيءَ سان گڏ وري گهري سياست ۾ شامل ٿي ويو. پنهنجي بيماري واري عرصي دوران جيڪي ڪم ٿي چڪا هئا تن کان واقفيت حاصل ڪيائين. خبر ٿيس تہ يحيٰ خان تمام فرمانبرداريءَ سان اهي سمورا ڪم اڪلايا، انهيءَ ترجيتري بہ احساس کان سواءِ تہ جيڪڏهن هو ڏکو بيمار ٿئي ها تہ ڪهڙي تبديلي اچي هئا. بهرحال، هاڻي هڪ گهمرو وري ڪيس اهو خيال گهر ڪري ويو تہ ڏهہ سال تمام ڏاهپ سان، گهڻيون قربانيون ڏيئي هن قوم جي خدمت ڪئي آهي تنهنڪري ان جو ڏهہ سالہ جشن يا Decade of reforms ملهائجي. انهيءَ جو اظهار هن 1967ع ۾ ئي ڪري چڏيو هئو تنهنڪري وفادار نوڪرشاهي وٺ پڪڙ شروع ڪري ڏني هئي. ڏاڇي هٽي ڏهہ وانگيان، ڪامورا تہ مورڳو ايوب خان جي بادشاهي جا ڏهہ سال ملهائڻ لاءِ "تاجپوشي" ڪرڻ جو بندوبست ڪري چڪا هئا. هر صوبائي، وفاقي، خودمختار ادارن، صنعتي ڪارخانن ۽ حڪومتي تحويل ۾ هلندڙ تنظيمن کي خاص طور فنڊ مهيا ڪيا ويا هئا. جيڪي هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ لاءِ ڊڪ پائڻ ۾ رڌل هئا. ريڊيو ۽ ٽيليوزن تان هر وقت خاص پروگرام شروع ٿي ويا جن جو مقصد ماڻهن کي صرف اهو يقين ڏيارڻ هئو تہ ايوب کان پوءِ اوندهہ هوندي.

هيڏانهن ميلا، ملاکڙا، جشن ۽ خوشيءَ جا پروگرام شروع ٿي ويا، هوڏانهن ماڻهن ۾ بہ واويلا هاڻي نئون رخ وٺڻ لڳي. جن اخبارن انهيءَ

(1) 2 مارچ 1968ع تي ايوب خان جي ذاتي معالج ڊاڪٽر ليفٽيننٽ ڪرنل ايم اي زيڊ محي الدين هڪ بليٽن ۾ چيو تہ صدر ايوب مڪمل صحتياب ٿي ويو آهي. هن جي رت جو دٻاءُ گهٽجي ويو هئو جيڪو هاڻي بحال ٿي ويو آهي. ڊان 3 مارچ 1968ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جشن تي نڪتہ چيني ڪئي تي تن ڪي طرح طرح سان آزارڻ شروع ڪري ڏنائين. گھٽيون اخبارون انهيءَ جي ست سهي نہ سگھيون پر ڪي ويتر وڏيڪ تيزيءَ سان تنقيد جو آواز بلند ڪرڻ لڳيون. بهرحال، ڏھہ سالہ جشن شروع تي ويو هئو. جيڪو اڳتي هلي سندس ناڪامي جو هڪ ڪارڻ بنيو.

اولهہ پاڪستان ۾ پٺتي ڪانسواءِ صرف سنڌ بہ ايوب خان لاءِ خطري جو ڳڙھہ بنجي چڪو هئو جتي ترقي پسند قوتون ۽ ون يونٽ مخالف هڪ وڏي تحريڪ جي اڳواڻي ڪري رهيا هئا. هنن جمهوريت ۽ بنيادي حقن جو ڏيئو روشن رکيو هئو نہ تہ اجا تہ گھڻا سياستدان اهو فيصلو نہ ڪري سگھيا هئا تہ ڇا ڪرڻ گھرجي ۽ ڇا نہ.

انهيءَ پٺ کوهہ ۾ اجا سياستدان رڙا پيا هئا تہ اگر تلا سازش ڪيس عام بحث جو موضوع بڻجي ويو بلڪ سياستدان ان کي مخالفن کي دٻائڻ جو هٿ ناٺ ڪري پيش ڪرڻ لڳا. اگرتلا اخبارن ۽ عام جلسن ۾ ڳائجڻ لڳو. خود حڪومت ۾ بہ هن ڪيس تان اختلاف پيدا ٿي چڪا هئا. هڪ گروپ جو خيال هئو تہ هيءَ هٿ جوڙيو ڪيس آهي تنهنڪري عام عدالت ۾ هلايو وڃي. ٻيو طبقو ان کي خاص ڪورٽ ۾ هلائڻ جو حامي هئو. ايوب ۽ يحيٰ ٻنهي ۾ بہ اختلاف ٿي پيا. ايوب خان گھريو ٿي تہ هن سازش ۾ شامل ڇاليهہ ملازمن مان سول ملازمن تي شهري ڪورٽ ۾ ڪليو ڪيس هلي ۽ فوجي ملازمن تي فيلڊ ڪورٽ مارشل ڪيو وڃي جڏهن تہ يحيٰ خان هن خيال جو هئو تہ کلئي ڪورٽ ۾ وڃڻ سان اخبارون هن جا وڪا پڌرا ڪري وجهنديون تنهنڪري اسپيشل ٽربيونل جوڙي ان جي حوالي ڪيو وڃي. بهرحال، ايوب خان خاص ٽربيونل ناهڻ تي راضي ٿي ويو پر ان ۾ فوجي آفيسرن بدران اعليٰ ڪورٽن جا جج هڻڻ جو چيو. سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس ايس اي رحمان کي هن جو اڳواڻ مقرر ڪري ٻہ ٻيا جج جسٽس ايم اي خالد ۽ جسٽس مقصود الحڪيم کي ميمبر مقرر ڪيو.

پراسيڪيوشن پنهنجي طرفان گھڻي ڪوشش ڪئي پر ڪيس کي چڱيءَ طرح پيش ڪرڻ ۾ ناڪام ويئي. سموري جاچ قياس آرائين تي ٻڌل هئي. هن شيخ مجيب کي مکيہ سازشي قرار ڏنو پر سازش جي ڏنل وقت ۾ شيخ مجيب چين ۾ هئو. تنهنڪري جيڏي مهل اها خبر پئي تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيخ مجيب جو نالو فوراً ڪيس مان ڪڍيو ويو. پر بعد ۾ وري شامل ڪيو ويو. منظور قادر سرڪار طرفان ڪيس جي پيروي ڪئي. ڪيس جي نوعيت اهڙي هئي جو ان جي جلدي فيصلي جو امڪان نظر ڪونہ ٿي آيو. ڪيس صحيح هئو يا غلط، ان جو فيصلو عدالت ڪي ڪرڻو هئو پر ايوب خان اها خاطري ڪري ويٺو تہ هن جي راهہ هموار ٿي ويئي هئي، جيڪا سندس پل هئي. پڇاڙي جي ابتدائي ٿي چڪي هئي.

23 مارچ 1968ع تي لاهور ۾ يوم پاڪستان جي موقعي تي سڏايل عام جلسي ۾ ايوب خان بيماري کان پوءِ پهريون گهمرو منظر عام تي آيو جيڪو هن اهو تاثر متاثڻ لاءِ ڪيو تہ هن کي ڪجهہ ٿيو آهي ۽ هو جيڪي ٻڌي رهيا هئا سي صرف افواهہ هئا. بهرحال، سموري ملڪ جي صورت کان واقف هوندي بہ هن جلسہ گاهہ ۾ ماڻهن کي اهو احساس ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ملڪ ۾ ڪير جون نديون وهي رهيون آهن، ڏاڍي ترقي ٿي آهي ۽ اهو سڀ ڪجهہ هن جي صدارت ۾ ئي ٿيو آهي. ٻيو ڪو امڪان ڪونهي. انهيءَ کانپوءِ ماڻهن کي يقين ٿيڻ لڳو تہ هيءُ ائين (آئيني) طريقن سان هٽڻ وارو ڪونهي. ايوب خان بہ پنهنجن سمورن مخالفن تي نظر رکيو ويٺو هئو، سو سولائي سان مڃڻ ۽ وڃڻ وارو ڪونہ هئو.

مئي 1968ع تائين اگرتلا ڪيس ڪو اڳيرو ڪونہ ٿيو هئو صرف شنوائي مٿان شنوائي پئجي رهي هئي. هيڏانهن ايوب خان سياستدانن خلاف وٺ پڪڙ شروع ڪري ڏني هئي. پر اها اجا صرف مخالف پارٽين جي ورڪرن ۽ اهم مهرن تائين محدود هئي، اصل ليڊرن تي اجا هٿ ڪونہ ٿي وجهڻ گهريائين. لنڊن مان چيڪ اپ ڪرائي اچڻ کان پوءِ ايوب خان نئين سر اسٽريٽجي ناهي. هاڻي سندس مشيرن ۾ شريف الدين پيرزادو بہ وزير خارجہ جي طور تي شامل هئو. هنن نئين سچ نيون صلاحون ٿي ڏنس. ايوب خان جو خيال هئو تہ هيءُ عبوري دور آهي جيڪو ڪنهن طريقي سان ڪڍي وڃجي تہ جيئن 1970ع وارين صدارتي چونڊن تي ڌيان ڏيئي سگهجي پر انهيءَ کان اڳ جو هو ڪجهہ ڪري سگهي، حالتون تيزيءَ سان سندس خلاف ٿيڻ لڳيون.

ايوب خان جي لنڊن مان چيڪ اپ ڪرائي اچڻ کانپوءِ جٽڪ ايوب خلاف احتجاجن ۽ مظاهرن جو ٻنڌ ٽٽي پيو. هوندئن تہ سنڌ ۾ قوم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرست قوتون، شاگرد تنظيمون ۽ دانشور ۽ اديب پنهنجي طور تي ون يونٽ جي خلاف مهم هلائي رهيا هئا پر ملڪگير تحريڪ اڃا اهڙي ڪانہ هئي جنهن مان ايوب خان کي پو ٿئي. ايوب خان جو ڏهہ سالہ جشن زور ٿيندو ويو ۽ ماڻهن ۾ بہ چرپر وڌڻ لڳي. ايوب خان جو خيال هئو تہ پهرين اڪتوبر کان 27 تائين پوري ملڪ ۾ 27 ڏينهن جو هڪ زبردست جشن ملهائجي. اهي ئي ڏينهن اپوزيشن پنهنجي تحريڪ هلائڻ لاءِ چونڊيا. ٻئي ڌريون زور ڏيکارڻ لاءِ تيار ٿي ويون. اڪتوبر شروع ٿيندي ئي جلسا نڪرڻ لڳا، ڪڏهن مهانگائي خلاف، ڪڏهن بنيادي حقن جي لاءِ انهيءَ ۾ پيپلز پارٽي پنهنجي زور ڏيکارڻ لڳي ۽ ايوب خان کي محسوس ٿيڻ لڳو تہ ڪيس جيڪڏهن ڪنهن کان خطرو ٿي سگهي ٿو تہ اهو پيپلز پارٽي ۽ سندس ليڊر ذوالفقار علي ڀٽي مان. اهو ڏسڻ لاءِ هن سنڌ جو دورو ڪيو.

سنڌ جو وڏيرو روايتي اقتدار پرست رهيو آهي جنهن ڪري گهڻو ڪري سمورا وڏيرا ايوب خان جي حلقہ اثر ۾ هئا. انهن مان گهڻا هينئر (2007ع) ٿڌي مٽي ۾ ننڊ ڪري رهيا آهن، ڪي ٿورا اڃا پويان ساهہ پٽي رهيا آهن. ايوب خان کي اهو معلوم هئو تنهنڪري هو هر انهيءَ وڏيري ۽ جاگيردار وٽ ويو جن جي وزارت دوران ڀٽي سان دوستي ٿي ويئي هئي. تقريرن ۽ اشارن ۾ اهو چوندو هئو تہ هو منهنجا پراڻا ۽ نوان دوست آهن ۽ اينڌڙ وقت ۾ هو انهن کي آزمائيندو. ايوب خان جو اشارو، انهيءَ آيار ڏانهن هئو جنهن جو اندازو ڪيس ڀٽي جي پارٽي ۽ متحده محاذ کان ٿي چڪو هئو.

بهرحال، اڪتوبر پورو مخالف ڌر جي جلسن ۽ جلوسن ۾ گذريو. ايوب خان جي هٿ هيٺ هلندڙ سرڪاري ميڊيا، انهن خبرن کي دٻائي ڇڏيندي هئي انهيءَ جي بدران ايوب خان جي ڏهہ سالہ جشن کي ايڏو وڌائي پيش ڪندي هئي جو ماڻهن جو ريڊيو، ٽيليويزن ۽ ٽرسٽ جي اخبارن تان ايمان کڄي ويو هئو. هاڻي اها سنڌن عادت ٿي ويئي هئي جو چند اخبارن ۾ ڏنل اپوزيشن جي ننڍين خبرن کي پڙهندا هئا ۽ انهن کي ئي سچ سمجهندا هئا. اخبارون بہ وڏي عذاب ۾ هيون. ايوب خان مياں افتخار الدين وارو گروپ پي پي ايل (پروگريسو پيپرز لمٽيڊ) کي ڪئين سال اڳ پاڪستان نيشنل پريس ٽرسٽ جي ناليِ سرڪاري قبضي ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ڇڪو هئو باقي ڍاڪا ۾ چوڌري حميد الدين وارو (پاڪستان آبزرور، ڍاڪا ٽائيمز وغيره). مير خليل الرحمان وارو جنگ گروپ ۽ ڊان گروپ وارو هارون خاندان سندس قبضي ۾ اچڻ وارا ڪونه هئا. ڊان جو ايڊيٽر الطاف حسين جيڪو وتس ڪجهه عرصي لاءِ مرڪزي وزير رهي چڪو هئو سو به پنهنجي پيشي جي آبرو بچائڻ لاءِ انهيءَ ممڻ مچڻ کان اڳ ۾ استعيفا ڏئي واپس ڪراچي هليو آيو هئو.

پريس اينڊ پبليڪيشنز آرڊيننس 1960ع، 1963ع واري تلوار ته هر وقت هر اخبار جي مٿان هئي پر 1965ع واري جنگ ۾ لاڳو ڪيل ڊفينس آف پاڪستان رولز به اجا ڪونه هٽايا ويا هئا، جنهن تحت حڪومت کي ڪنهن تي به هٿ ڌرڻ ۾ وڏو اختيار هئو. تنهنڪري وڏيون اخبارون ته حڪومتي دٻاءُ برداشت ڪري پئي سگهيون، پر ننڍيون ۽ علائقائي اخبارن جي لاءِ نيوزپرنٽ ۽ اشتهار جي ڪوٽا يا وري ڊي پي آر جا قائدا ڪافي هئا.

اڪتوبر 1968ع جي انهيءَ آيار دوران ايوب خان، ايڊيٽرن جي هڪ ميٽنگ اسلام آباد ۾ گهرائي جنهن ۾ هن سياسي حالتن معلوم ڪرڻ سان گڏ اخبارن تي اهو به واضح ڪرڻ تي گهريو ته عوام کي ڪي سرخاب جا پر لڳل ڪونهن، تنهنڪري هو انهن جي مظاهرن ۽ هنگامن جون خبرون پهرئين صفحي تي نه ڇاپين، بلڪ سرڪاري ايجنيسن جي طرفان جاري ڪيل خبرون صحيح هونديون آهن تن کي وڏيڪ نمايان ڪري ڇاپڻ گهرجي."[1]

جلسا، جلوس، ريليون ۽ مظاهرا هاڻي زندگيءَ جو معمول بنجي ويو. هر آمر وانگيان ايوب خان به سمجهيو ته پوليس "چند سو مٺي ڦريل" نوجوانن کي نيڪ ڪري ڇڏيندي پر غالباً هو تاريخ جي سبق کي وساري ويٺو هئو. اهي پرامن ۽ ڳاڙهي وات وارا ڇوڪرا، عوامي قوت جو مرڪز بنجي ويا. نومبر 1968ع ۾ راولپنڊي ۾ ٿيل هڪ جلسي ۾ پوليس پنهنجي روايتي ۽ بينڪي طريقن کي ڪتب آندو ۽ جلسي ۾ شرڪت ڪندڙن تي لٺبازي ڪئي جنهن سان ماڻهو ڪاوڙ جي پيا ۽ هنن به پوليس تي پٿر وسايا. پر پوليس آئي انهيءَ مقصد لاءِ هئي تنهن ڳوڙها

(1) هن ملاقات ۾ خليل الرحمان اوڏيءَ مهل ته خاموش رهيو پر انهيءَ کان اڳ ايوب خان ۽ ميرکليل جي درميان سخت لفظن جي ڏي وٺ ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيس استعمال ڪيو. سخت جهڙپن ڪان پوءِ هڪ شاگرد مري ويو. جنهن ڪانپوءِ پنڊي ۾ ڪرفيو لڳايو ويو.

اهو نالي ۾ تہ هڪ واقعو هئو پر انهي سان ملڪ ۾ تاءُ ڏاڍو پڪڙيو. سموري ملڪ ۾ ماڻهن ۽ جماعتن هن واقعي جي مذمت ڪئي.

ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ ايوب خان پنهنجي "واپسي" جو ثبوت فراهم ڪرڻ لاءِ 10 نومبر 1968ع تي پشاور ۾ هڪ "عام جلسو" ڪيو. پيپلز پارٽي جي حمايتين طرفان ڪنهن امڪاني وگوڙ ٿيڻ جي پيش نظر، حڪومتي مشنري ڏاڍا حفاظتي انتظام ڪيا پر خبر تڏهن پئي جڏهن تقرير هلندي جلسہ گاهہ ۾ بہ گوليون هليون. اها خبر آخر تائين ڪانہ پئي تہ اهي صرف وگوڙ پکيڙڻ لاءِ هلايون ويون هيون يا ايوب خان تي ڪو حملو هئو. بهرحال، انهيءَ ڪان پوءِ ڏاڍو وگوڙ ٿيو. مارڪٽ تي. پوليس جلسي ۾ آيل ماڻهن کي سون جي ڳاٽيتي ۾ پڪڙيو. ايوب خان هاڻي سچ پچ خطر ومحسوس ڪرڻ لڳو. هن سڀ ڪان پهريائين ولي خان، ذوالفقار علي ڀٽي، سندس سوٽ ممتاز ڀٽي ۽ سندس ڊاڪٽر مبشر، غلام مصطفيٰ کر، احمد رضا قصوري ۽ ٻين کي دفاع پاڪستان رولز هيٺ گرفتار ڪري ورتو ۽ پوءِ اهو سلسلو جاري رهيو. ڀٽي کي پهريائين ساهيوال ۾ ۽ پوءِ ميانوالي جيل ۾ رکيو ويو جنهن جو مقصد ڀٽي کي اهو ٻڌائڻ هئو تہ ايوب خان هيئن بہ ڪري سگهي ٿو.

پوليس کي وڏا اختيار ملي ويا. جنهن تي شڪ پوندو هئن تہ ايوب خان جي خلاف آهي تہ ان کي سولائي سان ڊي پي آر ۾ بند ڪري ڇڏيندا هئا. شيخ مجيب اڳئي جيل ۾ هئو. هاڻي درجہ اول جي باقي ليڊرن جي وٺ پڪڙ ٿي رهي هئي. شيخ عبدالمجيد سنڌي، ارباب سڪندر خان، اجمل خان خٽڪ ۽ حيات محمد خان بہ وڃي جيل حوالي ٿيا. گهڻن کي ائين ئي جيل واڙيو ويو هئو. باقي جي لاءِ قانوني چاره جوئي ڪرڻ خاطر لاهور هاءِ ڪورٽ جي خاص بينچ جي سپرد ڪيو. عام شهري جيڪي ڀٽي جي محبت ۾ ٻڌجي ويا هئا. تن جي لاءِ يا تہ مقامي دفاعي ڪائونسلون نهيون يا ورڻ بنا پڇاڻي جيلن ۾ سڙندا رهيا.

آڙهڙ جي ڏينهن رانگيان، ناتال جا ڏينهن بہ ايوب خان وندر لاءِ ڪتب آڻيندو هئو يعني گرمين ۾ ڪوه مري ۽ گلگت ڏانهن تہ سياري جا ڏينهن جڏهن مسافر پکي سنڌ ڏانهن پناهہ وٺڻ لاءِ ايندا هئا تہ ايوب وري

سنڌ ڏانهن مارو ڪندو هئو. جيئن اڳ ۾ لکيو اٿم ته سنڌ جا موقع پرست وڏيرا، سمورن سياسي حالتن کان بيخبر، انهيءَ گهڙيءَ جا منتظر هوندا هئا. جيئن ئي کين خبر پوندي هئي ته ڪو ڇوٽو موٽو حڪمران سندن پڊ ۾ منزل ڪرڻ وارو آهي ته هفتن جا هفتا اڳ نئين ڪراڪري گڏ ڪرڻ ۾ لڳي ويندا هئا. ايوب خان ته تترن ۽ ٻئي شڪار جو شوقين هئو تنهنڪري جنهن وڏيري وٽ هڪ اڌ رات جي منزل هٽندو هئو ته سڄي تر ۾ جهڙوڪر مصيبت اچي ويندي هئي. هڪ وڏيري جي ڏڙ. مٿان اي سي، ڊي سي ۽ سندن واسطيدار عملدار، وري پوليس ۽ اسپيشل برانچ وارا، سيني کي پنهنجي سرجي اچي لڳندي هئي.(1)

بهرحال، ڊسمبر جو مهينو ايندي ئي سنڌ جا سمورا وڏيرا خاص ڪري لاڙڪاڻي ۽ نئي ضلعي جا لٺ سردار مهمانداري جو بندوبست ڪرڻ لڳي ويا پر پتو تڏهن پيو جڏهن ايوب خان هيل هيڏانهن نه اچڻ جي ڪئي نه تتر ماريا، نه آڙيون ماريون ۽ نه شيل شڪار ڪيو. اها ٻي ڳالهه آهي ته هنن وڏيرن کي به اندازو ٿي ويو هئو ته ملڪ ۾ ڏکيل دونهين نيٺ ايوب خان کان پوءِ کين به ورائڻ واري آهي. سندس صلاحڪارن کيس مشورو ڏنو ته هو هيترن محاذن تي هڪ ئي وقت وڙهي نٿو سگهي تنهنڪري هو ڪن کي پنهنجي پاسي ڪري ته ڳالهه نري سگهي ٿي. في الحال هن به محاذ چونڊيا. هڪ شاگرد طبقو ۽ ٻيو اوير پاڪستان. صلاحڪارن جو خيال هئو ته هو شاگردن کي رعايتون ڏئي ۽ ساڳي وقت اوير پاڪستان جي ليڊرن سان به ڏند شيڪ ڪري ته ڪجهه ممڻ تي ٿڌو ٿي سگهي ٿو. پهرين ڊسمبر واري تقرير ۾ هن شاگردن جي ڏاڍي واڪاڻ ڪئي هئي ۽ ا نکان پوءِ کين ڪجهه رعايتون ڏيڻ جو اعلان ڪيو. دراصل هيءَ رعايتون ڪونه هيون پر اڳ ۾ وڌل پابندين کي نرم ڪرڻ جو

(1) هڪ سال اڳ جڏهن ايوب خان نئي ضلعي جي شڪار تي آيو جتي هڪ وڏيري خاص انتظام ڪيا. تترن پڪڙڻ جي وٽ پڪڙ ۾ وڏيري جا ڪمدار، روينيو کاتي جا ڪوٽار ۽ پوليس وارا برابر جا شريڪ هئا. نيٺ ايوب خان آيو. هڪ هنڌ دڙڪرڻ وارا تترن کي اڏامڻ تي مجبور ڪري رهيا هئا ته جيئن فضا ۾ ئي ايوب خان انهن تي فائر ڪري. هڪ هنڌ ائين ٿيو. تتر اٿيا، ايوب خان فائر ڪيو ۽ تتر ڪجهه فاصلي تي وڃي ڪري پيا. بيگارتي آيل ڳوناٽا جن کي شڪارڪٽي اچي صاحب جي اڳيان پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنل هئو، سي پڳا. پر جيئن ئي شڪار آٽي اڳيان رکيائون ته هڪ جملو هن ساده دل ماڻهن جي وات مان نڪري ويو. "واهه صاحب تنهنجو فائر. تتر ته هيٺ آنداٿين پر هوا ۾ ئي انهن جا پير ٻڌي ڇڏياٿين."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اعلان ٿيو. هئو هيئن تہ ڪامورا شاهي جي چوڻ تي ايوب خان يونيورسٽي آرڊيننس نالي هڪ قانون جاري ڪيو هئو جنهن ۾ ٻين ڳالهين سان گڏوگڏ اهو بہ هئو تہ جيڪي شاگرد "بدنظمي ۽ سياسي اثر جو شڪار" هوندا تن شاگردن جون ڊگريون ضبط ڪري ٿي سگهيون ۽ ٻيو تہ ڪانئن سپليمينٽري امتحان جي سهولت واپس ورتي ويئي هئي. ايوب خان سياسي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ اهي ٻئي پابنديون هٽائي ڇڏيون. پر، ايوب خان جي اها "رعايت" تمام دير سان آئي. انهيءَ ڪان گهڻو اڳ هو سياسي پليٽ فارمن تي چڙهي چڪا هئا ۽ ايوب خان جي هن رعايت کي سياسي چال تصور ڪري ان کي نظرانداز ڪري ڇڏيو.

ٻي صلاح هيءَ هئي تہ ايوب خان سياسي مخالفن. خاص ڪري اوڀر پاڪستان جي جوشيلن ۽ قوم رستن سان ڳالهائي. ايوب خان جيڪو ڪنهن وقت سياسي مخالفن کي ڪک برابر بہ ڪونہ سمجهندو هئو. سو تمام سولائي سان انهيءَ مشوري قبولڻ لاءِ تيار ٿي ويو پر ان ۾ هڪ رڪاوٽ وري بہ پيدا ٿي ويئي ۽ اها وري بہ ايوب خان جي پنهنجي انا پرستي جي ڪري نروار ٿي. ايوب خان جي ساٿين جو خيال هئو تہ هو وزيرن ۽ صلاحڪارن جي بدران پاڻ سڌو سياستدانن سان ڳالهائي. جنهن ڪان ايوب خان کي چيڙ هئي. بهرحال. انهيءَ جي ابتدا اخباري بيانن سان ٿي جنهن ۾ بہ ايوب خان پنهنجو آمرانہ انداز رکيو يعني هو لٺ ۽ چٺ ٻئي ڏيکارڻ لڳو يعني هڪ طرف هو سڌين ڳالهين جي آڇ ڪرڻ لڳو پر ٻئي طرف اهو اعلان ڪندو رهيو تہ امن امان جي حالتن تي ڪابہ سوديبازي ڪانہ ڪئي ويندي. "چاڪاڻ تہ اهو ملڪ جي لاءِ تباهي جو ڪارڻ ٿيندو."

ٻئي طرف. گرفتاريون بہ ٿي ٿيون تہ عدالتن ۾ پٽيشنون بہ داخل پئي ٿيون. عدالتن کي سچ پچ انهيءَ وقت پنهنجو حق ادا ڪرڻو پيو. ڪن جون فوراً ضمانتون منظور ٿئي ٿيون تہ ڪي مورڳو ڪيس واپس ٿيڻ لڳا. سڀ کان پهريائين اولهہ پاڪستان هاءِ ڪورٽ. غلام مصطفيٰ کر ۽ احمد رضا قصوري جي نظربندي کي غير قانوني قرار ڏنو تہ ٻئي ڏينهن گورنر موسيٰ. هڪ حڪمنامي ذريعي پيپلزپارٽي جي ٻن ٻين ڳوٺن ممتاز ڀٽي ۽ ڊاڪٽر مبشر حسن جي نظر بندي جا حڪم واپس ونئي ڇڏيا جنهن جو اثر لازمي طور ايوب مخالف تحريڪ تي پوڻ لڳو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياسي مخالفن سان ڳالهين جو مقصد سمورن سياستدانن سان ڳالهائڻ ته هئو پر سڀ کان وڌيڪ توجه بنگالين تي ڏيڻو هئو جن جي حمايت کانسواءِ ملڪ ۾ نه ته سک سانت بحال تي سگهيو ٿي ۽ نه وري ڪنهن سياسي ناهه تي پهچڻ جي اميد هئي تنهنڪري ايوب خان کي سڌو اوير پاڪستان وچي ڳالهائڻو هئو. ذاتي انا جو قيدي ايوب خان، شروع ۾ ته ڍاڪا وڃڻ کان نابري واريندو رهيو پر نيٺ پنهنجن مشيرن ۽ خوشامدين جي صلاح تي هو راضي ٿيو ۽ نيٺ اهو چوندي ته "ڳالهين لاءِ ڪو بنياد ڪونهي" هو لاهور پهتو. لاهور ۾ هن ٻي راهه اختيار ڪئي يعني سرڪاري مسلم ليگ کي اها لائين ڏني ته هو به پنهنجن ورڪرن ۽ حمايتين کي رستن تي آڻي سندس حمايت جو مظاهرو ڪن، ٻين لفظن ۾ تصادم ٿئي ۽ هو اهو ثابت ڪري ڏيکاري ته مخالف پارٽيون ملڪ ۾ وگوڙ چاهين ٿيون.

خواجه شهاب الدين انهيءَ ڪوشش ۾ هئو ته ڪهڙي طريقي سان ايوب خان ليڊرن سان ڳالهيون ڪري ڪجهه ناپر آڻي پر ايوب خان سوليءَ طرح مڃڻ وارو ڪونه هئو. دراصل، هو اڳيئي پنهنجي سوٽ ۽ مسلم ليگ ڪائونسل جي قومي اسيمبلي ميمبر خواجه خيرالدين جي ذريعي مخالف ليڊرن سان ڳالهين ۾ رڌل هئو، خواجه شهاب الدين ڪنهن امڪاني ناهه ۾ اڪيلو هيرو بنجڻ تي چيو جنهن جي ڪابينه جي ٻين وزيرن ۽ صلاحڪارن کي ڪا خبر ڪانه هئي. خواجه شهاب الدين جي تجويز هئي ته ملڪ ۾ سڌيون چونڊون ڪرايون وڃن، وزيرن کي اسيمبلين آڏو جوابده بنايو وڃي بلڪ ان کي وزيرن ڊسمس ڪرڻ جو اختيار به هجي ۽ سيني کان سينير وزير کي وزيراعظم بنايو وڃي. ايوب خان انهن تجويزن جو مخالف ڪونه هئو ۽ اهڙيءَ طرح مخالف ليڊرن به اهو چاهيو ٿي جيئن ڪنهن ٻي فوجي مداخلت کي روڪي سگهجي. بهرحال هڪ مرحلي تي اچي ايوب خان مخالف ليڊرن سان ملاقات تي راضي ٿي ويو. جيتوڻيڪ انهيءَ تي خود سندس ڪابينه ۾ اختلاف موجود هئا. نيٺ ڊسمبر 1968ع جي پهرين هفتي ڍاڪا پهچي ويو هن بهاني سان ته پاڪستان مسلم ليگ ورڪنگ ڪميٽي جو اجلاس اتي ٿيندو. پنجن ڏينهن کانپوءِ انهيءَ ميٽنگ ۾ ايوب خان، کهڙو، پير صاحب پاڳارو ۽ قاضي عيسيٰ به خاص دعوت تي شامل ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتي پهچڻ شرط هن اهي ڳالهيون شروع ڪري ڏنيون جيڪي هر آمر ڪندو آيو آهي. بار بار ماڻهن کي اها خاطري ڏيارڻ لڳو ته هوئي ملڪ جو بچائيندڙ آهي. جيڪڏهن هو ”پرامن انقلاب“ نه آڻي ها ته هيءُ ملڪ تباهه ٿي وڃي ها. هي ته هن کي سڃي ڄمار اقتدار ۾ رهڻ جو ارادو ڪونهي. هوڏانهن مخالف ڌريون به هر چال کي غور سان ڏسي رهيون هيون بلڪ سچ هيءُ آهي ته ايوب جي پهچڻ شرط ئي هنن پنهنجو زور ڏيکارڻ شروع ڪري ڏنو. سرڪاري اجتماع ته ٿيندا ها پر ايوب خان کي مخالفن جي طاقت جو اندازو ان وقت ٿيو جڏهن ڍاڪا ۾ ڪارن جهنڊن جو جلوس نڪتو، جنهن جي اڳواڻي حسين شهيد سهروردي، فضل الحق، خواجه ناظم الدين، نورالامين، عطا الرحمان ۽ ابوحسين سرڪار ڪري رهيا هئا. ٻئي ڏينهن مولانا عبدالحميد ڀاشاني عام هڙتال جي اپيل ڪئي. عين انهيءَ ڏينهن ايوب خان مسلم ليگ جي چونڊ ماڻهن کي خطاب ڪري رهيو هئو جنهن ۾ هن صاف لفظن ۾ اعلان ڪيو ته ”اپوزيشن وار مظاهرا ڪري مون کي لوڏي نٿا سگهن. مسلم ليگ کي اهڙي چيلينج جو مقابلو ڪرڻ گهرجي ۽ هيءَ ته حڪومت وٽ اهڙن مظاهرن کي روڪڻ لاءِ سمورا وسيلا موجود آهن.“

اها ڳالهه ڪيتريقدر درست هئي. تنهن جو اندازو هن مان ڪري سگهجي ٿو ته ايوب خان ڍاڪا ۾ ئي هئو ته گورنر هائوس جي ڀتين تي ”Tolet“ ۽ اسان کي ايوب نه گهرجي جا لفظ لکجي ويا. ٻئي ڏينهن اوپر پاڪستان اسيمبلي ۾ وگوڙ ٿي پيو ۽ مخالف ڌريون واڪ آئوٽ ڪري ويون. ڍاڪا ته هاڻي مظاهرن جو شهر بڻجي ويو هئو. هر روز، هر بازار ۾ جلسا ۽ جلوس ٿيڻ عام رواجي ڳالهه ٿي وئي هئي پر هڪ هنڌ پوليس گولي هلائي وڌي. ڪجهه ماڻهو قتيا ۽ پنج سو کان وڌيڪ گرفتار ٿيا جن کي پوليس مختلف ٿاڻن ۾ واڙي ڇڏيو. انهيءَ واقعي ٻرنديءَ تي تيل وارو ڪم ڪيو. هڙتالن ۾ احتجاجي مظاهرن جو اڻ کٽ سلسلو شروع ٿي ويو. ريل جي هڙتال، ٽپال جي هڙتال، اخبار وارن جي هڙتال، ڪو اهڙو ڏينهن ڪونه هئو جڏهن ڪا هڙتال نه ٿيندي هجي.

ايوب خان انهن رپورٽن تي سخت ناراض ٿي پيو. هو هرگهڙي پنهنجي صلاحڪارن سان مشورا ڪندو رهندو هو. سياستدانن تي ڇوهه ڇنڊيندو رهندو ۽ ڪين اهڙو حڪيم سڏڻ لڳو جن وٽ بيماري جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علاج تہ هوندو آهي پر نسخو ڪونہ ڏيندا آهن. هاڻي ايوب خان پنهنجي من جي صلاح تي هلڻ لڳو يعني طاقت جو استعمال ڪرڻ لڳو. پر ماٺ ٽيڻ جي ڪانہ هئي. چٽگانگ، تيج گائون، نارائڻ گنج، ڍاڪا، سلهٽ، راولپنڊي، پشاور، ڪراچي، حيدرآباد، سکر، ڪوئيٽا، سڀني ننڍن وڏن هنڌن مظاهرا وڌندا ٿي ويا پر ايوب خان جي مشنري کي انهيءَ جو نہ تہ فڪر هئو ۽ نہ وري ايوب خان ڪنهن فوري حل ڳولهڻ لاءِ تيار هئو.

انهيءَ وچ ۾ عام شين جي کوٽ پيدا ٿي پئي، خاص ڪري کنڊ ملڪ جي بازارن مان گم ٿي ويئي. ماڻهن انهيءَ کوٽ جو ذميدار وفاقي وزير تجارت عبدالغفور هوتي کي قرار ڏنو جنهن جي پنهنجي شگر مل هئي ۽ انهيءَ ڪري ماڻهو کيس "چيني چور" نالي سان سڏڻ لڳا. پر صرف کنڊ ئي گم ڪانہ ٿي، لوڻ ۽ تيل بہ غائب ٿي ويو. جنهن جي ذميداري بہ هوتي تي وڌي ويئي. ايوب خان هڪ گهمري استعيفا ڏيڻ لاءِ چيو پر هن انهيءَ ذميداري کان پاڻ کي آجو ڪري وزارت کان ڏار ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ايوب خان بہ انهيءَ وقت هرويرو هن کي نيڪالي ڏيئي پنهنجي خلاف محاذ کي وڏيڪ مضبوط ڪرڻ نٿي گهريو. جڏهن اها چال ناڪام ويئي تہ ايوب خان اها تجويز ڏني تہ سمورا نجي ڪارخانا ارڙهن مهينن جي لاءِ سرڪاري هٿ ۾ ڏيئي ڇڏجن، پر انهيءَ سان کيس ٻڌايو ويو تہ هو سرمائيدار طبقي جي حمايت کان محروم ٿي ويندو. تنهنڪري اها تجويز بہ بنا عمل جي رهجي ويئي. غالبا اها سندس پهرين عقلمندي هئي.

اصغر خان، جيڪو اڃا آزاد هئو تنهن خيال ڪيو تہ سياست ۾ ٽپي پئجي ۽ 17 نومبر تي هن اعلان ڪري ڇڏيو. اولهہ پاڪستان جي سياست ۾ واقعي ان وقت خال تہ هئو. سو ماڻهن ڪجهہ چڱائي جي اميد تي کيس ٻڌو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ان کان پوءِ هن پنهنجي انهيءَ موقعي جو ڪو فائدو نہ ورتو. بهرحال، اصغر خان اوڀر پاڪستان جي حالت ڏسي سڌو ڍاڪا جو رخ رکيو. اصغر خان کي ايوب خان جي خيالن جي ڄاڻ هئي تہ طاقت کي استعمال ڪرڻ کان باز نہ ايندو تنهن ويندي شرط ڍاڪا ۾ اهو اعلان ڪيو تہ "فوج کي استعمال ڪرڻ جا اگرا نتيجا نڪرندا ۽ سرڪاري حڪام کي آئين جي حد ۾ رهي حڪمرانن جا حڪم مڃڻ گهرجن." اوڀر پاڪستان ۾ هن جيڪي تقريرون ڪيون تن ۾ گهڻو ڪري زور انهيءَ نڪتي تي هئو تنهنڪري بنگالي عوام کي ڄاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي تہ ايوب خان جي ڪنهن بہ وعدي تي پروسو ڪرڻ نہ گهرجي تنهن ڪري گهٽو ڪري هر مظاهري ۽ جلوس ۾ ايوب خان جي استعيفا جو مطالبو ٿيڻ لڳو.

ايوب خان، بظاهر انهيءَ مطالبي تي ويچارڻ لاءِ ئي تيار ڪونہ هئو. تنهن هوندي بہ پنهنجي ماڻهن واتان اهو چورايائين تہ هن جي استعيفا ڏيڻ سان آئيني بحران پيدا ٿي پوندو جنهن جي جواب ۾ مخالف ليڊر اهو چوڻ لڳا تہ اهڙي بحران جو ڪو سبب ڪونهي ڇاڪاڻ تہ اهو عارضي خال وڏين ڪورٽن جي ججن سان پري سگهبو.

پندرهن ڏينهن تائين ايوب خان ڍاڪا ۾ رهيو پر نہ تہ سياستدان سان ڳالهيون ڪري سگهيو نہ وري ڪو نوس حل ڏيئي سگهيو بلڪ اهي ئي هفتا فائرنگ، لٺ بازي، ڳوڙها گيس ۽ احتجاجي مظاهرن ۾ گذاري واپس اولهہ پاڪستان هليو آيو. اولهہ پاڪستان ۾ حالتن جي جاڻ کيس ڍاڪا ۾ ئي ملندي ٿي رهي تنهن ڪري هتي پهچڻ بعد رويي ۾ نرمي اختيار ڪيائين. ڪو اهڙو بيان ڪونہ ڏنائين جنهن مان اندازو ٿئي تہ هو سخت گيري اختيار ڪرڻ وارو آهي. بلڪ سال جي آخري، ڏينهن تي لاهور ۾ گهرايل مسلم ليگين جي گڏجاڻي کي خطاب ڪندي پنهنجي پوزيشن صاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين ۽ اهو باور ڪرايائين تہ هو هميشه اقتدار ۾ رهڻ جو خواهشمند ناهي پر ماڻهن کي حڪومت بدلائڻ لاءِ آئيني طريقا ڪتب آڻڻ گهرجن جنهن جو سولو ۽ مهذب طريقو هيءُ آهي تہ ماڻهن جي خواهشن پٽاندر آئين ۾ ترميمون آڻجن.

هاڻي جيتوڻيڪ اهو صاف پڌرو ٿي چڪو هئو تہ هو ڳالهين لاءِ تيار هئو ۽ ڪنهن حد تائين آهستي آهستي اقتدار حوالي ڪرڻ لاءِ بہ تيار هئو پر هاڻي وقت گهٽو گذري چڪو هئو. ماڻهن اهڙي ڍگهي پروسيس قبولڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا. ليڊر سڀ جيلن ۾ بند هئا ۽ ماڻهو رستن تي نڪري آيا هئا. ايوب خان جي آڇ جي ڪو موٽ ڏيڻ لاءِ تيار بہ ڪونہ هئو ۽ نہ وري ان جي ڪا حيثيت هئي.

سال پاسو ورايو پر حالتن ۾ ڪا بهتري نظر ڪانہ ٿي آئي. پهرين جنوري 1969ع تي پي ڊي ايم (Pakistan Democratic Movement) جو اجلاس ڍاڪا ۾ ٿيو پر نہ ان ۾ نہ شيخ مجيب هئو نہ پٽو. تنهنڪري اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجلاس ڪنهن لائحہ عمل طئي ڪرڻ کانسواءِ ختم ٿي ويو. ايوب خان پنهنجي ماهانہ نشري تقرير ۾ ٿوري تبديلي ڏيکاري ۽ ڀڙيون پيرو غام ماڻهن کي اهو ٻڌايو تہ نظام ۾ خاميون آهن پر اهي دور ڪري سگهجن ٿيون. انهيءَ تقرير جو ڪو فائدو ڪونہ ٿيو ڇاڪاڻ تہ سمورا مک اڳواڻ جيلن ۾ بند هئا. ٻئي طرف اولھہ توڙي اوڀر پاڪستان ۾ هنگاما ۽ مظاهرا بدستور جاري رهيا. جيئن جيئن ملڪ جي معاشي حالت خراب ٿيندي ٿي ويئي، ماڻهن جي جوش ۾ واڌارو ايندو ٿي ويو. ايوب خان جا سمورا صلاحڪار مختلف تجويزون آڻيندا ٿي ويا جيڪي هڪ ڪان پوءِ هڪ بيڪار ثابت ٿينديون ٿي ويون. نيٺ هڪ ڏينهن سرڪاري ڌر مان ڳالهين جي باضابطہ تجويز آئي، پر انهيءَ جو هڪ پس منظر هئو. اهو هيءَ تہ جڏهن پي ڊي ايم، نئين حڪمت عملي تيار ڪرڻ ۾ رڌل هئي تہ ذوالفقار علي ڀٽي، 3 جنوري 1969ع تي جيل مان اندران اعلان ڪيو تہ هو ايوب خان جي خلاف چونڊ وڙهندو.

متان پي ڊي ايم 5 جنوري تي پنهنجي فوري سڏايل اجلاس ۾ گڏيل پروگرام جو اعلان ڪري ڇڏيو. جنهن ۾ جهٽڪ ايوب خان کي هڪ پنج نڪاتي پروگرام ڏنل هئو جنهن تي عمل ڪرڻ سان ملڪ مان وڳوڙ ختم ٿي سگهيو ٿي. اهو هئو:

- ☆ ملڪ ۾ سڌيون چونڊون، هڪ ماڻهو هڪ ووٽ جي بنياد تي ڪرايون وڃن،
- ☆ چونڊيل پارليامينٽ بااختيار هجي،
- ☆ هنگامي حالتون بنا ڪنهن دير جي ختم ڪيون وڃن،
- ☆ بنيادي حق فوراً بحال ڪيا وڃن، ۽
- ☆ سمورن سياسي اڳواڻن کي آزاد ڪيو وڃي ۽ هنن خلاف ڪيس واپس ورتا وڃن.

ايوب خان، هاڻي پوريءَ طرح پنهنجن صلاحڪارن تي ڀاڙڻ لڳو هئو ۽ هنن کي ساڃي لڳي ويئي هئي سو ٻئي سبتيون ابتيون صلاحون ڏنائونس. هنن کيس ٻڌايو تہ پنج نڪتا تي پروگرام مڃڻ جي معنيٰ تہ ايوب خان جي استعيفا پيش ڪرڻ ۽ "پاڪستان ٽوڙڻ" جي برابر ٿيندو تنهنڪري اجا ان جي موٽ ڏيڻ جي تياري ڪري رهيا هئا تہ 9_ جنوري تي سمورين مخالف ڌرين هڪ ٿي ويون جن پنهنجو نالو جمهوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجلس عمل Democratic Action Commitee رکي پنج نڪاتي پروگرام جي حصول لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. اولهہ پاڪستان ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي کانسواءِ ٻيون سموريون پارٽيون شامل ٿي ويون يا وري ان جي اخلاقي حمايت جو اعلان ڪري ڇڏيو هئو. پيپلزپارٽي ڇو هن مجلس عمل ۾ شامل نہ ٿي، انهيءَ جو ڪارڻ اهو هيءَ هئو تہ پٽي جو پنهنجو پارٽي پروگرام هئو، هن هڪ نئون آواز ۽ معاشي پروگرام ڏنو هئو جنهن جي اولهہ پاڪستان جي ماڻهن ۾ اڳيئي زبردست حمايت حاصل ڪري ورتي هئي تنهنڪري هن ان مجلس عمل ۾ شامل ٿيڻ مناسب نہ سمجهيو. هڪ ڪارڻ اهو بہ هئو تہ هيڏي حمايت حاصل هوندي بہ پارٽين جي هجوم ۾ گم ٿيڻ جي ڪري اهو گمان هئو تہ پيپلز پارٽي پنهنجي اهميت وڃائي ويهي تنهنڪري هن لحاظ کان ڀٽي جو فيصلو وقت سر ۽ دانائي ڀريو هئو.

بهرحال، انهيءَ کان اڳ جو ايوب خان ڪنهن مثبت قدم جو اعلان ڪري، سياسي جماعتن پنهنجي اعلان ڪيل پروگرام تي عمل ڪرڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪري ڏني. ٻين لفظن ۾ پڄاڻيءَ جي شروعات ٿي چڪي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 33

# ايوب جا آخري ڏينهن، ڀٽي جي آمد آمد يحيٰ خان جي اينٽري، مجيب فيڪٽر

ايوب خان هٿين خالي موٽي اسلام آباد پهتو هئو پر ذوالفقار علي ڀٽي کي جيڪو ڪرٽو هئو سو ڪري چڪو هئو. ٻاهر کان واپسي کانپوءِ ڀٽي ايوب خان ۽ سندس ”درٻارين“ خلاف تنقيد جا دريا کولي ڇڏيا هئا. مجيب جيل ۾، ايوب بيمار، ڀٽو 1968ع جي سموري عرصي دوران سڀ کان زوردار آواز بنيل هئو. سموري ملڪ جو دورو ڪيائين پر هن ابتدا. سنڌ مان ڪئي. لاڙڪاڻي، خيرپور، ميرپور خاص سيني هنڌ ڀرپائين تمام ننڍين گڏجاڻين ۾ پوءِ وڏن جلسن کي خطاب ڪندو ڀٽي ويو ۽ سندس نشانو ايوب خان جون پاليسيون، سندس ساٿي ۽ صلاحڪار هئا.

ڀٽي جي تقريرن ۾ ٻه ڳالهيون خاص طور فڪر لائق هيون: هڪ ته ايوب خان جي پاليسين ملڪ کي تباهي جي ڪناري تي آڻي بيهاريو آهي، ٻيو ته هن غريبن کي پيهي ڇڏيو آهي. هن جي تقريرن ۾ ولولو ۽ جوش هئو. ماڻهن جو هجوم هر نئين ڏينهن وڌندڙ ٿي ويو. هو هڪ کان ٻئي نڪتي تي ايوب خان خلاف نت نئين ڳالهه بيان ڪندو هئو:

> ”... ڇا اهو قدرت جو اڻ مٽ قاعدو آهي ته اسان جا ماڻهو سدائين بک، بيروزگاري، بنا اجهي ۽ بنا علاج گذارين... ماڻرن جي ڇاتين مان پنهنجن ٻارن لاءِ کير سڪي ويو آهي ۽ بيروزگاري مردن جي اکين مان لڙڪ سڪائي ڇڏيا آهن.“

ڀٽي جو پنهنجو انداز هئو. ٻن سالن کانپوءِ هو لاهور پهتو. ريلوي اسٽيشن تي هزارين آجيان ڪندڙ آڏو پنهنجو ڪوٽ لاهي ماڻهن ۾

اچلائي چڙهايائين. انهيءَ منظر ماڻهن کي ايترو متاثر ڪيو جو هو ديوانه وار نعرا هڻڻ لڳا. چاليهه منٽن جي هن تقرير ۾ باهه هئي جيڪا هر شعلي سان ايوب خان جي اقتدار کي لهس پهچائي رهي هئي. ايوب خان اهو غور سان ڏسي رهيو هئو ۽ ان ڪانپوءِ کيس جلدي احساس ٿيو ته هن ”باغي نوجوان“ کي باهر ڇڏڻ خطرناڪ هوندو. 12 نومبر 1968ع تي ڀٽي کي ڊي پي آر هيٺ گرفتار ڪري ميانوالي جيل ۾ رکيو ويو ۽ باهر ايوب خان پنهنجي لاءِ ليڊرن کان مهلت گهري رهيو هئو.

ساري ملڪ ۾ ڀٽي جي حمايت ۾ مظاهرا شروع ٿي ويا. هر هنڌ پوليس ۽ مظاهرين جون ڇڪريون ٿينديون رهيون. هزارين نوجوان ۽ پوڙها گرفتار ٿي ويا پر ايوب خان پنهنجي گورنر موسيٰ خان جي رپورٽن تي بظاهر ڏاڍو اطمينان سان ويٺو هئو. پر اندر جي چوراکورا لڪائي ڪونه پئي سگهيو. نيٺ ڀٽي لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ پنهنجي گرفتاري کي چئلينج ڪيو. پنجين فيبروري 1969ع تي هن ڪورٽ ۾ ڊگهو حلفيه بيان داخل ڪيو جنهن ۾ سمورا الزام رد ڪيا ته هن ڪو سرڪاري راز ظاهر ڪيا آهن ۽ نه وري ماڻهن کي برغلائي ڪنهن قانوني حڪومت ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر گهٽين ۾ اٿندڙ آواز حڪومتي مشنري جي رشوت خوري، بدنظمي ۽ غربت جو آواز آهي. اهو ثابت ڪري ٿو ته ايوب خان ڪيترو مقبول آهي. اسان جا ماڻهو هڪ بهتر زندگي گهرن ٿا.

اوڻويهه سو اٺهٺ جا آخري ۽ 1969ع جا اوائلي مهينا ايوب خان خلاف نفرت جو ڇڙڪ سمنڊ اٿلي پيو. ايوب خان براهه راست ڪلئي عام جلسي ۾ تقرير ڪري وضاحت ڪرڻ جي حق ۾ به ڪونه هئو. انهيءَ ڪري ته متان ڪوئي ماڻهو کيس پنهنجي گولي جو نشانو نه بنائي ڇڏي يا سندس تقرير موڙگو سندس عدالت ئي کلي نفرت آميز هنگامن جي شڪل ۾ آڏو اچي. فوج اڃا سندس قبضي ۾ هئي پر هو عام ماڻهن تي گولي هلائڻ جي جي حق ۾ ڪانه هئي. بلڪ اصغر خان جيڪو اڃا تازو سياست ۾ داخل ٿيو هو تنهن ايوب خان کي مشورو ڏنو ته فوج کي سياست کان پاسيرو رکي.

ڊسمبر 1968ع کان وٺي فيبروري 1969ع تائين پوري ملڪ ۾ زبرست مظاهرا پکڙجي ويا. اوڀر پاڪستان ۾ ته پاشاني گهيراوُ جلاوُ جي مهم کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيز ڪري ڇڏيو. سوين عام ماڻهن جون جانيون ضايع ٿي ويون. سوين سرڪاري عمارتون، گاڏيون ۽ بئنڪون ساڙيون ويون. شهرن ۾ ڪرفيو لڳڻ روز جو معمول بنجي ويو هئو. اولهہ پاڪستان مان خاص ڪري هٿياربند دستا اوڀر پاڪستان موڪليا ويا تہ جيئن هو امن امان بحال ڪري سگهن. انهيءَ ٻرندڙ باهہ تي تيل جو ڪم ڪيو. هاڻي ننڍي توڙي وڏي ليڊر وات اها وائي هئي تہ اوڀر ۽ اولهہ پاڪستان ٻہ ڌار ڌار رياستون هئڻ گهرجن. ايوب خان جي من ۾ آيو تہ هڪ ڀيرو ٻيهر مارشل لا لڳائي ڇڏي پر وري انهيءَ ڳالهہ تان هٽي ويو تہ متان انهيءَ تان وڏو ممڻ مچي وڃي.

فيبروري 1969ع جي ٻئي هفتي، پيٽي کي ميانوالي جيل مان آزاد ڪيو ويو ۽ هو سڌو لاڙڪاڻي ويو جتي ٻہ ڪيس پنهنجي گهر المرتضيٰ ۾ نظربند رکيو ويو. ٻيا ليڊر اڃا جيلن ۾ بند هئا. نيٺ 14 فيبروري تي ڀٽي پنهنجي نظربندي دوران اعلان ڪيو تہ ڊاڪٽر مبشر حسن، مصطفيٰ کر ۽ ٻيا سندن آزادي ۽ ايوب خان جي آمرانہ حڪمن جي خلاف بک هڙتالون ڪندا. ٽن ڏينهن ڪانپوءِ ڀٽو، سندس پارٽي جا قريبي دوست، ولي خان سيني کي آزاد ڪيو ويو. هاڻي ايوب خان سنجيدگي سان سوچڻ لڳو تہ هن آزار مان ڪنهن مان پرئي طريقي سان ڪيئن نڪرجي سو پنهنجن فوجي سربراهن ۽ ويجهن ساٿين جي پراڻي صلاح تي عمل ڪرڻ لاءِ ويچارڻ لڳو.

هاڻي صرف رسمي ڳالهين جو وقت ڪونہ رهيو هئو تنهنڪري ايوب خان هڪ گول ميز ڪانفرنس واري تجويز تي ويچارڻ لڳو. 21 فيبروري 1969ع تي ايوب خان اعلان ڪيو تہ هو ٻيهر چونڊن جي لاءِ اميدوار نہ هوندو.(1) ٻئي ڏينهن شيخ مجيب الرحمان کي آزاد ڪيو ويو. ايوب خان چاهيو پئي تہ جيترو جلد ٿي سگهي گول ميز ڪانفرنس سڏائي وڃي پر مختلف ليڊرن جو مختلف رويو هئو. سردار شوڪت حيات، ممتاز محمد خان دولتانہ ۽ ڪجهہ ٻين ليڊرن تاريخ جي اعلان ڪانسواءِ ئي ڪانفرنس ۾ شرڪت کان انڪار ڪري ڇڏيو هئو. بلڪ دولتانہ چاهيو تہ هينئر ديوار ڪمزور ٿي چڪي آهي تنهنڪري ان کي آخري ڌڪ ڏيڻ

(1) انهيءَ ڏينهن صبح جو 11 بجي ايوب خان پنهنجي مک صلاحڪار سيد فدا حسن کي گهرايو. چند منٽن جي هن ملاقات کان پوءِ ريڊيو تان هن تقرير نشر ڪئي ۽ چيو تہ هو ايندڙ چونڊن ۾ اميدوار ڪون هوندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي گهرج آهي. ڪجھ ليڊرن جي متضاد بيانن ۾ بائيڪاٽ جي اعلان ڪري گول ميز ڪانفرنس رولڙي ۾ پئجي ويئي هئي پر پوءِ مجيب جي اعلان ڪانپوءِ ڪانفرنس ڪجھ ٿيندي نظر اچڻ لڳي. پهريون رائونڊ 26 فيبروري تي شروع ٿيو. جيڪو مختصر هئو. هن ۾ ليڊرن جي تقريرن کان اڳ ايوب خان پنهنجي پوزيشن واضح ڪرڻ تي گهري:

"مون کي پنهنجا خيال هئا ۽ انهن تي ئي آئين تيار ڪيو ويو هئو. ممڪن آهي تہ اهي خيال تمام اميد افزا هئا يا ممڪن آهي تہ آءُ غلط هجان. هاڻي اوهان تي آهي تہ اوهان انهيءَ قوم جو رخ طئي ڪريو ۽ هيءُ ياد رکجو تہ اسان مان گهڻا ڪونہ هوندا تنهنڪري اهڙو نظام هجي جيڪو ملڪي مفاد محفوظ رکي." (1)

انهيءَ تقرير ڪانپوءِ اجلاس ختم ٿي ويو. ليڊرن چاهيو ٿي تہ هو عيد جون موڪلون پنهنجن گهرن ۾ گذارين تنهن ڪري ڪانفرنس 10 مارچ تي سڏائڻ جو اعلان ڪيو ويو. ايوب خان چاهيو ٿي تہ انهيءَ روداد جي هڪ پريس پڌرائي جاري ٿئي پر پنهنجي ڪابينہ جي صلاح تي اها روڪي ويئي. مجيب شرڪت ڪرڻ جي خاطري ڏياري هئي. جڏهن تہ ڀٽي ۽ ياشاني بائيڪاٽ ڪرڻ جو اعلان ڪيو هئو. ولي خان بہ شرڪت ڪئي. ڏهين مارچ تي ڪانفرنس راولپنڊي ۾ شروع ٿي تہ شيخ مجيب تقرير ڪئي جڏهن هن پنهنجا ڇھ نڪتا پيش ڪري ڇڏيا. مجيب ڪانپوءِ ٻين ليڊرن ۾ ڳالهايو پر نيٺ ايوب خان تقرير ڪئي:

ايوب خان وچ ۾ هڪ مختصر سوال ڪيو: "اوهان جي ذهن ۾ گهڻيون حڪومتون آهن؟"

"ٽي" مجيب وراڻيو.

"ٽين حڪومت تہ آءٌ ڪونہ ٿو ڏسان" ايوب خان وراڻيو.

نيٺ ڪانفرنس مقرره 12 مارچ واري حد کان اڳري ويئي ۽ چار ڏينهن هلي. چوٿين ڏينهن ايوب خان ڪانفرنس ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ صاف لفظن ۾ چيائين تہ ون يونٽ ڪونہ ٽوڙيو ويندو ۽ نہ وري هڪ ماڻهو هڪ ووٽ جو نظام قبوليو ويندو البتہ پارليماني نظام قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهي. ڪانفرنس بنا نتيجي جي ختم ٿي ويئي. گهڻن تہ واھ واھ ڪئي پر شيخ مجيب مات ۾ رهيو ۽ ٽن ڪلاڪن ڪانپوءِ هن

(1) شبير حسين، سيد. ايوب. پٺوايند ضياءَ. ص 114

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جمهوري اتحاد (DAC) مان نڪرڻ جو اعلان ڪيو. ٿوري دير ڪانپوءِ ايئرمارشل اصغر خان پنهنجي جسٽس پارٽي ناهڻ جو اعلان ڪيو ۽ نوابزاده نصر الله خان جمهوري اتحاد کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ڇڏڪ اهو ڏينهن گهٽ ئي تاريخي فيصلن جو ڏينهن ۽ پاڪستاني سياستدانن لاءِ هڪ نئين رخ مقرر ڪرڻ جو ڏينهن هئو.

ڪمانڊر انچيف جنرل يحيٰ خان جون نظرون گول ميز ڪانفرنس، ان جي ڪارروائي ۽ نتيجن تي ڪتل هيون سو ڏاڍو مصروف نظر اچي رهيو هئو. وزير قانون، ڪانفرنس ۾ ٿيل تقريرن جي روشني ۾ آئين ۾ ترميمون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون هيون پر اهي بي موقع هيون ڇاڪاڻ ته ڪانفرنس ۾ ڪو به فيصلو ڪونه ٿيو هئو. بهرحال، ايوب خان پنهنجي پر ۾ ڪجهه ڪرڻ گهريو ٿي. 15 مارچ تي هن يوسف هارون کي اولهه پاڪستان جو گورنر مقرر ڪري ڇڏيو. يوسف هارون شيخ مجيب جو دوست هئڻ ڪري ايوب خان جو شايد خيال هئو ته انهيءَ سان به ناهه جي ڪا راهه نڪري اچي. بهرحال اهو سوچڻ ڏکيو هئو. چند ڏينهن ڪانپوءِ 21 مارچ تي ايوب خان ڊاڪٽر اين ايم هدي کي اوڀر پاڪستان جو گورنر مقرر ڪري ڇڏيو. هدي به شيخ مجيب جي دوستن مان هئو.

چئن ڏينهن ڪانپوءِ يعني 25 مارچ تي ايوب خان فوج جي ڪمانڊر انچيف جنرل يحيٰ خان کي گهرايو ۽ هڪ خط هٿ ۾ ڏيئي چيو ته هو اقتدار سنڀالي ڇاڪاڻ ته هو ملڪ جي تباهي جو شاهد ٿيڻ نٿو گهري. يحيٰ خان ايندي شرط آئين ٽوڙي ڇڏيو، ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي پاڻ چيف مارشل لا ائڊمنسريٽر ٿي ويهي رهيو ۽ پنجن ڏينهن ڪانپوءِ صدر جو عهدو به سنڀالي ورتو. هن به ايوب خان وانگيان اعلان ڪيو ته هو هتي سياست ۾ ترسڻ ڪونه آيو آهي پر هو چونڊون ڪرائي واپس هليو ويندو.

ايوب خان جي انهيءَ طرح وڃڻ ۽ يحيٰ خان جي اچڻ بابت گهٽيئي ڳالهيون مشهور ٿيون جن ۾ هڪ ڳالهه هيءَ به ئي ته ايوب خان اهو فيصلو هفتو ڪن اڳ ڪري چڪو هئو پر هن چاهيو ٿي ته چند ڏينهن انتظار ڪري حالتن جو جائزو وٺي، جيڪي ڪڏهن ڪونه نهيون. پر گهڻن جو خيال آهي ته يحيٰ خان کي تڪڙ هئي جنهن ايوب خان جي، بيمار ٿيندي ئي تياري شروع ڪري ڏني هئي بلڪ هن ايوب خان جو ٻاهرين دنيا سان رابطو ڪٽي ڇڏيو هئو. انهيءَ جي بدران پنڻي ۽ مجيب کي پنهنجو ساٿي بنائي انهن سان صلاح مشورو ڪرڻ ۾ مصروف رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلڪ گول ميز ڪانفرنس دوران يحيٰ خان شيخ مجيب سان ڳجهيون ملاقاتون ڪيون هيون. نشري تقرير به رڪارڊ ڪرائي ڇڏي هئي.

بهرحال، يحيٰ خان ڪي خط ۾ ايوب خان به تي ڳالهيون لکيون جيڪي عام طور هو چوندو پئي آيو. هن ۾ هڪ ڳالهه هئي ته شهري انتظاميه جي ناڪامي ڪانپوءِ مون تمام ڏک سان فيصلو ڪيو ته ڪناره ڪش ٿيان ۽ فوج کي ذميداري ڏيان جيڪا اڄ موثر اداري طور ڪم ڪري رهي آهي. هن اهو به لکيو ته ڪي تمام سيڪاريل عناصر ملڪ ۾ ڪم ڪري رهيا آهن پر انهن ڏانهن اشارو ڪونه ڪيو ته اهي عناصر ڪير آهن. انهيءَ ساڳي خط ۾ روايتي طور اهو چيو ته فوج جو ڪم ملڪ جي طبعي سرحدن جي حفاظت سان گڏ نظرياتي سرحدن جي به حفاظت ڪرڻي آهي تنهن ڪري آءُ چاهيان ٿو ته اهو فرض اوهان سنڀاليو.

مارشل لا لاڳو ڪرڻ جي پورن 15 ڏينهن ڪانپوءِ هن سياستدانن سان ملڻ ۽ مسئلن جو حل ڳولڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڏني. هوندئن ته هر ڊڪٽيٽر اهڙائي اعلان ڪندو هئو پر يحيٰ خان ايندڙ ڏينهن ۾ ثابت ڪري ڏيکاريو ته هو پنهنجن اعلانن تي قائم رهيو. 23 اپريل تي هن لاهور ۾ مولانا مودودي، ميان ممتاز دولتانه، سردار شوڪت حيات، نوابزاده نصر الله خان وغيره سان ملاقاتون ڪيون ۽ مختلف مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي.

انهيءَ وچ ۾ اوير پاڪستان ۾ طوفان اچي ويو. يحيٰ خان اهو موقعو هٿان نه وڃايو. هن چاهيو ٿي ته بنگالي ليڊرن جا خيال معلوم ڪري ۽ جيڪڏهن ٿي سگهي ته ساڻن ڪا ناهه جي ڪا صورت ڪڍي. پٺو، اسلام آباد هليو ويو ۽ اتان وڃي ملڪ جي حالتن جو نظارو ڪيائين. بهرحال، هن جا يحيٰ خان سان ڪي خراب ناتا ڪونه هئا تنهنڪري اهو اطمينان هئس ته ڪنهن به مسئلي تي ساڻس ڳالهائي سگهجي ٿو. ڍاڪا ۾ يحيٰ خان، نورالامين، عطاء الرحمان، چوڌري حميد الحق، محمود علي ۽ شيخ مجيب الرحمان سان ملاقاتون ڪيون. بنگالي ليڊرن يحيٰ خان آڏو اهي ئي ڳالهيون رکيون جيڪي ايوب خان کي گول ميز ڪانفرنس تائين چوندا آيا هئا. بهرحال اهي ڪنهن نتيجي تي پهچڻ کان اڳ ختم ٿي ويون. يحيٰ خان انهيءَ صورت کان به مايوس ڪونه ٿيو ۽ چيائين ته مسئلن جو ڪونه ڪو حل ڳولهڻ گهرجي. مئي جي وچ ڌاري لاهور ۾ هن وري اولهه پاڪستان جي ليڊرن سان ملاقاتون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيون پر اهي بہ لاحاصل ثابت ٿيون.

ليڊرشپ جي تبديلي ۽ آئين جي معطلي وري بہ سموري دنيا ۾ دلچسپي پيدا ڪري وڌي ۽ ڪئين ليڊرن پاڪستان جو رخ ڪيو. 24 مئي تي امريڪي وزير خارجہ وليم راجرس پهتو پر هو اچا ويوئي مس تہ چئن ڏينهن ڪانپوءِ روسي وزير اعظم اليڪسي ڪسيگن پهتو. ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ امريڪي صدر نڪسن لاهور آيو ۽ پنهنجي هڪ ڏينهن واري قيام ۾ يحيٰ خان سان ملاقات ڪئي. يحيٰ خان سيني سان ڳالهين ۾ ڪشمير جي مسئلي تي ڳالهايو پر هر هڪ علائقي ۾ امن امان جي ڳالهہ ڪندو هليو ويو. سپ ڪان اهم مسئلو گهريلو جهنجهٽ هئو.

يحيٰ خان، صاف سڌو ماڻهو هئو پر هن جو مسئلو بہ بيوروڪريسي هئو. تنهن هوندي بہ هو گهٽي ياڳي هنن تي چانيو رهيو. هن کي خبر هئي تہ اوير پاڪستان جي ليڊرن سان مسئلو نبيرڻ ڪانسواءِ پاڪستان ۾ سياسي مونجهارا حل نہ ٿيندا ۽ ايوب خان پنهنجي ساڍا ڏهہ سالن واري حڪومت دوران اهڙا ويچا پيدا ڪري ويو هئو جو هاڻي بنگالي سياستدان ڪا سهولت ۽ رعايت ڏيڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا. وچ جولاءِ ڌاري هو وري ڍاڪا ويو ۽ اتيئي ڳالهين بعد ڪنهن گول ميز ڪانفرنس سڏائڻ جهڙي تجويز کي رد ڪري ڇڏيو. پر انهيءَ سان گڏ اهو اعلان ڪيو تہ هو پنهنجون تجويزون پاڻ پيش ڪندو. 28 جولاءِ تي يعني اقتدار سنڀالڻ جي چئن مهينن ڪانپوءِ هن اوير پاڪستان جي جسٽس عبدالستار کي چيف اليڪشن ڪمشنر مقرر ڪري ڇڏيو. انهيءَ سان گڏ هڪ وزارتي ڪائونسل مقرر ڪرڻ ۽ دير، سوات ۽ چترال کي سرحدي علائقن ۾ شامل ڇڏيو. هاڻي اهو واضح ٿي ويو هئو تہ يحيٰ خان چوندن ڪرائڻ ۾ ايماندار رهئو.

هيڏانهن سنڌ ۾ ون يونٽ جي خلاف هلايل مهم کي هٿي ملي ويئي، ڇاڪاڻ تہ ان جو خالق ايوب خان هاڻي منظر عام ۽ اقتدار ۾ ڪونہ رهيو هئو. پر ڪامورا شاهي اڃا بہ ڪنڌون ڪٽي رهي هئي ۽ ڪنهن آني بهاني قوم پرستن ۽ ون يونٽ جي مخالفن تي جلهون ڪندي رهي ٿي. جي ايم سيد، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، ڪامريڊ غلام محمد لغاري، يوسف لغاري، رسول بخش پليجو اديب، شاعر، اخبار وارا ۽ انيڪ شاگرد ليڊر هن ميدان ۾ لٿل هئا ۽ سيني جو خيال هئو تہ هينئر وقت آهي ڇاڪاڻ تہ آثار اهي هئا تہ يحيٰ خان پنهنجن ارادن ۾ نيڪ نيتي جو مظاهرو ڪري رهيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 34

## يحيٰ خان جي نيت، نئون ايل ايف او پٽي چاڙهي ڇاهيو، آخري ڪوششون

يحيٰ خان جي باري ۾ گهڻئي ڳالهيون مشهور ٿي ويون هيون جن ۾ هن جي اٿڻ ويهڻ کان وٺي هن جي ذاتي مشغلن تائين سموريون سرگرميون شامل هيون پر هن جي سياست جي باري ۾ اهڙو ڪو گمان ڪونه ٿي پيدا ٿيو ته هو پنهنجي اعلان ۾ ڪيل وعدن تان ڦري ويندو. ستاويهين آگسٽ تي هن اليڪشن ڪميشن کي حڪم ڏنو ته ووٽر لسٽون نئين سر ٺاهيون وڃن ۽ اهي جون 1970ع تائين بنهه تيار هجن. جمهوري حلقن انهيءَ اعلان جو خير مقدم ڪيو پر سنڌ ۾ انهيءَ تان ڪئين ڳالهيون هلي ويون. انهيءَ جو وڏو ڪارڻ اهو هو ته اهي صرف اردو ۾ تيار ٿيڻيون هيون، جڏهن ته سنڌي ٻالا برصغير ۾ پنهنجي ٻولي ۽ هيئت جي لحاظ کان نرالي گهاڙيٽي واري ٻولي هئي تنهن ڪري رسول بخش پليجي ۽ ٻين قوم پرست ليڊرن انهيءَ لاءِ ڏار مهم هلائي ته ماضي وانگيان اردو سان گڏ سنڌيءَ ۾ ووٽ فهرستون تيار رکيون وڃن نه ته انهيءَ سان گهڻيئي ووٽر محروم رهجي ويندا جنهن جو اثر چونڊن جي نتيجن تي پئجي سگهي ٿو.

انٽيليجنس کي معلوم هئو ته هي مطالبو حقيقت تي مبني هئو ۽ ان تي سڄي سنڌ هڪ آهي. تنهن مٿي رپورٽ ڪئي ته هن مسئلي کي وڏيڪ هنگامي جي گهرج ڪانهي ۽ واقعي ٿيو به ائين ته يحيٰ خان اها ڳالهه مڃي ورتي، جنهن سنڌ جي صورت حال تي چڱو وڏو پر ون يونٽ جي خلاف هلندڙ تحريڪ ۾ روزانو واڌ ٿي رهي هئي. اندروني رپورٽون اهي هيون ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يحيٰ خان انهيءَ مطالبي تي سنجيدگي سان غور ڪري رهيو هئو.

اوڀٽيهين سيپٽمبر 1969ع تي يحيٰ خان اوڀر پاڪستان جو دورو ڪيو ۽ واچوڙي وانگيان سمورن علائقن ۾ چڪر ڏيئي اهو اعلان ڪيو ته هو سمورن ليڊرن سان ملي سياسي مسئلن جو حل تلاش ڪرڻ گهري ٿو. اڪتوبر ۾ شيخ مجيب لنڊن جو دورو ڪيو ۽ اتي رهندڙ اولهه پاڪستان توڙي اوڀر پاڪستان جي ليڊرن سان ملاقات ڪري متن واضح ڪيو ته اوڀر پاڪستان جو ڊار ٿيڻ ضروري آهي. يحيٰ خان کي انهن ملاقاتن ۾ مجيب جي خيالن جي پوري رپورٽ ملي چڪي هئي پر هو اهڙي موڙ تي هئو جنهن تي هن کي اهم فيصلا ڪرڻا هئا.

ايوب خان جي هوندي، يحيٰ خان، مجيب ۽ ڀٽي ٻنهي سان ملاقاتون ڪندو رهندو هئو ۽ ڪانئن سندن خيال معلوم ڪندو رهندو هو، سو گهڻو فڪر مند ڪونه ٿي لڳو. نيٺ هن 28 نومبر تي تاريخي تقرير ڪئي جنهن ۾ هن پنهنجا سمورا پتا ماڻهن جي آڏو رکي ڇڏيا. گول ميز ڪانفرنس کي ايوب خان جن ٻن ڳالهين جي ڪري ناڪام ڪري ڇڏيو هئو، يحيٰ خان اهي قبولي ورتيون. اهي هيون: هڪ ماڻهو هڪ ووٽ ۽ ون يونٽ جو ٽٽڻ. ٻئي ڳالهيون عوام جي گهرجن وٽان هيون. هڪ ماڻهو هڪ ووٽ فطري سرشتي وٽان هئو جنهن ڪري انهيءَ سان ايوب خان اوڀر پاڪستان جي اڪثريت کي مصنوعي طريقي سان اقليت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هئو. سا بحال ڪئي ويئي هئي ۽ ظاهر آهي ته انهيءَ مطالبي پوري ٿيڻ سان اوڀر پاڪستان جي ليڊرن ۽ ماڻهن کي پنهنجن حقن جو حصول نظر اچڻ لڳو.

ون يونٽ جي خاتمي پنجاب کانسواءِ اولهه پاڪستان جي سڀني صوبن جي مطالبي کي پورو ڪيو. يحيٰ خان پنهنجي تقرير ۾ جنهن ريت ون يونٽ جي خاتمي جو اعلان ڪيو هو سو به عجيب هئو يعني هي ته "ون يونٽ هڪ فرمان جي ذريعي آيو هئو ۽ اهو هڪ فرمان جي ذريعي ختم ڪيو پيو وڃي." هن اعلان ننڍن صوبن، خاص ڪري سنڌ ۾ يحيٰ خان جي لاءِ عزت پيدا ڪري وڌي. پر اڃا ڪئين خدشا هئا جن جي باري ۾ سياسي ڌرين کي هوشيار رهڻو هئو مثلاً ون يونٽ نهڻ وقت صوبن جا جيڪي اثاثا هڪ هنڌ گڏ ڪيا ويا هئا تن جو ڇا ٿيندو، ملازمتن ۾ جيڪا سينارٽي هئي تنهن جو ڇا ٿيندو، ون يونٽ جي دوران سنڌ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اثاثن کي جنهن بي دريغ طريقي سان يڪ طرفو ڪتب آندو ويو تنهن جو ڇا ٿيندو. بهرحال اهي سوال تمام ڳوڙها هئا، تن کي حل ڪرڻ لاءِ فوري طور ڪو حل سامهون ڪونہ هئو ۽ نہ وري سنڌ جي بيوروڪريسي يا سياستدانن ۾ اهڙا ڪي محب وطن هئا جيڪي انهن مسئلن کي ڪٽي 16 سالن جي ون يونٽ واري ڦرلٽ جو ازالو ڪرائين. في الحال تہ اعلان سنڌي قوم پرستن، شاگرد تنظيمن ۾ خوشيءَ جي لهر پيدا ڪري ڇڏي هئي. هڪ ڪميٽي رد عمل طور ناهي ويئي هئي جيڪا اولهہ پاڪستان جي پراڻن صوبن کي 1- جولاءِ 1970 کان بحال ڪري.

يحيٰ خان، انهي سان گڏ اهو اعلان بہ ڪيو تہ چونڊن جي 120 ڏينهن اندر قومي اسيمبلي نئون آئين ٺاهيندي. پهرين جنوري 1970ع کان ملڪ ۾ سمورين سياسي سرگرمين جي اجازت ڏني ويئي هئي. انهيءَ جي لاءِ 21 ڊسمبر تي ”پوليٽيڪل ايڪٽوٽيز رگيوليشن“ لاڳو ڪيو ويو جيئن سموري انتخابي مهم پرامن طريقي هلائي وڃي.

هڪ پاسي ڀٽو، اولهہ پاڪستان ۾ طاقت تي ابري رهيو هو، ٻئي طرف شيخ مجيب پنهنجن ڇهن نڪتن تي قائم هئو. بهرحال، 31 ڊسمبر تي ايوب خان، مسلم ليگ (ڪنوينشن) جي صدر طور سمورا اختيارات نائب صدر فضل القادر چوڌري جي حوالي ڪري پاڻ آجو ٿي ”تماشو“ ڏسڻ لڳو.

ٻئي ڏينهن کان تہ سموري ملڪ ۾ جهٽڪ نئين سر سياست جنم ورتو هئو. سالن کان گوشہ نشين سياستدان ان ۽ سنڌن ورڪر ميدان تي نڪري آيا هئا. اوڀر پاڪستان ۾ ياشاني سوشلزم جو کليو نعرو هڻي سرمايہ دارانہ نظام جو خاتمو آڻڻ جا وعدا ڪري رهيو هئو. مجيب جي سموري سياست ڇهن نڪتن تي ڦري رهي هئي. اولهہ پاڪستان ۾ ڀٽو سڄي ملڪ جا دورا ڪري اسلامي سوشلزم، روٽي، ڪپڙا اور مڪان جي نعرن سان لکين. ماڻهن کي ڇڪي، رهيو هئو. مسلم ليگ جي پنهنجي اندروني جنگ جيڪا ايوب خان شروع ڪري ويو هئو سا کليل ميدان ۾ اچي چڪي هئي. محمد ايوب کهڙو بہ نڪري نروار ٿيو هو سو پنهنجي پراڻي هم رڪاب ميان ممتاز دولتانہ سان وڃي مليو. خان عبدالقيوم خان بہ پنهنجي ڪني ڏار ڇاڙهي، اصغر خان بہ رري سياست ۾ شامل ٿي ويو.

انهيءَ سموري آيار ۾ نمايان بہ ڳالهيون هيون. اوير پاڪستان ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجيب ۽ سندس ساٿاري جيڪي ڇهن نڪتن پويان وڏ ۾ وڏ خودمختياري گهري رهيا ها ۽ اولهہ پاڪستان ۾ ذوالفقار علي ڀٽو. جنهن ڇهن ئي ڪنهن نڪتي کي ڇڏي صرف معاشيات جي ڳالهہ تي ڪئي. ماڻهن جي هجوم کي ڏسي سنڌ جي زميندارن ۽ پنجاب جي چوڌرين کي اچي پنهنجي سر جي لڳي. کين پنهنجو مستقبل اونداهو نظر اچڻ لڳو پر اها سندن ڀل هئي، ڇاڪاڻ تہ اڳتي هلي جڏهن ڀٽي جي پيپلز پارٽي ڪٺيو ۽ ڀٽو اقتدار جي گاديءَ تي ويٺو تہ اهي ئي سرمائيدار ڪيس اهڙيءَ طرح گهيري ويا جو ڀٽي کي پنهنجن ڪيل وعدن کي عمل ڪرڻ جو وجهہ ئي نہ مليو. بهرحال، اهو ڌار بحثِ آهي تہ ڀٽو انهيءَ پروگرام تي عمل ڪرڻ ۾ ڪيستائين ڪامياب ويو پر سچ هيءَ آهي تہ پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون گهمرو ليڊر ماڻهن جي پويان هلڻ لڳا ۽ انهيءَ ڪري ڪئين ڀٽي جا حامي بنجي ويا ها.

ايوب خان جي گول ميز ڪانفرنس کان وٺي يحيٰ خان جي سنڀالڻ تائين، ڀٽي گهڻو وقت لاڙڪاڻي ۾ گذاريو پر انهيءَ وقت دوران هن جنرل جي - ايم پيرزادي سان تعلقات کي قريب رکيو هئو. جنرل پيرزادو، ڀٽي جو مداح بہ رهيو هئو ۽ يحيٰ خان جو پرنسپل اسٽاف آفيسر بہ هئو. يعني يحيٰ خان جي قريب ترين ماڻهن مان هئو جنهن جو ڪم صدر جي روزمره جي پروگرام کي مرتب ڪرڻ، بلڪ هن جي هر اچ وڃ کي ريگيوليٽ ڪرڻ هو. انهيءَ جو فائدو هي ٿيو جو، ڀٽو، جنرل پيرزادو ۽ جنرل يحيٰ خان ٽئي ڄڻا تقريباً هم خيال ٿي ويا هئا ۽ هو هڪ نظر ۾ مجيب جي هر قدم هر ڳالهہ کي غور سان ڏسندا هئا.

چند ڏينهن ڪانپوءِ انتخابي سرگرمين جي ڪري اوير پاڪستان ۾ جماعت اسلامي ۽ عوامي ليگ جي حمايتين ۾ جهڙپون شروع ٿيون ۽ پوءِ اولهہ پاڪستان جي مختلف شهرن ۾ ٿيڻ لڳيون جيڪي پولنگ جي آخري ڏينهن تائين جاري رهيون. پوليس گرفتاريون ڪندي پر وري ڇڏي ڏيندي هئي ڇاڪاڻ تہ هنگاما ايتريقدر وڌي ويا جو ٿاڻن ۾ رکڻ جي جاءِ ڪانہ هئي. بهرحال، يحيٰ خان انهيءَ تي بضد هئو تہ چونڊون ٿي ئي رهنديون پوءِ ان جي لاءِ ڪيتري مشڪلات جو منهن ڏسڻو پئي.

ويهين مارچ 1970ع تي ليگل فريم ورڪ آرڊر جاري ڪيو ويو جنهن ۾ چونڊن جو پروگرام، اسيمبلين جا اختيار، آئين سازي جو پروگرام ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيا اهم نڪتا بيان ڪيل هئا. هن آرڊو جون ڪجهه خاص ڳالهيون هيءَ هيون: قومي اسيمبلي ۾ 313 سيٽون هونديون جن مان 13 سيٽون خواتين لاءِ مخصوص هونديون.

☆ آبادي جي آڌارتي هنن مان 169 سيٽون اوڀر پاڪستان لاءِ هونديون ۽ باقي سيٽون اولهه پاڪستان لاءِ هونديون.

☆ ڪاتا ورهائڻ وقت وڌ ۾ وڌ صوبائي خودمختاري ڏني ويندي.

☆ هڪ مدت ۾ اڻ برابري ختم ڪئي ويندي.

☆ اسلامي نظريه کي سامهون رکيو ويندو، ان جي خلاف ڪوبه قدم نه کنيو ويندو.

☆ صوبائي خودمختاري، مرڪزي وفاق جي حدن اندر رهي ڏني ويندي ته جيئن پاڪستان جي سالميت کي ڪو خطرو نه پهچي.

☆ قومي اسيمبلي 120 ڏينهن اندر نئون آئين تيار ڪندي، جيڪڏهن انهيءَ ۾ ناڪام ويئي ته اسيمبلي ٽوڙي ويندي ۽

☆ صدر کي قومي اسيمبلي جي پاس ڪيل آئين جي منظور ڪرڻ ۽ رد ڪرڻ جو اختيار هوندو.

پيون ڳالهيون ته گهٽي بحث هيٺ ڪونه آيون پر صدر جي انهيءَ اختيار ته هو آئين کي منظور يا نامنظور ڪندو، کي او ڀرپاڪستان. ڀرئين ئي اعلان ۾ رد ڪري ڇڏيو. ڪن وري اهو خيال ظاهر ڪيو ته هن آئيني تجويزن ۾ مرڪزکي ڪمزور ڪيو ويو آهي ته ڪن وري انومان ظاهر ڪيو ته هن ۾ مرڪزکي صوبن جي رحم و ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي.

مجيب جو 6 نڪاتي پروگرام بهرحال، وڏي بحث مباحثي جو موضوع بڻيو، بلڪ هاڻي ڪليءَ طرح اخبارن ۾ ان جي هر پهلو تي بحث ٿيڻ لڳا. هوڏانهن مجيب پاڻ انهيءَ پروگرام جي نزاڪت کي سمجهڻ لڳو ۽ گهڻن هنڌن اهو به چيائين ته چوندڙن ڪانپوءِ 6 نڪتن ۾ ترميم ٿي سگهي ٿي. ڪن وري اولهه پاڪستان جي ليڊرن اهو خيال ڏيکاريو ته جيڪڏهن هڪ گهمرو 6 نڪاتي فارمولا تسليم ڪيو ويو ته پوءِ پختونستان ۽ بلوچستان جو مسئلو به ساڳيءَ طرح ڪڙو ٿي ويندو.

ذوالفقار علي ڀٽو، پنهنجي طور تي ماڻهن ۽ جنرل يحيٰ کي سمجهائي رهيو هئو ۽ پنهنجن تقريرن ۾ چوندو رهيو ته مجيب جو پروگرام معنيٰ پاڪستان کي ٽوڙڻ هوندو. انهيءَ سان گڏ پنهنجي پارٽي

ڪي ملڪ جي واحد نمائنده جماعت قرار ڏيڻ لڳو. بهرحال، اهو فيصلو ته پاڪستان جي ماڻهن کي ڪرڻو هئو ته ڪهڙي پارٽي نمائنده ۽ ڪهڙي غير نمائنده جماعت هئي.

چوٿين جنوري 1970ع ڀٽي جي 42 هين سالگره هئي ۽ انهيءَ ڏينهن هن ڪراچي جي نشتر پارڪ واري جلسي کان پنهنجي انتخابي مهم شروع ڪئي. هر چوڻ پنهنجو انداز ڪٿي ايندي آهي پر هن گهمري اهو بنهه ڏار نموني جو هئو "منهنجي گول ميز ماڻهو آهن. اوهان آهيو. ايوب خان واري گول ميز ۾ چند فرد هئا. اها گول ميز پاڪستان جي عوام خلاف سازش هئي، جنهن ڪري اسان ان ۾ شرڪت ڪانه ڪئي. اسان جي سياست عوام آهي." (1)

ان ڪانپوءِ هن سوچيو ته پنجاب ۽ سرحد کي نظر انداز ڪرڻ بيوقوفي هوندي تنهن ڪري هن راولپنڊي جي لياقت باغ کان شروعات ڪئي جنهن ۾ پنهنجي پارٽي جي منشور جي وضاحت ڪندي مخالفن تي چوهه چنڊيندو رهيو پر ڀٽي جو مکيه هٿيار غريب ماڻهن جي ڀلائي وارو پروگرام هئو. اسلام، جمهوريت ۽ سوشلزم جي ڳالهه ڪٿي هٽندڙ کي خبر هئي ته ملڪ جي ماڻهن جي گهڻائي غريب آهي تنهن ڪري هن اٿو. اجهو ۽ گهر جو نعرو اهڙو ڏنو جو ماڻهو هن جي هڪ جملي ٻڌڻ لاءِ پهرن جا پهر گرمي ۾ انتظار ڪندا رهيا. پنجاب ڪانپوءِ هو سرحد ۾ ويو جتي هڪ سخت قبائلي نظام رهيو ۽ غريب ماڻهن کي سندن حق ياد ڏياريندو رهيو. هو ڪين طرح طرح جون ڳالهيون ٻڌائيندو وعدا ڪندو رهيو.

"آءُ هميشه اوهان ساڻ هوندس. هر گهٽيءَ جي هر موڙ تي مون کي پاڻ سان گڏ ڏسندو. آءُ توهان سان گڏ جيئندس ۽ اوهان سان گڏ مرندس."

ان ڪانپوءِ سانگهڙ وارو اهو واقعو پيش آيو جنهن جو ڪنهن کي اندازو ڪونه هئو. ڀٽو سانگهڙ ۾ عام جلسي ڪرڻ جو رٿيو. هن ڪري جو اهو ليڊر پاڳاري صاحب جو مرڪز هئو. هتي ئي حر تحريڪون جنم وٺي چڪيون هيون ۽ جن جي ڪري انگريز حڪمرانن هتي به گهمرا مارشل لا لڳائي، پير صاحب جي هزارين مريدن کي جيلن ۽ لوڙهن ۾ بند ڪيو هئو. سون جي تعداد ۾ ماريا ويا.

جيڪي بند ڪيا ويا هئا تن مان سوين خاندان پاڪستان ٺهڻ

(1) اسٽينلي وولپرٽ. ذلفي آف پاڪستان ص 135

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانپوءِ بہ اتي سڙي رهيا هئا ۽ جن کي پير صاحب پاڳاري جي واپسي ڪانپوءِ سندس چوڻ تي ڇڏيو ويو هئو. پنهنجي هن ئي مرڪز ۾ پارٽي ۾ آزمائش جو فيصلو ڪري چڪو هئو. اڃ تائين اهو صاف نہ ٿيو هئو تہ سانگهڙ واري واقعي کي ڪنهن رٿيو هئو يا اهو مريدن جي جذباتي ردعمل جو نتيجو هئو. بهرحال، 3 مارچ 1970ع تي ڀٽو سانگهڙ وڃڻ لاءِ شهدادپور پهتو. اتي ڪيس خبردار ڪيو ويو تہ سانگهڙ شهر وڃڻ وارو فيصلو بدلائي پر ڀٽو بهرحال فيصلو ڪري چڪو هئو جنهن ڪري هن کي ڪو موتائڻ لاءِ تيار ڪونہ هئو يا شايد ڪيس انهيءَ وقت ٻڌايو ويو هئو جڏهن ڀٽي جو جلوس سانگهڙ ۾ داخل ٿي ويو هئو. ڀٽو هڪ ڪار ۾ هئو. سندس ٻيا ليڊر ۽ ورڪر بہ مختلف موٽرن ۾ هئا. اوچتو ڪنهن پاسي کان هڪ گولي هلي. سڄو جلوس منتشر ٿي ويو پر ڀٽو، پنهنجي ڪار مان نڪتو ۽ پنڌ اڳتي ڊوڪيندو رهيو. پنهنجي قميص جا بٽڻ کولي هو رڙيون ڪندو رهيو تہ آءُ ذوالفقار علي ڀٽو آهيان. اچو، اچي مون کي ماريو. سندس ورڪرن ڀٽي کي گهيري ۾ وٺي ريسٽ هائوس تائين پهچايو ۽ ٿورن ڏينهن کان پوءِ لياري ۾عام جلسي کي خطاب ڪندي هن حملو ڪندڙن تي ڏاڍا چوهہ چنڊيا. سندس هر جملي تي ماڻهو هڪ آواز ٿيندي نعرا هڻندا رهيا. اصل ۾ "جيئي ڀٽو، سدا جيئي" جو نعرو انهيءَ ئي جلسي کانپوءِ شروع ٿيو.

هوڏانهن شيخ مجيب پنهنجي ولولہ انگيز تقريرن ذريعي اوڀر پاڪستان جي ماڻهن کي 6 نڪاتي پروگرام، اوڀر پاڪستان جي روشن مستقبل ۽ اولهہ پاڪستان جي ڪيل ڏاڍاين جا داستان بيان ڪري رهيو هئو. ڀٽي ۽ مجيب جي انتخابي مهمن ۾ هڪ واضح فرق هئو تہ مجيب جا جلسا بهرحال گهٽا وڏا هئا انهيءَ ڪري جو اوڀر پاڪستان جا ماڻهو تعداد ۾ گهڻا هئا، هنن جي ٻولي هڪ هئي ۽ هنن جا مسئلا هڪجهڙا هئا. اولهہ پاڪستان ۾ ڀٽي کي چئن صوبن ۽ اتي جي ثقافتن کي ڏسڻو هئو. هتي هڪ زبان ڪانہ هئي پر ڪيئن زبانون پئي ڳالهايون ويون. زبانن وانگيان هنن جا سياسي، سماجي ۽ اقتصادي مسئلا بہ مختلف هئا پر ڀٽي انهن سيني مشڪلاتن کي آڏو رکي بہ پنهنجي پارٽي لاءِ اهڙي فضا پيدا ڪري ڇڏي هئي جيڪا اڄ تائين ڪو سياستدان نہ ڪري سگهيو هئو.[1]

انٽيليجنس رپورٽن ۾ يحيٰ خان کي اوڀر پاڪستان مان خاص همت افزا خبر ڪانه پئي ملي. خاص ڪري ليگل فريم ورڪ آرڊر جي باري ۾ چوٿين اپريل 1970ع تي يحيٰ خان پاڻ ڍاڪا وڃي صورت حال معلوم ڪرڻ گهري. اتي پهچڻ ڪانپوءِ ڪيس جيڪي مجيب جي پنهنجن قريبي ساٿين سان گفتگو جون رڪارڊ ڪيل ٽيپس ٻڌايون ويون ته يحيٰ خان کي پڪ نه پئي ٿئي. مجيب مسلسل چوندو پئي رهيو ته هڪ گهمرو چونڊون ٿيڻ ڏيو ته انهيءَ ايل ايف او کي آءٌ پاڻ ڦاڙي پرزا ڪري ڇڏيندس.... مون کي بنگله ديش بنائڻ کان ڪوبه روڪي نٿو سگهي. هڪ مايوس يحيٰ خان واپس اسلام آباد پهتو. بهرحال پٽي کي مجيب جي ڳالهين جو وڏيڪ اندازو هئو پر هن کي هڪ غلط فهمي به هئي ته سياست ۾ ڳالهيون هلنديون آهن. ضروري ناهي ته هڪ وقت تي ڪيل ڳالهه، ٻئي وقت لاءِ به درست هجي. بهرحال، يحيٰ خان ڍاڪا مان واپسي ڪانپوءِ وڏيڪ فڪرمند ٿي ويو هئو.

اليڪشن ڪميشن پنهنجي ڌنل ڪم ۾ مصروف هئي ۽ سندس سربراهه هڪ بنگالي سابق جسٽس عبدالستار تمام ايمانداري سان ڪم ڪري رهيو هئو ۽ آگسٽ 1970ع جي آخر تائين انتخابي فهرستون تيار ٿي ويون جن ۾ اولهه پاڪستان ۾ اڍائي ڪروڙ ووٽر اهل قرار ڏنا ويا جڏهن ته اوڀر پاڪستان ۾ ٽي ڪروڙ ڏهه لک ووٽر قرار ڏنا ويا. عددي حساب سان بنگالي ووٽر وڏيڪ هئا تنهن هوندي به خبر ڪونهي ته ڇو پٽي کي خاطري هئي ته اسين پاڪستان جي سطح تي اڪثريتي پارٽي طور ابرنداسين. اها ڳالهه اڃا ماهرين سياست جي سمجهه ۾ ڪانه آئي آهي ته هن اهي لفظ ڪهڙي آڌار تي چيا هئا.

مختلف سطحن تي انتخابي مهم جاري هئي. اوڀر پاڪستان ۾ شيخ مجيب جو آواز گونجي رهيو هئو ته اولهه پاڪستان ۾ طرح طرح جون ٻوليون ٻڌجي رهيون هيون. پر انهن ۾ پٽي جو آواز سڀني کان چٽو ۽ اوچو هئو. هتي چئني صوبن ۾ پٽي جي پرڪشش شخصيت پراڻن

(1) سرحد ۾ هن کي اتان جي قبائلي نظام کي آڏو رکڻو هئو ته پنجاب ۾ هن 1965ع واري جنگ، فوجن جي بهادري ۽ قرباني. سنڌ ۾ اڻ برابري ۽ بلوچستان ۾ سرداري نظام ۽ ان جي اثرات کي بيان ڪرڻو هئو. جيڪو نه صرف ڪري ڏيکاريو پر هر هڪ کي پنهنجو غمخوار ثابت ڪري ڏيکاريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روايتي خاندانن کي تعجب ۾ مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو هئو. پنجاب ۾ جي اي رحيم، ڊاڪٽر مبشرحسن، حنيف رامي، غلام مصطفيٰ کر جهڙا ماڻهو پيپلزپارٽي جي پروگرام ۾ هئا.

جن خاندانن گذريل ڪئين نسلن کان ماڻهن کي استعمال پئي ڪيو، تن مان ڪئين ڀٽي جا هم خيال بڻجي هن جي پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ويا هئا ۽ ٻيا پر توري رهيا هئا. ڪمون شهيد کان ڪراچي جي ساحلي ٻيٽن تائين ڀٽو ڇانيل هئو. ڀهريون گهمرو هئو ته ماڻهن جو لاڙو ڏسي ليڊر پنهنجو رخ بدلائي رهيا هئا. ٺٽ جا جيلاني، نواب شاه جا سيد، جتوئي، خيرپور جا لاڙڪ ۽ گمبٽ ۽ راڻي پور جا پير، سکر جا پيرزادا، لاڙڪاڻي جا ڀٽا، چانڊيا ۽ اسراڻ، هالن جا مخدوم، بدين جا هاليپوٽا، ٺٽي جا سيد ۽ بلوچ ته شامل ٿي ويا هئا ته ڪئين صنعتڪار به لائين ۾ لڳل هئا ڇاڪاڻ ته ڪين خبر هئي ته هن گهمري واريون چونڊون نئين ليڊرشپ آڻينديون ۽ ڪهڙي خبر ته ڀٽو اقتدار ۾ اچي ويو ته ان وقت ڪيس راضي ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو.

ڀٽي لاءِ چونڊن ۾ اميدوار چونڊڻ ڏکيو ٿي پيو هئو ڇاڪاڻ ته هڪ طرف هن کي هڏڏوکي ورڪرن جو اونو هئو جن جي ڪري هن جي پارٽي ۾ لکين ماڻهن جا هجوم اچي گڏ ٿيندا هئا پر ٻئي طرف اها به خاطري ڪرڻي هئي ته اليڪشن، جيڪا پئسي جي راند آهي، تنهن ۾ اهڙا اميدوار آندا وڃن جيڪي پئسا خرچ ڪري پارليامينٽ ۾ پهچي وڃن پوءِ ورڪرن کي ڪٿي نه ڪٿي فائدو پهچائي ڇڏبو. جڏهن ٽڪيٽن جي ورهاست جو طريقه ڪار طئي ٿيو ته گهڻي بيچيني پيدا ٿي پئي بهرحال ڀٽي جي پرڪشش شخصيت ۽ پروگرام هنن کي پارٽي سان وفادار رهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. ڀٽي کي معلوم هئو ته شامل ٿيندڙ زميندارن مان گهڻا موقع پرست هئا پر هن کي في الحال اهو ثابت ڪرڻو هئو ته هو غير متنازعه ليڊر آهن تنهن ڪري في الحال هن ورڪرن کي ماٺ ۾ رهڻ لاءِ چيو.

پهريون چونڊون اڪتوبر ۾ ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو هئو پر صرف هڪ مهينو اڳ اوڀر پاڪستان ۾ زبردست طوفان ۽ ٻوڏ آئي. ستم جي ڳالهه آهي ته حڪومت وٽ ڪو اڳواٽ يا بروقت وارننگ سسٽم ڪونه هئو جنهن ڪري ماڻهن کي ڪنهن خطري کان آگاهه ڪري سگهجي ها. هن طوفاني ٻوڏ ۾ پنج لک ماڻهو مارجي ۽ ڪئين گهمرا وڌيڪ بي گهر ٿي

ويا ۽ هو ڪلٺي آسمان هيٺ ويٺا رهيا. جنهن ڳالهہ مجيب کي وڏيڪ رنجيده ڪري وڌو سا هئي تڪڙي امداد جو نہ پهچڻ. حد تہ اها آهي تہ انهيءَ وقت قاتل ماڻهن کي خوراڪ جي امداد پهچائڻ لاءِ صرف هڪ هيليڪاپٽر هئو. انهيءَ صدمي مجيب کي بوڙي وڌو پر هن همت نہ هاري. هن نٿي چاهيو تہ حڪمرانن کي چونڊون منسوخ ڪرڻ جو موقعو ملي وڃي. بهرحال، طوفان جي نقصانن کي ڏسي چونڊون اڪتوبر جي آخر واڌاري بدران ستين ڊسمبر تي ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. مجيب پنهنجن ڪروڙين بنگالين کي ٻڌائي رهيو هئو تہ بنگلہ ديش قائم ڪرڻ جو هيءَ آخري موقعو آهي.

ڪاغذات نامزدگي داخل ٿيا. پوري ملڪ مان 25 جماعتن حصو وٺڻ جو اعلان ڪيو. اولهہ پاڪستان جي 138 سيٽن لاءِ 1,070 اميدوار ميدان ۾ لٿا جڏهن تہ اوڀر پاڪستان جي 162 سيٽن لاءِ 870 اميدار هئا بهرحال هٿ کڻڻ ڪانپوءِ ميدان ۾ باقي ڪل 1,570 اميدوار وڃي بچيا. وچور ڪجهہ هنريت آهي:

| پارٽي | اوڀر پاڪستان | اولهہ پاڪستان |
|---|---|---|
| عوامي ليگ ڪنوينشن | 162 | 7 |
| مسلم ليگ (ڪنوينشن) | 93 | 31 |
| مسلم ليگ (ڪائونسل) | 50 | 69 |
| جماعت اسلامي | 69 | 79 |
| جمعيت العلماءِ پاڪستان | 13 | 90 |
| نعپ (ڀاشاني) | 15 | 5 |
| نعپ (ولي خان) | 36 | 25 |
| پي ڊي پي | 81 | 27 |
| مسلم ليگ (ق) | 65 | 67 |
| پاڪستان پيپلزپارٽي | — | 119 |

هن وچور ڏسڻ سان هڪ ڳالهہ نروار ٿئي ٿي تہ ٻنهي صوبن ۾ پارٽين جي دلچسپي ڪيتري حد تائين هئي. ياتہ هنن جي پروگرامن ۾ وڏو فرق هئو يا وري باهمي بداعتمادي انهيءَ حد تائين هئي جو هڪٻئي تي ڀروسو ڪونہ رهيو هئو مثال طور عوامي ليگ اولهہ پاڪستان ۾ صرف 7

(فوٽ نوٽ: محمود، صفدر، ڊاڪٽر، پاڪستان چوٽتو، ص 102)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اميدوار بهار يا جڏهن تہ اوڀر پاڪستان ۾ هر سيٽ تي اميدوار بهاريا. پيپلز پارٽي اوڀر پاڪستان ۾ ڪنهن اميدوار کي نہ بهاريو جڏهن تہ اولهہ پاڪستان ۾ 138 سيٽن مان 19 سيٽون خالي ڇڏيون باقي سيني تي اميدوار بهاريا.

نتيجا بہ انهيءَ تناسب سان پنهي صوبن ۾ ووٽرن جو لاڙو ظاهر ڪن ٿا. مثال طور عوامي ليگ اوڀر پاڪستان ۾ 162 اميدوارن مان 160 تي ڪٽيو. هڪ سيٽ، نورالامين لاءِ ڇڏيو ويو ڇو تہ هو پاڻ شيخ مجيب وٽ هليو ويو جنهن پنهنجي ورڪرن کي چيو تہ هن سيٽ تي هن بزرگ کي وڃڻ ڏيو. ٻي سيٽ راجاتري ديوراءِ واري هئي جنهن کي بہ اقليتي اميدوار سمجهي عوامي ليگ جي ورڪرن کي هن کان پاسو ڪرڻ لاءِ چيو ويو. بهرحال، اولهہ پاڪستان ۾ پيپلز پارٽي انهيءَ طرح جي ڪاميابي تہ حاصل نہ ڪئي البتہ پنجاب جي 82 سيٽن مان 62 سيٽون، سنڌ ۾ 27 سيٽن مان 18 سيٽون ۽ صوبہ سرحد مان هڪ سيٽ ڪل 81 سيٽون حاصل ڪري ورتيون.

نتيجن نڪرڻ تي جنرل يحيٰ خان، هڪ تار ذريعي پنٽي ۽ مجيب پنهي کي مبارڪ باد جا پيغام موڪليا پر مجيب ڏانهن موڪليل پيغام ۾ هن کي مستقبل جو وزير اعظم سڏيو. جواب ۾ ٻنهي شڪريو تہ ادا ڪيو پر انهي سان گڏ اهو بہ لکيو تہ ملاقات ڪرڻي هجي تہ ڍاڪا هليا اچو. انهيءَ وچ ۾ عوامي ليگ جي ورڪرن، اوڀر پاڪستان ۾ تمام اهم معاملن کي سنڀالي ورتو ۽ ائين هلڻ لڳا ڄڻ ڪ مجيب وزير اعظم هئو.

چونڊن جو نتيجو ڏاڍو منجهائيندڙ هو ڇاڪاڻ تہ يحيٰ خان جي اميدن جي بنهہ ابتڙ هئو. هن کي خاطري هئي تہ ڪابہ ڌر بنهہ اڪثريت حاصل ڪري نہ سگهندي (ڪيس ائين رپورٽن ۾ ٻڌايو ويو هئو) تنهن ڪري ڪيس هڪ اهڙي مخلوط حڪومت ناهڻ ۾ ڪاميابي حاصل ٿي ويندي جيڪا سندس اشارن تي هلندي. هاڻي صورتحال بلڪل ٻي هئي.

ڀٽي کي بہ عجيب مشڪل صورت جو منهن ڏسڻو پيو. هن کي پڪ ڪانہ هئي تہ مجيب ايتريون سيٽون کٽي ايندو. بهرحال نتيجن نڪرڻ جي ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ پيپلز پارٽي جا ورڪر لاهور ۾ پنجاب اسيمبلي آڏو گڏ ٿيا ۽ اتي ڀٽو بہ آيو. ورڪرن کي مختصر خطاب ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندن ٿورا مجيائين پر مجيب جو نالو وٺي ڪيس چيائين تہ هو اڪثريت کي تسليم ڪري ٿو پر پنجاب ۽ سنڌ طاقت جو مرڪز آهن. اتي بهرحال پيپلز پارٽي جي حڪومت نهندي ۽ مرڪز ۾ ڪابہ حڪومت انهن ٻن صوبن جي تعاون کانسواءِ نٿي هلي سگهي. انهيءَ سان گڏ هن مجيب ۽ جنرل يحيٰ ٻنهي کي چتاءُ ڏنو:

”جيڪڏهن پيپلز پارٽي جو تعاون حاصل نہ هوندو تہ مرڪز ۾ نہ تہ ڪا حڪومت هلي سگهي ٿي ۽ نہ وري آئين ٺهي سگهي ٿو. مرڪز کي اسان جي تعاون جي ضرورت آهي. جڏهن آءُ چوان ٿو تہ اسان کي پنهنجو حصو ملڻ گهرجي..... تہ انهيءَ جو مطلب آهي تہ آءُ..... پنهنجن ماڻهن جي خاطر مرڻ لاءِ بہ تيار آهيان.“ (1)

ٻنهي ليڊرن جي بيانن ۾ سخت گيري اچي ويئي هئي ۽ ڪابہ ڌر هنن کي ناهڻ لا تيار نہ هئي جيڪو ڪجهہ آسرو هئو سو جنرل يحيٰ خان ۾ هئو سو ٻين ڳالهين کان واندو ٿئي تہ توجہ ڏئي.

17 ڊسمبر تي مجيب ٺهہ پهہ جواب ڏنو تہ دنيا جي ڪابہ طاقت بنگلہ ديش کي پنهنجن جائز حقن کان محروم ڪري نٿي سگهي. اٺاويهين ڊسمبر تي ڀٽو، يحيٰ خان سان مليو ۽ ساڻس اهم امور ۽ مستقبل جي حڪومت بابت ڳالهايائين.

ٽين جنوري 1971ع تي رمنا ريس ڪورس گرائونڊ ۾ هڪ شاهي جلسو ٿيو جنهن ۾ عوامي ليگ ٽيڻ جي سمورن قومي اسيمبلي جي ميمبرن قسم کنيو تہ هو ڇهہ نڪاتي پروگرام تي عمل ڪرائڻ کانسواءِ پٺتي نہ هٽندا. پاشاني بہ 1940ع واري نعراءَ جي بنياد تي آزاد بنگال جي گهر ڪئي.

رمنا ريس ڪورس واري جلسي کانپوءِ يحيٰ خان فيصلو ڪيو تہ هو ڍاڪا ويندو ۽ مجيب سان ڳالهائيندو. ٻارهين جنوري 1971ع تي يحيٰ خان ڍاڪا پهتو ۽ ٻئي ڏينهن مجيب سان ٽي ڪلاڪ ڳالهايائين. چوڏهين جنوري تي ڪراچي اچڻ لاءِ يحيٰ خان ايئرپورٽ تي پهتو تہ اتي اخبار وارن سان ڳالهائيندي چيائين: ”مجيب آئيندي جو وزير اعظم آهي. هو جڏهن واڳون سنڀاليندو تہ شايد آءُ نہ هوندس.“

---

(1) ڀٽو. ذوالفقار علي. ”ٿينڪنگ دي ووٽرس“ لاهور. 12 ڊسمبر 1970ع بحوالہ وولپرٽ“ ذلفي آف پاڪستان“ ص 145.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڏينهن ڪراچي ۾ رهڻ ڪانپوءِ هو پنڊي جي دعوت تي لاڙڪاڻي ويو. اتي هن پنڊي کي مجيب الرحمان سان ٿيل ڳالهين جي تفصيلن کان آگاهه ڪيو. يحيٰ خان ٻڌايو ته هن انهيءَ صورتحال مان نڪرڻ لاءِ مجيب کي ٽي شرط ٻڌايا. هڪ ته هو اڪيلي سر وڃي ۽ ڏسي ته هو ڪيترو اڳتي نڪري سگهي ٿو. ٻيو اهو هئو ته هو پيپلزپارٽي سان تعاون ڪري ۽ بهتر ٿيندو ته ٻنهي اڪثريتي پارٽين جي مخلوط حڪومت تي ويچار ڪري. ٽيون ۽ آخري آپشن اهو هئو ته هو اولهه پاڪستان جي شڪست کاڌل ننڍين پارٽين سان گڏجي مخلوط حڪومت ٺاهي. پر هن پنهنجو خيال بيان ڪندي ٻڌايو ته اسان جي خيال ۾ ٻنهي اڪثريتي پارٽين ۾ ٺاهه ٿئي ته اهو بهترين حل آهي. ساڳي وقت هن مجيب کي ڇهه نڪاتي پروگرام جي باري ۾ تحفظات کان به آگاهه ڪيو. (1)

انهيءَ سان گڏ هن غلام مصطفيٰ کر جي ذمي اهو ڪم ڪيو ته هو ڍاڪا وڃي ۽ مجيب سان ڳالهائي ۽ 27 جنوري تي پنڊي ۽ مجيب جي درميان ملاقات جي لاءِ راهه هموار ڪري.

کر ملاقات جو انتظام سولائي سان ڪري ورتو ڇاڪاڻ ته مجيب الرحمان کي انهيءَ جو انتظار هئو. پنڊو پنهنجي پارٽيءَ جي 15 سرڪرده ليڊرن کي وٺي 27 جنوري تي ڍاڪا پهتو. اتي هن مجيب سان به ملاقاتون ڪيون. پنڊي هي فارمولو ڏنو ته جيڪڏهن ڪرنسي ڊارنٽي ٿئي ته اوڀر پاڪستان مان سرمائي جي اولهه پاڪستان ڏانهن منتقلي روڪي ويندي، هر صوبي کي برآمدات مان حصو ملندو. دفاع ۽ خارجه پاليسي مرڪزوت رهندي ۽ يحيٰ خان صدر جي طور ڪم ڪندو رهندو. ڳالهيون پوريون ٿيون جن جي نتيجي بابت پنڊي جو چوڻ هئو ته انهن ملاقاتن مان نااميد نه ٿيو آهي پر ڪنهن ٺاهه تي پهچڻ لاءِ وڌيڪ ڪوششون جاري رهنديون. هن مجيب تي واضح ڪيو ته 15 فيبروري وارو اجلاس جيڪڏهن ٿوري دير سان شروع ٿيو ته انهيءَ ۾ ڪو هرج ڪونهي. پر مجيب اهڙي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ في الحال تيار ڪونه هئو. پنڊي کي ڊپ هئو ته جيڪڏهن هڪدم اجلاس شروع ٿيو ته بنگالي اسپيڪر جي چونڊ ٿي ويندي ۽ ان کان پوءِ ڇهه نڪاتي آئين نهڻ شروع ٿي ويندو. فيبروري جو مهينو سياسي تاريخ ۾ اهم ليکبو ڇاڪاڻ ته ان ۾ پنڊو ۽ مجيب هڪٻئي کان پري ٿيندا ويا.

(1) پنڊو. ذوالفقار علي. دي گريٽ ٽريجڊي، ص 20 21

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ وچ ۾ پيٽي، لاهور، ملتان ۽ ٻين شهرن ۾ ميٽنگون سڏائي پنهنجن اسيمبلي ميمبرن کي چيو تہ في الحال ڍاڪا کان پاسو ڪن. سندس خيال هئو تہ پهرين اجلاس جو بائيڪاٽ ڪيو وڃي تہ ڪا راهہ نڪري ايندي. ٻارهين فيبروري تي پٽي، جنرل يحيٰ کي چيو تہ اسيمبلي جو اجلاس گهٽ ۾ گهٽ ڏيڍ مهيني تائين ملتوي ڪري. ٽن ڏينهن کانپوءِ يحيٰ خان اعلان ڪيو تہ قومي اسيمبلي جو افتتاحي اجلاس 3 مارچ تي ڍاڪا ۾ ٿيندو جنهن ۾ آئين سازي جو ڪم شروع ڪيو ويندو.

ڀٽي کي انهيءَ تان بہ اطمينان ڪونہ ٿيو سو چيائين تہ هو انهيءَ اجلاس ۾ شرڪت نہ ڪندا ۽ نہ انهيءَ آئين تي دستخط ڪندا جيڪو هڪ پارٽي اڳ ۾ ئي تيار ڪري ڇڏيو آهي. هن چونڊيل ميمبرن کان پنهنجون استعيفائون وٺي اعلان ڪيو تہ جيڪو ڍاڪا ويندو تن جي هڏين جو سرمو بنايو ويندو.

انهيءَ وچ ۾ پتو اچا ڍاڪا ۾ ٿي هئو تہ هڪ ڊرامو ٿيو. ٽيهين جنوري تي بہ نام نهاد مجاهد هڪ انڊين ايئرلائينز جو فوڪر جهاز ڪٽي لاهور هوائي اڏي تي لٿا ۽ اعلان ڪيائون تہ هو ڪشميري مجاهد آهن کين پناهہ گهرجي. پاڪستاني ڪامورن اڳ پٺ سوچڻ بدران هنن سان لاهور هوائي اڏي تي ملاقات ڪرڻ جو سوچيو تہ هنن "هاءِ جيڪرس" جهاز کي بم سان اڏائي ڇڏيو. بهرحال، انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو جوابي ڪارروائي طور هندستان، پاڪستاني جهازن کي پنهنجي زمين مٿان پرواز ڪرڻ جي اجازت واپس وٺي ڇڏي، اهڙيءَ طرح اوير پاڪستان انهيءَ نازڪ وقت ۾ اولهہ پاڪستان کان پري ٿي ويو. اهو تہ اپريل ۾ سنڌ بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس نورالعارفين پنهنجي انڪواري رپورٽ ۾ چيو تہ هيءَ سموري شرارت ڀارت جي هئي جنهن پاڪستان کي سزا ڏيڻ لاءِ اهڙي سٽا سٽي هئي. انهيءَ نتيجي کان اقوام متحده کي بہ آگاهہ ڪيو ويو. ڀارت تہ هن جا دور رس نتيجا سوچيا هئا پر فوري طور پاڪستان کي اوڀر ۽ اولهہ پاڪستان جي وڇيل دوري ڏاڍي مهانگي پئي ۽ جيئن واقعن ثابت ڪري ڏيکاريو تہ ڀارت جي مداخلت پاڪستان کي جڏو بنائي ڇڏيو.

هن معل تائين پتو ڪلي سامهون ڪونہ آيو هئو. بهرحال، هاڻي وقت اچي ويو هئو تہ هو پنهنجو دماغ کولي سيني کي ٻڌائي تہ هن جا ٿي

چاهيو. اهو آڏو رکي هو تورن ڏينهن لاءِ لاهور ويو. اتان پنجاب يونيورسٽي جي ڪئمپس ۾ شاگردن جي هڪ ميڙ کي خطاب ڪيائين ۽ پنهنجي جوشيلي ۽ جذباتي تقرير ڪرڻ واري انداز ۾ چيائين:"پاڪستان هڪ وڏي بحران مان لنگهي رهيو آهي. جڏهن آءُ اوپر پاڪستان ويس ته مجيب ٻڌايو ته هو ڇهه نڪاتي پروگرام تي چونديو ويو آهي جنهن تي مون ٻڌايو ته اولهه پاڪستان ۾ اسين ٻنهي اقتصادي ۽ معاشي پروگرام تي چونڊجي آيا آهيون..... اسان ڪوشش ڪنداسين ته اوهان سان تعاون ڪريون پر.... هڪ حد تائين. انهيءَ کان اڳتي نڪرڻ ملڪ لاءِ خطرناڪ هوندو."

اتي پنهنجو بنهه واضح ٿيڻ تي گهريو. "اسان تعاون ڪري سگهون ٿا پر صرف انهيءَ حالت ۾ جڏهن مجيب اوپر پاڪستان کي سنڀالي ۽ پيپلز پارٽي اولهه پاڪستان کي. اسان استحصال جي زنجير کي صرف انهيءَ حالت ۾ توڙي سگهون ٿا جڏهن پيپلز پارٽي ۽ عوامي ليگ گڏجي هلن." هي ٿي اها تقرير آهي جنهن ۾ هن چيو: "ادهر هم ادهر تم." ان کان پوءِ اخبارن انهيءَ نڪتي کي گهٽو ڪنيو پر بظاهر ڪو حل نظر ڪونه ٿي آيو. 24 فيبروري تي مجيب جوابي طور تي ڍاڪا ۾ پريس ڪانفرنس گهرائي ان ۾ واضح ڪيو ته پنهنجو ۽ پيپلز پارٽي اهڙي راهه تي نڪري پيا آهن جيڪا هڪ آئيني طريقه ڪار کي اونڌو ڪري قومي اسيمبلي جي عمومي طريقي ۾ هلڻ کان معذور ڪري ڇڏيندي. هن واضح لفظن ۾ اعلان ڪيو ته جيڪڏهن اولهه پاڪستان ڍاڪا کان اچڻ کان ڪيبائي رهيا آهن ته ڇا ڏڪار ۽ طوفان جي ستيلن کي اولهه پاڪستان موڪلڻ جي اجازت ڏئي سگهي ٿي. هاڻي ايئن ٿو لڳي جڻڪ سازشي عناصر ماڻهن جي چونڊيل عيوضين کي آئين ٺاهڻ ۽ کين اقتدار حوالي ڪرڻ وارا آخري ڪوشش ۾ مشغول آهن.

انهيءَ وچ ۾ اولهه پاڪستان مان نواب اڪبر خان بگٽي ايئر مارشل (رٽائرڊ) نور خان به مجيب سان مليا پر انهيءَ مان ڪا پراپت ڪانه ٿي. مسئلو هئو سو اڳتي وڌندو ٿي ويو. ڪو حل نظر ڪونه ٿي آيو. اولهه پاڪستان جا ليڊر طرح طرح جا بيان ڏيئي رهيا هئا پر اصل مهرو پنهنجو ٿي هئو. هو ڪڏهن ولي خان سان ٿي مليو ته ڪڏهن پنهنجي پارٽي جي صلاحڪارن سان. ٿن ڏينهن ڪانپوءِ هن وري لاهور ۾ ماڻهن کي ڪنو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري اهو چيو تہ هن مسئلي جا بہ حل آهن: هڪ تہ قومي اسيمبلي جو گهرايل اجلاس ملتوي ڪيو وڃي ۽ 120 ڏينهن ۾ آئين ناهڻ واري شرط کي ختم ڪيو وڃي.

”جيڪڏهين اهي ٻئي ڳالهيون مڃيون وڃن تہ آءُ سياٽي ڍاڪا وڃي مجيب سان ڳالهيون ڪري مسئلي جو حل ڳولهي اچڻ لاءِ تيار آهيان... پر جيڪڏهن پيپلزپارٽي جي بغير قومي اسيمبلي سڏائي وئي تہ آءُ اولهہ پاڪستان جي هڪ ڪنڌ کان وٺي ٻي ڪنڌ تائين تحريڪ هلائيندس.“

هن بيان ٻئي ڪنهن تي اثر وڌو يا نہ، پر اسلام آباد ضرور لڏي ويو. يحيٰ خان پنهنجن مشيرن سان صلاح ڪري رهيو هئو پر هن 22 فيبروري تي پٽي کان متاثر ٿي اوير پاڪستان جي گورنر ۽ مارشل لا ائڊمنسٽريٽر کي چٺي چڏيو هئو تہ مجيب ڇهن نڪتن واري ڳالهہ تان نٿو لهي تہ فوجي ڪارروائي ڪرڻ لاءِ انتظام ڪري رکي. انهيءَ لاءِ وڏيڪ فوجي دستن جي گهرج پئي تہ موڪلي سگهجن ٿا.

انهيءَ ڏمڪي ڪانپوءِ مجيب جنهن نقشي کي بار بار ڏسي رهيو هو سو ڏاڍو پيانڪ هئو. هن کي بنگالين جي تباهي ۽ بربادي ڪانسواءِ ڪجهہ نظر ڪونہ ٿي آيو تنهن هڪ ڪوشش ڪئي تہ بنگالي پنهنجي پراٽي موقف تي نظرثاني ڪن پر هو پنهنجن ميمبرن کي متعرف نہ ڪري سگهيو. انهيءَ بيچيني ۾ هن يحيٰ خان کي ڍاڪا اچڻ جي دعوت ڏني پر هن اها رد ڪري ڇڏي. بهرحال، ٻي ڪا راهہ نہ ڏسي 27 فيبروري تي شيخ مجيب هڪ آئيني مسودي جو خاڪو جاري ڪري ڇڏيو. جنهن جون خاص ڳالهيون هي هيون: ملڪ جو نالو وفاقي جمهوريہ پاڪستان رکيو ويندو، اوير پاڪستان جو نالو بنگلہ ديش ۽ صوبہ سرحد جو نالو پختونستان هوندو، بہ گاديءَ جا هنڌ هوندا. هڪ ڍاڪا ٻيو اسلام آباد، جنگ ۽ هنگامي حالت جو اعلان قومي اسيمبلي ڪندي، سمورين فوجن جا مرڪزي دفتر ڍاڪا ۾ هوندا. خارجي معاملا. دفاع ۽ ڪرنسي مرڪزوٽ هوندا باقي سمورا کاتا صوبن جي حوالي هوندا، ٻنهي حصن لاءِ ڌار ڌار بينڪون هونديون، مرڪزوٽ ٽيڪسيشن جا اختيار هوندا، مرڪز صوبن کان ٽيڪس وصول ڪندو جنهن جي شرح هيءَ هوندي: بنگلہ ديش 27 سيڪڙو، پنجاب 37 سيڪڙو، سنڌ 21 سيڪڙو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچستان 8 سيڪڙو ۽ پختونستان 7 سيڪڙو.

ورندي ڏينهن هن اولهہ پاڪستان جي ميمبرن کان رايا گهرايا پر پنهنجي ڇهہ نڪاتي پروگرام تي ڪنهن بہ قسم جي ناهہ ڪرڻ جو اشارو ڪونہ ڏنو. پٺي ورنديءَ ۾ اهو اعلان ڪيو تہ ڪنهن واضح خاطري ڪانسواءِ هو اولهہ پاڪستان جي ميمبرن کي ڍاڪا ۾ پٺو يرغمال بنجڻ ڪونہ ڏيندو. پٺو، مجيب جي هر بيان، هر تجويز جو بروقت جواب ڏيندو رهيو. صورتحال انهيءَ نهج تي پهچي ويئي جو يحيٰ خان پهرين مارچ تي 3 مارچ وارو اجلاس ملتوي ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو هئو. گهڻن مبصرن جو خيال آهي تہ يحيٰ، اهو فيصلو فوجي جرنيلن جي دٻاءَ ۾ اچي ڪيو تہ جيئن صورت حال جي حل لاءِ ڪاراهہ ڪيڏي سگهجي. ساڳي ڏينهن اولهہ پاڪستان مان آيل ليڊرن غوث بخش بزنجو، ارباب سڪندر خان، محمود الحق عثماني ۽ اجمل خان خٽڪ بہ مجيب سان ملاقات ڪئي. ساڳي شام جو هنگاما شروع ٿي ويا. ايئن لڳي رهيو هو تہ ڍاڪا ڪنهن خطرناڪ صورت ڏانهن وڌي رهيو هو. رات جو نائين بجي ڍاڪا ۾ ڪرفيو لڳايو ويو.

هاڻي ايئن لڳي رهيو هئو تہ ٻنهي طرفن جنگ جا طبل وڄي رهيا هئا. سڀ ڏريون کلي سامهون اچي ويون هيون. يحيٰ خان اجلاس ملتوي ڪرڻ سان گڏوگڏ اوڀر پاڪستان جي ڪابينہ ٽوڙي ڇڏي. گورنر ايڊمرل احسن[1] کي هٽائي سندس جاءِ تي جنرل يعقوب کي مقرر ڪري ڇڏيو. اهو هن ڪري تہ هن مظاهرو ڪندڙ بنگالين تي گوليون هلائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هئو. بعد ۾ وري يعقوب بہ ساڳيا حڪم نہ ڏيڻ ڪري هٽايو ويو ۽ ليفٽيننٽ جنرل ٽڪا خان کي رکيو ويو جنهن بيرحميءَ سان اهي حڪم مڃيا. نئين گورنر چارج سنڀاليندي ئي جنرل يحيٰ کي صلاح ڏني تہ مجيب سان ڳالهيون ڪيون وڃن جنهن هٿي ڪنهن جملي ٻڌڻ ڪانسواءِ اها تجويز رد ڪري ڇڏي.

انهيءَ اعلان ڪانپوءِ ڍاڪا ئي نہ. پوري اوڀر پاڪستان ۾ هنگامن اهڙي صورت حال پيدا ڪري وڌي جو 4 مارچ تي سمورن اولهہ پاڪستان

(1) ايڊمرل ايس ايم احسن. آخري وائسراءِ لارڊ مائونٽ بيٽن جي اسٽاف ميمبرن ۾ شامل هئو ۽ پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ قائداعظم جو ملٽري سيڪريٽري ٿي رهيو. هن جو ڪردار تمام صاف رهيو هئو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان آيل ليڊرن ۾ ڳالهيون ڪندڙن کي چيو ويو تہ هو فوراً اولهہ پاڪستان ڇڏي وڃن. پٺتو، جيڪو ان وقت ڪراچي ۾ هو سو فوري طور اسلام آباد پهچي ويو جتي حفيظ پيرزادو، جي اي رحيم ۽ ٻيا پيپلزپارٽي جا اڳواڻ موجود هئا. پنجين مارچ تي ائين لڳي رهيو هئو ڄڻڪ اولهہ پاڪستان فتح ٿي ويو هو. پيپلزپارٽي جا اڳواڻ ڏاڍو خوش ٿي رهيا ها. دراصل هتي پهچڻ تي هنن کي خبرپئي تہ آپريشن شروع ٿي چڪو آهي.

ڇهين مارچ تي يحيٰ خان ريڊيو ۾ ٽي وي تان قوم کي خطاب ڪيو جنهن ۾ هن پنهنجي طرفان "اقتدار جي منتقلي" لاءِ ڪيل ڪوشش جو وچور بيان ڪيو. بلڪ هن اهو بہ اعلان ڪيو تہ 25 مارچ (25 مارچ 1969ع تي پاڻ ايوب خان کان اقتدار حاصل ڪيو هئائين. غالباً اها تاريخ سندس ذهن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ويٺل هئي.) تي قومي اسيمبلي جو اجلاس سڏايو ويندو جنهن کانپوءِ مارشل لا هٽايو ويندو، فوج جي واپسي ٿيندي ۽ حڪومتي ادارن طرفان ڪيل فائرنگ جي تحقيقات شروع ٿيندي ۽ اقتدار عوامي نمائندن کي منتقل ڪيو ويندو. شيخ مجيب ٽين مارچ کان هڪ هفتي جي هڙتال جو اعلان ڪري چڪو هئو جنهن جي نتيجي ۾ سڄي اوڀر پاڪستان ۾ هڙتالون، گهيرائو جلائو ۽ فسادن جو سلسلو شروع ٿي ويو هئو. تنهن جي گهٽ ٿيڻ جو ڪو امڪان نظر ڪونہ پئي آيو. بلڪ 6 مارچ تي يحيٰ خان جيڪو اعلان ڪيو هئو تنهن کان پوءِ شيخ مجيب اعلان ڪيو تہ هڙتال هڪ هفتو وڌي سگهي ٿي. يحيٰ خان جي نشرياتي خطاب جي فورا بعد، شيخ مجيب اعلان ڪيو تہ هو آئيندي لائحہ عمل جو اعلان ورنڊز ڏينهن رمنا ريس ڪورس گرائونڊ[1] ۾ ڪندو.

ستين مارچ تي مجيب جو جلسو ٿيو ۽ ائين ئي ٿيو جنهن جي توقع هئي. "جوءِ بنگلہ" ۽ "بنگلہ بندو" جي نعرن جي گونج ۾ شيخ مجيب، بظاهر پنهنجي هڙتال ۽ اسٽريٽ پاور واري مظاهري ڪرڻ کانپوءِ ٿڌي طريقي ۾ يحيٰ خان ۽ سندس حمايتين کي آڇ ڪئي تہ هن سموري مسئلي جو حل ڳالهين ذريعي پرامن طريقي ٿي سگهي ٿو. بلڪ ٻين لفظن ۾ هن يحيٰ خان کي ڍاڪا اچڻ جي دعوت ڏني.

(1) رمناريس ڪورس گرائونڊ ۾ هڪ ئي وقت 15 لک ماڻهن جي گڏ ٿيڻ جي گنجائش آهي

هن جهڙوڪ هڪ فتويٰ ڏني: ”جيڪڏهن سازشي عناصر پنهنجي هوش ۾ نہ آيا اچن اوهان تاريخ نهندي ڏسندو“ ۽ ٻئي جملي ۾ هن پنهنجي ڏانهن آڱر کڻي چيو تہ هڪ اقليتي پارٽي جو ليڊر تمام غير ذميدارانہ انداز ۾ ڪيڏي رهيو آهي. اجا بہ وقت آهي تہ اسان پنهنجي ڳالهين واري گڏ رهون. ڪابہ طاقت اسان کي پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ کان روڪي نہ ٿي سگهي. جيڪڏهن مجيب گرفتار ٿيو يا مارجي ويو تہ بنگالين جي تحريڪ عوامي ليگ جا ڪارڪن هلائيندا. يحيٰ خان پنهنجي هم پيشہ مشيرن سان صلاح ڪئي، ڪابينہ ميمبرن (وزيرن) سان ڳالهايو ۽ مجيب جي آڇ تي توجہ ڏيڻ بدران پنهنجي سان پنج ڪلاڪ ڊگهي ملاقات ڪئي. ستين مارچ تي پنهنجي ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي جنهن ۾ هن پنهنجو لهجو هلڪو رکيو. جڏهن هو پنهنجي ڌمڪي کي تجويز بلڪ اجا بہ هيٺ گذارش ۾ تبديل ڪري رهيو هئو. غالباً هن کي احساس ٿي ويو هئو تہ عوامي ليگ يا بنگالي عوام جي قوت ڇا آهي. پريس ڪانفرنس دوران هو اهوئي واضح ڪندو رهيو تہ اسان چونڊن کانپوءِ اهائي ڪوشش ڪندا رهيا آهيون تہ ”پاڪستان جي ٻن وڏين پارٽين کي ناه جو ڪو ميدان فراهم ڪيو وڃي...... قومي اسيمبلي جي اجلاس ملتوي ڪرڻ جي لاءِ گهر بہ انهيءَ ڪري ڪئي ويئي هئي تہ ٻنهي پارٽين جي وچ ۾ ڪا ڳالهہ ٻولهہ ٿي سگهي.... اسان هينئر بہ تيار آهيون تہ ڪٿي بہ ۽ ڪڏهن بہ ڳالهيون ٿين.“

پنهنجي ايئن اعلان تہ ڪري ڇڏيو هئو پر هن کي خبر نہ هئي تہ مستقبل پاڪستان لاءِ ڇا آڻي رهيو هئو.

# 35

# متوازي حڪومت
# آرمي آپريشن. بنگلہ ديش جو قيام
# پٺتي جي آمد

ستين مارچ، جڏهن پٽو ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو هو، تنهن وقت اوڀر پاڪستان ۾ سمورا پاڪستاني جهنڊا لهي چڪا هئا. سائي رنگ جي وچ ۾ ڳاڙهو سج ڏيکاريندڙ بنگلہ ديش جو جهنڊو هر سرڪاري، نيم سرڪاري ۽ خانگي عمارتن تي ڦڙڪي رهيو هئو. هڪ متوازي حڪومت قائم ٿي چڪي هئي. ريڊيو، ٽيليوزن کي حڪم ٿي چڪو هئو تہ هو پنهنجا پروگرام بنگالي زبان ۾ جاري رکن. بئنڪن کي هدايتون ٿي ويون هيون تہ هو پئسن جي منتقلي بند ڪري ڇڏين. اخبارن کي هدايتون ٿي ويون تہ هو بنگلہ ديش جي تشهير شروع ڪري ڏين. گڏوگڏ اقوام متحده کي لکيو ويو تہ کين عالمي برادري جو رڪن تسليم ڪيو وڃي.

بحران انهيءَ حد تائين وڌي چڪو هئو جو واپس اچڻ ڏکيو پئي لڳو. چوڏهين مارچ تي پٽي جي ڪراچي جي نشترپارڪ ۾ عام جلسو ڪيو ۽ چيو تہ هن جي ڪوشش هوندي تہ ملڪ جي سلامتي ۽ ايڪي کي برقرار رکي. پر"...... هيءُ ياد رکجو تہ اوڀر پاڪستان سڌوسنئون آزادي گهري ٿي جڏهن تہ پاڪستان نٿو چاهي تہ هن جو استحصال ڪيو وڃي...... بنهي صوبن کي برابري جي ذريعي اهو مسئلو حل ڪرڻو پوندو..... مسٽر مجيب، جيڪڏهن اوهان بنگلہ ديش جي ڳالهہ ڪريو ٿا تہ اسان پنجاب ديش، سنڌو ديش جي ڳالهہ ڪنداسين...... پوءِ قائداعظم جي پاڪستان جو ڇا ٿيندو؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڏينهن يحيٰ خان ڍاڪا پهچي ويو جتي هن اولهه پاڪستان جي ڪيترن ليڊرن کي بہ ملاقات ڪرڻ لاءِ چيو هئو. هتي نواب اڪبر بگٽي بہ موجود هئو انهيءَ خيال کان تہ هو شايد ڪنهن نبيري لاءِ مددگار ثابت ٿئي. پٽو، رهنمائن کي پنهنجو هم خيال بنائي پر اهو مشڪل هئو. بلڪ ڪيترن ئي ليڊرن هن پوري بحران جو ذميداري پٽي کي ئي قرار ڏنو.

جڏهن يحيٰ خان ڍاڪا ۾ موجود هئو تہ پٽي 15 مارچ تي ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪري ورِي پنهنجي موقف کي واضح ڪيو:

"اسين چاهيون ٿا تہ مرڪز ۾ اڪثريتي پارٽين کي اقتدار ڏنو وڃي جڏهن تہ صوبن ۾ جنهن پارٽي ڪٿيو هجي ان کي اختيار ڏنو وڃي. صرف اهو انتظام ئي پاڪستان جي اعتماد کي برقرار رکي سگهي ٿو."

هن مرحلي تي گهڻئي ليڊر پٽي تي کلي تنقيد ڪرڻ لڳا. خان عبدالولي خان، ميان ممتاز دولتانہ، ايئرمارشل (رٽائرڊ) اصغر خان ۽ ٻيا انهيءَ بيان بازي ۾ شامل ٿي ويا بلڪ گهڻن جو خيال هئو تہ پاڪستان هڪ آهي تنهن ڪري ٻن اڪثريتي پارٽين جو تصور غلط آهي. پاڪستان ۾ صرف هڪ اڪثريتي پارٽي آهي. اوڻيهين مارچ تي يحيٰ خان، مجيب سان ملاقات ڪئي جيڪا ڪنهن نتيجي تي ختم ٿي ۽ ورِي ٻئي ڏينهن ملڻ جو وعدو ڪيو. انهيءَ درميان عدم تعاون جي تحريڪ هلندي رهي جنهن جو علم پٽي کي چڱيءَ طرح هئو، بلڪ هو جڏهن 21 مارچ تي ڍاڪا ڳالهين لاءِ پهتو تہ هن پاڻ اکين سان ڏٺو. شام جو پٽي، يحيٰ سان ايوان صدر ۾ ملاقات ڪئي جنهن ۾ يحيٰ خان مجيب سان پنهنجي ملاقات ۽ ٻين ليڊرن سان ٿيل ڳالهين کان آگاهہ ڪيو. يحيٰ خان جي چوڻ مطابق، مجيب اها تجويز ڏني هئي تہ مارشل لا فوري ختم ڪري قومي اسيمبلي جو اجلاس سڏايو وڃي ۽ بہ ڪميٽيون ٺاهيون وڃن جيڪي ڌار ڌار ٻنهي صوبن لاءِ ڌار ڌار اختيارن جو دائرو متعين ڪن.

ٻئي ڏينهن پٽو، جڏهن ڳالهين لاءِ ايوان صدر پهتو تہ يحيٰ خان ۽ مجيب ٻئي موجود هئا. ويندي شرط مجيب، يحيٰ خان کان پڇيو تہ سندس تجويزن جو ڇا ٿيو. جنهن جي جواب ۾ يحيٰ خان چيو تہ انهيءَ لاءِ ضروري آهي تہ آءُ بہ انهن سان اتفاق ڪريان. پر مجيب چيو تہ مون پاڪستان جي صدر کي تجويزون ڏنيون آهن ۽ هو انهيءَ ڪري هتي ڳالهين لاءِ آيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجيب کي اها ڳالهہ نہ آئڙي سوچيائين تہ اهو هاڻي صدر تي منحصر آهي تہ هو چا تہ قبول ڪري. جيڪڏهن مسٽر ڀٽو انهن تجويزن کي قبولي ٿو تہ اسان جون ڳالهيون باضابطہ ٿي ويندين نہ تہ اهي غير رسمي رهنديون. يحيٰ خان انهيءَ جو ڪو خاطر خواهہ جواب ڪونہ ڏنو ۽ مجيب چوندو رهيو تہ سندس تجويزن جو ڪيس ڪو جواب ملڻ گهرجي.

تن ڏينهين هڪ تاثر عام ٿي ويو هئو تہ ڀٽي جي ڳالهين جو ڪن فوجي جنرلس تي ڏاڍو اثر پئجي ويو هو جن سان چيف اف آرمي اسٽاف ميجر جنرل گل حسن، ايئرفورس چيف ايئرمارشل عبدالرحيم ۽ يحيٰ خان جو پرنسپل اسٽاف آفيسر ليفٽيننٽ جنرل ايس جي ايم پيرزادو سڀ ڀٽي سان هم آواز ٿي بيٺا. هن جي هر ڳالهہ ۾ ها ڪرڻ لڳا. ڀٽي سيني کي اهو ميرائي ڇڏيو هئو تہ جيڪڏهن مجيب سندس ڳالهہ نٽو مڃي تہ اولهہ پاڪستان سڙڪ رک ٿي ويندو. تنهن ڪري يحيٰ خان فوج کي چئي ڇڪو هئو تہ اوڀر پاڪستان ۾ عليحدگي پسندن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهي.[1]

ٻاويهين مارچ تي هو ٽيئي ايوان صدر ۾ هئا پر اوڏيءَ مهل هڪ ڪمري ۾ صرف مجيب ۽ ڀٽو هئا. اوچتو خبر ناهي مجيب کي ڇا دماغ ۾ آيو. هن ملٽري سيڪريٽري کي چيو تہ هو ڪمري کان ٻاهر وڃي. ڀٽي جي مطابق، مجيب مون کي هٿ کان وٺي ڪمري کان ٻاهر وٺي هليو ۽ اتي ڪلٽي ورانڊي ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو. هن خيال کان تہ متان ڳالهيون ڪٿي اينٽيليجنس وارا رڪارڊ ڪندا هجن. ڀٽي جي مطابق هن چيو تہ "هن مون کي ٻڌايو تہ هاڻي مون کي خاطري ٿي ويئي آهي تہ اولهہ پاڪستان ۾ توکان سواءِ ٻيو ڪو ليڊر ڪونهي. ٻيا سڀ وقت وڃائي رهيا آهن. تون اولهہ پاڪستان سنڀال مون کي انهيءَ تي ڪو اعتراض ڪونهي پر اوڀر پاڪستان ۾ تون منهنجي مدد ڪجانءِ."

انهيءَ جملي تي ڀٽي ڪيس خاطري ڏياري تہ هو انهيءَ ڳالهہ تي غور ڪندو. اها سڄي روداد يحيٰ خان دري جي سير مان ڏٺي پئي ۽ جيئن ئي مجيب روانو ٿيو هن ڀٽي کي اندر سڏ ڪيو ۽ انهيءَ "هني مون" بابت پڇا ڪرڻ لڳو. ڀٽي، سڄي ڪهاڻي ٻڌائي ۽ انهيءَ سان گڏ کيس پڪ

(1) سيد بشير حسين، أيوب، ڀٽو ۽ ضياءَ، ص 157

(2) ڀٽو، ذوالفقار علي، دي گريٽ ٽريجڊي، ص 42- 43

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏياري تہ هو انهيءَ تجويز جي حق ۾ ڪونهي ڇاڪاڻ تہ ان جو مطلب ہہ پاڪستان، ۾ مارشل لا جي هوندي بہ پاڪستان ڪيئن هلي سگهندا، بهرحال، انهيءَ تجويز جي مختلف پهلوئن تي غور ڪرڻ ڪانپوءِ يحيٰ خان، ڀٽي کي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ مجيب کي ٿورو ڪي گهٽو "طاقت جو مزو" چکائڻ ضروري هئو.

ساڳي شام ملڪ تاج الدين، مجيب الرحمان جي طرفان ناهيل آئين جو مسودو ڪٽي يحيٰ خان کي پيش ڪيو ۽ اهو احساس ڏياريو تہ جيڪڏهن اهو مسودو قبول ٿيو تہ هڪ گڏيل پڌرنامي جي صورت ۾ 48 ڪلاڪن اندر جاري ڪري سگهبو، پر تمام گهٽ ماڻهن کي احساس هئو تہ ايندڙ ڪلاڪ ڇا ڪٽي اچڻ وارا ها.

شيخ مجيب جي رهائش گاهہ تي ڇا ٿي رهيو هئو تنهن بابت چوڻ مشڪل آهي پر هڪ ڳالهہ واضح ٿي چڪي هئي تہ اولهہ پاڪستان جي سياستدانن کي خاطري ٿي چڪي هئي تہ مجيب جي اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ سندن حالت ڪهڙي رهندي. تنهن ڪري اندروني طرح هنن بہ چاهيو ٿي تہ اوير پاڪستان کي ڏارئي رهڻ گهرجي. هاڻي انهيءَ تجويز تي ئي ويچار ٿي رهيو هئو. وقت تيزيءَ سان گذري رهيو هئو. ٽيويهين مارچ جو ڏينهن اپريو. اهو ڏينهن عجيب هئو. سمورين نجي خواهہ سرڪاري عمارتن تي بنگلہ ديش جا جهنڊا چاڙهيا ويا هئا. خود برطانوي ۽ روسي قونصل جنرل جي آفيس تي بہ بنگلہ ديش جا جهنڊا چاڙهيا ويا. عوامي ليگ جي آفيس تي جهنڊا چاڙهيا ويا ۽ مجيب اتي پهچي ان جي سلامي ورتي ۽ چيو تہ اڄ دنيا جي نقشي تي هڪ نئون ملڪ وجود ۾ اچي ويو آهي.

اولهہ پاڪستان مان ويل ليڊرن جي لاءِ هيءَ تمام اچرج ۾ وجهندڙ صورت حال هئي. چوويهين تاريخ جي صبح تي ڀٽي. يحيٰ خان ۽ جنرل پير زادي سان ملاقات ڪئي. ڀٽي پنهنجي ٽيم جا ڪجهہ رڪن، ڪراچي موڪلي ڏنا هئا پر غلام مصطفيٰ کر ۽ جي اي رحيم اتي ئي رهيا. ڀٽي، يحيٰ خان کي ٻڌايو تہ صورت حال هٿن مان نڪرندي ٿي وڃي بهرحال کيس ٻڌايو ويو تہ مجيب جي پيغام تي رات جو کر ساڻس ملاقات ڪئي جنهن ۾ هن نئين صورت حال ۽ هنگامن تي افسوس جو اظهار ڪيو. انهيءَ ملاقات مان ڪو ڪٽرتيل ڪونہ نڪتو ۽ سمورا ڄڻا پنهنجن

ڪمرن ۾ واپس اچي ويا.

شيخ مجيب، بنگلہ ديش جي جهنڊي جي سلامي وٺي ڪرنل عثماني کي بنگلہ ديش فوجن جو سربراهہ مقرر ڪري ڇڏيو هئو ۽ چيو تہ جتان بہ مدد ملي حاصل ڪري.

هاڻي اهي خبرون لڪل ڪونہ رهيون هيون تہ ڍاڪا ۽ اوڀر پاڪستان جي ٻين هنڌن چا ٿي رهيو هئو. هنگاما، باهيون ۽ قرمار جون خبرون هر طرف کان اچي رهيون هيون. پٽي ۽ سندس ساٿين جون سيٽون 26 مارچ لاءِ بڪ ٿي ويون هيون پر 25 مارچ جي شام جو مجيب هڪ جلسي کي خطاب ڪري بنگالين کي چيو تہ هو قربانين لاءِ تيار ٿي وڃن. رات جو ڏهين بجي ڌاري ڀٽو ۽ اولهہ پاڪستان جا ٻيا ليڊر پنهنجو مختصر سامان پئڪ ڪري رهيا هئا تہ هڪ وڏي شور پوري هوٽل کي متي تي کڻي ڏنو. سيني ٻاهر ليئا پائي ڏنو تہ ڍاڪا ۾ گهڻيون عمارتون باهہ جي شعلن ۾ هيون. عوامي ليگ جي اخبار "دي پيپل" جا گهڻي پري ڪانہ هئي، اها باهہ ۾ پڙڪي رهي هئي. ٽئنڪون نڪري آيون هيون جن ڍاڪا يونيورسٽي جي رهائشي هاسٽلن تي فائرنگ شروع ڪري ڏني. ڀٽي واري ٽيم سمجهي ويئي تہ ٽڪا خان جي "آپريشن سرچ لائيٽ" شروع ٿي چڪي هئي. ڀٽي، ٽڪڙ ۾ صورت حال معلوم ڪرڻ لاءِ يحيٰ خان کي فون ڪرڻ گهريو پر خبر پئي تہ صدر اڳ ۾ ئي روانو ٿي ويو هئو ۽ ان وقت گهٽ ۾ گهٽ سري لنڪا جي مٿان پرواز ڪري پنهنجو غم دارون جي گلاس ۾ غلط ڪري رهيو هئو.

تنهن وقت جنرل يحيٰ خان گڏ جيڪي شامل هئا سي هئا: جنرل عبدالحميد خان ۽ ميجر جنرل گل حسن، جيڪي فوج کي سنڀالي رهيا هئا. ليفٽيننٽ جنرل ايس جي ايم پيرزادو جنهن جي ذمي ٻنهي پارٽين پيپلز پارٽي ۽ عوامي ليگ کي سنڀالڻو هئو. ميجر جنرل غلام عمر جنهن جي سياسي ذميدارين ۾ جماعت اسلامي ۽ مسلم ليگ جي ٽنهي ڌڙن کي سنڀالڻ ۽ انهن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪرڻ هئو. ليفٽيننٽ جنرل متا، يحيٰ خان جو هڪ پراڻو ساٿي هئو جنهن جي ذمي شهري ڪامورا شاهي کي سنڀالڻ هئو. ميجر جنرل ايم اڪبر، ملٽري انٽيليجنس جو سربراهہ هئو جنهن جو ڪم سموري انٽيليجنس جي ڪم جي نگراني ڪرڻ هئو. برگيڊيئر ڪريم، هڪ اوڀر پاڪستاني فوجي جنهن جو ڪم اوڀر

پاڪستان جي معاملن تي صدر يحيٰ خان کي صلاح مشورو ڏيڻ هئو. هن بعد ۾ ڀٽي جي دور ۾ چيف آف دي جنرل اسٽاف جي عهدي جا فرض ادا ڪيا، ۽ ليفٽيننٽ ڪرنل ايم اي حسن جيڪو قانوني ۽ آئيني ماهر جي طور تي اگر تلا سازش ڪيس ۾ صلاحڪار تي ڪم ڪندو هئو. انهيءَ سان گڏ ايئر مارشل رحيم خان، فضائي فوج جو سربراهه به هئو جيڪو يحيٰ خان سان خاص ذاتي تعلقات رکندو هو ۽ هر قدم تي ساڻس گڏ هوندو هئو. البته بحري فوج جي سربراهه کي انهن سمورن معاملن کان پري رکيو ويو هئو.(1)

هي سمورا ماڻهو يحيٰ خان سان گڏ هئا ۽ هر فيصلي ۾ ساڻس گڏ هئا جنهن جو منطقي نتيجو هيءُ نڪري ٿو ته جيتوڻيڪ آخري فيصلي جو مالڪ هو پاڻ هئو پر هنن ماڻهن جي صلاح سان گڏ ئي ڪنهن نتيجي تي پهچندو هئو. هن جو اهو مطلب به ڪونه آهي ته هن کي اوير پاڪستان ۾ ٿيل سمورن فيصلن ۽ انهن جي نتيجن کان آزاد ڪري سگهجي ٿو.

پنجويهين ۽ 26 مارچ تي رات مجيب کي گرفتار ڪيو ويو هئو. ڪيس پهرين اپريل تائين ڍاڪا جي ڪئنٽونمينٽ ۾ رکيو ويو جتان سڌو اسلام آباد آندو ويو ۽ اتان ميانوالي جي جيل ۾ ساڳي ڪوٺڙي ۾ رکيو ويو جتي ڪجهه سال اڳ ڀٽي کي نظربند ڪيو ويو هئو.

چويهين مارچ جي صبح جو ڀٽو پنهنجن بچيل ساٿين سان گڏ ڪراچي پهتو. ڍاڪا ۾ هوٽل کان وٺي ايئرپورٽ تائين هن کي نظر اچي رهيو هو ته راتو رات بنگله ديش جا جهنڊا لهي چڪا ها. گهٽين ۾ ڪنڊن واريون ٽارون وڃائجي چڪيون هيون، هر طرف سناٽو هئو. ڪراچي پهچڻ کان پوءِ پارٽي ڪارڪن ڪيس وٺڻ آيا پر ڀٽي مختصر ڳالهايو. صرف ايترو چيو: ”خدا جو شڪر آهي، پاڪستان بچي ويو“

ساڳئي ڏينهن يحيٰ خان ريڊيو ۽ ٽيليوزن تان خطاب ڪيو جنهن ۾ هن مجيب جي سرگرمين جو وچور بيان ڪيو پر انهيءَ جو لب لباب هيءُ هئو: ”شيخ مجيب ۽ سندس پارٽي جا ڪنيل قدم غداري کان گهٽ ڪونه هئا. هنن ٽن هفتن کان هڪ متوازي حڪومت ناهي رکي هئي.... هن پاڪستان جي جهنڊي جي بي حرمتي ڪئي هئي ۽ فوج کي هر

(1) فيلڊمئن، هربرٽ ”دي بگننگ اينڊدي اينڊ“ ص 147 ـ 148

(2) ڀٽو، دي گريٽ ٽريجڊي، ص 50 ـ 51

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھٽيءَ ۾ طعنا ۽ ٽنڪا ٻڌڻا پوندا هئا.... آءٌ هنن کي برداشت ۽ صبر ڪرڻ تي شاباش ڏيان ٿو.“

هڪ عجيب مونجهاري جي فضا هئي جنهن سرڪاري ادارن کان وٺي عام ماڻهوءَ تائين سيني کي پنهنجي پنجوڙ ۾ جڪڙي رکيو هئو. هڪ طرف سياستدان، يحيٰ خان، فوج ۽ ٽڪا خان کي صورت حال جو ذميدار قرار ڏيئي رهيا هئا ته يحيٰ خان سمجهي رهيو هئو ته اليڪشن سان حالتون ٺيڪ ٿي وينديون.

اليڪشن دوران اوڀر پاڪستان مان ڀيانڪ خبرون اچي رهيون هيون بهرحال هڪ ڳالهه واضح ٿي چڪي هئي ته گهٽيئي بي گناه جانيون ضايع ٿي رهيون هيون. سموري دنيا جون نظرون اوڀر پاڪستان تي ڪتل هيون. ستاويهين مارچ تي ڀارتي وزيراعظم اندرا گانڌي، اوڀر پاڪستان جي ڪارروائي دوران بنگالين سان همدردي جو اظهار ڪيو ۽ 31 مارچ تي ڀارتي پارليامينٽ هڪ ٺهراءُ پاس ڪري اوڀر پاڪستان ۾ تحريڪ هلائيندڙن سان همدردي ڏيکاريندي سندن مدد جي خاطري ڏياري.

مڪتي باهني، جنهن کي گهڻو اڳ منظم ڪيو ويو هئو، هيستائين هڪ عوامي فوج جو درجو حاصل ڪري چڪي هئي. هر عام بنگالي هن کي پنهنجو ڇٽڪارو ڏيندڙ قوت سمجهي رهيو هئو. اوڀر پاڪستان ۾ ماڻهو فوجي ايڪشن کان مجبور ٿي هندستان ڏانهن لڏڻ لڳا ۽ هندستان انهيءَ کي مسئلو بنائي عالمي برادري اڳيان پيش ڪري رهيو هئو. عالمي اخبارون طرح طرح جون خبرون شايع ڪري رهيون هيون جڏهن ته اولهه پاڪستان جي ماڻهن کي ڪنهن آزاد ذريعي سان تصديق ڪرڻ جي ڪا صورت ڪانه ٿي نڪتي. فوجي آپريشن دوران زيادتين بابت اهي رپورٽون به آيون ته اوڀر پاڪستان ۾ ٻه لک ويهه هزار عورتن ۽ ڇوڪرين سان لڄالٽ ڪئي ويئي ۽ جڏهن اوڀر پاڪستان بنگله ديش بنجي ويو ته انهن حامله خواتين جي مدد لاءِ عالمي اداره صحت ڊاڪٽرن جي هڪ ٽيم موڪلي هئي. ايڪيهين اپريل 1971ع تي ڀارتي حڪومت اعلان ڪيو ته 258،734 ماڻهو اوڀر پاڪستان سرحد پار ڪري هندستان ۾ پناهه وٺي چڪا آهن ۽ اجا سلسلو جاري آهي. ڀارت هنن مهاجرن جي مسئلي کي وڏي زور شور سان بيان ڪري رهيو هئو. اپريل جي آخر ۾ پاڪستان حڪومت اعلان ڪيو ته اوڀر پاڪستان ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حالتون بهتر ٿي ويون آهن ۽ ثبوت طور سفاتڪارن جي هڪ ٽيم کي ڍاڪا ۽ چٽاگانگ جو دورو ڪرايو ويو. بظاهر خاموشي نظر اچي رهي هئي پر اها ڪنهن وڏي طوفان جو پيش خيمو هئي.

نيٽ پارٽ جي هڪ اهم ڪارندي، انڊين انسٽيٽيوٽ آف ڊفينس اسٽڊيز جي سبرا منيم، مئي ۾ اعلان ڪيو ته مهاجرن جي هيڏي تعداد کي رکڻ ۽ انهن جي سار سنڀال لهڻ کان بهتر آهي ته اوڀر پاڪستان جو مسئلو جنگ ذريعي حل ڪيو وڃي. انهيءَ لاءِ هن جيڪي ڪارڻ پيش ڪيا سي سڀ پارٽ جي پراڻي موقف کي ورجائي رهيا هئا پر اهو چوڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ته واقعي هندستان جي فوجي مداخلت ضروري هئي. هن جي باري ۾ ڪئين رايا ٿي سگهن ٿا. پر انهيءَ کان انڪار ڪونهي ته انهي "اعلان" کانپوءِ اوڀر پاڪستان ۾ مڪتي باهني جون سرگرميون تيز ٿي ويون. ريل جن پٽڙيون، پليون، ٽيليفون ۽ تار جي نظام کي تباهه ڪيو ويو. هٿيار بي دريغ استعمال ٿي رهيا هئا ۽ ظاهر آهي ته انهن جي حصول جو ذريعو پارٽ کانسواءِ بيو ڪونه هئو. ڪي اهي به اطلاع اچڻ لڳا ته مڪتي باهني جي گوريلن کي تربيت ڏيڻ سان گڏ پارتي فوجي به سادي لباس ۾ وڙهي رهيا هئا. ڪيترائي سياسي ورڪر مارجي ويا هئا، بئنڪون لٽجي رهيون هيون.

مڪتي باهني ۾ ڪيترا رضاڪار شامل هئا تن بابت به متضاد اطلاع آهن جاڪاڻ ته انهيءَ بابت ڪا پڪي ۽ غير جانبدارانه جاڻ ڪانه هئي تنهنڪري غير ملڪي اخباري رپورٽن تي ڀروسو ڪرڻو ٿي پيو. هڪ اطلاع هئو ته مئي جي آخر ڌاري اهي پنجاهه هزار هئا پر ٻيو اطلاع هئو ته اهي اسي هزار جي لڳ ڀڳ هئا يعني ان وقت اوڀر پاڪستان ۾ پاڪستان فوج جي برابر. اهي ته تربيت يافته گوريلا هئا پر ان کان وڏيڪ تعداد انهن بنگالي شهرين جو هئو جيڪي ساٿن مدد ڪري رهيا هئا. هنن سمورين ڪارروائين جو نشانو اوڀر پاڪستان ۾ مواصلات جي ذريعن کي ناڪاره ڪرڻ هئو ته جيئن اولهه پاڪستان مان ڪنهن به فوجي امداد جي پهچڻ کي ناڪام بنائي سگهجي. مڪتي باهني جي اها حڪمت عملي سمجهه ۾ پئي آئي ۽ هوا اها انهيءَ ۾ ڪامياب به ويئي، جيئن بعد ۾ ظاهر ٿيو.

انهيءَ بيان ته اوڀر پاڪستان جو مسئلو جنگ جي ذريعي حل

ڪري سگهجي ٿو تنهن جو مطلب يارت جي بيان مان صاف ظاهر هئو پر جنرل حميد ، جنرل پيرزادي ۽ جنرل عمر جو خيال هئو تہ آپريشن بعد اوپر پاڪستان جو مسئلو هميشه لاءِ حل ٿي ويندو.

جيئن بعد جي حالتن مان ظاهر ٿيو تہ يحيٰ خان ڪي انٽيليجنس جي ذريعي بار بار اهو پئي ٻڌايو تہ حالتون بهتري طرف مڙي رهيون آهن. انهيءَ قسم جي آسرن ۾ يحيٰ خان، سابق جسٽس ڪارنيليس ڪي چيو تہ هو اهڙو آئين تيار ڪري جنهن ۾ پاڪستان جي حدن اندر رهي اوپر پاڪستان ڪي وڌ ۾ وڌ خودمختاري ڏني وڃي.

هڪ طرف گهريلو سطح تي انهيءَ قسم جون ڳالهيون ٿي رهيون هيون تہ ٻئي طرف امريڪا ڪي چين گهڻو وڻڻ لڳو ۽ هن چاهيو پئي تہ تائيوان ڪي ڇڏي چين ڪي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. بلڪ انهيءَ ڪي طاقت طور تسليم ڪري تائيوان جي جاءِ تي اقوام متحده ۾ ويٽو پاور ڏنو وڃي. پر ڪنهن ڳالهہ ٻولهہ يا ڪنهن قسم جي لاڳاپن نہ هئڻ ڪري، براه راست ڪنهن سفارتي قدم کڻڻ بہ ناممڪن هئو. انهيءَ جي لاءِ پٽي ڪي بهترين ذريعو سمجهيو ويو جنهن چين ڪي دنيا جي سطح تي آڻڻ پئي گهريو ۽ پنهنجي ذاتي لاڳاپن جي ڪري هڪ جاءِ بہ بنائي ورتي هئي. سفارتي ڪوشن جي نتيجي ۾ يحيٰ خان اڪتوبر 1970ع ۾ امريڪا جو دورو ڪري چڪو هئو جنهن صدر نڪسن ساڻس انهيءَ قسم جي ڪردار ادا ڪرڻ جو ذڪر ڪيو. امريڪا مان موٽي اچڻ جي پورن ڏهن ڏينهن کان پوءِ يحيٰ خان چين هليو ويو جتي هن 14 نومبر 1970ع تي وزيراعظم چو اين لاءِ سان ملاقات ڪئي ۽ انهيءَ قسم جو ذڪر ڪيو. 1971ع جي شروع ڌاري پاڪستان جو سفير آغا هلالي هڪ خط، وائيٽ هائوس ۾ امريڪا جي وزير خارجہ هينري ڪسنجر ڪي ڏنو. ظاهر آهي تہ انهيءَ خط ۾ اهو پلان لکيل هئو تہ ڪيئن امريڪا ۽ چين ويجهو اچي سگهن.

انين جولاءِ 1971ع ۾ جڏهن پاڪستان ۾ باهہ ٻري رهي هئي، هنري ڪسنجر اسلام آباد پهتو. فيصلو اهو ڪيو ويو هئو تہ هي تہ دورو تمام راز ۾ رکيو وڃي تنهن ڪري ڪيس نٿياگلي جي ريسٽ هائوس ۾ تمام محفوظ طريقي ۾ ترسايو ويو. انهيءَ رات تمام گهٽيون موٽرون نٿياگلي طرف وڃي رهيون هيون ۽ بظاهر اهو ظاهر ڪيو ويو تہ هينري ڪسنجر ڪي طبيعت

جي ناسازي جي ڪري اتي رڪيو ويو هو. سچ هيءَ آهي تہ ڪسنجر نٿياگلي ويوئي ڪونہ هئو. هو جنهن ڏينهن پهتو تنهن ڏينهن ڊنر ڪرڻ ڪانپوءِ ڪيس رات جو 3 بجي اٿاريو ويو ۽ سڌو بيجنگ روانو تي ويو. ٻئي ڏينهن هن وزير اعظم چو اين لاءِ سان تفصيلي ملاقات ڪئي ۽ 11 جولاءِ تي واپس اسلام آباد پهچي ويو. ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ نڪسن واشنگٽن ۾ پريس ڪانفرنس دوران انهيءَ ملاقات جو ذڪر ڪيو. انهيءَ ملاقات ۾ نڪسن کي چين جو دورو ڪرڻ جي دعوت ڏني ويئي.

هڪ وڏي ڪميونسٽ ملڪ جي حيثيت سان سوويت يونين کي ڪاوڙ لڳڻ ضروري هئو ۽ هو پنهنجي انٽيليجنس جي ناڪامي تي ڏاڍو ڪاوڙيو. اها ڪاوڙ هن ڀارت سان تعاون جي ڪيترن ئي معاهدن جي صورت ۾ لاتي.

گهريلو سطح تي يحيٰ خان کي اطمينان بخش وقت ڪونہ گذاري رهيو هئو. هن کي اها خاطري هئي تہ جيڪڏهن ڀارت اوڀر پاڪستان جي مڪتي باهني وارن جي مدد ڪرڻ جي بهاني فوجي مداخلت ڪئي تہ چين ان کي روڪڻ لاءِ ڪافي هوندو. پر عالمي لاڳاپن ۾ اٿين تيڻ سولو ڪونہ هئو. ڀارت پوريءَ طرح مڪتي باهني ۽ آزاديءَ جي خواهشمند ورڪرن جي مدد ڪري رهيو هئو ۽ اطلاع اهي بہ هئا تہ ڀارتي فوج انهيءَ مداخلت جو طريقہ ڪار ۽ ان ڪان پوءِ جي صورت حال کي منهن ڏيڻ جي لاءِ مشق بہ ڪري رهيو هئو. پهرين نومبر 1971ع تي يحيٰ خان ڪلي طرح چيو تہ پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ جنگ اڻ ٽر بنجي چڪي آهي. ڀٽو. ڪابل ۽ ايران وڃي ٻنهي ملڪن جي سربراهن کي حالتن کان آگاهہ ڪيو پر سنت ئي موٽي آيو ۽ پوري رپورٽ يحيٰ خان کي ڏني جنهن ڪيس چين وڃي اتان جي ليڊرن کي حالتن جي خبر ڏيڻ لاءِ مامور ڪيو. چئن ڏينهن ڪانپوءِ ڀٽو. يحيٰ خان جي پروسي وارن جنرلن. ايئرمارشل رحيم خان، ليفٽيننٽ جنرل گل حسن. بحريہ جي سربراهہ ريٽائڊمرل رشيد کي ساڻ ڪري بيجنگ وڃي پهتو جتي جاري ڪيل بيان ۾ ڪنهن بہ امڪاني ڀارتي مداخلت تي چوهہ چنديا ويا ۽ پاڪستان جي ڀرپور مدد ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ڀٽي جي چين واري دوري تي روانو ٿيڻ کان هڪ ڏينهن اڳ اندرا گانڌي بہ ٻاهرين ملڪن جي دوري تي نڪتي. انين نومبر تي ڀٽو موٽي آيو تہ هن پنهنجي دوري کي ڪامياب قرار ڏنو.

ڀارت جي امڪاني مداخلت کي جائز ڪرڻ لاءِ هن بنگالي مهاجرن جي مسئلي کي استعمال ڪيو ۽ اهو به چيو ته سندس سرحد تي ٿيندڙ شورش، ڀارت جي عوام ۾ هلچل پيدا ڪري رهي هئي. دراصل، اهو جواز هئو. روس کي سيني کان ڦهريائين خبر پوڻ لازمي هئو ۽ هن ڊسمبر جي شروع ۾ پنهنجي سفارتي عملي جي خاندانن کي سندن گهر موڪلڻ شروع ڪري ڏنو.

اڪتوبر جي آخر ۽ نومبر جي شروع ڌاري اها ڳالهه واضح ٿي ويئي هئي ته هندستان اوڀر پاڪستان ۾ مداخلت ڪرڻ ڪانسواءِ ڪونه رهندو بلڪ هو انهيءَ آپريشن کي يقيني بنائڻ لاءِ اولهه پاڪستان تي دٻاءُ وجهندو. اها ڳالهه صحيح نڪتي. وچ نومبر ڌاري ڀارت جي هوائي فوج اوڀر پاڪستان ۾ گهڙي مواصلات ۽ ٻين اهڙين ضروري جاين کي نقصان پهچائڻ شروع ڪري ڏنو. مڪتي باهني جا پنهنجا رضاڪار هڪ لک کان وڌيڪ هئا. ٻاويهين نومبر تي ڀارتي ٽينڪون ۽ فوجي دستا ڪلڪتي کان جيسور ڏانهن وڌڻ لڳا. پاڪستان انهيءَ کي حملو قرار ڏيندي دنيا کي مداخلت جي اپيل ڪئي.

پنجويهين نومبر تي ڀٽو ۽ بنگله ديشي گورنر نورالامين، يحيٰ خان سان مليا. يحيٰ خان به حالتن کي وساريندي انهيءَ ويچار ۾ هئو ته هڪ نئون آئيني ڍانچو ڏيڻ سان ماڻهو مات ڪري ويندا ۽ اوڀر پاڪستان ۾ به ماٺار اچي ويندي. يحيٰ خان ٻنهي ڄڻن کي چيو ته هو پاڻ صدر رهڻ گهري ٿو جڏهن ته ڀٽو وزير اعظم ۽ نورالامين نائب وزيراعظم هوندو. ڀٽو چا تي چئي سگهيو. بهرحال ميٽنگ ختم ٿي ۽ نورالامين هليو ويو پر ڀٽو ٻيان ايوان صدر ۾ رهي پيو ۽ يحيٰ خان سان اڪيلائي ۾ ڳالهايائين. بعد ۾ ستين ڊسمبر تي جڏهن اوڀر پاڪستان ۾ حالتون تمام خراب ٿي چڪيون هيون تڏهين يحيٰ خان انهيءَ اسڪيم جو اعلان ڪيو ۽ هڪ عارضي آئين جو ڍانچو ڏيندي نورالامين کي وزيراعظم ۽ ڀٽي کي نائب وزيراعظم ۽ وزيرخارجه مقرر ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ڀٽي کي ان وقت ته ڳالهه ڪانه آئڙي پر حالتون اهڙيون هيون جو في الحال مات ڪرڻي پيس.

ٽين ڊسمبر فيصله ڪن دور جي ابتدا جو ڏينهن هئو يا آخري رائونڊ جي شروعات هئي. غير ملڪي اخبارن، ريڊيو ۽ ٽي وي سرحدن تي چرير ۽ حملن جون خبرون نشر ڪري رهيون هيون پر يحيٰ خان ۽ ٻيا ارباب

اختيار انهيءَ جو نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا ۽ پاڪستان جي سرڪاري نشرياتي ادارا سرڪاري پريس رليز جاري ڪري ماڻهن کي مجرائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيا هئا تہ اوڀر پاڪستان ۾ حالتون نيڪ آهن ۽ اولهہ پاڪستان ۾ ڀارت گڙٻڙ ڪرڻ کان بنهہ محفوظ. هوندو. ٽين ڊسمبر تي پاڪستاني جهازن اولهہ پاڪستان جي هوائي اڏن تان پرواز ڪري امرتسر، سرينگر ۽ آگري جي هوائي اڏن تي حملا ڪيا ۽ ڪن شهرن تي بہ ڪجهہ بم اڇلايا. ڀارت گهڻي عرصي کان ڏسي رهيو هئو تنهن پنهنجن فوجن کي تيار رکيو هئو ۽ جيئن ئي پاڪستاني جهازن پروازون شروع ڪيون تہ ڀارتي جهازن ڪائونٽر ڪيو ۽ ترت خاموشي ڇائنجي ويئي.

هيءَ ڳالهہ امريڪا ۽ ٻين ملڪن لاءِ ڏاڍي پريشان ڪندڙ هئي ۽ هن 8 ڊسمبر تي اقوام متحده جو اجلاس گهرائي ٻنهي ملڪن تي زورڀريو تہ هو جنگ بندي ڪن. ستين ڊسمبر تي اوڀر پاڪستان ۾ جيسور شهر تي هندستاني فوجن قبضو ڪري ورتو جڏهن تہ پيدل فوج ۽ ٽئنڪون ڍاڪا ڏانهن وڌنديون رهيون.

سفارتي سطح تي جنگ لڙڻ لاءِ ڀٽو 8 ڊسمبر تي نيويارڪ لاءِ روانو ٿي ويو. انهيءَ کان اڳ ڪابل ويو. انهيءَ وچ ۾ جنگي ميدان تي صورت حال اهڙي ٿي ويئي هئي جو 12 ڊسمبر تي صدر نڪسن ڀارت کي خاص پيغام موڪلي جنگبندي لاءِ چيو. دراصل هن جو مقصد اولهہ پاڪستان کي بچائڻ هئو. بهرحال، هڪ رات اڳ ۾ ڀٽي ۽ ڪسنجر جي. ملاقات ٿي جنهن ۾ ڀٽي، پوري صورت حال کان ڪسنجر کي واقف ڪيو. پر ڪسنجر صاف لفظن ۾ چيو: ”پاڪستان صرف ٺلهن اعلانن ذريعي بچي نٿو سگهي. ان جو مطلب اهو ناهي تہ اسان اوهان جي مدد نٿا ڪرڻ چاهيون پر ڳالهہ هيءَ آهي تہ اسان اوهان جو وجود بہ چاهيون ٿا. ايندڙ 48 ڪلاڪ اهم آهن ۽ اهو وقت اسان کي تاريخ جي ڪتابن جا حوالا ڏيندي ضايع نہ ڪرڻ گهرجن.“ (1)

ڀارتي حملي جي پهرين خبر 26 نومبر تي اوڀر پاڪستان جي گورنر ڊاڪٽر عبدالمالڪ ڏني. هو انهيءَ ڏينهن اسلام آباد پهتو ۽ يحيٰ خان سان ملاقات ڪري کين ٻڌايو تہ ڪهڙي طريقي بہ جنگ روڪرائي، نہ تہ

(1) ڪسنجر، هينري. دي وائيٽ هائوس ييئرس، ص 907 908

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڌي جنگ جي صورت ۾ اوير پاڪستان کي چڏڻ جي برابر ٿيندو. يحيٰ خان اهو دليل ٻڌڻ لاءِ تيار نہ ٿيو پر هو ايترو خوشامدين ۾ ڪامورن ۾ گهيريل رهيو جو 6 ڊسمبر واري حملي جي خبر کيس 8 ڊسمبر تائين ڪانہ ڏني ويئي. واپس ڍاڪا پهچي ڊاڪٽر مالڪ يحيٰ خان کي خط لکيو جنهن ۾ هن سموري صورت حال واضح ڪئي پر يحيٰ خان صرف ايترو مختصر جواب ڏنو تہ اسان توهان جي لاءِ دعا ڪري سگهون ٿا. ڏهين ڊسمبر تي جنرل اي ڪي نيازي (ٽائيگر) يحيٰ خان کي خط لکي ٻڌايو تہ چند ڏينهن کان وڌيڪ فوج مقابلو نہ ڪري سگهندي. ڊاڪٽر مالڪ اهو ڏسي اقوام متحده کي خط لکيو تہ ڪهڙيءَ طرح بہ جنگبندي ڪرائي وڃي ۽ پارٽي فوجن جي واپسي کان پوءِ اقتدار پرامن طريقي ۾ چونڊيل نمائندن جي حوالي ڪيو وڃي. جيستائين اقوام متحده انهيءَ جي وراٽي ڏئي يحيٰ خان فوراً ترديد ڪري چڏي ۽ ڊاڪٽر مالڪ کي چيو تہ جلدي مدد پهچڻ واري آهي جيڪا ڪڏهن بہ ڪونہ پهتي.

سفارتي سطح تي 12 ڊسمبر تي ٻنهي ملڪن کي سلامتي ڪائونسل آڏو پنهنجو موقف پيش ڪرڻو هئو. ڀٽو صاحب ان وقت پيپلز پارٽي جي وزير خارجہ سورن سنگهہ آيو ۽ پوءِ ڀٽو آيو. ڀٽي پنهنجي ڊگهي تقرير ۾ سموري مسئلي جو پس منظر پيش ڪيو. هن تقرير جو انت انهيءَ نڪتي تي ٿيو تہ "قومن کان غلطيون ٿينديون آهن پر انهن کي غلطين جي سزا ڪونہ ڏني ويندي آهي. اسان کان بہ غلطيون ٿيون ۽ هاڻي انهن جو ازالو ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.... آءُ هتي 12 ڪروڙ عوام طرفان ڀارت ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌايان ٿو." انهيءَ ساهہ ۾ هن اهو بہ چيو: "اسان هندستان کي اجازت نہ ڏينداسين تہ پاڪستان تي قبضو ڪري. اسان ماضي وانگيان هڪ هزار سالن تائين وڙهي سگهون ٿا."

عين انهيءَ وقت جنرل نيازي ڍاڪا ۾ انٽر ڪان هوٽل ڏانهن ويندي ڪن غير ملڪي اخبارن سان ٽڪر ۾ ڳالهائيندي چئي رهيو هئو: "اوهان کي شايد اها خبر ڪانهي تہ صورت حال تمام تيزي سان تبديل ٿي رهي آهي. غالباً سپاٽي يا پرينهن..... اوهان کي اسان جي لڪل قوت جي جاڻ ڪونهي.... اهو ياد رکو تہ هر سلمان سپاهي ڏهن هندن جي برابر آهي..... ڍاڪا جي عظيم جنگ شروع ٿيڻ واري آهي." (1)

امريڪا جي ستين ٻيڙي جون خبرون ڪافي ڏينهن کان گردش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري رهيون هيون ۽ اهي افواهه عام هئا تہ اهو ٻيڙو پاڪستان جي بچاءُ لاءِ امريڪا موڪليو هئو. دراصل انهيءَ ٻيڙي جو هڪ طياره بردار جهاز اينٽر پرائيز هئو جنهن جو مقصد اهو هئو تہ پاڪستاني فوجن کي ڍاڪا ٻاهرين امداد نہ ملي سگهي ۽ جيڪڏهن ضرورت پئي تہ اوير پاڪستان مان امريڪي شهرين کي سلامتي سان ڪڍي سگهي. پندرهين ڊسمبر تي وري ٻئي سلامتي ڪائونسل ۾ تقرير ڪئي ۽ تقريباً سا ڳيون ڳالهيون دهرايون ۽ ويندي ويندي، سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءُ تي پنهنجا ناهيل نوٽس ڦاڙي چيمبر مان نڪري ويو.

انهيءَ دوران، مڪتي باهني، ڀارتي فوج جي مدد سان ڳوٺ پٺيان ڳوٺ، شهر پويان شهر تي قبضو ڪندا ويا ۽ جتي ويا اتي ڳوٺاڻن ۽ بنگالين سندن آدرڀاءُ ڪيو. وٽن ڪان وٺي گهرن جي ديوارن تي ”جوءِ بنگلہ“ جا نعرا لکيل هئا. هر طرف ائين ٿي لڳو تہ ڍاڪا بہ اڄ ڪي اڄ ويو. سورهين ڊسمبر تي هندستاني فوج ڍاڪا ۾ داخل ٿي ۽ ٻئي ڏينهن جنرل نيازي ڍاڪا اسٽيڊيم ۾ پنهنجي 93 هزار ساٿين سميت پيش ٿيڻ جي معاهدي تي صحيحون ڪيون ۽ پنهنجا هٿيار جنرل اروڙا کي پيش ڪيا. سچو ڍاڪا لاشن سان ڀريل هئو. انساني جانين جو اهڙو زيان شايد ئي تاريخ جي ڪنهن حصي ۾ ٿيو هجي. هٿيار ڦٽي ڪرڻ بعد ڪئين جنگي ماهرن جو خيال هئو تہ جيترو سازو سامان اوير پاڪستان ۾ هئو تنهن سان هو ڪيترن ئي مهينن تائين دفاع ڪري پئي سگهيا پر رٿابندي نہ هئڻ ڪري ائين نہ ٿيو. بهرحال، اها هڪ افسوسناڪ حقيقت ئي سهي، اوير پاڪستان ڌار ٿي چڪو هئو.

ائين ناهي تہ هندستان هن جنگ کي اڀرندين حصي تائين محدود رکيو هئو. ڪيس خبر هئي ۽ جيئن حالتن ثابت ڪيو تہ اولهہ پاڪستان جي سرحد تي بہ حالت جنگ هئي. شهري رضاڪار ۽ فوجي انهيءَ جي دفاع ۾ مصروف هئا ۽ ڀارت وٽ 1965ع واري جنگ جو سبق هئو تنهن ڀريون ڪم پاڪستان جي واحد بندرگاهه ڪراچي کي پنهنجو نشانو بنايو. ڪراچي جو آئل ٽرمينل پورو تباهہ ٿي ويو. هڪڙي ميزائيل بندرگاهہ تي رکيل 22 تيل جي وڏين ٽانڪين کي باهہ جي نذر ڪري

(1) جنرل نيازي، دي مشيڪر ، جيئن اسٽينلي وولپورٽ ڪتاب ذلفي آف. پاڪستان ۾ رپورٽ ڪيو. ص 166۔167

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڏيو جنهن ۾ ساڍا ٽي ڪروڙ گيلن تيل ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون جلندو رهيو جنهن کي وسائڻ جو انتظام ڪنهن وٽ بہ ڪونہ هئو. گيس جي تنصيبن، سائيٽ جي ڪيترا ڪارخانا ۽ ڪئين شهري آباديون پارتي بمباري سان تباهہ ٿي ويون هيون. ميرپور خاص ريلوي اسٽيشن جيڪا راجستان سرحد ڏانهن پاڪستان جي رسد جو مک ذريعو هئو، تنهن کي ڳچ نقصان پهچايو ويو.

بحري فوج کي ايترو نقصان پهچايو ويو جو اها چٽڪ چرڻ پرڻ جي لائق نہ رهي هئي. روسي آرماڙ سان پاڪستان جي هڪ تباهہ ڪن جهاز کي ٻوڙيو ويو. سچ تہ هيءُ آهي تہ اٺين ڊسمبر کان پوءِ بحري فوج ڪنهن آپريشن ۾ حصو ئي ڪونہ ورتو. واپار جي حالت ڪا چڱيءَ ڪانہ هئي ڪراچي بندرگاهہ جهڙوڪر ڪنهن ناڪ بندي جو شڪار هجي.[1]

ڍاڪا جي شڪست جي ٻئي ڏينهن تي ڀٽي، نڪسن ۽ ڪسنجر سان ملاقات ڪئي ۽ ورنڌڙ ڏينهن تي پاڪستان لاءِ روانو ٿيو. رستي ۾ هو ڪافي بريڪ لاءِ روم ۾ ترسيو ۽ اتان ئي اسلام آباد سان رابطو ڪيو جتان کيس خبر ملي چڪي هئي تہ هو جيترو جلد ٿي سگهي پاڪستان پهچي. واپسي ۾ هو شاهہ ايران سان صلاح مشوري لاءِ تهران ۾ ترسيو جنهن جي خبر ايئر مارشل رحيم خان کي هن ڏني جنهن ڀٽي جي واپسي کي محفوظ ۽ يقيني بنائڻ لاءِ هڪ فوجي جهاز تهران موڪلي ڏنو.

اوڀر پاڪستان جي شڪست پوري ملڪ کي هڪ نفسياتي مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو هئو خاص ڪري اهي ماڻهو جيڪي حقيقتن ۽ سياسي پس منظر کان واقف نہ هئا يا وري اهي جيڪي مذهبي طور اوڀر پاڪستان کي پنهنجو حصو سمجهندا هئا تن جي لاءِ ڏي جهٽڪي جو ڪارڻ بنيو. ماڻهن جو هڪ طبقو هئو جيڪو فوري طور مجرم لاءِ تيار ڪونہ هئو. ٻيو طبقو هئو جيڪو نفسياتي بحران ۾ هليو ويو هئو ۽ ٽيون طبقو اهو هئو جيڪو هن سموري مسئلي جو ذميدار يحيٰ خان ۽ سندس ساٿين کي سمجهي رهيو هئو. ماڻهن تہ اها بہ خبر ڪانہ هئي تہ حالتون ڪرڻ لڳنديون ئي ميجر جنرل فرمان علي اوڀر پاڪستان جي گورنر عبدالمالڪ جي ذريعي اقوام متحده کي هڪ خط موڪلي چڪو هئو جنهن ۾ چيو ويو هئو تہ اوڀر پاڪستان مان فوجين جي محفوظ منتقلي

(1) فيلڊ مئن، هربرٽ، ص 180

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو بندوبست ڪيو وڃي.اها ٻي ڳالهہ آهي تہ جنرل يحيٰ خان کي جڏهن اها خبر پئي تہ هن اهڙي پيغام موڪلڻ سان لاتعلقي جو اظهار ڪيو. سڄي ملڪ ۾ افراتفري جو عالم هئو. ريڊيو پاڪستان ۽ پاڪستان ٽيليويزن آخر تائين چوندا رهيا تہ پاڪستان آخري ماڻهو تائين اوير پاڪستان جو دفاع ڪندو پر ماڻهن جڏهن بي بي سي ٻڌي تڏهن طاق لڳي وين جنهن مطابق پاڪستاني وقت مطابق ڇئين بجي شام جو هندستاني فوج ۽ مڪتي باهني رضاڪار ڍاڪا تي قبضو ڪري ورتو. جن ماڻهن پاڪستان جو قيام ۽ ان جي لاءِ ڏنل قربانين کي اکين سان ڏٺو هئو تن جي لاءِ هي وڏو سانحو هئو.

هيڏانهن ڍاڪا جي سقوط کان پوءِ ايوان صدر وڏي سياسي ۽ فوجي چرپر جو مرڪز بنجي ويو هئو. وڏي تعجب جي ڳالهہ آهي تہ يحيٰ خان اجا بہ سمجهي رهيو هئو تہ ڪوآئيني حل نڪري سگهي ٿو ۽ هن جي ۽ جنرل هيڊ ڪوارٽرس جي درميان تمام تيزي سان پيغامن جي ڏي وٺ ٿي رهي هئي.

سورهين ڊسمبر جي شام جو يحيٰ خان اڌ ڪلاڪ لاءِ نشرياتي نظام تي آيو ۽ ماڻهن کي سياسي صورت حال کان آگاهہ ڪندي چيائين تہ اسان آخري فتح تائين وڙهنداسين. هن اوير پاڪستان جي شڪست جو ڪليءَ طرح ڪو ذڪر ڪونہ ڪيو. البتہ چين ۽ امريڪا جي مدد لاءِ سندن شڪريو ادا ڪيو. اها تہ ٻئي ڏينهن ماڻهن کي خبر پيئي تہ ڀارت، سلامتي ڪائونسل کي ٻڌائي ڇڏيو تہ هو اولهہ پاڪستان جي سرحدن تي شام جو 30-7 بجي کان وٺي جنگبندي تي عمل شروع ڪري ڇڏيندو.

ڍاڪا جي شڪست جي فوراً بعد ايوان صدر ۾ ڇهل پهل شروع ٿي وئي هئي جتي يحيٰ خان پنهنجي قريبي ماڻهن ۽ ساٿين سان صلاحون شروع ڪري ڏنيون هيون. جنرل يحيٰ خان انهيءَ ۾ مصروف هئو تہ رهيل پاڪستان جو مستقبل ڇا ٿيندو ۽ انهيءَ ۾ سندس ڪهڙو ڪردار هوندو. انهيءَ ڪري هن جنرل هيڊڪوارٽر جي درميان مواصلات ڪا گهٽي ڪانہ ٿي رهي هئي، هن ڪري تہ جنرل يحيٰ خان چئي رکيو هئو تہ هو وڏيڪ اهم ڪم ۾ مصروف آهي. انهيءَ حد تائين تہ فوج جي اعليٰ ليڊرشپ وٽان بہ ڪو خاص ردعمل يحيٰ خان تائين پهچي ڪونہ رهيو هئو جنهن جو هڪ مثال گجرانوالا جو هئو. هتي هڪ آرمرڊ ڊويزن ميجر

جنرل بچو ڪريم جي نگراني ۾ موجود هئي جنهن کي رزرو ۾ رکيو ويو هئو. جنرل بچو کي فڪر هئي تہ چار هزار بنگالي فوجي جيڪي اولھہ پاڪستان ۾ متعين هئا تن جي زندگي کي ڪو خطرو نہ پهچڻ گهرجي جنهن جي جواب ۾ ڪيس ٻڌايو ويو تہ انهيءَ جي ڪو فڪر نہ ڪرڻ گهرجي. جنرل ڪريم جي ڊويزن جڏهن ڍاڪا جي شڪست جي خبر ٻڌي تہ افسوس جي لهر ڊوڙي ويئي. هن ڊويزن ڪانسواءِ هڪ پيدل ڊويزن بہ ميجر جنرل آر ڊي شميم جي هٿ هيٺ هئي. هنن ٻنهي رزرو ڊويزنن جي مجموعي ذميداري ميجر جنرل بشير جي هٿ ۾ هئي.

ڍاڪا جي خبر پوڻ شرط ڪن آفيسرن احتجاج بہ ڪيو. انهن ۾ برگيڊيئر اقبال مهدي شاه (آرمرڊ ڪور) ۽ برگيڊيئر بخت علي (آرٽلري) بہ هنن سان شامل ٿي ويا. هنن سيني گڏ جي ميجر جنرل آر ڊي شميم کي پنهنجي جذبات کان آگاھہ ڪيو پر ميجر جنرل بشير سان بہ ملاقات جو خيال ظاهر ڪيو جنهن کين هن نازڪ دور جي اهميت کان آگاھہ ڪندي اها صلاح ڏني تہ هو في الحال پنهنجا جذبات قابو ۾ رکن. پر هو مات ڪرڻ وارا ڪونہ هئا جنهن کان جي ايچ ڪيو کي آگاھہ ڪيو ويو. نيٺ کين اتي نيو ويو پر هنن جي ڳالھہ گهٽي نہ هلي. بعد ۾ ميجر جنرل شميم، برگيڊيئر اقبال مهدي شاه ۽ فرخ بخت علي ۽ ٽن ٻين کي اگست 1972ع ۾ ڪورٽ آف انڪوائري بعد هنن ڪري جبري رٽائر ڪيو ويو تہ هو 20 ڊسمبر 1971ع تي پنڊي جي صدارت سنڀالڻ کان بہ ڏينهن اڳ پاڪستان کي خانہ جنگي طرف ڌڪي رهيا هئا.[1]

ذوالفقار علي ڀٽو رستي ۾ ئي هئو تہ جنرل يحيٰ خان، پنهنجن ساٿين کي گڏ ڪري ايوان صدر ۾ صلاح مشورو ڪري رهيو هئو تہ آئندي جو سياسي ۽ انتظامي ڍانچو ڪيئن هوندو ۽ ملڪ کي ڪيئن ۽ ڪير هلائيندو. اهو تہ واضح ٿي ويو هئو تہ اوير پاڪستان ۾ فوج هٿيار ڦٽي ڪرڻ وقت يحيٰ خان هڪ اهڙو آئين نافذ ڪرڻ جو سوچي رهيو هو جيڪو سندس "ماهرن" تيار ڪيو هو ۽ جنهن وقت جنرل فرمان اقوام متحده کي خط لکرايو هئو، ان وقت بہ يحيٰ خان پنهنجي تقرير جي متن کي ڏسي رهيو هئو. هن کي پڪ هئي تہ نتيجو ڇا بہ نڪري اوير پاڪستان پاڪستان کان ڌار ڪونہ ٿيندو.

(1) فيلڊمئن هربرٽ ص 184، 85

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي صورت انهيءَ کان بنهہ مختلف هئي. هن کي خبر ناهي ڇو پڪ هئي تہ هو پاڪستان جو صدر ٿي رهندو پر جي ايچ ڪيو ۾ ٻيو رايو موجود هئو. اتي جنرل حميد خان، يحيٰ خان جي خيالن جي ترجماني ڪرڻ بلڪ هن جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ موجود هئو پر انهيءَ وقت اهو ڪافي ڪونہ هئو. ڪن جنرلس جو خيال هئو تہ ايئر مارشل (رٽائرڊ) اصغر کي صدر جي صورت ۾ آڻجي پر ٻين انهيءَ کي هڪ ٻي غلطي ڪرڻ جي برابر سمجهيو تنهن ڪري اهو امڪان رد ڪيو ويو. اصغر خان جي مخالفت هن ڪري بہ زور وٺي وئي تہ هو 1970ع جي چونڊن ۾ پيپلز پارٽي جي هڪ اميدوار کان هارائي چڪو هئو ۽ سندس پارٽي کي قومي اسيمبلي ۾ هڪ بہ سيٽ ڪانہ هئي.

اهڙي امڪان رد ٿيڻ کانپوءِ ٻيو ڪو نالو آڏو ڪونہ آيو ۽ هر هڪ ڌر جي حمايت ۾ نڪري آيو. تنهنڪري هاڻي ڌر جو انتظار ڪرڻ ضروري ٿي پيو هو. اهو سوچي جنرل گل حسن ۽ رحيم خان ٻئي ايوان صدر ويا جتي هنن ڏٺو تہ يحيٰ خان اجا پنهنجي تقرير ۾ رڌو پيو هئو. اتي کيس صاف لفظن ۾ ٻڌايائون تہ جي ايچ ڪيو ۾ ڪهڙي سوچ موجود هئي. هاڻي هن جي وڃڻ کانسواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونهي. پهريائين تہ يحيٰ خان انهيءَ جي مخالفت ڪئي پر پوءِ زور پرڻ تي چيائين تہ پلا آءٌ واپس ڪمانڊر انچيف وارو عهدو وٺي سنڀاليان ٿو. انهي تي گل حسن ۽ رحيم خان ڪجهہ وڌيڪ سختي سان چيو تہ هاڻي گهٽ ڪجهہ ٿي ويو. کيس وڃڻ گهرجي. جڏهن ڏٺائين تہ ٻئي ڄڻا مجڻ لاءِ تيار ڪونهن تہ چيائين تہ انهيءَ صورت ۾ گل حسن کي صدارت سنڀالڻ گهرجي ۽ حميد خان ڪمانڊر انچيف جو عهدو سنڀالي. عين انهيءَ وقت خبر پئي تہ يحيٰ خان جي تقرير نشر ٿيڻ واري آهي تنهنڪري گل حسن پهريون ڪم اهو ڪيو تہ اها نشر ٿيڻ کان روڪرائي ڇڏي. پر اهو حل ڪونہ هئو. مسئلا اجا جي ايچ ڪيو ۾ بہ اٽڪيل هئا. جنرل حميد جي لاءِ اها تجويز تہ هو ڪمانڊر انچيف ٿئي، هن پاڻ انهيءَ تي ٻڌتر ڏيکاري ۽ چيو تہ هو پهريائين جي ايچ ڪيو جي آفيسرن سان صلاح مشورو ڪندو. نتيجي طور هن ڪجهہ سينير آفيسرن کي 20 ڊسمبر تي گهرايو. گل حسن آفيسرن کي چيو تہ هو پنهنجي دل جو حال کولي ٻڌائين. جڏهن ميٽنگ شروع ٿي تہ آفيسرن ڏاڍيون جوشيليون تقريرون ڪيون انهيءَ

حد تائين جو حميد گل وٽ انهن جو ڪو جواب ڪونہ هئو. هن ميٽنگ ۾ آفيسرن ڪئين سخت جملا ڪتب آندا.

هاڻي ذوالفقار علي ڀٽي جو انتظار هئو. سچ تہ هيءُ آهي تہ 18 کان 20 ڊسمبر تائين ملڪ ۾ نہ ڪو حڪمران هئو، نہ ڪو صدر ۽ نہ ئي وري ڪا حڪومت ڪم ڪري رهي هئي. نفسياتي بحران سان گڏوگڏ انتظامي خلا هئو جيڪو هر ماڻهوءَ جي هانءُ کي کائي رهيو هئو ۽ سيڪو اهو پڇي رهيو هئو تہ هاڻي ڇا ٿيندو؟ يحيٰ خان جي چرپر محدود ٿي ويئي هئي. ڪوبہ ماڻهو سندس ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونہ هئو. جيڪڏهن ڪنهن جو حڪم هليو ٿي تہ جنرل گل حسن جو. ويهين تاريخ تي ڀٽو اسلام آباد هوائي اڏي تي لٿو ۽ (ان وقت) سندس ويجهو ساٿي غلام مصطفيٰ کر گاڏيءَ ۾ هوائي اڏي تي انتظار ڪري رهيو هئو. گل حسن ۽ رحيم خان بہ اتي موجود هئا. هو چارئي ڄڻا سڌو ايوان صدر ويا جتي جنرل پيرزادو، جنرل حميد ۽ وزير اطلاعات روئداد خان بہ موجود هئا. سمورن هڪ ڪلاڪ کانپوءِ پاڻ ۾ ملاقات ڪئي. انهيءَ وقت تائين وزير اطلاعات ۽ ڪابينہ سيڪريٽري غلام اسحاق خان، ٻاهر ڇپر تي چهل قدمي ڪري رهيا هئا. کين خبر هئي تہ اندر ڇا ٿي رهيو هئو. هنن ڪئين لاها چاڙها ڏٺا هئا. بهرحال، ٿوريءَ دير کانپوءِ روئداد خان کي اندر سڏ ٿيو. ڀٽي کيس چيو تہ هو آفيس وڃي ۽ سندس فون جو انتظار ڪري. روئداد صرف ڪنڌ سان هائوڪار ڪئي ۽ هليو ويو. ڪجهہ دير کانپوءِ کيس فون آيو. ڀٽو ڳالهائي رهيو هئو:

"يس سر."

"مان اڄ قوم کي خطاب ڪرڻ گهران ٿو ۽ چاهيان ٿو تہ تون ڪجهہ پوائنٽس نوٽ ڪري شام پنجين بجي مون وٽ پهچ."

انهي شام روئداد خان کي خبر پئي تہ کيس هٽائي حفيظ پيرزادي کي رکيو ويو آهي. (1)

ڀٽو، صدر ۽ چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر طور قسم کڻي چڪو هئو. انهيءَ وقت تائين، غلام مصطفيٰ جتوئي، ڊاڪٽر مبشر حسن، جي اي رحيم ۽ ممتاز علي ڀٽو ايوان صدر پهچي چڪا هئا. بچيل پاڪستان ۾ سڀ کان وڏيڪ مطمئن ۽ خوش پيپلز پارٽي جا اڳواڻ نظر اچي رهيا

(1) ولپرٽ، اسٽينلي، ذلفي آف پاڪستان، ص 170 ـ 71

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا ۽ هنن کي اچڻ بہ گھرجي ھا.

اتان پٺتي کي راولپنڊي ۾ قائم پنجاب هائوس ۾ نيو ويو هو ۽ پويان صدارتي عملي کي حڪم مليو تہ يحيٰ خان جو سامان ٻڌي ڪيس جيترو تي سگھي اوترو جلد ايوان صدر خالي ڪرايو وڃي. ايتري ۾ ڀٽي جنرل گل حسن کي گھرايو ۽ کيس چيو تہ هو ڪمانڊر انچيف واري جاءِ سنڀالي. رات جو سادي ڏهين بجي ڀٽي ريڊيو ۽ ٽي وي تان تقرير ڪئي ۽ انهيءَ ۾ ٻڌايو تہ هن جنرل گل حسن کي نيون ذميداريون ڏنيون آهن. تقرير گھٽي ٻڌي هئي جيڪا اوير پاڪستان جي شڪست، ان جي سببن، سندس سياسي پروگرام ۽ مستقبل جي لاءِ وعدن تي ٻڌل هئي. پنهنجي مخصوص سياسي انداز ۾ هن چيو تہ ماڻهو منهنجو خاندان، اولاد ۽ ٻچا آهن. بهرحال هن انهي جو وعدو ڪيو تہ مارشل لا ضرورت کان هڪ ڏينهن بہ وڌيڪ ڪونہ لاڳو رهندو. هيءُ پاڪستان ۾ پهريون شهري مارشل لا هئو. "آءُ هڪ تمام ڏکي گهڙي تي آيو آهيان. اسان هڪ تمام تڪليف ده بحران کي منهن ڏيئي رهيا آهيون. اسان کي هاڻي ٽڪرا ميڙڻا آهن.... تمام ننڍا ٽڪرا، پر اسان هڪ نئون پاڪستان ٺاهينداسين." انهيءَ ئي تقرير ۾ ڀٽي، پنهنجي سوٽ ممتاز علي ڀٽي کي سنڌ جو گورنر، مير رسول بخش ٽالپر کي سنڌ جو سينئر صلاحڪار، جتوئي کي سياسي امور، مواصلات ۽ قومي وسيلن جو وزير مقرر ڪيائين. جي اي رحيم، جنهن پنهنجي سموري زندگي نظريات جي تشهير ۽ اعليٰ قدرن جي حفاظت ۾ صرف ڪئي، تنهن کي صدارتي امور جو وزير مقرر ڪيو، ڊاڪٽر مبشر حسن، ٻئي قريبي دوست ۽ آزاد طبع ماڻهو کي خزاني، اقتصادي امور ۽ ترقياتي معاملن جو وزير بنايو. پنهنجي پراڻي خارجہ سيڪريٽري عزيز احمد کي رٽائرمينٽ مان واپس ڪٺي آيو.

ڀٽو، انهيءَ حقيقت کي تسليم ڪري چڪو هئو تہ بنگلہ ديش وجود ۾ اچي چڪو هئو پر صرف انهيءَ مڃڻ سان مسئلا حل ڪونہ ٿي ٿيا بلڪ مسئلا جيڪي گهڻو سالن کان گڏ ٿي ويا هئا تن کي حل ڪرڻ جو وقت ئي هاڻي آيو هو. انتظامي سطح تي گهٽيون تبديليون اچي ويون هيون. اهي سياستدان جن ڀٽي جي وزارت دوران سندس مخالفت ڪئي هئي يا جن ڊسمبر 1970ع وارن چونڊن ۾ هن جي يا نہ هن جي پارٽي اميدوارن جي مخالفت ڪئي، سيئي سوچڻ لڳا تہ ڪا ٺاهہ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورت ڪئي جي. انهن مان ڪي تہ اهڙا هئا جيڪي انتخابي مهم دوران گارگند تي لهي آيا هئا. انهن ۾ لاڙڪاڻي، حيدرآباد، سانگهڙ ٿرپارڪر جا بہ ڪي خاندان هئا. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اڳتي هلي ڪن ٿياڪرن جي مدد سان پنهنجي انهيءَ ڳالهہ تي ناهہ ڪرڻ قبوليو تہ هو انتقام نہ وٺندو. بهرحال هن جي دور حڪومت دوران ڪي اهڙا بہ هئا. جن نياپا ڪري وچي سندس صف ۾ شامل ٿيا. پر پنهنجو انهيءَ کان اڳ جو انهن ڳالهين تي ڏيان ڏئي هن جو پهريون ڪم ڪنتجي ويل اوير پاڪستان ۽ اتان جي ليڊر مجيب الرحمان سان ناهہ ڪرڻ، هندستان ۾ قيدي ٿي ويل فوجين ۽ شهري ملازمن کي آزاد ڪرائڻ، جنگ ۾ ٿيل نقصان جو پورائو ڪرڻ ۽ ماڻهن جو حوصلو بلند ڪرڻ هئو.

خير سگالي جي فضا بحال ڪرڻ جي لاءِ قسم کڻڻ کان پورو هڪ هفتو پوءِ هو پاڻ گاڏي ڪاهي چڪلالہ هوائي اڏي جي پرسان هڪ بنگلي تي ويو جتي شيخ مجيب کي جيل جي ڪوٺڙي مان ڪڍي اتي آندو ويو هئو. مجيب جي نظر جڏهن پنهنجي تي پئي تہ هڪ ڦڪي مسڪراهٽ سان کيڪاريائين تہ پنهنجي ڪيس سموري روداد ٻڌائي. مجيب خاموشي سان ٻڌندو رهيو ۽ اتاولائي مان پنهنجي کان پڇيائين:

"بنگال جي ڇا حالت آهي، مون کي ڏاڍي ڳڻتي آهي." اهو سوال فطري هئو ڇاڪاڻ تہ نظربندي کان وٺي نہ هن اخبار ڏٺي هئي نہ ريڊيو ٻڌو هو. هو بنهہ اڻڄاڻ هو. پنهنجي ٻڌايس تہ اتي هندستان جي فوج اچي ويئي آهي. اتي روسي هٿيارن ٽرڪون هلي رهيون آهن."

"انهيءَ جي معنيٰ تہ هنن اسان کي ماريو آهي....... هاڻي مون سان وعدو ڪر تہ تون مون کي ڍاڪا وٺي هلندين. تون منهنجي مدد ڪر. جيڪڏهن هندستاني مون کي جيل ۾ وجهن ٿا تہ تون هنن سان وڙهندين، وعدو ڪر...." مجيب روئڻ لڳو.

"اسان گڏجي وڙهنداسين." پنهنجي وعدو ڪيو.

"نہ نہ، مون کي اتي وچي حالتون نيڪ ڪرڻيون آهن. مون کي خاطري آهي تہ قابض فوجون ائين ڪونہ وينديون! عوامي ليگ هنن کي نٿي ڪڍي سگهي. دنيا ڏسندي...... مون کي تنهنجي مدد جي ضرورت آهي..... مون ڪڏهن هندستاني، اتي ڪونہ ٿي چاهيا. توکي شايد يقين نٿو اچي." مجيب يڪساهي چئي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نـ نـ، مون کي توتي ڀروسو آهي. ائين نـ هجي ها تـ آءٌ هتي نـ هجان ها. سڀ ڪان پهرين مون تنهنجي رهائي جو حڪم ڪيو،“ يحيٰ آٿت ڏيندي چيو.

”چڱو، هاڻي تو چارج سنڀالي آهي تـ مون کي خوشي آهي،“ مجيب ڳالهائيندو رهيو ۽ ڪمري جي ڇيڻي پاسن کي ڏسندو رهيو.

”تـ تون هاڻي فوج ڪان آجو آهين،“ مجيب وري سوال ڪيو.

”هاڻي اهو هڪ ضمني سوال آهي،“ يحيٰ وراڻيو. ”پر هاڻي فوج وري ڪانـ ايندي. آءٌ صرف پنهنجي ملڪ جو ايڪو چاهيان ٿو پوءِ ڀلي تنهنجا ڪمڙا بـ شرط هجن.“ يحيٰ کي اجا اميد هئي تـ اڳوڻو اوڀر پاڪستان اسان سان واپس ملي هڪ ٿي ويندو.

”نـ نـ، ڪيئي شرط ڪونهن، مون کي ٻڌاءِ تـ منهنجي ملڪ جو ڇا حال آهي؟“ مجيب پڇيو، پر لفظ اسان جي بدران منهنجو ڪتب آندائين، يعني ٻنهي هڪٻئي تي هڪ گهمرو وري بداعتمادي جو اظهار ڪري ڇڏيو.

”مجيب ڀائي، ڇا ٻنهي جي گڏ رهڻ جو ڪو امڪان آهي؟“ يحيٰ پڇيو.

”آءٌ ڍاڪا ۾ عام جلسو ڪندس،“ مجيب وراڻيو ۽ جملو وري جاري رکيو:

”پنهنجن ماڻهن سان ملندس. ڪانئن پڇندس پوءِ توکي ٻڌائيندس. اهو منهنجو وعدو آهي...... آءٌ ذري ڳالهـ ڪندس..... هو منهنجي ڳالهـ تي ڀروسو ڪندا. انشاءَ الله اسان ڪجهـ نـ ڪجهـ ڪنداسين. آءٌ سڌو سنئون ڪجهـ چئي نٿو سگهان..... توکي منهنجي پوزيشن جي خبر آهي “ مجيب چيو پر ائين پئي لڳو تـ هن کي اهو وعدو ڪرڻو هو ڇاڪاڻ تـ ائين نـ چوڻ سان هن جي خبر ڪانـ هئي تـ هو خيريت سان پنهنجي ڍاڪا پهچندو يا ڪڏهن ڪيس موڪليو ويندو.

يارهن ڏينهن تائين يحيٰ هن بنگالي قيدي سان ڪيڏندو رهيو. هن ڪيس انهيءَ پهرين واري بنگلي ۾ ڇڏي ڏنو جتي هو اڪيلو اهو سوچيندو رهيو تـ هن جو ڇا ٿيندو، هن جي ڪڏهن سنهري بنگال جو ڇا ٿيو هوندو، ايستائين جو ستين جنوري اچي ويئي، انهيءَ وچ ۾ يحيٰ پنهنجي سالگرهـ بـ ملهائي. هڪ گهمرو وري يحيٰ ۽ مجيب گڏ هئا پاڻ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهائي رهيا هئا.

”تو 27 تي چيو هئو تہ اسان وٽ بہ يا ٽي ڪاتا مشترڪ ٿي سگهن ٿا ۽ اهي هئا دفاع، خارجہ معاملا ۽ ڪرنسي“، يٽي مجيب کي ياد ڏياريو.

”انهيءَ کان اڳ تو مون کي ڇڏڻ جو وعدو ڪيو هو،“ مجيب ورندي ڏني.

”پر مون کي فڪر ناهي تہ اها نالي ماتر فيڊريشن ئي هجي.“ يٽي جهٽڪ کائڻ کنهن قسم جو وعدو ورتڻ تي گهريو.

”نہ نہ، ... مون توکي اڳ ۾ ئي چيو هئو تہ اسان کي ترسڻو پوندو.... اسان ڪنهن قسم جو انتظام تہ ڪري سگهون ٿا. مون توکي چيو هئو تہ اها ڪنفيڊريشن هوندي. پر اها ڳالهہ تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ آهي. مون کي پڪ آهي تہ تو ڪنهن سان انهيءَ جو ذڪر ناهي ڪيو،“ مجيب هڪ ٿي ساهہ ۾ چئي ويو.

”نہ، آءٌ ڇو ڪنهن کي ٻڌائيندس.“ يٽي تقريباً پڙ پڙ ڪندي چيو.

”آءٌ انهيءَ کي ٻنهہ راز ۾ رکندس.“

”تون اهو مون تي ڇڏ.“ ٻنهہ مون تي ڇڏ. مون تي ڀروسو ڪر،“ مجيب خاطري جي انداز ۾ چيو.

”آءٌ توتي ڀروسو ڪريان ٿو،“ يٽي چيو جهٽڪ ٻنهي جو هڪ ٻئي تي ڏاڍو ڀروسو هئو.

”جڏهن بہ آءٌ اتي پهتس تہ بنگلہ ديش جي لکين ماڻهن کي اهو ٻڌائيندس تہ.... يٽي کي اقتدار ڏيڻ کان اڳ يحيٰ خان مون کي مارڻ پئي چاهيو... ۽ آءٌ چوندس تہ ڀرين هن ماڻهوءَ تي مقدمو هلايو ان ڪانپوءِ آءٌ ڳالهائيندس، تون سمجهين ٿو تہ مون کي پنهنجن ماڻهن کي اعتماد ۾ وٺڻو پوندو. گهڻا ڏاڍا اونها آهن.“

”تون ڇا ٿو سمجهين تہ ڪير وڏو ولن آهي. يحيٰ يا پيرزادو؟“ يٽي پڇيو.

”ٻئي“، مجيب چيو.

”مون کي خبر آهي،“ يٽي ڪنڌ ڌوڻيندي چيو، انهيءَ اطمينان سان تہ هاڻي ٽئي جڻا سندس قيدي هئا.

”مون توکي چيو تہ مون کي ڪو اعتراض ڪونهي،“ مجيب وراڻيو.

”..... منهنجو خيال هئو تہ اسان گڏ رهون ۽ هن ملڪ کي هلايون (پر) هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرح (يحيٰ) گڙٻڙ شروع ڪري ڏني ۽ اها تو تائين پهچائيندو رهيو. انهيءَ ڪانپوءِ بنگال ۾ تباهي شروع ٿي ويئي."

"پر هاڻي اسان کي شيون درست ڪرڻيون پونديون." يحيٰ کيس ياد ڏياريو. "اسان کي ڪوشش ڪرڻي پوندي"، مجيب تائيد ڪندي چيو، "پر توکي خبر آهي ته رستو ڪهڙو آهي. مون کي وڃڻو پوندو. مون کي منهن ڏيڻو ۽ مسئلو حل ڪرڻو پوندو. توکي خبر آهي ته قابض فوج موجود آهي...... اسان جي فوج کي ماريو ويو..... جيئن انڊونيشيا ۾..... ٻي ڳالهه به آءُ صاف لفظن ۾ چوندو هلان...... اولهه بنگالي...... مون کي ڪين بنگال مان ڪيڏي چيپاٽڻو آهي...... توکي منهنجن مشڪلاتن جي خبر آهي."

"ها،" يحيٰ وراڻيو، "چڱو، آءُ ڍاڪا هلڻ لاءِ تيار آهيان."

"نه، نه،" مجيب پنهنجو مٿو پڪڙي ويهي رهيو. "تون هيرو ٿي ويو آهين ۽ توکي سڄي ڄمار لاءِ ويٺو رهڻ گهرجي."

"نه، آءُ اهو نٿو چاهيان،" يحيٰ وراڻيو، "توکي اسان جو صدر هئڻ گهرجي،" يحيٰ چوندو رهيو. "ڏس، پنجاهه هزار ڊالر وٺ."

مجيب گهوري چيو: "اها رقم منهنجي جهاز جي ڀاڙي لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي ته بهتر ٿيندو."

انين جنوري 1972ع جي اڌ رات جو مجيب جهاز رستي لنڊن روانو ٿي ويو، چاڪاڻ ته ڍاڪا سان سڌي طرح رابطو ڪونه هئو. مجيب پاڻ تهران ۽ انقره جي بدران لنڊن وڃڻ کي ترجيح ڏني. اسر جو مجيب لنڊن پهتو، اتان هڪ وڏي گاڏي کيس ڪليريجز هوٽل کڻي ويئي. پهچندي ئي پنهنجي ڪمري مان مجيب ڀارتي وزيراعظم اندرا گانڌي سان ڳالهايو. برطانيه حڪومت کيس رائل ايئر فورس جو جهاز مهيا ڪيو جيڪو کيس ٻئي صبح ڍاڪا وڃڻ لاءِ روانو ٿيو. جهاز پهرين دهلي هوائي اڏي تي لٿو، جتي اندرا گانڌي ئي نه، سندس سموري ڪابينه مجيب جو استقبال ڪيو جڏهن ته ڍاڪا ۾ بنگالين جو هڪ سمنڊ سندس استقبال لاءِ انتظار ڪري رهيو هو.[1] پر مجيب هتي پهچي عام جلسي ۾ اعلان ڪيو ته هاڻي اوير ۽ اولهه پاڪستان ۾ ڪو رابطو رهڻ ممڪن ناهي. ٻن ڏينهن ڪانپوءِ يحيٰ چيو ته هو ڪنهن مناسب وقت تي مجيب سان ڳالهائيندو جنهن جي جواب ۾ مجيب چيو ته هو يحيٰ سان ڳالهيون

(1) ولپرٽ، اسٽينلي، ذلفي آف پاڪستان ص 170  177

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

پٽي ايندي شرط ٿي ڪئين صنعتون قومي تحويل ۾ ورتيون ۽ پنهنجي تقرير ۾ انهيءَ فيصلي جا سبب بيان ڪيا. پر انهيءَ سان گڏ ماڻهن کي پڌائيندو رهيو تہ ملڪ کي ڪهڙا ڪهڙا مسئلا درپيش هئا ۽ هو انهن کي سندن مدد سان حل ڪرڻ گهري ٿو.

ڀٽو، صنعتڪارن، ڪاروباري ماڻهن، هاري ڪارڪنن ۽ پارٽي ورڪرن سان ملندو رهيو. ڪڏهن ڪراچي هوائي اڏي تي تہ ڪڏهن لاهور ۾ بهرحال هن جو پنهنجو طريقو هئو جنهن مطابق هو هلي رهيو هو. ماڻهو اڪثر پڇڻ لڳا تہ مارشل لا ڪڏهن هٽايو ويندو. جنهن جو جواب ڀٽو اهو ڏيندو هئو تہ اهو اسان کي ورثي ۾ مليو آهي پر ضرورت کان هڪ ڏينهن بہ وڌيڪ نہ رهندو. هن 23 مارچ تي صوبائي اسيمبلين جو اجلاس سڏايو ۽ انهيءَ دوران هن مزدور ۽ زرعي سڌارن جو اعلان ڪري ڇڏيو پر انهيءَ کان اڳ هو چين ويو جتي هن پاڪستان ۽ چين وچ ۾ دوستي کي وڌائڻ جو عزم دهرايو. مزدور ۽ هارين تہ سڌارن جو خيرمقدم ڪيو پر اهو چوڻ ڏکيو هئو تہ زرعي سڌارن تي عمل ڪيئن ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ هن وڌ ۾ وڌ 300 ايڪڙ زمين رکڻ جو اعلان ڪيو هئو. جڏهن تہ انهيءَ قسم جي سڌارن جو اعلان ايوب خان ڪري چڪو هئو جنهن کي سمورا وڏا زميندار ناڪام بنائي چڪا هئا.

ستت ئي ذوالفقار علي ڀٽي، ليفٽيننٽ جنرل گل حسن جي جاءِ تي ليفٽيننٽ جنرل ٽڪا خان کي، نئون ڪمانڊر انچيف مقرر ڪيو ۽ ايئر مارشل رحيم خان جي جاءِ تي ايئر مارشل ظفر چوڌري کي فضائي فوج جو سربراهہ مقرر ڪري ڇڏيو. انهيءَ ئي ڏينهن هن اعلان ڪيو تہ هاڻي فوج جي هر شعبي ۾ هڪڙو چيف آف اسٽاف هوندو. جڏهن هن پنهنجي پروسي وارو نظام آڻڻ تي گهريو.

هاڻي ڀٽي جو سڄو زور انهيءَ ڳالهہ تي هئو تہ عام ماڻهن کي پنهنجن فيصلن تي اعتماد ۾ ڪيئن وٺي. انهيءَ راهہ ۾ ڪيئي ڪوتاهيون بہ ٿيون جن ۾ هڪ وڏي هيءَ هئي تہ هن انهن سمورن سان ناتا ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو جيڪي بنگلہ ديش کي تسليم ڪندا. ٻئي ڏينهن ڀٽي دولت مشترڪہ مان نڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. جيڪو ان وقت جي بچيل پاڪستان لاءِ گهٽ هاڃيڪار ڪونہ هئو. هڪ مسئلو جيڪو

سچي قوم کي تنگ ڪري رهيو هئو سو هئو جنگي قيدين جي آزادي بلڪ هيئن چوڻ درست ٿيندو تہ پتي، مجيب کي آزاد انهيءَ آسري تي ڪيو هو تہ اها آزادي جنگي قيدين کي آزاد ڪرڻ ۾ مدد ڪندي. جيتوٽيڪ پتي، هڪ ذاتي خط مجيب کي بہ لکيو هئو پر ان ۾ غير بنگالين سان ٿيندڙ زيادتين روڪڻ لاءِ چيو ويو هئو. مجيب انهيءَ خط جو ڪو جواب نہ ڏنو ۽ انين فيبروري تي دهلي هليو ويو. انڌرا گانڌي سان ملاقات ڪان پوءِ جيڪو گڏيل اعلان ڪيو ويو تنهن ۾ مجيب ڀارتي فوج جي مدد جو شڪريو ادا ڪيو ۽ جواب ۾ انڌرا ڀارتي فوج جي بنگلہ ديش مان واپسي جو اعلان ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو سات نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book